پلاري پوُنءِ

پَرل ايس. بَک

مترجم

رشيد ڀٽي ۽ لکاڏنو ”ڪلال“ خاصخيلي

ڀلاري ڀونءِ

[انگريزي ناول The Good Earth جو ترجمو]

پَرل ايس. بَڪ

مترجم

رشيد ڀٽي
۽
لکاڏنو "ڪلال" خاصخيلي

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ
ڄامشورو سنڌ پاڪستان
1995ع

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 169

پهريون ايڊيشن: 1995ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

ڪاپي رائيٽ © انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1995

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌ يونيورسٽي پريس، ايلسا قاضي ڪئمپس، حيدرآباد ۾ ڇپيو

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،

يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشوري، ضلعي دادو، سنڌ، پاڪستان

مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ٽائيٽل ڪور ڊزائين: سعيد منگي

قيمت 1[illegible] روپيا 210 [illegible]

ISBN-969-405-038-3

Bhalari Bhoon

(Sindhi Translation of Pearl S. Buck's Novel "*The Good Earth*")

Translated by

Rashid Bhatti & Lakhadino "Kalal" Khaskheli

Published by

Institute of Sindhology
University of Sindh
Jamshoro, District Dadu, Sindh Pakistan.

Printed by

Sindh University Press
University of Sindh
Elsa Kazi Campus, Hyderabad Sindh.

First Edition © 1995
1000 Copies

All Right Reserved

Price Rs. 150/-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر پاران

”ڀلاري ڀونءِ“ اصل ۾ امريڪي نوبيل انعام يافته ناول نگار پَرل ايس. بَڪ چين جي پس منظر ۾ لکيل ناول "The Good Earth" جو سنڌي ترجمو آهي. انهيءَ ناول جا ڀڃريان ٻارنهن باب مرحوم رشيد ڀٽي ترجمو ڪري ڏنا هئا. پر بدقسمتيءَ سان سندس زندگي وفا نہ ڪئي ۽ ٻين ڪمن سان گڏ اهو ڪم بہ اڌورو رهجي ويو.

ناول جي باقي ٽيويهن بابن جي ترجمي جو ڪم محترم لڪاڏنو ”ڪلال“ خاصخيلي جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو هن جي مڪمل ڪري ڏيڻ کان پوءِ ايڊيٽنگ جي مرحلي ۾ ڪافي دير ٿي ويئي ۽ ڪم التوا ۾ پئجي ويو. آخرڪار محترم مراد علي مرزا جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، جنهن ايڊيٽنگ جو ڪم مڪمل ڪرڻ سان گڏ مهاڳ بہ لکي ڏنو آهي، جيڪو هن ناول ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ادارو انهيءَ لاءِ سندس ٿورائتو آهي.

هيءُ ادارو، هن ناول جي ڇپائيءَ لاءِ پريس ڪاپي تيار ڪرڻ، ڇپائي جي نگراني ڪرڻ، ڪتاب جو سرورق ناهڻ لاءِ محترم ولي رام ولڀ، محترمہ رضيہ قاسم ٻگهيو، محترم انصار علي عمراڻي ۽ محترم سعيد منگي جي ورتل ڪوشش لاءِ ادارو سندن ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

آخر ۾ هن ناول کي سنڌي ترجمي جي صورت ۾ پيش ڪندي ادارو فخر محسوس ڪري ٿو.

ڄامشورو

22 نومبر 1995ع

ڊاڪٽر غلام علي الانا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

'پلاري پونءِ' ناول جو مرڪزي ڪردار چين جو هڪ اٽپڙهيل ننڍڙو ڪڙمي 'وانگ لنگ' آهي، جيڪو پنهنجي زمين جي ننڍڙي ٽُڪر سان بي انت پيار ڪري ٿو؛ ايترو پيار جيترو ڪيس پنهنجي ديوتائن سان به ڪونهي. ناول جو ٻيو اهم ڪردار 'اولان' آهي، جيڪا ننڍپڻ ۾ ئي ڏڪار جي ستايل ماءُ پيءُ جي طرفان هڪ وڏ- گهرائي حويليءَ ۾ وڪامجي، اتي ٻانهپ ڪري ٿي ۽ ساماڻجي اتفاق سان وانگ لنگ جي زال ٿئي ٿي. ٻئي زال مڙس ڏاڍا مسڪين ۽ پورهيت آهن. وانگ لنگ کي پنهنجيءَ زمين سان پيار آهي ته اولان کي وري ان آزاديءَ سان گهَر ۽ زمين تي پورهئي ڪرڻ ۾ آسيس ملي ٿي، جيڪا وڏ-گهرائي حويليءَ ۾ هن ڪڏهن به محسوس نه ڪئي هئي. سچ ۽ پيار سان ڪيل پورهيو ڦل ڏيڻ شروع ڪري ٿو. وانگ لنگ ايتري سرنديءَ وارو ٿي وڃي ٿو، جو هو زمين خريد ڪرڻ جهڙو ٿئي ٿو. ۽ پوءِ هو زمين خريد ڪري ٿو ان وڏ گهرائي حويليءَ جي مالڪ جي، جنهن جي وڏي دروازي تائين ويندي به هن کي خوف وکوڙي ويندو هو. اهڙي ريت هڪڙي ڏينهن وانگ لنگ به پنهنجي تَرَ جو هڪ وڏو زميندار ٿي پوي ٿو. پر ان منزل تائين پهچڻ جي وچ مرڏڪار اچي ٿو. ٻوڏ اچي ٿي. ماڪڙ حملو ڪري ٿي. جنگ لڳي ٿي. انقلاب اچي ٿو ۽ خود وانگ لنگ ۽ اولان جي جذباتي زندگيءَ ۾ وڏي اُٿل پٿل ٿئي ٿي. ان هوندي به زمين ۽ پورهئي سان سندن پيار جي لاٽَ اُجهامي نه ٿي.

معصوميت ۽ مڪاري، لالچ ۽ هيج، هَوس ۽ بي حسي ۽ محبت ۽ نفرت جي واقعن ۽ موضوعن تي لکيل هن ناول جي آمريڪي ليکڪا پرل ايس. بڪ ننڍي هوندي کان ئي هن صديءَ جي شروعاتي ٽيهن چاليهن ورهين دوران چين جي ڪيترن ئي شهرن ۾ رهي هئي، جتي هن عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، عادتن ۽ خصلتن جو تمام ويجهڙائيءَ کان مشاهدو ڪيو ۽ هن جي زندگيءَ جي مسئلن جي ڳوڙهي ڄاڻ حاصل ڪئي. ان پس منظر ۾ هن 'پلاري پونءِ' ناول سن 1930ع ۾ نانڪنگ شهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ گوشائتي گهرَ جي سانتيڪي ماحول ۾ لکي پورو ڪيو. جيڪو پوءِ سڄي دنيا ۾ اينترو تہ مشهور ۽ مقبول ٿي ويو. جو نوبل ڪميٽيءَ سن 1938ع ۾ پرل ايس. بڪ کي 'ادب جو نوبل انعام' ڏنو. پوءِ ان جا دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجما ٿيا ۽ آمريڪا ۾ ان تي فلم بہ ٺهي.

پرل ايس. بڪ جا ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. جن ۾ سنديس زندگيءَ جي واقعن ۽ تجربن جي باري ۾ لکيل ڪتاب 'My Several Worlds' کي پڻ مشهوري حاصل ٿي.

ناول کي سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جو ڪم مشهور سنڌيڪار مرحوم رشيد ڀٽيءَ کي سونپيو ويو هو. پر ناول جا 12 باب ترجمو ڪرڻ کان پوءِ هو بيمار ٿي گذاري ويو. جنهن ڪري باقي رهيل باب محترم لڪاڏني ڪلال ترجمو ڪري ڏنا.

جهڙيءَ ريت هر ليکڪ جو اسلوب يا طرز تحرير جدا هوندي آهي. بلڪل ان طرح ترجمو ڪندڙ هر اديب پڻ پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ ۾ ترجمو ڪندو آهي. هن ناول جي ترجمي ۾ مرحوم رشيد ڀٽي ۽ محترم لڪاڏني ڪلال جو اهو رنگ ۽ ڍنگ بيشڪ جدا جدا آهي. پر مفهوم ۽ نفس مضمون بهرحال ادا ٿي ويو آهي.

اميد ڪجي ٿي تہ سنڌي ترجمن ۾ هيءُ ترجمو پڻ پنهنجي لاءِ هڪ خاص جاءِ ناهيندو.

مراد علي مرزا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

هي ڪتاب ”پلاري پونءِ“ چوڏهن سال اڳ، چين جي ڪِيانگ سُو پرڳڻي جي، نانڪنگ شهر ۾ لکيو ويو. اهو مون پنهنجي مطالعي واري ڪمري ۾ لکيو، جو مٿينءَ منزل تي هو، جنهن جي درين مان نظر وجهندي، شهر جي جاين جون ڇتيون، شهر جي عالم پناهه جي پريان، جبلن جي واڳٺائي پاڪر ۾، سنگ مرمر جو چمڪندڙ سُسن يات سين جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو هو.

جن ماڻهن بابت مون لکيو آهي، سي اُن آسودي پرڳڻي جا واسي ڪين هئا. نانڪنگ ڏاکڻي علائقي جو شهر هو، جنهن ۾ هو ڏڪار ۾ آيا هئا. سندن گهربار اُترئين پرڳڻي آنهه وِي ۾ هو، جتي مان ڪنهن سَمي رهي هيس ۽ ڪين ڄاڻندي هيس. ڏڪار لهي وڃڻ پڇاڻان هو ساڳئي ئي پرڳڻي ڏانهن موٽي ويا.

پر اڄ ڏاکڻو شهر، اترين پرڳڻو ۽ چين جي ساري اُپرندي واريءَ ساحلي سرزمين دشمن جي قبضي ۾ آهي. جنهن گهر ۾ ويهي مون سانت ۽ سلامتيءَ سان هيءُ ڪم ڪيو، سو هينئر ڄپاني والاريون وينا آهن. ڪير ڄاڻي انهيءَ ماڙيءَ واري ڪمري سان ڌرين ڪهڙي ويڌن ڪئي هوندي؟! نانڪنگ جو شهر دشمن جي سخت خطرناڪ ۽ قهري حملي جو شڪار ٿيو هو. اُن جي هزارين رهواسين جي قُرلت ڪئي وئي، عصمت دري ڪئي وئي ۽ قتل و غارت جي بازار گرم رکي وئي. ڪٺ پتلي سرڪار ۽ اُن جا ڪٺ پتلي مددگار، انهن سندر ۽ سهڻن گهرن ۾ رهن پيا، جي چين سرڪار، نانڪنگ کي نئين چين جي گادي ڪرڻ ڪان پوءِ اتي نهرايا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي رڳو هڪ ڳالهہ جي پڪ ۽ خاطري آهي، تہ ڀلاريءَ ڀونءِ جا ماڻهو هاڻي بہ ساڳيءَ ئي همت، اٽل ارادي ۽ ڌرتيءَ سان وفاداريءَ سان رهندا هوندا، جنهن ڌرتيءَ سان هنن کي پيار آهي. جڏهن دشمن کي تڙيو ويو تہ هو وري اوڏانهن ويندا، سندن پُٽ واپس فوج سان گهر ايندا، بشرطيڪ وطن خاطر جان نہ ڏني اٿائون، ۽ اهي وري شهر جا نوان بنياد رکندا. جيڪڏهن جنگ جا هي سال انسانيت جي کنهن ڀلائيءَ جو وسيلو ٿيا آهن، تہ يقيناً انهن جي لافاني نيڪي اِها آهي تہ انهن ساريءَ دنيا ۾ صاف سادي چيني عوام جي عاليشان ۽ بهادراڻين خوبين کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.

سيپٽمبر، 1944ع

پَرل ايس. بَڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن منهنجو ڪو به ڪتاب گهٽ لاڳت ۽ خرچ واري ڇاپي ۾ ايندو آهي، ته مان ڏاڍي خوش ٿيندي آهيان. ڇاڪاڻ جو مان ان خيال جي آهيان ته هر اُهو ماڻهو اُهي پڙهي سگهي، جو پڙهڻ چاهيندو هجي. بيشڪ ڪتاب (قيمت جي لحاظ کان) هر ڪنهن ماڻهوءَ جي پهچ وٽان هئڻ گهرجن.

پَرل ايس. بَڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

اهو وانگ لنگ جي شاديءَ جو ڏينهن هو. پنهنجي بستري جي چوگرد تنگيل پڙدن جي اونداهي ڪري، پهريائين تہ هو سمجهي نہ سگهيو تہ اها پرهہ ڪيس ڪنهن بيءَ پرهہ کان نرالي ڇو پئي لڳي. سندس پيءُ جي رکي رکي هلڪيءَ کنگهڪار کان سواءِ ڪمري ۾ ماٺ هئي. سندس پيءُ جو ڪمرو وچين ڪمري جي ٻيءَ پر سندس ڪمري جي سامهون ئي هو. هر صبح جو هو آواز سڀ کان اول ٻڌندو هو سو سندس پيءُ جي کنگهہ جو هوندو هو. عام رواجي طور وانگ لنگ ليٽيو پيو ڪيس کنگهندو ٻڌندو هو ۽ رڳو تڏهين هنڌ تان چرندو هو جڏهن اهو آواز ويجهو ٿيندو ٻڌندو هو ۽ پنهنجي ڪمري جي طاق کلڻ سبب ڪاٺ جي انجيسن جو آواز ٻڌندو هو.

پر ان صبح، هن ان جو انتظار نہ ڪيو. هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ بستري جو پڙدو هٽائي ڇڏيائين. ٻاهرڏنڌ واري پهرين پرهہ ڦٽي چڪي هئي ۽ دري جي ننڍي چورس سوراخ مان، جنهن تي پراڻو ڪٽل پڙدو لڳو پيو هو، پتل جهڙو ميرانجهڙو آسمان جهاتيون پائي رهيو هو. هو دريءَ ڏي ويو ۽ لڳل پڙدو لاهي ڦٽو ڪيائين.

"بهار اچي ويو آهي، هينئر ان جي ضرورت نہ آهي". هن پٽڪيو.

هن کي اِهو ڏاڍيان چوندي شرم پئي آيو تہ ان ڏينهن هن پنهنجي گهر کي صاف سٿرو ڏسڻ پئي چاهيو. دريءَ جي ڳڙکي ايتري ڪشادي هئي، جو اُن مان هٿ ٻاهر ڪڍجي پئي سگهيو. ۽ هن هٿ ٻاهر ڪڍي واءُ جو ڇهاءُ محسوس ڪيو. اوڀر کان هڪ نازڪ هوا جو جهوٽو سندس هٿ کي ڇهي ويو. - مانو، نرم ۽ انيءَ جي واس وارو واءُ. اهو هن سٺو سوڻ سمجهيو، زمين کي ان اپائڻ لاءِ مينهن جي ضرورت هئي. اُن ڏينهن تہ مينهن ڪونہ پوڻو هو. پر چند ڏينهن ۾ ضرور پئجي سگهيو ٿي. جي اُها هوا رهي تہ پاڻي ئي پاڻي هوندو. واهہ واهہ! اجا ڪالهہ ئي هن پيءُ کي چيو هو تہ اها تيز، تکي ۽ چمڪندڙ اُس رهي تہ ڪڻڪ جي کيت جو خير ڪونہ هو. پر هينئر تہ ايئن پئي لڳو جڻ آسمان جي مالڪ اُن ڏينهن سندس خواهش جي تڪميل پئي ڪئي. ڀوءِ اَن سان انبارجي ويندي.

هو پنهنجي گهرگهلي نيري پاجامي کي مٿي چڪيندي ۽ نيري سوٽي ڪپڙي جي پهراڻ کي چيلهہ سان ڪمربند ڪندي، تڪڙو ڪمري جي وچ ۾ آيو. هن جسم جو مٿيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو تيستائين نہ ڏٺو هو، جيستائين تڙ لاءِ پاڻي گرم نہ ڪيائين. هو ڇاپري ۾ ويو، جو سندن رڌڻو هو. اُن جي پاهران، سندس پنيان در ڪان ڏاند ڪنڌ اندر ڪيو ۽ هن طرف جهڪايو. رڌڻو بہ سندس گهر جيان ڪچين سِرن جو نهيل هو. اُن لاءِ مٽي پنهنجي زمين مان ئي کنئين هئائون ۽ ليپو مِٽيءَ ۾ پنهنجي ڪٽڪ جي ٻُهہ ملائي ئي ڪيو هئائون. سندس زمين جي مٽيءَ مان ئي سندس ڏاڏي، هن جي جوانيءَ ۾ چلها ۽ تنور ٺاهيا هئا، جي سالن جا سال باھ جي تپت تي پڪا ۽ ڪارا ٿي چڪا هئا. ان مٿان ئي هڪ وڏو پاڻي گرم ڪرڻ جو حمام رکيو هو. هن حمام ۾ لوٽي سان پر ۾ رکيل مٽيءَ جي مٽڪي مان پاڻي وجهڻ شروع ڪيو. هن پاڻي ڏاڍي احتياط سان پئي ڪڍيو. ڇو جو اهو اثاث سبب املھ ٿي پيو هو. ٿوريءَ هيڪ ڪان پوءِ هن سارو مٽڪو ڪٽي حمام ۾ اوتيو. اُن ڏينهن هن کي پنهنجو سارو بت ڌوئڻو هو. جڏهن هو ماءُ جي هنج پرو هوندو هو. تڏهن ڪان پوءِ ڪنهن بہ سندس ساري جسم تي نگاھ نہ وڌي هئي. پر اڄ ڪو سندس سرير کي پنهنجي نگاهن ۾ آڻيندو، ۽ ان ڪري هو اُن کي ڌوئي صاف ڪندو.

هو چلهي جي ڀوپان ڦري ويو ۽ ڪانين مٺ ۽ ڪاھ جي لپ پري. هن چلهہ جي منهن مان اندر ڪٽي. پوءِ هڪ پراڻي چقمق ۽ لوهہ مان چڻنگ حمڪائي. سڪل گاھ کي ڏيکاري، ۽ جيبي پڙڪو ڪائي اُٿي.

اهو آخري صبح هو، جو هو پاڻ باھ دکائي رهيو هو. ڇهن سالن ڪان، جڏهن هن جي ماءُ فوت ٿي هئي، هو هر صبح جو باھ پاريندو هو. هو باھ ٻاري پاڻي گرم ڪندو هو، ۽ پاڻي هڪ ڪونجي ۾ ڪٽي پنهنجي پيءُ جي ڪمري ۾ ويندو هو. جتي پيو پنهنجي کٽ تي وينو، پير لڙڪايو، ڪنگهندو ۽ زمين تان بوٽ کولڻ لاءِ پيراٽيون هڻندو هو. اُهي ڇهہ سال، هر صبح جو پيو پٽ جو انتظار ڪندو هو تہ گرم پاڻي آڻي تہ هو ڪنگهہ کان جونڪارو پائي. هينئر پيءُ ۽ پٽ ٻئي سک جو ساھ کڻندا. هڪ عورت گهر ۾ اچي رهي هئي. هينئر، اونهاري سياري. ڪڏهين بہ وانگ لنگ کي پرھ جي پهر اُٿي باھ نہ پارڻي پوندي. هو آرام سان هنڌ تي سمهي سگهندو ۽ انتظار ڪندو، ۽ گرم پاڻيءَ جو مکو خود بہ خود سندس ڪمري ۾ بہ پهچي ويندو ۽ جي ڌرتيءَ ان ڏيو تہ ان گرم پاڻيءَ ۾ ڪجهہ چانهہ جا پنا بہ هوندا. ڪنهن ڪنهن سال ٿين بہ ليندو هو.

جي عورت ٿڪل هوندي تہ سندس پار باھ پاريندا. هوءَ وانگ لنگ لاءِ ڪيتراڻي پار چنيندي. وانگ لنگ مانڊ ٿي ويو. هن جي تصور ۾ سندس پار ٻن ڪمرن ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمندا ڦرندا اچي ويا. اُنهن ٻن ڪمرن جاجا نہ ڏٺو هو. - سندس ماءُ جي موت کان پوءِ اڌ خالي ٿيل گهر. جنهن ۾ پار. هميشہ پنهنجي مٽين کان لنوائيندا ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتائيندا هئا. - سندس چاچي ڪي تہ نہ ڪتندڙ پارن جو ڪهول هو. جو ريجهائڻ جهڙو ئي نہ هو! ۽ پوءِ؟

پن اڪيلن ماڻهن لاءِ اينتري جاءِ جي ڪهڙي ضرورت هئي. پيءُ ۽ پٽ گڏ نتا سمهي سگهن؟ نوجوان جي جسم جي گرمي پوڙهي جي ڪنگهہ کي بہ آرام ڏيندي.

پر پيءُ سدائين وراڻيندو هو. ”مان پنهنجو بسترو پنهنجي پوٽي لاءِ بچائي رهيو آهيان. هو ئي منهنجي پوڙهي هڏ ۽ ماس کي گرم ڪندو.“

هينئر پوٽا اچي رهيا هئا، پوٽن پنيان پوٽا! هو پتين سان ۽ ڪمري جي وچ ۾ پنهنجا هنڌ پٿاريندا! گهر بسترن سان پرجي ويندو! وانگ لنگ جي ان سوچ دوران تہ سارو گهر بسترن سان پرجي ويندو! چلهہ جي باهہ اجهامي ويئي ۽ حمام جو پاڻي ٺڌو ٿيڻ لڳو. پوڙهي جي ڏنڌلي صورت دروازي وٽ ظاهر ٿي. ڪيس ڪپڙا اوڙهيل هئا، جن جا بٽڻ بند ڪونہ هئا. هو کنگهي بہ رهيو هو تہ ڪانگهارا بہ اڇلائي رهيو هو ۽ سهڪندي چيائين:

”چو پلا، اجا گرم پاڻيءَ ڍڪ ڦقڙن ناڙڻ لاءِ ڪو نہ مليو اٿم؟“

وانگ لنگ هن ڏانهن گهوريو، تصوراتي دنيا مان نڪري آيو ۽ شرمائجي ويو.

”ڪاٺيون آليون آهن،“ هن چلهہ جي پويان پٽڪيو“. گهميل هوا...“

پڙو تيسن مسلسل کنگهندو رهيو. جيسين پاڻي گرم نہ ٿيو. وانگ لنگ ڪجهہ پاڻي ڪونجي ۾ وڌو ۽ پوءِ ٿوري جهٽ رکي، هن چنهہ مٿان نڳل ديوالگير تان هڪ چمڪندڙ برني ڪنئين ۽ ان مان درجن کن سڪل پتا ڪڍي مگي ۾ وڌا. پڙي جون اکيون لالچ وچان کني ويون ۽ يڪدم شڪايت ڪندي چيائين

”ايڏو زيان خور چو ٿيو آهين. سمجهين ٿو تہ چانهہ پيئڻ معني چاندي پيئڻ آهي؟“

”اڄ جو ڏينهن روز تہ نہ ايندو.“ وانگ لنگ هلڪي ڪل سان وراڻيو. ”کائو، پيئو ۽ عيش ڪيو.“

پڙي نپل ۽ سڪل آڱرين ۾ مگو جهليو ۽ پڙ پڙ ۽ گر گر ڪندو رهيو. هن سڪل مروڙيل پتن کي گرم پاڻيءَ جي مٿاڇري تي سڌو ٿيندي ۽ بکڙجندي ڏٺو. هن اهڙو سکون ۽ دلجاءِ محسوس ڪئي، جا پار پنهنجي خوراڪ وٺي ڪندو آهي. پر هو اهو ڏسڻ کان بہ غافل نہ رهيو تہ ڪيئن وانگ لنگ بي پرواهيءَ سان حمام جو سارو پاڻي هڪ ڪاٺ جي ٽب ۾ اوتيو. هن ڪنڌ مٿي ڪري پٽ ڏانهن گهوريو:

”هينئر فصلن جي پيارڻ لاءِ پاڻي کوڙ آهي!“ هن اوچتو چيو.

وانگ لنگ آخري قطري تائين پاڻي ٽب ۾ اوتيو. ۽ ڪو بہ جواب نہ ڏنو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هائي، پوءِ!“ ڪرازي رڙ ڪئي.

”نئين روز [سال جي پهرين ڏينهن] کان مون هڪ دفعو به سارو جسم نه ڌوتو آهي.“ وانگ لنگ جهڪي آواز ۾ چيو. هن پيءُ کي اهو چوندي لڄ پئي محسوس ڪئي ته هن پنهنجي ڪنوار کي ڏيکارڻ جي خواهش سان بت ڌوئي صاف پئي ڪرڻ چاهيو. هو ٽپ ڪٽي تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو. دروازو ڇڊين ڪاٺ جي پٽين سان چوکٽ ۾ لڙڪي رهيو هو ۽ پوري ريت بند نه پئي ٿيو. پيرو وچين ڪمري ۾ آيو. ۽ در جي وٽيءَ تي وات رکي رڙ ڪيائين:

”جي عورت لاءِ اهو ڪجهه ڪيوسين ته ڪم ئي لٿو - صبح جي اپريل پاڻيءَ ۾ چانهه جي پتي ۽ هينئن وهنجڻ!“

”رڳو هڪ ڏينهن بابا!“ وانگ لنگ زور سان وراڻيو. ”تڙ کان پوءِ پاڻي زمين ۾ وجهندس. ان ڪري زيان نه ٿيندو.“

پوڙهو اِن تي ماٺ ٿي ويو ۽ وانگ لنگ ڪمربند کولي پنهنجي جسم کي ڪپڙن کان آجو ڪيو. ڳڙکي مان اندر ايندڙ سجهندي ۾، هن ٽوال ڪٽي ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان پوڙيو. ۽ پنهنجي سنهڙي جسم کي رڳڙڻ ۽ مهٽڻ لڳو. هن کي ڪجهه گرمي محسوس ٿي، پر سندس سرير ٿڌو هو. هو بار بار ٽوال پاڻيءَ مان پوڙيندو، جسم کي مهٽيندو رهيو، تان جو سندس ساري جسم مان ٻاڦ اٿڻ لڳي. پوءِ هو وڏي ان پيٽيءَ طرف ويو جا سندس مرحيات ماءُ جي هئي. اُها کولي هُن اُن مان ڌوتل نيري رنگ جو سوٽي وڳو ڪڍيو. هن کي اِهو ڊپ اچي ٿيو ته سرديءَ جي ڪپڙن ڏاران هن کي ٿڌ نه لڳي. پر اوچتو ئي اتي پيل گرم لبادو هن پنهنجي صاف ستري جسم تي پهرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. ڪوٽ جهڙو ڦاٽل ڪڙتو ته هو اُهو! اُن جو مٿيون تهه چتين لڳل ۽ ميرانجهڙن، سٽين داغن سان سٽيو پيو هو. هن نه پئي چاهيو ته سندس زال پهرئين ڏينهن ئي ڪيس اهڙي پيتي ۽ پراڻي ڪپڙي ۾ ڏسي. پوءِ ڪٽي پيل هوءَ اُن کي توپو ڏڙو ڏيئي. پاڻڻ لاءِ هن کي ڏئي، پر گهٽ ۾ گهٽ پهرئين ڏينهن ته نه! هن نيرو سوٽي پائجامو پاتو، صدري پاتي ۽ ڊگهو جبو به ٻاهر ڪڍيو- ساڳي ئي ڪپڙي مان نهيل ڊگهو جبو، جو هو رڳو خاص موقعن تي پهريندو هو. سو به ڪو سال ۾ ڏهه دفعا ڪن. پوءِ هن آهستي، آڱرين سان پنيءَ تي لڙڪندڙ وارن جي ڊگهين چڳن کي کولڻ شروع ڪيو. ۽ هڪ ننڍي بي ڊولي ڪاٺ جي ميز جي خاني مان ڪاٺ جي ڦڻي ڪڍي، هو وارن کي ڦڻي ڏيڻ لڳو.

پٽس وري وڏي در طرف آيو ۽ وٽيءَ وٽ وات ڪري چيائين:

”اڄ پلا. کائڻ لاءِ ڪجهه نه ملندو ڇا؟“ هن شڪايت ڪئي. ”هِن عمر ۾

ڪاڏي ڏاران تہ صبح جي پهر هڏا بہ وهلور ويندا آهن."

"اڃان پيو." وانگ لنگ پنهنجي وارن کي تڪڙو تڪڙو ٺاهيندي، چوٽي ڪندي ۽ انهن ۾ ڪاري ريشمي ڏوري ٻڌندي چيو.

ٿوريءَ مهل کان پوءِ هن جُبو هٽائي، چوٽو مٿي تي ٻڌو، ۽ پاڻيءَ وارو ٽبُ کڻي ڪمري مان ٻاهر نڪتو. هن کان نيرن صفا وسري ويئي هئي. 'هو پيءُ کي مکڻيءَ جا ڪجهہ رڌل داڻا ڪري ڏيندو'. هن سوچيو. باقي پاڻ کي ڪجهہ بہ کائڻ جو ارادو ڪونہ هوس. ٽَبُ کڻي نڪرندي، چائنٽ وٽ هن ٽابو ڪاڏو، ۽ سارو پاڻي در ٻاهران ڌرتيءَ تي هارجي ويو. ايئن ڪندي هن کي ياد آيو تہ حمام جو سارو پاڻي هن تڙ تي ڪپايو هو، ان ڪري ڪيس ٻيهر ٻاهہ ٻارڻي پوندي. هن کي جهٽ لاءِ پيءُ تي ٿوري ڪاوڙ آهي.

"پوڙهي کي کائڻ پيئڻ کان سواءِ تہ ڪو ٻيو خيال ئي ڪو نہ آهي" هن چلهہ جي منهن تي پُٽڪيو. پر ڏاڍيان ڪجهہ نہ چيائين. اِهو آخري صبح ئي تہ هو، جو هُن کي پوڙهي لاءِ ڪاڏو تيار ڪرڻو پئي پيو. هن دروازي جي پر واري کوهہ مان بالٽيءَ سان ٿورڙو پاڻي ڪڍي حمام ۾ وڌو، جو جلدي اُبري ويو. هن مکڻي ان ۾ ملائي ۽ پوءِ پوڙهي وٽ کڻي آيو:

"بابا! اڄ رات پاڻ چانور کائيندا سين،" هن چيو. "تيستائين، اڃي، هيءَ مکڻي کائو."

"ڇبيءَ ۾ ٿورا ئي چانور وڃي بچيا آهن." پوڙهي چيو. پوءِ هو وچين ڪمري ۾ هڪ ميز تي وينو ۽ گهاٽي زرد رنگ جي رب ۽ چاپ اسٽڪس (Chop Sticks) (کائڻ جو تيليون) گهمائڻ لڳو.

"بهار جي ڏڻ تي جيترو کائيندا آهيون، ان کان بہ ٿورو کائيندا سين!" وانگ لنگ چيو. پر پوڙهي اها هن جي ڳالهہ اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. هو پيالي مان زورسان چَسڪا وٺي رهيو هو.

وانگ لنگ وري پنهنجي ڪمري ۾ ويو. هن پنهنجو ڊگهو نيرو جُبو وري پهريو، ۽ وارن جو چوٽو مٿي تان کولي پنيان ڪري ڇڏيو. هن سيرب لاٿل پرونئن ۽ ڳلن تي پنهنجو نرم هٿ گهمايو. بهتر هو تہ هو ٻيهر ڏاڙهي ڪوڙي؟ اڃا تہ سج بہ مشڪل سان اُڀريو هو. بهتر ٿيندو تہ پنهنجي ٿيندڙ زال جي رهائش گاهہ تي وڃڻ کان اڳ هو حجامڪي بازار ۾ وڃي ڏاڙهي لهرائي اچي. جي پئسا هجنس تہ ڪيس ضرور ائين ڪرڻ گهرجي.

هن پنهنجي ڪمر پٽي مان هڪ ننڍڙي هلڪي سليٽي رنگ جي ڳوٿري ڪڍي، ۽ ان ۾ پيل رقم ڳڻي. ڪل ڇهہ چانديءَ جا ڊالر هئا ۽ ان کان ٻيٽا ٽامي جا سڪا. هن پيءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اجا ڪو نہ ٻڌايو هو تہ ڪو رات هن دوستن کي مانيءَ تي ڪوٺيو هو. پنهنجي پيءُ جو خيال رکندي، هن پنهنجي چاچي ۽ جوان سوٽ کي بہ ٽن پاڙيسرن سان گڏ ڪاڏي تي سڏيو هو. جي ڳوٺ ۾ سندس پر ۾ رهندا هئا. هن شهر کان موٽندي سوئر جي گوشتَ. ڪجهہ تلاءُ جِي مڇي، ۽ شاهہ بلو جي ڦل اٽڻ جي رٽ رتي هئي. شايد ڪجهہ ڏاڪٽي علائقي جا بمبوءَ جا چڳا ۽ ٿورو ڳائو گوشت بہ آٽي، جو هو اُن گوبيءَ سان گڏي پچرائي ها. جا سندس زمين ۾ تي هئي. پر اهو ڪجهہ هو تڏهن وٺندو، جڏهن ڦرين جي تيل ۽ سويابين چنٽي ونڻ بعد پئسا بچيس. ڏاڙهي جي لهرائيندو تہ شايد ڳائي گوشت لاءِ پئسا نہ بچنس! پر ٺيڪ آهي. هو وار نهرائيندو! هن اوچتو فيصلو ڪيو.

هو پيءُ سان ڪجهہ ڳالهائڻ کان سواءِ ئي صبح جو سوير ٻاهر نڪتو. ڪار سريءَ ڳاڙهيءَ ٻاڪ جي باوجود، سجُ افق جي ڪڪرن مان مٿي چڙهي رهيو هو ۽ بينل ڪٽک ۽ جوَن مٿان پيل ماڪ تي روشنيءَ جا ڪرٽا اڇلي رهيو هو. جهٽ لاءِ وانگ لنگ جي دل ۾ ڪڙمي موتي آيو. ۽ هو نسريل سنگن کي ڏسڻ لاءِ بيهي رهيو. انهن ۾ اجا اَنُ نہ پريو هو. اُهي اجا برسات جي اوسيئڙي ۾ هئا. هن ناس ڦوٽاري هوا کي سنگهيو ۽ آسمان ڏانهن نهاريو. هوا تي بارُ ڪيو. ڪڪرن جي ڪارونپار سان، مينهن اچان اچان پئي ڪئي. هو اگر بتي وني، ڌرتيءَ جي ديوتا جي ننڍي مندر تي پاريندو. اُهو ڪم هو اڄ جهڙي سياڳي ڏينهن ئي ڪندو.

هو پوکن جي ٻنن تان دڳ ناهيندو، اڳتي وڌيو. جلد ئي کيس شهر جي سليٽي عالم پناهہ نظر آئي. جنهن در کان هن کي شهر ۾ گهڙڻو هو، اُن جي اندران ئي اُهو وڏ گهراڻو گهر هو. جتي سندس ٿيندڙ زال، پنهنجي ٻالجتيءَ کان ٻانهي ٿِي بيٺل هئي، - هو انگ خاندان جي حويلي. اهڙا بہ هئا، جي چوندا هئا تہ " ڪنهن وڏ گهراڻي جي ٻانهيءَ سان وهانءُ ڪرڻ کان بهتر هو، جو ڪنوارو رهجي!" پر جڏهن هن پيءُ کان پڇيو هو، "چا، مان ڪڏهن بہ ڪنوار نہ مائيندس؟" تہ سندس پيءُ وراڻيو هو، "اڄ جي خراب زماني ۾ شاديءَ جي خرچن کي آڏو رکي. جڏهن عورت ڪو گهوٽ قبول ڪرڻ کان اڳ سون جون منڊيون ۽ پَٽ جا ڪپڙا ٿِي طلبي، تہ غريب ماڻهوءَ لاءِ رڳو اِها راهہ وڃي رهي ٿِي تہ ڪنهن ٻانهيءَ سان ڪٿي شادي ڪري."

پڻس ان مهل ئي تحرڪ ۾ اچي ويو، ۽ هوانگ حويليءَ وڃي پڇا ڪيائين تہ ڪا ٻانهي واڌارُو هئي يا نہ؟

" نہ ڪا اهڙي خاص جوان آهي نہ اهڙي ڪا سهٽي ئي آهي." هن کي جواب مليو هو.

اِهو جاڻي ته هوءَ سندر ڪانه هئي، وانگ لِنگ کي تڪليف رسي هئي. سهڻي عورت وٽڻ ئي ڳالهه هئي، جنهن تي ٻيا ڪيس مبارڪون ڏين ها! هن جي پيءُ سندس شورش ڀريل مُنهن ڏسي، رڙ ڪري چيو هوس:

”سهڻيءَ عورت کي ڇاڪندا سين؟ پاڻ کي اهڙي عورت کپي جا گهر سنڀالي، ٻار ڄڻي ۽ ٻنيءَ ٻاري ۾ هٿ ونڊائي. سهڻي عورت اِهو سڀ ڪجهه ڪندي؟ هوءَ ته سدائين پنهنجي منهن مهاندن جهڙن لٽن ڪپڙن بابت پئي سوچيندي! نه، اسان کي گهر لاءِ سهڻي عورت نه کپي. پاڻ ڪڙمي ڪاسبي آهيون. ٻيو ته ڪڏهن ٻڌو اٿي ته وڏ- گهر ۾ ڪا سهڻي ٻانهي پنهنجو ست سلامت رکي، ڪنواري رهي هجي؟ سڀ ننڍا نواب انهن مان پنهنجي اچ اجهائي ڏؤ ڪندا آهن. بدصورت ڪنواري عورت سان ٻهريون ڀيرو ميلاپ ڪرڻ، ان خوبصورت عورت کان بهتر آهي، جا سو ڀيرا اڳ اُمهائجي چڪي هجي. سمجهين ٿو ته ڪا خوبصورت عورت تنهنجي کهرن هٿن ۾، ڪنهن جاگيردار يا شاهوڪار جي پٽ جي هٿن کان وڌيڪ نرماڻ ۽ خوشي محسوس ڪندي، ۽ تنهنجي اُس ۾ تامڻي هٽي ويل منهن کي سُنهري چهرن کان وڌيڪ پسند ڪندي، جن سان هن عيش عشرت ۾ گهاريو هوندو؟“

وانگ لنگ سمجهيو ته پٽس ٺيڪ پئي چيو. پيءُ کي جواب ڏيڻ کان اڳ، هو سوچيندو رهيو ۽ آخر جوش مان چيائين:

”پر مان اهڙي عورت به نه وٺندس جنهن کي ماتا جا چانورا هوندا ۽ مٿيون چپ ڦاٽل يا ڏُولو هوندو.“

”ڏسون ته ڪهڙي ٿي ملي.“ پٽس وراڻيو هو.

پر اُن کي نه ته ماتا جا سينورا هئا، نه ئي سندس مٿيون چپ ڏولو هو. ان کان وڌ هن کي ٻي ڪا به خبر ڪانه هئي. پوءِ هن ۽ پٽس ٻه چانديءَ جون منڊيون، سونو پاڻي چڙهيل، ۽ هڪ جوڙي چانديءَ جي ايرينگن جي وچي بازار مان خريد ڪيا هئا، ۽ مڱڻي طور عورت جي آقا کي وچي ڏنا هئا. جيڪا عورت سندس ٿيڻ واري جيون ساٿي هئي، اُن بابت ان کان وڌيڪ هن کي اڄ به ٻي ڪا سُڌ ڪا نه هئي، سواءِ اِن جي ته اُن ڏينهن هو وچي اُن کي وٺي اچڻو هو.

هو شهر جي دروازي جي ٿڌي ڇانوري ۾ گهڙيو. پاڻي ڍوئڻ وارا سارو ڏينهن ٻاهران، پنهنجي هٿ گاڏن ۾ وڏا پاڻيءَ جا ٽپ ڍويون هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا. ۽ پاڻي ٽپن مان ڇلڪي، پٿر جي رستن تي ڇڙڪاءُ ڪري رهيو هو. انهيءَ ڪري دروازي وٽ، ٿلهيءَ مٽيءَ جي ديوار هيٺان سدائين ٿڌڪار هوندي هئي. اونهاري ۾ به اُتي ٿڌڪار هوندي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري گدرن وارا پنهنجا گدرا پٿرن جي فرش تي پٿاري رکندا هئا. ڪي تہ ٿڌي ٿيڻ لاءِ انهن کي وڏي بہ رکندا هئا. ان مهل اُت گدرا ڪونہ هئا. ڇو جو اُنهن جي مند اڃا ڪين آئي هئي. پر سخت ساوَن آڙُن جون ٽوڪريون پٽ سان رکيو هيون، ۽ گھورڙيا رڙيون ڪري رهيا هئا:

"مند جي پهرين وَٽُ- اڇي ويا آڙو اڇي ويا! ونو ڪائو. اندر جي سرديءَ کي گرمايو!"

وانگ لِنگ دل ۾ چيو:

جي ڪيس وٽندا هوندا، تہ موٽندي ڪجهہ وٺي ڏيندو مانس. هن کي احساس ڪو نہ هو تہ جڏهن هو شهر جي دروازي ڪان واپس پيو ورندو تہ سندس پويان هڪ عورت هوندي.

هو دروازي ڪان سڄي هٿ تي مڙيو، ۽ جهٽ ڪان پوءِ حجامڪيءَ بازار ۾ گھڙيو. بازار ۾ ماڻهن جي اڄ وڄ ڇڊي هئي. ڪي ٿورا ڪمي ۽ راهڪ پئي گھميا، جي پنهنجو ويڪو سودو رات جو ئي شهر ڪٺي آيا هئا، تہ صبح سوير باک ڦٽڻ سان ئي پنهنجي پاڇي پتي مارڪيٽ ۾ وڪٽي، سوير ئي پنين تي ڪم ڪرڻ لاءِ موٽي وڃن. هو رات ڏڪندي، ڪروندڙا ٿي، پنهنجي ٽوڪرين تي ئي سمهيا هئا، جي ٽوڪريون هينئر خالي پيون هيون. وانگ لِنگ انهن ڪان ·پاسو ڪري لنوائڻ جي ڪرڻ لڳو، تہ متان اُنهن مان ڪو ڪيس سڃاڻي وٺي ۽ ساڻس چرچو ڪري وجهي ڇو تہ هُن اُن ڏينهن اِهو نہ پئي چاهيو. گھٽيءَ ۾ حجم قطار ڪيو پنهنجي صندلين تي ويٺا هئا، ۽ وانگ لِنگ وڌندو، آخري ڇيڙي وٽ هڪ اسٽول تي وڃي ويٺو ۽ حجم کي اشارو ڪيائين جو پر واري سان ڪچهريءَ ۾ رُڌل هو. حجم يڪدم وٽس هليو آيو، ۽ پنهنجي پتل جي چلهي تي رکيل ڪتليءَ ۾ پاڻيءَ اوتڻ لڳو.

"ساري سيرب لاهيان؟" هن ڪاروباري انداز ۾ پڇيو.

"مٿو ۽ منهن." وانگ لِنگ وراڻيو.

"ڪن ۽ ناسون بہ صفا ڪريان؟"حجم پڇيو.

"ان لاءِ گھڻو وڌيڪ وٺندين؟" وانگ لنگ پڪائي ڪندي پڇيو.

"چار پينس،" حجم هڪ ڪارو ڪپڙو گرم پاڻيءَ ۾ بوڙيندي چيو.

"بہ ڏيندومانءِ." وانگ لنگ چيس.

"پوءِ تہ رڳو هڪ ناس ۽ هڪ ڪن صاف ٿيندءِ." حجم ڦڙتي سان وراڻيس.

"ڪهڙي پاسي وارا ڪيانءِ؟" هن توڪ ۾ منهن چٻو ڪري، پر واري حجم ڏي ڏنو، جو

ٺهڪن ۾ اچي پيو. وانگ لِنگ سمجهي ويو تہ هو ڪنهن پوڙهائي مڙس وٽ اچي ڦاٿو هو. هن سدائين جيان پنهي شهرين آڏو پاڻ کي ڪمتر سمجهندي، جي بہ رواجي حجم هئا، چيو:

"پوءِ سيرب بہ ائين ڪجانءِ تہ خوار بہ تہ سچي ڳوٺ ۾ ڪيانءِ! ڪاريگر آهين يا.....!"

پوءِ ڪلندي، هن پاڻ کي حجامت لاءِ حجم جي سپرد ڪري ڇڏيو. حجم ڪو رج چڱو مڙس پئي لڳو. بغير ڪنهن معاوضي جي هن سندس ڪلهن ۽ پٺيءَ تي مهنا ڏيئي ڪجهہ ٺَڪَ لاهي ڇڏيو. سندس مٿي جي نراڙ جي حجامت ڪندي اتي بہ هُن ڪجهہ ٽيڪا ٽيٽي ڪئي.

"هي جوان ڏاڍو سهڻو لڳندو، جي پنهنجا وار لهرائي ڇڏي. اڄ ڪالهہ جو فيشن اهو آهي تہ چوٽو اصلون چٽ ڪري ڇڏجي."

هن جي پاڪي تڪڙي تڪڙي سندس تارونءَ طرف وڌڻ لڳي جتي وارن جو چوٽو هو. وانگ لِنگ رڙ ڪئي تہ "بابا ڪان پڇڻ ڌاران اهو نہ ڪترائيندس!" حجم ڪليو ۽ گول چوٽي جي چوڌاري مٿو ڪوڙڻ لڳو. جڏهن سيرب لهي پوري ٿي، ۽ پئسا ڳڻي حجم جي ڏبري ۾ آلي هٿ تي رکيائين، تہ وانگ لِنگ گهڙيءَ لاءِ ڏکي ويو. ايڏا پئسا! پر گهٽيءَ مان لنگهندي ڪوڙيل مٿي تي ٿڌڙي هوا جو ڇهاءُ محسوس ڪندي، هن پنهنجو پاڻ کي چيو:

"قسمت سان تہ اهو خرچ ٿيو آهي."

پوءِ هو مارڪيٽ ويو، بہ پائونڊ پورڪ (سوئر جو گوشت) ورتائين، ۽ ڪاسائيءَ کي واچڻ لڳو. جو اُهو سُڪل پيڻ جي پن ۾ ويڙهي رهيو هو. ٿوريءَ ٻڌتر ڪان پوءِ هن ڇهہ آئونس ڳائو گوشت بہ ورتو. جڏهن هن سڀ ڪجهہ، جيليءَ ۾ پيل رَهن جي ڏؤنري سميت، خريد ڪري ورتو، هو موم بتين ٺاهڻ واري جي دڪان تي چڙهيو ۽ بہ اگر بتيون خريد ڪيائين. پوءِ هو ڄارو ڄارو وڏ گهراڻي جي حويليءَ ڏانهن هلڻ لڳو. - هُوانگ جي گهر.

دروازي تي پهچي، هن جي دل ۾ پوءُ جي لهر گهمي وئي. هو اڪيلو ڪيئن ۽ ڇو آيو هو؟ هن کي پيءُ، چاچي، پنهنجي پاڙي واري چِنگ ۽ ٻين کي ڪٺي اچڻ لاءِ چوڻ گهربو هو. هو اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن وڏيءَ حويليءَ ۾ ڪو نہ آيو هو. شاديءَ جو ڪاج هٿ ۾ ڪٺي هو اندر ڪيئن ويندو، ۽ چوندو، "مان پانهي لاءِ آيو آهيان"؟

هو ڪافي وقت دروازي وٽ بيٺو، اُن کي تڪيندو رهيو. دروازو بند هو. بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺ جا طاق، جن تي ڪارو رنگ ٿيل هو ۽ لوهہ سان جَڙيل هئا. ٻہ پتر جا شيشا. هڪ پاسي ڪان ڇڻ ڀهرو ڏئي رهيا هئا. اُتي ڀيو ڪو بہ ڪونہ هو. هو ٻوءِ ٻيهي ٻيهي اتان پري هٽي ويو- ”اهو ناممڪن هو.“

هن اوچتو پاڻ کي ڏُرڪندو محسوس ڪيو. هن کي اول وڃي ڪجهہ ڪِرَنهُ ڪائڻ گهرجي. هن ڪان وسري ويو هو، - ڪجهہ بہ نہ ڪاڌو هئائين. هو هڪ ننڍڙي هوٽلڙي ۾ گهڙي ويو، ۽ ٻہ پينس ٽيبل تي رکي هو ويهي رهيو. هڪ گدلو بيرو، ڪارو ڀهراڻ ڀهريل، سندس اڳيان اچي بيٺو ۽ هن حڪم ڏنو.

”ٻہ پيالا رَبَا!“ ۽ جڏهن اهي آيا تہ هو هيچ وچان ڪائڻ لڳو ۽ بانس جي تيلين سان اُهي وات ۾ ڏوڪيندو ويو، ۽ بيرو ٺامي جا سڪا آگرين ۾ ڪڙڪائڻ لڳو.

”ڀيو بہ ڪپي؟“ ڇوڪري بي نيازيءَ سان پڇيو.

وانگ لِنگ پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. هو سڌو ٿي ويٺو ۽ چوطرف نگاهہ وڌائين. ميزن سان ستيل ننڍڙي اونداهي ڪمري ۾ اهڙو ڪو بہ نہ هو جو هن جو سڃاتل هجي. ڪي ٿورڙا گراهڪ وينا ماني ڪائي ۽ چانهہ پي رهيا هئا. اُهو غريبن جو هوٽل هو، ۽ وينلن ۾ هو سڀ ڪان وڌيڪ صاف سترو ۽ سڪيو ستابو پئي لڳو. اِهوئِي سبب هو، جو هڪ پينوءَ اچي ڪيس چيو:

”بکيو آهيان - رئيس ننڍا رحم ڪريو- ڪجهہ ڏئي خير ڪنيو!“

وانگ لِنگ ڪان اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن فقير خيرات نہ گهري هئي. ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪيس ڪنهن ننڍو يا وڏو رئيس ڪري سڏيو هو. هو ڏاڍو خوش هو. هن ٻہ ننڍڙا سڪا، جي پينس جو پنجون حصو هئا، فقير جي ڪِشتي ۾ اڇلايا. فقير پنهنجي گدلي ڪاري هٿ سان اُهي سڪا کنيان ۽ هرهڪ کي مهٽي سهٽي پنهنجي ليڙون ليڙون ٿيل لباس جي کيسي ۾ وڌا.

وانگ لِنگ ويٺو هو، جو سج مٿي چڙهي آيو. بيرو بي صبريءَ سان وٽس چڪر ڏيڻ لڳو. ”جي وڌيڪ ڪجهہ نہ وٺندين.“ هن آخر گستاخيءَ سان چيس،“ تہ اسٽول جو ڪرايو ڏيڻو پوندئي!“

وانگ لِنگ کي اُن بي ادبيءَ ۽ گستاخيءَ تي ڏاڍي بڇان لڳي. هن اُتان اٿڻ جي ڪئي، پر اِهو سوچي تہ هو هُوانگ حويليءَ ويندو ۽ عورت لاءِ گهر ڪندو، سندس سڄو بدن ننهن ڪان چوٽيءَ تائين پگهرجي ويو، - ڄڻ ٻنيءَ ۾ هَرُ ڪاهي رهيو هجي.

”چانهہ ڪٿي آءِ“، هن جهيٽائپ سان ڇوڪري کي چيو. ڪن پل ۾ اها سندس اڳيان هئي، ۽ ننڍڙي ڇوڪري ابهرائيءَ ۾ چيو، ”پيني ڪٿي آ؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لِنگ ڏکي ويو. وٽس اُن ڏاران ٻيو چارو ئي ڪونہ هو تہ ڳوٺڙيءَ مان هڪ ٻي ٻيني ڪيڏي هن کي ڏئي.

"هي تہ ڦرين ٿا!" هن ٻي دِليو پڻ پڻ ڪئي. هن اُن وقت پنهنجي هڪ اهڙي ياڙيسريءَ کي اندر ايندي ڏٺو. جنهن کي هن رات جو مانيءَ تي ڪوٺيو هو. هن ٽڪڙ ۾ ٻيني ميز تي رکي، ڳيت ڏيئي چانهہ پيتائين، ۽ پاسي واري دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. هو هڪ لڳا وري ٻاهر گهٽيءَ ۾ هو.

"نيٺ ڪرٺو ئي پوندو". هن مايوسيءَ ۾ پاڻ کي چيو، ۽ هوريان هوريان حويليءَ جي دروازي طرف هلڻ لڳو.

هينئر ڏينهن چڙهي هليو هو. دروازو کليو پيو هو ۽ دربان در جي چائنٺ تي وينو. مانيءَ کان پوءِ بانس جي تيليءَ سان ڏند کوٽي رهيو هو. هو قد جو ڊگهو هو ۽ سندس ڪبي ڳل تي هڪ اُپريل وڏو ڪارو ترِ هو، جنهن مان ٽي ڊگها وار لڙڪي رهيا هئا، جي شايد ڪڏهن بہ ڪتريا نہ ويا هئا. جڏهن در کي ويجهو پهتو تہ سندس هٿ ۾ ٽوڪري ڏسي هُن کيس گهورڙيو سمجهي سختيءَ سان رڙ ڪئي:

"وري ڇا آندو اٿئي؟"

ڏاڍيءَ مشڪل سان وانگ لِنگ وراٽيو:

"مان وانگ لِنگ آهيان. ڪڙمي!"

"نيڪ آ، وانگ لِنگ ڪڙمي، ڇا هي؟" دربان پڇيو. جو آقا جي آسودن دوستن کان سواءِ ڪنهن سان بہ نرميءَ ۽ لحاظ سان نہ ڳالهائيندو هو.

"مان ..... مان....." وانگ لِنگ هبڪي بيهي رهيو.

"اهو تہ مان بہ ڏسان ٿو." دربان ٻي صبريءَ کي ٽوڙيندي چيو، ۽ تِر جي ڊگهن وارن کي مَروڙڻ لڳو.

"هت هڪ عورت رهندي آهي." وانگ لِنگ چيو. هن جو آواز ڪوشش جي باوجود ٻڏندو پئي ويو ۽ پڻ پڻ ۾ تبديل ٿي ويو. اُس ۾ هن جو منهن ٻگهرجي ويو.

دربان هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

"نهيو، تہ تون اُها سوڪڙي آهين!" دربان گجيو. "مون کي ٻڌايو ويو هو تہ اڄ هڪ گهوٽ اچڻو هو. پر هٿ ۾ ٽوڪري ڏسي مان توکي سڃاڻي نہ سگهيس."

"ڪجهہ گوشت آهي." هن معافي طلب انداز ۾ چيو، ۽ انتظار ڪرڻ لڳو تہ ڪڏهن ٿو دربان کيس اندر نئين. پر دربان چُريو ڪين. نيٺ وانگ لِنگ ٻي چينيءَ سان چيو:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مان اندر وڃان؟"

"ٻڍڙو رئيس خون ڪري ڇڏيندئي!" دربان ڪيس ڏڪائي ڇڏيو.

دربان ڏٺو تہ وانگ لِنگ ڏاڍو سادو ۽ ابوجھہ هو. سو چيائين! "دروازي جي ڪنجي، هڪ چانديءَ جو سڪو آهي."

وانگ لِنگ سمجهي ويو تہ دربان کي کائنس ڪجھہ ڏوڪڙ کپن ٿا.

"مان غريب ماڻهو آهيان!" هن التجا ڪئي.

"ڏيکار! ڳوٿريءَ ۾ ڇا اٿئي؟" دربان چيو.

دربان ڏند ڀڪوڙي ڏسندو رهيو. جڏهن وانگ لِنگ سادگيءَ سان ٽوڪري فرش تي رکي، جبو پاسي ڪري ڪمرپٽي مان ڳوٿري ڪڍي، کولي تِريءَ تي پلٽي ۽ پئسا ڳڻڻ لڳو. خريداريءَ بعد وٽس رڳو هڪ چانديءَ جو ۽ چوڏهن ٽامي جا سڪا بچيا هئا.

"مان چانديءَ جو سڪو ٿو ڪٽان." هُن ٺڏائپ سان چيو. اِن کان اڳ جو وانگ لِنگ احتجاج ڪري، هُن چانديءَ جو سڪو ڪٽي ٻانهن جي وڪڙ ۾ وڌو ۽ ڏاڍيان آواز ڪندو دروازي اندر داخل ٿيو:

"گهوٽ اچي ويو. گهوٽ اچي ويو!"

جو ڪجھہ هن سان ٿيو هو ان تي ڪاوڙ ۽ دربان جي سندس آمد جي ڏاڍيان اعلان جي خوف جي باوجود، وانگ لنگ سواءِ هُن جي پنيان هلڻ جي ڪجھہ بہ نہ پئي ڪري سگهيو. هن فرش تان ٽوڪري کڻي، ۽ هيڏي هوڏي ڏسڻ ڏاران، سندس پنيان هلڻ لڳو.

جيتوڻيڪ هو پهريون ڀيرو ڪنهن وڏ گهراڻي گهر ۾ ويو هو، پر بعد ۾ هُن کي ڪجھہ بہ ياد نہ هو. ڳاڙهي منهن ۽ جهڪيل ڪنڌ سان هڪ دربان پويان، پٿر پنيان پٿر ۽ هال پنيان هال مان، هلندو رهيو. هو پنهنجي اڳيان دربان جو آواز ۽ پاسن کان هلڪن ٽهڪڙن جا آواز ٻڌندو پئي رهيو. پوءِ اوچتو، جڏهن هن جي خيال موجب هو سوين هال ۽ ڪمرا لتاڙي چڪو هو، دربان چپ ٿي ويو، ۽ کيس هڪ ننڍڙي انتظارگاهہ ۾ ڌڪي ڇڏيائين. هو اُت ماٺ ڪري بيٺو رهيو، ۽ دربان ڪنهن پرواري اندرئين ڪمري ۾ گهڙي ويو. جهٽ کان پوءِ موٽي هن چيو:

"وڏيءَ سائڻ توکي پاڻ وٽ گهرايو آهي."

وانگ لنگ اڳتي چُريو. پر چوڪيدار رڙ ڪري، کيس جهليو.

"ٽوڪري هٿ ۾ کڻي اندر نہ وڃي سگهندين. پورھ ۽ رَهن جي پَنيـر جي ٽوڪريءَ سان تون جُهڪي ڪيئن سگهندين؟"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سچي - سچي ئي." وانگ لنگ احتجاج ۾ چيو. پر هو نوڪري هيٺ رکڻ جي همت نه ڪري سگهيو. پڻ هوس تہ اُن مان ڪجهہ چوري نہ ٿي وڃي. هن ڪي اهو سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ ڪا ساري دنيا، ذري پورڪ، ڳائي گوشت ۽ ڪجهہ ڏٻي جي مڇيءَ لاءِ نہ سگهندي هوندي. دربان سندس خدشي کي ڄاڻي ويو ۽ حقارت مان چيائينس:

"هِن گهر ۾ اهو ڪجهہ اسان جي ڪتن جو کاڄ آهي!" ۽ سندس هٿ مان نوڪري کسي در وٽ رکي، ۽ کيس اندر ڪمري ۾ ڏڪيائين.

وراندو مَتي، هو هڪ اهڙي ڪمري ۾ پهتا، جنهن جي ڇت سهٽيءَ اُڪر وارن ٿنڀن تي بيٺي هئي. اهڙو ڪمرو وانگ لنگ اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. اهو ايترو تہ ڪشادو ۽ اوچو هو، جو هن جي گهر جيترا ڪيئي گهر اُن ۾ اچن، تہ بہ ڏيکاري ئي نہ ڏين. عجب وچان هو ڇت جي اُڪر ڪيل ۽ چٽيل شهتيرن کي ڏسڻ لڳو. هن در جي چائنٺ وٽ ٺاپو ڪاڏو، ۽ جي چوڪيدار کيس جهلي نہ ونئي ها تہ وڃي پٽ تي پويُ ها.

"ايڏو نهنو ۽ نوڙت وارو تہ نہ ٿيءُ، جو سائڻ آڏو مُنهن ڀَر ٿو ڪرين!" دربان ٽوڪ ڪيس.

پاڻ سنڀاليندي، وانگ لنگ پنهنجي اڳيان نظر ڪئي، ۽ سامهون هڪ وڏي صندل تي هڪ ڏاڍي پوڙهي عورت وينل نظر آيس. سندس ننڍڙي نازڪ بدن تي قيمتي موتين وارو سليٽي رنگ جو ساٽن جو وڳو پيو هو. صندل ڪان هيٺاهينءَ هڪ بينچ تي، سندس پاسي ۾، آفيم جو حقو پيو هو، جنهن تي ننڍڙو ڦل ٻري رهيو هو. هن ڪارين تيز اکين سان هِن ڏانهن نهاريو، جيڪي سندس سَنهي ۽ گهنجن ڀيل منهن ۾ باندر جي اکين جيان چمڪي رهيون هيون. سندس نَرُو جهليلَ ٻانهن ايتري ڏٻري ۽ پيلي هئي، جڻ ڪنهن گڏي تي ڳِلٽ چڙهيل هجي. وانگ لنگ گوڏن ڀر جهڪيو ۽ پنهنجو نرڙ فرش تي رکيائين.

"اُٿارينس!" پوڙهيءَ سختيءَ سان دربان کي چيو. "اها نِوڙت ضروري نہ آهي. هيءُ زال لاءِ آيو آهي ڇا؟"

"هائو! سائڻ وڏي،" دربان جواب ڏنو.

"پاڻ ڇو نہ ٿو ڳالهائي؟" پوڙهيءَ پڇيو.

"سائڻ! بيوقوف آهي." دربانُ تِرَ جي وارن کي مروڙيندي چيو.

اِن تي وانگ لنگ اُتي بينو ۽ ناپسنديدگيءَ سان دربان ڏي نهارڻ لڳو.

"بيوقوف نہ آهيان، وڏي سائڻ! رڳو سادو آهيان،" هُن چيو. "خبر ڪانہ اٿم تہ اهڙن موقعن تي ڇا ۽ ڪيئن ڳالهائبو آهي."

پوڙهيءَ خيال سان هن ڏي گهوري نهاريو ۽ لڳو پئي تہ اجهو ڪجهہ نہ ڪجهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيائين. پوءِ هن جو هٿ حقي جي نڙ ۾ زور سان پئجي ويو ۽ وانگ لنگ کانئس وسري ويو. هن جهڪي هيٺ وڃڻ حقي مان سوٽا هڻڻ شروع ڪيا. سندس ڪين مان چمڪ هلي وئي ۽ پنڪيءَ ۾ پئجي وئي. وانگ لنگ ماٺ ڪيو بيٺو رهيو. جيستائين هوءِ پنڪيءَ مان نڪتي ۽ مٿس نظر پيس.

"هي ماڻهو هتي ڇا پيو ڪري؟" هن اوچتو ڪاوڙ وچان پڇيو. ڄڻ ڪانئس سڀ ڪجهه وسري ويو هو. دربان جو چهرو به موڪو موڪو رهجي ويو. ۽ هو به ڪجهه نه ڪڇيو.

"مان زال جو انتظار پيو ڪريان. سائڻ!" وانگ لنگ اجرج وچان ورندي ڏني.

"زال؟ ڪهڙي زال؟...." پوڙهيءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. پر سندس پاسي ۾ بيٺل ٻانهيءَ جهڪي سندس ڪن ۾ ڪجهه پٽڪيو. ۽ هن کي سڀ ڪجهه ياد اچي ويو. "ها! جهٽ لاءِ اها ڳالهڙي مون کان وسري ويئي هئي. تون ٻانهيءَ 'اولان' لاءِ آيو آهين. ياد آيم ته اسان اُن جُو هڪ هاريءَ سان وهانءَ ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. اهو هاري تون آهين؟"

"هائو! مان ئي اهو آهيان." وانگ لنگ ورائيو.

"جلدي اولان کي گهرايو!" پوڙهيءَ ڀر ۾ بيٺل ٻانهيءَ کي چيو. لڳو پئي ڄڻ هوءِ اهو سڀ ڪجهه جلد ڪرڻ لاءِ بي چين ٿي وئي هئي. ته جيئن اُن عظيم هال ۾ اڪيلائيءَ ۽ سانت سان ويهي آفيم مان سرور ماڻي. گهڙيءَ کان پوءِ ٻانهي ظاهر ٿي. سندس پويان هڪ سڀر پر قدآور شڪل به ظاهر ٿي. جنهن کي صاف نيري رنگ جو سوٽي پائجامو ۽ ڪوٽ پهريل هو. هن هڪ نگاهه وجهي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. اها ئي سندس زال هئي.

"هيڏانهن اچ ڇوري!" پوڙهي مالڪڻ لاپرواهيءَ سان چيو. "هي ماڻهو تنهنجي لاءِ آيو آهي."

ٻانهي مالڪڻ اڳيان آئي. ڪنڌ جهڪائي. هٿ ٻڌي بيهي رهي.

"تون تيار آهين؟" پوڙهيءَ پڇيس.

عورت جهيڻي لهجي ۾ ورائيو. "هائو. تيار آهيان."

وانگ لنگ پهريون ڀيرو سندس آواز ٻڌي. ڏانهس نهارڻ لڳو. چڱو آواز هوس. نه ڳرو نه هلڪو. سادو سڌو. بدمزاجي وارو نه! عورت جا وار صاف ۽ نرم هئا. ڪوٽ به صاف سٿرو هوس. پر هو اهو ڏسي نراس ٿي ويو ته هن جا پير سنهڙا ۽ ٻڌل ڪين هئا. پر هو اُن تي وڌيڪ سوچي نه سگهيو. ڇو جو پوڙهيءَ دربان کي چيو:

"هن جي پيتي ٻاهر ڪڍي وڃ. ۽ کين ٻاهر جهڏي اچ!" پوءِ هن وانگ لنگ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيو ۽ چيو، "اٿي هن سان گڏ ني بيهه ۽ جو مان چوان سو ٻڌ!" ۽ جڏهن وانگ لنگ ويجهو ٿيو، ته هن چيو: "هيءَ عورت ڏهن سالن جي هئي. جو اسان جي گهر آئي هئي ۽ هن مهل تائين هت ئي رهي آهي. جڏهن ته سندس عمر ويهه سال ٿي چڪي آهي. مون هن کي ڏڪار پيري خريد ڪيو هو. جڏهن سندس پيءُ ماءُ هت ڏکڻ ۾ آيا هئا. چو جو وٽن ڪجهه به کائڻ لاءِ ڪين رهيو هو. هو اتر مان شانتنگ مان آيا هئا ۽ اوڏانهن ئي وري موٽي ويا. سندن باري ۾ وڌيڪ مون کي ڪا به خبر نه آهي. سندس سرير سگهارو آهي. ۽ ڳل اُبريل. هوءَ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري سگهندي، پاڻي ڀري سگهندي. ۽ هر اهو ڪم ڪري سگهندي جو تون چاهيندين. سهڻي البت نه آهي. پر اُن جي توکي ضرورت به نه آهي. سهڻي عورت ته رڳو ڏن دولت وارن مائهن جي خوشيءَ لاءِ ضروري هوندي آهي. هيءَ هوسيار ۽ چالاڪ به نه اٿئي. پر جو ڪجهه چئبس سو چڱيءَ ريت ڪندي. مزاج ۾ سياءِ جي به سٺي اٿئي. جيتري قدر مان ڄاڻان ٿي ته هيءَ اجا ڪنواري اٿئي. ايتري دلڪش ۽ حسين نه آهي جو منهنجي پٽن ۽ پوٽن لاءِ ڪشش جو سبب ٿي سگهي ها. ۽ نه ڪڏهن ان ڪنس جو شڪار ٿي ئي آهي. رڳو خذمت چاڪري ڪندي رهي آهي. چوطرف حسين ۽ سهڻن ٻانهين جي هوندي، ٿي سمجهان ته ڪنهن مرد جي هن تي ان نيت سان نگاهه به پئي هوندي. ونِي وجينس ۽ وجي چڱيءَ طرح استعمال ڪرينس! ڏاڍي سٺي پورهيت آهي. البت ڪجهه سست ۽ بيوقوف ضرور آهي. مون کي جي اجان وڌيڪ حياتي مائڻ جي آس هجي ها، ته کيس هرگز نه ڇڏيان ها. چو جو هيءَ رڌ پچاءُ جي ڏاڍي ڀنوز آهي. پر مان هر اُن ٻانهيءَ کي برتائي ڇڏيندي آهيان، جي ڪو اُن لاءِ ايندو آهي. ۽ مالڪ جي نظر تي نه چڙهندي آهي."

پوءِ هُن عورت ڏي ڏسندي، چيو:

"هن جي فرمانبردار ٿجانءِ. ۽ کيس پٽ. - جهجها پٽ ڄڻي ڏج! ڀهريون ٻار مون کي ڏيکارڻ اچجانءِ"

"هائو سائڻ!" عورت نهنائيءَ سان چيو.

هو هيڪجي بيٺا رهيا. وانگ لنگ عجيب مونجهاري ۽ ڪشمڪش ۾ هو ته کيس ڳالهائڻ گهرجي يا نه.

"چڱو. وڃو. وڃو نه!" پوڙهي عورت جهڙ مان چيو. ۽ وانگ لنگ ڪنڌ جهڪائي، نڪرُو ٻنئي ڦريو ۽ ٻاهر نڪتو. ۽ عورت سندس پويان لڳي. هُن جي پويان دربان سندس پيتي ڪُني ٻاهر نڪتو. دربان پيتي اچي اُن ڪمري ۾ اڇلائي. جتي وانگ لنگ پهرين پيو هو ۽ سندس نوڪري رکي هئي. دربان ڪجهه چوڻ ڏاران اڳتي هميو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ ڦري پهريون ڀيرو عورت ڏانهن نهاريو، ۽ سندس منهن ۾ گهورڻ لڳو. هُن جو چهرو موڪرو ۽ خلوص وارو هو، ننڍو موڪرو نڪ جنهن جون ناسون وڏيون ۽ ڪاريون هيون. هُن جو وات ويڪرو هو ۽ سندس مُنهن ۾ ڪَپ ڏسڻ ۾ پئي آيو. هُن جون اکيون ننڍيون ۽ هلڪي ڪاري رنگ جون هيون. ۽ انهن ۾ اهڙي اداسي ۽ پيڙا سمايل هئي، جنهن جو صاف اظهار نه پئي ٿيو. هُن جو چهرو اهڙو هو جڻ اُهو ڳالهائڻ جو عادي ئي ڪو نه هو، ۽ جي ڳالهائڻ به چاهي ته ڪُجي نه سگهي! هوءَ صبر سان وانگ لنگ جي نگاهن کي بنان ڪنهن حيرت ۽ اچرج يا مونجهاري ۽ موٽ جي سَهندي رهي، جيستائين هُن ڪيس پوريءَ ريت ڏسي نه ورتو. وانگ لنگ ڏٺو ته برابر هوءَ ڪنهن به طرح خوبصورت ڪانه هئي، عام رواجي ناسي پورو بيمار چهرو هئس! پر سندس ان ڪارسري چمڙيءَ تي ماتا جا داغ ڪو نه هئا. ۽ نه ئي سندس چپ ڊولو هو. سندس ڪنن ۾ هُن پاڻ وارا ايرينگ لڏندا ڏٺا. سوني پاڻيءَ وارا ايرينگ جي هن خريد ڪيا هئا. ۽ سندس آگرين ۾ اُهي منڊيون هيون، جي هُن ڪيس ڏنيون هيون. هو بيحد خوشيءَ سان مڙيو. ”نهيو ڪهڙي به هئي پر زال تي ملي!“ هن سوچيو.

”اچي هيءَ پيتي ۽ ٽوڪري کڻ!“ هن رُکائيءَ سان چيس.

ڪجهه ڪچڻ ڏاران هوءَ جهڪي ۽ پيتيءَ کي ڪٽي پنهنجي ڪلهي تي رکيائين ۽ وزن کان ٽڙندي، اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن اهو ڪجهه ڏٺو، ۽ پوءِ اوچتو چيو:

”مون کي ڏي! پيتي مان ٿو کڻان، تون ٽوڪري کڻ!“

ان جي باوجود جو هُن بهترين جُبو اوڙهيو هو، وانگ لنگ پيتي وٺي پنهنجي پٺيءَ تي رکي ۽ هوءَ چپ چاپ ٽوڪريءَ جي هٿئي ۾ هٿ وجهڻ لاءِ جُهڪي. وانگ لنگ کي خيال آيو ته ’اينتري بار سان ڪيترائي صفحا ۽ اگهڻ اُڪرنا پوندا. ڪاش، پاسي کان ڪو بيو در به هجي ها، جتان جلد وڃي رستي تي پئجي ها.‘ هو پٽڪيو ۽ جوٽس ٿورو سوچي ڪنڌ لوڏيو، جڻ هن پهريائن سندس ڳالهه نه سمجهي هئي. پوءِ هوءَ کيس هڪ اهڙي دالان کان ٻاهر وٺي آئي، جو استعمال ۾ نه پئي آيو. ٻاهر هڪ پڌر هو جنهن ۾ گاهه ۽ ٻوڙا ڦٽي آيا هئا. ۽ تلاءُ جو پاڻي بيني ڏٻ هٽي ويو هو. اُن پڌر ۾ هڪ جهڪيل جهوني سڪل وڻ هينان هڪ گول ننڍڙو دروازو هو. هُن اهو کوليو ۽ ٻئي ٻاهر اچي گهٽيءَ ۾ پهتا.

وانگ لنگ هڪ يا ٻه دفعا مُڙي هُن ڏانهن نهاريو. هوءَ مسلسل سندس پويان پنهنجي موڪرن ۽ وڏن پيرن سان هلندي پئي آئي، جڻ هوءَ سڄي عمر اُنهن بي ڊولن پيرن سان پنڌ ئي ڪندي رهي هئي. شهر جي دروازي وٽ هو اوچتو بيهي رهيو ۽ پنهنجي ڳوٿريءَ ۾ ٻچيل پيئين لاءِ هٿ هڻڻ لڳو. ۽ ٻئي هٿ سان پئي، واريءَ پيتيءَ کي جهليائين. هن به

پينيون ڪڍي ڇهه ڪن ساوا آڙو خريد ڪيا.

”وٺ! تنهنجي ڪاڻ لاءِ آهن!“ هن تلخ مزاجيءَ سان ڪيس آڙو ڏيندي چيو.

هن آڙو ايئن هيج وچان ورتا جيئن ڪو پار وٺي، ۽ زور سان پنهنجي هٿن ۾ جهليا. پر ڪچيائين ڪجهه ٻه ڪين. جڏهن پيهر. ڪٽڪ جي فصل مان ٻني تان لنگهندي، هُن مڙي ڏانهس نهاريو. ته ڪيس هڪ آڙو کائيندو ڏٺائين. پر ڪيس پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي، هُن آڙو هٿ ۾ لڪائي ڇڏيو. ۽ ڄاڙي بند ڪري ڇڏي.

اهڙيءَ طرح هو هلندا اُنهن اولاهين ٻنين وٽ پهتا. جتي ڏرتيءَ جي ديوتا جو مندر هو. هي مندر تمام ننڍڙو هو ۽ ماٿهوءَ جي ڪلهي تائين به مس پئي آيو. سندس پٽيون سليٽي سِرن ۽ ڇت ٽائيل جي هئي. وانگ لنگ جي ڏاڏي، جنهن جي زمين تي هو زندگي گهاري رهيو هو. اِهو مندر ناهيو هو. اُن لاءِ هُن پنهنجي هٿ گاڏي تي شهر مان سرون ڍويون هيون. پٽين کي ٻاهران پلستر ٿيل هو ۽ پلي فصل واري سال ۾ هڪ دفعو ڳوٺ جي رنگ ساز کان ان تي اڇو رنگ ڪرايو ويو هو. جنهن تي بانس جي وڻن ۽ ٽڪرين جو نظارو به نقش ڪرايو ويو هو. پر نسلن کان پوندڙ بارش اُن تصوير تي پَئي پَئي اُتي رڳو هلڪو ۽ جهڪو بانس جي وڻن جو عڪس وجي بچايو هو. ۽ ٽَڪرين جو ته اُتي نالو نشان ئي ڪو نه هو.

مندر ۾ اندر ڇت هيٺان ٻه مٽيءَ مان ٺهيل خاموش مورتيون هيون. اُهي زمين جي مٽيءَ مان ئي ٺاهيون ويون هيون. اُهي، ديوتا ۽ سندس عورت جون مورتيون هيون. انهن کي ڳاڙهي ۽ سونهري ڪاغذن جي پوشاڪ پهريل هئي. ديوتا کي هيٺ جهڪيل سچن پچن وارن جون مڇون هيون. هر سال نوروز تي وانگ لنگ جو پيءُ ڪاغذ وٺي ايندو هو ۽ خبرداريءَ سان جوڙي جا وڳا ڪَتري مٿن چنبڙائيندو هو. هر سال مينهن، هوا ۽ اُس اندر اچي انهن جُبن کي خراب ڪندا هئا.

اُن مهل، بهرحال، جُبا اجا نوان ۽ سٺيءَ حالت ۾ هئا. ڇاڪاڻ ته سال اجا تازو شروع ٿيو هو. وانگ لنگ سندن سينگاريل صورت تي فخر محسوس ڪرڻ لڳو. هن زال جي هٿ مان ٽوڪري ورتي ۽ اندران ان ۾ اگربتيون ڳولڻ لڳو. جي هن ان گهڙيءَ لاءِ خريد ڪيون هيون. هن کي ڳڻتي ۽ آنڌ مانڌ هئي ته متان اُهي ڀڄي نه پون ۽ برو سَوڻ نه ٿئي. پر اهي سلامت هيون. اُهي ڪٽي هن، ديوتا اڳيان اڳ ٻري رک ٿيل اگربتين جي ڍيريءَ ۾ ٽنبيون. سارو ڳوٺ انهن ديوتائن جي ئي پوڄا ڪندو هو. پوءِ سڪل پن ڳولي هن چقمق ۽ لوهه سان، اگر بتين ٻارڻ لاءِ چڻنگ ڏڪائي.

هي ٻئي زال مڙس انهن پنهنجن ٻنين جي ديوتائن اڳيان بيٺا رهيا. عورت اگر بتين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چونين ڪي ڪاڙهو ۽ پوءِ رڪ تيندي، ڏسندي رهي. جڏهن رڪ وڏي ڏگهي پئي تي وئي تہ هُن جهڪي پنهنجيءَ آڱر سان ان کي ڪيرائي پٽي ڇڏيو. پوءِ پنهنجي اِن ڪم کان ڏڄي، هُن وانگ لنگ طرف نهاريو. سندس اکيون نمائيون هيون. هُن جي اُن ڳالهہ ۾ ڪو مطلب اهڙو هو. جو وانگ لنگ کي وٺي ويو ۽ اُهو هيءَ تہ جڻ هن محسوس پئي ڪيو تہ اگر ٻتيون هُنن ٻنهي جون هيون. اها شاديءَ جي گهڙي هئي، ۽ هو اُتي. هڪٻئي جي پاسي ۾ بلڪل سانت ۾ ويٺا رهيا. ۽ اگربتيون ٻري رک ٿي ويون. پوءِ. جڏهن سج لهڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. وانگ لنگ پيتي کٽي ڪلهي تي رکي ۽ ٻئي ٻاهر نڪري آيا.

گهر جي دروازي تي پڊو لهندڙ سج جي آخري تِرڪي جهلڻ لاءِ بيٺو هو. وانگ لنگ کي زال سان ايندو ڏسي هن ڪا چرپر ڪا نہ ڪئي. اِهو هن جي شان کان گهٽ هو. جو اُن عورت ڏانهن نهاري. اُن بجاءِ هُن ڪڪرن ۾ گهٽي دلچسپي ڏيکاري ۽ رڙ ڪئي:

"اِهو ڪڪر جيڪو نئين چنڊ جي ڪُبيءَ نوڪ وٽ آهي. ٻڌائي ٿو تہ مينهن پوندو. دير ۾ دير سڀاڻي رات تائين وسڪارو ٿيندو." ۽ پوءِ جڏهن هن وانگ لنگ کي عورت جي هٿ مان ٽوڪري وٺندي ڏٺو. تہ وري رڙ ڪئي. "پئسا خرچ ڪري آئين ڇا؟"

وانگ لنگ ٽوڪري ميز تي رکي. "اڄ رات ڪجهہ مهمان ايندا." هن ٿوري ۾ چيو. ۽ هو پيتي کنيون ان ڪمري ۾ هليو ويو. جتي سمهندو هو. ۽ اُن پيتيءَ جي پرسان رکيائين جنهن ۾ سندس ڪپڙا پيا هوندا هئا. هو عجب سان پيتيءَ کي تڪي رهيو هو. جو پوڙهو گهڙي آيو ۽ زور سان چيائين:

"هن گهر ۾ اجائي خرچ جو ڪو چيهہ ئي نہ آهي!"

دلي طرح اندر ئي اندر هو خوش هو تہ سندس پٽ مهمان ڪوٺيا هئا. پر هن پنهنجي نُنهن آڏو شڪايت ۽ مخالفت ڪرڻ ضروري سمجهي. تہ جيئن هوءَ پهريندي ئي فضول خرچيءَ ۾ نہ پئجي وڃي. وانگ لنگ ڪجهہ نہ ڪڇيو. هو ٽوڪري کڻي بورچيخاني ۾ هليو ويو ۽ عورت سندس پٺيان لڳي ويئي. هن هڪ هڪ ڪري سيڌو ٽوڪريءَ مان ڪڍيو ۽ ٿڌيءَ چلهہ جي مٿان ديوالگير تي رکيو. ۽ زال کي چيو:

"پورڪ آئي، ڳائو گوشت آئي. ۽ مڇي بہ. ست ڄڻا هوندا. ڪاڏو تيار ڪري سگهندينءَ؟"

ڳالهائڻ ويل هن زال ڏانهن نهاريو ئي ڪونہ ٿي. ڏسڻ ۾ تہ ايئن نہ پئي آيو. جوڻس پنهنجي سڌي سنئين آواز ۾ چيو: "هُوانگ گهراڻي جي گهر ۾ گهڙندي کان ئي مان راڌاڻي ۾ ٻانهپ ڪندي رهي آهيان. اُتي تہ هر ويلي تي گوشت ئي گوشت نهندو هو."

وانگ لنگ ڪنڌ لوڏيو ۽ هُن ڏانهن وري نہ آيو ۽ نہ ڏٺو. جيستائين مهمانن اچڻ

نہ شروع ڪيو. اُنهن ۾ سندس حرفتي، عياش ۽ هٻڇي چاچو هو. پندرهن سالن جو بدتميز سوٽ، ۽ اڍنگا لڄارا ڪڙمي هئا! پر تہ سندس ڳوٺائي هئا. جن سان فصلن جي مند ۾ وانگ لنگ ٻج ۽ پورهئي جي مٽاسٽا ڪندو هو. ۽ هڪ سندس پِر ۾ رهندڙ چُنگ هو- قد جو ننڍو ۽ خاموش. هو تيستائين نہ ڳالهائيندو هو جيستائين ڪيس ڪجهہ ڪڇڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي. جڏهن هو سڀ ڪمري جي وچ ۾ ويهڻ لڳا، تہ وانگ لنگ بورچيخاني ۾ ماني آڻڻ لاءِ چوڻ ويو. ان تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. جڏهن جوٺس چيس تہ مان توکي ڊونگا ڏيندي ويندي‌س، ۽ تون وٺي ميز تي رکندو وڃجانءِ. مان مردن جي منهن پوڻ پسند نہ ڪندي آهيان."

وانگ لنگ فخر ڪرڻ لڳو تہ اُها عورت سندس ملڪيت هئي ۽ سندس آڏو اچڻ کان نہ پئي گهٻرايائين. پر ٻين جي منهن پوڻ کان ڊني پئي. هو رڌڻي جي در وٽان سندس هٿن مان طباخ وٺندو ميز تي رکندو ويو، ۽ پوءِ ڪجهہ ڏاڍيان چيائين:

"چاچا، پائرو، ڪائو!" ۽ جڏهن سندس چاچي، جو چرچائي هو، چيو، "ڪنوار جو منهن نہ ڏسنداسين ڇا؟"تہ وانگ لنگ ترت ورائيو، "اسان اڃا هڪ نہ ٿيا آهيون. اهو واجب نہ آهي جو شادي رڇجڻ کان اڳ ٻيا ماڻهو هُن کي ڏسن. اسين اڃا زال مڙس جيان نہ سمهيا آهيون."

هن کين ماني شروع ڪرڻ لاءِ چيو، ۽ هنن دل سان کاڌو کاڌو. ماٺ ماٺ ۽ چشڪي سان. ڪنهن مڇيءَ تي پيل چٽڻيءَ جي ساراهہ ٿي ڪئي تہ ڪنهن پورڪ جي سواد جي، ۽ وانگ لنگ ورائي ورائي چئي رهيو هو:

"مڙيوئي غريباڻو کاڌو آ - سادو سودو!"

پر دل ئي دل ۾ هو طعام تي فخر محسوس ڪري رهيو هو. هو عورت جي ڪاريگريءَ تي فخرمند هو. هُن کيئن نہ گوشت ۾ سُرڪي، کنڊ، شراب ۽ چٽڻيءَ جي ملاوت ڪئي هئي، جو گوشت جو سواد ئي اور تي پيو هو! وانگ لنگ پاڻ بہ ڪڏهن اهڙو سوادي کاڌو نہ چکيو هو.

اُن وقت جڏهن مهمان چانهہ تي لباڙ هٽي ٽڪا، چرچا گهٻا ختم ٿيا، تہ هوءَ اڃا بہ بورچيخاني ۾ چلهہ تي ويٺي هئي، ۽ جڏهن وانگ لنگ آخري مهمان ڇڏي بورچيخاني ۾ آيو، تہ هوءَ پلال سان ڍڪي، ڏاند جي پرسان ستي پئي هئي. جڏهن هن کيس اٿاريو تہ وارن ۾ ڪک پيل هئس. آخر جڏهن هُن کيس جاڳايو تہ هُن جلد پنهنجي ٻانهن منهن تي ورائي ڇڏي تہ مٿان ڏڪ نہ هڻيس. نيٺ جڏهن هن اکيون پٽيون تہ پنهنجي عجيب مانيٽين اکين سان کيس ڏسڻ لڳي. وانگ لنگ کي لڳو ڄڻ سندس اکيان ڪو ٻار، معصوم، ستو

پيو هجي. هو ڪيس ٻانهن ڪان جهلي ڪمري ۾ وٺي آيو. جتي اُن صبح جو هُن ياڻ کي اُن عورت لاءِ ڏوتو پوتو هو. ۽ ميز تي رکيل هڪ موم بتي ٻاري. ان روشنيءَ ۾ ياڻ کي اڪيلو ڏسي، هو شرمائجي ويو. هو ڀهريون دفعو ڪنهن ڪمري ۾ عورت سان اڪيلو ٿيو هو. هن کي ياد آيو:

"هيءَ تہ عورت منهنجي لاءِ آهي. اِهو ٺيٺو ئي آهي."

۽ هُن هوريان هوريان پنهنجا ڪپڙا لاهڻ شروع ڪيا. عورت پڙدي پٺيان هلي وئي ۽ چپ چاپ بستري ۾ وجڻ لاءِ ياڻ کي تيار ڪرڻ لڳي. وانگ لنگ کهرائپ سان چيو:

"سمهڻ مهل بتي وسائي ڇڏ ج!"

پوءِ هو ليٽي پيو ۽ ٿلهي سَوڙ پنهنجي ڪلهي تائين تائي سمهڻ جي ڍِڪ ڏيڻ لڳو. پر هو ستو ڪونہ هو. هو ليٽيو ٿڙڪي رهيو هو. سندس ماس جي رڳ رڳ جاڳي پئي. پوءِ جڏهن گهڻي دير ڪان پوءِ ڪمرو اونداهو ٿي ويو ۽ هن جي پرسان هلڪي، ماٺ ميٺ واري زناني چربر ٿي، تہ مسرت وچان سندس بدن ٿڙڪڻ لڳو. هن اونده ۾ هڪ ڳرو ٽهڪ ڏنو ۽ هن کي ياڪر ۾ وڌو.

باب ٻيون

ڪهڙي نہ عيش ۽ آرام واري زندگي هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو پنهنجي هنڌ تي ليٽيو. هو اُن کي جاڇي رهيو هو. جا هينئر ساري جي ساري سندس هئي. هوءَ اُٿي. ۽ پنهنجا گهرگهلا ڪپڙا پائڻ لڳي. ۽ انهن کي چيلهہ ۽ ڪنڌ وٽان ڪَهين سان جڪڙي قابو ڪيائين. هن پنهنجي سَرير کي ٿڙڪايو ۽ ڪر پڳو. پوءِ اٿي هن پنهنجو ڪپڙي جو بوٽ پاتو ، ۽ اُن جون ڪهيون پيڏيءَ پٺيان ٻڌيون. ڳڙڪيءَ مان ايندڙ روشنيءَ جي ڌار هن جي منهن تي هلڪي روشني وجهي رهي هئي. اُن ۾ ڪا بہ تبديلي ڪا نہ هئي. وانگ لنگ جي خيال ۾ رات هُن ۾ ڪا تبديلي اچي وئي هوندي: پر هوءَ سندس بستري مان ايئن اُٿي رهي هئي، جڻ روز ايئن اٿندي هجي. ميرانجهي باک ۾ پوڙهي جي کنگهہ رُخنو ٿِي اُٿي، ۽ وانگ لنگ هُن کي چيو:

"ڀهريائين بابا ڏي گرم پاڻيءَ جو پيالو کڻي وڃجان، تہ ڦڦڙن کي آرام ڏئي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن ڳالهايو. بلڪل اهڙي آواز ۾ جنهن ۾ ڪالهه ڳالهايو هئائين. "چانهه جي پتي به وجهانس ڇا؟"

نديڙي سوال وانگ لنگ کي لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ مشڪل ۾ وجهي ڇڏيو. هن جوڻ پئي چاهيو. "بلڪل چانهه ته ضرور هجي. اسان کي ڪو غريب ٿي سمجهين ڇا؟" هن چاهيو پئي ته عورت کي خبر پوي ته هن گهر ۾ چانهه بانهه جو چڪر نه هوندو آهي. هُوانگ جي گهر البت هر پيالو چانهه جي پتين سان سائو هوندو هو. اُتي ته شايد. نوڪر به. ٿڌو گرم پاڻي نه پيئندا هوندا. پر هُن چاتو پئي ته جي پٽس کي پهرئين ڏينهن ئي جوٽس پاڻيءَ بجاءِ چانهه ڏني. ته هو ڪاوڙجي ويندو. پر سچ پچ. هو ڪي شاهوڪار به ته ڪين هئا. اُن ڪري هن نتائيندڙ نوع ۾ چيو:

"چانهه؟ - نه - نه. اِها ته کنگهه وڌائيندس."

پوءِ هو ڪوسي ڪوسي هنڌ ۾ دلجاءِ سان پيو رهيو ۽ جوٽس بورچيخاني ۾ باهه ٻاري پاڻيءَ گرم ڪيو. هن سمهڻ پئي چاهيو ڇو جو هاڻي هو ايئن ڪري پئي سگهيو. پر سندس جسم، جنهن کي سالن جا سال هُن سوير اُٿڻ تي هيرائي ڇڏيو هو، موقعي جي باوجود به سمهي نه سگهيو. سو هو ليٽيو پنهنجي ذهن ۽ جسم کي واندڪائيءَ جي عياشيءَ جو سواد وٺرائيندو رهيو. پنهنجي هِن عورت بابت سوچيندي، هو اِجا ڪجهه لڄا محسوس ڪري رهيو هو. ڪجهه وقت ته هو پنهنجي ٻنيءَ ٻاري بابت ويچاريندو رهيو: ڪڻڪ بابت، جي مينهن پيو ته سندس فصل ڪيئن ٿيندو؛ گوگڙن جي ٻج بابت، جو هو ٻاڙيواري ڇَنگ ڪان مٿ سٽ ۾ وٺندو- جي اڳهه تي نهيا ته. پر انهن خيالن ۽ سوچن جي وچ ۾، جي روزانو سندس دماغ ۾ تاڃي پيٽو ناهيندا رهندا هئا. سندس ذهن ۾ نئون خيال به بار بار اچڻ لڳو ته هاڻي سندس زندگي ڪيئن هوندي؟ ۽ پوءِ اوچتو. رات وارو خيال ايندي ئي، هو سوچڻ لڳو ته ڇا هوءَ کيس پسند ڪري ٿي! اِهو نئون حيرت وارو سوال هو جو سندس دماغ ۾ آيو. هِن مهل تائين هُن رڳو اِهوئي سوچيو هو ته هُو هُن کي پسند ڪندو يا نه. آيا هوءَ کيس بستري ۽ گهر ۾ مطمئن ڪري سگهندي يا نه. جيتوڻيڪ سندس چهرو خالي خالي ۽ هٿن جي کل کُهري هئي، پر سندس سرير ڳَرُ وارو، نرم ۽ اَڻ ڇهيل هو.- اهو سوچيندي ئي کائنس کل نڪري وئي - نديڙو هلڪو ٺهڪ جهڙو گذريل رات جي اونداهيءَ ۾ نڪتو هوس. شايد نوجوان نوابن. اهو ڪجهه نه ڏٺو هو. جو هن رڍيچاءَ ڪندڙ ٻانهيءَ جي سادي خالي خولي مُنهن پنيان هو. هن جو جسم سهڻو. ڪشادو ۽ وڏي هڏ ڪاٺ وارو هو، پر سَڊول ۽ نرم. هن جي دل ۾ خواهش ٿي ته جيڪر هوءَ کيس مڙس طور پسند ڪندي هجي، ۽ پوءِ شرمائجي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دروازو کليو ۽ هوءَ، خاموشيءَ سان، ٻنهي هٿن ۾ ٻاڦ ڪيندڙ پيالو کڻي ڊانهنس وڌي آئي. هو اٿي هنڌ تي ويٺو ۽ پيالو ورتائين. ٻاٽي جي مٿاڇري تي چانهه جا ڦڙ تري رهيا هئا. هُن يڪدم ڊانهنس نهاريو. هوءَ هڪدم ڊڄي وئي ۽ چيائين:

”پوڙهي ڏي چانهه ڪانه ڪٽي وئي هيس- جيئن تو چيو ايئن ئي ڪيم - پر تو ڏي مان.....“

وانگ لنگ ڏٺو ته هوءَ ڪائنس ڊنل هئي. جنهن تي هو خوش ٿيو ۽ سندس ڳالهه پوري ڪرڻ کان اڳ ئي چيو. ”مون کي وڻندي آ- وڻندي آ.“ ۽ هن پيالو وات تي آندو ۽ آواز سان چشڪيون ڀري، چشڪا ورتا.

هُن جي اندر ۾ اها هڪ نئين خوشي هئي. جنهن جو دل ۾ خيال ايندي ئي هو شرمائجي ٿي ويو. ”هيءَ زال مون کي چاهي ٿي. - ڪافي چاهي ٿي!“

هن کي لڳو هو ته پوءِ وارا ڪي مهينا. هُن پنهنجي زال جي مُنهن کي ايئن ڏسڻ ڌاران ٻيو ڪجهه ڪيو ئي نه هو. پر در اصل هو ايئن ئي پورهيو ڪندو رهيو، جيئن ڪندو هو. هو جهنگ هٿڻ واري واڳهي کڻي پنهنجي ٻنيءَ تي ويندو هو، ٻنا ٻڌندو هو، ٻارا ناهيندو هو. ڍڳي کي هر ۾ جوٽي، هُن اولاهين ٻني کيڙي. ٿوم ۽ بصر راهڻ لاءِ تيار ڪئي هئي. پر ڪيس هاڻي پورهئي ۾ لطف ايندو هو، ڇو جو جڏهن سج لٿي هو گهر ورندو هو ته سندس کاڌو تيار پيو هوندو هو. ميز صاف ٿي پئي هوندي هئي ۽ بانس جون تيليون ۽ پيالا صفائيءَ سان اُن تي رکيا هوندا هئا. اُن کان اڳ، ڪم تان ايندي ٿڪ جي باوجود، کاڌو کيس تيار ڪرڻو پوندو هو. رڳو ڪڏهن ڪڏهن پوڙهو وقت گذرڻ ۽ دير سبب، بک کان بي حال ٿي ڪجهه پچائي به وٺندو هو، يا ٿوم سان ڪو ڍوڍو ٿبي وٺندو هو.

هاڻي هرڪا شئي هن لاءِ تيار پئي هوندي هئي ۽ هو رڳو ميز پرسان بينچ تي ويهي کائڻ جي تڪليف ڪندو هو. مٽيءَ جو فرش ٻهاريو پيو هوندو هو، ۽ ڪاٺي ڪڙي به ڪنڊ ۾ ڍير ٿي پئي هوندي هئي. صبح جو سندس وڃڻ بعد، جوٽس ونگوڙي وارو لڪڙو ۽ نوڙي کڻي جهنگ نڪري ويندي هئي ۽ لام لڙي، ڪاني ڪڙي ڪَري ايترو ٻارڻ ڪري،منجهند تائين موٽي ايندي هئي. جو رات جي ماني سولائيءَ سان ٿي ويندي هئي. اُن تي مڙس هيڪاري خوش ٿيو ته ڪين هاڻي ڪاٺيون وٺيون نه پئي پيون.

منجهند کان پوءِ هوءَ هڪ ٽوڪري ۽ نديو ڪوڏارو کڻي، شهر ڏانهن ويندڙ مکيه رستي ويندي هئي، جتي خچر، گڏهه ۽ گهوڙا بار کنيون پيا ايندا ويندا هئا. هوءَ اُنهن جي لڏ ميڙي کڻي اچي گهر جي در اڳيان اڱڻ ۾ ڍير ڪندي هئي، جو زمين ۾ ڀاڻ طور ڪتب ايندو هو. اهو سڀ ڪجهه هوءَ بغير چئي آڪئي ڪندي هئي. ڏينهن جي پڇاڙيءَ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ تيسين آرام نہ ڪندي هئي. جيستائين ڏڳي کي چارو نہ ڏيندي هئي. ۽ ٻاٽيءَ جي ٻالٽي ڀري، ان جي آڏو آٽي، سامهون رکي، پياري ڏڳو نہ ڪرائيندي هئي.

هن سندن پراڻا ڪپڙا ڪڍيا. ۽ بانس جي چرخي تي ڪپهہ جي ٻوٽيءَ مان ڪتيل ڌاڳي سان انهن کي ٽوپو ٽڙو ڏنو ۽ سياري جي ڪپڙن جي مرمت ڪئي ۽ چتيون هنيون. هوءَ سندن بسترا ٻاهر ڪڍي آئي. سوڙين جا ڇُهہ لاٿائين. ڏوتائين ۽ لڪڙن تي سڪڻا وڌائين. انهن مان ڪپهہ. جا سخت ۽ ميري ٿي ويئي هئي، ڪڍي پڃيائين. انهن ۾ پيل جُون ۽ جيت ڪڍي، اُهي اُس ۾ سڪاياڻين. روزانو هوءَ هڪ نہ ٻيو ڪم ڪندي ئي ڪندي هئي. جيستائين تہ ٽيئي ڪمرا صاف. سترا ۽ سهڻا نہ نگاهجڻ لڳا. ٻڍي جي ڪنگهہ ۾ بہ جهڪائي اچي ويئي هئي. هو گهر جي ڏاڪڻيءَ پٽ سان اُس ۾. سدائين ننڊاکڙو، بي فڪر ۽ خوش راضي، ويٺل نظر ايندو هو.

پر هِن عورت، سواءِ زندگيءَ جي مختصر ضرورت ڏاران، ڳالهايو ڪڏهن بہ ڪين. وانگ لنگ کيس سدائين ڪمري ۾ اڳهاڙي پيرين هيڏي هوڏي گهمندو تڪيندو رهندو هو. هُن جتي موڪري منهن ۾. جنهن ۾ ڪو تاثر يا اظهار ڪو نہ هو. ڏسندو رهندو هو. سندس اَڌ ڊنل نگاهن واريون اکيون ڏسندو رهندو هو؛ پر هُن بابت وڌي ڪا خاص راءِ نہ قائم ڪري سگهيو. کيس سمجهي ئي نہ سگهيو. رات جو هو سندس سرير جي نرميءَ ۽ ڳَرُ مان لطف وٺندو هو. پر ڏينهن جو سندس ڪپڙا، سندس سادا نيرا سوٽي ڪوٽ ۽ پائجامو، اُهو سڀ ڪجهہ ڍڪي ڇڏيندا هئا جو هن ئي ڄاتو پئي. هوءَ هڪ وفادار، خاموش خذمتگار، نوڪرياڻي هوندي هئي. جا شايد اُن ڏاران ٻيو ڪجهہ نہ هوندي هئي. ۽ اِهو مناسب نہ هو جو کيس چوي: "تون ڳالهائين ڇو نٿي؟" اهو ڪافي هو جو هوءَ پنهنجا فرض بجا آٽي رهي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪپڻ ڪندي، هو هُن بابت سوچڻ شروع ڪندو هو. سوين ڪمرن واريءَ حويليءَ ۾ هن ڇا ڏٺو هوندو؟ هن جي اُها زندگي، جنهن ۾ هو سندس ڀائيوار نہ هو. ڪيئن رهي هوندي؟ هو ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو. ٻوءِ هو پنهنجي اِن هورا ڪورا ۽ هُن ۾ دلچسپيءَ تي خود ئي لڄي ٿي پيو. بهرحال هوءَ هڪ عورت ئي تہ هئي، ٻيو هن ۾ هو بہ تہ ڇا هو!

پرَ ٽي ڪمرا ۽ ٽن مانهن لاءِ ٻن ويلن جو رڌ پچاءُ ان عورت کي رُڌل رکڻ لاءِ ڪافي نہ هو. جا وڌي گهرائي جي محل ۾ ٻانهي رهي هجي. ۽ باک ڦٽيءَ کان آڏيءَ تائين ڪم ڪندي رهي هجي. هن ڏينهن، جڏهن هو ڏينهن جا ڏينهن پنهنجي ڀرپور ڪٽڪ جي فصل لاءِ ڪم ڪندي ۽ کيڙ ڪندي ٿڪجي ٽٽي پيو هو، تہ هن پنهنجي اڳيان گڏ ڪيل

ٻنيءَ تي سندس ٻاچولو ڏنو. ڪلهي تي ڳَڏ وارو رنبو ڪنيو هوءَ سندس اڪيان بيٺي هئي.

"رات تائين، گهر ۾ ڪجهه ڪرڻ لاءِ نہ آهي،" ٿوري ۾ هُن چيو. ۽ وڏيڪ ڪجهه چوڻ ڏاران، هُن جي ڪپي پاسي واري زمين ۾ ڳَڏ شروع ڪري ڏني.

سج مٿن تپش وسائي رهيو هو. اونهارو شروع ٿي چڪو هو. جلد سندس منهن تي پگهر نيئبا ڪري آيو. وانگ لنگ پنهنجو ڪوٽ لاهي پنيءَ اڳهاڙو ڪم ڪرڻ لڳو. پر هوءَ ڪلهن تي پنهنجو سنهو ڪڙتو پايو ڪم ڪندي رهي. جلد ئي اهو پگهر ۾ آلو ٿي هن جي جسم کي چنبڙي پيو. هن سان ڪلاڪن جا جا ڪلاڪ. ساڳيءَ ئي ڏن ۾، هڪ ٻئي کي ڏسڻ ڏاران، ڪم ڪندي، هو پاڻ کي هُن سان ايئن هڪ ۽ شامل سمجهڻ لڳو جو ڪيس پورهي جو ٿڪ سور محسوس ئي نہ ٿيو. هُن کي ٻيو ڪنهن بہ قسم جو واضح يا صاف خيال نہ هو؛ سواءِ اُن هڪ ڪَريءَ همدرديءَ واريءَ جُرپُر ۽ ڪم جي، جو هو پنهنجي زمين کي وري وري اٿلائڻ لاءِ ڪري رهيا هئا تہ جيئن اُس لڳيس، - اُن ڌرتيءَ تي جنهن جي مٽيءَ سندن گهر ناهيو هو، سندن جسم کي کاڌو پئي ڏنو، ۽ سندن خدائن جون مورتيون ناهيون ٿي. زمين زرخيز ۽ ڪاري تهہ سان جميل هئي، ۽ سندن رنبن جي نوڪ تي اُٿلي پئي آئي. ڪڏهن ڪڏهن هنن ان مان سر جو ٽُڪر يا ڪاٺيءَ ٽڪرو بہ ڪڍي اڇلايو پئي. اِها ڪا عجب جهڙي ڳالهہ نہ هئي. ڪنهن زماني ۾ اُتي عورتن ۽ مردن جا لاش دفنايا ويندا هئا، انهن جا اُتي گهر هئا جي ڪِري ۽ ڊهي مِٽجي ويا هئا، ۽ مٽيءَ ۾ مٽي ٿي ويا. سو ڪنهن ڏينهن سندن گهر بہ ايئن مٽيءَ ۾ موٽي ويندو، ۽ سندن مَڙهہ پڻ. هر ڪنهن کي واري سان مٽيءَ ۾ موٽي ملڻو هو. هو چپ چاپ گڏوگڏ ڳَڏ ڪندا پنهنجي ڌرتيءَ ۾ ٻج وجهندا ثمربار ڪندا، ۽ اڳتي سُرندا رهيا.

جڏهن سج لٿو تہ هُن ڪم بس ڪري، پنهنجي سڌي ڪئي ۽ زال ڏانهن نهاريو. هُن جو منهن پگهر کان آلو ۽ مٽيءَ سان لتجي چڪو هو. هوءَ بلڪل مٽيءَ جيان ميرانجهڙي ۽ پوري ٿي ويئي هئي. سندس آلا ۽ ڪارا ڪپڙا سندس ويڪريءَ هانيءَ کي چُهٽي پيا هئا. هن هوريان آخري ڳَڏ جو هٿ هلايو. پوءِ هن پنهنجي عام سادي نوع ۾ چيو:

"مان پار سان آهيان." شام جي خاموش هوا ۾ سندس آواز سدا کان وڌيڪ سادو ۽ سڌو سڻئون هو.

وانگ لنگ بت بڻجي ويو. هو اُن لاءِ ڇا چوي! پوءِ هن جهڪي سِر جو ٽوٽو ڪنيو ۽ ڪيڙيءَ مان ٻاهر اُڇلايو. هن اِهو ڪجهہ ايئن چيو جڻ چوندي هجي، "چانهہ آندي اٿم." يا چوندي هجي، "اڄ تہ ماني کائون."- هُن لاءِ تہ اِهو ايئن ئي هڪ سادو جملو هو. پر هُن لاءِ، - هو چئي نہ پئي سگهيو تہ هُن لاءِ اُهو جملو ڇا هو. هُن جي دل ڦٿڪي ويئي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهي رهي، جڻ اوچتو ڪنهن ڪيس روڪي ڇڏيو هجي. نهيو. هن پوڻ تي سندن پنهنجو وارو به اچڻو هو..."

هن جهڙپ ڏئي هُن جي هٿ مان رنبو ورتو، ۽ گهگهي آواز ۾ چيو: "هل ته هلون! ڏينهن ڪٿي ويو آهي. ٻيڙي سان هلي ڳالهه ڪريون."

هو گهر پنڌ پيا. جيئن عورت کي جڳائي. هوءَ پنج ڇهه وڪون سندس پنيان پئي هلي. پوڙهو در تي بيٺو. بک ۾، مانيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو. هاڻي جيئن ته زال گهر ۾ اچي چڪي هئي، هو ماني پاڻ ڪڏهن به نه ناهيندو هو. هن بي صبريءَ سان رڙ ڪئي:

"هن پوئين وَهيءَ ۾، مان مانيءَ لاءِ ايئن ويهي نٿو سگهان!"

پر وانگ لنگ سندس پرسان لنگهندي ڪمري ۾ گهڙندي چيو: "هيءَ پيٽ سان آهي!"

هُن اهو ڪجهه به ايئن چوڻ پئي چاهيو، جڻ چوندو هجي، "اڄ مان اولاهين باري ۾ ٻج وجهي آيو آهيان." پر اهو ايئن چئي نه سگهيو. جيتوڻيڪ هن جهڪي آواز ۾ ڳالهايو هو، هن کي ايئن پئي لڳو جڻ پنهنجي عام رواجي آواز کان وڌي وات ڳالهايو هئائين.

پوڙهي جهٽ لاءِ اک ڇنڀي، پوءِ ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته ٽهڪ نڪري ويس.

"هه... هه.... ها!" ويجهي اچڻ تي هُن نُنهن کي سڏيو: "سو فصل تيار آهي!"

"مان ماني ناهي وٺان."

"ها، ها! ماني،" هن بورچيخاني ۾ سندس پويان ٻارن جيان اتساهه ۾ پرجي چيو. جڻ پوٽاڻ جي خيال سندس بک ئي ماري ڇڏي هجي. پر رڌڻي ۾ گهڙڻ تي سندس بک جو احساس وري آيو ۽ ٻار جو خيال جهٽ لاءِ لهي ويس.

وانگ لنگ اوندهه ۾ ميز پرسان بينچ تي ويٺو رهيو ۽ منهن بنديل ٻانهن ۾ وجهي ڇڏيائين. سندس هِن جسم مان، سندس ڪک مان، زندگي پيدا ٿي رهي هئي.

باب ٽيون

جڏهن ويم جو وقت ويجهو آيو ته هُن زال کي چيو: "وقت تي ڪم لاءِ ڪنهن کي چوڻ گهرجي. - ڪنهن عورت کي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هن ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. هوءَ رات جي مانيءَ بعد ننڍو ڌوئي رهي هئي. ڪراڙي وڇي بسترو وسايو هو. ۽ هو ٻئي رات جي ويل اڪيلا هئا. سندن منهن تي ٽين جي ڏيئي جي ٻرندڙ لاٽ جي روشني پئي رهي هئي. جنهن ۾ رَهن جو تيل ٻريل هو. ۽ مٿان ڪپهه جي وٽ تري رهي هئي.

”عورت نه ڪپندي؟“ هُن ڏولائي سان چيو. هو هائي هُن•سان اهڙي نموني ڳالهائڻ جو عادي ٿي ويو هو. جنهن ۾ رڳو هٿ يا ڪنڌ جي لوڏ سان حصو وٺندو هو. يا ڪڏهن پنهنجي وڏي وات مان. نه چاهيندي به. هڪ اڌ لفظ ڪيري وٺندو هو. هو اُن قسم جي گفتگوءَ ۾ به ڪا گهٽتائي محسوس نه ڪندو هو.

”پر رڳو ٻن اڪيلن زال مڙسن جي هوندي ته اهو ڏاڍو گڙٻڙ وارو ڪم ٿي پوندو!“ هن گفتگو جاري رکي، ”امان ته ڳوٺ مان عورت آڻيندي هئي. مون کي ته انهن معاملن جي ڪا خبر نه آهي. وڏي حويليءَ ۾ ڪا اهڙي مائي نه آهي. ڪا ڪراڙي ٻانهي جنهن سان تنهنجو رستو رهيو هجي ۽ جا اچي سگهي؟“

ٻهريون ٻيرو هو. جو هُن اُن گهر جو نالو ورتو هو. جتان هوءَ آئي هئي. هُن ڪنڌ ڦيري ڏانهنس اهڙي نموني ڏٺو. جهڙي نموني اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هئائين. هن جون چنجهيون اکيون ڦاٽي پيون. هن جو منهن مانيءَ ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو.

”اُن گهر ۾ ڪوئي نه آهي!“ هن سانس رڙ ڪري ڳالهايو.

هو پائيپ ۾ تماڪ ڀري رهيو هو. پائيپ رکي، هُو ڏانهنس گهورڻ لڳو. پر هُن جو منهن وري جلد ئي عام رواجي صورت ۾ اچي ويو. ۽ آرام سان بانس جون تيليون ڪٽڻ لڳي. چڻ هن ڪڏهن ڪجهه چيو ئي ڪين هو.

”نيڪ آ. هڪڙي ڳالهه ته ٻڌ!“ هُن اچرج وچان چيو. هن ڪو به جواب نه ڏنو. پر هُن پنهنجي دليل بازي جاري رکي. ”اسين ٻيا به جٽا هٽ رهون ٿا. ٻئي مرد. ٻنهي کي ٻار جي ڄڻ جو ڪو تجربو يا علم نه آهي. بابا لاءِ ته تنهنجي ڪمري ۾ اچڻ به واجب نه ٿيندو - باقي مان. مون ته ڪڏهن ڪنهن ڳئون کي به ڦر ڏيندي نه ڏٺو آهي. منهن جا اڊنگا ۽ اَڻ جاڻ هٿ شايد ٻار جو سِرُ نين. ان ڪري. هن مهل. وڏيءَ حويليءَ مان ڪنهن کي آڻڻ گهرجي. جتي ٻانهيون سدائين ٻار ڄڻينديون رهنديون آهن......“

هُن ميز تي رکيل ٿانون جي ٻر مٿان خبرداريءَ سان بانس جو تيليون رکيون. پوءِ هن ڏانهن نهارڻ لڳي. ٿوري جهٽ ڏسڻ بعد چيائين:

”اُن گهر ڏي موٽي ويس، ته ٻار ڪٽي پوءِ ويندس. ان کي ڳاڙهو ڪوٽ پارائيندس ۽ ڳاڙهن گلن جي ڇُر وارو پائجامو. سندس مٿي تي ٽوپي هوندي، جنهن جي

اڪيان نئيڙي مورت پڻ جي چمڪندي هوندي. سندس پيرن ۾ سيهن جي منهن وارو بوٽ هوندو. مان به نئون بوٽ ۽ ڪاري ساٽن جو ڪوٽ پائيندس. مان اُن بورچيخاني ۾ ويندس جتي منهنجو ڏينهن گذرندو هو. مان ان وڏي ڪمري ۾ به ويندس جتي پوڙهي سائڻ ويهي آفيم چڪيندي آهي. مان سيني کي پاڻ ۽ پنهنجو پار ڏيکاريندس."

هُن ڪيس ڪڏهن به ايترو ڳالهائيندي ڪو نه ٻڌو هو. سندس وات مان لفظ سانده ۽ لاڳيتا نڪري رهيا هئا. ٻنان ڪنهن هنڌ جي. پر هوريان هوريان. هن کي محسوس ٿيو ته هوءَ اهو سڀ ڪجهه سوچي ۽ رٿي چڪي هئي. سائٽس گڏ ٻنين تي ڪم ڪندي، هوءَ اِهو ڪجهه ئي رٿيندي رهي هئي. هوءَ ڪيتري نه عجيب و غريب هئي! هُن جي ليکي ڪم ڪار ڪندي، هوءَ مشڪل سان ڪو پار لاءِ سوچي سگهي هوندي. پر ان جي بجاءِ هوءَ هردم پار کي چابل ۽ پوريءَ ريت لٽا ڪپڙا اوڙهيل ڏسندي رهي هئي. ۽ پاڻ کي روايتي انداز ۾ جنم ڏيندڙ ماءُ. نئين ڪوٽ ۽ بوٽ سان. ڪا گهڙي هن کي ڳالهائڻ لاءِ ڪي لفظ نه سُجهيا. هن ڏسٽيءَ ۽ آڱوني سان تماڪ کي چپٽيءَ ۾ دٻايو. ۽ پائيپ ڪٽي ان ۾ گنڪو پريو.

"اُن لاءِ شايد ڪجهه پئسا کپندئي؟" هن ڪجهه رڪائيءَ سان چيو.

"جي تي چانديءَ جا سڪا ڏين ته...." هن ڏڪندي چيو. "رقم وڏي آهي. پر مان خيال سان حساب ڪيو آهي. تڪو به اجايو نه خرچيندس. بجاج سان ڏاڍي پڪائي ڪنديس."

هن پنهنجي پئسن واري ننڍڙي ڪپڙي جي ٿيلهيءَ ڏانهن هٿ وڌايو. هڪ ڏينهن اڳ هو. پنهنجي اولاهين زمين واري تلاءُ مان پري ڏيڍ ڪانن جي ڪيڏي، شهر کڻي ويو هو. ۽ وتس ڳوٺريءَ ۾ اُن ڪان کي ڪجهه سَرسُ ئي هو. جنهن جي هن سَڌ تي ڪئي. هن چانديءَ جا ٽي سِڪا ڪيڏي، ميز تي رکيا. ٽوريءَ هيڪ ڪان پوءِ هن چوٿون به ڪيڏي اُنهن ۾ گڏيو. جو هن گهٽي وقت ڪان سانڍي رکيو هو ته ڪنهن ڏينهن صبح جو چانهه خاني ۾ وڃي جوئا جو داءُ ڪندو. پر هن ڪڏهن اُهو داءُ تي نه لڳايو هو. هو رڳو ميز جي چوڌاري ڦرندي گهرندي، چڪي کي اٿلائيندي ڏسندو رهندو هو. ان پڻ ڪان ته متان هرڪجي اُهي ڪڏهن ڪيڏي هارائي نه ويهي. هو گهٽو ڪري شهر جو واندو وقت پانَ وٽ گذاريندو هو. جتي هڪ پرائي ڪهاٽي ٻڌڻ لاءِ. رڳو هڪڙي پيني ئي ڏيٽي پوندي هئي.

"اِهو چوٿون به پلي ڪڻ." هن وات ۾ پيل پائپ کي دکائيندي ۽ پريل ڪاغذ کي وسائيندي چيو. "هُن جو ڪوٽ به ريشمي ئي ٺهرائج. نيٺ ته اسان جو پهريون ٻار آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پئسن کڻڻ ۾ جلدي نہ ڪئي. هو اُنهن کي بيٺي ڏسندي رهي. هن جي منهن تي ڪو بہ تاثر ڪونہ هو. پوءِ هُن پڻ پڻ ۾ چيو:

"زندگيءَ ۾ ڀريون ڀيرو آهي. جو چاندي جا پئسا هٿ ۾ ڪٺي رهي آهيان."

هن اوچتو پئسا جهڙپ هٽي مُٺ ۾ ڪيا. ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن ڊوڙ پري.

وانگ لنگ ويٺو پائيپ پيئندو ۽ پئسن لاءِ سوچيندو رهيو. جي ميز تي رکيا هئائين. اُهي سندس زمين اپايا هئا. اُها چاندي سندس پونءِ مان نڪتي هئي. جنهن کي هن کيڙيو هو. رت ست ڏنو هو. سندس زندگي اُن ڌرتيءَ مان ئي ڦٽي ٿي. ڦڙي ڦڙي، پنهنجو پگهر ڏيئي، هو اُن مان ڪاڌ خوراڪ حاصل ڪري رهيو هو. ۽ اُن ڪاڌ خوراڪ جي شين مان چاندي. اُن ڪان اڳ جڏهن بہ هو اُنهن پئسن مان ڪنهن کي ڪجهہ ڏيڻ لاءِ ڪڍندو هو. تہ سمجهندو هو جڻ پنهنجي حياتيءَ جو ڪو حصو ڪڍي ڏيندو هجي. سهڪندي ڪرڪندي. پر هيل ڀريون ڀيرو هن اُها پيڙا ۽ پڇتاءُ محسوس نہ ڪيو. هن چاندي، شهر جي ڪنهن اوپري واپاريءَ جي هٿ ۾ ويندي نہ ڏٺي. پر اُن کي ڪنهن اهڙيءَ شيءِ ۾ بدلجندي پئي ڏٺو. جا خود اُن ڪان بہ وڌيڪ مُلهائتي هئي - سندس پٽ جا لٽا ڪپڙا. ۽ سندس هيءَ عجيب غريب زال، جا ڪجهہ نہ چوندي، ۽ ڪجهہ نہ ڏسندي بہ، پنهنجي ٻار کي اڳوٽ ئي جايل ۽ ڪپڙن ۾ اوڙهيل ڏسي چڪي هئي.

جڏهن اها مهل آئي تہ ونس ڪو بہ ڪو نہ هو. اُها رات هئي. سنجهي ئي جڏهن اجا سج لٿو ئي مشڪل هو. ۽ هوءَ سائس گڏ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري رهي هئي. ڪٽڪ لابجي چڪي هئي. زمين کي ربج ڏيئي. سارين جي ڇٽ ڪئي ويئي هئي. هينئر سارين جو فصل بہ تيار هو. اونهاري جي بارش ۽ سرءُ جي سج جي تپش سبب سنگ پرجي آيا هئا. هوءَ سارو ڏينهن هن سان گڏ. جُهڪي نوڙي، ننڍي ڳن واري ڏاٽي سان سارين جي ول ڪٽيندي رهي هئي. هن کي ڳور سان هئڻ سبب، نوڙڻ ۾ تڪليف پئي ٿي. ۽ هوءَ هن ڪان هوريان هوريان وڌي رهي هئي. جنهن سبب هو هڪ ڪَري لاب نہ پئي ڪري سگهيا. هن جي قطار اڳتي هئي ۽ هِن جي پٺتي. جيئن ڏينهن لڙندو ۽ ڪتندو پئي ويو. تيئن هن جي لاباري ۾ ڍلائي وڌندي پئي وئي. هو بي صبريءَ سان بيهي هن کي ڏسڻ لڳو. هوءَ ڪنائي بس ڪري سڌي ٿي بيٺي. ۽ سندس هٿ مان ڏاٽو ڇڏائي ويو. سندس چهري تي نئون پگهر مڙي آيو هو. هڪ نئينءَ پيڙا جو پگهر!

"ويل اچي وئي." هن چيو. "مان گهر وڃان ٿي. جيستائين مان سڏيانءِ نہ. ڪمري ۾ اندر نہ اچجانءِ. رڳو منهنجي لاءِ هڪ نئون ڪانو ڪپي، ڇلي ڪٽي اچجانءِ. ان کي چير بہ ڏجانءِ. تہ جيئن اُورَ ڪپي. ٻار جي زندگي پنهنجي زندگيءَ کان ڌار ڪري

سگهان.“

ٻنهي مان لنگهندي، هوءَ ايئن گهر ڏانهن هلي وئي ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪين هو ۽ نه ئي ٿيڻو هو. هوءَ ويئي ته هو تلاءَ جي ڪپ تي ويو. هن هڪ سنهو سائو ڪانو پٽيو. چليو ۽ ڏاتي سان اُن کي مٿان چير ڏنو. سرءُ جي ٽڪڙي اونده وڌي رهي هئي، ۽ هو ڏاتو کڻي گهر روانو ٿيو.

هو گهر پهتو ته رات جي ماني ميز تي گرم گرم تيار رکيل ڏٺائين ۽ پوڙهو ڪائي رهيو هو. سو هُن سورن ۾ به ترسي هنن لاءِ ماني تيار ڪئي هئي! هو سوچڻ لڳو ته سندس عورت ڪا عام رواجي عورت ڪانه هئي. پوءِ هو پنهنجي ڪمري جي در تي ويو ۽ چيائين.

”ڪانو وٺ!“

هو بيٺو رهيو. اُن انتظار ۾ ته هوءَ ڪيس ڪاني کڻي اچڻ لاءِ اندر ڪمري ۾ ڪوٺيندي. پر هن ڪيس ڪين سڏيو. هوءَ در تي آئي، ۽ وٺيءَ مان هٿ ٻاهر ڪڍي، ڪانو ورتائين. هن ڪو حرف نه ڪڇيو. پر هُن سندس ڪنجهڻ جو آواز ٻڌو. اِيئن جيئن ڪو جانور وڏو پنڌ ڏکڻ بعد سهڪندو ۽ ڪنجهندو هجي.

پوڙهي پيالي مان نظر ڪڍي، ڏانهنس ڏسندي چيو:

”ڪاءُ! نه ته سڀ ٺري ويندئي،“ ۽ وڌيڪ چيو. ”پاڻ کي هاڻي ئي پريشان نه ڪر – اڃا وقت لڳندو. مون کي پهرئين ڀار جو جم چڱيءَ ريت ياد آهي. ٻاک کان اڳ ۾ ڪو نه ٿيو هو. اُف ڪيترا ڀار – جي مون ڄڻايا ۽ مانهي ڄڻيا. هڪٻئي پٺيان – هڪ ٻئي پٺيان. ڪو ويهارو کن ته هئا – ياد نٿو اچيم. پر انهن مان رڳو تون اڪيلو ئي بچيو آهين! اِن ڪري سمجهه ته ڇو عورت کي رڳو ڀار ئي ڀار ڄڻڻ گهرجن.“ پوءِ هن وري چيو. ڄڻ ڪيس ڪو نئون خيال آيو هجي، ”سياڻي هن مهل تائين هڪ ڇوڪري جو ڏاڏو هوندس!“ هو اوچتو کلڻ لڳو ۽ ماني کائڻ بس ڪيائين، ۽ داد گهرندڙ نگاهن سان اونداهيءَ ۾ گهورڻ لڳو.

پر وانگ لنگ وينو ڪمري مان ايندڙ ڪنهن جانور جهڙي ڪنجهڻ ۽ سهڪڻ جو آواز ٻڌندو رهيو. در جي وٺيءَ مان گرم رت جي بوءِ اچڻ لڳي. اٺ وٺندڙ بوءِ ڪيس ڏيڄاري ڇڏيو. اندران زالهنس جي ڪنجهڻ جو آواز تڪڙو ۽ تيز ٿيندو ويو. جهڪين ۽ هلڪين چيخن جيان. پر هن ڪوبه ڏاڍو آواز نه ڪيو. جڏهن هن جي برداشت کان ٻاهر وڌي وئي، ۽ ڪمري ۾ ڏوکي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ته ڪمري مان هڪ تيز سنهي رڙ نڪتي ۽ هُن کان سڀ ڪجهه وسري ويو.

”چوڪرو آ؟“ هن بي صبريءَ سان چيو. ۽ زال جڻ وسري ويس. سنهيءَ رڙ وري اٿي. مسلسل ۽ سنهي. ”چوڪرو آ؟“ هُن وري رڙ ڪئي. ”ايترو تہ ٻڌاءِ - چوڪرو آ؟“

هلڪي ٻڙاڏي جيان زال جو جهڪو ۽ ماٺو آواز نيٺ سندس ڪنن تي پهتو. ”چوڪرو!“

پوءِ هو جڻ اطمينان سان وڃي ميز تي وينو. سڀ ڪجهہ ڪيترو نہ جلدي ٿي ويو هو. ماني گهٽو اڳ نري وئي هئي. پوڙهو پنهنجي بينچ تي ئي سمهي رهيو هو. پر اُهو سڀ ڪجهہ ڪيترو نہ جلد ٿي ويو هو! هن ڪراڙي جي ڪلهي کي ڏونڌاڙيو.

”پار! چوڪرو آ“ هن ڪاميابيءَ واري انداز ۾ چيو. ”تون ڏاڏو ٿي چڪو آهين ۽ مان پيءُ!“ پوڙهو ڇرڪ ڀري جاڳيو ۽ ايئن ڪلڻ لڳو. جيئن سمهڻ مهل ڪليو هو.

”ها.- ها. بيشڪ“ هن ٻڻ ٻڻ ڪئي. ”ڏاڏو!.. ڏاڏو!“ هو اٿيو ۽ ڪلندو پنهنجي ڪمري ۾ هنڌ تي وڃي ليٽيو.

وانگ لنگ نريل چانورن جو پيالو ڪٽي کائڻ شروع ڪيو. اوچتو هن ڏاڍي بک محسوس ڪئي ۽ ٽڪرو ٽڪرو وات ۾ گرنهہ وجهندو ويو. ڪمري مان هو زال جي گهمڻ گهتڻ. هيڏي گيسارن پائڻ ۽ پار جي تيز ۽ سنهي چيخ جا آواز ٻڌي رهيو هو.

”سمجهان ٿو. هاڻي گهر ۾ ماٺ ۽ خاموشي نہ رهندي.“ هن فخر سان پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

پيٽ ڀري کائڻ کان پوءِ هو هڪ دفعو وري ڪمري جي دروازي وٽ ويو. هُن کيس اندر اچڻ لاءِ چيو. تہ هو اندر گهڙيو. تازي وهيل رت جي بوءِ اڃا فضا ۾ موجود هئي. پر ڪاٺ جي ٽَبَ کان سواءِ ڪٿي بہ اُن جو ڪو نشان پتو ڪونہ هو. پر اُنَ ۾ هُن پاڻي وجهي ڇڏيو هو. ۽ ايترو هنڌ هيٺان ڏِڪي ڇڏيو هو. جو هُن کي مشڪل سان ڏسڻ ۾ پئي آيو. ڳاڙهي موم بتي ٻري رهي هئي، ۽ هوءَ صاف سٿري ڍَڪِي سَڪِي ليٽي پئي هئي. هنڌ تي سندس پاسي ۾ هُن جي پراڻي پائجامي ۾ ويڙهيو سيڙهيو. جيئن رواج هو. سندس پٽ ليٽيو پيو هو.

هن پنهنجي زال ڏانهن نهاريو. ۽ موٽ ۾ هن ڏانهنس تڪيو. سندس وار پيڙا ۽ سورن جي پگهر سبب اڃا آلا هئا. ۽ سندس چنجهين اکين ۾ گهيرتَ هئا. اُن کان سواءِ هوءَ ايئن ئي هئي، جيئن سدائين هوندي هئي. پر هن لاءِ هوءَ اتساهيندڙ ۽ جذبات اٿاريندڙ هئي. هن جي دل هنن ٻنهي لاءِ تيز ڌڙڪڻ لڳي، ۽ چيائين، - نہ ڄاڻندي تہ ان کان سواءِ ٻيو هو ڇا پئي چئي سگهيو:

”سڀاڻي مان شهر ويندس، اڌ سير کن ڳاڙهي کنڊ وٺي ايندس، ۽ گرم پاڻيءَ ۾

ملائي توکي پيارينديس."

۽ پوءِ پار ڏانهن وري نهاريندي، هن کي اوچتو خيال اچي ويو. جو رڙ ڪيائين،
"ڇيبي ڪن آئن جي ٻہ ونداسين ۽ ڪين ڳاڙهو رنگ ڏئي ڳوٺ ۾ ورهائينداسين. هر ڪنهن
کي خبر پئجي ويندي تہ مون کي پٽ ڄايو آهي!"

باب چوٿون

پار جي ڄمڻ جي ٻئي ڏينهن جوٽس دستور جيان آني ۽ هن لاءِ ڪاڏو تيار
ڪيائين. پر هوءَ وانگ لنگ سان لاباري تي ٻنيءَ ۾ نہ ويئي. هو منجهند تائين اٽي، اڪيلو
ڪم ڪندو رهيو. پوءِ هن گهر اچي ڪپڙا مٽيا ۽ نيرو جُبو پائي شهر ويو. مارڪيٽ مان
پنجاهہ آنا ورتائين. جي نوان لٺل تہ ڪونہ هئا، پر چڱيءَ حالت ۾ هئا. ۽ ڪيس هڪ پيني
في دائي جي حساب سان مليا هئا. پوءِ هن ڳاڙهو ڪاغذ بہ ورتو تہ جيئن، اهو ڪاڙهي،
آئن کي ريتو رنگ ڏئي. آنا ڇبيءَ ۾ رکي، هو منائيءَ جي دڪان تي ويو ۽ اٽي اڌ سير ڪن
مُستي خريد ڪيائين. هو دڪاندار کي أها ڪاغذ ۾ ويڙهيندي ۽ ڏاڍي سان ٻڙي ٻڌندي
ڏسڻ لڳو. جنهن سندس هٿ ۾ ڳاڙهو ڪاغذ ڏسي چيو:

"شايد،نئين ڇاول پار لاءِ ورتو آنئي!"

"پهريتو پٽ." وانگ لنگ فخر سان چيو.

"واهہ. واهہ. ڏاڍو ڀاڳوارو آهين." دڪاندار بي توجهيءَ سان چيو. سندس
نظرون هڪ خوش- پوش گراهڪ ڏانهن کڄي ويون. جو ان مهل دڪان ۾ گهڙيو هو.

اِهو هُو ڪيترائي ڀيرا ٻين کي بہ چئي چڪو هو. روزانو ڪنهن کي نہ ڪنهن کي
چوندو هو. پر وانگ لنگ أها پاڻ تي خاص نوازش سمجهي ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. دڪان مان
نڪرڻ وقت هو جهڪي جهڪي دڪاندار جا ٿورا مڃيندو رهيو. ڏوڙ اٿاريندڙ گهٽيءَ مان
تيز اُس ۾ لنگهندي هن کي ايئن پئي لڳو ڄڻ هن جهڙو خوش نصيب شخص ڪڏهن ٿيو ئي
ڪين هو.

اهو سوچي. پهرين تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو. پر پوءِ ٻوءِ ۽ وهم اچي ورايس. هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ گهٽو خوش نصيب ٻه نه ٽيڻ گهرجي. هن ڌرتيءَ ۽ هوا ۾ ڪيترائي اهڙا بد روح آهن. جي فاني انسان جي خوشي نه سهي سگهندا آهن. خاص ڪري اُنهن جي جي غريب هوندا آهن. هو اوچتو هڪڙي دڪان تي چڙهي ويو. جتي موم بتيون ۽ اگربتيون وڪامنديون هيون. اتان هن هڪ موم بتي ۽ چار اگربتيون خريد ڪيون. گهر جي هر ٻاتيءَ لاءِ هڪ اگربتي ۽ اهي ڪٺي هو ڌرتي ديوتا جي ننڍي مندر ۾ ويو. اپُگئي اپريل اگربتين جي رک جي ڍيريءَ ۾ اگربتيون ڦاسائي هن ٻاريون ۽ انهن کي نيڪ طرح ٻرندي ڏسي، سک سان ۽ دلجاءِ ڪري گهر طرف ويو. هِي ٻه ننڍڙيون آئت ڏيندڙ مورتيون، ننڍڙيءَ چت هينيان خاموش وينل. - انهن کي ڪيڏو نه اختيار هو!

پوءِ. ڪنهن جي چوڻ ۽ سمجهڻ کان اڳ ۾ ئي، عورت هُن سان گڏ زمين ۾ بيٺي هئي. لابارو پئجي چڪو هو ۽ هئن ڳاهه جي پڌر تي. جو سندن در جي ٻاهران هو، سنگن جي سَٿَ ڪئي. ڳاهه اهڙيءَ ريت هئن، زال ۽ مڙس، هٿ سان سَٿ ڪُٽ رستي ڪيو. ۽ پوءِ هئن واٽر ڪئي. بانس جي سڌن ڇڄن ۾ مٽي ڪري ڳاهيل ول هئن هوا ۾ آهستي آهستي هيٺ پئي ڪيرائي. اَنُ هيٺ پٽ تي اچي پئي پيو ۽ ٽَڙَ هوا ۾ پري اڏامي پئي ويا. اُن کان پوءِ وري زمين سياري جي ڪٽڪ واري فصل لاءِ تيار ڪرڻي هئي. جڏهن هن ڏاند ڍڪائي زمين کيڙڻ شروع ڪئي ته، جوٽس پويان ٻاهوڙو ڪنيون، وڏا پتر پوريندي پئي وئي.

هاڻي هوءَ سڄو ڏينهن ڪم ڪندي هئي، ۽ ٻارُ پٽ تي قاتل سوڙ جي ٽُڪر تي ليٽيو پيو هوندو هو. هو رُئندو هو ته جوٽس ڪم ڇڏي ڇاتي کولي ارهه ٻار جي وات ۾ وجهندي هئي. هوءَ پٽ تي ويهي ٻار کي ٿڃ ڏيندي هئي، سرءَ جو لڙيل سج. جنهن مان اجا اونهاري جي تپش نه گهٽي هئي، مٿن گرمي وسائيندو هو. ٻار ۽ مائس ڌوڙ جيان ڌوڙ ٿي ويندا هئا. ۽ ايئن لڳندا هئا، جڻ مٽيءَ جون نهيل مورتيون هجن. عورت جا وار ۽ ٻار جو ڪئنرو ڪارو مٿو دَز سان ڀرجي ويندا هئا.

پر ماءِ جي اپريل پوريءَ ڇاتيءَ مان کير دُرڙيون هٽي وهندو هو. اڇو کير جهڙي برف. جڏهن ٻار هڪ ڇاتي ڌائيندو هو ته ٻيءَ مان اهو ڦوهاري وانگر نڪري پوندو هو، ۽ هوءَ اُن کي ايئن وَهي وڃڻ ڏيندي هئي. ٻار جيتوڻيڪ هبڇي هو، ته به کير هُن کان تمام گهڻو هو، ڪيترن ئي ٻارن لاءِ. اُن جي جهجهائپ جي ڄاڻ هئڻ ڪري هوءَ بي پرواهيءَ سان اُن کي وَهي وڃڻ ڏيندي هئي. ڪيس ٿڃ سدائين سرس هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ڇاتي مٿي ڪري، ٿڃ زمين تي ڪيرائي ڇڏيندي هئي، ته متان سندس ڪپڙا نه خراب ٿين. کير ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي اتي نرم ڪارو ۽ زرخيز داغ ٺاهي ڇڏيندو هو. ٻار متارو ۽ سٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياءَ وارو هو ۽ ڀرپور زندگي مائي رهيو هو. جا ماءُ کيس ڏئي رهي هئي.

سيارو اچي ويو. ۽ هو اُن لاءِ تيار هئا. هيل فصل ايڏو ٿيو. جيڏو اڳ ڪڏهن نہ ٿيو هو. ۽ ننڍو ٿن ڪمرن وارو گهر اُٿلجي رهيو هو. ڪڪائين ڇت مان سڪل بصرن ۽ ٿوم جون لڙيون پيئي لڙڪيون. ۽ هتن جي. وچين ۽ ڀڏي جي ڪمري ۾ تيلن ۽ ڪانن جا نهيل پَتَرَ گندڙن جيان ايا ٿيا رکيا هئا. جي ڪٽڪ ۽ چانورن سان ڀريل هئا. اُن مان گهٽو اَنُ تہ وڪڻڻ لاءِ هو. وانگ لنگ ڪاتو مُڙس ۽ ڪفايتي هو. هو ٻين ڳوناٺن جيان پئسا جوئا يا لذيذ ۽ پنهنجي وت ڪان وڌيڪ ڪاڏي تي خرچ نہ ڪندو هو. ان ڪري هو انهن جيان لاباري ويل ئي اَنُ نہ وڪڻندو هو. جڏهن اگهہ گهٽ هوندا هئا. ان بجاءِ هو اَنُ بچائي رکندو هو ۽ تڏهن وڪڻندو هو جڏهن برف پوندي هئي. يا نوروز ايندو هو. جڏهن شهر جا ماڻهو اُن لاءِ ڪيتري بہ قيمت ڏيندا هئا.

سندس چاچو تہ سدائين فصل تڏهن ئي وڪڻي ڇڏيندو هو جڏهن اجا پوريءَ ريت پچندو بہ نہ هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ هو بيٺل فصل ئي روڪ رقم تي نيڪال ڪري ڇڏيندو هو. تہ جيئن لاباري ۽ ڳاهہ جي خفي ڪان ڇٽي پوي. هن جي زال بہ ڇَسي عورت هئي. ٿلهي ۽ سست. سدائين سٺي ڪاڏي ۽ لٽي ڪپڙي جو فڪرو هوندو هوس. جڏهن تہ وانگ لنگ جي زال. سا تہ رڳو بوٽ بہ پنهنجي لاءِ. مُڙس. سُهري ۽ پٽ لاءِ پاڻ هٿ سان ٺاهيندي هئي. هوءَ سمجهي نہ سگهندي هئي تہ بازار ۾ بوٽ ونجن تہ اُهي پنهنجا نهيل ڪاڏي ڪجن!

چاچهنس جي زبون جهوني گهر جي ڇت ۾ ڪا بہ شئي ٽنگيل ڪانہ ٿي ڏٺي. پر سندس گهر ۾ تہ سوئر جي هڪ سڪل رانَ بہ لڙڪي پئي. جا هن ٻاڙيسريءَ چنگ کان خريدي هئي. جنهن پنهنجو سوئر اجان بيمار ٿي نہ ٿيو هو تہ ڪنو هو. سوئر سوڪو هو ۽ اُن جي رانَ وڏي ۽ ٿلهي هئي. ۽ اُو-لان (اهوئي نالو سندس زال جو هو) سڄيءَ کي لوڻي. سڪائي. ٽنگي ڇڏيو هو. اُن سان گڏ بہ ڪڪڙ بہ اُتي لڙڪي رهيا هئا. جي هن پنهنجا کُهي. وچ ۾ لوڻ ڀري. سڪائي. کنين سوڌو. ٽنگي ڇڏيا هئا.

اِن ڪري جڏهن وڻن اتر اوپر واري رَڻ پٽ ڪان سياري جون هوائون آيون. تيز ۽ چمڙي چيريندڙ هوائون. تہ هو پنهنجي گهر ۾ سکيا ستابا وينا هئا. جلد ئي ٻارَ پاڻ هرتو ويهڻ شروع ڪيو. هن نُودلس (سينئن) جو جشن ملهايو. جيڪو ٻار جي ڏڳهي ڄمار جو سؤڻ بہ هو. هن جي جنم ڏينهن تي. جڏهن هن جو منهن وڏي چنڊ جهڙو ٿيو. هن اُنهن کي بہ ڪونيو جن کي شاديءَ جي دعوت ۾ سڏيو هئائين. انهن مان هرهڪ کي وانگ لنگ ڏهہ ڏهہ آنا ڏنا جي هن ڳاڙها رڱي سڪايا هئا. ۽ ٻيا جيڪي ڳوٺ مان آيا ۽ کيس مبارڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائون. تن مان هرهڪ کي ٻہ ٻہ آنا ڏنائين. سڀ ڪين ۽ سندن پٽ کي ڏسي خوش ٿي پيا. متارو. گول مٿول چنبڙ جهڙو ۽ ماءُ جيان اپريل ڳلن وارو پيارو ٻار. هاڻي جڏهن سيارو آيو هو تہ هو کيت ۾ وٽن ويهڻ بجاءِ، گهر ۾ پٽ تي پٿاريل رلڪي تي ويهندو هو. هو ڏاڪٽو در ڪولي چڙهندا هئا جتان اُس ۽ روشني وٽن ايندي هئي ۽ اُتر طرف کان سرد هوا ڪچين سرن جي ڀتين سان اجايا ٽڪر هڻي موٽي ويندي هئي.

کجور جي وڻ جا پن ڇٽي چڪا هئا، جو دروازي وٽ بيٺو هو. اهڙيءَ ريت ٻنيءَ ۾ بيٺل بيد ۽ آڙوءَ جي وڻن جا پن بہ ڇٽي رهيا هئا. رڳو گهر جي اوپر ۾ بيٺل بانس جي وڻ جا پنا اجها بيٺا هئا، ۽ جيتوڻيڪ هوائون اُن جي ٿُڙ کي لوڏي ٻيٽو ڪري ڇڏينديون هيون، تہ بہ ان جا پنا اِئين جا اِئين بيٺا هوندا هئا.

اُن خشڪ هوا ۾، زمين ۾ ڇنيل ڪڻڪ جو ٻج ڦٽي نہ پئي سگهيو ۽ وانگ لنگ شدت سان مينهن جو انتظار ڪرڻ لڳو. پوءِ هڪ ڏينهن سَجهندي ۾ ئي جڏهن هوا بند ٿي، واءَ ۾ خاموشي ۽ گرمي هئي، اوچتو مينهن اچي پيو. سڀ سک جي احساس ۾ پريل گهر ۾ ويٺا مينهن کي ڏسندا رهيا. جو در جي چائنٽ ٻاهران پٽن تي سڌو وسڪارو ڪري رهيو هو ۽ ان ۾ جذب ٿيندو پئي ويو. در مٿان ڇپري جي ڇيڙن تان اُن جون لارون ٿمي هيٺ ڪري رهيون هيون. ٻار حيران هو. ۽ هٿ ٻاهر ڪري، پونڊڙ مينهن جي چانديءَ جهڙين ڦڙين کي پڪڙڻ لڳو ۽ کلڻ لڳو. هو بہ سائس گڏ کلڻ لڳا. ڪراڙو، ٻار آڏو اوڪڙو ٿي ويٺو ۽ ٿهڪ ڏيئي چوڻ لڳو:

”هن جهڙو ٻار تہ ڪوڙئين ڳوٺن ۾ ڪو نہ هوندو. مون واري پاءُ جا ٻار تہ پنڌ ڪرڻ کان اڳ ڪجهہ بہ سمجهہ نہ رکندا آهن.“

۽ پوءِ ان مينهن ۾ ڪڻڪ جا ٻج ڦٽا، ۽ آلي پوري زمين مان اُپا ساوا نازڪ سَلا نڪري آيا.

اهڙن وقتن تي ملڻ جلڻ ۽ ميل ملاقات گهٽو ٿيندو هو. هرڪو هاري ناري محسوس ڪندو هو تہ هڪ پيرو قدرت سندس پاران ٻنيءَ ۾ ڪم پئي ڪيو ۽ سندن فصلن جي آبياري پئي ٿي، جنهن لاءِ هونءَ هو ڪانواٽي کلهي تي کنيون، بالٽيون لڙڪائيندي، ايندي ويندي، پنهنجي ڇيلهہ ٻيٽي ڪري ڇڏيندا هئا. صبح جو هو ڪنهن نہ ڪنهن گهر هليا ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪٿي نہ ڪٿي چانهہ پيئندا هئا. هو وڏيون سيئي ڪاغذ جون ڇٽيون کڻي، پنين جي ٻنن ۽ چارن تان، پيرين اگهاڙو، هڪ گهر کان ٻئي گهر ويندا هئا. عورتون گهر ۾ ويهي ٽوپو تڙو ڪنديون هيون، ۽ جُتيون ناهينديون هيون، جيڪي ڪفايتي ۽ پورهيت هونديون هيون؛ ۽ پيون نئين سال جي دعوت جي تياريءَ لاءِ پيون سوءَ

سڪور ڪنديون ۽ سوچينديون ويچارينديون هيون.

پر وانگ لنگ ۽ اُن جي زال گهڻو ميل ملاقات نہ ڪندا هئا. چڙوچڙ گهرن واري ننڍي ڳوٺڙي ۾، جنهن ۾ ڪل ڇهہ گهر هئا. سندن گهر جيان ڪو بہ گهر خوشحال ۽ سکيو ڪو نہ هو. وانگ لنگ سوچيو تہ جي هو ٻين سان گهرو ٿيو ۽ گهٽي ڏيگهہ ڪيائين تہ هو ڪانئس اوڌر ونڻ شروع ڪندا. نئون سال اچي رهيو هو، ۽ ڪير هو جنهن وٽ نئين روز جي نون ڪپڙن ۽ دعوت لاءِ گهٽي ڪا رقم هئي؟ اڪثر هو گهر ۾ ئي رهندو هو. جڏهن سندس زال ويهي ڦاٽل ڪپڙن جو ٽوپو تڙو پئي ڪيو، تہ هن چيريل بانس جو ٻيانيو ڪنيون ۽ انهن کي چڪاسڻ لڳو. جتي ڪا نوڙي ڇڳل هئي، اُتي ڳاهہ جي رسيءَ سان ڳنڍيون پئي ڏنائين، ۽ جتي ڪا تند يا آٽي ڀڳل هئي، اُتي ٻي نئين ڪتي پئي هنيائين.

جو ڪجهہ هو ڪيتي واڙيءَ جي اوزارن لاءِ ڪري رهيو هو، سو سندس زال اُو-لان گهر جي ٿپڙن ۽ وسلن تي ڪري رهي هئي. جي ڪو مٽيءَ جو ٿانءُ سِميو پئي تہ هن ٻين عورتن جيان، ان کي ڪٽي ڀاسيرو ۽ بيڪار ڪري نہ پئي رکيو ۽ نئين جي گهر ڪانہ پئي ڪئي. اُن بجاءِ هن مٽي ۽ چيني ڳوهي، ڏار بند ڪري، اُن کي هوريان هوريان باهہ تي گرم پئي ڪيو، ۽ اُهو نئين جهڙو ئي ڪارائتو پئي ٿي پيو.

اهڙيءَ طرح گهڻو وقت هو گهر ۾ ئي ٿي رهيا، ۽ پنهنجي ڪم ڪار ۾ ئي منگهن ۽ خوش هئا. هنن جي پاڻ ۾ گفتگو بہ ڪڏهن چند ميناج ڀرين لفظن ۽ گفتن کان وڌيڪ نہ هوندي هئي، جيئن تہ:

"نئين ٻيجي لاءِ، وڏيءَ ٻار مان ٻج بچايئي؟" "پاڻ ڪٽڪ جو ٻُهہ وڪٽنداسين ۽ رَهن جون ڪانيون رڌڻي ۾ ٻارينداسين." يا شايد ورلي وانگ لنگ چوندو، "نوڊلس ڏاڍيون سنيون نهيون آهن." ۽ اُو-لان سنجيدگيءَ سان وراڻيندي، "هِن سال ٻنيءَ مان وَل ٻلي لتي آهي!"

ان ٻلاري سال، وانگ لنگ پيداوار مان چانديءَ وارا گهڻا ڊالر ڪمايا. جي سندن سارين ضرورتن کان وڌيڪ هئا. هن اُهو خزانو ڪمر-پٽي ۾ رکڻ نہ پئي گهريو ۽ نہ پنهنجي زال ڏاران پئي کي ڏيڻ تي چاهيو. هنن ويهي سٽيو تہ چاندي ڪٿي رکجي! آخر عورت اٽڪل ڪئي. هن پنهنجي ڪمري جي اِندرينءَ ڀت سان ٿوري کوٽائي ڪري هنڌ جي ٻويان ننڍڙو کڏڙو ناهيو ۽ وانگ لنگ اُن ۾ چاندي رکي، ۽ مٽيءَ جي چاپڙ سان اُو-لان کڏڙي جو منهن ڍڪي، اهو لِنبي ڇڏيو. ايئن پئي لڳو ڄڻ اتي ڪجهہ ڪو نہ هو. پر وانگ لنگ ۽ اُو-لان، ٻنهي کي اُهو ڳجهي مالداريءَ ۾ خزاني جو احساس ڏئي رهيو هو. وانگ لنگ کي ڄاڻ هئي، احساس هو تہ هن وٽ ايترو پئسو هو، جو سندس خرچڻ کان وڌيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هو پنهنجي ڳوناڻين ۽ جيڏن جي وچ ۾ سک ۽ اطمينان سان گهمندو هو.

باب پنجون

نئون سال ويجهو اچي پيو. ۽ ڳوٺ ۾ اُن جون تياريون تيز لڳيون. وانگ لنگ به شهر ويو ۽ موم بتين جي دڪان تان هن ڳاڙهي رنگ جا ڪاغذ ٽڪرا خريد ڪيا، جن مان ڪن تي ڳِلٽي رنگ ۾ برش سان خوشيءَ جا اظهار لکيل هئا ته ڪن تي ڀاڳ ۽ مالونديءَ جا لفظ. هُن اُهي ڪاغذ پنهنجي زمين جي وَسلن تي چمبڙايا ته جيئن نئون سال هن لاءِ نصيب ڪٽي اچي. هَر تي. ڏاند جي پاڇاريءَ تي، اُنهن ٻن بالٽين تي جن ۾ هو پاڻ ۽ پاڻي ڪٽي ويندو هو. هر شئي تي هُن اُهي ڪاغذ لڳايا. پوءِ هن پنهنجي دروازن تي ڳاڙهي رنگ جون ڏگهيون ڪاغذي پٽيون چنبڙايون جن تي سٺي ڀاڳ جون دعائون ۽ آسيسون لکيل هيون ۽ پنهنجي لنگهه واري در تي هن ڪاغذ جو ڪٽيل سهڻو گل لڳايو. هن ديوتائن جي نئين لباس ناهڻ لاءِ به ڳاڙهو ڪاغذ آندو، ۽ اهي پوڙهي پنهنجي ڪراڙن ڏڪندڙ هٿن سان سهڻي نموني ڪٽي تيار ڪيا. وانگ لنگ اهي ڪٽي وڃي زمين واري مندر ۾ انهن کي پهرايا ۽ نئين سال جي صدقي اُتي اگربتيون به ٻاريون. پنهنجي ڪمري لاءِ هو به ڳاڙهي رنگ جون موم بتيون به وٺي آيو. نئين سال جي شام جو ميز تي ديوتا جي تصوير هيٺان ٻارڻ لاءِ. جا وچين ڪمري جي پٺ تي ميز جي مٿان هنئين ويئي هئي.

وانگ لنگ وري بازار ويو ۽ سوئر جي چربي ۽ اَڇي کنڊ وٺي آيو. جوئَس چربيءَ کي تائي، نرم ۽ اڇو ڪيو. هُن چانورن جو اٽو به ڪڍيو. جو جاندهه ۾ پاڻ پيٺو هئائين. ضرورت وقت هو جاندهه ۾ ڏاند جوٽي به هلائيندا هئا. هن چربي، کنڊ ۽ اٽو گڏي ڳوهيا، ۽ نئين سال لاءِ سٺيا ڪيڪ ناهيا، جن کي 'چنڊ ڪيڪ' سڏبو هو ۽ اُهي اهڙا سنا هئا، جي وڏيءَ حويليءَ ۾ به کاڌا ويندا هئا.

جڏهن ڪيڪ تيار ڪري تنور ۾ پچائڻ لاءِ ميز تي قطار ڪري رکيا ويا، ته وانگ لنگ جي دل فخر سان ڀرجي ويئي. ڳوٺ ۾ ٻي ڪا به اهڙي عورت ڪانه هئي، جا اهو ڪجهه ڪري سگهي جو سندس زال ڪيو. هن اهڙا ڪيڪ ناهيا جي رڳو شاهوڪار ماڻهو ئي گهرن ۾ کائيندا هئا. ڪن ڪيڪن تي هن گاهه جا ڳاڙها ڪاتر جا ٽڪرا رکيا ۽ ساوَن آلوبخارن جو چُورو مٿان وجهي گلن جا نقش به ناهيا.

"هِنن کي ڪائي ڇڏڻ تي ته دل ئي نه ورندي!" وانگ لنگ چيو. "کهڙا نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻا آهن.“

پوڙهو ميز جي چوگرد چڪر ڪاٽي رهيو هو. اهڙو خوش ۽ سرهو جيئن ٻار چمڪندڙ رنگ ڏسي ٿيندو آهي. هن چيو:

”وچ، ادي ڪي، پنهنجي چاچي ۽ سندس ٻارن کي، سڏي وٺ. - پل ته اچي ڏسن!“

پر خوشحاليءَ وانگ لنگ کي خبردار ڪري ڇڏيو هو. ٻڪين کي رڳو ڪيڪن ڏسڻ لاءِ ڪير ٿو سڏي!

”ڪيڪن کي نئين سال کان اڳ ۾ ڏسڻ سٺو سوڻ نہ آهي.“ هن جلدي وراڻيو. ۽ عورت سٺين ۽ اٽي جي اچاڻ سان ڀريل هٿن سان چيو:

”اِهي اسان جي کائڻ لاءِ نہ آهن. ٻہ ٽي سادا ڪيڪ البت ڪٽي مهمانن کي چکرائبا. اسين اهڙا امير نہ آهيون، جو اڇي کنڊ ۽ سوئر جي چربي کائون. مان اِهي وڏيءَ حويليءَ واري پوڙهيءَ سائڻ لاءِ ناهي رهي آهيان. نئون روز جي ٻئي ڏينهن مان ٻار کي ڪٽي ويندس ۽ ڪيڪ بہ سوکڙي ڪري ڪٽي ويندس.“ اِن تہ ڪيڪن جي اهميت تہ هونءَ کان بہ وڌائي ڇڏي. وانگ لنگ اِن تي سرهو هو تہ جنهن وڏي هال ۾ ڪنهن ڏينهن ويچارو ٿيو. غربت سان ٻينو هو. اُن ۾ سندس زال ملاقاتي ٿِي ويندي، ساڻس گڏ سندس پٽ ڳاڙهي لباس ۾ ملبوس ۽ سٺي ۾ سٺي چربيءَ، اٽي ۽ کنڊ مان ٺهيل اهڙا ڪيڪ بہ هوندا!.

نئين سال جي، اُن ملاقات کان سواءِ، ٻي هر شئي غير اهم ۽ معمولي هئي. سندس نئون ڪارو سوٽي ڪپڙي جو ڪوٽ، جو اُو-لان هن لاءِ ناهيو هو، جڏهن هن اهو پائي ڏٺو تہ رڳو ايترو چئي سگهيو هو:

”مان اِهو تڏهن پائيندس، جنهن وقت هن کي وڏيءَ حويليءَ جي در تي وٺي ويندس.“

هن نئين سال جو پهريون ڏينهن بہ بي پرواهيءَ سان ۽ بہ دليو گذاريو. جڏهن سندس چاچو ۽ پاڙيسري هن لاءِ ۽ سندس پوڙهي پيءُ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪرڻ لاءِ سندن گهر ۾ اچي سهڙيا. تڏهن بہ سڀ اُهي ڪاڏي ۽ شراب تي اچي ٽٽا هئا. هن پاڻ خيال سان رنگين ڪيڪ ڇٻي ۾ رکرايا. تہ متان هو مستيءَ ۾ اچي اُهي بہ انهن عام مهمانن کي آڇي وجهي! سادن ڪيڪن جي خوشبوءِ ۽ کنڊ جي ساراهہ ٻڌي سندس دل ٽپي ڪائڻ لاءِ آتي هئي.

”رنگين ڪيڪ بہ ڏسندئو؟“

پر هن پاڻ تي ضابطو ڪيو. ڇاڪاڻ جو سڀ کان وڌيڪ هن هُوانگ حويليءَ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فخر سان گهڙڻ پئي چاهيو.

نئين سال جي پئي ڏينهن، جو عورتن جي هڪ پئي سان ملڻ جو ڏينهن هو، هو ٻيئي، جو هڪ ڏينهن اڳ ٻيٽ ٻري ڪائي ٻي ستل هئا، سو ٻاک ڦٽيءَ جو اٿيا. اُو-لان ٻٽ کي ڳاڙهو لباس ۽ شينهن جي شڪل وارو بوٽ پارايو جو هُن پاڻ ناهيو هو. هن سندس مٿي تي، جو وانگ لنگ سال جي پوئين ڏينهن تي پاڻ ڪوڙيو هو، ڪلنگيءَ واري ڳاڙهي ٽوپي پاتي، جنهن جي نراڙ واريءَ جاءِ تي چمڪندڙ رنگ ۾ ٻڌ جي مورت ٽوپيل هئي. پوءِ هن ٻار کي هنڌ تي، تيار ڪري، ويهاريو. وانگ لنگ به تڪڙو ڪپڙا مٽائڻ لڳو. ۽ سندس زال ڊگهن ڪارن وارن کي ڦٽي ڏيئي، پتل جي ڪانٽي سان قابو ڪيو. جنهن تي چانديءَ جو پاٽي چڙهيل هو ۽ مڙسهنس هُن لاءِ آندو هو. پوءِ هن پنهنجو نئون ڪارو ڪوٽ پاتو، جو ساڳي ئي ڪپڙي مان ناهيو ويو هو، جنهن مان وانگ لنگ جو نئون جبو ناهيو ويو هو. ٻنهي لاءِ اٺ وال ڪپڙو ڪتو هو. پوءِ هن ٻار کي کنيو ۽ جوٽس ڪيڪ کنيا. هو ٻنيءَ جا چارا وٺي نڪري پيا، جا سياري سبب اَڻ پوکيل هئي.

هُوانگ جي حويليءَ تي وانگ لنگ کي داد مليو، جو جڏهن عورت جي سڏ تي دربان دروازو کوليو ۽ اکيون پٽي ڏٺو ته حيرت ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجي ٽَر جي وارن کي مروٽي، رڙ ڪيائين:

"اڙي، وانگ - ڪڙمي! هڪ بجاءِ هينئر ٽي جڻا!" پوءِ سندن نوان ڪپڙا ۽ ٻارُ، جو ڇوڪرو هو، ڏسي چيائين: "اڳئين سال، جو نصيب توکي مليو آهي، اُن کان وڌيڪ هِن سال واسطي ڪو تولاءِ وڌيڪ ڪهڙي نيڪ خواهش ڪري سگهي ٿو!"

وانگ لِنگ لنوائڻ جي انداز ۾ ورائيو، جڻ اهڙي ماٺهوءَ سان ڳالهائيندو هجي، جو سندس مَٿَ نه هجي: "هيل فصل ڀلو ٿيو - ها، ڀلو!" ۽ هن پروسي سان وک اندر وڌائي.

دربان کي اُن سڀ ٺاٺ نوٽ ڏاڍو متاثر ڪيو، ۽ هُن وانگ لنگ کي چيو:

"تون منهنجي گهر ۾ ترس، جيسين مان تنهنجي زالِ ۽ ٻار کي اندران ملائي اچان."

وانگ لنگ ٻنهي کي، پنهنجي زال ۽ پٽ کي، تحفن سميت اندر وڏي ڪمري ۾ ويندو ڏٺو. اها هن لاءِ وڏي عزت هئي. جڏهن هو هڪ ڪمري مان ۽ پئي مان ٿيندا، سندس نگاهن کان اوجهل ٿي ويا، ته هو دربان جي گهر ويو، جتي دربان جي زال کيس ميز جي پرسان هڪ مانَ واري جڳهه تي ويهڻ جي آڇ ڪئي. هن ڪنڌ لوڏ سان چانهه جو پيالو قبول ڪيو، جو هنن کيس ڏنو. وانگ لنگ پيالو وٺي اڳيان ميز تي رکيو ۽ اُن مان پيتو ڊڪ

به نه، ڇڻ اُن ۾ پيل جانهه جا پتا سنيءَ خوبيءَ ۽ معيار وارا نه هئا!

هن کي لڳو ته، گهڻي وقت کان پوءِ دربان سندس زال ۽ پٽ کي وٺي واپس وريو. وانگ لِنگ کا جهٽ زال جي منهن ۾ گهوري ڏسندو رهيو. ڇڻ ڏسندو هجي ته حويليءَ ۾ خير جي گذري يا نه. هاڻي وانگ لنگ اُو-لان جي موڪري منهن تي پاونائن کي چڱيءَ ريت پرکڻ ۽ پرجهڻ جي اهل ٿي ويو هو. هن جي منهن تي اطمينان جون جهلڪيون هيون. بهرحال، هو يڪدم سندس داستان ٻڌڻ لاءِ بي صبر ٿي ويو، ته انهن وڏن ڪمرن ۾ جتي هاڻي هو نه وڃي سگهيو هو، ڇو جو ڪو ڪم ڪونه هوس، ڇا وهيو واپريو.

دربان ۽ سندس ماتا جي سانورن واريءَ زال اڪيان موڪلائيءَ جي نوڙت ڪري، هو جلدي اُو-لان کي ڇڪي ٻاهر وٺي آيو. هن سنل ٻار کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪنيون.

"ها؟" هن منهن پنهنجي ڪلهي پنيان ڦيرائي ڪائنس پڇيو. جا سندس پويان اچي رهي هئي. جهٽ لاءِ ته هو سندس سست رفتاريءَ تي صبر نه وجائي وينو. هوءَ وڏي ڪيس ڪجهه ويجهو آئي ۽ جهڪي آواز ۾ چيائين:

"مان سمجهان ٿي، هو تڪليف ۽ پريشانيءَ ۾ آهن." هن صدمي واري لهجي ۾ چيو، ڇڻ ڪو بکيو ديوتائن اڳيان ٻاڏائيندو هجي.

"ڇا مطلب؟" وانگ لنگ هن تي زور وجهندي چيو.

پر هن جلد جواب نه ڏنو. هن لاءِ لفظ ڳولڻ ۽ اُنهن کي هورييان هورييان وات مان ڪڍڻ ئي ممڪن هو.

"وڏي سائڻ کي ساڳيو ئي ڪوٽ پيو هو، جو اڳئين سال پاتو هئائين. ايئن مُون اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. ٻانهين کي به نوان ڪوٽ ڪونه هئا." گهڙي کن ساهي پٽي، هن وري چيو: "مون ڪنهن به ٻانهيءَ کي پاڻ جيان نئون ڪوٽ نه ڏٺو." هن وري ڪجهه رکي چيو، "۽ منهنجو پٽ! ان جي مقابلي جو ته وڏي سائينءَ جي سرين وٽ به ڪو ٻار نه هو. جو سونهن ۽ لباس ۾ اسان جي ٻار سان مقابلو ڪري سگهي."

هن جي منهن تي هلڪي مُرڪ مڙي آئي، ۽ وانگ زور سان کلڻ لڳو ۽ ٻار کي پيار سان ڇاتيءَ سان لاتائين. هو ڪيترو نه ڀاڳوند هو! ڪيترو نه خوش هو! پر ٻيءَ گهڙي هڪدم هن ۾ خوف جي لهر ڊوڙي وئي! هو ڪهڙي نه حماقت ڪري رهيو هو. هڪ سهڻي ٻار سان هو ايئن خوش خوش کليئي آسمان هيٺان هلي رهيو هو. جتي ڪوبه بد روح اتفاق سان گهمندي ڪين ڏسي سگهيو پئي! هن يڪدم پنهنجي ڪوٽ جو پاسو ڪوليو ۽ ٻار جو منهن، اندر ڪري ڍڪي ڇڏيو، ۽ زور سان چيو:

"ڪيڏو نه افسوس آ، جو اسان جو ٻار ڇوڪري آهي، ۽ منهن تي ماتا جا داغ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انس! اڄ تہ دعا پنون تہ وري اچي!"

"ها! ها!" سندس زال جلدي ورائيو. هن کي هاڻي سمجهہ ۾ اچڻ لڳو هو تہ هُن کهڙو نہ غلط ڪم ڪيو هو.

ان احتياط کان پوءِ سُک جو ساهہ کڻي، وانگ لنگ هڪ دفعو وري زال کان پڇيو:

"خبر پيئي تہ اِيئن هيٺا حال ڇو ٿيا اٿن؟"

"مون کي اُن ڪراڙيءَ بورچياڻيءَ سان اڪيلائي ۾ ڳالهائڻ جو ٿورو وقت مليو، جنهن وٽ مان ڪم ڪندي هيس. اُن پئي چيو تہ هي گهر هاڻي گهٽو نہ هلي سگهندو. نوجوان نوابزادا، پنج ئي، پئسو پاڻيءَ جيان هاري رهيا آهن. اُهي پرڏيهہ آهن ۽ اُتان زالن پويان زالون هيڏانهن موڪلي رهيا آهن، ڇو جو اُنهن مان ٿڪجي پيون نيون ڪن ٿا. وڏو رئيس بہ گهر ۾ هر سال هڪ يا ٻن سُريتن جو اضافو ڪندو ٿو رهي. وڏي سائڻ روز اينتري جو آفيم کائي ٿي، جو اُن رقم سان بہ بوٽ سونَ سان هوند مڙهي سگهجن."

"سچي!؟" وانگ لنگ حيرت ۾ پئجي ويو.

"اجان تہ ايندڙ بهار ۾ ٽينءَ ڌيءَ کي بہ پرڻائڻو اٿن." اُو-لان ڳالهہ جاري رکي، ۽ "اُن جو ڏاج جڻ ڪنهن شهزاديءَ جو ڏاج ٿيندو، جنهن سان ڪنهن وڏي شهر ۾ سٺي سرڪاري جاءِ وٺي سگهجي ٿي. هن جا لٽا بهترين ساٽن سلڪ جا هوندا، ۽ سُوچو ۽ هانگچو طرز جي سلائيءَ ڪڙهائيءَ سان هوندا. اُنهن لاءِ درزي، پنهنجن ڪاريگرن جي ٽولي سميت، شهنگائيءَ مان گهرايو ويندو. سندس ڪپڙا ولايت جي عورتن کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ هوندا."

"ايترو خرچ جو ڪن ٿا تہ پرڻبي ڪنهن سان؟" وانگ لنگ چيو. پئسي جي ايڏي خرچ تي هو حيران ۽ وائڙو هو.

"سندس شادي شهنگائيءَ جي هڪ مئجسٽريٽ جي پئي نمبر پٽ سان ٿي رهي آهي." زال چيو ۽ پوءِ ڪافي وقت ساهي پٽڻ کان پوءِ چيائين: هنن تي شايد غريبي اچي ڪڙڪي آهي، - ڇو جو، وڏيءَ سائڻ خود پاڻ مون کي ٻڌايو تہ هو ڪجهہ زمين وڪڻڻ ٿا چاهين، سندن گهر جي ڏکڻ واري ڪجهہ زمين، شهر جي عالم پناهہ جي بلڪل ٻاهران، جتي هو هر سال ساريون ڪندا آهن، ڇو جو اُها زمين پلي آهي ۽ آسانيءَ سان عالم پناهہ واريءَ کاهيءَ مان اُن جي پيچ بہ ٿي سگهي ٿي."

"پنهنجي زمين وڪڻندا!" وانگ لنگ کي ڳالهہ تي اعتبار اچڻ لڳو هو. "پوءِ تہ سچ پچ غريب ٿي رهيا آهن. ڇو جو زمين تہ ماڻهوءَ جي رت ۽ ماس ٿيندي آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جهٽ لاءِ سوچيندو رهيو. ۽ پوءِ اوچتو کيس ڪو خيال آيو ۽ هن پنهنجي لونڊڙيءَ تي هٿ جي تري هڻئين. "مون کي تہ اهو خيال ئي نہ پئي آيو!" هن زال ڏانهن مڙندي چيو. "پاڻ اُها زمين وٺنداسين!"

هو هڪ ٻئي کي تڪڻ لڳا- هو خوشيءَ ۾. ۽ هوءَ وائڙپ سان.

"پر زمين... زمين..." هوءَ هبڪي رڪجي ويئي.

"مان اُها خريد ڪندس!" هن رعب سان چيو. "مان اُها هُوانگ جي وڏ گهراڻي کان خريد ڪندس!"

"پر اُها تہ اسان کان گهڻي پري آهي." هن ڏولائي سان چيو. "پاڻ کي تہ اُتي پچڻ ۾ اڌ سج چڙهي ايندو."

"مان اُها خريد ڪندس." هن ننر تي چيو. جيئن ڪو ٻار ماءُ کان ڪا شئي گهرڻ تي ضد ڪندو هجي.

"زمين وٺڻ سٺي ڳالهہ آهي." هن تذائپ سان چيو. "مٽيءَ جي ٻيت ۾ پئسن رکڻ کان تہ واقعي اِهو بهتر آهي. پر پنهنجي چاچي جي زمين ڇو نہ ٿو وٺين؟ هو اسان جي ٻنيءَ جي اولهہ واري پنهنجي زمين وڪڻڻ جون ڳالهيون ٿو ڪندو وتي."

"چاچي واري ٻني!" وانگ لنگ زور سان چيو. "مان مور نہ وٺان. هو تہ ويهن سالن کان اِن مان ٿلهو فصل ڪٽندو رهيو آهي. نہ ئي اُن ۾ پاڻ ذري وڌي اٿائين نہ ئي ڪڙُ جو ٽڪر. سڄي زمين سيڪجي ڪلراٺي ٿي چڪي آهي. نہ. مان هوانگ جي زمين خريد ڪندس."

هُن "هُوانگ جي زمين" جو نالو ايئن معمولي طرح ڪنيو. جڻ "چُنگ جي زمين" چوندو هجي. - چُنگ، جو سندس پاڙيسري هاري هو. هو اُن چَسي وڏي گهر جي واسين سان پُڇندو. هو چاندي هٿ ۾ ڪٺي وٺن ويندو ۽ سڌو سنئون اُنهن کي چوندو:

'مون وٽ ڏوڪڙ آهن. جيڪا زمين توهان وڪڻڻ چاهيو،ٿا. ان جو مُلهہ ڪيترو آهي' هن پاڻ کي ايئن وڏي رئيس سان ڳالهائيندو ٻڌو. ۽ اُن جي دلال کي چيائين ٿي: 'جيتري قيمت ٻين کي ڇئي آتي مون کي بہ اُهائي ٻڌاءِ. ڪهڙو اڳهہ آ؟ مون وٽ ڪوڙ ڏوڪڙ آهن.'

'۽ هُن جي زال جا اُن مغرور خاندان جي بورچيخاني ۾ ٻانهي هئي. سان اُن شخص جي زال هوندي جنهن وٽ اُها زمين هوندي - زمين جنهن نسلن کان هُوانگ جي ڪٽنب کي عظمت بخشي هئي.' او-لان جڻ سندس خيال کي سمجهي ويئي، ڇو جو هن يڪدم پنهنجي دل جي ڪِل ڪِل ختم ڪئي ۽ چيو:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بلڪل ونداسين. ساريال زمين هوڻ به سٺي هوندي آهي، ۽ آهي به ڪاهيءَ سان گڏ. جتان اسان کي سارو سال پيو پاڻي ملندو. پڪ ٿي پڪ."

هن جي منهن تي وري هلڪي مرڪ ڇانئجي وئي، مرڪ جا ڪڏهن به سندس چنجهين ڪارين اکين ۾ چمڪ نه آڻي سگهي هئي، ۽ گهڻيءَ دير کان پوءِ هن چيو:

"گذريل سال هِن ڏينهن، مان اُن گهر ۾ پانهي هيس!"

۽ هو هلندا رهيا، اُن خيال جي آسودگيءَ جي سانت ۾.

باب ڇهون

اُهو زمين جو ٽڪرو، جو وانگ لنگ خريد ڪيو، ڪا اهڙي شئي هئي، جنهن سندس زندگي ئي بدلي ڇڏي. پهريائين، جڏهن هن زمين کوٽي چاندي ڪڍي ۽ وڏي گهر ڏي ڪٽي ويو، ۽ پوءِ، جڏهن هن وڏي نواب سان برابريءَ جي درجي تي ڳالهايو، هن کي ڪجهه مايوسي ٿي، جڻ ايئن ڪرڻ تي پڇتائيندو هجي. جڏهن هن اهو گڏڙو خالي ڏٺو جنهن ۾ چاندي پوريل هئي ته هُن کي ڳالهه بيڪار لڳي، ۽ هڪدم خيال آيس ته جيڪر چاندي موٽائي وٺي اچي. 'هيءُ زمين به ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ پورهيو گهرنديءَ ۽ اُو-لان جيو پٽي ته اُها ڪافي پنڌ تي هئي، هڪ "لِي" کان به وڌيڪ جڻ ميل جو ٽيون حصو.' اُن جي خريديءَ ۾ ايترو شان شوڪت به ڪو نه مليو هوس، جو هن سوچيو هو. هو تمام سوير وڏي گهر ويو هو، جڏهن وڏو نواب اڃا ستو پيو هو. ايئن برابر هو ته اُن مهل اڃي منجهند ٿي هئي، پر اُتي بهچي، جڏهن هن وڏي واڪ چيو:

"رئيس وڏي کي ٻڌايو ته مان ڪنهن ضروري ۽ وڏي ڪم سان آيو آهيان. -ٻڌايوس ته اُن جو پئسن سان واسطو آهي." پر دربان لاپرواهيءَ سان وراڻيو هوس:

"ساريءَ دنيا جي دولت به مون کي ڪراڙي مڙس کي اٿارڻ لاءِ لاچائي نه سگهندي. هو پنهنجي نئينءَ سريت، 'آڙوءَ جي گل'، سان ستو پيو آهي، جيڪا آندي ٿي ڏينهن ٿيا اٿس، هن کي اٿاري مان پنهنجي زندگي جوکي ۾ نه وجهندس." پوءِ هن پنهنجي ٽِر جي وارن کي مروڙي، ڪجهه حقارت واري لهجي ۾ چيو: "ايئن نه سمجهه ته تو واري ڪا چاندي هن کي جاڳائي سگهندي. چاندي ته ڄمندي کان ئي سندس هٿن ۾ پئي رهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.“

آخر ۾ اُن لاءِ هن کي وڏي رئيس جي دلال سان ئي لهه وچڙهه ۾ اچڻو پيو. جنهن ترنياڪ حراميءَ جا هٿ سندس چانديءَ سان ڀرجي ويا هئا. وانگ لنگ کي اِن ڪري ڪڏهن لڳندو هو ته چاندي بهرحال زمين کان بهتر هئي. ’چانديءَ کي ماڻهو ڀري کان ئي جرڪندو ڏسي پئي سگهيو!‘

پر خير! هاڻي زمين سندس هئي. نيٺ، هڪ ڏينهن، نئين سال جي ٻئي مهيني ۾ سنجها ڀيريءَ هو اُها ڏسڻ ويو. اَجان ڪنهن نه ٿي ڄاتو ته اُها هُن جي هئي ۽ اڪيلو ئي اُها گهمڻ نڪتو هو. هڪ وڏو چؤڪنڊو پوريءَ زمين جو ٽُڪرو، جو شهر جي چوگرد کاهيءَ سان لڳ هو. هن خيال سان زمين ماپي. ٽي سئو وکون ڊيگهه ۽ موڪر ۾ هڪ سئو ويهه وکون. چار پٿر اجان به حدن جي ڪنڊن تي لڳا پيا هئس، جن تي هُوانگ گهراڻي جي مهر اُڪريل هئي. ٺيڪ آ، هو اُهي مَٽائيندو. هو پيا پٿر هٽندو، جن تي سندس نالو هوندو. - پر هاڻي نه. چو جو هو اجان اُن لاءِ تيار نه هو ته ماڻهن کي خبر پوي ته ڪو هو ايترو مالدار ٿي چڪو هو، جو وڏي گهر جي زمين ورتي هئائين. هي اُهو ڪم پوءِ ڪندو، جڏهن هو ايترو شاهوڪار ٿي ويندو، جو سندس ڪا به ڳالهه عجيب نه لڳندي. زمين جي اُن وڏي آئٽي ڊانهن ڏسندي، هن دل ۾ سوچيو:

’هِن وڏي گهر ۾ رهندڙن لاءِ ته هيءَ ٻني ڪا معني نٿي رکي، پوريءَ مٽيءَ سان ڀرپور زرخيز زمين، پر منهنجي لاءِ ڪيتري نه معني ٿي رکي!‘

وري سندس خيال پلٽو کاڌو ۽ پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳيس ته هڪ ننڍڙي زمين جي ٻاري کي ايڏي اهميت ڏئي رهيو هو. ڇالاءِ جو جڏهن هن پنهنجي چانديءَ جي ڳوٿري دلال آڏو خالي ڪئي هئي ته هُن بي پرواهيءَ سان اُها ميڙي هٿن ۾ کڻي چيو هو:

”بهرحال، چند ڏينهن لاءِ وڏيءَ سائڻ جي آفيم لاءِ ڪافي آهي!“

اُن وڏي گهر ۽ هن جي پنهنجي وچ ۾ اِهو وڏو فرق اوچتو هن کي اٿانگو ۽ بي انتها لڳو. سندس اڳيان واري پاڻيءَ سان ڀريل کاهيءَ جيان، يا ان جي پريان اوچي عالم پناهه جيان، جا سڌي ۽ اُڀي سندس آڏو بيٺي هئي. هن جي اندر هڪ ڪاوڙ ڀريل اٽل ارادو پيدا ٿيو ۽ هُن پاڻ کي چيو ته هو اُهو ڳڌڙو وري وري چانديءَ سان ڀريندو، جيستائين هُن وڏ گهراڻي کان ايتري زمين نه وٺندو، جو هيءَ ورتل زمين اُن جي ڀيٽ ۾ انچ نظر اچي.

اهڙيءَ ريت زمين جو هي ٻارو وانگ لنگ لاءِ هڪ نشاني ۽ هڪ علامت ٿي پيو.

تيز هوائن ۾ وَسيل ڇڙوڇڙ ڪڪرن سان بهار جي موسم اچي ويئي، ۽ وانگ لنگ لاءِ سياري جا نيم - سُست ڏينهن زمين تي محنت ڪرڻ جي وڏن ڏينهن ۾ تبديل ٿي

ويا. پڊو هينئر پار جي نگهباني ڪندو هو ۽ اُو-لان باڪ کان سج جي لهڻ تائين مڙس سان ٻنيءَ تي ڪم ڪندي هئي. جڏهن وانگ لنگ پروڙي ويو تہ هوءَ وري ڳُور سان هئي، تہ پهريندي هن کي ڪاوڙ آئي تہ لاباري ويل هوءَ ڪم جي قابل نہ هوندي. هُن گهنجيل مُنهن ۽ ٺڪل آواز سان چيو:

"پار لاءِ بہ هيءَ مهل هٿ آيئي، هون!"

"هن ڀيري ڪجهہ نہ ٿيندو. رڳو پهرئين پار ۾ تڪليف ٿيندي آهي."

اُن ڪان وڌيڪ ٻئي پار لاءِ ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي. سندس وڌيل پيٽ ڏسڻ کان ويندي ويم واري ڏينهن تائين هنن اُن پار بابت ڪا گفتگو ڪانہ ڪئي. پوءِ هڪ ڏينهن سرءَ جي مند ۾ صبح جي مهل هن ڏاتو پٽ تي رکيو ۽ گهر هلي ويئي. اُن ڏينهن منجهند جي مانيءَ لاءِ بہ هو گهر نہ ويو. آسمان گجندڙ بادلن سان ڀريو پيو هو، ۽ هن جون ساريون پڪيون. ڍيرين ۾ کوڙ ڪرڻ لاءِ تيار پيون هيون. پوءِ سج لهڻ کان اڳ ۾ هوءَ وري اچي سائس ٻنيءَ ۾ بيٺي. هن جو پيٽ سنئون سڌو پر مُنهن ماٺِ ۾ منجهيل هو. هُن چاهيو تہ جيڪر کيس چوي:

'اَج تو گهڻو ڪيو آهي. - وڃي بستري تي آرام ڪر!' پر سندس پنهنجي سرير جي سُور ۽ ٿڪ کيس ڪنور ٻٽائي ڇڏيو، ۽ هن دل ۾ چيو پاڻ بہ اينترو پورهيو ٻنيءَ ۾ ڪيو هئائين جيترو هُن پار ڄڻڻ ويل سَنو هوندو. اِن ڪري ڏاٽي جي آواز جي وچ ۾ هُن رڳو اينترو چيو:

"ڇوڪرو آ، ڇوڪري؟"

هن جهيٽائيءَ سان ورائيو:

"هيل بہ پٽ آهي."

هنن هڪ ٻئي کي وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو، پر هو سرهو هو، ۽ بار بار نوڙڻ ۽ اٿڻ کيس گهٽ تڪليف وارو لڳو. هو تيستائين ڪم ڪندا رهيا، جيستائين روشن چنڊ جبلن کان ڪافي مٿي نہ چڙهي آيو. پوءِ هو ڪم پورو ڪري گهر موٽيا.

ماني کائڻ، پنهنجي ڏوڙ واري بت کي ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوئڻ ۽ وات کي چانهن سان سوادي ڪرڻ بعد وانگ لنگ پنهنجي ٻئي پٽ کي ڏسڻ لاءِ اندر ويو. ماني ڪرڻ کان پوءِ اُو-لان بستري تي وڃي ليٽي هئي ۽ پار سندس پاسي ۾ ليٽيو پيو هو. - ٿلهيل، سدورو ۽ خوش خورم، پر پهرئين جيان متارو نہ. وانگ لنگ هن کي ڏسندو رهيو ۽ اطمينان سان خوش خوش وڃي ڪمري ۾ موٽي آيو. ٻيو پٽ - هر سال ٻيو، ۽ ٻيو، ۽ ٻيو - ڪو هر سال تہ ڳاڙهن آنن جو خفو نہ ڪندو؛ پهريتي لاءِ ئي اينترو خفقان ڪرڻ ڪافي هو. هر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال پٺ: گهر جو ڀاڳ کليو هو. - هن عورت هُن لاءِ رکو نصيب ئي نصيب آندو هو. هُن رڙ ڪري ٻيءُ کي چيو:

"ٻريا مڙس. وري به پوٽو ڄايو ٿِي. هاٿي وڏي کي توسان ڪٽي سمهاربو!"

پوڙهو خوشيءَ سان سرشار ٿي ويو. هن ڪيتري وقت کان خواهش پئي ڪئي ته اهو ٻار سائس سُمهي ۽ سندس ٿڌي گوشت کي نئين ۽ گرم هڏ ۽ رت سان ڪوسو ڪري. پر ٻار ماءُ جو پاسو نه ڇڏيندو هو. بهرحال هينئر. اٿي بيهڻ ٽيڙ ڪائڻ واريءَ عمر ۾ اڪيون ٻارُ ماءُ جي پاسي ۾ نئين چاول ٻار کي تڪي رهيو هو. پنهنجي اداس اکين سان هن محسوس ڪيو ته سندس جاءِ ٻيو والاري چڪو هو. هو ٻنان ڪروڌ ۽ ضد جي پوڙهي جي بستري ۾ سمهڻ لاءِ هُن جي ٻويان هليو ويو.

هيل به فصل پلو ٿيو ۽ وانگ لنگ پنهنجي پيداوار مان گهٽي چاندي ڪني ڪئي. ۽ هينئر به هن اُها پٽ جي پر واري ڪُڏڙي ۾ لڪائي رکي. پر هوانگ واريءَ زمين مان جا هن ساري ڪنئين سا سندس پنهنجيءَ اصل واريءَ زمين جي سارين کان بيٽي انداز ۾ هئي. نئين زمين جي مٽي ايتري زرخيز هئي. جو ساريون ايئن ٿي اٿيون جيئن غير ضروري ڊپ ۽ ٻوڙا ايري پکڙجي ويندا آهن. هينئر هر ڪنهن کي خبر پئجي چڪي هئي ته اُها زمين هُن جي هئي. سندس ڳوٺ ۾ ڪيس چڱي مڙس بڻائڻ جو چوٻول ٿيڻ لڳو.

باب ستون

وانگ لنگ جو چاچو هاڻي هُن لاءِ پريشانيءَ جو سبب ٿيڻ لڳو. جنهن جو هُن کي شروع کان خدشو هو ته هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور ٿيندو. سندس هيءَ چاچو پٽس جو ننڍو ڀاءُ هو. ۽ مٽي مائٽيءَ جي هر لحاظ کان. پنهنجي ڪنٻ جي واسطي اَڻ هوند جي حالت ۾. هن کي وانگ لنگ تي ئي ٻاڙٿو ٿي پيو. جيستائين وانگ لنگ ۽ پٽس غريب هئا. ۽ ڏکيائيءَ سان پنهنجو پيٽ قوت ڪندا هئا. ته چاچهنس پنهنجي زمين تي پورهيو ڪري ايترو ڪجهه ڪري ونندو هو. جو پنهنجي زال جو ۽ ستن ٻارن جو مڙيوئي گذر ٿي ويندو هوس. پر هڪ دفعو پيٽ ڀري ڪائڻ کان پوءِ اُنهن مان ڪو به ڪم نه ڪندو هو. جوئس ته گهر جي پَٽ کي ٻهاري ڏيڻ جي تڪليف به نه ڪندي هئي. ۽ ٻار ته ماني ڪائي وات ڌوئڻ يا صفا ڪرڻ جي خفي ۾ به نه پوندا هئا. مٿان خواريءَ جي ڳالهه اها هئي. جو جيئن

ڇوڪريون وڏيون ٿيڻ لڳيون، ۽ شاديءَ جي عمر جون ٿيڻ واريون ٿيون. تڏهن به ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڊڪنديون وتنديون هيون. پورا ناسي وار ڪولي ڪلهن تي ڦٿا ڪري گهمنديون هيون. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته مردن سان به بيهي ڳالهائينديون هيون. هڪ ڏينهن پنهنجي وڏيءَ سوٽِ کي اِن حالت ۾ ڏسي، هو ايترو ڪاوڙيو، ڇاڪاڻ جو اُن ۾ سندس خاندان جي بي عزتي هئي، جو هُو همت ڪري پنهنجي چاچي جي گهر ويو ۽ چاچيءَ کي چيائين:

”هينئر، مُنهنجي سوتِ جهڙي ڇوڪريءَ سان ڪير شادي ڪندو، جنهن تي هرڪو ماڻهو نظر وجهي سگهي ٿو؟ ٽن سالن کان هوءَ پرڻجڻ جي عمر جي ٿي چڪي آهي ته به رلندي پئي وتي. هينئر، اج مون هڪ نڪسي ڳوناٽي کي ڏٺو جو ڪيس ٻانهن کان جهلي بيٺو هو، ۽ هوءَ ڏند شيڪي هُن سان ڪلندي ٿي رهي!“

سندس چاچيءَ جي جسم ۾ هُن جي زبان کان سواءِ ڪو به عضوو هلندڙ چلندڙ سرگرم نه هو، ۽ اُها، هينئر، هُن وانگ لنگ تي هلائڻ شروع ڪئي:

”نيڪ آ. پر ڏاج لاءِ، شاديءَ جي خرچ لاءِ، ۽ وچ واري لاءِ ڪير رقم ڪڍي ڏيندو؟ جن وٽ گهرج کان وڌيڪ زمين آهي، ۽ جي اجا به وڌن خاندان کان وڌيڪ زمين خريد ڪرڻ لاءِ چاندي ڪٺي ڪري چڪا آهن، تن لاءِ ته اِهي ڳالهيون ڪرڻ نيڪ ۽ سوليون آهن. پر تنهنجو چاچو ته هڪ بدنصيب شخص آهي، ۽ منڍ کان ئي نياڳو آهي. هن جي قسمت ئي خراب آهي، جنهن ۾ هُن جو ڪو ڏوهه نه آهي. خدا جي ڪا اِها مرضي آهي. جتي ٻين جا پلا فصل ٿا ٿين ته هُن جو ٻج ئي زمين ۾ مَريو وڃي ۽ رڳو ڊڀ ۽ گاهه پيا ڦٽن، جيتوڻيڪ ويچارو وَهي وَهي چيلهه ڀڳي ڪريو ڇڏي.“

هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي، ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي، ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي. هن مٿي تي نهيل وارن جو ڇوٽو کولي وار کولي ڇڏيا، ڇُنڊا منهن تي ڪري، روح راڙو ڪرڻ لڳي.

”اڙي، توکي ڪهڙي خبر ته بدقسمتي ڇا ٿيندي آهي! جڏهن ٻين جي زمين پلو سارين ۽ ڪٽڪ جو فصل ڏيندي آهي، ته اسان جي ٻوڙا ڏيندي آهي؛ ٻين جا گهر سو سالن تائين بيٺا هوندا آهن، ته زمين لڏي اسان جون ڀتيون ڪيرايو ڇڏي؛ ڀيون پٽ ڄڻينديون آهن، ته مان ڇوڪريون پئي ڄڻيان؛ هاءِ اسان جو نياڳ!“

هوءَ ڏاڍيان ڇيخون ڪرڻ لڳي ۽ پاڙي واريون پنهنجي گهرن مان نڪري آيون ۽ ڪيس ۽ ڏسڻ ٻڌڻ لڳيون. وانگ لنگ ڪِرو تڙو بيٺو رهيو، ۽ جو ڪجهه چوڻ آيو هو، سو چئي وڃڻ پئي چاهيائين.

”تڏهن به“ هن چيو، ”جيتوڻيڪ اِهو منهنجو فرض نه آهي ته ڪو پيءَ جي پاءَ

ڪي صلاح مشورو ڏيان. مان ايترو چوندس ته ڇوڪريءَ جي شادي ڪرائي ڇڏجي. جو اجا ڪنواري آهي. نه ته جڏهن ماڻهن کي خبر پئي ته هوءَ رستن جي رولاڪ ۽ آواره آهي ته...."

ايترو چئي، هو پنهنجي گهر هليو ويو ۽ چاچيءَ کي روج ڪندو ڇڏي ويو. هن جي دل ۾ هن سال هُوانگ گهراڻي کان وڏيڪ زمين ونڻ جي نيت هئي. ۽ سال به سال اجا به وڏيڪ زمين ونڻ جي. جيتري هو وني ٿي سگهيو. هن گهر ۾ هڪ وڏيڪ ڪمري جي واڌاري جو ارادو پئي ڪيو. اِن ڪري هُن کي اُن تي ڪاوڙ پئي آئي، جو پاڻ ۽ پٽن کي ته ترقي ڪندو پئي ڏنائين. ۽ سندس رت ست سئوٽيون سندس خاندان جي نالي کي خراب ڪري رهيون هيون.

پئي ڏينهن سندس چاچو وٽس زمين تي آيو جتي هن ڪم پئي ڪيو. او-لان بنيءَ تي ڪانه هئي، ڇو جو پئي ڀار کي ٽئي ڏهه ڇنڊ گذري چڪا هئا. ۽ ٽيون ويم مٿان اچي بيٺو هوس. هن پيري هن جي طبيعت ڪجهه خراب هئي. ۽ ڪيترن ڏينهن کان پوکيءَ تي ڪانه آئي هئي، جنهن ڪري وانگ لنگ اڪيلو ڪم پئي ڪيو. سندس چاچو ڪيڙيءَ مان ڪَنڌَ لاڙَ ڪيون پئي آيو. سندس ڪپڙن جا بٽڻ هميشه جيان پِڱل ۽ کليل هئا. سدائين ڍِلا ۽ ڪمرپٽي سان اٽڪيل. ايترو اُتاچرا جو لڳندو هو ته هوا جو جُهوٽو آيو نه آهي ۽ هو اُگهاڙو ٿيو نه آهي. هو وڏي وانگ لنگ وٽ آيو. هو چپ ڪري بيهي رهيو. ۽ وانگ لنگ بينل رَهَن جي ٻاري جي گڏ ڪرڻ لڳو. آخر ڪار وانگ لنگ بدنيتيءَ سان ڏانهنس نهارڻ ڌاران، چيو:

"چاچا، معاف ڪجو. جو ڪم ڇڏي نٿو سگهان. توکي ته خبر آ ته رَهَن جي پلي فصل لاءِ ان جي ٻه يا ٽي دفعا گڏ ضروري آهي. تو شايد ڪم پورو ڪري ڇڏيو آهي. مان ٿورو ڇَلهو آهيان - هڪ غريب هاري - ڪم ايترو اٿم جو آرام جو وقت ئي نٿو مليم."

سندس چاچو. وانگ لنگ جي ٽوڪ ۽ طنز کي بلڪل سمجهي ويو. پر هن ڏيرج سان وراڻيو:

"مان ته هڪ بدنصيب ماڻهو آهيان. هيل ويهن ٻارن مان رڳو هڪ ٻاري ۾ رَهَن جو ٻج ڦٽو. اُن بيڪار فصل لاءِ رنبي هلائڻ مان ڇا فائدو. هن سال ته اسان کي کائڻ لاءِ به رَهان خريد ڪرڻا پوندا." ۽ هن اُپو ساهه پريو.

وانگ لنگ دل مضبوط ڪئي. هن ڄاتو پئي ته چاچهنس ڪائنس ڪجهه ونڻ ئي آيو هو. هن هوريان هوريان وري رنبو هلائڻ شروع ڪيو. ۽ اڳ ئي گڏ ڪيل زمين مان ننڍا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نندا پٽر به ڀورڻ لڳو. رهَن جو فصل ڪڙو ٻيڻو هو. ۽ اُس ڪري چانو جو ڀتو ٽاهيو ٻيڻو هو. نيٺ سندس چاچي ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"گهر ۾ ڪنهن مون کي ٻڌايو ته توکي منهنجي ڏتڙيل ڪين جهڙين ڇورين ۾ دلچسپي آهي. تو جو ڪجهه چيو سو بلڪل صحيح آهي. تون عمر کان وڏيڪ سياڻو آهين. سندس شادي ٿيڻ گهرجي. هوءَ پندرهن سالن جي آهي ۽ هن مهل تائين ته ٽي ٻار به ڄڻي ڇڏي ها. مون کي سدائين اهو ڀئو رهندو آهي ته ڪنهن لوفر مان کو حرامي ٻار نه ڄڻي ۽ اسان جي خاندان لاءِ خواريءَ جو باعث بڻجي. سوچ ته اها خواري اسان جي ڪٽنب لاءِ، تنهنجي چاچي لاءِ، کهڙو نه ذلت جو ڪارڻ ٿيندي!"

وانگ لنگ رنبو پٽ تي رکيو. هن اڄ صاف صاف ۽ کلي ڳالهائڻ پئي چاهيو-

" ته پوءِ هن تي ڪرڙي نگاهه ڇو نه ٿو رکين؟ هن کي فضيلت سان گهر ۾ ڇو نه ٿو ويهاري ڇڏين؟ هن کان ٽانوَ ٻهاري ڇو نه ٿو ڪرائين؟ گهر ۾ ٽوپو تڙو ڇو نه ٿو ڪرائينس؟"

پر ڪو پنهنجي وڏڙي سان اهڙيون ڳالهيون ڪيئن ٿو ڪري سگهي! هُو خاموش رهيو. ۽ وري آهستگيءَ سان گڏ ڪرڻ لڳو. ۽ هڪ نئيڙي ٻوٽي کي جهلي انتظار ڪرڻ لڳو.

"جي منهنجو ڀاڳ ڀلو هجي ها!" سندس چاچي چيو. سندس لهجو ڪجهه غمگين هو. "تو پنهنجي پيءُ جيان اهڙي عورت سان شادي ڪئي آهي. جا ڪم به ڪري ٿي ته ساڳي وقت پٽ به ڄڻي ٿي. پر ان جي بجاءِ منهنجي زال سواءِ گوشت ۽ ماس وڌائڻ جي ٻيو ڪجهه ڪين ٿي ڪري، ۽ ڄڻي به رڳو ڇوڪريون ئي ٿي. مون وارو هو نِڪمو پٽ جو سستيءَ ۽ ڪاهليءَ ڪري پٽ کان به بدتر آهي! نه ته جيڪر مان به تو جيان سرنديءَ وارو هجان ها. مان ته جيڪر پنهنجي دنيا مان توکي به سرچايان ها. تنهنجي ڇوڪرين جو مان سُٺَن گهرن ۾ رشتو ڪرايان ها. تنهنجي پٽن کي مان ڪنهن دڪان تي ڪاربارو سکڻ لاءِ لڳايان ها ۽ وڏيءَ دل سان اُن لاءِ ضمانت ڏيان ها. تنهنجي گهر جي مرمت ڪندي، مان خوش ٿيان ها. تون اهي طعام کائين ها. جي اسان کائون ها. نه رڳو تون پر تنهنجو پيءُ به ته ٻار به. آخر ته هڪُ رتُ آهيون!"

وانگ لنگ ٿوري ۾ جواب ڏنو:

"توکي خبر آ ته مان ڪو امير نه آهيان. مون کي پنج ڀاتي کارائڻا ٿا پون. ۽ بابو به ٻڍو ۽ ڪم ڪار کان وينل آهي. ٻيو هڪ اڃا اچڻ وارو آهي."

چاچهنس تکائيءَ سان ورائيو: "تون امير آهين. - شاهوڪار ماڻهو آهين. تو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي گهر ڪان زمين خريد ڪئي آهي. خدا ڄاڻي ڪيتري وڏي اگهه تي - بيو ڪو ڳوٺ ۾ آهي، جو ايئن ڪري سگهي."

ان تي وانگ لنگ کي ڪاوڙ آئي. رنبو زمين تي اڇلائي. هن اوچتو رڙ ڪئي، ۽ چاچي ڏانهن گهوريو - "اڄ منهنجي گهر ۾ ڪا مٺ کن چاندي آهي ته اُها ان ڪري، جو مان ڪم ڪريان ٿو، ۽ منهنجي زال به پورهيو ڪري ٿي. اسين، بين جيان، ٿوٽي بٽيا جُوا تي ڪونه ٿا ويهون. يا گهر جي ڪڏهن به ڪين ٻهاريل چائنٺ تي ويهي، ڏاڙان ڏِشا ئتا هٽون، جو ٻنين ۾ گاهه ۽ پوڙا ڦٽن ۽ ٻار اڌ بکيا رهن!"

سندس چاچي جي منهن تي رت چڙهي آيو ۽ زور سان سندس ٻنهي ڳلن تي چماٽون وهائي ڪڍيائين.

"اهو آٽئي"، هن چيو. "پنهنجي پيءُ جيڏن سان ايئن ڳالهائڻ جو انعام. ڪو ادب ۽ اخلاق به آٽئي يا نه؟ ايترو بيهودو ٿي ويو آهين. تو ڪڏهن اهو نه ٻڌو آهي جو مقدس ڪتابن ۾ لکيل آهي ته وڏن کي صلاح ڏيڻ ننڍن جو ڪم نه آهي؟"

وانگ لنگ منهن سڄايو خاموش بيٺو رهيو. هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس هو، پر گڏوگڏ اُن شخص تي، جو سندس چاچو هو، ڪاوڙ به انتها درجي جي هيس.

"مان تنهنجي ڳالهه سڄي ڳوٺ کي ڪندس!" سندس چاچي نِڙي تي زور ڏئي رڙ ڪئي، "ڪالهه تون منهنجي گهر چڙهائي ڪري آئين، ۽ گهٽيءَ ۾ بيهي رڙيون ڪرڻ لڳين ته منهنجي ڌيءَ ڪنواري نه آهي، اڄ تو مون کي بدشد ڳالهايو آهي. جي تنهنجو پيءُ لنگهي تو وٽ اچي ها ته ڇا اُن سان به ايئن ڳالهائين ها؟ هائي پل ته منهنجي ڪا به ڇوڪري ڪنواري نه رهي، پر مان ڪنهن جي واتان به اهڙيون ڳالهيون نه ٻڌندس." ۽ هو بار بار ورجائيندو رهيو، "مان سڄي ڳوٺ کي ٻڌائيندس - سڄي ڳوٺ کي ٻڌائيندس -" هو ايستائين اهو ورجائيندو رهيو، جيستائين وانگ لنگ، بي دِليو چيو:

"تون مون مان ڇا ٿو چاهين؟"

اِن ڳالهه ڪيس ڌچڪو لڳايو ته متان اها ڳالهه ڳوٺ ۾ پکڙجي وڃي، آخر ڪار ته هو ساڳيو رتُ ستُ هئا!

هن جي چاچي ۾ يڪدم تبديلي اچي ويئي. هن جي ڪاوڙ گم ٿي ويئي. هن مرڪي وانگ لنگ جي ٻانهن کي ورتو.

"آنهه - مون کي خبر هئي ته تون سنو ڇوڪر آهين - سنو ڇوڪر -" هن چيو، "تنهنجو پوڙهو چاچو توکي چڱيءَ طرح سڃاڻي، - تون منهنجي پٽ برابر آهين. پٽ، هن پيڙي جي هٿ ۾ ٿوري چاندي. بس، ڏهه کن سڪا، يا نَون مان به ڪم ٿي ويندو، ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن مان وچ واري سان اُن چوريءَ جي بندوبست لاءِ ڳالهائڻ شروع ڪريان. هائو! تون صحيح هئين. هي وقت آهي - وقت آهي ته هن کي پرتائجي." هن ٿڌو ساهه کڻي ڪنڌ لوڏيو ۽ پاڪ خيال سان ۽ خوف وچان آسمان ڏانهن نهارڻ لڳو.

وانگ لنگ رنبو کنيو ۽ زمين تي وهائڻ شروع ڪيو.

"گهر اچ." هن چاچي ڏي نهارڻ ڏاران چيو. " مان ڪو شهزادن جيان پئسا ساڻ کنيون ڪونه وتندو آهيان." ۽ هو ڪم ڪندو اڳتي وڌي ويو. ڪيس ڳالهائڻ ئي نه پئي وڻيو. ڇو جو. ڪجهه رقم. جنهن سان هن وڏيڪ زمين وٺڻ پئي چاهي. سا ڪائنس ڪسجي سندس چاچي جي هٿ ۾ وڃئي هئي. جنان رات ختم ٿيڻ کان اڳ ئي جُوا جي ميز تي هلي وڃئي هئي.

هو ڪاوڙ ۾ پنهنجي گهر ۾ گهڙيو. سندس ٻه پٽ اگهاڙا اُس ۾ چائنٽ وٽ کيڏي رهيا هئا. اُنهن کي هٽائي هو اندر گهڙيو. سندس چاچي پاٻوهه سان نندن نينگرن کي پاڻ وٽ سڏيو. ۽ پنهنجي ڪٺل ڪپڙن جي ڪنهن ڪيسي مان هنن لاءِ به ٽامي جا سڪا ڪڍيا. هن ٻارن کي پنهنجن ٿلهن گدلن هٿن ۾ ورتو ۽ پنهنجو سنگهن هاٺو نڪ سندن اُس ۾ ڳاڙهي ٿيل صحتمند جسم سان لائي. وري وري اُهو سونگهيو.

"واهه ڙي واهه. منهنجا ننڍڙا ٻچڙئو!" هُن ٻنهي کي الڳ الڳ ٻانهن ۾ جهليندي چيو.

پر وانگ لنگ نه ترسيو. هو اُن ڪمري ۾ ويو جتي زال سان سمهندو هو. اندر ڏاڍي اوندهه هئي. هو ٻاهران اُس جي چمڪندڙ روشنيءَ مان آيو هو ۽ اندر ڳڙکيءَ واري وٿيءَ مان ايندڙ روشني جي ليڪ ڪانسواءِ هو ڪجهه به نه پئي ڏسي سگهيو. پر گرم رت جي بوءِ. جا اڳ به هو به دفعا سنگهي چڪو هو. هُو يڪدم محسوس ڪري ويو. ۽ تيزي سان پڇيائين.

"هاڻي چاهي - وقت تي ويو ڇا؟"

سندس زال جو اهڙو جهيڻو آواز بستري مان آيو. جهڙو هن ڪڏهن نه ٻڌو هو. هيڻو ۽ ڪمزور.

"سڀ خير سان ٿي ويو - رڳو هن ڀيري ڇوري. ٻانهي. ٿي آهي - جهڙي ٿي تهڙي نه. ان ڪري نه ٻڌايو مانءِ."

وانگ لنگ بت بڻجي بيهي رهيو. بدنصيبيءَ جو احساس هُن کي وڪوڙي ويو. ڇوڪري. ڇوڪري ئي نه چاچهنس جي گهر ۾ سڀ پريشانيون پيدا ڪري رهي هئي. هاڻي سندس گهر ۾ به ڇوڪري ڄائي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پوءِ تڪڙو تڪڙو ۽ سڌو پٺ طرف ويو ۽ هٿڙا هٿي کهري جاءِ ڳولڻ لڳو جا پئسن لڪائڻ واريءَ جاءِ جي نشاني هئي. هن مٽيءَ جو ڇڪو پٽيو ۽ ننڍڙي چانديءَ جي ڏٻڙيءَ ۾ هٿ وڌو ۽ اتان نَوَ سڪا ڳڻي ڪڍيا.

"پئسا چالاءِ ٿو ڪڍين؟" اوندهه ۾ اوچتو سندس زال جو آواز اڀريو.

"مجبورن چاچي کي اڌارا ڏيڻا تا پون." هن توري ۾ وراڻيو.

پهريائين تہ جوتس ڪجهہ نہ چيو. پر پوءِ صاف ۽ ڳري آواز ۾ چيو.

"اِن کي اوڌر چوڻ تہ نہ ٿو نهي. اُن گهر ۾ اوڌر جو سوال ئي نٿو ٿئي. اتي تہ رڳو ڏيڻ هوندو آهي."

"ٺيڪ آ. اها مون کي بہ خبر آ." وانگ لنگ ڪَڙي لهجي ۾ وراڻيو. "مان چڻ پنهنجو هڏ ماس ڪٽي ڪيس ڏيئي رهيو آهيان. بنان ڪنهن سبب جي، سواءِ اِن جي تہ اسين ڪو ساڳيو رَتُ بہ آهيون."

پوءِ دَر جي چائنٺ وٽ وڃي، هن پئسا چاچي ڏانهن اڇلايا ۽ سڌو ٻنين ڏانهن هليو ويو. ۽ اُتي ايئن ڪم کي جُنبي ويو چڻ زمين کي بنيادن کان پٽي اٿلائي ڇڏيندو. هو سڄو وقت پنهنجي چانديءَ بابت سوچيندو رهيو. هن خيالن ئي خيالن ۾ ڏٺو تہ اها بي پرواهيءَ سان جُوا جي ميز تي ڪِري رهي هئي، ڪو ٻيو هٿ ريڙهي اُن کي پنهنجي طرف ڪري رهيو هو. سندس چانديءَ کي! چاندي جا هُن سُورن سان پنهنجي زمين مان اپائي هئي، تہ جيئن اُن کي وڌيڪ پوڻ ۾ بدلائي سگهي.

شام ڌاري وڃي سندس ڪاوڙ ۽ جوش ڍرو ٿيو. ۽ هن ڪم مان پٺي سڌي ڪئي ۽ گهرُ ۽ ماني ياد آيس. پوءِ هن کي اهو نئون جيءُ ياد آيو. جو اُن ڏينهن سندس گهر آيو هو. هن کي زوردار جهٽڪو لڳو تہ سندس گهر بہ ڏيئن جو جمڻ شروع ٿيو هو. جي پنهنجي والدين جون نہ رهنديون آهن، پر ٻين گهراڻن لاءِ ڇٽيون ۽ پاليون تاتيون وينديون آهن. ان ڪاوڙ ۾ جا ڪيس چاچي تي هئي، ڪائنس اهو بہ وسري ويو. جو ٻيهي، اُن نئين آيل مخلوق جو منهن بہ ڏسي.

هي پنهنجو رنبو هٿ ۾ جهليو غمگين ٿيو بيٺو هو. ٻئي فصل کان اڳ ۾. هاڻي هو. وڌيڪ زمين نہ ڳنهي سگهندو. جا سندس ورتل زمين جي دنگ سان هئي. هڪ ڪائڻ وارو ٻيو بہ وڌيو هو. سنجها جي زرد ڪوڏ جهڙي رنگ واري آسمان تان ڪانون جو هڪ ولر لنگهيو - بلڪل ڪارا. سندس مٿان چڪر ڪائڻ لڳا. ۽ زور سان ڪان ڪان ڪرڻ لڳا. هن ڪين. پنهنجي گهر پاسي هڪ وڻ ۾. ايئن ڪم ٿيندي ڏٺو چڻ ڪاري جُهڙ ۾ گم ٿي ويا هجن. هو پنهنجو رنبو اُنهن ڏانهن الاريندو ۽ رڙيون ڪندو گهر طرف ڀڳو. هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوريان هوريان اٿيا. ۽ سندس مٿان هَر هَر چڪر ڪاٽڻ لڳا. ۽ پنهنجي ڪان ڪان سان سندس ٺٺولي ڪرڻ لڳا. ۽ آخرڪار آسمان جي اونداهيءَ ۾ غائب ٿي ويا.

هن ڏاڏيان پُڻ پُڻ شروع ڪئي - 'اُهو خراب سوڻ هو!.'

باب اٺون

ايئن لڳندو آهي، جي هڪ دفعو ديوتا ڪنهن ماڻهوءَ تي ناراض ٿي پيا، تہ وري ڪيس پنهنجي ڪرم جي نظر ۾ نہ آڻيندا آهن. اونهاري جي اوائل ۾ جي مينهن اچڻا هئا تن جڻ پنهنجي آمد ملتوي ڪري ڇڏي. ڏينهون ڏينهن آسمان وڌيڪ صاف ۽ چمڪدار ٿيندو ويو. اُجايل ۽ بڪايل ڌرتيءَ اُنهن لاءِ ڪا معني نہ پئي رکي. پھرن جا پھر گذري ويندا هئا. پر ڪو ڪڪر ٽڪر ڪٿي نظر نہ ايندو هو. رات جو آسمان ۾ تارا، سُنهري ۽ سُهڻا، پر چپ چاپ، مُنهن سجايو چيڙيا بيٺا هئا.

ٻني، جا وانگ لنگ، جيتوڻيڪ نراسائيءَ سان راهي هئي، سُڪي ٺوٺ ٿي وئي هئي. ڪٽڪ جا تيلا، جي بهار جي آمد سبب ڪجهہ همٿائجي اُسريا هئا ۽ منجهن سنگ ڦٽڻ لڳا هئا، زمين ۽ آسمان مان ڪجهہ نہ ملندو ڏسي، اُسرڻ رَوڪي، ٻھريان تہ ماٺ بيٺا رهيا ۽ پوءِ ڪري، سڪي گاهہ ٿي ويا. سارين جا ٻيجا، جي هن ٻھريان پوريءَ ۽ تر زمين ۾ تيار ڪيا، سي ٻھريان تہ ساوا چوڪڙا پئي نظر آيا، هو روز کين پاڻي ڏيندو هو. ڪٽڪ مان ڪجهہ لاڀ نہ ملڻ بعد هُن اُنهن تي ئي پئي پاڙيو. ڪانواٽي ۾ بہ ڳوريون ڪاٺ جون بالٽيون ڍوئي ڍوئي سندس ڪلهن تي ڇُٽا نهي پيا هئا، پر مينهن اچا نہ آيو هو.

نيٺ تلاءَ جو پاڻي بہ سُڪي مٽيءَ جو چڪو ٿي پيو. کوهہ جو پاڻي بہ گهٽجي ايترو وڃي بچيو جو، اُو-لان کيس چيو،

"جي ٻارن کي پاڻي پيارڻو آهي، ۽ چاچي پوڙهي کي گرم پاڻي مُهيا ڪرڻو آهي تہ، فصل کي سڪڻو ئي پوندو."

وانگ لنگ ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو، جو سُڏڪي ۾ تبديل ٿي ويو.

"نيڪ آ. ۽ جي فصل اُساٽيل رهيو تہ هنن سڀني کي بک مرڻو پوندو." اهو صحيح هو. ڇالاءِ جو هنن سڀني جي جيون اُن پوڻ تي ئي پاڙيو پئي.

رڳو ڪاهيءَ جي پر واريءَ زمين ئي فصل ڏنو. چو تہ، جڏهن اونهارو وسڪاري سواءِ گذري ويو تہ وانگ لنگ سيني پنين کي خيرباد چئي، هن تي ئي آرو ڪيو. اساتيل زمين جي هو ڪاهيءَ جي پاڻيءَ سان آبياري ڪندو هو. اهو پهريون دفعو ئي هو، جو هُن فصل لهندي سَٽ ئي اناج بازار ۾ نيڪال ڪري ڇڏيو. جڏهن چاندي سندس ترِيءَ تي آئي تہ هن يڪدم مٺ ڪٽي بند ڪئي. هن سوچيو تہ ديوتائن ۽ مينهن جي ناراضگيءَ منهن مٿائڻ جي باوجود، هُو اهو ڪجهہ ڪندو جنهن جو ارادو ڪيو هئائين. هن پنهنجو هڏ ڳڏ ان مٺ چانديءَ لاءِ چُور ڪيو هو، ۽ ان لاءِ ئي رت ست ڏئي پگهر ڳاڙيو هو. اُن ڪري هو اُهو ڪجهہ ڪندو جو ڪري سگهندو. هُو سڌو هوانگ جي حويليءَ ڏانهن ويو، اتي زمين جي دلال سان مليو ۽ بغير ڪنهن تمهيد يا حال احوال جي چيو.

"مون وٽ اُهو ڪجهہ آهي، جنهن سان ڪاهيءَ جي پرواريءَ پنهنجي زمين سان دنگئي زمين خريد ڪري سگهان ٿو."

وانگ لنگ هِتان هُتان ٻڌي ڇڏو هو تہ هوانگ خاندان تي غربت اچي زور سان ڪڙڪي هئي. ڪيترن ڏينهن کان وڏي رئيسياڻيءَ (سائڻ) جو قُل آفيم سان نہ پريو هو. هوءَ ڪراڙي شينهڻ جيان ٿي پئي هئي ۽ سندس ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ايترو وڌي ويو هو، جو بک سبب روز دلال کي گهرائيندي هئي، چيٺون ڪري ڪيس مُنهن تي پڪي جا ڏڪ هڻندي هئي ۽ پٽيندي هئي.

"اجا ڪو زمين جو ٽڪرو وڪڻ لاءِ ڪين بچيو آهي ڇا؟" هوءَ هن کي چوندي هئي.

هُن دلال ويچاري اها رقم بہ خرچ ڪري ڇڏي هئي جا خاندان جي زمين جي سودي مان پنهنجي لاءِ بچائي رکي هئائين. اِها ان گهر جي حالت هئي. وڏي رئيس، اِن کي ڪافي نہ سمجهي، اجا بہ هڪ ٻي سُريت رکي. اُها هڪ اُن ٻانهيءَ جي ڌيءَ هئي، جنهن جي پيدائش جو سهرو، هِن جي جوانيءَ تي ئي هو. اُها سندس سريت ڄائِي هڪ ٻانهي سان پرڻائي وئي هئي، جنهن مان هُن کي اها ڇوڪري ڄائي، جا اڄ هن ناني جيڏي رئيس جي سريت بڻي هئي. وڏي رئيس جي هُن تي دل اچي وئي. ٻانهيءَ جي ڇوڪري جا سورهن سالن کان مٿي نہ هئي، ان کي هُو هاٿي نئين جذبي ۽ سُرور سان ڏسي رهيو هو. هُو جيئن جيئن وڏيڪ پوڙهو، معذور ۽ ڳرو پئي ٿيندو ويو، تيئن تيئن سندس جنسي جذبا پڙڪندا پئي ويا ۽ هن وڏ کان وڏ اهڙين عورتن جي خواهش پئي ڪئي جي جوانڙيون هجن. توڙي ٻارُ ڇو نہ! هُن جي نفساني خواهشن ۾ ڪا ڪَمي نٿي نظر آئي. وڏي سائڻ جو آفيم سان ۽ هُن جي شهواني خواهش سان رشتو ناتو وڌندو پئي ويو. هُن کي اهو بہ سمجهہ ۾ نہ پئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو تہ ونس، اينترو ڪجهہ بہ نہ بچيو هو جو نئينءَ سريت لاءِ سونا ايرينگ ۽ چُوڙيون وٺي سگهي. "پئسا ڪو نہ آهن" لفظن جو تصور ئي نہ پٺي ڪري سگهيو. هن سڄي عمر هٿ وڏائي، جو ڪجهہ چاهيو ٿي، سو ڪٽي ونڻ جي زندگي گذاري هئي.

پنهنجي والدين جا اِهي لڇڻ ڏسي ننڍا رئيس ۽ نواب بہ کُلها لوڏڻ لڳا. تہ هُنن لاءِ وڏيڪ رقم موجود هجڻ گهرجي. هو رڳو هڪ ڳالهہ تي متفق ۽ ايڪي ۾ هوندا هئا، جا هُئي، دلال ۽ گماشتي کي ملڪيت جي سنڀال ۾ غيرذميداريءَ جي الزام ۾ ڦٽ لعنت ڪرڻ. هن ويچاري دلال جي، جو ڪڏهن سٺيو، سُکي ۽ سرهو رهندو هو. اِها حالت اچي ٿي، جو سدائين پئو ۽ فڪر ۾ رهڻ لڳو. سندس ماس ايئن ڳري ويو جو مٿائنس کُل ايئن لڳندي هئي، جڻ ڪنهن ڳريل سڙيل غريب جي سَرير تي پُراڻا ڪپڙا.

آسماني آقا هوانگ جي پنهن تي بہ وسڪارو نہ ڪرايو ۽ انهن ۾ بہ ڪو فصل نہ ٿيو. اِن ڪري جڏهن وانگ لنگ مٽ ۾ چاندي ڪري اُت آيو تہ ايئن لڳو جڻ ڪو ڪَنهن سالن جي بُکئي وٽ اِهي رڙيون ڪندو آيو هجي: "مون وٽ کاڌو آهي."

دلال سِڪن تي جَهپڙ هنئين. جتي اڳ ڳالهہ ٻولهہ، چانهہ پاڻي ۽ سودي بازي ٿيندي هئي. اُتي هينئر بہ ماڻهو يڪدم پڻ پڻ ۾ پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. جلد ئي مامرا طئي ٿي ويا، پئسا هڪ هٿ مان ٻئي هٿ ۾ آيا، ڪاغذ لکيا ويا ۽ مهرون لڳيون ۽ زمين وانگ لنگ جي ٿي ويئي.

هڪ دفعو وري وانگ لنگ رقم جي ڏيتيءَ کي خيال ۾ ئي نہ آندو. جا سندس رت ست هئي، روڪ سرمايو هئي. هن اُن سان پنهنجي دل جي مراد خريدي هئي. هُن وٽ هاٿي جهجهي پلي بني هئي. جو جو نئين ورتل زمين اڳينءَ کان ٻيٽي هئي. ان جي زرخيزيءَ کان وڏيڪ اهم ڳالهہ هن لاءِ اها هئي تہ اُها ڪڏهن هڪ شهزادي گهراڻي جي هئي. هِن پيري هُن ڪنهن کي بہ، ويندي اُو-لان کي بہ، ڪونہ ٻڌايو تہ هن ڇا ڪيو هو.

مهيني پنيان مهينا گذري ويا، پر مينهن کي نہ پوڻو هو سو نہ پيو. جيئن سرءُ آئي تہ بادل ناخواستہ طور اچي ڪنا ٿيا، نئڙا ۽ هلڪا ڪڪر. ڳوٺ جي ڳلين ۾ ماڻهو نڪري اٺ تڻ ۾ ۽ اجايو اچي بيهندا هئا. سندن مُنهن مٿي آسمان ۾ هوندا هئا. هرهڪ ڪڪر جو ڳوڙهو مشاهدو ڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ بحث ڪندا هئا تہ ڪو ڪڪر مينهن وسائڻ وارو بہ هو يا نہ. پر اُن کان اڳ، جو ڪجهہ ڪڪر گڏجي ڪارونيار يا لَس ٻڌجي، وسڻ جو اِمڪان ڏيکارين، اتر اولهہ کان هڪ تيز هوا جي لهر ايندي هئي، ڏور جي رڻ پٽ جي خشڪ هوا، ۽ آسمان مان ڪڪرن کي ايئن ڪٽي ويندي هئي جيئن ڪو ٻُهاري سان اڱڻ مان ڇٽيل پن ميڙي وجي. آسمان وَري خالي ۽ غيرآباد ٿي ويندو هو. روشن سج روز آب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاب سان نڪرندو هو ۽ صاف شفاف آسمان ۾ غروب ٿي ويندو هو. رات جو شفاف آسمان ۾ چنڊ به سج جيان ڪرڻا ڪيرندو ۽ تجليون ڏيندو هو.

پنهنجي زمين مان وانگ لنگ ڪين جهڙو رهن جي فصل جو لاب ڪنيون، ۽ پنهنجي مڪئيءَ جي زمين مان، جا هن تڏهن نراسائيءَ مان راهي هئي، جڏهن سندس سارين جو ٻيجو روبي ڪان اڳ ئي سُڪي هيبو گاهه ٿي ويو هو. هن ڪي هتان هتان ڪو ڪٽو ۽ مليا. هُن ڳاهه ۾ هڪ ڪٽو يا داڻو به اَن جو وڃائڻ نه ڏنو.

هن ٻارن ڪي ڳاهيل وَل ڪي آڱرين سان ڪوٽن ۽ ڳولڻ لاءِ ويهاريو. جيئن هڪ به رهن يا مڪئيءَ جو داڻو اُن ۾ رهجي نه وڃي. هنن حاصل ڪيل اناج وچين ڪمري ۾ ڪوڙ ڪري رکيو ۽ حسرت سان ڏسڻ لڳا. جڏهين هو انهن مان ٽُنڙ جُدا ڪري اُڇلائڻ لڳا ته جوٽس رڙ ڪئي:

"نه اهي ضايع نه ڪر. مون کي ياد آهي ته جڏهن مان شان تنگ ۾ هيس ۽ اجا ٻار هيس، ته اسان تنڙ به پيهين کائيندا هئاسين. اِهي گاهه کان چڱا آهن."

جڏهن هُن ڳالهايو ته هو سڀ ماٺ ٿي ويا. ٻار به. انهن روشن ۽ چمڪندڙ ڏينهن ۾، جڏهن سندن پوڻ ساٿن ساٿ نه ڏئي رهي هئي، هنن لاءِ هڪ قسم جو اڳوات ئي چتاءُ هو. رڳو ننڍڙيءَ نينگريءَ کي ئي ڪنهن خوف خطري جي خبر ڪانه هئي. هُن لاءِ سندس ماءُ جا ٻريل اُرهه اجا سندس ضرورت پوري ڪرڻ واسطي ڪافي هئا.

"کاءُ، - نادان مفلس کاءُ. جيستائين آهي تيستائين ته ڏانءِ" هوءَ ڪڪيءَ کي ٿڃ ڏيندي چوندي هئي.

ته پوءِ چڻ، اجا هُن جي براين جي انتها نه ٿي هئي. اُو-لان وري ٻار سان ٿي. هُن جي ٿڃ سڪي وئي. ڏسندي ڏسندي، اڳ ئي ڏڪيل ۽ ڪنبايل گهُر هڪ ٻار جي رڙين جي گونجن سان پُر ٿي ويو، جو لڳاتار کاڌي لاءِ ٻاڪاريندو هو.

جيڪڏهن ڪو وانگ لنگ کان پڇي ها. "سرءُ سارو ڪيئن گهاريندئو. ڪٿان کائيندئو؟" ته هو جواب ڏئي ها. "مون کي خبر نه آهي - مرَئي هِتان هُتان ڪو ڪٽو داڻو ٿي پوندو."

پر هن کان اِهو پڇڻ وارو ڪو به ڪونه هو. نه ئي ڪنهن ساريءَ ٻهراڙيءَ ۾ ڪنهن ٻئي کان پڇيو ٿي، " ڪٿان پيو کائين؟" ڪنهن به ڪنهن کان ڪي ڪين پئي پڇيو. هر ڪنهن کي رڳو پنهنجي تات هئي. "اڄ جو ڏينهن ڪيئن گذرندو؟" ۽ والدين پڇندا هئا، "اسان ڇا کائينداسين. - اسان ۽ اسان جا ٻار؟"

هينئر اُن ڏکي جو ڇا هال هو جنهن جي وانگ لنگ پنهنجي وس ۽ وت آهر سار

سنڀال لڌي هئي. هُن اُن کي ٿورو گهٽو بُنهه ۽ سُڪل وَل پٽي ڏني، جيسٽائين اهي هلي سگهيا. پوءِ، اهي ڪتا، تہ هو ٻاهر وڃي اُن لاءِ وڻن جا پن چانگي ايندو هو، تان جو سيارو آيو ۽ پنا بہ ڇاڻي، وڻن کي نوڙهو ڪري ويو. پوءِ جڏهن زمين راهڻ جهڙي ڪانہ رهي جو کيڙجي، چاڪاڻ تہ ٻج بنان پاڻيءَ جي سڙيو مريو پئي ويو، ۽ هو پنهنجو ٻچيل ٻج ٻہ سارو ڪائي کپائي ڇڪا هئا، تہ وانگ لنگ ڍڳي کي ٻاهر چرڻ لاءِ ڪڍي ڇڏيو. هو پنهنجي وڏي پٽ کي اُن تي ويهاري ڇڏيندو هو. جو سارو ڏينهن سندس ناڪيليءَ ۾ پيل رسي هٿ ۾ جهليون وينو هوندو هو. هُن کي پئو هو تہ متان اڪيلو ڍڳو ڪو چورائي نہ وڃي. ڪجهہ پوءِ تہ هو اُن جي همت بہ نہ ڪري سگهيو، تہ متان ڪي، يا سندس پاڙيسري ئي چوڪري ڪان ڍڳو ڪسي پيٽ جو بک نہ ڪن. ان ڪري هن ڍڳو در تي ٻيهاري ڇڏيو. تان جو اهو ڳري ڪنڍا ٿي ويو.

پوءِ اهڙو ڏينهن بہ آيو جڏهن گهر ۾ کائڻ لاءِ چانورن جو داڻو بہ نہ رهيو ۽ نہ ئي ڪٽڪ جو ڪٽو نالي ماتر بچيو.

گهر ۾ رڳو ڪجهہ رَهان ۽ ٿوري مڪئي بچي هئي. ڍڳو بکَ ڪان بي حال ٿيو پٽ تي ڪريو پيو هو ۽ ڪراڙي چيو،

"هينئر اسان ڍڳو ڪائينداسين."

ان تي وانگ لنگ رڙيون ڪيون هيون، ڇڻ ڪو چوندو هجي، "هينئر اسان ماڻهو ڪائينداسين!" ڍڳو سندس ڪيتي واڙيءَ جو ساٿي هو. هو هُن جي پويان هَرَ ۾هليو هو. اُن کي شاباس بہ چئي هئي تہ پاراتو بہ ڏنو هو. جوانيءَ ڪان وني هن جو ڍڳي سان ساٿ سنگ رهيو هو. جڏهن هنن اُن کي خريد ڪيو هو ۽ اُهو، اجان جوان ئي هو. هُن چيو،

"اسان ڍڳو ڪيئن ڪائي سگهنداسين؟ تہ پوءِ اسان وري هَرُ ڪيئن ڪاهينداسين؟"

پر پوڙهي صبر ۽ ڌيرج سان جواب ڏنو، "نيڪ آ. سوال تنهنجي زندگيءَ ۽ هِن پَسوڻ جي زندگيءَ جو آهي، تنهنجي پٽن جي حياتيءَ ۽ هن جانور جي حياتيءَ جو آهي. ماڻهو ڍڳو وري بہ وني يا خريد ڪري سگهي ٿو، پر پنهنجي زندگي نہ."

پر اُن ڏينهن وانگ لنگ ڍڳي کي مارڻ نہ ڏنو. ٻيو ڏينهن گذريو ۽ ٽيون بہ گذري ويو. ٻار مانيءَ ڳيي لاءِ رَڙڻ لڳا. ۽ ڪنهن ريت بہ چپ ۽ چپ ۾ نہ پئي آيا. اُو-لان وانگ لنگ ڏانهن نهاريو، ڄڻ ٻارن لاءِ حياتيءَ جي ٻيک پنندي هجي. هن ڏنو تہ نيٺ ايئن ئي ٿيڻو هو. ان ڪري هن ڪهرائيءَ سان چيو،

"پوءِ ڀلي ڪُهوس. پر مان اهو ڪجهہ نہ ڪري سگهندس."

هو پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ ويو ۽ وڃي هنڌ ۾ ليٽيو. هن مٿي ڇت تائين ڀاڻ ڪي سَوَڙ ۾ ويڙهي ڇڏيو ته جيئن هو ڍڳي جي موت واريون رنڀون رڙيون نه ٻڌي سگهي.

پوءِ اُو-لان ٻاهر نڪري وئي. هن رڌڻي مان وڏي لوهه جي ڇري ڪنئين، ۽ جانور جي ڳچيءَ وٽان نڙگهٽ ۽ وڏي شاهه رڳ ڪٽي ڇڏي. هُن جو زندگيءَ سان رشتو ڪٽجي ويو. هن وڏو مرتبان ڪٽي ان جي رت ڪٽي ڪئي، ته جيئن رڌي ٻارن کي پڊنگ طور کارائي. وانگ لنگ تيسين ٻاهر نه نڪتو جيستائين سارو ڪم پوريءَ ريت ختم نه ٿي ويو. ۽ گوشت پچي ميز تي اچي ويو. پر جڏهن هن پنهنجي ڍاند جو گوشت کائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس پيٽ ڀرجي آيو، هانءُ ماندو ٿيڻ لڳو. ۽ هو رڳو ٿورو شوروو ئي پي سگهيو.

اُو-لان کيس چيو، "ڍاند آخر ڍاند ئي آهي، ۽ هي ته ڪراڙو ٿي چڪو هو. کاءُ! اسان وري هڪ ڏينهن ٻيو وٺنداسين، اهو هن کان بهتر ۽ چڱو هوندو."

وانگ لنگ کي ڪجهه آٿت ۽ چين مليو. هن گرهه کاڌو ۽ پوءِ وڏيڪ، ۽ پوءِ سيني ويهي کاڌو. پر آخر ۾ ڍڳو به کاڄي ويو ۽ هڏا ٻيجي مِکُ به نه ڇڏي ويئي. اهو سڀ ڪجهه جلدي جلدي ختم ٿيندو ويو ۽ سواءِ اُن کَل جي ڪجهه به نه بچيو. جا اُن بانس جي چڪي تي سُڪي نوٽ ٿي پئي هئي، جو اُو-لان کَل سڪائڻ لاءِ ناهيو هو.

شروع ۾ ڳوٺ اندر وانگ لنگ خلاف ناراضگي ۽ ڪروڌ هو، ڇو جو سمجهيو پئي ويو ته هُن وٽ چاندي هئي، جا هُن لڪائي رکي هئي، ۽ کاڌو هو جو هُن پاندي ۾ ڪٺو ڪري رکيو هو. سندس چاچو، جو ٻک جو سڀ کان اول شڪار ٿيندڙن مان هو، ليلڙائيندو سندس در تي آيو. سچ پچ هُن، سندس زال ۽ ستن ٻارن وٽ کائڻ لاءِ ڪي به ڪين هو. وانگ لنگ مرضيءَ نه هوندي به دل تي جبَر ڪري، چاچي جي وڏايل جهوليءَ ۾ مُٺ رَهن جي ۽ لپ مَڪئي جي وڌي. پوءِ هن منهن پڪو ڪري پڪي ارادي سان چيو،

"اِهو ڪجهه ئي مان ڏئي سگهيس ٿي. سڀ کان اول، جي مون کي ڪٽي ٻار نه به هجن ها ته مان پنهنجي پوڙهي پيءُ جو خيال ڪريان ها."

جڏهن سندس چاچو ٻيهر آيو، ته وانگ لنگ رَهڙ پٽائي چيس،

"منهنجي پٽن ۽ ڌيءَ لاءِ به گهر ۾ ڪجهه ڪين آهي!" ۽ هن پنهنجي چاچي کي خالي هٿين موٽائي ڇڏيو.

اُن ڏينهن کان چاچهنس کي ڇت ڪُتاڙي وٺي ويئي ۽ هن جي سخت خلاف ٿي پيو. ۽ ڳوٺ ۾ گهَر گهَر وانگ لنگ خلاف ڇيٽا پور ڪندو رهيو.

"هُن منهنجي پيائٽي کي ڏسو. وٽس چاندي به آهي ته کاڌو به. پر اسان کي

ڪنهن مان بہ ذري ڪانہ ٿو ڏئي. مون کي بہ نہ، نہ ئي منهنجي ٻارن کي جيڪي سندس رت هڏ آهيون. اسان ٻڪ مرڻ کان سواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿا سگهون."

ڳوٺ ۾ هڪ هڪ گهر پنهنجي خوراڪ جو بچيو سچيو پورو ڪيائيندو ختم ڪندو ويو. سندن آخري ٿامي جو سِڪو بہ شهر جي چوٽ چڙهيل بازار ۾ خرچ ٿي ويو. اتر کان بَر پَٽ جون سياري جون هوائون گهلڻ شروع ٿيون. - فولاد جي چاڪوءَ جيان چيريندڙ ٿڌيون، خشڪ ۽ بي ثمر. ڳوناٺن جون دِليون پنهنجي ٻک، زال ۽ ٻارن جي ٻک ۽ رڙين سبب ڏک سان پرجي چتيون ٿي پيون. جڏهن وانگ لنگ جو چاچو چتي ڪُتي جيان گهٽين ۾ ڪيڪرات ڪندو رهيو تہ "هڪڙو ماڻهو آهي جنهن وٽ ڪاڌو آهي. - هڪ چٽو اهڙو آهي، جنهن جا ٻار اڃا ڪائن ٿا ۽ ٿلها متارا آهن،" تہ ماڻهو هڪ رات لٺيون کڻي نڪتا ۽ وانگ لنگ جي گهر ويا. هنن لٺين سان در تي وسڪارو ڪري ڏنو. جڏهن وانگ لنگ ٻاڙيسرين جي آواز تي دروازو کوليو تہ هُو متانئس وَري آيا، ڪيس ڌِڪي در کان ٻاهر ڪيائون، ۽ سندس ٻارن کي بہ گهران هڪالي ڪڍي ڇڏيائون. هُو ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. هنن چانديءَ جي ڳولا ۾ زمين جو چپو چپو کوٽي ڇڏيو، ۽ خوراڪ جي تلاش ۾ سڄي گهر ۾ اٿل پُٿل آڻي ڇڏي. پوءِ جڏهن کين ساري گهر ۾ رڳو ڪي داڻا رَهن جا ۽ هڪ پيالو مَڪئي جو هٿ آيو تہ هنن نراسائيءَ ۽ مَايوسيءَ وچان ڪُرڪَڻ ۽ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. آخر هو سندس نيڙي، جهڙي تهڙي فرنيچر تي اچي ٺُنا. ميز، بينچون ۽ هنڌ ڪنولا سڀ کڻندا ويا. پڇاڙي اُها کٽ بہ کنيائون جنهن تي هُن جو پوڙهو پيءُ ستو پيو هو. پوڙهو ويچارو خوف کان بينو ٽڪيندو ۽ رُئندو رهيو.

ان وقت اُو-لان اڳتي وڌي آئي ۽ ڳالهايائين. هن جو صاف ۽ مانو آواز ماڻهن کي چانئجي ويو.

"اِهو نہ - اڃا اِهو نہ،" هن چيو، "اڃا اسان جي گهر مان ميز، بينچن ۽ کٽن کڻي وڃڻ جي ويل نہ آئي آهي. توهان اسان جي ساري خوراڪ کنئي آهي. پر توهان پنهنجي گهرن جون ميزون، بينچون ۽ کٽون ڪين وڪيون آهن، ان ڪري اسان جو سامان ڇڏي وڃو. اسين سڀ هڪجهڙا آهيون. اسان وٽ توهان کان هڪ داڻو بہ رَهن يا مڪئيءَ جو وڌيڪ نہ آهي، نہ؟ جيڪو سو هاڻي توهان وٽ اسان کان سَرس آهي! آسماني ديوتا جو توهان تي قهر ٿيندو، جي توهان وڌيڪ ڪجهہ کنيو آهي. هلو تہ سڀ هاڻي گڏجي ڪاڌي جي ڳولا ۾ نڪرون، ڪائڻ لاءِ سُڪل گاهہ ۽ وڻن جا چوڏا هٿ ڪريون. توهان پنهنجي ٻارن لاءِ، ۽ اسان پنهنجي هِنن ٽن ٻارن ۽ هَن چوٿين لاءِ جو هھڙن بُري وقتن تي اچي رهيو آهي." هن ڳالهائيندي پنهنجي اُپريل پيٽ تي هٿ رکيو. ماڻهن کي حياءُ ۽ شرم اچي ويو ۽

هو هڪ هڪ تي هليا ويا. هو بنيادي طرح خراب ماڻهو نہ هئا. پر رڳو بک کين بيحال ۽ بي حياءُ ڪيو هو.

هڪ ڇٽو ترسي پيو. هُن جو نالو چِنگ هو. قد جو ننڍو، خاموش ۽ پيلي رنگ وارو شخص، جنهن جو مُنهن چگن ڏينهن ۾ بڻ مانس جيان ڀريل هو، پر هاڻي ڏرا ڏيئي ويو هو ۽ خالي خالي! هن شرم ڀرچائڻ لاءِ ڪجهہ وڌيڪ ۽ دل وٽان ڳالهائڻ پئي چاهيو. هو ڏاڍو شريف ۽ ايماندار انسان هو، پر سندس رڙندڙ پٽ ئي ڪيس اُن بچڙائيءَ تي لاٿو هو. هُن جي چاتيءَ وٽ ڪپڙن ۾ ڪي داڻا رَهن جا لڪل هئا. جي هن گهر مان پين سان گڏ ڪنيان ۽ ڦٻايا هئا. هن کي پئو هو تہ جي هُن ڳالهيو تہ ڪيس اُهي واپس ڪرڻا پوندا. اِن ڪري هو ڪا مهل مانئين ۽ اَتڪيل اکين سان وانگ لنگ کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ موٽي، هليو ويو.

وانگ لنگ پنهنجي در جي چائنٺ وٽ آڳر ۾ بيٺو هو، جتي سالن جا سال هن پلي فصل جو ڳاهہ ڳاهيو هو. جيڪو هينئر ڪيترن مهينن کان خالي ۽ بيڪار پيو هو. گهر ۾ سندس پيءُ ۽ ٻارن کي کارائڻ لاءِ ڪي ڪين بچيو هو. - سندس زال جي کائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ بچيو هو، جنهن کي پنهنجي خوراڪ سان گڏ پيٽ ۾ وڌندڙ لاءِ بہ خوراڪ گهربل هئي. اهو نئون ايندڙ، پنهنجي نئين ۽ سرگرم زندگيءَ جي ڪٺورتا سان، پنهنجي ماءُ جو رت ۽ ماس کائي کپائي رهيو هو. هن جي دماغ ۾ اوچتو وڏي خوف جي لهر ڊوڙي وئي. پوءِ سندس رت، بي سُرت ڪندڙ شراب جيان، ڪيس جِين ۽ سانت ڏني. هن دل ۾ چيو،

”هُو منهنجي زمين مون کان نٿا کسي سگهن. جنهن ۾ مون پنهنجي جسم جو پورهيو ۽ زمين جو ثمر شامل ڪيو آهي، سو مون کان نٿو کسجي سگهي. جي مون وٽ چاندي هجي ها تہ هو کڻي وڃن ها. جي مان چانديءَ سان اناج وٺي رکان ها تہ اُهو بہ کڻي وڃن ها. مون وٽ اڃا زمين آهي، جا منهنجي ۽ رڳو منهنجي آهي.“

باب نائون

وانگ لنگ گهرجي دروازي جي چائنٺ تي ويٺي دل ئي دل ۾ چيو تہ هينئر ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪَرڻ گهربو هو. هو هن گهر ۾، جو خالي ۽ پينگ تي چڪو هو، رهي ۽ مَري نہ پئي سگهيا. هن جي ڏٻري جسم ۾، جنهن تي سندس جُبو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرگهلو پئي ٿيندو ويو. رهڻ ۽ جيئڻ جو ارادو هو. هن نہ پئي چاهيو تہ جڏهن هو ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو اوج ماڻڻ وارو هو تڏهن هو ڪو بيوقوف قسمت يا قدرت جي ڦرلٽ جو شڪار ٿئي. هن ۾ هينئر ايڏي تہ ڪاوڙ ۽ ناراضگي پيدا ٿي چڪي هئي، جو اڪثر اُن جو اظهار نہ ڪري سگهندو هو. اِن ڪري ڪڏهن تہ هن تي چريائپ جو دورو پوندو هو، ۽ هو ڊوڙي پنهنجي خالي پيل ڳاهہ واري پڊر ۾ ايندو هو، ۽ پنهنجي مٿان ننگي چمڪندڙ آسمان ڏي هٿن سان اُلرون ڪندو هو، جو نيرو ۽ شفاف، ۽ تتو ڪڪرن ڏاران مٿان تڪ پڌيو بيٺو هوندو هو.

”اڙي، تون ڏاڍو ظالم آهين، آسماني پوڙها!“ هو بي تحاشا رڙيون ڪندو هو. جيڪڏهن ڪِن لاءِ هن کي ڪو خوف بہ ٿيندو هو تہ بيءَ گهڙي احتجاج ۽ ڪاوڙ جي انداز ۾ رڙ ڪندو هو، ”جيڪي ٿيو آهي، اِن کان وڌيڪ مون کي پيو چا ٿو ٿي سگهي!“

هڪ لڳا، پنهنجي پاهہ ٿيندڙ هيٺائيءَ سان، پير ۾ پير وجهي هو ڌرتيءَ جي ديوتا جي مندر ويو. هن چاٽي واٽي ننڍڙي، غير متحرڪ ۽ خاموش وينل ديوتا جي منهن تي تڪ اچلائي، جو پنهنجي ديويءَ جي پڪ ۾ وينو هو. هيل تہ اگربتيون بہ اُتي ڪين هيون، شايد ڪيترن ئي چَنڊن کان ڪونہ ٻريون هيون، ۽ سندن ڪاغذن جا لباس چيهون چيهوَن ٿي چڪا هئا ۽ سندن مٽيءَ جا بوتا ڏيڪارجڻ ۾ پئي آيا. ۾ هُو ڪنهن بہ ڳالهہ کان متاثر ٿي ڄُربي پُربي ڏاران اتي وينا هئا. وانگ لنگ هٿن تي پنهنجا ڏند ڪرٽيا ۽ پُڻ پُڻ ڪندو پنهنجي گهر موٽي اچي هنڌ تي ڪري پيو.

هاڻي هو ڪو ورلي اٿندا هئا. انهن مان هرهڪ! ان جي ضرورت بہ ڪانہ هئي. سندن خوراڪ جي اڻ هوند جي ڄڄهہ، جهٽ لاءِ ننڍ والاريندي هئي. هنن، جي مڪئي جا ٽُنڙَ سڪايا هئا، سي ڪائي چڏيا هئا، ۽ هنن وڻن جا چوڏا لاهڻ شروع ڪيا، ۽ ساري ڳوٺ ۾ ماڻهو هر اُهو گاهہ کائي رهيا هئا، جو ڪين ملي پئي سگهيو. ڪٿي بہ ڪو پَسون نہ بچيو هو. ماڻهو مُٺ ڪاڌي لاءِ ڏينهن جا ڏينهن گهمندو هو پر ڪيس ڪو بہ ڊِڳو، گڏهہ يا ڪنهن بہ قسم جو پَسون يا پکي نظر نہ ايندو هو.

خالي هَوا جي ڪري ٻارن جا پيٽ اُپامي آيا هئا، ۽ هنن ڏينهن ۾ ڪو بہ ٻار ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڪڏندو يا گهمندو نظر نہ ايندو هو. وڌ ۾ وڌ وانگ لنگ جا ٻہ ٻار رِڙهندا در جي چائنٽ تي اچي اُس ۾ ويهندا هئا. - بي رحم صبح جنهن ڪڏهن بہ پنهنجي تائيءَ ۽ اُس ۾ وٽي نہ پئي آندي. سندن ڪنهن وقت وارا گول متول جسم ڪنڊائتا ۽ هڏاوان ٿي چڪا هئا؛ سنهڙا ۽ ننڍڙا هڏا، جي سندن اپامپل پيٽن کان سواءِ پکين جي پاسيرين جيان پئي لڳا. چوڪري تہ ڪڏهن بہ اڪيلي ڪانہ ويهندي هئي، حالانڪ هينئر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس اُها وهي ڪانہ هئي، پر دانهن دونهن ڪِئي ڏاران ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ پراڻي سَوڙ جي ٽُڪر ۾ ويڙهي پئي هوندي هئي. شروع ۾ هُن جي بک جي رڙين سان گهر پرجي ويندو هو، پر هينئر هوءَ ماٺ رهندي هئي، ۽ هيٺائيءَ سان هر اُها شئي، روئڻ ڏاران، پئي چوسيندي هئي، جا سندس وات ۾ وڃي ويندي هئي. هن جو نينڍو، هڏائون منهن، سدائين ڏانهنِ نهاريندو رهندو هو، جنهن ۾ اندر پيهي ويل نيرا چپ، ڪنهن ڏندن ڪاڏل پوڙهيءَ عورت جي چپن جيان، ۽ اندر پيهي ويل ڪاريون اکيون نمايان هونديون هيون.

ننڍڙي جيون جي بقا لاءِ اهاٽ جدوجهد، ڪنهن نہ ڪنهن طرح مڙيوئي پيءُ جي پيار ۽ چاهت هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. جيتوڻيڪ هوءَ پنهنجي هَم عُمر ڇوڪرين جيان گول مول هئي، پر ڏيءَ هئڻ سبب بي توجهيءَ جو شڪار رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن ڏانهن نهاريندي، هو ڏيرج سان پٽڪندو هو:

"چري، - ديجهان چري!" - ۽ هڪ لڱان جڏهن پنهنجون ڏندن ڪان خالي مهارون ڏيکاريندي، هوءَ پنهنجي هيٺي مرڪ مرڪي، تہ هُن جا ڳوڙها ڳڙي پيا. پنهنجي سنهي کهري هٿ ۾ هُن سندس ننڍڙو هٿ پڪڙيو ۽ هُن جون سنهڙيون نِبل آڱريون ڪٽي پنهنجي نراڙ تي رکيون. ان ڪان پوءِ هو ڪڏهن ڪڏهن اُن کي ڪٽندو هو. اڱهاڙي جيئن پيئي هوندي هئي، ۽ هن کي پنهنجي ڦاٽل ساٽل جُبي اندر ڪري، پنهنجي گرم ماس سان چنبڙائي چڏيندو هو. هو هُن کي هنج ۾ کٽي گهر جي چائنٽ تي ويهي رهندو هو، ۽ سامهون سڪل، نوٽ ۽ پڪڙيل پنين ڏانهن نهاريندو رهندو هو.

۽ پوڙهو - اهو مڙني ڪان سَرس سرهو هو. ڇو جو گهر ۾ جي ڪجهہ ڪائڻ لاءِ هوندو هو تہ پڍي کي ضرور ملندو هو. پوءِ ڇو نہ پار بکيا ئي رهن. وانگ لنگ دل ئي دل ۾ فخرُ سان چوندو هو تہ هِن موت جي گهڙين ۾ بہ هُن پنهنجي پيءُ کي وساري نہ ڇڏيو. جي کيس پنهنجو گوشت بہ ڏيڻو پيو تہ بہ هو پوڙهي کي کارائيندو! پوڙهو ڏينهن رات ستو پيو هوندو هو، ۽ جو ڪجهہ ملندو هوس سو کائيندو هو. هن ۾ اجا تائين ايتري سگهہ هئي، جو هو منجهند جو رڙهي در تائين ويندو هو. جڏهن اُس ۾ گرمي هوندي هئي. هو سيني ڪان وڌيڪ سرهو ۽ چهرو هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي جهيٽي ۽ پوڙهي آواز ۾ ڏکيو ۽ لرزيو. جيئن هوا جو هلڪو جهوٽو بانس جي پٽن ۾ گهلي.

"هن ڪان بہ خراب ڏينهن ٿي گذريا آهن - ڏاڍا بُرا ڏينهن. مون عورتن ۽ مردن کي پار ڪائيندي بہ ڏٺو آهي."

"منهنجي گهر ۾ ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيندو." دل ۾ پٽو جي لهر ايندي، وانگ لنگ رڙ ڪئي.

هڪ ڏينهن هن جو ڀاڙيسري چنگ، جو هيئنر چرندڙ پرندڙ انساني ڀاڃو وڃي بڇيو هو، وانگ لنگ جي جاءِ جي دروازي تي آيو ۽ ٻنهنجي، سڪل، ڪارن ۽ مٽيءَ جهڙي خشڪ چپن مان ڀڻڪيو.

"شهر ۾ ڪُتا تا ڪاڇڻ، ۽ هر جاءِ تي هر قسم جو ڀسون پکي ڪاڏو ڀيو وڃي. هت زمين ڪيڙيندڙ ڍور بہ ڪائي ڇڏياسين، تہ ڳاهہ ۽ وڻن جا ڇوڏا بہ. باقي ڪائڻ لاءِ ڇا بچيو آهي؟"

وانگ لنگ نااميديءَ وچان ڪنڌ لوڏيو. هن جي ڇاتيءَ سان سندس ڌيءَ جو هلڪو هڏن جو پڃري وارو جسم چُهنيو پيو هو. هُن نازڪ هڏائين چهري ڏانهن نهاريو ۽ اُنهن تيز دکي اکين ڏي ڏنو جي سندس ڇاتيءَ وٽان ٻي چينيءَ سان ڏانهس نهاري رهيون هيون. جڏهن سندس نظرون اُنهن نگاهن سان مليون، تہ هميشہ جيان معصوم چهري تي ڦڙڪندڙ مرڪ تري آئي، جنهن سندس دل ڏوڏي ڇڏي.

چنگ ٻنهنجو منهن سندس ويجهو آندو.

"ڳوٺ ۾ تہ انساني گوشت بہ ڪائين پيا." هو ڀڻڪيو. "چون ٿا تہ تنهنجو ڇاچو ۽ ڇاچي ڪائين ٿا نہ تہ هو جيئرا ڪيئن آهن. ۽ سو بہ ايتري سگهہ سان جو گهمن گهتن پيا. - اهي، جن لاءِ چيو ويندو آهي تہ وٽن ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ هوندو آهي؟"

وانگ لنگ موت جهڙي چهري ڪان ڇرڪي ٻنتي هٽيو. جو چنگ ڳالهائڻ ويل اڳتي ڪري آيو هو. هن جون ٻوتيل اکيون ڏسي هو ڏڪي ويو. وانگ لنگ اوچتو انڃاتل خوف ڪان ڏڪي ويو. هو تڪڙو اُٿي بيٺو، جيئن ڪو سامهون ايندڙ خطري کي ٽاريندو هجي.

"اسان هيءَ جُوءِ ڇڏي ونداسين." هن ڏاڍيان چيو. "اسان ڏکڻ طرف ونداسين! هن عظيم ملڪي حصي ۾ تہ ماٺهو جتي ڪٿي بہ بک ڪان مرن پيا. آسمان، ڪٿي ڪيترو بہ بي رحم ٿئي، هانِ جي اولاد کي يڪسر نہ ماري سگهندو."

سندس ڀاڙيسري صبر سان هن ڏانهن نهاريو. "اڙي يار، تون جوان آهين." هن ڏکي تي چيو. "مان تو ڪان وڏو آهيان ۽ منهنجي زال بہ ٻوڙهي آهي، ۽ اسان جو هڪ ڌيءُ ڪان سواءِ ڪو بہ نہ آهي. اسان آسانيءَ سان مري سگهون ٿا."

"تون مون ڪان وڌيڪ خوش نصيب آهين." وانگ لنگ چيو. "مون کي ٻوڙهو ٻيءُ بہ آهي، ٻي ٽي ننڍڙا ڇيو بہ، ۽ هڪ وڌيڪ اچا ڇمڻ وارو. اسان کي هليو وڃڻ گهرجي، متان ٻنهنجي فطرت ۽ نيت بدلي ڪتن جيان هڪ ٻئي کي نہ ڪائڻ شروع ڪريون."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ اوچتو هن کي ايئن لڳو تہ جڻ جو ڪجهہ هن چيو پئي سو صحيح هو. هن ڏاڍيان اُو-لان کي سڏيو، جو هو ڏينهن پنيان ڏينهن. خاموش بستري تي ليٽي پئي هئي ڇو جو نہ تہ گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪاڏو ئي هو نہ ڄلهہ لاءِ ٻارڻ.

"اڄ، ٻارڻ ڏکڻ هلنداسين!"

هن جي آواز ۾ ايتري مسرت هئي. جا ڪنهن ڪڏهن نہ محسوس ڪئي هئي، مهينن ڪان وٺي! ٻارن مٽي ڏانهس نهاريو. پوڙهو رڙهندو پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو. ۽ اُو-لان. نِسَتي پنهنجي هنڌ تان اُٿي پنهنجي ڪمري جي در تي آئي ۽ در جي چوڪاٺ کي ٽيڪ ڏيئي چيائين.

"اهو سٺو خيال آهي. گهٽ ۾ گهٽ ماڻهو هڪ هنڌ پيو تہ ڪونہ مرندو."

سندس سنهي چيلهہ وٽان پيٽ وارو ٻار لڙڪي رهيو هو. سندس منهن تي ماس جو نانءُ نشان ڪو نہ هو. سندس ڪل مان مُنهن جا هڏا ابريل ۽ نڪتل ڏيکارجي رهيا هئا. "رڳو سياڻي تائين ترسڻو پوندو." هن چيو. "تيستائين ويم ٿي ويندو. ٻار جي پيٽ اندر چرپر مان. مان اهو خاطريءَ سان چئي سگهان ٿي."

"چڱو. پوءِ سياڻي ئي." وانگ لنگ چيو. هن اُو-لان جي منهن ڏانهن ڏٺو. ۽ پوءِ هُن تي ٻاڻ ڪان بہ وڌيڪ ترس ۽ ڪهڪاءُ اچڻ لڳس. ويچاري هڪ ٻي مخلوق کي بہ کڻي رهي هئي!

"تون هلي ڪيئن سگهندينءَ. بندي خدا جي!" هن اندر ۾ ٻڻ ٻڻ ڪئي ۽ پوءِ نہ چاهيندي بہ. پاڙيسريءَ چنگ کي چيو. جو اڄا گهر اڳيان در وٽ جهُڪيو بيٺو هو. "جي تو وٽ ڪو داڻو ڪٿو بچيو پيو آهي، تہ رحم ڪري کي ڪٽا آئي ڏينم تہ مان پنهنجي پٽن جي ماءُ جي حياتي بچائي سگهان؛ ۽ مان اهو وساري ڇڏيندس تہ تون ڪو ڦورو ٿي منهنجي گهر ۾ گهڙيو هئين."

چنگ شرم وچان هن ڏانهن نهاريو ۽ نهٺائيءَ سان وراڻيو.

"اُن گهڙيءَ ڪان پوءِ مان ڪڏهن بہ توکي ياد ڪري سک يا چين سان نہ رهيو آهيان. اُهو ڪتو. تنهنجو چاچو ئي هو. جنهن مون کي پڙڪايو ۽ لالچايو تہ تو سٺو فصل بچائي ڪٺو ڪري رکيو هو. هن ظالم آسمان جو قسم کڻي چوانءِ ٿو تہ مون وٽ رڳو ٿورا ڳاڙها رهان آهن. جي منهنجي در جي لنگهہ تي هڪ پٿر هينان پوريا پيا آهن. اهي مان ۽ منهنجيءَ زال آخريءَ گهڙي لاءِ رکيا هئا. پنهنجي ٻار ۽ پنهنجي لاءِ تہ متان ڪڏهن بک مرون! پر اُن مان ڪجهہ مان توکي ڏيندس، ۽ سياڻي، جي وڃي سگهين تہ ڏکڻ طرف هليو وڃ. مان ترسندس. پنهنجي گهر ٻار سان. مان توکان وڏيءَ عمر جو آهيان ۽ پٽ بہ ڪين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿم ۽ ان ڪري منهنجي مرڻ يا جيئڻ ڪري ڪو فرق نہ پوندو.“

هو هليو ويو، ۽ جهٽ ڪان پوءِ هو موٽي آيو. ونس هڪ رومال ۾ مٽيءَ هاٿا ڳاڙها رهان، بہ لپون ڪن، بدل هيون. بار ڪاڏو ڏسڻ سان ٿي نينگ ٽپا ڏيڻ لڳا ۽ پوڙهي جون اکيون بہ چمڪي پيون، پر وانگ لنگ يڪدم هن کي ڏڪي پاسي ڪيو، ۽ ڪاڏو ڪمري ۾ پنهنجي سنل زال ڏانهن ڪٽي ويو. هُن اُن مان هڪ هڪ رهون ڪري ٽورڙو ڪاڏو، مرضي نہ هوندي بہ رڳو ان ڪري جو هن ڄاتو پئي تہ جي هُن ڪجهہ نہ ڪاڏو تہ سورن جي ڇنبي ۾ ٿي دم ڏيندي.

ڪي ٿورا داڻا ٿي وانگ لنگ پنهنجي هٿ ۾ جهليا. اُهي هن پنهنجي وات ۾ وڌا ۽ اُنهن کي چباڙي سنهو پترو مادو بڻايو. پوءِ هن پنهنجو وات ڌيءَ جي چپن تي رکيو ۽ ڪاڏو هُن جي وات ۾ وجهندو ويو. هن جي چپن کي چرندو ڏسي، هُن پاڻ کي ڍائو محسوس ڪيو.

اُها رات هو وچين ڪمري ۾ ترسيو. ڇوڪرا پيئي پوڙهي جي ڪمري ۾ هئا. ۽ ٽئين ڪمري ۾ اُو-لان اڪيلي سر ٻار کي جنم ڏنو. هو ڪمري ۾ ايئن وينو رهيو ۽ ٻڌندو رهيو، جيئن پهرئين پٽ جي ڄمڻ ويل، هوءَ هينئر بہ ويم مهل هن کي پر ۾ نہ گهرائيندي هئي. هوءَ اڪيلي پرائي ٽب جي مٿان اوڪڙو ويهي، جو هُن اُن مقصد لاءِ رکيو هو، اڪيلو ٻار کي جنم ڏيندي هئي. پوءِ هوءَ ڪمري ۾ ريڙهيون ڏيندي هئي، تہ جيئن نشان داغ ڌوئي صاف ڪري، ڳم ڪري، جيئن ڪو جانور ويم ڪرڻ مهل ڪندو آهي.

هن ڏيان سان ننڍڙي سنهڙي رڙ لاءِ ڪنايو. جا هن جي سجاتل هئي، ۽ هن نراسائيءَ سان پئي ٻڌو. ڇوڪرو يا ڇوڪري، اهو ڪو هاڻي هن لاءِ اهميت وارو نہ هو. - هڪ ٻيو وات کائڻ لاءِ اچي رهيو هو!

’اهو وڏو ڪرم ٿيندو جي ساهہ نہ هجيس.‘ هن دل ۾ سوچيو، ۽ پوءِ هن جهڪي چيخ ٻڌي - ڪيتري جهڪي چيخ هئي - جا ماٺ ۾ ڪن پل بيٺي رهي، ’پر هِن ڏينهن ۾ ڪهڙي ٻاجهہ ۽ ديا.‘ هن سوچ پوري ڪئي ۽ ويهي ٻڌڻ لڳو.

ٻي رڙ وري ڪانہ ٿي ۽ گهر تي مڪمل ماٺ رهي، پر اتي تہ ڪيترن ٿي ڏينهن کان خاموشيءَ جو هرجاءِ تي راڄ هو. عمل ۾ فعل جي ماٺ، ماڻهن ۾ ماٺ، هرڪو موت جو انتظار ڪري رهيو هو. هيءَ گهر بہ اهڙي خاموشيءَ سان پُر هو. اوچتو اها خاموشي وانگ لنگ جي برداشت ڪان وڌي وئي. هو ڏڄي ويو. هو اُٿي ان ڪمري جي در وٽ ويو، جنهن ۾ اُو-لان هئي. هن چير مان سڏ ڪيو، ۽ سندس ٿي آواز ڪيس دلشڪست ڪري ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نيڪ تہ آهين؟“ هن زال کان پڇيو. هُن ڪنڌ کنايو. سمجهو هوءَ مري وئي هجي!
پر هُن هلڪو چرپر جو آواز ٻڌو. هوءَ چري پري رهي هئي. آخر هن جواب ڏنو. جنهن ۾
ٿڌو ساهہ هو.

”اندر اچ!“

هو اندر ويو. هوءَ پنهنجي هنڌ تي سمهي پئي هئي. سندس بدن نظر ئي نہ پئي
آيو! هوءَ اڪيلي سمهي پئي هئي.

”ٻار ڪٿي آ؟“ هن پڇيو.

هُن هنڌ تان هٿ سان هلڪو اشارو ڪيو. ۽ هُن پَٽ تي ٻار جو جسم ڏٺو.

”مئل!“ هن عجب مان چيو.

”ها. مئل.“ هنڻ جهيڻي پٽڪي ۾ چيو.

هُن جهُڪي ٻار جي مُٺ جسم ڏي نهاريو. هڏن ۽ چَم جي وَٽ - ڇوڪري. هو
ڇوڻ وارو هو. ”پر مان تہ چيخ ٻڌي. جيئري -“ ۽ ٻوءِ هن عورت جي منهن ڏانهن ڏٺو.
هُن جون اکيون ٻوتيل هيون ۽ هڏا ڪل سان جهُتيا پيا هئا ۽ سندس ماس جو رنگ رک
جهڙو پئي لڳو. - هڪ معصوم ماٺ پريل مُنهن، جو اتي هنڌ تي پيو هو. وت ۽ وس آهر
ڪشمڪش ڪرڻ بعد، ۽ جنهن وٽ ڇوڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. هِن مَهينن دوران هن ڪي تہ
رڳو پنهنجو سَرير پئي گهلٽو پيو. هن عورت ڪيترين نہ بک جون تڪليفون ۽ ڏکايون
ڪٽيون هونديون، جڏهن سندس اندر ۾ هڪ ٻي بکي مخلوق بہ ڪِنجهندي ڪُرڪندي
هوندي، ۽ هوءَ تہ پنهنجي زندگيءَ کان ئي نراس ٿي چڪي هئي!

هو ڪجهہ نہ ڪڇيو. پر ٻار کي کٽي ٻئي ڪمري ۾ آيو ۽ ان کي متيءَ جي پٽ
تي رکي ڪجهہ ڳولڻ لڳو. آخر هن هڪ ڦاٽل تڏي جو ٽڪر هٿ ڪيو ۽ ٻار کي اُن ۾
ويڙهيو. هُن جو گول متو هيڏي هوڏي لڙيو. ۽ هن ڳچيءَ تي بہ ڪارا رَهڙا ڏٺا. پر هن
پنهنجو ڪم پورو ڪيو. پوءِ هن گول تڏي جو ويٽو ڪنيون. ۽ سگهہ سارو گهر کان ٻري
وڃي، هن لاش هڪ ڪڏ پيل قبر جي ٻر ۾ رکيو. قبر ڪيترين ئي قبرن جي وچ ۾ هئي، جا
ختم ٿي چڪي هئي، ۽ ڪافي وقت کان اُن جي ڪا سارسنڀال نہ لڌي ويئي هئي. اهو
قبرستان وانگ لنگ جي زمين جي پاسي ۾ هڪ ٽڪريءَ جي لاهہ سان هو. هُن اجا لاش
رکيو ئي مس تہ هڪ ڏٻرو بگهڙ جهڙو ڪتو سندس ڇوڏاري چڪر ڪاٽڻ لڳو. ايترو
ڏٻرو ۽ نٻل جو هن جهڪي پٿر ڪٽي هنيس، جو لڳس بہ. تڏهن بہ هو چند وکن کان
وڌيڪ پٺتي نہ هٽي ڇُري سگهيو. آخر وانگ لنگ پنهنجون ڄنگهون، ٻيئي ٻيئي، ڏڪنديون
۽ ٿڙنديون محسوس ڪيون، ۽ پنهنجو منهن هٿن سان ڍڪي اُتان هليو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ايئن ئي نيڪ آهي." هُن پاڻ کي چيو. ۽ پهريون ڀيرو هو مڪمل مايوسيءَ ۾ گهيرجي ويو.

ٻئي صبح جو جڏهن چمڪندڙ نيري آڀ ۾ سج بنان ڪنهن تبديليءَ جي روز جيان اڀريو، تہ هُن کي اهو سڀ خواب محسوس ٿيڻ لڳو. تہ هن کو بي يار و مددگار ٻارن، ڪمزور عورت ۽ هڪ پوڙهي سميت پنهنجي گهر ڇڏڻ لاءِ بہ سوچيو هو. هو پنهنجا نبل ۽ ڏبرا سَرير ڪيئن سوين ميل گهلي سگهندا؟ ۽ ڪير چائي تہ اتي ڏکڻ ۾ بہ خوراڪ هوندي يا نہ؟ ٿي سگهي ٿو تہ هن چمڪندڙ صاف آسمان جي ڪا اِنتها ئي نہ هجي! ٿي سگهي ٿو تہ هو پنهنجي آخري قوت ۽ سگهہ وڃائي يا خرچي بہ پاڻ کان وڌيڪ بکيا ۽ اجنبي ماڻهو ئي ڏسن! بهتر آ تہ اِتي ئي ترسجي ۽ پنهنجي گهر ۾ دم ڏجي. هو خيالن ۾ گهر جي ڇائنٽ تي ويٺو رهيو ۽ جُنجهين اکين سان سڪل ۽ ٽوٽ زمين ڏانهن نهاريندو رهيو، جنهن مان ڪائڻ ۽ ٻارڻ نالي جي هر شئي، عرصو ٿيو، جو پَٽي ويئي هئي.

هن وٽ پئسو بہ نہ هو. گهٽو وقت ٿيو. جو آخري سڪو بہ خرچجي چڪو هو. اڳ ۾ هن ٻڌو هو تہ شهر ۾ ڪي آسودا ماڻهو هئا، جي خوراڪ، پنهنجي لاءِ ۽ وڏن اميرن ڪي وڪرو ڪرڻ لاءِ ذخيرو ڪري رهيا هئا. اُن تي بہ هُن کي ڪاوڙ لڳندي هئي. اڄ هو سوچي بہ نہ پئي سگهيو تہ هو ڪو شهر تائين پنڌ ڪري ويندو ۽ بنان پئسي جي ڪاڌو حاصل ڪري سگهندو. سچ پچ تہ هن جي بک مَري چڪي هئي.

هن جي پيٽ ۾ بک جا چڪ، جي هن شروع ۾ محسوس پئي ڪيا، سي هينئر ڇڻ ختم ٿي چڪا هئا. هو پنهنجي زمين ۾ گهمي ڦري، ڪنهن جڳهہ تان مِٽي ڪٽي ايندو هو، ۽ پنهنجي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي خواهش ڏاران، ٻارن کي کائڻ لاءِ ڏيندو هو. هو ڪجهہ ڏينهن کان اُها ڌرتي ٻاٽيءَ سان ملائي کائي رهيا هئا. - ٻاجهہ ۽ دَيا جي ديوي ڌرتي! اُن کي اِن نالي سان ئي سڏيو پئي ويو، ڇو جو اُن ۾ ڪجهہ غذائي خوبيون هيون.جيتوڻيڪ اها زندگيءَ کي بقا نہ پئي ڏيئي سگهي. پر اُن جي رب ڪجهہ وقت لاءِ ٻارن جي گهرج کي گهٽ پئي ڪيو ۽ سندن سجيل خالي پيٽن ۾ ڪجهہ وڌو پئي. هن ڪڏهن اُو-لان جي مٺ وارن رَهَن کي نہ ڇُهيو. ۽ هُن کي اهي چباڙيندو ڏسي هو هڪ قسم جو سک ۽ آٿت محسوس ڪندو هو. هوءَ هڪ وقت هڪ داڻو چباڙيندي هئي - گهڙي گهڙي وقت جي وِٿيءَ سان.

پوءِ،جڏهن هو پنهنجي در تي ويٺو، نا اميد ٿيو، خوابي سُرور سان هنڌ تي سمهيو، موت جي ٻاڪر ۾ وڃڻ جا ويچار ڪري رهيو هو. تہ ڪو پنين مان ايندو نظر آيو. ڪي ماڻهو هن ڏانهن اچي رهيا هئا. هو ڪين پنهنجي طرف ايندو تڪيندو رهيو. ۽ هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ته انهن مان هڪ سندس چاچو هو. ۽ اُنَ سان گڏ تي بيا هئا جي هُن جا ڏنل نه هئا.

"ڪيترن ئي ڏينهن کان توکي ڪونه ڏنو اٿم". هن جي چاچي زور سان ۽ سٺي مزاج ۾ چيو. ۽ جيئن هو ويجهو آيو ته سابڳي ئي وڏي آواز ۾ چيائين، "تون نيڪ ته هئين نه! ۽ تنهنجو پيءُ، ادو وڏو ته خوش آهي نه؟"

وانگ لنگ پنهنجي چاچي ڏي تَڪيو. ايئن ته هو سنهڙو هو. پر اهڙو بکايل نه پئي لڳو، جيئن حالتن هيٺ هئڻ گهرجي ها. وانگ لنگ محسوس ڪيو ته سندس ڏبري ۽ هيٺي سرير ۾، هِن ماڻهوءَ، سندس چاچي خلاف، رهيل سهيل سگهه، ڦاٽندڙ ڪاوڙ جي روپ ۾ ڪٺي ٿي رهي هئي.

"تون کائين ڪيئن پيو - تو ڪيئن پئي کاڌو!" هن گهگهي آواز سان پٽڪيو. هن اُنهن ڌارين جو يا ادب ۽ شائستگيءَ جو به ڪو خيال نه ڪيو. هن رڳو پنهنجو چاچو پئي ڏٺو، جنهن جي هڏ تي ماس هو. چاچهنس اکيون کوليون ۽ هٿ آسمان طرف اُبا ڪيا.

"کاڌو!" هن رڙي ڪئي، " جيڪر تون منهنجو گهر ڏسي سگهين! جهرڪيءَ کي به اتي داڻو هٿ نه ايندو. منهنجي زال، - توکي ياد آ ته ڪيڏي نه ٿلهي متاري هئي؟ ڪيترو نه سندس کل موتي ۽ سٺيي هوندي هئي؟ هاڻي ڏسنديئنس جڻ ڪنهن ٿوڻيءَ تي ڪپڙو ٽنگيو پيو آهي. سندس کل اندران رڳو ويچارا هڏا پيا کڙڪندا آهن. اسان جا ٻار، - رڳو چار وڃي بچيا آهن. - ننڍڙا ٽي موڪلائي چڪا آهن - موڪلائي - ۽ مان، مون کي ته تون ڏسين پيو". هن ڪُڙتي جي ٻانهن ڪٽي هرهڪ اک تان، غيرحاضر ٻگوڙها، خبرداريءَ سان اگهيا.

"تون کائيندو رهيو آهين." وانگ لنگ موٽائيب ۽ جهٽائي سان ورجايو.

"مون رڳو تنهنجي پيءُ، جو منهنجو ڀاءُ ٿئي، لاءِ ئي پئي سوچيو آهي." هن جي چاچي تيز آواز سان موٽ ڏني. "۽ هاڻي مان توکي ان جو ثبوت ڏيندس. مون کان جيترو ٿي سگهيو آهي، مون شهر جي هنن نيڪ ماڻهن کان خوراڪ اُڌاري پئي ورتي آهي، ان واعدي سان ته اُن سان مون کي سگهه ملي، ته ڪين پنهنجي ڳوٺ پاسي ڪجهه زمين وٺرائي ڏيڻ ۾ مدد ڪندس. پوءِ مون کي ڀهريندي ئي تو واري ڀليءَ ٻنيءَ جو خيال آيو. - آخر ته تون منهنجي ڀاءُ جو پٽ آهين! هو تو کان زمين خريد ڪرڻ ۽ توکي رقم ڏيڻ آيا آهن - پئسا - زندگي - خوراڪ - پئسا!" اهي لفظ چئي سندس چاچي اڱتي وک وڌائي، ۽ پنهنجا هٿ، ميري ۽ ڦاٽل ڪُڙتي جي پانڌ ۾ ويڙهي ڇڏيا.

وانگ لنگ چريو پريو ئي ڪين. هو اٿيو ئي ڪين، ۽ نه ئي آيلن جي آمد جو چتاءُ ورتائين. پر هُن ڪين ڏسڻ لاءِ پنهنجو مٿو کنيون ۽ هن ڏٺو ته هو سچ پچ شهر کان آيا

هئا. روغني ريشم جي جُبن ۾ ملبوس. سندن هٿ ڪُنئرا ۽ ننهڙ وڏيل هئا. هو ڪائيندڙ پيئندڙ پئي نظر آيا ۽ سندن رڳن ۾ اجا رت ڊوڙي رهيو هو. اوچتو هُن جي من ۾ هنن لاءِ بي انتها نفرت پيدا ٿي. هي شهر جا ماڻهو هئا. ڪائي بي ڏٿيل. هُن جي اڳيان بيٺا هئا. جنهن جا ٻار بکيا هئا ۽ پنهنجي ٻنيءَ جي مٽي ڪائي رهيا هئا. هو هتي سندس مجبوريءَ ۾ سندس زمين ڦٻائڻ آيا هئا. هُن ڪاوڙ مان ڏانهن ڏٺو. سندس اکيون هڏائين ڪوپريءَ ۾ پيهي ويل هيون. پر ٻري رهيون هيون.

"مان پنهنجي زمين نہ وڪڻندس." هن چيو.

سندس چاچي وک وڌائي. ان مهل وانگ لنگ جي پٽن مان ننڍو. هٿن ۽ گوڏن تي بانبڙا پائيندو در وٽ آيو. هيٺائيءَ ۽ نستائيءَ سبب ٻار موٽي بانبڙن جي حد تي پهتو هو.

"هي تنهنجو ڇوڪرو آهي؟" چاچي رڙ ڪئي. "ننڍڙو ٿلهو ڇوڪر. جنهن کي گذريل اونهاري مون ٿامي جو سڪو ڏنو هو؟"

هو سڀ ٻار ڏي ڏسڻ لڳا. اوچتو وانگ لنگ. جو هي سارو عرصو ڪڏهن نہ رنو هو. اچي روئڻ ۾ پيو. خاموش ڳوڙها. ڪي سندس ڳلن تي پئي ڪريا. تہ ڪن سندس نڙيءَ کي پئي گهُٽيو.

"ڪيتري قيمت ڏيندئو؟" آخر هن پڇئي ڏنو. آخر تہ ٽن ٻارن کي ڪارائڻو هو - ٽي ٻار ۽ هڪ ٻڍو. هو ۽ سندس زال تہ پنهنجي لاءِ قبر کوٽي پئي سگهيا. ۽ اُن ۾ ليٽي آرام سان ساهہ ڏئي پئي سگهيا. پر هي چار جيو بہ تہ هئا.

پوءِ شهر مان آيلن مان هڪ شخص ڳالهايو. جنهن جي هڪ اک ڪاٺي ۽ اندر پينل هئي.

"منهنجا غريب ڏتڙيل جوان. اسان توکي. بک ۾ مَرندڙ ٻار جي صدقي. ايتري سٺي قيمت ڏينداسين. جو تَر ۾ ڪو بہ ڪنهن کي ڪو نہ ٿو ڏئي. اسان توکي...." هو ترسيو ۽ پوءِ گهرائپ سان چيائين.

"اسان توکي ايڪڙ لاءِ سئو پينس جو سڪو ڏينداسين!"

وانگ لنگ هڪ ڪڙي کِل کليو. "بس. ايتري؟" هن رڙ ڪئي. "جڻ منهنجي زمين بخشش ۾ ڪٽي رهيا آهيو. ان ڪان وبهوٽي قيمت تہ مان خريد ڪرڻ مهل ڀري هئي!"

"پر هڪ بکايل ماڻهوءَ کان خريد ڪرڻ وقت نہ!" شهر مان آيل هڪ ٻئي ماڻهوءَ چيو. هي هڪ ننڍي قد وارو سنهڙو شخص هو ۽ سندس نڪ سنهڙو ۽ نڪتل هو. پر سندس آواز اُن جي برعڪس ڳرو. کهرو ۽ سخت هو.

وانگ لنگ تنهي ڏي ڏٺو. هن کي پڪ هئي ته هُو زمين ڪين وڪڻندو! ماٺهو پنهنجي بک ۾ پاهه ٽيندڙ پيءُ ۽ ٻارن لاءِ چا نٿو ڏئي سگهي! اڄ مجڻ واري هيٺائي رجي ڪاوڙ ۾ ڍلجي وئي. اهڙي ڪاوڙ جهڙي هن عمر ۾ ڪڏهن نه سنيري. هو ماڻهن تي ايئن الر ڪري اٿيو جيئن ڪو ڪتو دشمن تي نرا ڪٽي بيهندو آهي.

"مان ڪڏهن به زمين نه وڪڻندس!" هن رڙ ڪري ڪين چيو. "مان ذرو ذرو ڪري زمين کوٽي ٻارن کي کارائيندس. جڏهن مئا ته ڪين ان ئي ٻنيءَ ۾ دفنائيندس، ۽ مان، منهنجي زال ۽ منهنجو پوڙهو پيءُ، اهو به، - اسان سڀ هن پوڻ تي مرنداسين. جنهن اسان کي جنم ڏنو آهي!"

هو زور سان روئي رهيو هو. ۽ سندس ڪاوڙ ايئن هلي وئي جيئن هوا جو جهوٽو اچي هليو وڃي. هو اتي بيٺو ۽ رئڻ ۽ ڏکڻ لڳو. ماڻهو بيٺا هلڪي مرڪ مرڪندا رهيا. سندس چاچو انهن ۾ چپ ڪيو بيٺو هو. اهي چرپائپ جا گفتا هئا. هو تيستائين ترسيا جيستائين هن جي ڪاوڙ ختم ٿي.

۽ پوءِ اوچتو اُو-لان دروازي تي آئي ۽ هن سان ڳالهايائين. هن جو آواز مانو ۽ ڪنهن به جذبات کان خالي هو. روزمره جي عام رواجي گفتگو جيان.

"زمين ته اسان ڪا نه وڪڻنداسين. اها پڪ ڄاڻو." هن چيو. " نه ته جي اسان ڏکڻ کان موٽي آياسين ته کائڻ لاءِ اسان وٽ ڪجهه نه هوندو. پر اسان ميز، پڻ ڪتون، انهن جا هنڌ ۽ چار بينچون وڪڻنداسين. ۽ پاٽي گرم ڪرڻ وارو ڍَرم به. پر تختا، واهولا ۽ هَرُ اسان نه وڪڻنداسين. نه ئي ٻني".

هن جي آواز ۾ ڪا مانائپ هئي، جنهن ۾ وانگ لنگ جي ساري ڪاوڙ کان وڌيڪ طاقت هئي. ۽ وانگ لنگ جي چاچي غير يقينيءَ سان پڇيو.

"توهان سچي به ڏکڻ پاسي ويندئو؟"

آخرڪائي شخص ٻين سان ڳالهايو. هن هڪٻئي سان سُس ڦُس ڪئي، پوءِ ڪاٺي ماڻهوءَ هن ڏانهن منهن ڪري چيو.

"اهي ته ڪين جهڙيون شيون آهن، رڳو ٻارڻ جي ئي ڪم اچي سگهنديون. سڄي سامان لاءِ ٻه چانديءَ جا سِڪا. وٺيو ته وٺو.

هن نفرت سان ڪنڌ ڦيري ڇڏيو، پر اُو-لان ڌيرج سان وراڻيو.

"اهو ته هڪ کٽ جي ملهه کان به گهٽ آهي. پر جي چاندي اٿو ته ڏيو ۽ سامان کڻو."

ڪاٺي شخص پنهنجي ڳوٿريءَ ۾ هٿ وڌو. هُن جي وڏايل هٿ تي چانديءَ جا ٻه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِڪا رکيا ۽ نئي چٽا گھر ۾ گھڙيا ۽ هنن جي موجودگيءَ ۾ ميز، ڪٽون ۽ بينچون کنيائون. پوءِ چلهہ تان ڊرم کنيائون. پر جڏهن هو پوڙهي جي ڪمري ۾ گھڙيا تہ وانگ لنگ جو چاچو ٻاهر نئي ترسيو. هن نہ پئي چاهيو تہ وڏو ڀائٽس کيس ڏسي، ۽ نہ ئي هُن اُن وقت اتي هجڻ پئي چاهيو جڏهن پوڙهي جي کٽ کٽي کيس پٽ تي سمهاريو ويجي ها. جڏهن سڀ ڪجھہ پورو ٿيو، ۽ سڄو گھر، سواءِ وچين ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل ٻين ديوالگيرن، ٻن واهولن ۽ هڪ هر ڪانسواءِ، خالي ٿي ويو، اُو-لان مڙس کي چيو. "اسان کي ٻن پئسن هوندي ئي، ان کان اڳ ۾ هليو هلڻ گھرجي، جو گھر جي ڇِت وڪڻڻ جي نوبت اچي وڃي، ۽ موٽي اچڻ بعد پناهہ لاءِ ڪو اجهو بہ نہ رهي."

۽ وانگ لنگ پريل لهجي ۾ وراڻيو، "هل تہ هلون."

پر هو زمين ڏانهن ۽ ماڻهن جي سسندڙ ۽ ننڍيون ٿيندڙ تصويرن ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ هَر هَر پٽڪندو رهيو. "گھٽ ۾ گھٽ مون وٽ زمين تہ آهي- مون کي زمين تہ آهي."

باب ڏهون

ڪجھہ ڪرڻو تہ هو ئي ڪين، رڳو ڪاٺ جي انجيسن وارن تاڪن کي بندي، لوهي ڪڙو چاڙهڻو هو. ڪپڙا جيڪي بہ هئن سي پهريل هئن. هر ٻار جي هٿ ۾ اُو-لان هڪ وڏو پيالو ۽ ڪائڻ جون تيليون ڏنيون. ٻنهي ننڍن ڇوڪرن اُهي سوگھا جهليا، جڻ اِجهو ڪين ڪاڏو ملڻ وارو هو. ايئن هنن ٻنيءَ مان پنڌ شروع ڪيو. اُجڙيل ننڍو قافلو اهڙو هوريان چري رهيو هو، جو ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ شهر جي عالم پناهہ تائين ڪڏهن بہ نہ پهچي سگھندو.

وانگ لنگ ڇوڪريءَ کي ٻنهنجي هنج تي کنيون هو. جڏهن هن ڏٺو تہ پوڙهو هانئي ڪري پوندو تہ هُن ٻار اُو-لان کي ڏنو ۽ پيءُ اِڳيان جُهڪي هُن کي ڊِڊيءَ تي کنيون. پيءُ جي سُڪل هوا جهڙي هلڪي وزن تي بہ هو تيز ڪائي رهيو هو. هو ماٺ ميٺ ۾ هلندا رهيا. ٻن ڏرتيءَ جي ديوتائن وٽان لنگھيا، جن کي سڏ ئي ڪانہ ٿي تہ ڏرتيءَ تي ڇا ٿي

رهيو هو! ٿڌ ۽ چيريندڙ برفاني هوا جي باوجود وانگ لنگ جو ڏبرو سرير پگهرجي ويو هو. اُن هوا ڪڏهن به سندن سامهون ٿيڻ ۽ گهلڻ کان بس نه ڪئي. تان جو ٻئي ڇوڪرا سيءَ کان ڪنبڻ لڳا. پر وانگ لنگ هنن کي ايئن ڇڏي آئت ڏنو.

"توهان هاڻي وڏا ٿي ويا آهيو ۽ ڏکڻ طرف سفر ڪري رهيا آهيو. اتي گرمي به آهي ۽ خوراڪ به روز ملندي آهي. اسان کي هر روز چانور به ملندا ۽ توهان هر شئي کائيندئو."

هو شهر جي پٽ وٽ اچي پهتا. ٿوري ٿوري پنڌ تي هو ساهي پٽيندا آيا. پٽ وٽ پهچي هُنن پنهنجا ڏند سيءَ کان پڪوڙيا. پٽ سان ٿڌي هوا ايئن سوساٽ ڪري گهلي رهي هئي، جيئن ٻن ٽڪرين وچ مان ڇِهرٽو وهندو هجي. هنن جي پيرن هيٺان زمين کهرُي هئي، جڻ برف جون سُيون اُڀيون بيٺيون هجن. ٻارن کي ڪا راهه نه پئي سُجهي. اُو-لان ٻار جي ٻار ۾ هلڪان هئي. وانگ لنگ پوڙهي جي بار کا تيز کائي رهيو هو. ٻڍي کي هيٺ ويهاري، هو پوئتي موٽيو ۽ هِڪ هِڪ ٻار کي کري ڪٽي آيو. جڏهن اِهو ڪري بيٺو ته سندس جسم مان پگهر ميڻهن جيان ڳڙڻ لڳو. هن سگهه ڪني ڪري، پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، ڇپي ڇيلهه سڌي ڪئي. هُن جون اکيون ٻوٽجي ويون ۽ تڪڙا تڪڙا ساهه کڻڻ لڳو. سندس گهرُ ٻارُ ڏڪندو، بيٺو. هن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

هاڻي هو وڏيءَ حويليءَ جي در کي ويجهو اچي ٿيا هئا. پر ان تي تالا چڙهيا پيا هئا. لوهي تاڪ ٻوٽيا پيا هئا. ۽ پٿر جا شينهن ميرانجهڙا ٿي ويا هئا. در جي چائنٺ تي ماڻهو ڍونڍڙا ٿيا پيا هئا. هڪ مرد هو، ٻي عورت. هو ڏبرائيءَ ۾ ڦاٽل اکين سان بند ٿيل ۽ ٻوٽيل تاڪن ڏي ڏسي رهيا هئا. ۽ جڏهن وانگ لنگ پنهنجي ننڍڙي ڏتڙيل قافلي سان وٽائن لنگهيو ته. هڪ پڳل ٿڪل آواز ۾ چيو.

"هنن امير ماڻهن جون دليون به ديوتائن جي دلين جيان سخت آهن. هنن وٽ اجا به کائڻ لاءِ چانور آهن. ۽ جيڪي چانور کائي نٿا سگهن. تنهن مان شراب ٺا ناهين. ۽ اسان بک پيار مرون!"

۽ ٻيو به پٽڪيو.

"ڪاش! مون کي هن گهڙيءَ طاقت اچي وڃي ته مان جيڪر هن دروازي، گهرن ۽ انهن ۾ اندر وارن ايوانن کي باهه ڏيئي ڇڏيان. پوءِ ڀل ته مان به اُن ۾ سڙي وڃان. لک لعنت هجي انهن والدين تي جن هوانگ جي ٻارن کي جنم ڏنو!"

پر وانگ لنگ کو به جواب نه ڏنو. ۽ ماٺ ميٺ ۾ هو ڏکڻ طرف هلندا رهيا.

جڏهن هو شهر مان نڪري ٻاهر ٿيا. ۽ ڏکڻ طرف هليا، ته ان وقت شام ٿي

چڪي هئي ۽ اونداهي اچڻ واري هئي. هو ايترو هوريان پئي هليا. هنن اتي بي شمار ماڻهو ڏڪڻ طرف ويندا ڏٺا. وانگ لنگ اهو سوچڻ شروع ڪيو تہ هو پٽ جي ڪهڙي ڪنڊ سمهڻ لاءِ چونڊي جتي هو ڪنا پئجي سگهن، جڏهن هن اوچتو پاڻ ۽ گهرٻار کي هجوم ۾ مليل ڏٺو. هن هڪ ماڻهوءَ کان، جو سندس اڳيان لنگهيو، پڇيو.

”هي سڀ گوڙ ڪيڏانهن تو وڃي؟“

”اسان بک جا ماريل ماڻهو آهيون، اسان آگ گاڏيءَ ڏي ٿا وڃون تہ جيئن ان تي چڙهي، ڏکڻ پاسي هليا وڃون. اها سامهون واري جڳهہ کان هلندي آهي، ۽ اُتي اسان جهڙن لاءِ گاڏا آهن، ۽ پاڙو چانديءَ جي ننڍي سڪي کان بہ گهٽ آهي.“

آگ گاڏي! اُن بابت هن ٻڌو هو. ڪجهہ وقت اڳ وانگ لنگ چانهہ خاني ۾ اُنهن گاڏين بابت ٻڌو هو، جي زنجير رستي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. جن کي نہ ڪو جانور ٿو ڇڪي نہ ڪو ماڻهو، پر هڪ مشين ٿي ڇڪي، جا ڊرئگون، (روايتي داستاني چيني ازدها جا وات مان باهہ ڪيندي آهي) جيان وات مان باهہ ۽ پاڻي اوڳاڇيندي آهي. تڏهن هن ڪيترائي ڀيرا سوچيو هو تہ ڪنهن موڪل ڏينهن هو وڃي اُها ڏسندو، پر ٻنيءَ تي هڪ نہ ٻئي ڪم سبب، هن کي اُن جو وقت ئي نہ مليو. ان کان سواءِ ڪجهہ بي اعتباريءَ جي ڳالهہ بہ هئي جو هن کي اهو مجڻ ۾ ئي نہ پئي آيو. ماڻهوءَ لاءِ اهو چڱو نہ آهي تہ هو اُن کان وڌيڪ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري، جو ڳڻو هن جي رهڻ ڪهڻ لاءِ ضروري آهي.

هاڻي هُن ڪجهہ شڪ ۽ گمان سان عورت ڏانهن نهاريو ۽ چيو.

”پوءِ اسان بہ اِن آگ گاڏيءَ تي هلون؟“

هو پوڙهي ۽ ٻارن کي ڇڪي هجوم کان ٻاهر پاسيرو ڪري وٺي آيا ۽ هڪٻئي کي اڻ تڻ ۽ خوف سان تڪڻ لڳا. جهٽ پل ساهي پٽڻ لاءِ پوڙهو پٽ تي ليٽي پيو، ۽ ٻار مٽيءَ ۾ ويهي رهيا. هنن انهن ٻيرن کان لتڙ جو پٿو بہ نہ پئي ڪيو. جي سندن چئني پاسن کان پئي پيا. چوڪريءَ کي اجا اُو-لان ڪنيون بيني هئي، پر ٻار جو ڪنڌ سندس ٻانهن تي ايئن لڙڪي پيو هو. جڻ مري وئي هجي. هُن جون اکيون بہ بند هيون. وانگ لنگ، سڀ ڪجهہ وساري، رڙ ڪئي،

”ويچاري مري وئي ڇا؟“

اُو-لان پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو.

”نہ، اجا، اَجا ساهہ هيٺ مٿي ٿئيس پيو. پر اڄ رات هيءَ مري ويندي، ۽ اسان سڀئي بہ، جيستائين تہ –“

۽ پوءِ جڻ هوءَ ٻيا اکر ڪڍي ئي نہ سگهي. هُن ڏانهنس نهاريو. سندس ٿڪندڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ٿڪل ۽ ڏيرو هو. وانگ لنگ کو جواب نہ ڏنو. پر اندر ئي اندر سوچيو، تہ جي هڪ ڏينهن پيو بہ هُن پنڌ ڪيو تہ رات مري ويندا، ۽ هن ممڪن حد تائين خوشگوار آواز ۾ چيو،

”اٿو ٻچڙو! اٿو! ۽ ڏاڍي ڪي اٿڻ ۾ مدد ڪيو. اسان آگ گاڏيءَ ۾ هلنداسين. ڏکڻ ڏانهن سفر ويهي ڪنداسين.“

پر هو اُٿي ۽ هلي بہ سگهن ها يا نہ، سو ڪنهن نہ ٿي ڄاتو. پوءِ اونداهيءَ ۾ گجگوڙ جو آواز آيو، جڻ تہ ڪنهن ڊرئگون جو آواز هجي، ۽ بہ وڏيون اکيون آڳ جا اُلا ڪڍي رهيون هيون، ۽ هر ڪنهن رڙيون ڪرڻ ۽ ڊوڙڻ شروع ڪيو. ان مونجهاري ۾ اِڳتي وڌندي هو هيڏي هوڏي ڌڪا ڌوما کائڻ لڳا، پر هڪ ٻئي جي پَر نہ ڇڏيائون، تان جو هو تاريڪيءَ ۾ ڌوڪي پيا، ۽ ڪيترن ئي آوازن جي روج راڙي ۾ هڪ پيتيءَ جهڙي ڪمري جي در ۾ اندر ڌِڪجي ويا. پوءِ هڪ وڏي رُوڙ سان، اها شئي جنهن ۾ هو چڙهيا هئا، اونداهيءَ ۾ اِڳتي وڌي.

باب يارهون

پنهنجي چانديءَ جي ٻن سڪن مان وانگ لنگ سوين ميل ڏکڻ جي سفر لاءِ ادائگي ڪئي، جنهن آفيسر ڪائنس پئسا ورتا، تنهن ڪيس رڪو مٺ ٽامي جي پينسن جي موٽائي ڏني. انهن مان چند سڪا ڏئي هن گهورڙئي کان چار ننڍا مانيءَ جا لولا ورتا ۽ ڇوڪريءَ لاءِ نرم چانورن جو پيالو. جيئن ئي آگ -گاڏي اچي بيٺي هئي، تہ اهو گهورڙئو گاڏيءَ جي دريءَ مان ڇپو اندر ڪري رڙيون ڪرڻ لڳو هو. ڪيترن ئي ڏينهن کان هڪ وقت تي کائڻ لاءِ اِهو ڪُجهہ هنن لاءِ گهٽو ئي هو. جيتوڻيڪ هو بک کان پاهہ پئي ٿيا، پر جڏهن ماني هنن جي وات ۾ پيئي تہ اُن لاءِ سندن خواهش ختم ٿي وئي. ٻارن کي ريجهائي گرنهہ اڌ ڳِرڪائڻ تي راضي ڪيو ويو. پر ڪراڙو ڏاڏي اُورچائيءَ سان، پنهنجي ڏندن کان خالي مهارن ۾، اها چپاڙيءَ چوسي رهيو هو.

”کائڻ تمام ضروري آهي،“ هن ڪَر ڪَر شروع ڪئي. هُن ڏاڍي دوستاڻي انداز ۾ اُنهن سيني سان پئي ڳالهايو، جي سندس چوڌاري وينا هئا، ۽ گاڏيءَ جي ڊوڙڻ ۾ هن سان ٽڪرائجي رهيا هئا. ”مون کي ان جي پرواهہ نہ آهي، تہ منهنجو احمق پيٽ، هنن

ڪجهه ڪرڻ وارن ذهنن ۾ به، ٿوٽي تي پيو آهي. پر اِن کي ڪاڏو ملڻ گهرجي. اِهو ڪم نٿو ڪرڻ چاهي، اِن ڪري مون کي بک ۾ مري وڃڻ نه گهرجي.“ ماٺهو هن چرچائي. مُرجهايل ۽ بندري پوڙهي تي اوچتو ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. جنهن جي چِڊي اچي ڏاڙهي سڄي ڪاڏيءَ تي پکڙيل هئي.

پر وانگ لنگ سڀ ٿامي جا پينس ڪاڏي تي خرچ نه ڪيا. ڏڪڻ ۾ پهچي، پنهنجي لاءِ هڪ اجهي ٺاهڻ لاءِ گهربل تڏن خريد ڪرڻ واسطي هن ڪجهه رقم الڳ ڪري رکي. گاڏيءَ ۾ اهڙا مرد ۽ عورتون به هئا. جي هِن کان اڳ به ڏکڻ ڏيهه ڏي ويا هئا. انهن مان ڪي اهڙا هئا. جي هر سال ڏکڻ جي شاهوڪار شهر ڏانهن ويندا هئا. ته جيئن ڪم ڪري ۽ پني به ڪاڏي جا پئسا بچائين. وانگ ٿوريءَ دير کان پوءِ اِن حيرت ۽ اچرج جي دنيا مان ٻاهر نڪتو. جنهن ۾ هو اچي وينو هو. ۽ جيڪا دريءَ مان ٻاهر. گاڏيءَ هلندي، ٻاهر تيز ڊوڙندڙ زمين کي ڏسي ڪيس ٿي هئي. پوءِ هن چوطرف جو چوٻول ٻڌڻ شروع ڪيو. هو وڏي وات ايئن عقلمنديءَ سان ڳالهائي رهيا هئا. جڻ ٻيا سڀ اڻ ڄاڻ هئا.

”پهريائين توهان کي ڇهه تَڏا خريد ڪرڻ گهرجن.“ هڪ چيو. جنهن جا ڳُهرا چَپ اُٺ جي چپن جيان لڙڪي رهيا هئا. ”هڪ تڏو ٻن پينسن جو آهي. بشرطيڪ توهان کي عقل آهي ۽ شهري ٻي عقلن جيان نه ٺا هلو. اُن حالت ۾ هو توهان کان ٽي پينس وٺندا. جو اڳهه غير ضروري ۽ گهٽو آهي. مون کي چڱيءَ پَر خبر آهي. ڏکڻ جي شهرن جا ماڻهو مون کي ٺڳي نٿا سگهن. ٻلي ڪٽي شاهوڪار به چو نه هجن.“ هن پنهنجو ڪنڌ چوگرد گهمايو ۽ داد لاءِ نهاريو. وانگ لنگ هورا ڪورا وچان ٻڌڻ لڳو.

”۽ پوءِ؟“ هن پڇيو: هو پُنيءَ پر اوڪڙو. گاڏي جي فرش تي وينو هو، جو هرحال ۾. ڪاٺ جي نهيل هڪ خالي ڪمري جيان هو. ۽ جنهن ۾ ويهڻ لاءِ ڪا به ٻي شيءِ ڪا نه هئي. فرش جي وٿين مان ڏوڙ ۽ هَوا اُڏامي اندر اچي رهي هئي.

”پوءِ.“ ماٺهوءَ اجا به وڏي آواز سان چيو. سندس آواز هيٺ لوهي ڦيٿن جي آواز کان به زوردار پئي لڳو. ”پوءِ انهن کي گڏي توهان هڪ جهوپڙي ٺاهيو ۽ پوءِ توهان پِنڻ لاءِ نڪري پئو. ان لاءِ توهان پهريائين پنهنجي پاڻ کي مِٽي مکيو ۽ پاڻ کي اهڙو رَحم جوڳو ٻڻايو جيترو ٻڻائي سگهو.“

پر وانگ لنگ. ساري عمر. ڪڏهن به ۽ ڪنهن کان به. ڀيک نه ورتي هئي، ۽ هن کي ڏکڻ جي ڏارين ۽ نون ماڻهن کان ڀيک پنڻ جو خيال ئي نه پئي وڻيو.

”ڇا، پِنڻ ضروري آهي؟“ هن پڇيو.

”ها. بيشڪ.“ ڳُهري وات واري ماڻهوءَ چيو. ”پر تيستائين نه، جيستائين

توهان ڪجهہ ڪاڏو نہ آهي. هن ڏڪڻ جي ماڻهن وٽ، ايترا تہ واڌو رذل جانور پيا هوندا آهن، جو هو هر صبح جو عام بورچي خاني ۾ وجي. هڪ پيني ۾ ايتري تہ جانورن جي اجي رب وٽي سگهو ٿا. جو اوهين ڪائي پيٽ پري سگهو ٿا. پوءِ توهين آرام ۾ سڪ سان پني سگهو ٿا، ۾ رَهن جي ڀاڄي، گوبي ۾ ٿوم وغيره بہ خريد ڪري سگهو ٿا!"

وانگ لنگ ٻين ڪان ٿورو پاسيرڙو ٿي ويو. ۾ پنهنجو مُنهن گاڏي جي ڪانائين ۾ پٽ ڏي ڪري، ۾ لڪ چپ ۾ هٿ ڳوٺريءَ ۾ وجهي. ٻچيل پنهنجا پينس ڳڻڻ لڳو. هن وٽ ڇهن تڏن ونڻ، هرهڪ لاءِ پينيءَ جي ماني ونڻ ڪان پوءِ بہ. ٽي پينس بچيا پئي. هن کي سُڪون ۾ آئت مليو تہ هو پنهنجي نئين زندگي چڱي نموني شروع ڪري سگهندا. پر ايندڙ ويندڙ آڏو جمني وڏائي پنڻ جو خيال هن کي پريشان ڪندو رهيو. اُهو ڪرازي ۾ ٻارن لاءِ، ۾ عورت لاءِ پڻ، تہ ڪنهن حد تائين ٺيڪ پئي لڳو. پر هن کي تہ پنهنجا بہ سڄا سارا هٿ هئا.

"اُتي ماڻهوءَ جي پورهئي لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي؟" هُن ڦري، اوچتو، ماڻهوءَ ڪان پڇيو.

"هَهَہ! ڪم؟" ماڻهوءَ ڏڪار وچان چيو، ۾ فرش تي ٿڪ اُڇلائي. "تون امير ماڻهوءَ کي زرد رڪشا ۾ ڪٽي چڪي سگهين ٿو. ۾ جي ايئن وٽئي تہ ڊڪندي ڊڪندي ٻٽ جو رتُ ٿهڪائي پگهر سان شل ٿي سگهين ٿو. اهڙي هڪ گراهڪ لاءِ انتظار ڪندي، بيهي بيهي پاڻ کي پهرين برف ۾ ٻخ بہ ڪري سگهين ٿو! ان ڪان تہ پنڻ ڀلو!" هن دشمن تي وڏو لعنتاڻو وڌو. اهڙو جو. وانگ لنگ وري هن ڪان ڪو ٻيو سوال نہ ڪيو.

پر هن، جو ڪجهہ ماڻهوءَ واتان احوال ٻڌو، سو بہ هن لاءِ گهٽوئي هو. چاڪاڻ تہ جڏهن آگ گاڏيءَ هنن کي کڻي اچي ڏکڻ ۾ هڪ جاءِ تي ڇڏيو، تہ وانگ لنگ وٽ رٿا تيار هئي. لهڻ سان ئي هن پڊي ۾ ٻارن کي هڪ گهر جي ڊگهي سليٽي رنگ واري ڀت سان ويهاري ڇڏيو ۾ عورت کي انهن تي نظر رکڻ لاءِ چيو. مارڪيٽ جي گهٽين ۾ هو هِن هُن ڪان ۾ هِتان هُتان تڏن خريد ڪرڻ لاءِ پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. ٻهريون تہ جو ڪجهہ هن کي چيو پئي ويو، سو هُن مشڪل سان پئي سمجهيو. هنن ڏکڻ وارن جو اُچار ۾ لهجو اهڙو تہ تيز ۾ پگل ٿتل هو، جو هن کي سمجهڻ ۾ ئي نہ پئي آيو. جڏهن هن جي ڪيترن دفعن جي ورجائي پڇڻ سان بہ هنن نہ پئي سجهيو تہ بي صبر پئي ٿي ويا. نيٺ هو سمجهي ويو تہ ڪيس ڪهڙي ماڻهوءَ ڪان ڪجهہ پڇڻ گهرجي، ۾ هن اهڙن ماڻهن ڪان پڇا شروع ڪئي، جنهن جي منهن تي ڪا ٻاجهہ يا ديا جي جهلڪ پئي نظر آئي. هنن ڏکڻ جي ماڻهن جا سياءَ، تيز ۾ جلد سولائيءَ سان ڪاوڙ ۾ پرجي وجڻ وارا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر آخرڪار هن کي، شهر جي چيڙي ۾، ٿڌن جو دڪان هٿ اچي ويو. هن پنهنجون پينيون ڪيڏي ايئن دخل تي رکيون، ڇڻ هن کي شين جي قيمت جي پوري خبر هجي ۽ هو پنهنجا تڏا ويڙهي، ڪٽي واپس وريو. جڏهن هو ان جاءِ تي پهتو، جتي گهَر وارن کي ڇڏي ويو، تہ هنن کي انتظار ۾ بيٺل ڏٺائين. جيتوڻيڪ هُو اچي ويو هو تہ بہ ڇوڪرا ڪيس ڏسي رڙيون ڪرڻ لڳا ڇڻ وڏو ڇوٽڪارو مليو هون. هن ڏٺو تہ اُن اوبڙي جڳهہ تي هو ڏاڍو ڏڇي رهيا هئا. رڳو ٻيو ئي هر شئي کي خوشيءَ سان ڏسي رهيو هو، ۽ عجب ڪائي رهيو هو، ۽ وانگ لنگ سان ٻَڻ ٻڻ ڪيائين،

"ڏس تہ، سڀ ڪيڏا نہ ٿلها متارا آهن! هي ڏکڻ وارا، ۽ ڪيتري نہ سندن چمڙي سٺي ۽ اڇي آهي! هي بيشڪ روزانو گوشت کائين ٿا."

پر لنگهندڙن مان ڪنهن بہ وانگ لنگ يا سندس ڪٽنب ڏي ڪين نهاريو. پٿر سان فرش ٿيل شاهي سڙڪ تان ماڻهو پئي هليا چليا ۽ گهميا ڦريا. رُڌل ۽ پنهنجي خيالن ۾، ۽ هيڏي هوڏي فقيرن يا ننڍين شين تي نظر ئي نہ پئي پين. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ اتان گڏهن جو قافلو پئي لنگهيو. گڏهن جا ننڍڙا کُر آرام سان پٿرن تي پيا پئي، ۽ هنن جي پُٺن تي، عمارتي اڏاوت لاءِ سِرُن جون ٽوڪريون ۽ اناج جون وڏيون ڳوٽيون لڏيل هيون. هر قافلي جي پڇاڙيءَ ۾ پوئين جانور تي، ان جو هَڪليندڙ بہ ويٺو هو. هُن کي هڪ وڏو چهبڪ هٿ ۾ هو، جو هو، وڏي وات رڙيون ڪرڻ سان گڏوگڏ، جانورن جي پُٺن تي وسائي رهيو هو. هر سوارُ، جڏهن وانگ لنگ وارن وٽان لنگهيو تہ هن ڏانهن ڏڪار سان نهاريندو پئي ويو. کهرن ۽ ڪم ڪار وارن ڪوٽن ۾ ڍڪيل هِن گڏهہ سوارن جيان ڪو شهزادو بہ وڏائي ۽ ڏڪار سان نہ پئي ڏسي سگهيو. رستي سان ويٺل يا بيٺل سڀني هِن حيرت ۾ ٻُڏل ٻهراڙي جي وائڙن ماڻهن ڏانهن هڪ ٻيرو ڏسي، منهن ورائي پئي پاسي ڪري ٿي ڇڏيو. هر ڪنهن لاءِ اهو خاص خوشيءَ جو سبب پئي ٿيو، جو هو اهڙي عجيب و غريب ڪٽنب کي ايئن ڏسي رهيو هو ۽ اُنهن وٽان لنگهندي هر سوار پنهنجي گڏهہ تي چهبڪ پئي وهايو، ۽ هوا ۾ ان ڦهڪاءَ سبب پيدا ٿيندڙ آوازَ رستي هنن کي چرڪائي پئي ڇڏيو. هنن کي چِرڪندو ڏسي گڏهہ سوار کِليا پئي. هڪ بہ دفعو جڏهن ايئن ٿيو تہ وانگ لنگ ڪاوڙجي رستي ڏانهن ڏسڻ ڇڏي، ڦري مَنهہ ناهڻ لاءِ مناسب جڳهہ ڳولڻ لڳو.

پٽ سان ڪنيون ٻيون بہ جهوپڙيون هيون، پر پٽ جي اندران ڇا هو، سو ڪنهن بہ نہ پئي ڄاتو، ۽ ڄاڻڻ جي ڪا راهہ بہ ڪانہ هئي. اُها تمام ڊگهي ۽ اُوچي هُئي، ۽ ان جي پاڙ سان ننڍي مَنهَڙي ايئن پئي لڳي، جيئن ڪُتي جي پُٺيءَ تي مک، هن جهوپڙين کي ڇتائي ڏٺو ۽ اهڙي نموني پنهنجي لانڍي بہ ناهڻ شروع ڪئي. هن تڏا هيئن هونءَ رکڻ

شروع ڪيا. پر جيئن تہ اهي چيريل ڪانن مان نهيل هئا. ان ڪري ڏاڍا سخت ۽ اڏنگا هئا. هو بيزار ۽ نراس ٿي ويو. اوچتو اُو-لان چيو:

”مان اهو ڪم ڪري سگهان ٿي. مون کي ياد آ تہ مان ننڍي هوندي مَنهَہ ٺاهيندي هيس.“

هن چوڪري هنج مان لاهي زمين تي ويهاري، ۽ تڏا چڪي ترتيب سان ٺاهي رکيا، ۽ گول ڇت ٺاهي، جا هڪ پاسي کان زمين سان پئي ملي. اندران ايترو اوچي هئي جو ماٿهو ڇت کي ڇُهڻ ڪانسواءِ هيٺان ويهي سگهيو پئي. تڏن جي زمين سان لڳندڙن پڇڙين تي، هن چوڏاري پيل سِرون ميڙي رکيون ۽ ٻارن کي اجا وُڏيڪ ميڙي آڻڻ لاءِ موڪليو. جڏهن منهہ ٺهي ويو، تہ هو اندر ويا. هڪ تڏو، جو بچائي رکيو هئائون، سو هنن پٽ تي وڇائي فرش ٺاهيو. تڏي تي ويهي هنن پاڻ کي اَجهي ۾ محسوس ڪيو.

ايئن ويني ۽ ٻاهر تڪيندي، هنن کي ويساهہ ٿي نہ پئي آيو تہ ڪو ڪالهہ هو پنهنجو گهر ۽ پنهنجي پوکءِ ڇڏي آيا هئا، ۽ هينئر هو سوين ميل پري هليا آيا هئا. اُهو پنڌ ڪين پيرين پنڌ اجڻ تي هفتن جا هفتا گهري ها، ۽ پوري ڪرڻ کان اڳ ئي شايد هو، يا انهن مان ڪي، مَري کپي وڃن ها.

اهو عام احساس تہ هن امير ملڪ ۾ گهٽو ڪجهہ هو، جتي ڪو بہ بکيو نہ پئي نظر آيو، ڪين خوشي بہ پهچائي رهيو هو. جڏهن وانگ لنگ چيو تہ ”هلو تہ عوامي بورچيخاني ڏي هلون!“ تہ هو خوشيءَ ۾ نہ ماپي، اُٿي کڙا ٿيا، ۽ هڪ دفعو وري هو ٻاهر نڪري آيا. چوڪر هلڻ مهل پنهنجون ڪاٺڻ جون تيليون پيالن تي هٽي واجا ڪري رهيا هئا، ڇو جو سنت ئي ڪين ڪجهہ ڪاٺڻ لاءِ ملڻ وارو هو. هنن جلد ئي معلوم ڪري ورتو تہ ان وڏيءَ پٽ سان جهوپڙيون جو ڪڙيون ڪيون ويون هيون، ڇو جو ان پٽ جي اُترئين ڇيڙي کان ٿوري ئي فاصلي تي هڪ گهٽي هئي، اُن گهٽيءَ مان ڪيترائي ماٿهو پيالا، ڏونگا، بالٽيون ۽ خالي ٽين کنيو، وڏندا پئي ويا؛ ۽ هو سڀ غريبن لاءِ ننگر خاني طرف وڃي رهيا هئا، جو ويجهو ئي گهٽيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هو. وانگ لنگ ۽ اُن جو ڪٽنب بہ اُن هجوم ۾ گڏجي ويو. انهن سان هلندا، هو ٻن وڏين جاين تي اچي پهتا، جي تڏن جون نهيل هيون، ۽ هرڪو اُنهن جڳهين جي کليل لنگهن تي پيڙ ڪيو بيٺو هو.

هر جڳهہ جي اندر، پوياڙيءَ ۾، مٽيءَ جا چُلها نهيل هئا، ايترا وڏا جهڙا اڳ وانگ لنگ تہ ڪڏهن ڪين ڏٺا هئا، ۽ اُنهن تي لوهي ڊرم رکيل هئا، جي ننڍن تلائن جيترا وڏا ۽ ويڪرا هئا. جڏهن انهن تان وڏا ڪاٺ جا ڍڪڻ لاٿا پئي ويا تہ انهن ۾ اُبريل ٻُڙ ٻُڙ ڪندڙ اڇا چانور نظر پئي آيا، جي سٺي قسم جا اڇا چانور هئا، ۽ خوشبوءِ واريءَ ٻاڦ جا

ڪڪر اُن مان نڪتا پئي. هنن کي اُنهن جانورن جي خوشبوءِ دنيا ۾ مِني ۽ سُني ۾ سُني سگهڻ لڳي. سڀ زور سان اڳتي ڌوڪڻ لڳا. ماڻهو رڙيون ڪري رهيا هئا. عورتون پنهنجي ليکي ٻارن کي دڙڪا داٻ ڏيئي رهيون هيون ته ڪتي ڪانئن هَتي گم نه ٿي وڃن يا لتاڙجي وڃن. ۽ ننڍڙا ٻار روئي رهيا هئا. جن ماڻهن ڊِڪڻ لاتا پئي. تن رڙيون ڪري چيو پئي،

"هر ڪنهن کي واري سان ڪافي ملڻ جيترو مال آهي! رڙيون نه ڪريو!"

پر مردن ۽ عورتن جي بکئي هجوم کي ڪجهه به روڪي ۽ ترسائي نه پئي سگهيو. ۽ پاڻ ۾ تيستائين جانورن جيان وڙهندا رهيا. جيستائين سيني ڪائي ڊئو نه ڪيو. وانگ لنگ ان هجوم ۾ بينو ڪجهه نه پئي ڪري سگهيو. سواءِ ان جي ته پنهنجي پوڙهي پيءُ ۽ ٻارن کي پاڻ سان جهليو. ڪنو ڪيو بينو رهي. جڏهن هو ان وهڪري ۾ لڙهندو ڊرم وٽ پهتو ته هن پنهنجو ڊونگو وڌايو. ان ۾ جانورن جي رب پري وئي ۽ هن پينس اڳيان اڇلايو. ان ڪان وڏيڪ هو اتي بيهي نه سگهيو ۽ ٻاهر ڌڪجي آيو.

پوءِ جڏهن نڪري ٻاهر گهٽيءَ ۾ آيا ته بيهي کائڻ لڳا. هنن پيٽ ڀري کاڌو. هن جي ڊونگي مان اجا ڪجهه بچي پيو. هن چيو.

"هي مان گهر ڪٺي هلندس ۽ شام جو کائيندس."

پر سندس پر ۾ بيٺل هڪ شخص، جو پهريدار يا چوڪيدار پئي لڳو. ڇو جو هن کي نيري ۽ ڳاڙهي رنگ جي خاص پوشاڪ پهريل هئي. تکائيءَ سان چيو.

"نه. سواءِ ان جي جو تنهنجي پيٽ ۾ آهي. تون هتان ڪجهه به نٿو ڪٺي وڃي سگهين." وانگ لنگ ان تي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ چيائين.

"جڏهن مان پيني ادا ڪئي آهي ته تنهنجو ڇا وڃي. مان ڪٺي وڃان يا نه؟"

ماڻهوءَ جواب ڏنو. "اسان لاءِ اهو قاعدو ضروري آهي. ڇو جو ڪي اهڙا بي رحم ۽ پٿر دل به آهن. جو اچي هتان جانور خريد ڪري ويندا آهن. جي رڳو غريبن لاءِ آهن - ڇو جو هڪ پينيءَ ۾ غريبن ڪانسواءِ پئي ڪنهن جو ته پيٽ نٿو پرجي - پوءِ اُهي پينيءَ ۾ ڊونگا پرائي، گهر ڪٺي وڃي پنهنجي پالتو سوئرن کي کارائيندا آهن. سو ايئن ٿيڻ نه گهرجي. هي جانور غريب ماڻهن لاءِ آهن. سوئرن لاءِ نه!"

وانگ لنگ وات ڦاڙي اها عجيب ڳالهه ٻڌندو رهيو. ۽ پوءِ چيائين.

"اهڙا بي رحم ماڻهو به آهن ڇا؟" ۽ پوءِ جواب ملڻ لاءِ ترسڻ ڌاران ئي چيائين.

"پر ڪو غريبن لاءِ ايئن مفت جهڙا ۽ سستا جانور ڇا لاءِ ٿو ڏئي. اهو ڪير آهي؟"

ان تي ماڻهوءَ جواب ڏنس.

"شهر جا شاهوڪار ۽ خوش پوش ماڻهو ئي اِهو ڪجهه ڪن ٿا. ڪي آخرت لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڪيءَ خاطر ڪن ٿا. تہ ٻئي جي زندگي بچائي هو شايد آخرت ۾ اُن جو اُجورو مائين. ۽ ڪي وري سڻو ۽ خير جو ڪم سمجهي ڪن ٿا تہ جيئن سندن نيڪي ڪٿي وڃي."

"بهرحال، ڪهڙو بہ ڪٿي سبب هجي، اهو ڪم چڱو آهي." وانگ لنگ چيو. "۽ ڪي وري رحم دل هئڻ ڪري بہ ڪندا هوندا؟" ۽ ٻوءِ اهو ڏسي تہ ماڻهو ڪو جواب نٿو ڏئي، پاڻ ئي چيائين، "گهٽ ۾ گهٽ ٿورا ڪي اهڙا بہ هوندا."

پر ماڻهو هن سان ڳالهائي ٿڪجي پيو هو. ۽ منهن ڦيري ڇڏيائين ۽ ڪو گيت جهونگارڻ لڳو.

ٻار وانگ لنگ کي ڇڪڻ لڳا. ۽ هو انهن کي وٺي لانديءَ تي آيو. اُتي پهچي هو ليٽي پيا ۽ ٻئي صبح تائين سُمهيا رهيا. ڇو جو اونهاري ڪان وٺي اهو پهريون ڀيرو هو، جو هنن پيٽ ڀري کاڌو هو.

ٻئي صبح لاءِ هنن کي پئسن جي ضرورت محسوس ٿي، ڇو جو آخري پئسو بہ هنن ڪالهہ چانورن تي خرچي ڇڏيو هو. وانگ لنگ سوال وارين نگاهن سان اُو-لان ڏانهن نهاريو، جڻ پڇندو هجيس تہ هاڻي ڇا ڪجي. پر ان نگاهہ ۾ اها نراسائي ۽ مايوسي ڪانہ هئي، جا هن اُو-لان تي پنهنجي سُڪل ۽ ٽوٽ ڏرتيءَ تي وڌي هئي. هتي، جتي خوش خوراڪ ماڻهو گهٽين ۾ آيا ويا پئي، مارڪيٽن ۾ گوشت ۽ سبزيون جام هيون، مڇي مارڪيٽ ۽ ٽبن ۾ جيئريون مڇيون تري رهيون هيون، اهو يقيني طور ناممڪن هو تہ ڪو ماڻهو ۽ سندس ٻار بک وگهي مري ويندا. هت سندن ملڪ واري حالت ڪانہ هئي، جتي چانديءَ عيوض بہ کاڌو نہ پئي ملي سگهيو، ڇو جو بنهہ هو ئي ڪين. ۽ اُو-لان ڏيرج سان هن کي جواب ڏنو، جڻ هُن لاءِ اهو جيئن ڪو اڻ ڄاتل يا اوپرو ڪونہ هو.

"مان ۽ ٻار تہ پني سگهون ٿا. ۽ ڪراڙو پڻ. هن جا اَڇا وار شايد اُنهن جي دل ۾ ديا وجهي سگهن جي اسان کي خير نہ ڏين."

هُن ٻن ڇوڪرن کي پاڻ ڏي سڏيو. جن ٻارن جيان ڀيو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو هو ۽ اِهو بہ تہ اُتي ڪين وري ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ملي رهيو هو ۽ اِهو بہ تہ هو ڪو هڪ ڌاريءَ ۽ نئين جڳهہ تي هئا. هِنَ وقت هو رڳو اُتي گهٽيءَ ۾ بيهي هر ايندڙ ويندڙ شئي کي ڏسي رهيا هئا. سڏ تي هو گهٽيءَ پاسي کان ڏيان هٽائي، ماءُ وٽ آيا.

"پنهنجا ڏونگا هيئن جهلي بيهو ۽ هيئن رڙيون ڪريو-"

هن پنهنجو هٿ ڏکو ڪري ڏونگو جهليو ۽ غمگين لهجي ۾ چوڻ لڳي،

"او دل وارا، رحم وارا سائين، ديالو ديوي! رحم ڪريو- اسان تي ترس کائو- آخرت لاءِ نيڪيءَ جو توشو ناهيو! ٿورو ڪجهہ ڏيو- هڪ پيني ڏئي وڃو- بکئي ٻارن تي

رحم ڪيو."

نِنديا پار هُن ڏي گهورڻ لڳا. ۽ وانگ لنگ پڻ. هوءَ ايئن رڙيون ڪرڻ ڪڏهن سگهي ٿي؟ هن عورت ۾ ڇا ڇا هو. جو هن نه پئي ڄاتو! هن سندس نگاهن جو جواب ڏيندي چيو.

"مان ننڍي هوندي ايئن رڙيون ڪري پنهنجو پيٽ ڀريندي هيس. ههڙيءَ قحط ساليءَ ۾ ئي مان ٻانهي ٿي وڪي وئي هيس."

ان تي ٻيو، جو سُتو پيو هو، سو به جاڳي اٿيو. ۽ هنن ڪيس به ڏونگو هٿ ۾ ڪٽايو ۽ چارئي ڄڻا پنڻ لاءِ رستي تي نڪري پيا. عورت هر لنگهندڙ آڏو هٿ وڌائي، جمنو لوڏي سَين پئي هنئين. هن ابهم ڇوڪريءَ کي پنهنجي اگهاڙيءَ ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو. پار سمهي پيو ۽ سندس مٿو، هُن جي چرڻ ٻرڻ سان، هيڏي هوڏي پئي ٿيو. پنڻ مهل هوءَ پار طرف به اشارو ڪري رهي هئي ۽ چئي رهي هئي،

"مهربان سائين، سڀاجهي سائڻ، جي توهان ڪجهه نه ڏنو ته هيءُ پار مري ويندو- اسين بکيا آهيون - اسان بک تا مرون!" سچ پچ ته پار به صفا مئل پار جيان پئي لڳو. سندس ڪنڌ هيڏي هوڏي لُڏي لَمي رهيو هو. ۽ ڪي چند ئي اهڙا هئا.جي نه چاهيندي به، هڪ ننڍڙو سڪو ڪيس ڏئي رهيا هئا.

پر پارن ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ئي پنڻ کي راند ڪري ورتو ۽ پوڙهو پنڻ مهل شرمسار ٿي رهيو هو ۽ مِيسٽو ٿي پُڻ پڻ ڪري رهيو هو. ماٺهن سمجهي وئي. هوءَ پارن کي مَنهه ۾ گهلي آئي ۽ ڳلن تي چماٽون هڻي، ڪاوڙ ۾ هُن چيو،

"بک بک به ڪريو ٿا، ته وري کِلو به ٿا! احمقو! پل پيا بک مرو!" هن ڪين وري چَماٽون هنيون، جيستائين سندس هٿ ٿڪجي نه پيا. ۽ ڳوڙها پارن جي ڳلن تان ڳڙڻ نه لڳا. هو سڏڪا ڀرڻ لڳا ۽ ماٺهن ڪين پنڻ لاءِ وري ٻاهر موڪليو. ۽ چيو،

"توهان هاڻي پنڻ جي قابل آهيو! جي وري کِليا آهيو ته-!"

باقي رهيو وانگ لنگ. هو گهٽين ۾ گهمندو رهيو ۽ هِن هُن کان پڇندو رهيو، جيستائين ڪيس اُن جاءِ جو پتو پيو جتان رڪشائون ڪرايي تي ملي پئي سگهيون. هو اتي ويو ۽ هڪ ڏينهن لاءِ هڪ رڪشا، ڪرايي تي ورتائين. ۽ ڪرايو اڌ چانديءَ جو سڪو هو. جو رات مهل ادا ڪرڻو هو. پوءِ هو اُن کي پويان ڪري، ڇڪيندو ٻاهر گهٽي ۾ نڪري آيو.

پنهنجي پويان پن ڦيٿن تي ڪاٺ جي ڳري رڪشا ڇڪيندي، هن کي ايئن ٿي لڳو، ڄڻ هرڪو ڪيس ڏسي بيوقوف سمجهي رهيو هو. هن کي اُن جي ٻن لڪڙن وچ ۾

ايئن عجيب پئي لڳو. جيئن هَر ۾ ڏُڪجندڙ ڏاند ڀهرئين ڀيري لڳندو آهي! هو مشڪل سان هلي پئي سگهيو؛ پوءِ بہ پيٽ گذران لاءِ هن کي ڏُڪٽو ئي پيو پئي. ڇو جو گهٽيءَ ۾ ۽ هيڏي هوڏي شهر ۾ رڪشا وارا ماڻهو ڪنيون ڏڪندا پئي وتيا. هو هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ ويو جتي دڪان وغيره ڪونہ هئا ۽ رڳو گهرن جا دروازا هئا. جي بند پيل هئا ۽ خانگي گهر ٿي لڳا. اتي هو رڪشا هيڏي هوڏي ڇڪڻ لڳو. ۽ هن اجا پاڻ کي نااميديءَ ۾ مخاطب ٿيندي، ايئن پئي چيو تہ ان کان پنڻ چڱو هو. تہ هڪ دروازو کليو. ۽ هڪ پوڙهو عينڪ پايو، استاد جي پوشاڪ ۾، ٻاهر نڪتو ۽ هن کي جهليائين.

وانگ لنگ ڀهريائين هن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ هو شهر ۾ نئون هو ۽ رڪشا بہ ڀهريون دفعو هلائي رهيو هو. پر پوڙهو ڪو ٻوڙو هو. ڇو جو هن وانگ لنگ جو هڪ لفظ بہ نہ ٻڌو ۽ هن کي رڪشا هيٺ ڪرڻ لاءِ چيو. ۽ پاڻ اُن ۾ چڙهي وينو. وانگ لنگ حڪم مڃيندو رهيو. ڇو جو هن نہ پئي ڄاتو تہ ڇا ڪجي. هو سُوار جي ٻوڙي هجڻ ۽ سندس نٽ نانگر ڪري بہ حڪم مڃڻ لاءِ مجبور هو. پوءِ اُن پوڙهي ماڻهوءَ رڪشا ۾ ويهندي چيو،

"مون کي ڪنفيوشن جي مندر وٺي هل!" هو سڌو سنئون ۽ سانت وينو هو. هن جي مات اهڙي هئي جو ڪنهن سوال جي گنجائش ئي نہ پئي رهي. ان ڪري وانگ لنگ بہ ٻين کي ڏسي، انهن جيان اڳتي وڌندو رهيو. جيتوڻيڪ هن کي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي تہ ڪنفيوشن جو مندر ڪٿي هو.

پر هلندي هلندي هو پڇندو پئي ويو. ۽ جيئن تہ رستو ڀيهہ وارين گهٽين مان پئي ويو، جتي گهورڙيا پنهنجي ڇبن سان هيڏي هوڏي اچي وڃي رهيا هئا. عورتون مارڪيٽ پئي ويون. گهوڙي گاڏيون آيون ويون پئي. ۽ رڪشائن جي بہ گهٽي آمدورفت هئي، ۽ هرڪو پئي کي ڌڪي رهيو هو، ان ڪري هو ڊڪي تہ نہ پئي سگهيو. پر ممڪن حد تائين تڪڙو هلي پئي سگهيو. پنيءَ تي بار ڪڻڻ تي تہ هو هريل هو. پر ايئن بار ڇڪڻ تي نہ. مندر جي پٽ ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي، هن جون ٻاهون شل ٿي سُور ڪرڻ لڳيون ۽ هٿن ۾ ڦلوهٽا ٿي پيس.

مندر جي دروازي وٽ پهچي هن رڪشا هيٺ ڪئي ۽ پوڙهو استاد لهي پيو. ۽ پنهنجي ڇاتيءَ اندران هٿ وِجهي هُن ننڍو چانديءَ جو سِڪو ڪڍيو ۽ وانگ لنگ کي ڏيندي چيو،

"ان کان وڌيڪ مون ڪڏهن نہ ڏنو آهي، ۽ ڪِر ڪِر يا دانهن ڪرڻ مان ڪو فائدو نہ ٿيندئي." ۽ ايترو چئي هو مُڙي مندر ۾ اندر هليو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ کي شڪايت يا جِهڪ جِهڪ ڪرڻ جو خيال ئي ڪونہ هو. ڇو جو هن اهو سڪو اڳ ڏنو ئي ڪين هو، ۽ هُن کي خبر ڪانہ هئي تہ ان ۾ ڪيترا پينس هُئا. هو پر واري هڪ چانورن جي دڪان تي ويو، جتان اُن کي ڪولائي ريزڪاري ونجي پئي سگهي. دڪاندار هن کي سڪي جي مٽا ۾ چوويهہ پينس ڏنا. وانگ لنگ عجب ڪائڻ لڳو تہ ڏکڻ ڏيهہ ۾ پئسو ڪيترو نہ آسانيءَ سان پئي آيو. پر هڪ ٻيو رڪشا وارو جو سندس پرسان بيٺو هو، ۽ ڪيس پئسا ڳڻيندو ڏسي رهيو هو، وڌي آيو ۽ وانگ لنگ کي چوڻ لڳو،

"ڇڙو چوويهہ! ڪٿان ڪٿي آيو هئين هن پوڙهي کي؟" وانگ لنگ هن کي ٻڌايو، تہ همراه ڪان رڙ نِڪري وئي، "بي رحم، بخيل پوڙهو! هن توکي واجبي ڀاڙي جو رڳو اڌ ڏنو آهي. هن کي ڪٿڻ ڪان اڳ تو گهٽو ٻوليو هو؟"

"مان ٻول نہ ڪئي هئي،" وانگ لنگ چيو، "هن چيو اچ ۽ مان ويس."

ٻئي ماڻهوءَ وانگ لنگ ڏي قياس ۽ ڪَهَل وچان نهاريو.

"هاڻي تو جهڙا چٽ ۽ ڪم عقل سڀ هت اچي ويا!" هُن بيٺلن کي سڏ ڪري چيو، "ڪو چئي اچ تہ هي هليو ٿو وڃي، ۽ هي احمق پٽ احمق جو پيچي بہ نہ ٿو تہ 'هلڻ جو ڪيرو ڏيندين؟' اڙي چسا چٽ ٻڌ، رڳو گورن پرڏيهين کي ئي ٻولي ڪرڻ ڪانسواءِ ڪٿبو آهي. هنن جو سياءُ تيز هوندو آهي، پر جڏهن هو چون تہ 'اچ!' تہ تون پلي وچ ۽ انهن تي اعتبار ڪر، ڇو جو هو اهڙا تہ بيوقوف آهن جو ڪين ڪنهن بہ شئي جي اگهہ جي ڪل ڪانہ آهي، ۽ چاندي پاڻيءَ جيان هاريندا آهن." هرڪو ٻڌندڙ کِلڻ لڳو.

وانگ لنگ ڪجهو ئي ڪين. هن شهري ماڻهن جي هجوم ۾ وانگ لنگ پاڻ کي ڏاڍو بيوس، ويڳاڻو ۽ اڪيلو محسوس ڪري رهيو هو. ان ڪري جواب ۾ هڪ لفظ ڪچئي ڏاران رڪشا ڪاهي هليو ويو.

"بهرحال، منهنجي ٻارن لاءِ سياڻي جو گذارو اينتري مان بہ ٿي ويندو." هن دل ۾ پاڻ کي چيو، پوءِ هن کي ياد آيو تہ رات جو هن کي رڪشا جو ڪرايو بہ ادا ڪرڻو هو، ۽ هن وٽ تہ ان جي ادائگيءَ جي اڌ جيترا پئسا بہ نہ ٿيا هئا.

صبح ويل هن کي هڪ ٻي سواري بہ لڳي، ۽ ان سان هُن ٻولاچاري ڪئي ۽ ڪرايو طئي ڪيو. شام جو ٻہ ٻيون سواريون بہ مليس. پر رات جو جڏهن هن ساري پونجي ڳڻي تہ رڪشا جي ڪرايي ادا ڪرڻ ڪانپوءِ هن کي رڳو هڪ پيني پئي بچي. هو ڏاڍيءَ مايوسيءَ سان پنهنجي مَنهہ ۾ موٽيو. هن دل ۾ چيو تہ پنهنجي ٻنين ۾ ڪندڙ ساري ڏينهن جي پورهئي کان بہ وڌيڪ شهر ۾ محنت جي عيوض هن رڳو هڪ ٽامي جي پيني ئي ڪمائي هئي! پوءِ هن کي پنهنجي پوکن ۽ ٻنين ٻارن جي ياد وڪوڙي وئي. هيترن ڏينهن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪڏهن به اُهي ياد نه ڪيون هيون. پر هينئر هن کي اتي چڏيل بني ياد اچي رهي هئي. اها حقيقت هئي ته اُهي هينئر ڪائنس ڪافي دور پيون هيون، پر هُن جون هيون ۽ هُن جو انتظار ڪري رهيون هيون! ان خيال ڪيس سڪون ڏنو. ۽ هو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ گهڙيو.

اندر اچي هن کي خبر پئي ته اُو-لان ساري ڏينهن ۾ رڳو چاليهن نندن ٽامي جي سڪن جي ئي پن ڪمائي هئي، جا پنجن پينسن کان به گهٽ هئي، ۽ چوڪرن، وڏي تيرهن ۽ ننڍي اٺ! اهي سڀ گڏي صبح جي چانورن لاءِ ڪافي پئي ٿي سگهيا. ننڍي نينگر پنهنجا ٻن ڪيل پئسا پاڻ وٽ رکيا هئا. چو جو هُن پئسن سان پيار ڪيو پئي، ۽ رات جو اهي هٿ ۾ جهلي سمهيو هو. هو اُن کان اُهي وٺي نه سگهيا. ۽ صبح جو رڳو پنهنجي چانورن لاءِ ئي ڪيي ڏنائين.

پر پوڙهي ماڻهوءَ ڪي ڪين ڪمايو هو. سارو وقت هو رستي سان ماٺ ڪيو وينو هو، ۽ ڪنهن کان بيک نه گهريائين. هو سمهيو پئي ۽ جاڳيو پئي ۽ سامهون ايندڙ ويندڙ کي تڪيندو رهيو پئي. ٿڪو پئي ته وري ليٽي سمهي ٿي پيو. هن جي عمر ايتري چڙهي چڪي هئي، جو هن تي ڪجهه ڪرڻ لاءِ زور نه پيو رکي سگهجي.

جڏهن هن ڏٺو ته سندس گدا جي جهول خالي هئي، ته رڳو ايترو چيائين،

”مون بني ڪيڙي آهي، مون ٻج راهيو آهي، ۽ مون لابارا ڪيا آهن. ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي مانيءَ ڀَيو ڪاڏو اٿم. ۽ ان کان وڌيڪ ته هي پٽ ۽ پوٽا چٽيا اٿم.“

ايترو چئي، هن منهن ڦيري چڏيو. ته هاڻي هن کي ماني ڪارائي ويندي، چو جو کيس ڪاٺائو پٽ ۽ پوٽا هئا.

باب ٻارهون

هينئر جڏهن وانگ لنگ ڪاڏو ڪائي ڊئو ڪيو ته خبر پيس ته سندس ٻارن کي به ڪائڻ لاءِ روزانو ڪانه ڪا شيءِ مليو ٿي وجي. هن اهو به ڏٺو ته روز صبح جو ڪائڻ لاءِ پٽ مليو وجي ۽ سندس روز جي مزوريءَ ۽ اُو-لان کي مليل خيرات مان ڪاڏي پيتي جي پورت ٿي ويئي ٿي. سندس زندگيءَ مان حيراني ختم ٿي ويئي ۽ شهر سان واقفيت وڌندي ويئي، جنهن کان ٿورو ٻاهر هڪڙي پاسي ٽوٽا هٽي اچي وينو هو. سارو سارو ڏينهن شهر جي گهٽين ۾ ڊوڙندي، هن شهر جا طور طريقا سکڻ شروع ڪيا. هن هيڏانهن هوڏانهن شهر جا ڳجها حصا پڻ ڏسي ورتا. کيس اها به خبر پئجي ويئي ته صبح جو جن ماڻهن کي پاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گاڏيءَ ۾ ڪٽي ويندو هو ته انهيءَ مان عورتون مارڪيٽ ويندي يون هيون پر مرد وري اسڪولن ۾ يا ڏنڌي وارن هنڌن ڏانهن ويندا هئا. پر اهي اسڪول ڪهڙي قسم جا هئا ان ڳالهه جاڻڻ جو وَس ڪو به ڪس ڪونه هو. حقيقت ۾ انهن کي نالن ٿي اهڙن سان ڪوٺيو ويندو هو جهڙوڪ، ”دي گريٽ اسڪول آف ويسٽرن لرننگ،“ يا وري” دي گريٽ اسڪول آف چائنا“. ڪيس ڪنهن به هنڌ تي ٻاهرئين در ڪان اڳتي وڃڻ جو موقعو نه ملندو هو. ڪيس خبر هئي ته پاڻ جيڪڏهن اڳتي ويو به ڪٽي ته ڪو نه ڪو ڪائنس اچي پڇندو ته هتي ڇا پيو ڪرين؟ هو جن ماڻهن کي سندن ڌنڌي وارن هنڌن ڏانهن ڪٽي ويندو هو، تن جي ڪيس ڪا خاص خبر نه هوندي هئي. رڳو ايترو سو ڄاڻندو هو ته مزوري مڙئي خاصي ملي ويندي.

ڪيس اها به ڄاڻ ٿي ته رات جو هو ماڻهن کي وڏن وڏن ڄانهه- خانن ۽ وندر-ڳهرن ڏانهن ڪٽي ويندو آهي: اها وندر جيڪا سنگيت جي آواز سان گڏ ڪاٺ جي وڏيءَ ميز تي ڪاٺ يا عاج جي سارين ڪيڏڻ ۾ هوندي هئي، ۽ گهٽين ۾ وهندي رهندي هئي. اها وندر، جيڪا ڳجهين ۽ خاموش ديوارن جي پويان لڪل هوندي هئي. مگر وانگ لنگ کي اها خبر هئي ته اها وندر سندس نصيب ۾ ڪانه هئي. هو ڪڏهن به پنهنجي جهوپڙيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به ڄائنٺ ڪونه ٿيپو هو. سندس رستو هر هنڌ ٻاهرئين دروازي تي اچي ڇيهه ڪندو هو. پاڻ هن دولتمند شهر ۾ اوپرو ٿي اوپرو بنجي، ايئن زندگيءَ جا ڏينهن رات ڪاٽي رهيو هو. جيئن ڪو ڪئو،جيڪو ڪنهن شاهوڪار ماڻهوءَ جي گهر ۾ اوبر جي اڇلايل ٽڪرن تي ٽڳندو آهي ۽ هيڏانهن هوڏانهن، هِن هُن ڪنڊ ۾ لڪندو وتندو آهي، پر گهر جي حقيقي زندگيءَ جو ڪڏهن به حصو بنجي نه سگهندو آهي.

ڪارڻ اهو ٿي ته هڪ سئو ميل ڪڏهن به هڪ هزار ميلن جي برابر نه هوندا آهن ۽ نه ٿي خشڪيءَ جو رستو پاڻيءَ جي رستي جهڙو ٿيندو آهي. هن ڏاکڻين شهر ۾ اچا به وانگ لنگ، سندس زال ۽ ٻار پرديسين وانگر هوندا هئا. اها به حقيقت هئي ته شهر جي گهٽين ۾ هلڻ وارن جا وار ۽ اکيون به اهڙيون ٿي ڪاريون هيون، جهڙيون وانگ لنگ ۽ سندس ڪٽنب وارن جون. اهو به سچ هو ته جيڪڏهن ڏکڻ وارن جي زبان ڏيان سان ٻڌجي ته ڏکيائيءَ سان ٿي سهي پر اُها سمجهه ۾ اچي ويندي هئي.

پر ”آنهوئِيءَ“ ۽ ”ڪيانگوس“ جي ٻوليءَ ۾ فرق هو. ”آنهوئِي“ جتي وانگ لنگ ڄائو هو اتي جي ٻولي ڌيرج واري ۽ ڳوڙهي هوندي هئي ۽ ڳلي منجهان نڪرندي هئي. پر ”ڪيانسو“ شهر، جتي پاڻ هينئر رهندا هئا، اتي جا ماڻهو لفظ لفظ ڪري ڳالهائيندا هئا. لفظ سندن چپن ۽ زبان جي نوڪ مان جدا جدا ٿي نڪرندا هئا. جنهن هنڌ وانگ لنگ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين هوندي هئي، اتي سال ۾ ٻه ڀيرا لاباري جي مند ايندي هئي. هڪ ڀيرو ڪڻڪ ۽ ٻيو ڀيرو سارين،مٽرن، ٿوم ۽ ٻئي اناج جي. هتي شهر جي چوگرد ٻنين ۾. هتي جا ماڻهو زمين جي زرخيزيءَ لاءِ انساني ڪرفتي اچلائيندا هئا ته جيئن ڀاڄين ۽ سارين جو تڪڙو فصل حاصل ٿئي. ان ڪري اتي سدائين ڏپ پکڙي پيئي هوندي هئي.

وانگ لنگ جي ڳوٺ ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪڻڪ جو ڍڳڙ ۽ ٿوم ڳڙي ميسر ٿي، ته سمجھبو هو ته همراه کي پلو ڪاڏو ملي ويو ۽ وڏيڪ ڪيس ڪا گهرج ڪانه پوندي. پر هتي جا ماڻهو سوئر جي ڪوفتن، بانس جي گونچن، شاهه بلوط جي ڦرين سان تريل گوشت، چوزي جي گوشت، پڪل هنج ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڀاڄيءَ سان دل وندرائيندا هئا. ۽ جيڪڏهن اتي ڪو سادو سودو ايماندار ماڻهو اچي ويندو هو ته هن مان اُٺندڙ پاروٺيءَ ٿوم جي ڏپ تي نڪ کي موڙو ڏيئي چوندا هئا. "اِجهو سوئر جو پچ، بدبودار اترادي!" ٿوم جي بوءِ ٿوري به آين ته دڪاندار جهٽ پٽ ڪپڙي جو اگهه چاڙهي چڙهيندا هئا. جيئن ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن سان ڪندا هئا.

پر پوءِ به ديوار جي ٻاهران، جهوپڙين جي اها وستي شهر يا شهر جي پسگردائيءَ ۾ پکڙيل ڀهراڙيءَ جو حصو بنجي ڪانه سگهي. هڪ ڀيرو وانگ لنگ هڪ نوجوان کي ڪنفيوشس جي مندر جي ڪنڌ وٽ هڪڙي ميز جي اڳيان تقرير ڪندي ٻڌو ته "جنهن ماڻهوءَ ۾ جرائت هوندي سو ڳالهائي سگهندو." نوجوان اهو ٻئي چيو ته چين ۾ انقلاب اچڻ کپي ۽ ڌارين جي خلاف اٿڻ کپي. وانگ لنگ کي اچي ڊپ لڳو ۽ اتان کسڪي آيو. ڪيس ايئن لڳو جڻ پاڻ ئي اهو ڌاريو آهي جنهنجي خلاف ان نوجوان ايڏو اتساهه سان ٻئي ڳالهايو. ٻئي ڏينهن هن وري هڪ ٻئي نوجوان کي تقرير ڪندي ٻڌو. اهو سڄو شهر تقرير ڪرڻ وارن نوجوانن سان پريو پيو هو. اهو نوجوان وري گهٽيءَ جي ڪنڌ وٽ چئي رهيو هو ته چين جي ماڻهن کي هن اجوڪي دور ۾ ٻڌي ڪرڻ کپي، پاڻ کي سکيا ڏيڻ گهرجي. وانگ لنگ اها ڳالهه پاڻ لاءِ يا پاڻ ڌانهن ڪانه ڀانئي.

هڪڙي ڏينهن هو ريشم مارڪيٽ جي هڪ ڳليءَ ۾ سواريءَ جي انتظار ۾ بيٺو هو ته ڪيس اها به خبر پئي ته شهر ۾ ڪائنس به وڏيڪ اوپرا ۽ ڌاريان اچا به ڪي پيا آهن. اهو ڏينهن هن هڪ اهڙي دڪان جي اڳيان گذاريو جتان عورتون ريشم خريد ڪرڻ اينديون هيون ۽ جتي ڪڏهن ڪڏهن ڪيس اهڙي سواري به ملي ويندي هئي، جنهن ڪان ڪيس وڏيڪ ڀاڙو ملي ويندو هو. انهيءَ ڏينهن ونس هڪ اهڙو ماڻهو وڏي آيو، جنهن جهڙو پاڻ اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هئائين. ڪيس اها خبر نه پئجي سگهي ته اهو مرد هو يا عورت. هن کي کهري ڪپڙي جو لسو ڪارو چوغو پيل هو ۽ سندس ڳچيءَ ۾ چوڏاري

ڪنهن مٿل جانور جي ڪل ويڙهيل هئي. جيئن ئي اهو عورت يا مرد اتان اچي لنگهيو، ته تيزيءَ سان جهڪندو ڏانهس وڌي آيو، ۽ جڏهن سڌو ٿيو ته بدحواسيءَ وچان ذري گهٽ ڏڪو ٿي ڪاڏائين. ويجهو اچي وانگ لنگ کي چيائين ته مون کي "اسٽريٽ آف برجز" وڃڻو آهي. هو تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳو. خبر نه پئي پيس ته ڇا ٿي وهيو واپريو. پوءِ هڪڙي پٺي گاڏيءَ واري کي، جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏسندو هو، چوڻ لڳو.

"هيءَ ته ڏس، ڪير آهي؟ جنهن کي آئون ڪنيون پيو وڃان."

ان همراهه زور سان کيس ورندي ڏني،

"پرديسڻ ڪا آهي. آمريڪڻ. ڏاڍو ڪمائيندين."

پر وانگ لنگ پنهنجي پويان ويٺل، انهيءَ مخلوق جي خوف ۾ جيترو پڳس، اوترو زور سان ڊوڙڻ لڳو ۽ جيڏيءَ مهل "اسٽريٽ آف برجز" پهتو، ته پگهر پئي تميس ۽ ڦان ٿي ڪري پيو.

اها عورت ٻاهر نڪتي ته ساڳئي ٿتل لهجي ۾ چيائين ته "ڊوڙي ڊوڙي پاڻ کي موت جي منهن ۾ نه وجهه!" ايئن چئي هوءَ هن جي ترڻيءَ تي اصل ڀاڙي کان ٻيڻي رقم جا ٻه چانديءَ جا سڪا رکي کيس سهڪندو ڇڏي هلي ويئي.

هاڻ وانگ لنگ کي پڪ ٿي ته اها عورت سچ پچ پرديسڻ هئي، ڪانئس به وڌڪ. وڏي ڳالهه ته کيس اها به خبر پئي ته ڪارن وارن ۽ ڪارين اکين وارا ماڻهو هڪڙي قسم جا هوندا آهن ته ڀورن وارن ۽ ڀورين اکين وارا ٻئي قسم جا، ۽ اهو به ته سڄي شهر ۾ پاڻ مڪمل طور ڌاريو به نه هو.

رات جو جڏهن هو واپس پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ ويو، ته چانديءَ واري سموري رقم به وٽس موجود هئي. او-لان کي اها ڳالهه ٻڌايائين ته ان وري چيس ته "ها. ها! مون کي خبر آهي. آئون انهن کي سڃاڻان، سدائين اهڙن کان خيرات گهُرندي آهيان ۽ سدائين اُهي ڪِشتي ۾ ٽامي جي بدران چانديءَ جا سِڪا اڇلائيندا آهن."

پر نه وانگ لنگ کي، نه ئي سندس زال کي اها ڳالهه سمجهه ۾ وڻي ته اهي چانديءَ جا سڪا انهن پرڏيهين ڪو رحمدليءَ وچان نه ٿي ڏنا، پر حقيقت ۾ ڪين اها خبر ئي نه هئي ته فقيرن کي چانديءَ جي بدران ٽامي جو سڪو ڏيڻ کپندو هو.

ان هوندي به جيتوڻيڪ نوجوان کيس اها ڳالهه سيکاري ته ڪانه هئي، پر هن پنهنجي ئي تجربي مان اهو پرايو هو ته پاڻ به انهن مان هو جن جون اکيون ۽ وار ڪارا هئا.

هن عظيم ۽ هر طرف وڌندڙ شهر جي ٻاهران رهندي کيس اها ته پڪ ٿي ويئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ته گهٽ ۾ گهٽ اتي ڪاڏي جي ڪوٽ ڪانهي. وانگ لنگ ۽ سندس ڪٽنب اهڙي ڳوٺ مان آيا هئا، جتي ماڻهو رڳو ان ڪري بک وگهي پاھ ٿيندا هئا جو ڪاڏو ڪونه هوندو هونِ ۽ زمين آسمان جي بي رحميءَ جي ڪري ڪا به شئي نه اُپائيندي هئي. اتي چانديءَ جو ملھ انهيءَ ڪري ڪي به نه هوندو هو، جو ان سان ڪا به شئي خريد ڪري نه سگهبي هئي، ڇاڪاڻ ته هر شئي جي اَڻ هوند هوندي هئي.

هتي شهر ۾ هر هنڌ ڪاڏو هوندو هو. مڇي مارڪيٽ جون فرشي گهٽيون، وڏين چانديءَ جهڙين مڇين جي ڇبين سان ڀريون پيون هونديون هيون. اهي مڇيون رات جو دريائن مان ڦاسايون وينديون هيون، جن ۾ نديون نديون چمڪندڙ مڇيون به هونديون هيون، جيڪي لڙهين ۾ جاري ٻڌي ڦاسائبيون هيون. اهي مڇيون ننڍن ننڍن آبادگارن جي تلائن ۾ پالبيون هيون، جتان انهن جا ڍڳن جا ڍڳ وڏين نفيس دعوتن لاءِ ڦاسائي آندا ويندا هئا. اناج جي مارڪيٽ ۾ اَن جا ايڏا ته ڍڳ پيل هوندا هئا، جو ڪو ماڻهو انهن ۾ اندر ويهي ته گم ٿي وڃي، ۽ ڪنهن کي جيڪر ڪَلَ ئي نه پوي ته ڪنهن ڪيس ڏٺو به هو! اڇا چانور، ڀُوري ۽ پيلي سون جهڙي ڪڻڪ، زرد سايوبين، ڳاڙها ۽ ساوا وڏا وڏا مٽر، سائيري رنگ جهڙي ٻاجهر، ناسي تِرَ. گوشت جي مارڪيٽن ۾ سڄا سارا ابتا ٽنگيل سوئر پيا هوندا هئا. سندن نرم، اڇي ۽ ٿلهي کل ۽ ڳاڙهي گوشت ۽ چربيءَ جي تَهہَ صاف پيا نظر ايندا هئا. بدڪن جي دڪانن ۾ بدڪن جون قطارن جون قطارون، ڇت ۽ دروازن تي ٽنگيون پيون هونديون هيون. ڀُورن کنين واريون لوٽائيل، سڃون بدڪون توڙي انهن جون ٻوٽيون، سيخن ۾ پوتل، پيون ٽانڊن تي پچنديون هيون. انهن ئي دڪانن تي، تتر، هنج ۽ ٻيا هر قسم جا شڪار ٿيل پکي به پيا وڪامندا هئا.

جيتري قدر ڀاڄين جو سوال هو ته چمڪندڙ ڳاڙهيون توڙي اڇيون موريون، وڏا بهہ، لوڙھ، ساوا ڪريلا، گوگڙو ۽ بهي داڻا، شاھ بلوط جا زرد گونچ ۽ سرها سرها سلاد؛ مطلب ته هر اُها شئي جيڪا انساني هٿُ ڌرتيءَ مان اپائي سگهي ٿو، اتي موجود هوندي هئي. اهڙي ڪا به شئي نه هئي جنهن جي ماڻهو کي خواهش ٿئي ۽ شهر جي مارڪيٽن يا بازار ۾ نه ملندي هجي.

شهر ۾ جتي ڪٿي،مٺائي، تازو ميوو، خشڪ ميوو،مٺن پٽاٽن جا تريل گرم گرم ڳترا، سوئر جي گوشت جا گرم مصالح ۽ ڳوئل اٽي ۾ ويڙهيل نديڙا نديڙا ڪباب، ۽ اوٻاريل نرم چانورن مان نهيل مٺا ڪيڪ کنيون گهورڙيا پيا گهمندا هئا. شهر جا ٻارڙا پئسا لپ ۾ ڪٽي، ڊوڙي اچي ڪانئن اهي شيون خريد ڪندا هئا. ٻار ايترو ته کائيندا هئا، جو سندن چمڙي کنڊ ۽ سٿڻ ۾ چمڪڻ لڳندي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائو. ايئن ڪٽي ڇنڇي تہ هن شهر ۾ اهڙو ڪير بہ نہ هو، جيڪو بک وگهي پاهہ ٿيندو هجي.

روز صبح جو سج اجان ڪَني مس ڪڍندو هو تہ وانگ لنگ ۽ سندس ڪٽنب وارا، سنهڙا هڏن جهڙا، پنهنجي جهوپڙيءَ مان گڏجي نڪرندا هئا ۽ هٿن ۾ پيالا ۽ تيليون کنيون، ماڻهن جي ان انبوهہ ۾ ملي ويندا هئا. جيڪي صبح جي ٿڌيءَ هير جي سامهون ڪرونڊڙا ٿيو، غريباڻن بورچيخانن طرف وڌندا ويندا هئا. اتي هڪ پينيءَ ۾ ماڻهوءَ کي چانورن جي ڇڊي رب جو پيالو ملي ويندو هو. وانگ لنگ جي رڪشا اڳيان ڊوڙ ڊوڙان مان ۽ أو-لان کي ملندڙ خيرات مان ڪين ايترو بہ پلئہ ڪونہ پوندو هو جو روزانو چانور لپ خريد ڪري، جهوپڙيءَ ۾ ڪٽي پيٽ رڌي سگهن. انهن غريباڻن بورچيخانن مان رب خريد ڪرڻ کان پوءِ اڌ کان مٿي پئسو بچي پوندو هون، تہ پوءِ اُن مان بند گوبي وغيرهہ خريد ڪندا هئا. بند گوبي هر قيمت تي ڏاڍي وڻندڙ هوندي هئي. أو-لان جهوپڙيءَ ۾ بہ چلها ناهيا هئا جن مان هڪ تي گوبي اوباريندي هئي. ان لاءِ ڪاٺين جي ضرورت پوندي هئي، جيڪي سندس بہ بار ٻاهران چونڊي ايندا هئا، يا وري شهر جي مارڪيٽن ۾ هاري ڪاٺيون ڪٽي ايندا هئا تہ انهن مان ٿوريون گهٽيون جهٽ هٽي ڪٽي ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪرا جهلجي پوندا هئا تہ زور زور سان چماٽون بہ کائيندا هئا. روز رات جو وڏو ڇوڪر جيڪو ننڍي جي پيٽ ۾ ڊڄڻو ۽ لڄارو هوندو هو، پنهنجي ڪيئي تي، ڪنهن نہ ڪنهن هاريءَ جي چماٽ کائڻ ڪري، سچيل منهن ۽ پوريل اک ڪٽي گهر ايندو هو. پر ننڍو ڇوڪر ڏاڍو ڪاريگر هوندو هو، ۽ پنڻ کان وڌيڪ ننڍين ننڍين چورين ڪرڻ ۾ پڙ هوندو هو.

أو-لان لاءِ تہ اها ڪا ڳالهہ ئي نہ هئي. ڇوڪرن کان ڪل مسخريءَ کان سواءِ جيڪڏهن پنيو نہ ٿي ٿيو تہ پلي چوري ڪري پنهنجا کيسا ڀرين. وانگ لنگ وٽ جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت تہ ڪونہ هو، پر هن کي ايئن لڳو ٿي تہ ڇوڪرن جي چوريءَ منجهان ئي هو پيٽ ڀري کائين ٿا. کيس وڏي تي تہ ڪاوڙ نہ ايندي هئي، جو هو انهيءَ معاملي ۾ مڙئي جڏو هوندو هو. پر هن شهر جي وڏيءَ ديوار جي پاڇي ۾ گذرندڙ زندگي اهڙي نہ هئي جنهن سان وانگ لنگ کي پيار ٿئي ها. سندس زمين سندس اوسيئڙي ۾ هئي.

هڪ رات جڏهن پاڻ دير سان گهر پهتو تہ پاڇيءَ ۾ رڌل سوئر جي گوشت جو ٽڪرو کيس کائڻ لاءِ مليو. جڏهن کان ونئي هن پنهنجو ڍڳو ڪُنو هو، تڏهن کان اڄ پهريون ڀيرو هو، جو کيس گوشت نصيب ٿيو. وانگ لنگ جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا.

"توکي اڄ پڪ ڪنهن پرديسيءَ کان خيرات ملي هوندي."

هن أو-لان کان پڇيو. پر هن پنهنجيءَ عادت پٽاندر ڪا بہ ورندي نہ ڏنس. ان تي ننڍو ڇوڪر پنهنجي هوشياريءَ جي ٽانءِ ۾ پرجي ڇوڻ لڳو.

"اهو مون کنيون هو. منهنجو آهي. ڪاسائيءَ گوشت جي وڏي ڳپل مان اهو ٽڪرو وڍي جدا ڪري، اڏيءَ تي رکي، ٻئي پاسي نهاريو تہ آئون اهو کڻي هڪ پوڙهيءَ جي ٻنيان لڪي ويس، جيڪا گوشت وٺڻ آئي هئي. پوءِ کڻي سوڙهي گهٽيءَ ۾ ڀڄي ويس ۽ اتي پوئين دروازي جي پرسان، پاٽيءَ جي سڪل ناديءَ ۾ وڃي لڪي ويهي رهيس، جيستائين ادا وڏو آيو."

"آئون، هيءُ گوشت ڪونہ کائيندس،" وانگ لنگ ڪاوڙ ۾ زور سان چيو.
"اسين فقط اهو گوشت کائينداسين، جيڪو ملهہ ڏئي ونون يا خيرات ۾ مليو هجي. ۽ نہ اهو جيڪو چوريءَ جو هجي. ڀلي اسين کڻي ڀينو هجون، پر چور ڪونہ آهيون."

هن ننڍي ڇوڪر جي رڙين تي ڪن ئي ڪونہ ڏنو ۽ آڱرين سان کنيءَ مان گوشت ڪڍي کڻي ٻٽ تي اڇلايو.

پوءِ أو-لان ماٺ ميٺ ۾ اڳتي آئي ۽ ٻَٽ تان گوشت کڻي، پاٽيءَ ۾ ڌوئي ساڳي ٽهڪندڙ ڪنيءَ ۾ کڻي وڌائين.

"گوشت وري بہ گوشت آهي." هن هوريان هوريان پڙڪيو.

وانگ لنگ کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي، پر هن ڪي بہ نہ چيو. دل ۾ اهو خوف اڀي ٿيس تہ هن شهر ۾ سندس ڇوڪرا چور ٿيندا پيا وڃن.

جڏهن أو-لان ڌوئيءَ سان گوشت ڪڍي جدا ڪيو تہ بہ هو ڪونہ ڪڇيو. پاڻ ان وقت بہ ماٺ ڪريو ويٺو هو. جڏهن أو-لان گوشت جون وڏيون وڏيون بوٽيون پوڙهي ۽ ڇوڪرن کي ڏنيون. ڪي نينگريءَ جي وات ۾ وڌيون ۽ ڪي پاڻ کاڌائين، پر وانگ لنگ پاڻ ذرو بہ ڪونہ کاڌو. هن پنهنجي خريد ڪيل بند گوبي کائي ڍئو ڪيو. پر ماني کائڻ کان پوءِ هو ڇوڪر کي گهرَ جي پويان وٺي ويو تہ جيئن جوڻس نہ ٻڌي ۽ پوءِ ڇوڪر جو مٿو هٿن ۾ جهلي، کيس ٻنهي ڳلن تي زور زور سان چماٽون هڻڻ لڳو.

"هان، اڇي. هي اٿئي چوريءَ جو اجورو." هن رڙ ڪندي چيو.

پوءِ جڏهن ڇوڪر دانهون ڪندو گهر ويو تہ هن پنهنجي منهن پڙڪيو.

"هاڻي اسان کي واپس پنهنجيءَ زمين تي وڃڻ کپي."

باب تيرهون

هن شـهـر جي دولتـمنديءَ جي پاڇي جي هيـنـان، روز روز وانگ لنگ جـا ڏيـنهن غريبيءَ ۾ گذرندا هئا. جنهن تي ئي سندس سڄيءَ عمر جي پيڙهه رکيل هئي. هي شهر جتي جا مارڪيٽ اناج سان اٽلون ڪائيندا هئا. جتي ريشم بازار جي دڪانن ۾ ڪاري، ڳاڙهي ۽ لياري ريشم جا پردا، سامان جا اشتهار بنجي، پيا ڦڙڪندا هئا. جتي پئسي وارا ۽ دولتمند، جن جا نازڪ هٿ گلن مثل پيا پائنبا هئا. پنهنجي بدن تي ساٽن ۽ بخمل جا پوشاڪ پايو. پنهنجي ڪاهليءَ واري سونهن سان، جا شهر جي اميرائي حسن لاءِ ضروري هوندي هئي، پيا پسار ڪندا هئا. پر شهر جي جنهن حصي ۾ وانگ لنگ رهندو هو، اُتي تہ رڳو وحشي بک مٽائڻ ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ نہ پورو ڪاڻو هوندو هو ۽ نہ پورو اوڇڻ.

مرد سڄو ڏينهن شاهوڪارن جي دعوتن جا طعام رڌڻ جو ڪم ڪندا هئا ۽ بارڙا بہ پرهہ ڪان آڌيءَ تائين اتي ئي ڳهندا رهندا هئا ۽ پوءِ گدلا ئي گدلا، ميرا ڪوجها، اتي ئي فرش تي ڪهرن ڳاديلن تي سمهي پوندا هئا ۽ پئي ڏينهن ٽڙندا ٽابڙندا اچي تنور پيڙا ٽيندا هئا. ڪين ايترو بہ ڪونہ ملندو هو جو ڪٽي اهڙي ڪا چڱي چوڪي شئي ڳنهن جهڙي ٻين لاءِ پچائيندا هئا. مرد توڙي زالون سياري لاءِ ٿلهي ۽ بهار لاءِ سنهڙي ۽ نرم ريشم ۽ زربفت تي ٻرت پرڻ ۾ پورا هوندا هئا. جن مان هو بازار ۾ پر تڪلف دعوتون ڪائڻ وارن لاءِ قيمتي چوغا ناهيندا هئا. پر پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ، اڻ پورو ڪپڙو هٿ ڪري، تڙ تڪڙ ۾ ڳنڍي ڪٽي پهريندا هئا.

وانگ لنگ اهڙن ماڻهن سان گڏ رهندو هو، جيڪي ٻين جي دعوتن ۾ ڪم ڪندا هئا. هن ڪائڻن اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون هيون جن ڪيس فڪر ۾ وجهي ڇڏيو هو. سچي آهي تہ پوڙها مرد توڙي عورتون ڪنهن کي بہ ڪجهہ ڪونہ چوندا هئا. ڪڪين ڏاڙهين وارا ماڻهو، رڪشائون ۽ ڪوئلي ۽ ڪاٺ سان ڀريل ريڙهيون، محلن ۽ بئڪرين ڏي ڇڪيندا رهندا هئا. تجارتي سامان جون ڳريون ڳريون ڳاڏيون ڇڪي ڇڪي سندن پنڻ ۾ چُتا پئجي ويندا هئا ۽ سندن مشڪون سُڄي ڪنهن ٽڪيل رسي وانگر تي ويندڻون هيون. پنهنجو اڻ پورو ڪاڌو وڏي سانگ صرفي سانُ واپرائيندا هئا. پنهنجون مختصر راتيون ٻاهر کُلئي آپ هيٺ پٽ تي پئجي ڪاٽيندا هئا ۽ چپ رهندا هئا. سندن چهرا، اُو-لان جي چهري وانگر ميرانجهڙا ۽ بي زبان هوندا هئا. ڪنهن کي بہ اها ڪل ڪانہ هوندي هئي تہ سندن من ۾ ڇا آهي. جيڪڏهن ڳالهائيندا هئا بہ تہ فقط پئسن ۽ ڪاڌي بابت. ورلي "چاندي"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ سندن چپن تي چڙهندو هو. چاڪاڻ تہ ورلي ئي ڪا چاندي سندن هٿن ۾ ايندي هئي.

ڪاوڙ وقت سندن چهرو ايئن ڀاسندو هو جڻ تہ ڪين ڪا چڙ ڪانهي. ڪين پنهنجي زور ڪان بہ گهڻو بار گهڻو پوندو هو. جنهنڪري سندن مٿيان چپ ٽٽڪجي ويندا هئا. ڏند نڪري ايندا هئا. جڻ تہ ڪنهن تي ڳرندا هجن. انهيءَ سخت پورهئي جي ڪري سندن اکين ۽ وات جي چوڌاري، ڳلن جي گوشت ۾ تمام اونها گهنج پئجي ويا هئا. ڪين پاڻ ڪي ئي ڪل ڪانہ هئي تہ ڪهڙي قسم جا انسان آهن. منجهائن هڪ ڀيري هڪڙي گهريلو سامان ڍوئڻ واري گاڏيءَ ۾ لڳل آئيني ۾ پنهنجي ئي صورت ڏسي. وٺي دانهن ڪئي، ”چا. هيءَ آئون آهيان!“ ۽ پوءِ جڏهن ٻيا مٿس زور زور سان کلڻ لڳا تہ ڏاڍي ڏک وچان مرڪي، واتڙو ٿي. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو تہ ڪٿي ڪانئس ڪو گناهہ تہ ناهي ٿيو.

وانگ لنگ جي جهوپڙيءَ جي پرسان رهڻ وارا سڀ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ هڪ ٻئي مٿان سٿيا پيا هوندا هئا. زالون سدائين ٻارن ڄڻڻ ۽ انهن لاءِ لٽا ڳنڍڻ ۾ ئي پوريون هونديون هيون. سندن وڏا ٻار وري وتندا هئا ننڍن مان ڀاڄيون پٽيندا ۽ مارڪيٽ مان چانورن لپ چورائيندا. سڄو سال هو ٽڪرين جي چوڌاري گاهہ ڪٺو ڪندا هئا. لاباري جي منڊ ۾ لاهيارن جي پويان شڪارين وانگي لڳا وتندا هئا ۽ پٽ تي ڪرندڙ هر داڻي تي جهپ هڻڻ لاءِ اکيون ڪپايو وينا هوندا هئا. جهوپڙين ۾ ٻارن جي اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي. هڪڙا پيا ڄمندا هئا تہ ٻيا پيا مرندا هئا ۽ وري ڄمندا هئا. ايتري قدر جو خود سندن مائرن ۽ پيئرن کي بہ اها خبر ڪانہ هوندي هئي تہ ڪيترا ڄاوا ڪيترا مئا. ايتري سا سڌ هوندي هين تہ جيئرا ڪيترا آهن، جن جو پَيٽ ڀرڻو پوندو هون.

هي مرد، زالون ۽ ٻار مارڪيٽن ۽ ڪپڙي جي دڪانن ۾ پيا ڌڪا جهليندا هئا ۽ شهر جي پسگردائيءَ وارن ڳوٺڙن ۾ پيا رُلندا هئا. مرد ويچارا نالي ماتر پئسن تي هِتي هُتي پيا ڪم ڪندا هئا ۽ زالون ۽ ٻار وتندا هئا پنندا، چوريون ڪندا ۽ ماڻهن کي جهٽ هڻندا. وانگ لنگ، سندس زال ۽ ٻار بہ انهن ۾ ئي شامل هئا.

پوڙهو ۽ پوڙهي تہ حياتي جيئڻ هئي ان تي راضي ٿي ويا هئا. پر پوءِ اهو وقت اچي سهڙيو. جڏهن ڇوڪرا انهيءَ وهيءَ کي اچي پڳا. جيڪا ٻاروتڻ جي پڄاڻيءَ تي وڏي تيڻ ڪان ٿورو اڳ ايندي آهي ۽ بي اطميناني پيدا ٿيڻ لڳندي آهي، ۽ جوان مڙس ۾ منيان ۽ چڙٻن وارو ڳالهائڻ ڏسڻ ۾ ايندوآهي. اڳتي هلي جڏهن اهي پکي وهيءَ تي رسندا آهن تہ وري سندن شاديون ٿي وينديون آهن. ۽ ٻارن جو وڌندڙ انگ سندن وايون بتال ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چڙ ۽ شڪايت جي جاءِ تي بخيلي، نااميدي، بيزاري ۽ بي معني لفظ سندن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل اچي والاريندا آهن. چاڪاڻ تہ سڄي جمار حيوانن کان بہ سخت پورهيو ڪرڻ جي باوجود ڪين ايترو بہ ڪونہ ملندو آهي، جنهن مان سندن پورو پيٽ بہ ڪڏهن پرجي سگهيو هجي.

هڪ شام وانگ لنگ اها گفتگو ٻڌي، جنهن مان کيس خبر پئي تہ جنهن عظيم ديوار جي پاڙ ۾ سندن جهوپڙيون هيون، ان جي ٻئي طرف ڇا هو.

سياري جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڏينهن شام جو - جو تہ ايئن تہ ممڪن ئي ناهي تہ بهار ڪنهن هنڌ ڪڏهن موٽي نہ اچي - وانگ لنگ ۽ ٻين جي جهوپڙين جي چوگرد بہ زمين نڪري آئي ۽ نرم نرم برف ڳرڻ لڳي ۽ پاڻيءَ جا وهي ايندڙ ڦڙا ڏسڻ ۾ آيا. ۽ ان ڪري اتي هر ڪنب هر طرف سِرن ڳولڻ ۾ لڳي ويو. پر زمين جي چڪڻ سان گڏ هوا ۾ بہ ڏاڍي ٿڌ هئي ۽ اُن وانگ لنگ کي ڏاڍو اتاولو ڪري وڌو. انهيءَ سببان هو پنهنجي روزانيءَ عادت پٽاندر ماني کائڻ کان پوءِ سمهي ڪونہ سگهيو ۽ ٻاهر هليو ويو ۽ ايئن ئي هرويرو وڃي گهٽيءَ جي ڇيڙي وٽ ويهي رهيو.

سندس پوڙهو پيءُ اُتي، عادت پٽاندر، پلٽي هڻيو پٽ کي ٽيڪ ڏيو وينو هو ۽ پيالي مان چسڪيون ڀري رب پئي پيتائين؛ جو تہ جهوپڙيءَ ۾ ٻارڙن گوڙ وڃان سڄو گهر ڪٽي مٿي تي کنيون هو. پوڙهي جي هڪ هٿ ۾ اڳڙيءَ جو هڪ سرو هو، جيڪا اُو-لان گنديءَ مان ڦاڙي ڪڍي هئي ۽ جهوليءَ ۾ ان جو ٻيو ڇيڙو ٻڌل هو، جنهن ۾ هن جي ڇوڪري پئي لڏي. پوڙهو پنهنجا ڏينهن انهيءَ ٻار جي سار سنڀال ۾ ڪاٽيندو هو، جيڪا ماءُ جي هنج ۾ سرڇڻ لاءِ گهٽي تيار نہ هئي. ۽ اُن کان سواءِ بہ ماءُ تي ٻئي ٻار جو پڻ اٹ سهڻ جوڳو بار هو.

وانگ لنگ ٻار کي جهوليءَ ۾ پاسا ورائيندو ۽ پوڙهي کي اڳڙيءَ کي ڇڪيندو ڏسڻ لڳو. ٻيني ٻيني هن کي پنهنجي ڇهري تي شام جي هير جي وڏيڪ ٿڌڪار ۽ نرمي محسوس ٿيڻ لڳي، جنهن سندس دل ۾ پنهنجي ڳوٺ جي ٻنين لاءِ ڏاڍي وياڪلتا اڀاري.

”اڄوڪي جهڙي ئي ڪنهن ڏينهن“. هو پنهنجي پيءُ کي ڏاڍيان چوڻ لڳو، ”زمين ۾ هر بہ ٻڌبا آهن ۽ ڪڻڪ ۾ لاپارو وجهبو آهي.“

”هائو“، پوڙهي خاطريءَ سان وراڻيو. ”مون کي خبر آهي تہ تنهنجي دل ۾ ڇا آهي. جوانيءَ ۾ بہ ٻيرا هيڪر ۽ بہ ٻيرا ٻيهر مون بہ ايئن ڪيو هو، جيڪي پاڻ هن سال ڪيو آهي. آئون بہ اهو ئي سمجهي پنهنجي ڌرتي ڇڏي آيو هوس تہ زمين ۾ ان ئي ڪونهي تہ لڻبو ڇا؟“

”پر بابا! تون تہ سدائين واپس تہ هليو ويندو هئين.“

”منهنجي زمين جا اُتي هئي!“ پوڙهي سادگيءَ سان ورائيو.

’نيڪ آ. اسين به واپس ويندا سين. هِن سال نه ته آئيندي سال، جيستائين پنهنجي زمين آهي!‘ وانگ لنگ دل ۾ سوچيو. انهيءَ خيال منجهس وڏو اتساهه پيدا ڪيو ته بهار جي مينهن جي ڪري اها زمين زرخيز بنجي سندس اوسيئڙي ۾ هوندي. هو واپس جهوپڙيءَ ۾ ويو ۽ ڪهرائيءَ سان زال کي چوڻ لڳو.

”مون وٽ ڪا وڪري جهڙي شيءِ هجي ها ته وڪڻي واپس پنهنجي زمين تي هلون ها. يا پوڙهو نه هجي ها ته پنڌ ئي هليا هلون ها. پوءِ پلي بک ئي ڪٽي مري وڃون ها. پر پوڙهو ۽ ننڍڙو ٻار ۽ تون به پـلا ننڍڙي ٻار جي ڪري سئو ميل پنڌ ڪيئن ڪري سگهندينءَ؟“

اُو-لان ٻاٽيءَ ۾ ٻاجيءَ جا ٻجيل توتر پئي ڌوتا. هوءَ جهوپڙيءَ جي ڪنڊ ۾ پلتي هنيو ويٺي هئي. اتان ئي ڏانهس نهاري چوڻ لڳي،

”ڪجهه به ڪونهي جو ڪٽي وڪڻجي، سواءِ ڇوڪريءَ جي.“ هن هوريان هوريان جواب ڏنو.

وانگ لنگ جو هينيون ساهه هيٺ ۽ مٿيون مٿي رهجي ويو.

”ٻار آئون به ڪونه وڪڻندس،“ هن زور سان چيو.

”آئون به ته وڪامي هيس،“ هن هوريان هوريان ورائيو. ”منهنجا مائٽ مون کي هڪڙي وڏي گهر ۾ وڪڻي ويا هئا ته جيئن پنهنجي گهر واپس وري سگهن.“

”۽ انهيءَ ڪري تون به ٻار وڪڻندينءَ؟“

”جيڪڏهن رڳو منهنجي ڳالهه هجي ها ته وڪڻڻ کان اڳ هوند ماري ڇڏيانس ها. آئون ته هيس غلامن جي به غلام. پر ڪنهن مئل ڇوڪريءَ مان ڇا هڙ حاصل. تنهنجي سر جي ڪري آئون ڇوڪري به وڪڻنديس، جيئن توکي واپس زمين تي وٺي هلان.“

”آئون ڪڏهن به ڇوڪري ڪونه وڪڻندس!“ هن رڙ ڪري چيو. ”پلي ڇو نه ساري ڄمار مون کي هن حيوان پٽي ۾ ڪاٽڻي پوي.“

پر جيئن ئي هو ٻاهر ويو ته ڪيس اهڙو خيال آيو جيڪو منجهس اڳي ڪڏهن به پيدا نه ٿيو هو. اُهو اڄ ڪيس بنهه برغلائڻ لڳو. هن هڪ نظر ڇوڪريءَ تي وڌي، جيڪا سندس پيءُ جي هٿ ۾ جهليل اڱڙيءَ جو پيو ڇيڙو جهلي لاڳيتو اُن کي چڪي رهي هئي. هوءَ روز جي عام ڪاڌي تي پلي هئي، اڄا تائين ته ڳالهائيندي به ڪانه هئي. اهڙي تلهي تنيري هئي، جهڙو ڪو به ٻار ٿورڙو به ڏيان ڏيڻ تي ٿي ويندو آهي. سندس چپ، وڏين عورتن وانگر ڳاڙها ۽ مرڪندڙ هئا. جيئن جيئن هوءَ وڏي ٿيندي پئي ويئي، تيئن تيئن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ خوش نظر ايندي هئي. پيءُ جڏهن به متس نگاهه ڪندو هو ته مرڪي ڏيندي هئي.

هن دل ۾ سوچيو "جيڪڏهن، منهنجي هنج ۾ ليٽي هيئن مرڪي نه ها ته هوند وڪٽي به چڙيانس ها."

۽ پوءِ هن کي وري پنهنجي زمين جو خيال آيو ۽ هو زور زور سان روئڻ لڳو.

"ڇا آئون وري ڪڏهن به ان کي ڏسي نه سگهندس؟ سڄي ڏينهن جي پورهئي ۽ پنڻ مان ايترو سو ڪونه ٿيندو جو روزاني جي ڪاڏي کان وڌيڪ به پلئه پوي."

ان وقت انڌاري مان هڪ ڳوري ۽ ڳوڙهي آواز هن کي جواب ڏنو.

"اڪيلو تون نه آهين، شهر ۾ تو جهڙا سوين هزارين آهن."

هڪ ماڻهو هن ڏانهن ڪاٺ جي پونگري ڇڪيندو وڌي آيو. اهو همراهه وانگ لنگ واريءَ جهوپڙيءَ جي پرسان ئي جهوپڙيون ڇڏي ٽينءَ ۾ رهندڙ ڪٽنب جو وڏو هو. اهو همراهه ڏينهن ڏني جو ورلي نظر ايندو هو. هو سڄو ڏينهن سمهندو هو ۽ رات جو ڪم ڪندو هو، تجارتي سامان سان ڀريل وڏيون وڏيون گاڏيون ڇڪيندو هو. ڏينهن جو ٻين گاڏين جي ڪري، انهن ٻيٽين جي لنگهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي. پر ڪڏهن ڪڏهن وانگ لنگ پرهه ڦٽيءَ جو گهر ايندي ڏسي وٺندو هوس. هو سهڪندو، ٿڪل لڳندو هو ۽ سندس سگهارا ۽ موڪرا ڪلها جهڪيل هوندا هئا. وانگ لنگ اڃي ڏينهن پنهنجي رڪشا ڇڪيندو، هن جي پرسان لنگهي ويندو هو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪم تي وڃڻ کان اڳ منهن انڌاريءَ جو هو انهن ماڻهن وٽ بيٺل نظر ايندو هو، جيڪي سمهڻ لاءِ پنهنجي جهوپڙين ۾ وڃڻ وارا هوندا هئا.

"ته پوءِ ڇا اِها ڳالهه سدائين ايئن ئي هوندي؟" وانگ لنگ تلخيءَ سان پڇيو. ان همراهه ٽي ڀيرا پنهنجي پونگريءَ کي ڦوڪ ڏني ۽ پوءِ پٽ تي ٿڪ اڇلائيندي وراڻيو.

"نه، هميشه لاءِ ته نه. جيستائين امير وڌيڪ امير ٿيندا ويندا ۽ غريب وڌيڪ غريب ٿيندا رهندا. اڳئين سياري ۾ اسان ٻه ڇوڪريون وڪرو ڪيون ۽ صبر ڪري ويهي رهياسين ۽ هن سياري ۾ به جيڪڏهن زال جي پيٽ ۾ ڇوڪري آهي ته وري اها به وڪٽي ڇڏينداسين. هڪ غلام مون اڳواٽ ئي پاڻ وٽ موجود رکيو آهي، ۽ وري به چڱو ته اهو ٿيندو ته ڪين مارڻ بجاءِ وڪٽي ڇڏجي. جيتوڻيڪ اهڙا ماڻهو به پيا آهن جيڪي ٻارن کي ٻهريون ساهه ڪٽڻ کان اڳواٽ ئي ختم ڪرڻ کي پسند ڪندا آهن. ڳالهه اها ئي وڃيو ٿي رهي ته جڏهن غريب وڌيڪ غريب ٿيندا رهندا آهن ۽ جيڪڏهن آئون غلطيءَ تي ناهيان ته اهو طريقو جلد اچڻ وارو آهي". هن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پونگريءَ جي ڳن سان پنهنجي پويان پٽ ڏانهن اشارو ڪري ڇيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو هن ڪوٽ جي اندر ڪجهه ڏٺو آهي؟“

وانگ لنگ غور ڪندي ڪنڌ ڌوڻيو. اهو همراهه وري چوڻ لڳو.

”آئون پنهنجا غلام پار اتي وٺي ويو هوس وڪڻڻ لاءِ. آئون ڳالهه ڪندس ته توکي اعتبار ڪو نه ايندو، پر مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته الائي ڪيترا ماڻهو انهيءَ ڪم لاءِ انهيءَ گهر ۾ اچن وڃن ٿا. توکي ٻڌايان ته هتي نوڪر به چانديءَ جي ڳڻن وارين عاج جي تيلن سان ڪاڌو کائيندا آهن ۽ نوڪراڻين کي به ڪنن ۾ عاج ۽ موتي پهريل هوندا آهن ۽ جتين ۾ موتي ٽاڪيل هوندا اٿن. جيڪڏهن جتيءَ کي ٿوري به مٽي لڳي يا ٿورو به سوراخ ٿيو، جنهن کي تو مون جهڙا ته سوراخ به ڪونه چوندا، ته جتي موتين سوڌي اڇلايو ڇڏين.“

همراهه پونگريءَ مان وڏيڪ ڪش هنيون ۽ وانگ لنگ وات ڦٽيو پيئي ٻڌو ته سچ پچ ڪوٽ جي ٻئي پاسي اهڙا ڪم به ٿيندا هئا.

”هڪڙو طريقو آهي،جڏهن ماڻهو ڏاڍو ولتمند ٿي ويندو آهي.“همراهه چيو ۽ ٿورو خاموش ٿي ويو ڄڻ ته ڪجهه به نه چيو هجيس. وري مختلف ڍنگ سان ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳو،

”چڱو. ڪم به ڪرڻو آهي.“ ايئن چئي رات جي اوندهه ۾ گم ٿي ويو.

پر وانگ لنگ اها سڄي رات ڪوٽ جي ٻئي پاسي موجود سون، چانديءَ ۽ موتين بابت سوچڻ ڪري سمهي نه سگهيو. اهو ڪوٽ جنهن سان لڳي هو آهليو پيو هو ۽ سندس بدن تي اهائي پوشاڪ هئي جيڪا هو ڪيترن ئي ڏينهن کان پهريندو ٿي آيو. ڇاڪاڻ ته اوڍڻ لاءِ وٽس سوڙ ڪانه هئي، سندس مٿان فقط هڪ تڏو ۽ هيٺان فقط سرون هيون. سندس دل ۾ وري به پار وڪڻڻ جو خيال پيدا ٿيو، ۽ پنهنجي پاڻ کي چوڻ لڳو.

”اهو شايد بهتر ٿيندو ته ڇوڪريءَ کي ڪنهن شاهوڪار گهر ۾ وڪيو وڃي ته جيئن صفائي سترائيءَ سان کائي پي سگهي ۽ موتي جوڙي ماڻي سگهي. وڏي هوندي پڪ ملوڪ ٿيندي، پڪ ملوڪ ٿيندي، ۽ جيڪڏهن ايئن ٿي وڃي ته ڪنهن مالڪ کي راضي به رکي سگهندي.“ پوءِ پنهنجي ئي مرضيءَ جي برخلاف هن پاڻ کي ورندي ڏني ۽ وري سوچڻ لڳو، ”چڱو پلا ايئن ڪٿي ڪجي ته اهڙي به ڪانهي جو سون ۽ هيرن ۾ تورجي. جيڪڏهن ايترو ڪري جو واپس زمين تي پڄي وڃجي ته به ايتري رقم ڪٿان ايندي جو ڪو ڏڳو ڏانڍو وٺجي. تنهن ڪانسواءِ وري ماڻهو ميز، ٻئنچون ۽ هنڌ ٿپڙ به خريد ڪري سگهي. ٻار رڳو ان لاءِ وڪڻجي، جو هتي رهڻ کان اتي وڃي بک مرجي؟ آهي ته ٻنيءَ لاءِ ٻج به ڪونه!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي اهڙو ڪو گس ڪونہ لڌو جنهن جو ڪيس ڀاڙي واري همراهہ ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو هو تہ"

"جڏهن شاهوڪار وڏيڪ شاهوڪار ٿيندا آهن تڏهن ڪو نہ ڪو گس نڪري ايندو آهي."

باب چوڏهون

جهوپڙين جي هن شهر ۾ جڻ بهاري ٿي ويئي هئي. جيڪي پنندا هئا، سي هاڻي پري ٽڪرين طرف وڃي نندا نندا ساوا گاهہ ۽ نون تازن ڦَلن ٻن تان چاول توت چونڊيندا هئا. اهو لازمي بہ ڪونہ هو تہ هنن کي رڳو توت ئي ملن، چو تہ اُهي گهٽو ڪري هِتي هُتي مفت شين ميڙن لاءِ جهٽ هٽندا وتندا هئا. روزانو ڦاٽل ڪپڙا پهريل زالن ۽ ٻارن جا ٽولا هٿن ۾ تکا چاقو يا پٽر ۽ بانس يا ڪنگور مان ٺهيل ٽوڪرا کنيون، جهوپڙين مان نڪري ايندا هئا ۽ ٻهراڙيءَ ۾ وڃي اهڙو ڪاڏو ڳوليندا هئا، جيڪو کين پنڻ يا ٻئسن ڪانسواءِ ملي وڃي. روز صبح جو اُو-لان ٻار ساڻ ڪري انهيءَ ٽولي سان ٻاهر هلي ويندي هئي.

پر مرد ساڳيا اڳي وانگر ئي ڪم ڪندا رهندا هئا، جيتوڻيڪ ڪاڙهي، ڏکهن ڏينهن ۽ اوچتي مينهن سندن وجود چڙ ۽ بيزاريءَ سان ڀري ڇڏيو هو. سياري ۾ هو ڪم ڪندا هئا ۽ خاموش رهندا هئا ۽ پنهنجن اگهاڙن يا ڪرڪڻ پهريل پيرن هيٺ برف وڏي بيحسيءَ سان سهي ويندا هئا. نما شام ويل گهر وڃي، ماٺ ميٺ ۾ جيڪي بہ روز جي پورهئي ۽ پنڻ مان مليل هوندو هو، کائي، سرن پيل پٽ تي وڃي ڍهندا هئا. زالون مڙس، ٻارن سميت پنهنجي جيئڻ لاءِ پورو اڻ پورو ۽ خراب ڪاڏو کائيندا هئا. وانگ لنگ جي گهر جي بہ اهائي حالت هوندي هئي. کيس پليءَ پٽ چاڻ هئي تہ ٻين گهرن جو معاملو بہ ساڳيو آهي.

پر بهار اچڻ سان بهار جي ڳالهہ سندن دلين مان اڻڪا کائي سندن چپن تي بہ اچي ويئي. لڙيءَ سنجها، جڏهن چوڏس چانڊاڻ ٿي ويندي هئي، تہ سڀ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جهوپڙي مان نڪري ٻاهر اچي کنا ٿيندا هئا ۽ هڪ ٻئي سان ڪچهري ڪندا هئا. ٻين سان گڏ اتي وانگ لنگ اهو همراهہ بہ ڏٺو، جيڪو سندس ويجهو رهندو هو ۽ جنهن کي هن سچو سيارو سجاتو ڪونہ هو. چا اُو-لان کيس اهي ڳالهيون ٻڌائي سگهي ٿي جيڪي هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايون هيون. مثال طور انهيءَ همراهه بابت جيڪو زال کي ماريندو هو يا ان همراهه بابت جنهن کي ڪوڙهه هو. جنهن ۾ سندس ڳل ڪاڇي ويا هئا. يا ان شخص بابت جيڪو چورن جي ٽوليءَ جو سردار هو. پر هوءَ مختصر سوالن جوابن کانسواءِ خاموش رهندي هئي. **وانگ** لنگ ڪچهريءَ ۾ **هڪ پلسي هيڪل، ويٺو خيرون چارون ٻڌندو هو.**

لنا ليڙون ٽيل **هٿن انسانن مان گهٽڻ وٽ روز جي مزدوريءَ ۽ خيرات کانسواءِ** ٻيو ڪجهه ڪونه هوندو **هو. پر وانگ لنگ کي هميشه اها ڳڪ هئي ته پاڻ حقيقت ۾** انهن منجهان نه هو. پاڻ ان **زمين** جو مالڪ هو جيڪا سندس اوسيئڙي ۾ هئي. هي ٻيا جيڪي هئا سي رڳو اهوئي سوچيندا هئا ته صبحاڻي ميجيءَ جي ڳيي ڪيئن کائبي يا ڪيئن واندا ٿي واندا رهي سگهندا يا اڃا به اهو ته ڪهڙيءَ طرح ٽڪي پئسي جي جوا ڪري سگهندا. سندن زندگي جا ڏک هڪجهڙا هوندا هئا ۽ سندن زندگيون اهڙين تمنائن سان ڀرپور هونديون هيون.

پر وانگ لنگ پنهنجي زمين بابت سوچيندو رهندو هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي خيالن ۾ غرق رهندو هو. سندس دل ۾ هڪ نرالي ۽ جهيڻي آرزو هوندي هئي ته ڪهڙي طرح واپس زمين تي وڃجي. هو پاڻ انهيءَ ڪٽ خلق مان ڪونه هو. جيڪا شاهوڪار جي ڪوٽ جي ٻاهران رهيل هئي. نه ئي هو ڪنهن دولتمند گهر جو ڀاتي هو. سندس ناتو زمين سان هو. اوسيتائين ڀرپور زندگي گذاري نه ٿي سگهيو. جيستائين ڪيس پنهنجي پيرن هيٺ پنهنجي ڌرتيءَ جي ڇهاءُ محسوس نه ٿئي. يا بهار جي مند ۾ هر جي پويان هلندو هجي يا لاباري لاءِ سندس هٿن ۾ ڏاٽو نه هجي. تنهن ڪري هو سيني کان جدا ٿي ويهي ڪچهري ٻڌندو هو. جو سندس دل ۾ زمين جي مالڪ هئڻ جي ڳالهه وينل هئي. زمين، جيڪا هن حويليءَ وارن کان خريد ڪئي هئي ۽ جيڪا ڪٽڪ ۽ چانور اپائيندي هئي.

ٻيا ڳالهائيندا رهندا هئا. اهي ماڻهو سدائين پئسن جي ڳالهه ڪندا هئا. اهي پئسا، جيڪي هنن هٿ ڪن ڪپڙو خريد ڪرڻ يا ماڻهوءَ جي آگر جيڏي ميجي ڳنهڻ تي خرچ ڪيا هئا. يا وري اها ڳالهه، ته سڄو ڏينهن ڇا ڪمايائون ۽ آخر ۾ جيئن هو سدائين ڪندا هئا. ڳالهه ٿيندي هئي انهيءَ دولت جي، جيڪا ڪوٽ جي ٻئي طرف رهندڙ پنهنجي تجوڙيءَ ۾ لڪايو ويٺو هو. ڳالهه روز اتي ئي ڇيهه ڪندي هئي.

"مون وٽ به سون هجي ها. جيڪو هن وٽ آهي، مون کي به هٿ ۾ چاندي هجي ها جيڪا هن جي ڪنن ۾ پيل آهي ۽ مون وٽ به اهڙا موتي هجن ها. جهڙا سندس سريت وٽ آهن يا لالون هجن، جهڙيون سندس جوءِ کي ڀاتل آهن."

اهي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي ڏيک اهڙي ڏيندا هئا. جڻ ته وٽن اهي سڀ شيون

موجود هجن. وانگ لنگ رڳو ايترو سو ٻڌو ته هو ڪيتري نند ڪندا آهن ۽ڪهڙا لذيذ کاڌا کائيندا آهن. جيڪي پاڻ اڃان تائين ڪڏهن چکيا به نه هئائين. ۽ اهو ته ڪهڙي وڏي چانهه خاني ۾ جوا ڪندا آهن يا ڪهڙي سهڻي عورت کي پنهنجي عشق لاءِ خريد ڪندا آهن ۽ وڏي ڳالهه ته ڪڏهن به ڪم ڪونه ڪندا آهن. جڻ ته ڪوٺ جي ٻئي پاسي واري همراهه ڪڏهن به ڪم نه ڪيو هجي.

ان وقت وانگ لنگ اوچتو رڙ ڪئي،

"جيڪڏهن مون وٽ سون، چاندي يا هيرا هجن ته آئون جيڪر انهن جي عيوض وچي ڪا سٺي زمين وٺان ۽ زمين مان پلو فصل اپايان."

انهيءَ تي سيني گڏجي مڙي هن ڏانهن ڏٺو ۽ کيس تنبيهه ڪندي چيو،

"اجهو هي سوئر جو پٽ، ٻهراڙيءَ جو جٽ! اها به خبر ڪانهيس ته شهر جي زندگي ڇا ٿيندي آهي يا دولت کي ڇا ڪبو آهي. هن کي رڳو غلام وانگي، ڏاند جي پويان گڏهه وانگر ڳهٽو آهي." ۽ هرهڪ ايئن پئانيون، جڻ پاڻ وانگ لنگ کان وڌيڪ دولتمند ٿيڻ جي لائق آهي، ان ڪري جو کيس پلي پٽ دولت خرچ ڪرڻ جو ڏانءُ آهي.

پر انهيءَ بچان به وانگ لنگ جو ذهن تبديل ڪونه ڪيو ۽ زور سان پين کي ڪجهه ٻڌائڻ جي بجاءِ، پنهنجي منهن چوڻ لڳو،

"تڏهن به، آئون ته سون ۽ چاندي، پليءَ ۽ زرخيز زمين تي خرچ ڪندس."

۽ اهو سوچيندي هو ڏينهون ڏينهن پنهنجيءَ زمين لاءِ وڌيڪ اتاولو ٿيندو ويو.

دل ۾ لاڳيتو زمين جو خيال هئڻ ڪري، شهر ۾ ٿيندڙ اهي ڳالهيون وانگ لنگ کي خواب مثل پاسنديون هيون. بنا ڪنهن سوال جواب جي ته ڪهڙي ڳالهه چو ٿي ٿئي، پاڻ اها ڏاريائپ قبول ڪري ورتي هئائين، سواءِ انهيءَ ڳالهه جي ته ڪهڙي ڏينهن ڇا ٿيو. مثال طور هڪڙو ڪاغذ جيڪو هڪ ماڻهو، جتي ڪٿي ماڻهن کي ڏيندو وتندو هو ۽ ڪڏهن ته کيس به ڏيئي ڇڏيندو هو.

وانگ لنگ کي پنهنجي نوجوانيءَ ۾ توڙي هينئر به، اها خبر ته ڪانه هوندي هئي ته ڪاغذ تي لکيل اکرن جو مطلب ڇا آهي. ان ڪري هو ڪارن اکرن وارن ۽ شهر جي دروازن تي توڙي پٽين تي چنبڙايل يا معمولي رقم ۾ وڪرو ٿيندڙ يا مفت ۾ ملندڙ اهڙن پنن جو ڪو به مطلب ڪڍي ڪونه سگهندو هو. ٻه ڀيرا ته کيس به اهڙا پنا مليا هئا.

پهريون ڀيرو اهو ڪاغذ کيس هڪڙي پرديسيءَ کان مليو هو، جنهن کي هڪ ڏينهن پاڻ بي خبريءَ ۾ گاڏيءَ ۾ چڪيندو پئي ويو. اهو همراهه جنهن کيس ڪاغذ ڏنو هو، ڊگهو، سنهڙو ۽ تيز هوا جي سٽيل وڻ مثل هو. اهو همراهه جنهن وانگ لنگ کي ڪاغذ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو. تنهن جون اکيون اهڙيون نيريون هيون، جهڙي برف. چهري تي وار هئس. جنهن وقت هن وانگ لنگ کي ڪاغذ ڏنو ته اهو به نظر آيس. ته سندس هٿ به بُجيرا هئا ۽ سندس چمڙي ڳاڙهي هئي. وڏي ڳالهه ته سندس نڪ. ڳلن وچان ايئن ابريل هو جيئن جهاز جي مُهڙ. وانگ لنگ کي جيتوڻيڪ ڪانئس ڪجهه ونڻ ۾ خوف لڳو. پر وڏي ڳالهه ته پاڻ انهيءَ ماڻهوءَ جي عجيب و غريب اکين ۽ خوفناڪ نڪ جي ڪري، انڪار ڪرڻ کان به ڊنو ٿي. هن، جيڪي مٺس مڙهيو ويو هو. اهو ورتو ۽ پرديسيءَ جي وڃڻ کان پوءِ، جڏهن منجهس همت آئي ۽ هن ڪاغذ تي نظر وڌي ته ان تي ڪيس هڪ ماڻهوءَ جي تصوير نظر آئي، جنهن جي چمڙي اڇي هئي ۽ ڪاٺ جي صليب تي ٽنگيو پيو هو. انهيءَ ماڻهوءَ جي چيلهه تي ڦاٽل ٽٽل پوتڙيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ڪپڙو ڪونه هو. جيڪي ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو، تنهن مان ته اهو ٿي لڳو ته مئل آهي. سندس ڪنڌ ڪلهن تي لڙڪيل هو ۽ اکيون پوريل هئس. هيٺان ڪن اکرن جا نشان هئا، پر هو انهن جو ڪو به مطلب ڪڍي ڪونه سگهيو.

رات جو هن تصوير گهر آندي ۽ پوڙهي کي ڏيکاريائين، پر اهو به پڙهي ڪونه سگهيو. وانگ لنگ، پوڙهو ۽ ٻئي ڇوڪرا ان جي ڪنهن جوڳي مطلب تي بحث ڪرڻ لڳا. ننهي ڇوڪرن حيرت وچان رڙ ڪئي،

"ڏسو ته، پاسي مان رت پيو وهيس!"

۽ پوڙهي چيو، "ڪ سان ڪو خراب شخص هوندو، جو ڦاسي ڪاڙي اٿس."

پر وانگ لنگ تصوير کان ڏاڍو ڊنو ۽ خيال ۾ غرق ٿي ويو. ته آخر انهيءَ اوپري همراهه ڪيس اها ڏني ڇو؟ ڪٿي ايئن ته ڪونهي ته انهيءَ همراهه جي ڀاءُ سان اهڙو سلوڪ ٿيو هجي، ۽ ٻيا ڀائر بلاند ڪرڻ لاءِ ايئن ڪندا هجن! پوءِ انهيءَ ڳالهه جي ڪري هن مرڳو اها گهٽي ئي ڇڏي ڏني، جنهن ۾ ڪيس اهو همراهه مليو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڪانئس ڳالهه وسري وئي ته اُو-لان اهو، ڪاغذ جي ٻين ٽڪرن سان گڏ جتيءَ جي تري ۾ سبي ڇڏيو. جيڪي پاڻ هتان هتان تري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڳولي ڪٺي ايندي هئي.

پر ٻئي ڀيري هڪڙي همراهه ڪليو ڪلايو وانگ لنگ کي اڇي پنو ڏنو. اهو شهر جو ئي ڪو ماڻهو هو، جنهن کي سنا ڪپڙا پهريل هئا. انهيءَ همراهه بيٺل ميڙ ۾ جيڏيءَ مهل ڪاغذ ٻئي ورهايا ته انهن ماڻهن سان ڳالهائيندو به ٿي رهيو. جيڪي شهر جي گهٽين ۾ ڪنهن نئين يا انوکي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ رلندا وتندا هئا. هن ڪاغذ تي به موت ۽ رت جي تصوير هئي. هن دفعي وري جيڪو مئل همراهه هو، سو اڇي چمڙي ۽ وارن وارو ڪونه هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر وانگ لنگ جهڙو ئي هو. هڪ عام، زردو، سنهڙو، ڪارن وارن ۽ اکين وارو ۽ نيرا قاتل ڪپڙا پاتل شخص. مٿل جي مٿان هڪ ٿلهو شخص بيٺو هو. جيڪو هٿ ۾ جهليل ڏگهي ۽ تکي چاقوءَ سان مٿل کي چهڪ ڏيئي رهيو هو. ڏاڍو ڪهل جوڳو ڏيک هو. وانگ لنگ جاچي ڏٺو ۽ هيٺان لکيل اکر سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين. پرسان بيٺل هڪ همراهه ڏي مڙي ڪائنس پڇيائين.

"توکي هڪ بہ نشانين جي خبر هجي تہ مون کي هن خوفناڪ ڳالهہ جو مطلب ٻڌاءِ."

ان ماڻهوءَ چيو. "ماٺ ڪري بيهي انهيءَ ننڍڙي استاد جي ڳالهہ ٻڌ! اهو اسان سڀني کي سمجهائيندو." ان تي وانگ لنگ ڏيان ڏيئي ٻڌڻ لڳو. هن کي جيڪي ڪجهہ ٻڌڻ ۾ آيو. سا ڳالهہ هن اڳ نہ ڪڏهن ٻڌي نہ سُئي!

"اهو مٿل ماڻهو اوهان پاڻ آهيو." نوجوان زور ڏيندي چيو. "۽ اوهين جڏهن مري وڃو ٿا تہ قاتل اوهان کي چوڪون تو ڏئي. اوهان کي خبر ئي ڪانهي تہ، اهي دولتمند ۽ سرمائيدار اوهان کي مٿي پڃاڻان بہ چوڪيندا رهندا آهن. اوهين ان ڪري غريب ۽ زبون حال آهيو. جو هر شئي شاهوڪار جي قبضي ۾ آهي."

وانگ لنگ کي پوري خبر هئي تہ پاڻ غريب آهي. پر هن ڪان اڳ هو سمورو ڏوهہ تقدير کي ڏيندو هو. جي مند تي مينهن ڪونہ وٺو ۽ وٺو بہ تہ ڪنهن بدعادت وانگي وسندو ئي رهيو هو. جڏهن مناسب مينهن ۽ اس هوندي هئي، تہ زمين ۾ ٻج ڦٽي پوندو هو ۽ ڏانڊيو اَن جهليندون هيون. تڏهن هو پاڻ کي غريب ڪونہ سمجهندو هو. ان ڪري پاڻ اڳتي وڌي، دلچسپيءَ سان اها ڳالهہ ٻڌڻ لڳو. پلا جيڪڏهن مند تي مينهن نہ وسندو هو تہ پئسي وارن ڇا تي ڪيو ۽ آخر جڏهن اهو جوان مڙس بکو ڳالهائيندو رهيو، پر انهيءَ معاملي تي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ ڪيائين. جنهن ۾ وانگ لنگ کي دلچسپي هئي، تہ پاڻ سڌو تي بيٺو ۽ پڇيائين. "سائين منهنجا، جيڪي پئسي وارا اسان کي ڦرين ٿا، تن وٽ ڪو اهڙو طريقو بہ آهي، جو مينهن بہ وسائي سگهن، تہ جيئن آئون وڃي پنهنجي ٻنيءَ جو ڪم ڪار ڪريان."

انهيءَ تي نوجوان نفرت وچان هن ڏي مڙيو ۽ چائين. "ڪيڏو نہ ايائو آهين! اجا تائين وارن جو چوٽو ناهيو وتين. جيڪڏهن مينهن نہ ٿو وسي تہ ڪير بہ وسائي نہ سگهندو. پر ان ڳالهہ ۾ اسان جو ڇا وڃي؟ شاهوڪارن وٽ جيڪي بہ آهي، تنهن جو جيڪڏهن اسان سان حصو پتي ڪن، تہ مينهن وسڻ يا نہ وسڻ سان ڪو بہ فرق نہ پوندو. ڇاڪاڻ تہ پوءِ تہ اسان سڀني وٽ پئسا بہ هوندا تہ خوراڪ بہ."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڌ وارن ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. پر وانگ لنگ بي اطمينانيءَ سان مڙيو ۽ هليو ويو. رقم ۽ خوراڪ ڪاڇيو ڪپيو وڃي. هائو! پر زمين تہ هئي. پر جيڪڏهن چگيءَ طرح برسات نہ وسي ۽ مناسب طريقي سان سج نہ نڪري، تہ وري بہ ملڪ ۾ ڏڪ ڪاهي پوندي. تنهن هوندي بہ هن جوان مڙس جا ڏنل پنا خوشيءَ سان ڪنيان. جو ڪيس ياد آيو تہ او-لان وٽ جتيءَ جي تري لاءِ پورا سارا پنا ڪونہ هوندا آهن. ان ڪري جڏهن پاڻ گهر ويو تہ پنا او-لان کي ڏيندي چيائين،

"اڇهو، جتيءَ جي تري لاءِ ڪجهہ سامان آهي." ۽ وري دستور پٽاندر وڃي ڪم کي لڳو.

پر جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن، جن سان هو شام جو ڪچهري ڪندو هو، تن جوان مڙس جي گفتگو وڏي غور ۽ جوش سان ٻڌي. وڏي جذبي سان ان ڪري جو ڪين اها سُڌ هئي تہ ڪوٽ جي ٻئي طرف هڪڙو دلتمند شخص رهندو هو ۽ لڳو ٿي تہ ان ۽ سندن وچ ۾ سرن جو اهو ڪوٽ ئي رڪاوٽ بنيل هو. جيڪو پن تن ڏڪن سان ئي ڍهي وڃي پٽ پوندو.

هاڻي تہ بهار جي پيدا ڪيل بي اطمينانيءَ سان گڏ. هڪ نئين قسم جي بي چينيءَ بہ اچي سندن دلين ۾ واسو ڪيو هو. اها بي چيني اهو جوان مڙس ۽ ان جهڙا ٻيا، جهوپڙين جي رهاڪن جي من ۾ پکيڙيندا ٿي وتيا. اها بي آرامي ٻين جي قبضي ۾ اهڙين شين جي هئڻ بابت هئي، جيڪي وٽن ڪونہ هيون. روز روز جيئن هو انهن ڳالهين تي سوچيندا هئا ۽ چانداڻ ۾ ويهي هڪ ٻئي سان انهن شين جو ذڪر ڪندا هئا ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڏينهون ڏينهن ڪين پنهنجي پورهئي مان ٿورو بہ وڌيڪ اجورو نہ ملندو هو، تيئن ئي نوجوانن جي سگهارين دلين ۾ هڪ اهڙي لهر پيدا ٿيڻ لڳي، جيڪا سياري جي برف سببان تار وهندڙ نديءَ ۾ اُپري ايندي آهي: هڪ اجهل ۽ وحشي تمنا سان ڀرپور لهر!

جيتوڻيڪ وانگ لنگ پڻ اهو سڀ پنهنجي اکئين ڏٺو ۽ ڪنين ٻڌو ۽ سندن ڪنهن عجيب غريب بي چينيءَ سان ڀرپور ڪاوڙ کي بہ محسوس ڪيو. پر منجهس سواءِ پنهنجي ڌرتيءَ مٽي پنهنجا پير ڌرڻ جي، ٻي ڪا بہ خواهش پيدا ڪانہ ٿي سگهي.

هن شهر ۾ جتي سدائين مٽس ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ پئي پڌري ٿيندي هئي، اتي وانگ لنگ هڪ نئين ڳالهہ ڏٺي. جيڪا ڪيس سمجهہ ۾ ڪانہ وئي. هڪ ڏينهن هو سواريءَ جي ڳولا ۾، خالي رڪشا هڪ گهٽيءَ مان ڌڪيندو پئي ويو. تہ هن ڏٺو تہ هڪ ماڻهوءَ کي سپاهي جهليو بيٺا هئا. اهو ماڻهو احتجاج ڪرڻ لڳو. تہ سپاهي سندس چهري جي اڳيان سنگينون گهمائڻ لڳا. ماڻهو مري سان بہ هي اهو لقاءُ ڏسڻ لڳا. تہ وري ٻئي کي

پڪڙي ورتائون. اهڙيءَ طرح وري ٽئين ڪي. وانگ لنگ ڏٺو تہ اهي گرفتار ٿيندڙ سڀ هن جا ساٿي هئا. جيڪي شهر ۾ پورهيو ڪندا هئا. هن اجا اهو جاچي پئي ڏٺو تہ وري پيو جهلجي ويو. اهو تہ سندس پاڙيسري هو ۽ پرواري جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو.

پوءِ وانگ لنگ پنهنجي حيرت جي جهان مان نڪتو ۽ کيس محسوس ٿيڻ لڳو، تہ گرفتار ٿيندڙ کي بہ هن وانگي، اها ڪل ڪانہ هئي تہ کين ڇو ٿا وٺيو وڃن. وانگ لنگ پنهنجي رڪشا بچائي هڪ پر واري گهٽيءَ ۾ وڃي نڪتو ۽ ڪوسي پاڻي جي هڪ دڪان اندر گهڙي وڃي، در جي پيڪڙ ۾ هڪ وڏي ڪڙاهہ جي پويان، هيسيل هيسيل، ايستائين جهڪيو بيٺو رهيو. جيستائين سپاهي هليا نہ ويا. پوءِ هو دڪان واري ڪان، کيس جيڪي نظر آيو. تنهن ڳالهہ جو مطلب پڇڻ لڳو. اهو شخص جيڪو پوڙهو هو ۽ سندس چوڏاري رکيل ڪڙاهن مان اٿندڙ ٻاڦ ۾ شمر ٿيو پيو هو، تنهن وراڻيو،

"ڪٿي ڪا جنگ هوندي. ڪنهن کي بہ ڪل ڪانهي تہ جنگ ٿئي ڇا لاءِ پئي؟ آئون اجا ڇوڪرو هوس، تڏهن کان جنگ هلندڙ آهي ۽ مون کي تہ پڪ آهي، تہ منهنجي مئي پڄاڻان بہ هلندي رهندي."

"خير! پر منهنجي پاڙي واري کي ڇا لاءِ جهليو اٿن؟ اهو ويچارو بہ مون وانگي بي ڏوهي آهي، جنهن ڪڏهن انهيءَ جنگ جو ٻڌو ئي ڪونهي." وانگ لنگ ڏاڍي حيرانيءَ مان پڇيو. پوڙهي ڪڙاهن جا ڍڪ لاٿا ۽ وراڻيائين، "هي سپاهي ڪٿي جنگ تي ويندا هوندا. کين پنهنجو سامان سڙو، بندوقون ۽ بارود ڍوئڻ وارا کپن. ان ڪري تو جهڙن مزدورن کان زوريءَ ڪم وٺڻ لاءِ ٿا ايئن ڪن. پر تون ڪهڙي پاسي جو آهين؟ شهر ۾ تہ اها نئين ڳالهہ ڪانهي."

"پر آخر ڇو؟" وانگ لنگ يڪساهيءَ پڇيو. "گهٽي مزدوري، گهٽو اجورو......"

پوڙهو هو صفا جهور. نہ کيس ڪا اميد هئي نہ وري کيس پنهنجي ڪڙاهن ڪانسواءِ ٻي شئي ۾ ڪا دلچسپي، سو ڏاڍي بي پرواهيءَ سان چوڻ لڳو، "مزدوري ڪانہ هوندي آهي. بہ گراهہ سڪل مانيءَ جا ۽ پاڻيءَ جو ڍڪ. منزل اچي وڃي تہ هجيوَ ٽنگن ۾ ساهہ تہ پلي پوءِ گهر هليا وڃو."

"پر ماڻهوءَ جا گهر وارا؟" وانگ لنگ وائڙو ٿي پڇيو.

"بلي! انهن جي هنن کي ڪهڙي خبر، ڪهڙي پرواهہ." پوڙهي بيزاريءَ وچان ويجهڙي ڪڙاهہ جي ڪاٺ جي ڍڪڻ هينان جاچيندي وراڻيو تہ پاڻي ٽهڪيو يا نہ. ٻاڦ جو هڪڙو ڪڪر اٿيو ۽ کيس ويڙهي ويو، جنهن ۾، ديڳ ۾ جهاتي هڻندڙ سندس چهرو

مس ٿي نظر آيو. جڏهن هو ٻاڦ مان نڪري اڳتي آيو. ته وانگ لنگ کي جيڪي ڏسڻ ۾ آيو ۽ جنهن کي ڏسي هو هيسيو بيٺو هو، سو ڏسي ڪيس ڏاڍي کل آئي. هن ڏٺو ته سپاهي وري اچي ويا هئا ۽ گهٽين جي تلاشي وٺڻ ۾ لڳي ويا هئا. جتان هاڻي هي چڱو ڀلو شخص پڃي چڪو هو.

"اچا ٻه ٽونبڙو ٿي بيهه. سپاهي اچي ويا آهن."

وانگ لنگ ڪڙاهن جي پويان هيسيو. اوڪڙو ٿي ويهي رهيو ۽ پوءِ جڏهن سپاهي هيٺ اولهه طرف هليا ويا، ۽ سندن چمڙي جي بوٽن جو آواز بند ٿي ويو ته وانگ لنگ ٻاهر نڪتو ۽ خالي رڪشا کاهي وٺي پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن ڀڳو.

جڏهن او-لان رستي جي پرسان پيل ڀاڄي ميڙي، رڌڻ لاءِ کڻي گهر واپس پهتي، ته هن کيس پڳل ٽٽل لفظن ۾ سهڪندي سهڪندي ٻڌايو. ته شهر ۾ ڇا پئي وهيو واپريو ۽ پاڻ ڪيئن مس مس وڃي ڀڳو آهي. جيئن ئي هو ڳالهائيندو پئي ويو ته منجهس هڪ نئين خوف ڪر کنيون. ته ڪيس ٻه گهلي جنگ تي وٺي ويندا ۽ پوءِ نه رڳو سندس پوڙهو پيءُ ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي، اڪيلا هتي بکن ۾ پاهه ٿيندا رهندا. پر هو پاڻ ٻه جنگ ۾ مارجي ويندو. ۽ سندس رت ضايع ٿي ويندو. ۽ پوءِ هو پنهنجيءَ زمين کي ٻه وري ڏسڻ جهڙو ڪونه رهندو. هن سخت پريشانيءَ وچان او-لان ڏي نهاريو ۽ چوڻ لڳو. "ها سچي. آئون نندڙي ڇوڪريءَ کي وڪڻي، اتر ڏانهن پنهنجيءَ زمين تي هلڻ لاءِ تيار آهيان."

پر ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ او-لان سوچيندي، پنهنجي ٺڏي لهجي ۾ جواب ڏنو، "ٻه ٿي ڏينهن ترس. ڏاڍيون نيون نيون ڳالهيون پيون ٻڌڻ ۾ اچن."

ان هوندي ٻه پوءِ هو ڏينهن جو ٻاهر ڪونه ويو. هن وڏي ڇوڪري کي موڪليو ته رڪشا وچي موٽائي اچي، جيڪا هن مسواڙ تي ورتي هئي. ان کان پوءِ هو رات ٿيڻ جو انتظار ڪندو هو ۽ جڏهن رات ايندي هئي، ته مارڪيٽ ويندو هو ۽ اڳي جيتري ڪمائي جي اڌ تي، سڄي سڄي رات، پيتين سان ستيل وڏيون وڏيون گاڏيون ڇڪيندو هو، جيڪي درجن کن ماڻهو سهڪندا، هانيارو هٽندا، مس مس ڇڪي سگهندا هئا. اهي پيتيون ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙي ۽ سرهي تماڪ سان ڀريون پيون هونديون هيون. تماڪ ۾ اهڙي خوشبوءِ هوندي هئي، جو پيتين کان ٻاهر ٻه پئي ايندي هئي. تنهن ڪانسواءِ تيل ۽ شراب جون ٻه وڏيون وڏيون برنيون هونديون هيون.

هو سڄي رات اونداهين گهٽين ۾ رسا ڇڪيندو رهندو هو. سندس اگهاڙو بدن پگهر ۾ شل هوندو هو. رات جو ماڪ پوڻ ڪري گهٽين ۾ پوسل ۽ ترڪڻ ۾ سندس اگهاڙا پير پيا ترڙندا هئا سندس آڏو ڪو ٻارو جه ڪر هٿ ۾ مشعل جهلي، کيس رستو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکارڻ لاءِ ڊوڙندو هلندو هو. مشعل جي روشنيءَ ۾، ماڻهن جا بدن ۽ پسيل پٽر هڪجهڙا جهرمر جهرمر ڪندا نظر ايندا هئا. وانگ لنگ پرهه ڦٽيءَ ڏاري گهر موٽندو هو. سهڪندو سهڪندو ، ٿڪل ٽٽل. ماني ڪائي وجي ڊهندو هو. پر ڏينهن جو جڏهن سپاهي گهٽيون نوسيندا وتندا هئا، ته پاڻ جهوپڙيءَ جي ڇيڙي واري ڪنڊ ۾، ان ٽونريءَ جي پويان مزي سان ستو پيو هوندو هو. جيڪا اُو-لان سندس حفاظت لاءِ ٺاهي هئي.

اهي جنگيون ڪهڙي قسم جون هيون؟ وڙهڻ واري بي ڏر ڪير هئي؟ تنهن جي خبر وانگ لنگ کي ڪانه هئي. پر بئي سال بهار اچڻ سان شهر ۾ بي چيني ۽ خوف پکڙجي ويو. سڄو سڄو ڏينهن امير ماڻهو گهوڙي گاڏين تي پنهنجو سامان، جنهن جي مٿان ڪپڙي يا چمڙي جو پوش ڏنل هوندو هو. پنهنجي سهڻين زالن ۽ هيرن موتين سميت، نديءَ جي ڪنڌيءَ ڏانهن پيا ڊوئيندا هئا. جتان جهاز کين ڪنهن بئي هنڌ ڪٽي ويندا هئا. ڪي ته اهڙي هنڌ ويندا هئا، جتي آگ- گاڏيون بيون هلنديون هيون. وانگ لنگ ڏينهن جو گهٽين ۾ ڪونه ويندو هو. پر سندس چوڪرا واپس ايندا هئا ته اکيون ٽٽيون پيون هونديون هين، جن ۾ چمڪ هوندي هئي. اهي رڙ ڪري ٻڌائيندا هئا ته، "اسان ههڙو يا ههڙو ماڻهو ڏٺو، اهڙو ٿلهو ۽ رعبدار جهڙو مندر ۾ ديوتا جو بت. بدن پيلي ريشم سان ڍڪل هوس. آڱوٺي ۾ وڏي، شيشي جهڙي سائي پٿر جي ٻڙي واري سوني منڊي پاتل هئس. سڄو ماس خوراڪ ۽ تيل جي ڪري چمڪيس پئي."

يا وڏو دانهن ڪندو هو، "اسان ههڙيون ڪين ههڙيون پيتيون ڏٺيون. جڏهن مون پڇيو ته انهن ۾ ڇا پيل آهي، ته هڪڙي همراه چيو، ته 'انهن ۾ سون ۽ چاندي پريل آهي، پر اهي پئسي وارا اهو ڏن کيڏانهن ڪٽي پڄندا. هڪڙي ڏينهن اهو سڀ پنهنجو هوندو.' بابا! انهيءَ جو مطلب ڪهڙو ٿيو؟" چوڪر سوالي نموني اکيون ڦاڙي پيءُ ڏي نهارڻ لڳو. پر وانگ لنگ ٺوري ۾ وراڻيو.

"مون کي ڪهڙي خبر ته انهيءَ واندي شهريءَ جو مطلب ڪهڙو هو؟"

چوڪري ڏاڍي حيرت وچان رڙ ڪئي، "منهنجي مرضي آهي ته جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه پنهنجو آهي، ته پاڻ کي هينئر ئي هلي ڪٽي اچڻ کپي. مون کي ڪيڪ جو مزو وٺڻو آهي. مون ڪڏهن به ترن لڳل منو ڪيڪ ڪاڏو ئي ڪونهي."

ان تي پوڙهي جڻ ته خواب مان سجاڳ ٿيندي اُهڙيءَ طرح ڳالهايو، جڻ ته پاڻ سان ڳالهائيندو هجي، "جڏهن پنهنجو فصل پلو لهندو ته پاڻ پن-چڻ جي دعوت ۾ اهڙا ڪيڪ ڪائيندا سين. تر ڳاهي کي وڪري لاءِ ۽ کي ڪيڪ ٺاهڻ لاءِ بچائي رکنداسين."

وانگ لنگ کي اهي ڪيڪ ياد آيا. جيڪي اُو-لان هڪ پيري ٺئين سال جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعوت ۾ ڇانورن جي اچي ۽ ڪنڊ مان ناهيا هئا. سندس وات ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ دل ماضيءَ کي ياد ڪري اداس ٿي ويس.

"جيڪر اسين پنهنجيءَ زمين تي هجون ها!" هن پٽڪيو.

پوءِ، اوچتو هن کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو، ته هاڻي هن پڳل جهوپڙيءَ ۾ وڌيڪ هڪ ڏينهن به گذاري ڪونه سگهبو، جنهن ۾ تڏي جي بويان بيرن ڊگهيرڻ جيتري به جاءِ ڪانه هئي. نه وري هاڻي ڪا هڪ ئي رات هو پنهنجي بدن تي پڌل ۽ گوشت کي وڍيندڙ رسن سان پٽراهين گهٽين ۾ بار ڍوئڻ ۾ گذاري ٿي سگهيو. هن کي جيڪو پٽر سسجهيو ٿي، سو سندس لاءِ ويريءَ مثال هو. هن سوچيو ته پٽرن کان بچڻ جي ڪوشش ۾ سندس حياتي گهٽبي ٿي وڃي. اونداهين راتين ۾ خاص ڪري جڏهن مينهن پوندو هو ته گهٽيون ڇڪڙ سان وڌيڪ آليون ٿي وينديون هيون، ۽ اهڙو به وقت ايندو هو، جو سندس وجود جي سموري ڏڪار سندس پيرن هيٺ آيل پٽر جي خلاف ظاهر ٿيندي هئي. پٽر، جيڪي سندس غيرانساني وزن جي ڦيٽن جي راهه ۾ رنڊڪ بنجي ويندا هئا.

"هاءِ ڙي سهٽي ڏرتي!" اوچتو هو دانهن ڪري اچي روئڻ ۾ ڇتڪندو هو، ته بارن کي ڊپ وٺي ويندو هو، جيڪي پوڙهي کي غور سان پنهنجي پٽ ڏانهن ڏسندي ۽ پنهنجي ڪندريل ڏاڙهيءَ واري ڇهري سان، واٽڙن وانگي هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، ڏسڻ لڳندا هئا. اهڙيءَ طرح جيئن ڪو بار پنهنجيءَ ماءُ کي روئندو ڏسي، عجب ۾ پئجي وڃي.

وري به أو-لان هئي، جنهن پنهنجي بيجان پر چٽي لهجي ۾ چيو،

"اڃا به ڪجهه وقت ترسو. ڪو نه ڪو گس ٿي پوندو. اڄ ڪلهه جتي ڪٿي اهڙي ڳالهه هلي پئي."

پنهنجي جهوپڙيءَ مان، جتي وانگ لنگ لڪو وينو هوندو هو، ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو پيرن جو آواز ٻڌندو هو: جنگ تي ويندڙ سپاهين جي هلڻ جو آواز. ڪڏهن ڪڏهن سندس ۽ سپاهين جي وچ ۾ ڏنل تڏي جي وٿيءَ تي اک رکندو هو ته ڪيس لنگهندڙ پير، چمڙي جا بوٽ، ڍڪيل ٽنگون، هڪ ٻئي پويان هلندڙ سپاهي، جوڙن جا جوڙا هزارن جي تعداد ۾ نظر ايندا هئا. رات جو جڏهن ياڻ مزدوريءَ تي هوندو هو ته پنهنجي پويان گهٽين جي اونداهه ۾، اڱيان مشعل جي روشنيءَ ۾، هن کي سندن ڇهرا چمڪندا نظر ايندا هئا. هن ڪڏهن به هنن جي باري ۾ ڪي به پڇڻ جي، ڪا به جرئت ڪانه ڪئي. هو پنهنجو بار ڍوئيندو هو ۽ تڙ تڪڙ ۾ ڪاڏو ڪائي، سڄو ڏينهن جهوپڙيءَ ۾ پٽر جي پويان ستو پيو هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪير ڪنهن سان ڪونه ڳالهائيندو هو. سڄي شهر کي خوف وڪوڙي ويو هو. جنهن کي جيڪو به ڪم هوندو هو، سو تڙ تڪڙ ۾ لاهي، سيڪو

وچي گهر پيڙو ٿيندو هو ۽ در بند ڪري ڇڏيندو هو.

جهوپڙين ۾ چاندوڪين واري ڪچهري بہ هاڻي ڪانہ ٿيندي هئي. مارڪيٽن ۾ جن جاين تي ڪاڏو هوندو هو. سي هاڻي خالي پيون هونديون هيون. ريشم جي دڪانن تان وڏا وڏا پردا هاڻي لهي ويا هئا. دڪاندارن. دڪانن جا اڱوازا، تلها تختا هڪ ٻئي مٿان سٽي بند ڪري ڇڏيا هئا. ٻن پهرن جو بہ شهر مان لنگهبو هو تہ پائنبو هو تہ ماڻهو سٽا پيا آهن.

هر جاءِ اهي سڙيات پيا ٻڌبا هئا. تہ دشمن ٻهچي ويو آهي. اهي سڀ ماڻهو جن وٽ مال متاع گهٽو هو. سي ڏاڍا ڊنل هئا. پر وانگ لنگ کونہ ٿي ڊنو. نہ وري جهوپڙين جي ٻين رهواسين کي ئي ڪو ڊپ هو. انهن کي تہ انهيءَ ڳالهہ جي خبر ئي ڪانہ هئي تہ اهو دشمن ڪير هو ۽ نہ وري وٽن ڪا وڃڻ جهڙي شئي هئي. ايتري قدر جو سندن لاءِ حياتي وڃڻ بہ ايڏو ڪو خاص نقصان ڪونہ هو. دشمن آيو ٿي تہ پلي اچي. ڪين خبر هئي. تہ جيڪا حالت سندن انهيءَ وقت هئي. تنهن کان وڌيڪ خراب ٿي بہ ڪونہ ٿي سگهي. هر ماڻهو پنهنجي واٽ ويندو هو ۽ ڪير بہ ڪنهن سان ڪلي ڪونہ ڳالهائيندو هو.

پوءِ واپارين جي مئنيجرن مزدورن کي ٻڌايو. جيڪي هِتان هُتان نديءَ جي ڪناري تائين پيتيون ڍوئيندا هئا. تہ ڪين اِگتي ڪم تي اچڻ جو ڪپ ڪونهي. جو انهن ڏينهن ۾ ڪا بہ وار ڦير ٿيندي ئي ڪانہ هئي. ان ڪري وانگ لنگ سارو سارو ڏينهن واندو ئي واندو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ ويٺو هوندو هو. ڪيس هيستائين پورو آرام ميسر ڪونہ ٿيو هو. تنهن ڪري ڀرپائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مُئي سمان ستو پيو هوندو هو. پر جيڪڏهن مزدوري ڇڏي ڏئي ۽ ڪجهہ ڪمائيندو بہ نہ ۽ جيڪو پائي پئسو بچت ۾ هو، سو بہ ڪيي. ويو تہ پوءِ؟ هن کي وري مايوسي وڪوڙي ويئي. تہ ڇا ڪجي؟ مصيبت رڳو ايتري ڪانہ اچي مٿن ڪڙڪي هئي. پر عوامي بورچيخانن جا در بہ بند ٿي ويا هئا ۽ جيڪي ماڻهو انهن وسيلي غريبن کي ڪاڏو ڏيندا هئا. اهي گهر وڃي. در بند ڪري ويهي رهيا هئا. نہ ڪاڏو هو نہ ڪم ڪار ۽ نہ گهٽيءَ مان ئي ڪو اهڙو لنگهندو هو. جنهن کان ماڻهو خيرات گهري سگهي ها.

وانگ لنگ پنهنجي ڇوڪريءَ کي جهوپڙيءَ اندر هنج ۾ کڻي مٿس هڪ نهار ڪئي ۽ جهيڻي آواز ۾ چوڻ لڳو. "ننڍڙي چرڙي! حويليءَ ۾ ويندينءَ؟ جتي ڪاڏو پيتو هوندو ۽ توکي بدن ڍڪڻ لاءِ سڄو ڪوٽ بہ ملي ويندو؟"

جيڪي هن چيو سو ڇوڪريءَ نہ سمجهندي بہ مرڪي ڏنو ۽ پنهنجو پتڪڙو هٿ کڻي حيرت سان پيءَ جي سوچ ٻڏل اکين تي رکيو. وانگ لنگ اهو سهي ڪونہ سگهيو

۽ روئندي روئندي زال کي چيائين،

”مون کي ٻڌاءِ. توکي حويليءَ ۾ مار ملندي هئي؟“

عورت سادگيءَ ۽ اداسيءَ سان جواب ڏنو.

”روزانو مون کي مار ملندي هئي.“

هن وري دانهن ڪئي،

”ڪيڙي جي ڇهبڪ سان، يا رسي سان يا لڪڻ سان؟“

اُو-لان ساڳئي مرثينگ لهجي ۾ وراڻيو.

”مون کي تہ چمڙي جي ڇهبڪ سان مار ملندي هئي، جيڪو خچر هڪلڻ لاءِ هوندو آهي.

هن کي اها خبر پئجي ويئي، تہ جيڪي سندس من ۾ هو، سو سندس زال ڄاتو ٿي. هن آخري اميد ۾ چيو.

”پنهنجي ڇوڪري تہ هينئر ئي ڏاڍي ملوڪ آهي. تون اهو ٻڌاءِ تہ سهڻين ٻانهين کي بہ مار ملندي هئي؟“

هن ساڳيءَ نوع سان ورندي ڏني، ڄڻ تہ سندس لاءِ ڪنهن طريقي سان ڪو بہ فرق ڪونہ ٿي پيو.

”موچڙا کائڻ ۽ ڄڏهن بہ ڪنهن مرد جي دل ٿئي، تہ ان جي بستري ۾ ڪنيجي وڃڻ. فقط هڪڙو نہ پر، جنهن کي رات جو خواهش ٿئي. ننڍا مالڪ تہ ڪنهن نہ ڪنهن ٻانهيءَ تان ٻيا پاڻ ۾ وڙهندا بہ هئا ۽ نهي بہ ويندا هئا. ٻوءِ اڄ تون، صبحاڻي آئون. ٻوءِ جڏهن اهي سڀ هڪ ٻئي وانگر ڪنهن هڪ ٻانهيءَ مان ڪنا ٿي پوندا هئا، تہ وري نوڪر آقائن جي اوباريل مال تان هڪ ٻئي سان وڙهندا، گرندا ۽ ناهہ ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن ڪا ٻانهي سهڻي هوندي هئي، تہ ان جي ڇوڪراڻي وهيءَ مان نڪرڻ ساڻ ئي اهو سڀ ٿيڻ لڳندو هو.

وانگ لنگ ڏکي ويو ۽ ڇوڪريءَ کي جهلي بار بار چوڻ لڳو. ”اڙي ننڍڙي چرڙي! ويچاري ننڍڙي چرڙي!!“ پر هو اندر ئي اندر ۾ روئندو رهيو. جيئن ڪو ماڻهو طوفان ۾ ڦاسي دانهون ڪندو آهي ۽ سوچڻ بہ بند نہ ڪندو آهي.

”ٻي ڪا واهہ ڪانهي! ڪائي واه ڪانهي!“

ٻوءِ سندن اتي ويني ئي گوڙ ٿيڻ لڳو. ڄڻ آسمان ٿي ڦاٽو. منجهائن هر هڪ ٻي سُرتيو ٿي زمين تي ڏهي پيو ۽ پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو. ڄڻ تہ اها هيبتناڪ گوڙ ڪين جهلي چيياٽي ڇڏيندي. وانگ لنگ ڇوڪريءَ جو چهرو پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪٽي لڪايو. ڪين

اها خبر ڪانھ ٿي پئي. تہ انهيءَ هيبتناڪ شور ۾ سندن لاءِ ڪهڙي مصيبت اچڻي هئي. پوڙهو وانگ لنگ جي ڪن ۾ چوڻ لڳو، ”اهڙو آواز تہ مون سڄي ڄمار اڳي نہ ٻڌو نہ سڻو.“ ۽ ٻنهي چوڪرن ڏپ ۾ وٺي دانهون ڪيون.

اوچتو خاموشي ٿيڻ تي اُو-لان پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيون ۽ چيائين، ”مون جيڪي ٻڌو هو سو اچي ويو آهي. دشمن شهر جا دروازا ڀڃي ڇڏيا آهن.“

ان ڪان اڳ جو ڪيس ڪو جواب ڏيئي سگهي. سڄي شهر ۾ رڙ مچي ويئي. طوفاني هوا مان اڀرندڙ ڪنهن بيهوش ٿيڻ واري ماڻهوءَ جي رڙ. جيڪا خوف پيدا ڪندي آهي. اها زور ونندي ويئي. جيئن ئي گهٽين ۾ آواز پهچڻ لڳو، تہ زور ونندو ويو.

وانگ لنگ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ پٽ تي سڌو ٿيو وينو هو، تہ ڪو اڻ ڄاتو خوف سندس وجود ۾ سرڻ لڳو. سندس وار ڪانڊارجي ويا. سڀ اپا ٿيو وينا هئا ۽ هڪ ٻئي کي گهوريندا ٿي رهيا. ڪين ڪنهن اڻ ڄاتي ڳالھ ٿيڻ جو انتظار هو. پر رڳو ماڻهن جي انبوھ جو آواز پئي آيو. هر ماڻهو رڙيون ڪندو ٿي وتيو.

پوءِ ڪين گهٽو پري نہ پر ڪوٽ جي پرئين پاسي. ڪنهن وڏي دروازي جي ڀڄڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو؛ جهڙو چنگهڻ جو آواز، ڄڻ تہ اهو ڏروازو لاچار کليو هجي. اوچتو ان همراھ جنهن هڪڙي ڏينهن منهن اونڌاريءَ جو وانگ لنگ سان ڪچهري ڪئي هئي ۽ ڪاٺ جي ننڍڙي پونگري پئي پيتي، جهوپڙيءَ جي در مان منهن ڪڍيو ۽ رڙ ڪري چيائين،

”تون اجا هتي وينو آهين؟ وقت اچي ويو آهي. اميرن جا دروازا اسان تي کُلي ويا آهن.“ جيئن ئي ان همراھ ڳالھ ڪري پوري ڪئي تہ ڄڻ جادوءَ جي زور تي اُو-لان سندس ٻانهن هيٺان سرڪي هلي ويئي.

وانگ لنگ هوريان هوريان نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ اٿيو ۽ چوڪريءَ کي هيٺ ويهاري ٻاهر نڪري ويو. شاهوڪار جي گهر جي ٻاهران وڏي لوهي دروازي جي آڏو، عام ماڻهن جو هل ۽ ڀيھ پيهان لڳي پيئي هئي، جيڪي اڳتي ڌوڪيندا ٿي ويا ۽ گڏوگڏ زور سان رڙيون بہ ڪندا رهيا؛ اهي رڙيون جيڪي هن گهٽين مان اٿندي ٻڌيون هيون. هن کي خبر هئي. تہ هر دولتمند جي دروازي تي اهڙو ئي حشر هوندو ۽ اهڙو ئي ڌوڪيندڙ هجوم هوندو مردن ۽ عورتن جو، جن کي ٻکن ۾ پاھ ڪري قيدي بنائي رکيو ويو هو. هاڻي اهي آزاد آهن ۽ جيڪي بہ ڪري سگهن سو ڪن. جيئن ئي دروازي جا طاق کلي ويا تہ ماڻهو هڪ ٻئي سان ايتريقدر ڳتجي اڳتي وڌڻ لڳا جو پير، پير تي چڙهيو ٿي ويو ۽ جسم هڪ ٻئي سان ايترا ڳنبيل هئن جو سڀ هڪ ٿي اڳتي وڌڻ لڳا. ٻين تڙ تڪڙ ۾ پويان اچي وانگ لنگ کي جهليو ۽ کيس کنيي ميڙ ۾ ڪٽي ويا. سندس مرضي هئي يا نہ پر ٻاڻ بہ ٻين سان

گڏ ميڙ ۾ اڳتي ڪجي ويو. جيتوڻيڪ ڪيس پاڻ کي بہ خبر ڪانہ هئي، تہ سندس نيت کهڙي هئي؛ چاڪاڻ تہ جيڪي ڪجهہ وهيو واپريو پئي، تنهن ڪيس حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو.

پوءِ هو وڏي دروازي جي چائنٽ تان ٻهارجي ويو. ماڻهن جي پيهہ پيهان ۾ مس مس سندس پير زمين تي ڪتا. چوڌاري وحشي جانورن جي لاڳيتي چنگهاڙ وانگي هل پئي ٿيو.

هو هڪڙي اڱڻ تان ٻئي اڱڻ تائين ڌڪبو ٻنهہ اندر اچي نڪتو. پر ڪيس گهر جي پاتين مان ڪير بہ نظر ڪونہ آيو. ايئن ٿي لڳو. ڄڻ تہ اهو محل ڪو ورهين کان ويران پيو هو. باغن جي پارن ۾ سوسن جا گل ٽڙيل هئا ۽ وڻن جي ننڍين شاخن تي اوائلي بهار جا گل ٽڙيا بينا هئا. ڪمرن ۾ ميزن تي ماني رکيل هئي ۽ رڌڻن ۾ باهہ بہ پئي ٻري. هن انبوه کي شاهوڪار جي گهر جي سيني حصن جي ڄاڻ هئي. اهي اڱين هنڌن کي ٻهارو ڏيندا ويا جتي نوڪر چاڪر رهندا هئا ۽ بورچيخانا هوندا هئا. اندريان حصا جتي رئيسن ۽ رئيسائين جا نرم ۽ ڪومل بسترا هوندا هئا. جتي سندن ڪاريون، ڳاڙهيون ۽ سونهري پيتيون رکيل هونديون هيون، جتي سندن ريشمي ڪپڙن جون ڀريل صندوقون رکيل هونديون هون، جتي رنگين ميزون ۽ ڪرسيون پيون هونديون هيون ۽ پٽين تي ڇٽ گل نڪتل هئا. سڄو انبوهہ اچي انهيءَ خزاني تي ڪريو. هر نئين صندوق يا ڪمري ۾ جيڪي بہ لڌو ٿي، اهو هڪ ٻئي کان جهٽ هٽندو ڪسيندو ٿي ويو. انهيءَ ڪري، ڪپڙا، پردا، ٽانو ٽپا ۽ ٻيو سامان هڪ هٿ مان ٻئي هٿ ۾ پئي پهتو. هر هڪ ٻئي جي هٿ ۾ موجود شئي کسڻ ۾ پورو هو ۽ ڪنهن بہ. جيڪي پاڻ وٽ هوس، تنهن تي بس نہ ٿي ڪئي.

فقط وانگ لنگ ئي هو جنهن پشيمانيءَ وچان ڪجهہ بہ نہ ڪنيون. هن سڄي ڄمار ڪا بہ اهڙي شئي نہ ڪنئي هئي، جيڪا ڪنهن ٻئي جي هجي. هينئر يڪدم هو ايئن نہ پئي ڪري سگهيو. ان ڪري ڀرپائين تہ هو انبوهہ جي وچ ۾ بيٺو هيڏانهن هوڏانهن ڌڪبو رهيو. پر پوءِ ڪا ڳالهہ هن جي ذهن ۾ آئي ۽ هو ثابت قدميءَ سان محل جي ٻئي چيڙي ڏانهن وڌيو ۽ آخر اچي ٻئي پاسي رسيو. هتي هو ٿورو ڦرڻ لڳو. جيئن ڪنهن وهنڌڙ جهرڻي جي پاسي کان ڦرندڙ ڪن هجي. پر تنهن هوندي بہ ڪيس خبر هئي تہ پاڻ ڪٿي هو.

پاڻ محل جي بلڪل پوئين حصي ۾ هو. جتي شاهوڪار جون عورتون رهنديون هيون. پويون دروازو کليو پيو هو. اهو دروازو شاهوڪار صدين کان اهڙن موقعن تي ڀڄڻ لاءِ نهرائيندا هئا. ان کي امن جو دروازو ڪوٺيو ويندو هو. اڄوڪي ڏينهن ٻڪ ئي ٻڪ

اهي پنهنجي اڱڻ تي هُل بڏي، هن دروازي مان ٻيجي گهٽين مان وچي ڪٽي لڪا هئا. پر هڪڙو ماڻهو، الائي ته پنهنجيءَ ٽولهه جي ڪري يا الائي ته نشي جي گهري ننڊ جي ڪري، ٻچي ڪونه سگهيو هو. وانگ لنگ اوچتو هڪڙي اندرئين ڪمري ۾، جتان مچريل انبوهه آيو ويو پئي، اچي هن جي مٿان بيٺو. جيئن ته هو ڪنهن ڳجهي ڪنڊ پاسي ۾ لڪل هو ان ڪري ڪنهن ڪي به نظر ڪونه پيو. ۽ هاڻي اهو سمجهي ته اڪلو هوندي هو لڪي ويندو. سو ڪسڪندو ڪسڪندو ٻاهر نڪري آيو. پوءِ ته وانگ لنگ، جيڪو سدائين پين ڪان ڀڄندو وتندو هو، اچي هن جي مٿان پيو.

اهو همراه ڏاڍو ٿلهو هو. نه پوڙهو نه ڪو اينرو جوان. رات جو پڪ پنهنجي بستري ۾ ڪنهن سهڻيءَ عورت سان اگهاڙو ستو هوندو. اها ڳالهه سندس بدن جي جوڏاري واڱٽائي سائن جي چوغي مان نظر پئي آئي. سندس ڇاتيءَ تي پيلي رنگ جي گوشت جا ڳنڍا ڇڙهيل هئا. سندس ڳلن جي اپار ۾ سندس ننڍڙيون ۽ اندر پيهي ويل اکيون ايئن ٿي لڳيون جهڙيون سوئر جون اکيون. جڏهن سندس نظر وانگ لنگ تي پيئي، ته سڄو ونجي ويو ۽ ڪنبڻ لڳو، ڄڻ ته ڪنهن سندس گوشت ۾ چاقو ڪپائي ڏنو هجي. وانگ لنگ، جيڪو هٿين خالي هو، سو انهيءَ ڏيک تي اچي کل ۾ ڇٽڪيو. پر ٿلهو سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ فرش جي سرن تي مٿو هڻي روئڻ لڳو.

”مون کي جيئدان ڏي. مون کي نه مار. مون وٽ تو لاءِ پئسا به آهن تمام گهڻا.....“ اوچتو ”پئسا“ لفظ تي وانگ لنگ جو ذهن صاف ٿي ويو. ”پئسا“! اهي ته ڪيس کپن. پوءِ وري ڪيس ڪو آواز چٽيءَ طرح اهو چوندي ٻڌڻ ۾ آيو.

”پئسا. ڇوڪري ٻچي ويئي ۽ زمين....“

اوچتو هن کهري آواز ۾ زور سان چيو، ايئن جو ڪيس به خبر ڪانه پئي ته اهو ڪو سندس واتان نڪتو هو،

”پوءِ. پلا ڏي نه مون کي پئسا!“

ٿلهو هن جي پيرن تان اٿيو. هو ٿڏا شوڪارا ڀريندو، وڦلندو، چوغي جي کيسن ۾ هٿ وجهي، هن ٻنهي هٿن ۾ سون ڀري ڪڍيو. وانگ لنگ سندس ڪوٽ جي ڪنڊ جهلي ڪائنس سون ورتو. هن وري انهيءَ ساڳئي ڪنهن اوبري ماڻهوءَ جي اڻ ڇاتي آواز ۾ رڙ ڪئي،

”اجا به ڏي!“

وري به هن جون مٺيون سون سان ڀرجي ٻاهر آيون ۽ منهن پيلو ڪري ٻيڪڻ لڳو. ”هاڻي ته ڪجهه به ڪونهي بچيو. مون وٽ ته سواءِ پنهنجي اپاڪي جند جي ٻيو ته

ڪجهه به ڪونهي رهيو.“ هو مٿان ٿي ڪري پيو ۽ روئڻ لڳو. لڙڪ سندس اپريل ڳلن تان تيل وانگر وهي اٿي هليا.

جيئن هو روئڻ ۽ ڪنبڻ لڳو، تہ وانگ لنگ مٿس نگاهہ وڌي. اوچتو سندس من ۾ ڪا ڌڪار پيدا ٿي، جيڪا سڄي چمار ڪنهن لاءِ بہ اڳي سندس من ۾ پيدا ڪانہ ٿي هئي. هن منجهس ايري آيل بڇان وڇان رڙ ڪئي.

”ٽري وڃ منهنجي اکين اڳيان، ٿلها، ڪيڙا، تہ ماري نہ وجهانءِ.“ اها رڙ وانگ لنگ جي واتان نڪتي، جيتوڻيڪ پاڻ ايترو تہ نرم دل هو جو ڪڏهن ڏڪو بہ نہ ڪنو هئائين. پوءِ اهو همراهہ اٿيو ۽ وٺي ڀڳو.

وانگ لنگ جي هٿن ۾ فقط سون رهجي ويو. هو اهي ٽڪرا ڳڻڻ لاءِ بہ نہ ترسيو ۽ کيسي ۾ ڦسي، ’امن واري دروازي‘ مان لنگهي، جهوپڙيءَ جي پٺيان ڪان نديڙي گهٽي لتاڙي، اچي گهر سهڙيو. هن سون لڪائي کيسي ۾ رکيو، جيڪو اڃا بہ ٿلهي همراہ جي بدن جي گرميءَ ڪري ڪوسو ئي ڪوسو هو.

”هاڻي اسين واپس پنهنجيءَ زمين تي ويندا سين. بس صبحاڻي ئي واپس ڀنيءَ تي وڃبو.“

باب پندرهون

بہ ٽي ڏينهن لنگهيا تہ وانگ لنگ کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو، جڻ تہ پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي زمين ڪان ڌار نہ ٿيو آهي. حقيقت بہ ايئن هئي. سندس دل ڪڏهن بہ زمين ڪان پري نہ ٿي هئي. ڏکڻ مان هن ٽن گنين مان ڪٽڪ، چانورن ۽ ٻئي اناج جو ٻج ورتو. پئسي جي بي پرواهيءَ جي ڪري اهڙو ٻج ورتائين، جنهن جهڙو هن اڳي ڪڏهن ڪونہ پوکيو هو. تلاءَ لاءِ ٻهہ، ڪنول ۽ ڳاڙهي موري، جيڪا دعوت ۾ سوئر جي گوشت سان گڏ رڌبي هئي. ان ڪانسواءِ ننڍا ڳاڙها مٽر بہ ورتائين.

پنجن گنين ۾ هن هڪڙي هاريءَ ڪان، جنهن وٽ ٽي هر ٻئي ڪاهيو، هڪڙو ڏڳو ورتو. ڳوٺ رسڻ ڪان اڳي ئي هن اهي ڪم لاهي ڇڏيا. انهيءَ هاريءَ کي هرڪاهيندي ڏسي هو بيهي رهيو هو. پاڻ بينو تہ سڀ بيهي رهيا. پوڙهو، ٻار ۽ زالس، سڀ، جيڪي گهر ۽ ڀنيءَ تي پهچڻ لاءِ اتاولا هئا، بيهي رهيا ۽ ڏڳي کي ڏسڻ لڳا. ڏڳو وانگ لنگ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ ڪيپي ويو. پاجاريءَ ۾ پيل مَئي متارِي ڳچي، نونٺ جيڏو ڪونهاٺ. سندس واتان نڪري ويو،

"واهه واهه! ڍڳي جو ته ملهه ئي ڪونهي. ڏي خبر. سون ۾ ڏيندين يا چانديءَ ۾. مون وٽ ڍور ڍڳو آهي ئي ڪونه. ڏاڍي ڏکيائي ٿيندم، ڪو نه ڪو ته ونٺو آهي ئي."

هاريءَ وراڻيس،

"ڍڳو جيڪو وڪٽي سو جوءِ وڪٽي. ڦوهه جواني اٿس. ڏاڍيون ڏاڍون ڏيندو آهي." همراه هرن کي لڳو رهيو. وانگ لنگ لاءِ بينو ئي ڪونه.

وانگ لنگ کي جڻ ته سڄي دنيا جي ڏاندن مان اهوئي ونٺو هو. هن أو-لان ۽ پٽس کي چيو،

"گهڻو لهي ڍڳو؟"

پوڙهي ورندي ڏنس،

"لڳي ته ميو متارو ٿو. گهٽئي پئسا لهي."

أو-لان چوڻ لڳي،

"جيڏو ڏٺي ٿو ٻڌائي، ان کان ته ٻڪ ئي ٻڪ سال کن وڏو هوندو."

پر وانگ لنگ ڪو به جواب ڪونه ڏنو. ڍڳي جي هر ۾ وَهَڪَ، لسي چمڙيءَ ۽ ڪارين اکين تي سندس دل هرکي پيئي هئي. ٻاڻ هن ڍڳي سان پنهنجي زمين ڪيڙي آباد ڪري سگهندو ۽ جانبهه ۾ جوٽي ان پيهي سگهندو. پوءِ ٻاڻ وڏي هاريءَ ڏي ويو ۽ چيائينس،

"آئون توکي ٻيو ڍڳو وٺڻ لاءِ ڪوڙ پئسا ڏيندس. پر هيءُ ڍڳو مون کي ڏي."

آخر ٿوري گهڻي رينگٽ ۽ نه نه کان پوءِ هاريءَ ڍڳي جو اينرو ملهه ڪيو. جو ان جي اڌ تي هن سڄي تر ۾ پلوڙ ڍڳا ملي ويندا هئا. پر جڏهن کان وانگ لنگ جي ڍڳي تي اک پئي هئي، سون جو سندس نظرن ۾ ڪو ملهه ڪو نه رهيو هو. هن هاريءَ کي سون ڏنو ۽ جيستائين ان ڍڳي جي ڳچيءَ مان پاجاري ڪڍي، ٻاڻ بينو. ڍڳي کي ڏسندو رهيو. وانگ لنگ ڍڳي جي نَٿ جي ڏوري وٺي هلڻ لڳو ۽ سندس دل پنهنجي وهٽ تي باغ باغ ٿي پئي.

گهر پهتا ته در پڳو پيو هو. ڇت جو ڇاڇو گم هو. آهرا ۽ پيلپاوا، جيڪي ڇڏي ويا هئا، سي پڳا پيا هئا. گهر ۾ رڳو ڪچيون پٽيون وچي بچيون هيون. پر شروعات واري حيرانيءَ کان پوءِ، وانگ لنگ انهيءَ نقصان جي ڪا ڳالهه ئي ڪانه ڪئي. هو شهر ويو ۽ سَني ڪاٺ مان نهيل. هر، ڪجهه داسا ۽ ٻه ڇت لاءِ نکون وٺي آيو. جيستائين ڪو نئون ڇاڇو ڦٽي.

شام جو هو اڃي دروازي تي بيٺو ۽ ٻنيءَ تي نگاهه ڪرڻ لڳو. سندس پنهنجي ٻني سياري ۾ ٻاري ٻوٽن کان پوءِ هينئر تازي تواني. فصل لاءِ تيار. سندس آڏو پکيڙيل هئي. بهار پنهنجي پوري جوڀن تي هو. تلائن ۾ ڏيڏر جهونا ڪائي ڪَرڪيا پئي. گهر جي ڪنڊ وٽ بانس جا ٻوٽا. رات جي هير جي ڪومل جهوٽن تي جهومي رهيا هئا. چانڊاڻ ۾ ڪيس پر واريءَ ٻنيءَ جي ڀاسي کان بيٺل وڻن جون ڏنڊليون چوٽيون نظر پئي آيون. شفتالو جي وڻ تي گلابي مکڙيون ڦٽي آيون هيون ۽ ٻيدمشڪ جا وڻ ڇهڇ ساون پنن سان ڳتيا پيا هئا. نندا ڪڙي ۽ اوسيئڙي ۾ آيل ڏرتيءَ تان، چانڊاڻ جو چانديءَ جهڙو ڪوهيڙو اڀري. وڻن جي ٿڙن کي ويڙهي ويو هو.

ڀهريائين تہ گهڙيءَ دير تائين وانگ لنگ کي ايئن لڳو. ڄڻ تہ سندس مرضي هجي تہ ڪو بہ ماڻهو ڪيس نظر نہ پوي ۽ پاڻ پنهنجي زمين سان خلاصو هجي. هو ڳوٺ ۾ ڪنهن جي بہ گهر ڪونہ ويو ۽ پوءِ اهي ماڻهو، جيڪي سياري جي ڏڪار مان ڇڙهي ويا هئا. سائس ملڻ آيا تہ پاڻ انهن سان رلي ملي ويو.

"توهان مان ڪنهن منهنجي گهر جو در ڀڳو آهي؟ ڪنهن منهنجو بيلچو ۽ رنبو ڪنيون آهي؟ منهنجي ڇت جو ڇاڃو ڪنهن ٻاري ڇڏيو آهي؟" هن ڪين ڇڙٻيندي پڇيو.

انهن سڀني زور سان ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. هڪڙي چيو. تو واري چاچي. ڏکر ۽ جنگ جي آفتن جي ڏينهن ۾ ڌاڙيلن جا ٽولن جا ٽولا وتن جتي ڪٿي هلندا. ڪيئن ٿو چئي سگهجي، تہ فلاڻي يا فلاڻي ڪهڙي شئي چورائي. ٻڪ ڪنهن کان بہ چوري ڪرائي سگهي ٿي."

پوءِ سندس پاڙيسري 'چنگ' رڙهندو وانگ لنگ کي ڏسڻ لاءِ سندس گهر پهتو ۽ چيائين، "سڄو سيارو تنهنجي گهر ۾ ڌاڙيل رهيا پيا هئا. شهر يا ڳوٺ ۾ جتي بہ پڇندو هون. ڌاڙا هڻندا وتندا هئا. چون ٿا تہ تو واري چاچي کي سندن سڀني کان گهٽي خبر آهي. پر خير هن ۾ ڇا سچ آهي؟ ميان اسان ۾ تہ دل ڪانهي تہ ڪنهن تي تهمت ڏيون."

اهو همراهه ڄڻ تہ پاڇي مثل هو. سندس چمڙي ڄڻ تہ هڏن تي مڙهي پئي هئي. سندس وار صفا ڀُورا ۽ ڪمزور هئا. جيتوڻيڪ اڃان پنجيتاليهہ سالن جي ڄمار جو بہ ڪونہ ٿيو هو. وانگ لنگ کن پل لاءِ ڪيس جاچي ڏٺو ۽ اوچتو رحم وچان چوڻ لڳس،

"اسان کان بہ تنهنجو گذر ڏاڍو ڏکيو ٿيو آهي. تو ڇا کاڌو آهي؟"

هن شوڪارو ڀري، ٺڪو ڪيو.

"مون ڇا ڇا ڪونهي کاڌو؟ اسان گهٽين ۾ ڀيل ڊوڙند کاڌو. شهر ۾ ڪتن وانگر پنندا بہ هئاسين تہ مئل ڪتا بہ کاڌاسين. مون واري زال مرڻ کان اڳي الائي ڇا جو رَهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيتو. مون کي ته دل ئي ڪانه هئي پڇڻ جي ته ڇا جو هو. سواءِ ان جي ته زال کي پاڻ مارڻ تي دل ئي ڪانه هئي. هن کي جيڪي ڪجهه به ليندو هو. سو اسين ڪائي ويندا هئاسين ۽ پوءِ هوءَ مري ويئي. مون ۾ صبر جي سگهه ئي ڪانه هئي. زال جي مرڻ کان پوءِ مون پنهنجي نياڻي به هڪڙي سپاهيءَ کي ڏيئي ڇڏي، ڇاڪاڻ ته مون کان اهو ڏٺو ڪونه ٿئي ها ته ڇوڪري به بکن ۾ پاهه تي مري وڃي." هن ٿورو ساهه کنيون ۽ مانار ڇائنجي ويئي. ٿورو وقت رکي هو وري چوڻ لڳو، "ٿورو بچ هجي ها ته ڪٿي پني ڪريان ها، پر بچ به ڪونهيم."

"هيڏانهن اچ!" وانگ لنگ کهرائيءَ سان چيس ۽ همراه کي ٻانهن کان جهلي گهر وٺي ويو. کيس ڪوٽ جي قاتل جهولي جهلڻ لاءِ چيائين ۽ شهر مان جيڪو بچ وٺي آيو هو، سو جهولي ڀري ڏنائينس. کيس ڪٽڪ. جانور ۽ متر ڏيئي چوڻ لڳو،

"صبح جو اچي آئون تو واري پني پنهنجي ڍڳي سان کيڙي ويندس."

اوچتو چنگ اچي روئڻ ۾ ڇتڪيو. وانگ لنگ پنهنجون اکيون مهتيندي دانهن ڪئي، چڻ ته ڪاوڙ هجيس، "تون سمجهين ٿو ته مون کان ڳالهه وسري ويئي هوندي ته تو مون کي ڪجهه داڻا ڏنا هئا؟" پر چنگ ڪا به ورندي ڪانه ڏني ۽ روئندو روئندو هليو ويو.

وانگ لنگ لاءِ اها خوشي جهڙي ڳالهه هئي ته سندس چاچو گهٽي عرصي کان ڳوٺ ۾ ڪونه هو. هو ڪٿي هو؟ سا ته خبر ڪنهن کي به ڪانه هئي. ڪن جو چوڻ هو ته هو شهر ۾ آهي. ڪن جو چوڻ هو ته زال ۽ پٽ سوڏو ڏوراهين ڪنهن هنڌ تي رهيل آهي، پر ڳوٺ ۾ سندس گهر وارن مان ڪو به رهيل ڪونه هو. وانگ لنگ سخت ڇڙ ۾ اهو به ٻڌو ته هن ڇوڪريون به وڪٽي ڇڏيون. وڏي جيڪا سهٽي هئي، تنهن مان ته کيس ڪجهه هڙ حاصل ٿيو ۽ ننڍي، جنهن جي ڇهري تي داغ هئا. سا نالي ماتر رقم تي، جنگ تي ويندڙ، هڪڙي سپاهيءَ کي وڪي ويئي هئي.

وانگ لنگ وڏي اتساهه سان پنهنجي پنيءَ کي لڳي ويو. ماني کائڻ ۽ سمهڻ لاءِ گهر اچڻ واري وقت جو به کيس ڏک ٿي پوندو هو. سندس مرضي هوندي هئي ته ٿوم ۽ ڍوڍو به پنيءَ تي گهرائي، ماني به کائي ۽ ڪا نه ڪا رٿ به سوچيندو رهي. 'هتي ڪارا متر پوکيندس ۽ هتي ساريون.' ڏينهن جو ٿڪجي پوندو هو ته اتي ئي ڪنهن اوڙ ۾ ليٽي پوندو هو ۽ بدن تي زمين جي گرمائش جي ڇهاءَ سببان ننڊ کٽي ويندي هيس.

گهر ۾ اُو-لان پڻ واندي ڪانه ويهندي هئي. پنهنجي هٿن سان هن تڏا ناهي داسن تي وڏا ۽ پنيءَ مان مٽي ڍوئي. ان ۾ پاڻي وجهي گارو ناهي. گهر جي ڀتين کي ليپو

ڏنائين. پيهر تنور جوڙيائين ۽ مينهن جي ڪري فرش ۾ ٿيل ڏرڙ لنبي ڇڏيائين.

هڪ ڏينهن هوءَ وانگ لنگ سان گڏجي شهر ويئي ۽ هنڌ، ميز، ڇهه بئنچون. هڪ وڏو لوهي ديڳڙو، مٽيءَ جي نهيل چانهه داني، جنهن تي ڪاري مس سان گل چٽيل هئا ۽ ان سان نهڪندڙ ڇهه پيالا وٺي آئي. آخر ۾ بئي پاساري جي دڪان تي ويا ۽ ڪمري جي وچ ۾ ميز تي رکڻ لاءِ ڪاغذ مان نهيل لڇميءَ جو بت وٺي آيا. جست جا به شمعدان ۽ جست جو هڪڙو پئمانو ۽ ديوتا جي آڏو ٻارڻ لاءِ به ڳاڙهيون شمعون به خريد ڪيائون ٿلهيون ۽ ڳاڙهيون. ڳئون جي چربيءَ جون نهيل شمعون. جن جي وچ ۾ وٽ وجهڻ لاءِ سوراخ نڪتل هو.

گهر واپس ايندي وانگ لنگ کي مندر ۾ رکيل ڌرتيءَ جا به ننڍڙا ديوتا ياد آيا. جن جي پاڻ پوڄا ڪندو هو. اهي هن تي ڏاڍا ٻاجهارا هئا. مينهن جي پاڻيءَ جي ڪري سندن چهرن تان رنگ روپ ڌوپجي ويو هو. سندن ڪاغذي پوشاڪ مان سندن اگهاڙا انگ ڏسڻ ۾ پئي آيا. گذريل ڏک وارو سڄو سال، ڪنهن به مٿن ڪو به ڌيان ڪونه ڏنو هو. وانگ لنگ خوف ۽ اطمينان وچان انهن تي نهار ڪئي ۽ ڏاڍي پابوهه وچان چوڻ لڳو. ڇڻ ڪنهن مار کاڌل ٻار سان ڳالهائيندي هجي.

"ها! ته ديوتا ٿي ماڻهن سان بدي ڪندا آهن."

پوءِ جڏهن سندس گهر سڄي پچي گهر ٿيو. جتي شمعدان چمڪڻ لڳا ۽ انهن ۾ پيل شمعن ۾ ڳاڙهي روشني پيدا ٿي. ميز تي چانهه داني ۽ پيالويون رکجي ويون ۽ بسترا وري پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڇائجي ويا ۽ جنهن ڪمري ۾ پاڻ سمهندو هو ان ۾ پيل سوراخن مٿان ڪاغذ چنبڙجي ويا ۽ دروازن جي مڪڙين ۾ ڪاٺ جا نوان طاق پئجي ويا. ته وانگ لنگ کي پنهنجي خوشيءَ کان خوف اچڻ لڳو. او-لان ايندڙ نئين ٻار جي ڪري ڳري ٿي ويئي هئي. سندن ٻارڙا پورين پتلين وانگي چائنٺ تي بولاٽيون پيا ڪائيندا هئا. ڏاڪٽي پٽ جي پرسان سندس پوڙهو پيءُ ستو پيو هوندو هو يا پنهنجي خيالن ۾ غلطان مرڪندو پيو هو. ٻنيءَ ۾ قنل تازيون ساريون اهڙيون ته سايون هيون جهڙا ٻڙا. خوبصورت داڻن سان ڳتبيل تازا سنگ زمين مان پنهنجا ڪر مٿي ڪئي آيا هئا. اجان تائين ايترو سون بچل هو جو ڪفايت سان هلائڻ ۾ اهي لاباري تائين ان منجهان کائي پي سگهيا ٿي. پنهنجي آڏو نيري آڪاش ۾ ترندڙ بادلن تي نهار ڪندي، پنهنجي ڪيڙيل ٻنيءَ تي پکڙيل اُس ڪيس ايئن پاسڻ لڳي، ڇڻ ته اها سندس بدن تي پوندي هجي. هن نه چاهيندي به پڻڪيو.

"مون کي ننڍڙي مندر جي ديوتائن آڏو به خوشبوءِ ٻارڻ گهرجي. ڇا به ڪٽي هجي، بهرحال زمين تي ته سندن قدرت قائم آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سورهون

هڪ رات ستي پئي وانگ لنگ کي جوئسس جو بنهي اُرهن جي وچ ۾. ماٿهوءَ جي مٿ جيڏو هڪڙو سخت ڳوڙهو محسوس ٿيو. هن زالس کي چيو.

"هي توکي بت تي ڇا ٿيو آهي؟"

هن پنهنجو هٿ ڳوڙهي تي رکيو. ڏنائين ته ان جي مٿان هڪ پٽي ٻه چڪي ٻڌي بيٺي آهي. ڀهريائين ته سور ۾ هوءَ ٻري ڪسڪي ويئي. پر جڏهن وانگ لنگ اها جهلي بيٺو رهيو ته هوءَ ٻه نري ويئي ۽ چيائين.

"نيڪ آهي. هرويرو تنهنجي مرضي آهي ته ڏس". پوءِ هن ڳچي ۾ ٻڌل ڏوري ڇوڙي اها شئي مڙس جي حوالي ڪئي.

اها شئي ڪپڙي جي پٽيءَ ۾ ٻڌل هئي. هن اها پٽي ڦاڙي ته اوچتو هن جي هٿن ۾ موتين جو مُڇڪو اچي پيو. وانگ لنگ روشنيءَ ۾ اهي ڏسڻ لڳو. ايترا جواهر هئا جو ڪڏهن ڪنهن خواب ۾ به ايترا جواهر گڏ ڪونه ڏٺا هوندا. ڳاڙها جواهر. جهڙي هندائي جي ڳر. سونهري جهڙا ڪٽڪ جا داڻا. ساوا. جهڙا بهار جي رُت ۾ تازا ڦٽل پن ۽ ايترا چمڪندڙ. جهڙو زمين مان ابڙڪا ڪائي باهر نڪرندڙ پاڻي. اونداهين ڪمري اندر پنهنجي زردي ۽ سخت هٿ جي مٺ ۾ پڪوڙيل جواهرن جي چمڪ دمڪ مان هن کي پڪ ٿي ويئي، ته وٽس هٿ ۾ ملڪيت آهي. هو بت بڻيو انهن جي رنگ ۽ چمڪ ۾ مدهوش ۽ خاموش بيٺو رهيو ۽ زال سان گڏ جواهرن کي جاچيندو رهيو. نيٺ زالس سان سڙٻات ڪيائين.

"ڪٿان .... ڪٿان آيا؟"

جواب ۾ زالس ٻه آهستي پٽڪو ڪندي چيو.

"شاهوڪار جي گهران. بڪ اها دل گهري دولت آهي. مون هڪڙي پٽ ۾ اڪڙيل سِر ڏٺي ۽ آئون ماٺ ميٺ ۾ اتان ڪسڪي ويس، ته جيئن ٻيو ڪو حصو پٽي نه گهري. مون سر ٻري ڪئي ته چمڪ نظر آيم ۽ موتي ڪٽي چوليءَ ۾ وجهي ڇڏيم."

"توکي خبر ڪيئن پئي؟" هن وري ٻه خوشيءَ وچان پٽڪو ڪيو. زالس منهن تي مرڪ آڻي جواب ڏنس.

"تون ڇا ٿو سمجهين. آئون پاڻ ته اميرائي گهر ۾ ڪانه رهي آهيان؟

شاهوڪارن کي سدائين خوف هوندو آهي. مون کي ياد آهي، تہ هڪڙي سال ڏکر پيو هو ۽ حويليءَ ۾ ڌاڙيل اچي نڪتا هئا. مون پنهنجي اکين سان، ٻانهين، گهر جي زالن، ويندي وڏي سائڻ کي پڻ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندي ڏٺو. سڀني وٽ ڪو مال هو. جيڪو اڳواٽ ئي رنيل ڪنهن ڳجهي جاءِ تي ڦسيل هو. انهيءَ ڪري مون کي خبر پئجي ويئي تہ اکڙيل سرَ جو مطلب ڇا آهي؟"

ٻئي وري مات ٿي ويا ۽ ٻئرن کي حيرت سان گهورڻ لڳا. گهٽي دير ڪان پوءِ وانگ لنگ اونهو ساهہ کڻي، پختي ارادي سان چيو.

"ڪو بہ ماڻهو اهڙي مليڪت گهر ۾ رکي نہ ٿو سگهي. هي يا تہ وڪرو ڪري ڇڏجن يا حفاظت سان زمين ۾ پوري ڇڏجن. باقي ٻيو ڪو بہ محفوظ طريقو آهي ئي ڪو نہ. جيڪڏهن ڪنهن کي خبر پئجي ويئي، تہ پاڻ ٻيئي مئا پيا هونداسين ۽ موتي ڪو ڌاڙيل کڻي ويندو. هينئر جو هينئر ئي زمين ۾ پوري ڇڏجن. نہ تہ مون کي اڄ رات ننڊ ئي ڪانہ ايندي."

ڳالهيون ڪندي هن جواهر وري اڳڙيءَ ۾ ويڙهيا ۽ زور سان ڌوري ٻڌي، ڪوٽ جو ڪيسو کولي ان ۾ وڌا ۽ پوءِ زال جي منهن تي نظر ڪيائين. جيڪا هنڌ تي پير رکيو، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو، ويٺي هئي. سندس منهن، جنهن مان ڪڏهن ڪا بہ خبر نہ پوندي هئي، سندس ڪليل چپن ۽ اڳتي وڌيل ڪاڌيءَ مان، هلڪو هلڪو اتساهہ پئي بکيو.

"ڇگو ڀلا. هاڻي ڇا ڪجي؟" وانگ لنگ زال جي منهن ۾ جاچيندي پڇيو.

"سيئي وڪڻي ڇڏيندين؟" هوءَ ڀريل آواز ۾ پڇڻ لڳي.

"ڀلا ڇو نہ؟" وانگ لنگ حيران ٿيندي ورائيو. "آخر هن جهڙي ڪچي گهر ۾ جواهرات جو ڪهڙو ڪم."

"منهنجي مرضي آهي تہ بہَ ڪن موتي آئون پنهنجي لاءِ رکان." هن ڏاڍي ويچاري ٿيندي چيو. جڻ تہ ڪيس ڪا بہ اميد نہ هجي يا جڻ تہ سندس ئي ڪو ٻار ڪائنس رانديڪي يا مٺائي جو سوال ڪندو هجي.

"ڇگو ڀلا هاڻي." هن حيرت مان دانهن ڪئي.

"رکو بہ مون کي ڏين ها!" او-لان نماڻائيءَ سان چيو. "بہ اڇا. ننڍڙا بہ موتي....."

"موتي.....؟" وانگ لنگ ڪهڙي ترسي پڇيو.

"آئون رکيو ويٺي هوندس. ڀهريندي ئي ڪانہ." او-لان چيو. "رکو رکيو ويٺي هوندس." هن اکيون پوري ڇڏيون ۽ هنڌ مان نڪتل ڌاڳي کي مروٽڻ لڳي ۽ صبر

سان ويٺي رهي. جيئن ڪنهن به جواب جي پڪ نه هجيس.

پوءِ وانگ لنگ ڪجهه سمجهڻ کان سواءِ، هڪ لحظي لاءِ، هن بي حس ۽ وفادار مخلوق ڏانهن ڏٺو. جنهن سڄي ڄمار انهيءَ مقصد لاءِ پاڻ ڳهيو هو. جنهن جو ڪيس ڪو به اجورو ڪو نه مليو هو: جنهن حويليءَ ۾ ٻين کي اهڙا موتي پهريندي ڏٺا هئا ۽ پاڻ هڪڙو گهمرو به هٿ ۾ ٿي ڪٿي انهن جو ڇهاءُ به محسوس ڪونه ڪيو هئائين.

"آءٌ پاپان ته گهڙي ڪن هٿ ۾ جهلي ڏسان." هن ڄڻ ته پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

وانگ لنگ تي ڪنهن اهڙي ڳالهه جو اثر ٿيو. جنهن کي هو پاڻ به سمجهي ڪو نه سگهيو. هن پنهنجي ڪيسي مان جواهر ڪڍيا ۽ اڳڙيءَ مان ڇوڙي ماٺ ڪري. ڪٽي زال جي هٿ تي رکيا. هوءِ چمڪندڙ رنگن ۾ ڪجهه ڳولا ڪرڻ لڳي. سندس نستو ۽ کهرو هٿ هوشياريءَ ۽ نفاست سان پٿرن جي مٿان ڦرڻ لڳو. نيٺ هن به لسا. اڇا موتي پنهنجي لاءِ چونڊيا ۽ اهي ڪنيائين ۽ باقي بچيل وري ٻڌي. واپس مڙس کي ڏنائين. پوءِ ڪوٽ جي دامن مان ليڙ ڦاڙي، موتي ان ۾ ويڙهي. ڪٽي ارهن جي وچ ۾ لڪايائين ۽ سانت اچي ويس.

وانگ لنگ حيرت مان ڪيس ڏسندو رهيو. اڌوگابري ڳالهه سمجهيائين. ان کان پوءِ هو ٻئي ڏينهن ۽ سڄو سيارو زال کي جاچيندو ۽ پنهنجي منهن چوندو هو.

"سمجهان ٿو ته اجان به مون واري زال وٽ اهي ٻئي موتي پيا آهن." پر هن ڪڏهن به زال کي موتي ٻاهر ڪڍي ڏسندي ڪونه ڏٺو. نه وري ڪڏهن ڪا انهن جي ڳالهه نڪتي.

جيستائين ٻين جواهرن جي ڳالهه آهي ته هو ڪنهن نه ڪنهن طريقي تي غور ڪندو رهندو هو. آخر هن فيصلو ڪيو. ته پاڻ حويليءَ ۾ وڃي ۽ وڃي جاچ ڪري ته زمين ڪا وڪڻو آهي.

هو حويليءَ ۾ ويو. جتي هاڻي دربان ڪونه هو. جيڪو سڄو ڏينهن هسي جا ڏکها وار ويٺو وٽيندو هو ۽ ماڻهن کي پيو دڙڪا ڏيندو هو. هن وٽان لنگهڻ کان سواءِ ماڻهو 'هوانگ جي گهر' ۾ داخل به ڪونه ٿي سگهندو هو. ان جي بجاءِ دروازي کي ڪلف آيو پيو هو. وانگ لنگ ٻنهي هٿن سان دروازي کي کڙڪائڻ لڳو پر آيو ڪير به ڪونه. نيٺ گهٽي مان هڪڙي واٽهڙو هن کي ڏسي چيو.

"ڀلي دروازو کڙڪائيندو رهه. رئيس وڏو جاڳيل هوندو، ته اچي کوليندو. يا ڪا ٻانهي آس پاس هوندي، ته اها ئي سندس پويان اچي دروازو کوليندي."

آخر هن کي چائنٽ جي ٻئي پاسي کان قدمن جو هلڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن لاءِ بيهي ويو ۽ ڪڙڪي جي آواز تي وري اڳتي اچڻ لڳو. هن پوءِ هوريان هوريان دروازي جي لوهي طاقي ڪلڻ جو آواز ٻڌو ۽ ڪيس سوالي پڙڪو ڪن تي پيو.

"ڪير آهي؟"

وانگ لنگ زور سان وراڻيو، جيتوڻيڪ ڏاڍو حيران هو.

"وانگ لنگ آهيان."

وري ڪاوڙ ۾ ڀريل آواز اڀريو.

"ڪهڙو پٽيو وانگ لنگ؟"

وانگ لنگ کي پٽڻ جي انداز مان خبر پئجي ويئي ته اهو 'رئيس وڏو' پاڻ هو. ڇاڪاڻ ته هن اهڙي طريقي سان پاراتو ڏنو جيئن هو پنهنجي غلامن ۽ نوڪرن تي هريل هو. ان تي وانگ لنگ وڏيڪ نماڻائيءَ سان ورندي ڏني.

"منهنجا سائين! منهنجا ڏڻي! آئون ننڍڙي سودي لاءِ آيو آهيان. سائين جن کي رنجائڻ ڪونه آيو آهيان. پر سائين جن جو ڪو دلال هجي. ته ان سان سودي لاءِ ڳالهائڻو اٿم." ان تي رئيس وڏي دروازي جي پيڪڙ. جنهن مان منهن ڪڍيو بيٺو هو. تنهن کي وڏيڪ ويڪرو ڪرڻ کانسواءِ ئي جواب ڏنو.

"لعنت هجيس. اهو ڪتو به گهٽا مهينا ٿيندا ته مون کي ڇڏي ويو. هيئنر هتي ڪونهي."

وانگ لنگ کي سمجهه ۾ نه پئي آيو. ته انهيءَ جواب کان پوءِ ڇا ڪجي. ڪنهن به وچ واري کان سواءِ سڌو سنئون 'رئيس وڏي' سان زمين جي خريداري واري ڳالهه به ممڪن ڪانه هئي. ڪيسو به جواهرن سان ڪوسو ٿيو پيو هوس. پاپائين تي ته انهن مان سندس جند ڇٽي ۽ وڏي ڳالهه ته زمين جو ڏاڍو ڪپ به هوس. جيتري زمين وٽس هئي ان جيتري ٻي ٻنيءَ جو ته وٽس ٻج به پيو هو. دل تي چيس ته هوانگ واري حويلي وارن کان زمين وٺي.

"مون ڪجهه رقم به آندي آهي." هن هٻڪندي چئي ڏنو.

انهيءَ تي پوڙهي يڪدم ڪٽي دروازو بند ڪيو. "ڪونهن پئسا گهر ۾." هن اڳي کان به زور سان چيو. "چور ۽ ڏاڙيل، خدا جي مار پوي سندن پيڙهين تي. جيڪي به مون وٽ هو. سو لعنتي ڪٽي ويا. ڪو به قرض پکو هاٿي ڪونه ملندو."

"نه، نه!" وانگ لنگ تڙ تڪڙ ۾ چيو. "آئون پئسا ڏيڻ آيو آهيان. قرض گهرڻ نه."

ان تي وانگ لنگ هڪ سنهو آواز ٻڌو. جيڪو هيستائين ڪيس ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو

هوا ۽ پوءِ هڪڙي عورت دروازي مان پنهنجو منهن ڪڍيو.

"اهڙي ڳالهه ته مون گهٽي عرصي کان ناهي ٻڌي." عورت تکڙ ۾ چيو ۽ وانگ لنگ کي هڪ خوبصورت، ڳوري رنگ وارو جهيڙاڪ چهرو پاڻ ڏي گهوريندي نظر آيو. "هليو اچ." عورت جلديءَ ۾ چيو ۽ هن جي لنگهڻ جيترو دروازو کوليو ۽ پوءِ اجهان وانگ لنگ حيرت ۾ ٻڌو پيو هو. ته هن پويان در بند ڪري ڇڏيو.

'رئيس وڏي' اتي ئي ويٺي ويٺي، کنگهندي کنگهندي، مٿن نظر وڌي. سندس بدن تي زردي رنگ جي ساٽن جو. ميرو چوغو پيل هو. جهن مان هڪ ريشمي ليڙ پئي لڙڪي. ڏسڻ ۾ پئي آيو ته ڪڏهن اهو ڪپڙو ڏاڍو سهڻو هوندو. اجهان تائين ساٽن لسي ۽ چمڪندڙ هئي؛ جيتوڻيڪ مٿس داغ پيل هئا. گهنج به اهڙا هئس جڻ رات جو گائون طور استعمال ٿيندو هجي. وانگ لنگ حيرت ۾ ٻڌل ۽ اڌ ڊنل 'رئيس وڏي' کي ڏٺو. جنهن بابت هن ايترو ٻڌو هو. ته کو اهو پوڙهو هوندو. پر هيءُ پوڙهو ته سندس پيءُ کان وڌيڪ خوفناڪ ڪونه هو. پاڻ گهٽ هو. سندس پوڙهو پيءُ ته پاڻ سنهڙو. صاف سٿرو ۽ مرڪندڙ هو ۽ 'رئيس وڏو' جيڪو ڪڏهن ٿلهو هوندو هو. هاڻي ڏٻرو ٿي ويو هو. چمڙي پئي لڙڪيس. نه سنوارت ٿيل نه غسل ڪيل ۽ ڪاڏيءَ کان جنهن وقت پنهنجو هٿ مٿائي چپن تي رکيائين ته ڏڪڻي وٺي ويس.

عورت ته ڏاڍي صاف سٿري هئي. سندس چهرو نهايت سخت ۽ صاف سٿرو هو. باز جي چهنب جهڙو نڪ. ڪاريون ڪاريون روشن اکيون. هڏن تي سختي سان مڙهيل زرد چمڙي، ڳاڙها ۽ سوٽ ڳل ۽ چپ ۽ اونداهيءَ ۾ به آئيني جي چمڪ جهڙا ڪارا وار. سندس ڳالهائڻ مان بخوبي اهو اندازو ٿي سگهيو ٿي. ته هوءَ رئيساڻي خاندان مان ڪانهي، پر واترادي ۽ ڪوڙي زبان واري ڪا ٻانهي آهي. 'رئيس وڏي' ۽ انهي ٻانهيءَ کان سواءِ گهر ۾ ٻيو ڪو به فرد ڪونه هو. اڳي اتي عورتون، مرد ۽ ٻار حويليءَ جي ڪمن ڪارين سان پيا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا ڊوڙندا هئا.

"هاڻي پلا پئسن جي ڳالهه." عورت تڙ تکڙ ۾ چيو. پر وانگ لنگ ڪجهه هٻڪيو. ڪائنس 'رئيس وڏي' جي موجودگيءَ ۾ ڳالهايو نه ٿي ٿيو. عورت يڪدم اها ڳالهه سمجهي ويئي. جيئن اڪثر ڪري هوءَ ڳالهائڻ کان اڳي ئي ڳالهه سمجهي ويندي هئي. پوڙهي کي زور سان چيائين. "تون ته هاڻي نر نه!"

پوڙهو بنا ڪنهن ٻڙڪ ڪڇڻ جي. ٿابڙبو ٻري ٿي ويو ۽ پراڻيءَ جتيءَ سان ڪڙت ڪڙت ڪندو. کنگهندو کنگهندو. ڪڙين تي هلندو ٻري هليو ويو. وانگ لنگ، جيڪو عورت سان اڪيلو رهجي ويو هو. تنهن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته آخر ڇا ڳالهائي، ڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري؟ هر پاسي خاموشي هئڻ جي ڪري هو مدهوش ٿي ويو هو. هن گهر جي پٺيءَ اڱڻ تي اچاتري نگاهه ڪئي. اتي به ڪو بني بشر ڪونه هو. اڱڻ ۾ چوڌاري گندگيءَ جا ڍگ، بانس جون سڪل تاريون. سڪل گل ۽ ڪنڊا پکڙيل هئا. لڳو ٿي ته جڻ ڪنهن به ڪيتري ئي وقت کان بهارو هٿ ۾ ڪري صفائي نه ڪئي هجي.

"پوءِ هاڻي پلا. بي دماغا!" عورت ويتر وڌيڪ شوخيءَ سان چيو. عورت جي اوچتيءَ رڙ تي وانگ لنگ ڪان چرڪ نڪري ويو.

"ڪهڙو سودو ڪرڻو آهي توکي؟ پئسا هجنئي ته ڏيکار مون کي."

"نه". وانگ لنگ هٿ لوڏيندي چيو. "مون ايئن ته ڪونه چيو ته مون وٽ پئسا آهن. مون کي سودو ڪرڻو آهي."

"سودو معني ئي پئسا." عورت ورائيو. "يا ته پئسا ايندا يا ويندا ۽ هن گهر مان وڃڻ لاءِ ته پئسا آهن ئي ڪونه."

"ٺيڪ آهي. پر آئون ڪنهن عورت سان ڳالهائي نه ٿو سگهان." وانگ لنگ نهايت نرميءَ سان اعتراض ڪيو. هو هينئر جنهن صورتحال ۾ ڦاٿل هو. تنهن ۾ ڀيو ڪجهه ڪري نه ٿي سگهيو. اجان تائين هيڏانهن هوڏانهن ڪن پئي ڦرڙايائين.

"ڇو نه؟" عورت ڪاوڙ وچان پڇيو. پوءِ هن کي چڙٻيندي چوڻ لڳي،

"بي وقوف! خبر ڪانه ائي، ته هتي ڪو به مرد ڪونهي."

وانگ لنگ بي وسيءَ ۽ بي اعتباريءَ سان عورت کي ڏسڻ لڳو. جيڪا وري ڪيس چڙٻون ڏيڻ ۾ شروع ٿي ويئي، "آئون ۽ رئيس وڏو آهيون، ٻيو ڪير ئي ڪونهي."

"پوءِ ڪيڏانهن ويا؟" وانگ لنگ پنهنجي لفظن ۾ مقصد پيدا ڪري چوڻ لڳو.

"وڏي سائنڻ مري ويئي." عورت جلديءَ ۾ ورندي ڏني. "تو شهر ۾ اهو ٻڌو ئي ڪونه. ته ڪيئن ڌاڙيل گهر کي ڀاري ڏيئي سڀ ٽڙ ٽپڙ کٽي ويا ۽ نوڪر به ڦري ويا. 'رئيس وڏي' کي اونڌو ٽنگي ڌاڊو مارياڻون ۽ وڏي سائنڻ کي ڪرسيءَ سان ٻڌي ڪپڙو وات ۾ ڏيئي ڀڄي ويا. پر آئون هتي ئي رهيس. آئون پاڻي سان ڀريل ديگ ۾ ڪاٺ جي ڍڪ هينان لڪي ويئي هيس. اهي جڏهن هليا ويا. ته آئون ٻاهر نڪتس. ڏٺم ته سائنڻ وڏي ڪرسيءَ تي مئي پئي هئي. ڏک ته ڪونه هوس پر هُول جي ڪري ۽ آفيم کائڻ جي ڪري سندس جسم ڳري ڪنڊا ٿي ويو هو. ويچاري هُول سهي ڪانه سگهي."

"پلا نوڪر. ٻانها ۽ دربان؟" وانگ لنگ جلدي جلدي پڇيو.

"اهي". عورت بي پرواهيءَ سان ورائيو. "اهي ته ڀڄي ويا، جيڪي به هلڻ جهڙا هئا. سياري جي وچ کان نه ڪا هئي خوراڪ نه هو پئسو ڏوڪڙ." هن جو آواز جهيڻو

ٿيندو ٿيندو پٽڪي مٿل بنجي ويو. ”ڪيترائي نوڪر ڏاڙيلن سان شامل هئا. مون پاڻ پنهنجي اکين سان ان مٿي ڪتي دربان کي ڏٺو هو. جيڪو ڏاڙيلن جي اڳيان ٿي اڳيان پئي آيو. ’رئيس وڏي‘ جي سامهون ڪٿي منهن پري ڪيائين. مون کي اجا تائين سندس هسي جا ٽي وار ياد آهن. ٻيا به هئا. پلا ڪنهن واقف ڪان سواءِ پٽي ڪنهن کي حويليءَ جي ڪهڙي خبر. ته موتي ڪتي لڪل آهن ۽ لڪل خزاني وارا پاندا ڪهڙي پاسي آهن. آئون ته پوڙهي دلال کي به ٻي ڏوهي ڪانه ٿي سمجهان. ڪليءَ طرح اهڙن معاملن ۾ پوڻ ۾ ڪٿي پلي هو پنهنجي بي عزتي سمجهندو هجي. پر آهي ته حويليءَ وارن جو پري جو مائٽ.“

عورت ماٺ ڪئي ۽ اڳڻ تي اهڙي ڳوڙهي خاموشي ڇانئجي ويئي. جهڙي زندگيءَ جي خاتمي وقت ڇانئجي ويندي آهي. پوءِ وري هوءَ چوڻ لڳي. ” اهو سڀ ڪجهه اوچتو ڪونهي ٿيو. ’رئيس وڏي‘ جي زندگيءَ ۽ سندس والد جي حياتيءَ ۾ اڳي به هن گهر جو زوال ٿيندو رهيو آهي. اڳين پيڙهيءَ ڪان رئيسن زمين سنڀالڻ ڇڏي ڏني هئي. سو دلال جيترو به پئسو ڏيندا هئن. بي پرواهيءَ سان پائيءَ وانگي واهي ڇڏيندا هئا. هن پيڙهيءَ ۾ زمين جي زرخيزي ته ڪانئن پوري ٿي ويئي ۽ هاڻي ته ٿوري ٿوري ڪري، زمين به وٽائن وڃي پئي ختم ٿيندي.“

” ننڍا رئيس ڪٿي آهن؟“ وانگ لنگ اجان به اورتي پرتي جاچيندي پڇيو. ڪيس انهن ڳالهين تي اعتبار ڏاڍو ڏکيو پئي آيو.

” هيڏانهن هوڏانهن.“ عورت ساڳئي لهجي ۾ ورائيو. ”خدا جو شڪر آهي جو انهيءَ واقعي کان اڳي ئي ٻن نياڻين جي شادي ٿي ويئي. ننڍن رئيسن منجهان وڏي جڏهن اهو ٻڌو. ته سندس ماءُ پيءُ سان ڇا وهيو واپريو. ته ماڻهو موڪليائين ته ’رئيس وڏي‘ کي ڏانهس وٺي وڃي. پر مون ڪيس صلاح ڏني ته نه وڃ. ڇيو مانس ته گهر ۾ ڪير هوندو. مون اڪيلي عورت ذات کان ته گهر جي سنڀال ڪانه پڇندي.“

اهي لفظ ڳالهائي. هن پنهنجا ڳاڙها ڳاڙها چپ نهايت خوبصورتيءَ سان پڪوڙي ڇڏيا. ٿوري ساهي پٽي وري چيائين. ”تنهن ڪان سواءِ سالن کان آئون ’رئيس وڏي‘ جي وفادار ٻانهي رهي آهيان. منهنجو به ته ٻيو گهر تڙ ڪونهي.“

وانگ لنگ ڪيس غور سان ڏٺو ۽ تڪڙو تڪڙو وجڻ لڳو. جيڪي ڪجهه ٿيو هو ان جو هاڻي ڪيس اندازو ٿيڻ لڳو. اها عورت مرڻ ڪنديءَ وينل پوڙهي سان فقط ان ڪري رهندي ٿي آئي. ته جيئن جيڪا به رهي کهي شئي هجي سا قبائي. وانگ لنگ نفرت سان چيو.

” تو آهين ٻانهي. آئون توسان سودو ڪيئن ڪندس.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ تي عورت رڙ ڪري چيس. ”پوڙهي کي جيڪي آئون چوندس سو ڪندو.“

وانگ لنگ سندس جواب تي ڪجهه سوچيو. ’نيڪ. زمين به آهي، مون نه ورتي ته پيا هن عورت جي معرفت وٺي ويندا.‘

”باقي ڪيتري زمين بچي آهي؟“ وانگ لنگ نه چاهيندي به عورت کان پڇيو ۽ هوءَ يڪدم سمجهي ويئي ته سندس مطلب ڇا آهي.

”جيڪڏهن تون زمين وٺڻ آيو آهين.“ هوءَ تڙ تڪڙ ۾ ڳالهائڻ لڳي، ”ته بني پئي آهي. اولهه طرف سو ايڪڙ آهن ۽ ڏاکڻين پاسي به سئو ايڪڙ. اهي وڪڻڻا آهن. سموري زمين هڪڙي هنڌ ڪانهي، پر وڏن وڏن ٽڪرن ۾ ورهايل آهي. آخري ايڪڙ به وڪڻو آهي.“

اها ڳالهه عورت اهڙي روانيءَ سان ڪئي، جو وانگ لنگ کي اندازو ٿي ويو، ته انهيءَ عورت کي پوڙهي وٽ بچيل هر شيءِ جي خبر آهي؛ ويندي زمين جي آخري ويسي جي به. پر اڃان به کيس اعتبار ڪونه آيو ۽ عورت سان سودو طئي ڪرڻ جي سندس مرضي ڪانه ٿي.

”پر ايئن نه ٿي ٿو سگهي، ته ’رئيس وڏو‘ پٽن جي مرضيءَ کان سواءِ پنهنجي سموري خانداني زمين وڪڻي ڇڏي.“ وانگ لنگ اطمينان سان چيو، پر عورت سندس لفظن تي جوش ۾ اچي ويئي.

”ته اها ڳالهه آهي. چڱو ھاڻي ٻڌ، ’رئيس وڏي‘ کي پٽن چئي ڇڏيو آهي، ته جڏهن به ٿي سگهي ته زمين وڪڻي ڇڏي. پٽن مان ڪنهن جي به زمين تي رهڻ جي مرضي ڪانهي ۽ هن ڏڪار جي ڏينهن ۾ سڀني ڀائرن ڌاڙيلن سان پيري پئي آهي. سڀني چئي ڇڏيو آهي، ته اهڙيءَ جاءِ تي اسان کي رهڻو ڪونهي. بني وڪڻي پئسا ورهائي ڇڏيندا سين.“

”پر آئون، پئسا ڏيان ڪنهنجي هٿ ۾؟“ وانگ لنگ اڃان به بي اعتباريءَ سان پڇيو.

”رئيس وڏي جي هٿ ۾. بيو وري ڪنهن جي؟“ عورت نرميءَ سان چيو.

پر وانگ لنگ کي خبر هئي ته ’رئيس وڏي‘ جو هٿ هن عورت لاءِ سدائين کليل رهندو. ان ڪري هن عورت سان وڌيڪ ڪونه ڳالهايو ۽ اهو چئي موٽي آيو. ”ته ڪنهن ٻئي ڏينهن. ٻئي ڪنهن ڏينهن.“ ۽ دروازي ڏانهن وڌي ويو. عورت گهٽي تائين سندس پويان لڳي آئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هينئر، سيائي يا شام. وقت تہ مڙئي هڪجهڙو آهي."

هو بنا جواب ڏيڻ جي گهٽيءَ مان هلندو آيو. ڏاڏو پريشان. پاڻئي تہ جيڪي ٻڌو هئائين، ان تي پنهنجي منهن ڪجهہ سوچ ويچار ڪري. پوءِ هو هڪڙي ننڍڙي چانهہ خاني ۾ اندر ويو ۽ غلامن واري چانهہ آڻڻ لاءِ چيائين. جڏهن ڇوڪر سندس اڳيان چانهہ ناهي رکي ۽ سندس ڏنل سڪي کي شوخيءَ سان هوا ۾ اڇلائيندو ۽ وري جهٽيندو هليو ويو. تہ وانگ لنگ سوچ ۾ ٻڏي ويو. جيئن جيئن هو سوچيندو ويو تہ کيس اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکي ۽ حيرت ناڪ لڳي. تہ اهو وڏو ۽ دولتمند خاندان جنهن جي سندس حياتيءَ ۾ توڙي سندس پيءُ ڏاڏي جي وقت ۾، سڄي شهر ۾ وڏي عزت ۽ مان مرتبو هو. سو پلا هيئن تباهہ ٿي ٽڙي پکڙي ويو هوندو.

'اهو رڳو زمين ڇڏڻ ڪري ٿيو آهي.' هن ڏک ۾ پڃي سوچيو. پوءِ کيس پنهنجي ٻن پٽن جو خيال آيو. جيڪي بهار جي مند ۾ وڏندڙ بانس وانگي وڌا ٿيندا پئي ويا. هن طئي ڪيو تہ اڄ ئي پاڻ ڇوڪرن کان راند ڇڏائي کين ٻنيءَ جي ڪم سان لڳائيندو. کين جلد ئي پنهنجي ماس ۽ رت وارن پيرن هيٺ آيل ڌرتيءَ ۽ هٿن ۾ ڪوڏر جي سختيءَ جو احساس ٿي ويندو.

خير! پر هن وقت تہ سندس بدن تي گرم ۽ ڳورا ڳورا جواهر موجود هئا. ۽ کيس لاڳيتو خوف پئي ٿيو. تہ سندس ليڙون ليڙون لٽن مان انهن جو تجلو ٻاهر نڪري ايندو ۽ ڪو نہ ڪو وني رڙ ڪندو.

"اڙي ڏسو. هن سڄي وٽ بادشاهي خزانو!"

جيستائين زمين سان انهن جي مٽا سٽا نہ ٿيندي هن کي سک ڪو نہ ايندو. هو هيڏانهن هوڏانهن جاچيندو رهيو. گهڙيءَ کن لاءِ جڏهن دڪاندار واندو ٿيو. تہ هن کيس سڏ ڪيو ۽ چيائين.

"اورتي اچ. منهنجي ئي خرچ تي چانهہ جو ڪوپ پيءُ ۽ خبرچار ڏي شهر جي. آئون تہ سڄو سيارو ٻاهر هوس."

دڪاندار تہ اهڙيءَ ڳالهہ لاءِ ٻاڙو وينو هو. خاص ڪري جڏهن کيس ٻئي جي خرچ تي چانهہ بہ ملي ٿي. هو پنهنجو چالاڪ منهن کڻي. ڪاٻي اک پيچي، تيار ٿي اچي وانگ لنگ واري ميز تي وينو. چانهہ سان گڏ هو مانيءَ جو ڏنڊو ڪندو هو. جيڪا پاڻ ئي ناهيندو هو. ان ڪري ڪوٽ جي دامن کان سندس کهرا ڪپڙا، سٽپ ۾ ڪارا ٿيا پيا هئا. هو اڪثر چوندو هو. "هڪڙو پهاڪو آهي. تہ سٺي بورچيءَ جا ڪپڙا صاف نہ هوندا آهن." ان ڪري هو پاڻ کي لازمي طور گندو رکڻ ۾ حق تي پائيندو هو. دڪاندار اچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينو ۽ ويهڻ سان ئي شروع ٿي ويو.

"ڏکر واري خبر. تہ خير ڪا خبر ئي ڪانهي. وڏي حويليءَ ۾ ڏاڙي لڳڻ واري خبر البت سڀ ڪان وڏي خبر آهي."

اها ئي ڳالهہ هئي. جيڪا ٻڌڻ جي وانگ لنگ کي اميد هئي ۽ اهو همراهہ ڪيس ڳالهہ مرچ مصالحو ملائيندو ٻڌائيندو هليو. تہ جيڪي غلام رهجي ويا. سي ڪيئن ڪوڪون ڪندا وتيا ۽ ڏاڙيل ڪين ڪهڙيءَ طرح گهلي وٺي ويا. ۽ جيڪي ٻانهيون رهجي ويون. تن سان ڪهڙيءَ طرح زوري زنا ڪيو ويو ۽ ڪين ڊوڙائي ڪڍيو ويو. ڪن کي تہ گهلي وٺي ويا. انهيءَ ڪري ڪنهن کي بہ حويليءَ ۾ رهڻ جي اون ڪانہ هئي. اصل ڪنهن کي بہ نہ!

هن ڳالهہ پوري ڪئي. "رڳو رئيس وڏو آهي. سو بہ هڪڙي ٻانهي آهي ڪڪو جي نالي سان. ان جي مٺ ۾ آهي. سالن کان اها ٻانهي رئيس وڏي جي حرم ۾ رهندي پئي اچي. انهيءَ وچ ۾ الائي تہ ڪيتريون آيون. ڪيتريون ويون. پر هيءَ چالاڪي ڪيو ويٺي آهي."

"انهيءَ عورت جي ڳالهہ هلندي هوندي؟" وانگ لنگ غور سان ٻڌندي سوال ڪيو. "هن وقت تہ اِها ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿي." دڪاندار ورندي ڏني. "هيستائين تہ اها عورت. جيڪا شئي ٿي هٿ چڙهيس اها قبائيندي وڃي: جيڪي بہ ڳيٽو ٿو ٿئيس، سو ڳهيو چڏي. هڪڙي ڏينهن ننڍا رئيس ٻين جاين تي پنهنجا معاملا نيڪ ڪري ضرور واپس موٽندا. تہ پوءِ اها رن پاڻ کي وفادار خدمتگار ثابت ڪري. ڪين بي وقوف ڪري ڪونہ سگهندي ۽ ڊوڙائي ڪندس ٻاهر. پر هينئر بہ پنهنجي لاءِ گهڻو ئي گڏ ڪري رکيو اٿس. پلي سئو سال جيئري هجي."

"پلا زمين؟" وانگ لنگ نيٺ. جوش وچان ڏڪندي ڏڪندي پڇي ورتو. "اها وڪري لاءِ آهي ڇا؟"

"اڙي ٻني!" دڪاندار ساڳئي ڍنگ سان جواب ڏنو. انهيءَ وچ ۾ هڪڙو گراهڪ دڪان ۾ گهڙيو. جنهن کي ڏسي هو اٿيو ۽ ويندي ويندي چوندو ويو. "مون ٻڌو آهي تہ وڪري لاءِ آهي. سواءِ انهن ٽڪرن جي جتي ڇهن پيڙهين کان خاندان جا مائٽهو دفنائبا آهن." ايئن چئي هو پنهنجي ڪم سان هليو ويو.

وانگ لنگ پڻ جيڪا ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ آيو. سا ٻڌي اٿيو. هو ٻاهر نڪتو ۽ وڙي اچي حويلي جي دروازي تي بيٺو. ساڳيءَ عورت در کوليو. هو اندر داخل ٿيڻ جي بدران اتي ئي بيٺو رهيو ۽ عورت کي چيائين،

”پوءِ مون کي اهو ٻڌاءِ، تہ رئيس وڏو وڪري جي ڪاغذن تي پنهنجي مهر هڻي ڏيندو؟“

عورت جون اکيون وانگ لنگ ۾ کپي ويون. هن وڏي جوش سان چيو،

”هڻندو. بلڪل هڻندو. مون کي قسم آهي پنهنجي سِرَ جو!“

نيٺ وانگ لنگ کيس سنئون سڌو چئي ڏنو،

”زمين سون تي وڪڻندئو، چانديءَ تي وڪڻندئو يا هيرن تي؟“

عورت جون اکيون چمڪڻ لڳيون، جواب ڏنائين،

”آئون تہ هيرن تي وڪڻنديس.“

باب سترهون

هاڻي وانگ لنگ وٽ هڪ ماڻهوءَ جي کيڙڻ ۽ لڻڻ کان وڌيڪ زمين هئي ۽ هڪڙي ماڻهوءَ جي سنڀالڻ کان وڌيڪ فصل حاصل ٿيو هو. ان ڪري هن پنهنجي گهر ۾ هڪ ننڍڙي ڪوٺي وڌيڪ ٺاهي. هڪڙي گڏهہ خريد ڪئي ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ چنگ کي چيو،

”تو واري زمين ڪٽي مون کي وڪڻي ڏي. گهر ۾ بہ اڪيلو آهين، چڏي اچي مون وٽ رهہ ۽ مون ساڻ ڪماءِ.“ چانگ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پوءِ هن ايئن ئي ڪيو.

ان سال مينهَن منداڻتا وٺا، نيون نيون ساريون ڦٽيون ۽ جڏهن ڪٽڪ لِبي اچي وڏن وڏن ڪرن ۾ ڪني ٿي، تہ ٻنهي ڄڻن گڏجي ٻڌل زمين ۾ نوان چانور پوکيا. مينهن جي ڪري جيڪا زمين اڳي سڪي پيئي هوندي هئي، سا بہ پوک لاءِ تيار هئي. ان ڪري هن سال وانگ لنگ اينترا چانور پوکيا. جنهن جيترا اڳي ڪڏهن بہ نہ پوکيا هئائين. جڏهن لاباري جي مند آئي، تہ فصل سندس ۽ چنگ جي لڻڻ کان وڌيڪ هو. ان ڪري ڳوٺ جا ٻہ همراهہ مزدوريءَ تي ڪري آيو. تن اچي فصل ۾ لابارو وڌو.

هوانگ جي گهر وارن کان خريد ڪيل زمين تي هو جڏهن بہ ڪم ڪندو هو تہ کيس ڦٽل حويليءَ جا ”واندا“ رئيس ياد پوندا هئا ۽ پنهنجي پٽن کي روز صبح جو سويرو، ٽڪڙو ٽڪڙو پاڻ سان گڏ ٻنيءَ تي هلڻ جو حڪم ڏيندو هو. ڇوڪرا پنهنجي ننڍڙن هٿن سان وَس آهر ڪم ڪندا هئا. اهي گڏهہ يا ڍڳو ٻنيءَ تي ڪاهي ايندا هئا. جيڪڏهن پاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو وڏو ڪم پورو ڪري ڪونہ سگھندا هئا. تہ بہ گھٽ ۾ گھٽ ڪين جسم تي اس جي تپش ۽ بارن مان اچڻ وڃڻ جي تڪليف جو احساس ٿيندو هو.

هائي هو أو-لان کي ٻنيءَ جو ڪم ڪرڻ ڪونہ ڏيندو هو. چاڪاڻ تہ هائي ڀاڻ غريب ڪونہ هو. پر جيڪڏهن ڪنهن سال ڏسندو هو تہ فصل اڳي ڪان بہ گھٽو لهندو، تہ ڀاڻ بہ تي وڏيڪ مزدور ڪري سگھڻ جھڙو هو. لاچار هن گھر ۾ فصل رکڻ لاءِ، وري بہ وڏيڪ ڪوني ناهي. نہ تہ هوند گھر ۾ هلڻ لاءِ بہ جڳھہ ڪانہ بچي ها. هن بہ سوئر ۽ ڪڪڙين جو ولر ڳڌو ۽ انهن کي بہ پالڻ لڳو.

أو-لان گھر جو ڪم ڪار ڪندي هئي. هن هرهڪ لاءِ نوان ڪپڙا ۽ نوان جوتا تيار ڪيا، هر بستري لاءِ گرم گلن واريون ۽ جهالر سان چادرون،بہ ناهيون. اهو سمورو ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ هو هنڌ بستري ۽ ڪپڙي گنديءَ ۾ اهڙا سکيا ستابا تي ويا. جھڙا اڳي ڪڏهن بہ ڪونہ هئا. پوءِ هوءَ وري وچي بستري حوالي تي ۽ وري بہ هڪڙي ٻار کي جنم ڏنائين. هن ڀيري بہ وٽس ڪو ڪونہ هو: جيتوڻيڪ گھري ها تہ ڪنهن نہ ڪنهن کي معاوضي تي گھرائي وني ها. پر هن اڪيلو ئي رهڻ پسند ڪيو.

هن دفعي ان ويم بہ مڙئي گھٽو وقت ورتو ۽ جڏهن شام جو وانگ لنگ گھر پهتو تہ ڏنائين تہ سندس پوڙهو پيءُ در وٽ بيٺو هو. جنهن کلندي ٻڌايس تہ،

"هينئر وري ٻن ٽڪين وارو بيضو ڦٽو آهي."

وانگ لنگ ڪمري ۾ ويو تہ ڏنائين. تہ أو-لان تازو چاول ٻن ٻارن سان بستري تي آهلي پيئي آهي. هڪڙو ڇوڪرو ۽ ٻي ڇوڪري. صفا هڪ جھڙا. جھڙا چانورن جا بہ داڻا. هو کل ۾ ٻڏي ويو تہ أو-لان کيو چاهي. هن کي يوڳ جھڙي ڳالھہ سجھي آئي،

"تہ اها ڳالھہ هئي جو تو پنهنجي ڪيسي ۾ بہ هيرا رکيا هئا." هو وري بہ پنهنجيءَ ڳالھہ تي کلڻ لڳو. أو-لان ڏٺو تہ سندس مڙس ڏاڍي جوش ۾ آهي. هوءَ پنهنجي جهيڻي درديلي مرڪ ئي مرڪي سگھي.

هائي وانگ لنگ کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو ڏک ڪونہ هو. هن کي رڳو اهو غم هو. تہ سندس وڏي نياڻي ويچاري ڳالهائي ڪانہ سگھندي هئي ۽ نہ ئي وري پنهنجيءَ عمر سارو ڪم ڪندي هئي. رڳو جنهن وقت پيءَ تي نظر پوندي هيس. تہ مرڪي ڏيندي هئي. سندس نا اميديءَ جو اهو پهريون سال هو. ذڪر هو يا ڇا بہ هو. مهينن جا مهينا لنگهي ويا. پر وانگ لنگ ڇوڪريءَ جي چپن مان نڪتل پهريون لفظ ٻڌڻ جي اوسيئڙي ۾ ئي رهيو. ويندي پنهنجو نالو 'دادا' ٻڌڻ لاءِ بہ. جنهن نالي سان ڪيس پيا ٻار ڪونيندا هئا. پر ڪو بہ آواز ڪونہ آيو. خالي هڪڙي مٺڙي مرڪ هئي، جيڪا ڏسي هو تڙپڻ لڳندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.

"نِنڍڙي چرڙي! ويچاري منهنجي ننڍڙي چرڙي!!" ۽ هو دل ئي دل ۾ روئي ڏيندو هو. "آئون هن ويچاريءَ کي وڪٽي ڇڏيان ها ۽ ملي ها ڦورن کي. ته هن کي به ماري ڇڏين ها."

چوڪريءَ ۾ ڪا تبديلي آڻڻ لاءِ هن چوڪريءَ لاءِ گهڻو ئي ڪي ڪيو. ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ٻنيءَ تي وٺي ويندو هو ۽ هوءَ مانڊ ڪريو سندس پويان لڳي ايندي هئي. جڏهن ڪيس اتي موجود سمجهي سائس ڳالهائيندو هو. ته مرڪي ڏيندي هئي.

ملڪ جي هن پاسي جتي وانگ لنگ پارا ابن ڏاڏن کان وٺي ساري ڄمار زمين تي گذاري ڇڏيندا هئا. هر پنجين سال ڏڪار پوندو هو. ڀلا جي ڪٽي ڏٺيءَ رحم ڪيو ته به ستين سال. يا ڪٿي اٺين ڏهين سال ڏڪار ضرور پوندو هو. ڇاڪاڻ ته يا ته اڀ مان تمام گهڻو مينهن وسندو هو. يا ته بلڪل ڪونه وسندو هو. يا اتر ۾ وسندڙ مينهن ۽ جبلن تي پيل سياري جي برف رجڻ ڪري، نديءَ ۾ چاڙهه اچي ويندو هو ۽ مائهن جي ناهيل صدين جي بچاءَ بند کي لوڙهي. اها ميدانن ۾ ڪاهي پوندي هئي.

وقت بوقت مائهو پنهنجي زمين ڇڏي هليا ويندا هئا ۽ وري واپس به موٽي ايندا هئا. پر وانگ لنگ پنهنجي مستقبل کي ايترو محفوظ ناهڻ ۾ لڳي ويو. جو جيڪڏهن خراب وقت اچي وڃي ها. ته پاڻ ان وقت تائين چڱي وقت جي ڦل تي آسانيءَ سان زندگي گذاري سگهي ها. جيسائين وري ڪو سڪيو وقت موٽ ڪائي ها. هو محنت کي لڳو رهيو. مٿس الله جي باجهه هئي. ستن سالن تائين فصل ڏاڍو ڀلو لٿو. وانگ لنگ ۽ سندس همراهه پنهنجي اميد کان به گهڻو اپائيندا رهيا. ٻنيءَ جي ڪم لاءِ هو هر سال نوان مزدور ڏهاڙيءَ تي رکندو هو. ايستائين جو وٽس ڇهه همراهه ٿي ويا. هن ٻوءِ پنهنجي پراڻي گهر جي پويان نئون گهر اڏيو. جنهن ۾ اڱڻ جي پنيان هڪ وڏو ڪمرو ۽ ان جي هر پاسي کان به ننڍا ڪمرا نهراياڻين. گهر جي ڇت ۾ پاڻ سرون هنيائين ۽ فقط پٽيون ٻنيءَ مان مٽي ڍوئي ناهيائين. مٿان ڇن جو هٽ ڏيڻ ڪري پٽيون اڇيون ۽ صاف ڪري ڇڏيائين. هو پنهنجي ڪٽنب سميت انهن ڪمرن ۾ اچي رهيو ۽ سندس ڪمي چنگ جي نظرداريءَ هيٺ پراڻي گهر ۾ رهڻ لڳا.

انهيءَ وچ ۾ هن چنگ کي چڱيءَ طرح پرکي ورتو ۽ ڏنائين ته همراهه ڏاڍو ايماندار ۽ وفادار آهي. تنهن ڪري چنگ کي پنهنجي زمين تي ڪمين مٿان ڪمدار ڪري رکيائين. ڪيس چڱو چوکو پگهار ڏيڻ لڳو. مهيني ۾ ٻه سڪا چانديءَ جا ۽ پيٽ. وانگ لنگ جي پاران مٿس چڱيءَ طرح کائڻ لاءِ زور ڀرڻ جي باوجود هي مڙس ساڳيو ئي ڏٻرو ۽

خاموش رهندو آيو. ان هوندي بہ وڏي خوشيءَ سان پورهيو ڪندو هو. اڃي ڏينهن ڪان سانجهيءَ تائين ماٽ ميٽ ۾ ڪُھندو رهندو هو. ڪا ڳالهہ ڪرڻي هوندي هئس، تہ پنهنجي جهيڻي آواز ۾ ڳالهائيندو هو. پر خوش ڏاڍو هوندو هو. ڪا ڳالهہ نہ هوندي هئي، تہ خاموش رهڻ پسند ڪندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ هٿن ۾ ڪوڏر هوندي هئس ۽ ڪم ڪي لڳو پيو هوندو هو. صبح جو ۽ سج لٿي مهل پاڻيءَ جا ڏول ۽ پاڇين لاءِ پاڻ ٻنيءَ تي ڏي ويندو هو.

پر جيڪڏهن وانگ لنگ کي اها خبر پوندي هئي تہ ڪو ڪمي ڪجهيءَ جي وڻ هيٺ گهٽو ستو يا پنهنجي حصي کان وڌيڪ ماني ٿو کائي يا مانيءَ سان مٽر ٿو کائي، يا لاباري جي مند ۾ ڪنهن پنهنجيءَ زال يا پار کي اينرو ڇيو. تہ ماٽ ميٽ ۾ اڃي ڳاهہ جي فرشي هينان ان لپ ڪٽي وجي. تہ پوءِ، فصل لهڻ واري دعوت ۾، جيڪا مالڪ ۽ ڪمي گڏ کائيندا هئا، جنگ، وانگ لنگ کي ڪن ۾ پٽڪو ڪري ڇڏيندو هو.

"فلاڻي يا فلاڻي کي آئيندي سال ڪم لاءِ ڪونهي جوڙو."

ايئن ٿي لڳو تہ مٽرن ۽ ٻج جي جهولي. جيڪا ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏني ورتي هئي. تنهن مڙسن کي ڀاءُ ڪري ڇڏيو هو. رڳو اينري ڳالهہ هئي. تہ وانگ لنگ جيڪو ننڍو هو. تنهن کي وڏي واري حيثيت حاصل هئي. ۽ نہ ئي وري چنگ کان بہ اها ڳالهہ پوريءَ طرح وسري سگهي هئي. تہ پاڻ ٻگهاردار آهي ۽ پرائي گهر ۾ پيو آهي.

پنجين سال ختم ٿيڻ کان پوءِ وانگ لنگ پنهنجي سر ٻنيءَ ۾ تمام ٿورو ڪم ڪندو هو ۽ پنهنجو گهڻو وقت، جيئن تہ زمين گهڻي ٿي ويئي هئس، فصل جي نيڪال، بازارن مان سودي سلف گهرائڻ ۽ ڪمين کي هدايتون ڏيڻ ۾ گذاريندو هو. ڪتابي علم جي کوٽ ۽ ڪاغذ تي اٿ جي پڇ جي برش ۽ مس سان لکيل اکرن جي معني نہ ڄاڻڻ ڪري، هن کي ڏاڍي رنڊڪ ٿيندي هئي. وڏي ڳالهہ تہ جڏهن اناج جي ڪنهن دڪان تي، جتي اناج جي خريد و فروخت هلندي هئي، ڪو دستاويز لکڻ ۾ آيو تہ هيتري يا هيتري ڪٽڪ يا چانورن جو هيتري يا هيتري ۾ سودو ٿيو، تہ کيس ڦڪائي وٺي ويندي هئي ۽ پاڻ شهر جي هنيلن دلالن کي ڏاڍي نماڻائيءَ سان چوندو هو.

"سائين، مون کي پڙهي ٻڌائيندا؟ آئون آهيان ڪورو چٽ."

اها بہ ڦڪائيءَ جهڙي ڳالهہ هئي، تہ جڏهن هو سودي جي ڪاغذن تي پنهنجو نالو لکندو هو. تڏهن پيا تہ نهيو پر هڪڙو خسيس منشي بہ ٻرون تائي، تڙ تڪڙ ۾ رهڙيل سندس نالي جي اکرن ڏي نفرت وچان، برش سان اشارو ڪندو هو. اجان بہ وڏي شرم جي ڳالهہ اها هئي، تہ ماڻهو چرچي ۾ پچندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"کھڙو لنگ، انڌو، منڊو، گونگو، کھڙو؟"

"جيئن وڻيئي تيئن ڪري ڇڏ. مون کي تہ پنھنجي نالي جي بہ خبر ڪانہ ٿي پوي."

ھڪڙي ڏينھن فصل ڪڇڻ کان پوءِ، اناج جي ھڪڙي دڪان ۾ منشين رکيو ٿھڪ پئي ڏنا. اھي سڀ چورا واندا ئي واندا ويٺا ھئا. منجھند مھل ھئي. جيڪي ڪجھہ وھي واپري رھيو ھو، اھو سڀ ھو ڏسندو رھيو. چورا سندس چوڪرن کان ٿورائي ڪي وڏا ھوندا. ھو چڙ ۾ پنھنجي منھن وڦلندو گھر موٽي ويو.

"انھن شھري احمقن وٽ زمين جي باري ڪانہ ليي ۽ ھرڪو ھليو آھي مون تي کلڻ! چاڪاڻ تہ آئون برش سان لکيل اکرن جي معني ڪونہ ٿو ٻڌائي سگھان." پوءِ جڏھن سندس ڪاوڙ لھي ويئي تہ ھن سوچيو، "سچي ڳالھہ آھي. آھي تہ مون لاءِ شرم جي ڳالھہ، جو نہ پڙھي ڄاڻان نہ لکي ڄاڻان. وڏي چوڪر کي ٻنيءَ مان ڪيندس. شھر ويندو اسڪول ۾ پڙھڻ. منھنجو اناج جي منڊين ۾ پيو اچڻ وڃڻ ٿيندو، مون سان گڏ ھوندو ۽ منھنجي پاران پڙھندو لکندو ۽ پوءِ مون جھڙي ھڪڙي زميندار ماٿھوءَ جي خلاف اھي واھيات ٿھڪ پاڻھي ختم ٿي ويندا."

اھا ڳالھہ کيس ڏاڍي چڱي لڳي. انھيءَ ڏينھن شام جو ھن پنھنجي پٽ کي پاڻ وٽ گھرايو جوڪر ھاڻي سنئين ڪانيءَ وانگر ڪرو تڙو، ٻارنھن سالن جو ٿي ويو ھو. پنھنجي موڪري منھن ۽ ڊگھن ھٿن پيرن جي ڪري ماءُ جھڙو ٿي لڳو. پر اکين ۾ پيءُ واري تيزي ھئس جڏھن چوڪر سندس آڏو اچي بيٺو تہ وانگ لنگ چيس،

اڄ کان پوءِ ٻني ڇڏ. منھنجي مرضي آھي تہ گھر ۾ ڪو پڙھيل ڳڙھيل بہ ھجي، جيڪو سوڊو وغيرہ لکي پڙھي سگھي ۽ منھنجو نالو وغيرہ لکي سگھي ۽ مون کي شھر ۾ فڪو نہ ٿيڻو پوي

چوڪر خوشي وچان سڄو ڪارو ڳاڙھو ٿي ويو ۽ سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. "بابا!" ھن چيو. گذريل ٻن سالن کان منھنجي بہ اھائي خواھش ھئي تہ آئون پڙھان. پر مون اھا ڳالھہ ڪرڻ لاءِ دل ئي ڪانہ ٿي ٻڌي."

ننڍي چوڪر جو اھا ڳالھہ ٻڌي، سو روئيندو، شڪايتون ڪندو، اچي پھتو. سدائين ايئن ڪندو ھو. ھوندو ھو واتراڊو ۽ جھيڙاڪر. ھر گھڙيءَ انھيءَ ڳالھہ تي روئڻ لاءِ تيار. تہ ٻين کان کيس ٿورو ٿو ملي. روئي اچي پيءُ جي سامھون بيٺو.

"ٺيڪ آ! آئون بہ ٻنيءَ جو ڪم ڪونہ ڪندس. اھو سٺو ڪم ڪونھي تہ منھنجو پاءُ آرام سان ڪرسيءَ تي ويٺو پڙھي ۽ آئون ڍور وانگي ڳھندو رھان. آئون بہ

اوهان جو اهڙو ئي پٽ آهيان."

وانگ لنگ گوڙ سهي ڪونہ سگهندو هو ۽ ڇوڪرو جنهن بہ شئي لاءِ روئندو هو، سا ڪيس ڏيئي ڇڏيندو هو. سو تڙ تڪڙ ۾ چوڻ لڳو.

"چڱو چڱو. پٽ وڃجو. خدا نہ ڪري، جيڪڏهن ڪو هڪڙو مري وڃي تہ پيو تہ هجي. جيڪو منهنجو ڏنڊو هلائي سگهي.

پوءِ هن ڇوڪرن جي ماءُ کي، پنهي ڇوڪرن جي چوغن جو ڪپڙو خريد ڪرڻ لاءِ شهر روانو ڪيو ۽ پاڻ وري ڪتابن جي دڪان تي ويو ۽ ڪاغذ، برش ۽ بہ مس ڪپڙيون خريد ڪيائين. جيتوڻيڪ کيس اهڙين شين جي ڄاڻ ڪانہ هئي ۽ اها ڳالهہ ڪندي ڏاڍي ڦڪائي ٿيندي هئس. ماٺهو ڪجهہ ڏيکاريندا هئس تہ منجهي پوندو هو. پر آخرڪار سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويو ۽ ڇوڪرن کي ڀر واري شهر جي هڪڙي ننڍڙي اسڪول ۾ موڪلڻ جو بندوبست ڪيو ويو. اهو اسڪول هڪڙي پوڙهي قائم ڪيو هو. ورهہ ٿيندا تہ اهو پوڙهو حڪومت جي هڪڙي امتحان ۾ وينو هو. پر ناڪام ٿيو هو. ان ڪري گهر جي وچ واري ڪمري ۾ ڪجهہ ميزون ۽ بئنچون رکي، ٿوري ئي اجوري تي ٻارن کي شروعاتي تعليم ڏيندو هو. ٻار واندا ويهندا هئا يا صبح کان سج لٿي تائين، جيڪي بہ صفحا رٽڻ لاءِ ملندا هئن، سي ورجائي نہ سگهندا هئا. تہ هڪڙي ڏگهي لڪڻ سان ٻارن کي ڪٽيندو بہ هو.

فقط بهار ۽ اونهاري جي گرم ڏينهن ۾، ٻنيهرن جي ماني کائڻ کان پوءِ، جڏهن پوڙهو جهوٽا کائي کائي سمهي رهندو هو، تڏهن ٻارن کي مهلت ملندي هئي. ان وقت ننڍڙو اونداهون ڪمرو ٿهڪڙن جي آواز سان ڀرجي ويندو هو. ڇوڪرا پٽڪات ڪندا هئا ۽ راند روند ڪيڏندا هئا. ڪنهن نہ ڪنهن شئي جي تصوير ٺاهي هڪ ٻئي کي ڏيکاريندا هئا. پوڙهي جي ڦپي ۽ ڪليل وات جي مٿان، مک کي ڀون ڀون ڪندو ڏسي، وٺي کيچل ڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي سان بازي رکندا هئا، تہ مک وات جي گفا ۾ اندر ويندي يا ڪانہ ويندي. پر جڏهن پوڙهو ماستر اوچتو اکيون کوليندو هو، تہ خبر ڪانہ پوندي هين. پوءِ لڪڻ کٽي هِنَ هُن جو مٿو ڪٽڻ لڳندو هو. سندس ٿلهي لڪڻ جا ڦهڪا ۽ ٻارن جون دانهون ٻڌي، ٻاڙي وارا چوندا هئا.

"ڇا بہ ڪٽي هجي، پوڙهو ماستر آهي ڀلو!" اهوئي ڪارڻ هو جو وانگ لنگ پڻ پنهنجي ٻارن جي پڙهائيءَ لاءِ بہ اهوئي اسڪول چونڊيو.

پهرئين ڏينهن جڏهن پاڻ ڇوڪرن کي اسڪول وٺي ويو، تہ سندن اڳيان پٽي هليو. هن تازا بيضا هڪڙي نيري رومال ۾ ويڙهي آندا هئا. جيڪي اچي پوڙهي ماستر کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين. پوڙهي ماستر جي پتل جي وڏي عينڪ، ڪاري ڪپڙي جي سبيل ويڪري جبي ۽ وڏي پکي جو وانگ لنگ تي ڏاڍو رعب پيو. اهو پکو هو سياري ۾ به هٿ ۾ جهليو ويٺو هوندو هو. وانگ لنگ سندس آڏو جهڪيو ۽ چيائين،

"سائين! اِجهي هي منهنجا سادا سودا ڇوڪرا آهن. سندن ڪوپرين ۾ ڪا ڳالهه وجهٺي هجي، ته مار سان پوندي. ان ڪري ڪين ڪجهه سيکارڻ لاءِ مار ڏيندئو ته مون کي خوشي ٿيندي." ٻئي ڇوڪرا بيٺي بيٺي، ٻئنجن تي وينل ڇوڪرن کي گهوريندا رهيا ۽ اهي پڻ جواب ۾ کين جاچي ڏسڻ لڳا.

ٻنهي ڇوڪرن کي ڇڏڻ کان پوءِ اڪيلو گهر ڏي موٽندي، وانگ لنگ جي دل فخر سان ڀرجي ويئي. هن کي لڳو، ته ڪمري ۾ وينل مڙني ڇوڪرن ۾ سندس پٽن جو ڪو مَٽ ڪونه هو؛ نه قد ۾، نه هاٿي ڪاٺيءَ ۾. نه ئي ڀهڪندڙ چهري ۾. ڳوٺ ايندي شهر جي در وٽان لنگهڻ وقت ڪيس هڪڙو پاڙيسري مليو، جنهن جي پڇڻ تي وراڻيائين،

"اڄ پٽن وٽان پيو اچان. اسڪول مان." ان همراهه جي حيرت ۾ پوڻ تي هن بي پرواهيءَ سان جواب ڏنو. "هاڻي مون کي ٻنيءَ جي ڪم لاءِ سندن ضرورت ڪانهي. پلي چار اکر پڙهي سڌري اچن."

پر پنهنجي منهن چوڻ لڳو.

"مون کي ڪا حيرت ڪانه ٿيندي، جيڪڏهن وڏو پڙهي صحيح طرح سڌري پوي."

ان وقت کان پوءِ هنن جا نالا نندو ڇوڪر، وڏو ڇوڪر جي بدران پوڙهي ماستر کين اسڪولي نالا ڏنا. ڪاٺين پيءُ جو ڌنڌو پڇڻ کان پوءِ وڏي جو نالو رکيائين 'ننگ اين' ۽ ننڍي جو 'ننگ وين'. نالي جي پهرئين حصي جي معني آهي، "جنهن کي ڌرتيءَ مان دولت عطا ٿي هجي."

باب ارڙهون

ست سال لاڳيتو. وانگ لنگ پنهنجي گهر جو بخت بلند ڪندو رهيو. پوءِ ستين سال اتر واري ندي ٻاٽي ۽ برف جي ڪري سڄي ڀرجي ويئي. چاڪاڻ ته اتر- اولهه ۾ جتان ندي جو منهن هو. تمام گهڻو مينهن وٺو هو ۽ برف باري ٿي هئي. نديءَ بند ڀڃي سڄي

علائقي کي ٻوڙي ڇڏيو. پر وانگ لنگ کي ڪو بہ ڏپ ڪو نہ هو: جيتوڻيڪ سندس زمين جي بہ پاڱي پنج حصي ۾ مڙس جي ڪلهي جيتري اونهي ڏنڊ نهي ويئي هئي.

بهار جي مند جي پڇاڙيءَ ۽ سڄي اونهاري ۾ لاڳيتو پاڻي چڙهندو رهيو. زمين وڏي ڪنهن سمنڊ جهڙو ڏيک ڏيڻ لڳي. مٿان پيارا پيارا. رولو ڪڪر ڀٽڪندي نظر پيا ايندا هئا. چنڊ تجلا پيو ڏيندو هو ۽ بيدمشڪ ۽ بانس جي وڻن جا ٽڙ پاڻيءَ ۾ ٻڏل نظر ايندا هئا. ڪٿي ڪٿي ماڻهن کان وانجها ڪچا گهر بينا هوندا هئا. جيڪي هوريان هوريان پاڻيءَ ۾ ٻڏندا. ڏهي اچي پٽ پوندا هئا. جيڪي گهر وانگ لنگ جي گهر وانگي ٻيٽ جي موجود ٽڪرين مان ڪنهن هڪ تي ٺهيل نہ هوندا هئا. تن سڀني سان اها ڪار ٿي. ماڻهو ٻيڙين ۽ تختن تي چڙهي شهر اچڻ وڃڻ لڳا. ڪي اهڙا بہ هئا جيڪي هميشہ وانگي بکون ڪاٽڻ لڳا.

زمين جو ڳپل حصو ٻوڪڻ جهڙو ڪونہ هو. ان ڪري وانگ لنگ گهڻو وقت واندو ٿي واندو رهندو هو: اهڙو واندو اڳي سڄي ڄمار ڪڏهن ڪونہ ٿيو. وڏي مقدار ۾ خوراڪ ۽ گهڻي واندڪائيءَ جي هئڻ ڪري، هو ڪجهہ بي فرحتو ٿي پيو. جيترو پڄندو هوس اوتري گهٽي ننڊ ڪندو هو ۽ جيترو ڪم ڪرڻ لاءِ پيو هوندو هو، سو سمورو ڪري ڇڏيندو هو. تنهن کان سواءِ مزدور بہ هئا. جيڪي هو سڄي سال لاءِ مزدوريءَ تي ڪري ڇڏيندو هو. ان ڪري اها چريائپ ليکجي ها. جو مزدورن جي هوندي سوندي پاڻ ڪم ڪري، جيڪي وينا سندس کائيندا هئا ۽ اڏ واندا وينا پاڻيءَ سڪڻ جو انتظار ڪندا هئا. ان ڪري کائڻ براءِ گهر جو ڇپر ٻڌرائڻ ۽ جنان ڇت سمي پيئي هئي، اتي سرون سوليون ڪري هٽائڻ کان پوءِ. ڪِن ڪوڏرون ۽ رنبيون نيڻ. هر جي مرمت ڪرڻ. مال کي گاهہ وجهڻ. ٻدڪن کي چوڳو ڏيڻ. سٽيءَ مان رسا وٽڻ جو چوندو هو. اهي سڀ ڪم جيڪي اڳي. جڏهن پنهنجي سر ٻني ڪاهيندو هو. تہ پاڻ ئي ڪندو هو. هاڻي هو هٿين خالي وينو هوندو هو ۽ ڳالهہ ئي ڪانہ سجهندي هئس. تہ ڇا ڪري.

سڄو ڏينهن پلا ڪو ماڻهو وينو. ٻنيءَ ۾ بيٺل پاڻيءَ جي ڏنڊ تہ ڏسي نٿي سگهيو ۽ کائي بہ تہ ڪيترو کائي؟ پلا وانگ لنگ ننڊ بہ ڪري تہ ننڊ بہ ڪيستائين؟ ٻي چينيءَ ۾ گهر جي چوڌاري بسار ڪندي ڪندي. ڪيس گهر نهايت خاموش محسوس ٿيڻ لڳندو هو. سو بہ پنهنجي خون ۾ جوش جي ڪري. پوڙهو بہ هاڻي ڏاڏو ضعيف ٿي ويو هو. نيم نابين ۽ مڪمل طور تي ٻوڙو. سائس گهٽي ڳالهائڻ جي بہ هاڻي ضرورت ڪانہ هئي. رڳو اينرو سو ڪائنس پڇيو ويندو هو. تہ سيءُ تہ ڪونہ لڳيس. ماني ڪاڌائين يا نہ. چانهہ جو ڪپ اٿس يا نہ. وانگ لنگ کي انهيءَ ڳالهہ ڏاڏو اتاولو ڪري وڌو هو تہ سندس پيءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو نٿي ڏسي سگهيو. نه سندس پٽ ڪيڏو پئسي وارو ٿي ويو آهي. پيالي ۾ چانهه جي پتي اچي ويندي هئس نه پيو پنڪندو هو. نه "چانهه ۾ پاڻي هجي ٿورو. پوء چانهه جهڙي چاندي." پر پوڙهي کي ڇا چئجي. ڪا به ڳالهه ڪبي هئس. نه هڪڙي ڪن ۾ وسري ويندي هئس ۽ وري پنهنجي دنيا ۾ گم ٿي ويندو هو. گهڻو وقت خواب لهندو رهندو هو نه وري جواني اچي ويئي آهي. پوء پود ۾ پرجي ويندو هو ۽ ويل وقت ياد اچي ويندو هوس.

پوڙهو ۽ وڏي نينگري، جيڪا ڳالهائيندي ڪانه هئي. پر ڪلاڪن جا ڪلاڪ پوڙهي جي پرسان ويٺي هوندي هئي ۽ ويٺي آگڙيون وٽيندي ۽ اکيليندي هئي ۽ مرڪندي رهندي هئي. اهي ٻئي هن بختاور شخص کي ڪا به ڳالهه ڪونه چوندا هئا. جڏهن وانگ لنگ پوڙهي کي چانهه جو پيالو پري ڏئي نينگريء جي ڳل تي هٿ لائيندو هو. نه ڪيس جواب ۾ منڙي مرڪ نظر ايندي هئي. جيڪا نينگريء جي منهن تي اداسيء سان اڀري ايندي هئي. هو هڪ لمحي جي خاموشيء سان نياڻيء کان پري هٽي ويندو هو. اها ئي ڳالهه سندس نياڻيء جي ڏک جو احساڻ هئي. پوء هو پنهنجي ننڍن پارڙن. ڇوڪر ۽ ڇوڪريء کي ڏسڻ لڳندو هو. جن کي اُو-لان ڳڏ جنم ڏنو هو ۽ جيڪي هاڻي خوشيء سان پيا اگهڻ تي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا ڏڪندا هئا.

پر ڪيس ننڍڙن جي پالڻ مان به اطمينان حاصل ڪونه ٿيندو هو. ڪن پل جي کِل پوڳ ۽ چيڙائڻ کان پوء پارڙا وڃي پنهنجي راند روند کي لڳندا هئا ۽ وانگ لنگ هيڪلو هيڪلو. اڪائيء ۾ پرجي ويندو هو. پوء پنهنجيء زال اُو-لان تي نظر وجهندو هو. هڪ اهڙي مرد وانگر. هڪ اهڙيء عورت جي بدن تي. جنهن جي ڪيس پوري طرح ڄاڻ هجي ۽ جنهن مان ڊاول هجي ۽ جيڪا ڪيس ايترو اوڏي رهي هجي. جنهن ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه بچي هجي. جنهن جي ڪيس خبر نه هجي يا ڪا اهڙي ڳالهه. جنهن کي ڄاڻڻ لاء منجهس اتساهه ۽ اميد هجي.

وانگ لنگ کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو. ڄڻ نه هن پهريون پيرو زندگيء ۾ اُو-لان کي ڏٺو هجي. پهريون پيرو ئي هن ڏٺو نه اُو-لان اهڙي عورت هئي. جنهن لاء ڪو به مرد فقط اهو چئي سگهندو نه هوء فضول ۽ رواجي عورت آهي. جنهن کي مردن سان منهن ڏيڻ جي ڪا به ڪل ڪانه هوندي آهي. هوء مانڊ ميٽ ۾ پير گهلبندي وتندي هئي. پهريون پيرو ئي ڪيس نظر آيو نه اُو-لان جا وار اڇا. کهرا ۽ پورا آهن. سندس چهرو ڏکو ۽ بي نمڪ ۽ جهري جي چمڙي کهري ۽ انگ سمورا ڏگها اٿس. جن ۾ ڪنهن به قسم جي سونهن ۽ موهه ڪونهي. ڀرون ڇڊا ۽ وار ڪنل. چپ ٿلها. هٿ پير ڏگها ۽ پکڙيل اٿس. منس حيرانيء وچان نظر پوندي ڪائنس رڙ نڪري ويئي.

"توکي ڏسي تہ هرڪو ائين چوندو. تہ ڪنهن سچي جي زال آهي. ڪير چوندو تہ تون زميندار جي زال آهين. جنهن وٽ ڪمي بہ رکيل آهن."

ڀهريون ڀيرو اُو-لان مڙس جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي. تہ ڪيس پاڻ ڪيئن تي لڳي. اُو-لان ڏک وچان مڙس تي نهار ڪئي. هن بينچ تي ويٺي هڪ ڏکهي سٺيءَ سان جنيءَ جو ترو پٺي سبيو. هن ڪم بند ڪيو. سٺي جهلي پنهنجو وات کوليو ۽ سندس ڪارا ڏند ٻاهر نڪري آيا. پوءِ جڻ تہ ڪيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ويئي. تہ مڙسس ڪيس اهڙيءَ طرح ڏسڻ لڳو آهي. جيئن ڪو مرد ڪنهن عورت تي نظر وجهندو آهي. سندس ڳلن جي ابريل هڏن تي لالاڻ ڇانئجي ويئي ۽ هوءَ ڀٽڪڻ لڳي.

"جاڙن جي چمڻ کان پوءِ چاڪ ٿي ڪانہ ٿي رهان. نرن ۾ جهڙي ٻاهہ هجيم."

وانگ لنگ ڏنو. تہ پنهنجي سادگيءَ جي ڪري، هوءَ اهو پئي سمجهي تہ پاڻ ڪيس ستن سالن کان پيٽ نہ ٿيڻ ڪري ڏوهہ پيو ڏئي. وانگ لنگ ڪيس وڏيڪ کهرائيءَ سان چيو.

"منهنجو مطلب هو. تہ توکان ڇا پين زالن وانگي تيل نٿو مکيو ٿئي؟ يا توکان پنهنجي لاءِ ڪاري ڪپڙي جو ڪوٽ نٿو سبيو ٿئي؟ تون هينئر زميندار جي زال آهين ۽ تنهنجي اها جتي زميندار جي گهر واريءَ لاءِ مناسب ناهي."

اُو-لان ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. رڳو ويچاري ٿي ڪيس ڏسندي رهي. خبر ئي ڪانہ پئجي سگهيس. تہ ڇا ڪيو هئائين. پيرُ پيرَ تي رکي، جنهن بينچ تي ويٺي هئي. ان جي هيٺان لڪائي ڇڏيائين. پوءِ جيتوڻيڪ وانگ دل ۾ ٿورو ڦڪو ٿيو. جو هن خدا جي هِن اهڙي بنديءَ تان ٿنول ڪئي هئي. جيڪا سچي ساري ڄمار. ڪتي وانگر وفاداريءَ سان سندس پنيان هلندي آئي هئي. جيتوڻيڪ سندس دل ۾ اهو بہ خيال آيو. تہ جڏهن پاڻ غريب هو ۽ پنيءَ ۾ پنهنجي هٿن سان محنت ڪندو هو. تڏهن هوءَ ويچاري تازو ٻار ڄڻڻ کان پوءِ بہ جلدي پنيءَ تي وچي فصل لڻڻ ۾ سندس هٿ ونڊائيندي هئي. تنهن هوندي بہ هو پنهنجي من ۾ لڪل بيزاريءَ کي لڪائي نہ سگهيو ۽ پنهنجي اندر جي خواهش جي برخلاف کهرائيءَ سان چوندو رهيو.

"مون محنت ڪئي آهي. پئسو ڏوڪر ڪنو ڪيو اٿم. منهنجي مرضي آهي تہ منهنجي گهر واري گهٽ ۾ گهٽ ڍور جهڙي نظر نہ اچي. ۽ هي تو وارا پير ......"

هن خاموشي اختيار ڪئي. ڪيس زال ڏاڍي خوفناڪ نظر اچڻ لڳي. ڪپڙي جي ويڪري جتيءَ ۾ پيل سندس پير ڪيس ويتر خراب ڏسڻ ۾ آيا. هن چڙ ۾ زال جي پيرن تي نظر ڪئي ۽ زالس ويچاري اجان بہ پنهنجا پير بينچ هيٺ ڦسي ڇڏيا. لاچار هن ويچاريءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽڪندي چيو.

”منهنجيءَ ماءُ منهنجا پير تنجيا ئي ڪونہ هئا. ان ڪري جو صفا ننڍڙي هوندي ئي مون کي وڪٽي ڇڏيو هئائون. پر آئون تہ پنهنجي ننڍڙي نينگر جا پير ٻڌنديس.“

پر مڙسس جڙ ۾ رڙيون ڪندو هليو ويو: چاڪاڻ تہ ڪيس زال تي چڙ ڪرڻ ۽ اجان بہ وڏيڪ ڪيس زال جي نہ جڙڻ ۽ ويتر ڏچڻ تي ڦڪائي اچي ٿي هئي. هن پنهنجو ڪارو جبو سٽ ڏئي کنيون ۽ ان کي ڏندن سان ڪترينديءَ چيو.

”چڱو. هائي آئون وڃان ٿو ڇانهہ خاني ۾. ڏسان ڪا نئين خبر چار هجي تہ ٻڌي اچان. گهر ۾ تہ ٻن ٻارن کان سواءِ ڪجهہ ڪونهي. رڳو احمق ۽ ڏچڻا وينا آهن.“

شهر ڏي ويندي سندس شرمساري ويتر وڌي ويئي. چاڪاڻ تہ اوچتو ڪيس ياد آيو، تہ جيڪڏهن او-لان شاهوڪار جي گهران هيرا نہ آئي ها ۽ گهرڻ تي سندس حوالي نہ ڪري ها. تہ ساري ڄمار ٻاڻ اها زمين خريد ئي ڪري ڪونہ سگهي ها. پر جڏهن ڪيس اها يادگيري آئي تہ ويتر چڙ وڌي ويس. ڪروڌ وچان پنهنجيءَ دل کي وراٽي ڏيندي چيائين.

”پر ڪيس تہ اها بہ خبر ڪانهي تہ ڇا ڪيو هئائين. رکيو وري اهڙيءَ طرح ويٺي هئي. جهرڙو ڪو ٻار رنگ برنگي ڪتمنڙا رکيو ويٺو هوندو آهي. جيڪڏهن مون کي خبر نہ پوي ها تہ هوند سڄي ڄمار ڪيسي ۾ لڪايو ويٺي هجي ها.“

وري ڪيس اها حيرت ٿي. تہ جوئس اجان بہ اُرهن جي وچ ۾ موتي لڪايو رکيو ويٺي آهي. اهڙي قسم جو منظر سندس ذهن ۾ اڀري ايندو هو ۽ جڏهن انهيءَ ڳالهہ تي سوچيندو هو. تہ ڪيس حيرت ٿيندي هئي. هائي انهيءَ ڳالهہ تي سوچڻ ڪري سندس ذهن ۾ ڪراهت پيدا ٿيندي هئي. تہ سندس زال جا اُرهہ. گهڻن ٻارن ڄڻڻ ڪري. ڍلا ۽ لڙڪي پيا آهن ۽ منجهن ڪو بہ حسن ڪونہ رهيو آهي. انهن جي وچ ۾ موتي ٻڌڻ سراسر زيان ۽ بي وقوفي جي ڳالهہ آهي.

پر جيڪڏهن وانگ لنگ غريب هجي ها ۽ سندس ٻنيءَ ۾ ٻاٽيءَ ٻيٺل نہ هجي ها. تہ پوءِ اها ڪا ڳالهہ ٿي ڪانہ هئي. گهر جي ٻنين ۾ جنديءَ لڪل هئي ۽ نئين گهر جي فرش ۾ جنديءَ جي ڳوڻ پوريل هئي. جنهن ڪمري ۾ ٻاڻ ۽ جوئس سمهندا هئا. ان ۾ بہ چانديءَ جي هڪڙي صندوق. ڪمري جي پوش ۾ ويڙهيل موجود هئي. سندس بستري جي فراسي ۽ ڄٽيءَ ۾ پڻ چاندي ناڪيل هئي. مطلب تہ چانديءَ جي وٽس کوٽ ٿي ڪانہ هئي. چاندي ڪنهن زخم مان سمنڊ رت وانگي سندس هٿن مان وهي وڃڻ جي بجاءِ. پوريءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح سندس قبضي ۾ هئي. ڪيس سدائين ڪنهن نہ ڪنهن شئي تي اها خرچ ڪرڻ جو شوق هوندو هو. هو پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ بي پرواهہ ٿيڻ لڳو ۽ اهو سوچڻ لڳو تہ زندگيءَ جا ڏهاڙا ڪهڙيءَ طرح مزي سان گذاريا وڃن.

هن لاءِ ڪا بہ شئي اڳي جهڙي موهيندڙ نہ رهي هئي. چانهہ خاني ۾، جتي ڪو وقت هو، جو هو ڏڄندي ڏڄندي داخل ٿيندو هو ۽ پاڻ کي بهرازيءَ جو ڪورو چٽ سمجهندو هو. اهو چانهہ خانو هاڻي ڪيس ڏسڻ ۾ ڏاڍو گندو ۽ خسيس لڳو هو. پرائن ڏينهن ۾ اتي ڪيس ڪو سجائيندو ئي ڪونہ هو ۽ هوٽل جا ڇورا هن کي ڏاڍا ٺرڙا لڳندا هئا. پر هاڻي جڏهن اتي ايندو هو. تہ ماڻهو هڪ ٻئي کي ٺونٺيون هڻڻ لڳندا هئا ۽ پاڻ ماڻهن کي ڪن ۾ سڙٻاٽ ڪندي ٻڌندو هو.

"اهو همراهہ وانگ ڳوٺ جو وانگ لنگ آهي. اڳئين سياري 'هوانگ جي گهر' جي زمين ورتي اٿس. جڏهن وڏو ڏڪار پوي، تڏهن 'رئيس وڏو' مري ويو ۽ هاڻي هيءُ ڏاڍو شاهوڪار آهي."

وانگ لنگ اهو ٻڌي، بي پرواهيءَ سان ويهي رهندو هو. پنهنجيءَ حيثيت تي سندس دل ٺانءِ ۾ پرجي ويندي هئي. پر اڄ زال کي طعنو ڏيڻ جي ڪري، انهيءَ سموري ساراهہ مان بہ ڪيس خوشي ڪانہ ٿي. اداس ئي اداس ويٺو چانهہ پيئندو رهيو. ڪيس اهو احساس ٿيڻ لڳو، تہ سندس پنهنجي زندگيءَ ۾ سندس چاهنا جي ڪا بہ سٺي شئي موجود ڪانهي. اوچتو هن کي خيال آيو.

"پلا آئون هت چانهہ جو اڃي پيئندو آهيان؟ هتي جو مالڪ ٺيڳو ۽ هن جا ڪپڙا اهڙا آهن. جهڙا منهنجي ڪمين کي پيل هوندا آهن. ۽ آئون پاڻ زميندار. منهنجا پٽ پڙهيل ڳڙهيل!"

هو تڪڙو اٿيو. ڪو ڳالهائيس، تنهن کان اڳي ئي پئسا ميز تي اڇلي، ٻاهر نڪري ويو. هرويرو شهرجي گهٽين ۾ ڀٽڪندو رهيو. خبر نہ پئي پيس تہ آخر ڇا ٿي گهرجائين. ڪيڏيءَ مهل، هو هڪڙي پٽ جي هٽ وٽان لنگهيو ۽ ماڻهن سان ڳتيل هڪ ٻئنچ تي ٿورو وقت ويهي، پراڻي زماني جي 'ٽن بادشاهن' جو قصو ٻڌڻ لڳو. جڏهن ماڻهو ڏاڍا بهادر ۽ هوشيار هوندا هئا. پر اڄاڻ بہ هو ڏاڍو بي چين هو ۽ ٻين ٻڌندڙن وانگر منش پٽ جو سحر ڇانئجي ڪونہ سگهيو. پٽ جيڪو ساز پئي وڄايو. ان جي آواز مان هن کي، جڻ تہ مغز وارا ڏک ٿي لڳا. پوءِ هو اٿيو ۽ ٻاهر نڪري آيو.

انهن ڏينهن ۾ ڏکڻ جي هڪڙي شخص، شهر ۾ نئون چانهہ خانو اچي کوليو هو. ڪيس ان ڏنڌي جي چڱي طرح ڄاڻ هئي. وانگ لنگ اڳ انهيءَ جاءِ تان لنگهيو هو ۽

ڪيس ان هنڌ جوا ۽ فحش عورتن تي رقم خرچ ڪرڻ تي ڏاڍي ڪرب آئي هئي. پر هينئر واندڪائيءَ ۽ بيچينيءَ ۾ زال سان سڌو نہ هلڻ ڪري. پنهنجي اندر واري جي ملامت سببان سڌو انهيءَ جاءِ تي هليو آيو. پنهنجيءَ وياڪلتا جي ڪري ڏاڍو مجبور هو. تہ ڪا نہ ڪا نئين شئي ڏسي يا ڪا نئين ڳالهہ ٻڌي سگهي. هو نئين چانهہ خاني جي چانئٺ اُڪري، هڪڙي وڏي روشن ڪمري ۾ داخل ٿيو. ڪمرو گهٽيءَ جي طرف کليل هو ۽ ان ۾ ميزون رکيل هيون. هو سيبائنو ٿيندي، اچان بہ وڌيڪ سلجهيل هئڻ جو ڏيک ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ دلي طور ڏاڍو ڪانئر هوندو هو ۽ ڪيس اها يادگيري اچڻ لڳي تہ ڪي ٿورائي سال اڳ پاڻ ڏاڍو غريب هو. ڪڏهن بہ ونس هڪ پيا بہ سڪا هٿ ۾ نہ هوندا هئا ۽ ڏکڻ جي هڪڙي شهر ۾ رڪشا ڇڪڻ جي مزدوري ڪندو هو؛

پهريائين تہ هن ڪنهن سان ڪونہ ڳالهايو. پر ماٺ ميٺ ۾ چانهہ گهرائي پيئڻ لڳو ۽ حيرت وچان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو رهيو. اهو دڪان هڪڙو ڪشادو ڪمرو هو، جنهن جي ڇت تي چن جو ليپو آيل هو ۽ ڀتين تي اڇي ريشم جا پردا ٽنگيل هئا، جن تي عورتن جون تصويرون نهيل هيون. وانگ لنگ لڪ ڇپ ۾ اهي تصويرون ڏسندو رهيو. ڪيس ائين لڳو، ڄڻ اهي سڀ خوابن جون عورتون آهن. زمين تي هن انهن جهڙيون ڪڏهن ڪونہ ڏٺيون. پهرئين ڏينهن هن اهي ڏٺيون ۽ فقط چانهہ پي هليو آيو.

ٻنيءَ ۾ جيئن تہ اجا پاڻي بيٺو هو. ان ڪري روزانو چانهہ خاني ويندو هو. چانهہ گهرائي، اڪيلو ئي اڪيلو ويٺو پيندو هو ۽ سهڻين سهڻين زالن جون تصويرون ويٺو جاچي ڏسندو هو. هائي هر روز هو گهٽي ۾ گهٽو وقت اتي گذارڻ لڳو؛ ڇاڪاڻ تہ نہ هوندو هوس گهر ۾ ڪم ۽ نہ ٻنيءَ تي. اهو معاملو ائين ئي ڪيترا ڏينهن هلندو رهيو. جيتوڻيڪ ونس ويهارو ڪن جاين تي چاندي لڪل هئي، ان هوندي بہ اجا تائين هو ڳوناڻي جو ڏيک ڏيندو هو ۽ چانهہ خاني ۾ پاڻ ئي هڪڙو اهڙو ٻئي وارو هو. جنهن کي ريشم بجاءِ سوٽي ڪپڙا پهريل هوندا هئا ۽ ٻنيءَ تي وارن جو چوٽو لڙڪندو رهندو هوس؛ جيتوڻيڪ شهر جو ڪو بہ مائهو چوٽو ڪونہ ڪندو هو. هڪ ڏينهن شام جو. هن اڪيلي سِر ڪمري ۾ پوئين پاسي رکيل ميز وٽ. ويٺي چانهہ پيئندي ۽ هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريائين. تہ ڪو مائهو سورهي ڏاڪڻ تان لهي ونس آيو. اها ڏاڪڻ سامهون ڀت ۾ نهيل هئي ۽ مٿي ڇت ڏي ويندي هئي.

شهر جي اُلهندي دروازي واري پنج منزلي ٻگوڊا ۽ ان دڪان کان سواءِ شهر ۾ ٻي اهڙي ڪا بہ جاءِ ڪانہ هئي، جنهن ۾ ماڙي هجي. ٻگوڊا مٿي جوبيءَ وٽ، جيئن پوءِ ٿيئن. سوڙهو نهيل هو. پر چانهہ خاني واري آخري ماڙي بہ ايتري ويڪري نهيل هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترو هيٺيون حصو. رات جو عورتن جي ڳائڻ جو اوچو آواز ۽ هلڪڙا هلڪڙا ٽهڪڙا. مٿين درين مان نڪري هوائن ۾ ترندا ... دا هٿا ۽ ڇوڪرين جو نزاڪت سان وڄائيندڙ طنبورن جو منڙو ڙاز پيو پڌبو هو. جنهن جاءِ تي وانگ لنگ ويهي چانهه پيندو هو، اتي ماڻهن جي چانهه پيئڻ جي سرڪين جو آواز ۽ چوڌاري سندن ڪپڙن جو سرڙاٽ به پيو پڌبو هو. تڏهن به خاص ڪري آڌيءَ ويل ڪان پوءِ موسيقيءَ جو آواز گهٽين ۾ وهندو محسوس ٿيندو هو.

هڪ رات وانگ لنگ کي پنهنجي پويان ڇاڙهي تان لهندڙ پيرن جو آواز پڌڻ ۾ ڪونه آيو. ان ڪري جڏهن ڪنهن پويان اچي ڪيس ڪلهي تي هٿ رکيو، ته سچو ڇرڪي ويو. ڪيس پڪ ئي ڪانه هئي، ته اتي به ڪو ڪيس سڃاڻيندو هوندو. مٿي ڏٺائين، ته سندس نظر وڃي هڪڙيءَ عورت جي سنهڙي، خوبصورت ڇهري تي ڄمي؛ ڪڪو جي ڇهري تي، اها عورت جنهن جي هٿ ۾ پاڻ ٻنيءَ جي سودي واري ڏينهن هيرا ڏنا هئائين ۽ جنهن 'رئيس وڏي' جو هٿ وٺي ڪاڻس سودي جي ڪاغذن تي مهر هڻائي هئي. عو ت جي مٿس نظر پئي ته هوءَ کِلي ويئي. سنديس ٽهڪ جڻ ڪو تيز پٽڪو هو.

"واهه! ڪڙمي وانگ لنگ، سو به هتي!" هن ٽوڪ مان لفظ "ڪڙمي" کي انگهائيندي چيو. "ڪير ٿو چئي سگهي ته ٿون هتي نظر ايندين."

وانگ لنگ کي دل ۾ آيو ته ڪيس ڪنهن به قيمت تي ان عورت تي ثابت ڪرڻ گهرجي، ته پاڻ هاڻي فقط هڪ 'ڳوناٺو' ئي نه. پر ان ڪان مٿيرو هو. هن کلي وڏي آواز سان ورائيو،

"ڇا، منهنجي دولت خرچ ڪرڻ اهڙي ڪانهي، جهڙي ٻين جي؟ اجڪلهه ته مون وٽ پئسي ڏوڪڙ جي ڪوٽ ئي ڪانهي. منهنجو ته ڀاڳ کليو آهي."

اها ڳالهه ٻڌي ڪڪو ٻيهي رهي. اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. سنديس اکين ۾ نانگ جي اکين جهڙي چمڪ اچي ويئي. سنديس آواز صاف هو جهڙو ڪنهن برتن مان وهندڙ تيل.

"ڪنهن کي خبر ڪانهي؟ ڀلا ڪنهن وٽ ڏوڪڙ پئسو جام آهي، ته پوءِ هن جاءِ تي خرچ ڪرڻ ڪان وڌيڪ ٻي وري ڪهڙي جاءِ تي سگهي ٿي. وڏا ماڻهو سڀ هتي اچي مزا ماڻيندا آهن. هڪ ٻئي جون دعوتون ڪري عيش ڪندا آهن. اسان وٽ جيڪو شراب آهي، ان جهڙو ڪٿ ڪونه ملي. وانگ لنگ تو ڀلا ڪڏهن چکيو هي؟"

"هيستائين نه مون رڳو چانهه پيتي آهي." وانگ لنگ جواب ڏنو. ڪيس ٿوري شرمندگي ٿيڻ لڳي. "مون اڃا تائين شراب کي هٿ به ڪونهي لاتو ۽ نه جوا ڪئي اٿم."

"جانهہ!" عورت ان لفظ تي زور ڏيندي ٽهڪ ڏنو. "پر اسان وٽ تہ 'نائيگر بون' شراب 'ڊان' شراب ۽ سرهن ۽ جانورن وارو شراب موجود هوندو آهي. توکي ڪهڙي ضرورت آهي جانهہ پيڻ جي." وانگ لنگ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. تہ عورت ڏاڍي مڪاريءَ ۽ نرميءَ وچان چيس،

"سمجهان ٿي تہ 'پيو' بہ ڪجهہ ڪونہ ڏنو هوندءِ. يا ڏنو اٿئي؟ ڪونہ ڏنا اٿئي سهٽا سهٽام ننڍڙا هٿڙا، نہ ڏنا اٿئي پيارا پيارا. واسيل واسيل ڳل."

وانگ لنگ جو ڪنڌ ويتر جهڪي ويو. سڄي منهن تي ڳاڙهاڻ ڇانئجي ويس. کيس ائين لڳو. ڄڻ تہ آس پاس ويٺل سمورا ماڻهو کيس ٺٺول وچان گهوري رهيا هجن. ڄڻ تہ سڀني عورت جي ڳالهہ ٻڌي ورتي هجي. پر جڏهن ٿوري دل ٻڌي. اکين جي ڇيڙن منجهان هوريان هوريان ڪري جوڏاري نظر ڦيرايائين. تہ ڏٺائين. تہ ڪنهن جو ڌيان ڏانهنِ ڪونہ هو. سڀني جو جوا جي ٽيبل بازيءَ تي ھل پئي پيو. وانگ لنگ پريشانيءَ وچان چيو.

"نہ. نہ. مون ڪڏهن ڪونهي پيتو. رڳو جانهہ....."

عورت وري ڪلي ڏنو ۽ تصويرن وارن ريشمي پردن طرف اشارو ڪندي چوڻ لڳي. "اهي... اهي اٿئي انهن جون تصويرون. جنهن تي بہ دل چوئي. ڪٽي هٿ رک. پئسا ڏي مون کي. آئون تو آڏو ونيو تي اچانس."

"اِهي!؟" وانگ لنگ حيرت وچان چيو. "مون تہ سمجهيو تہ اهي خوابن وارين عورتن جون تصويرون آهن. 'ڪئن لين' جبل تي رهڻ وارين ديوين جون. جن جي ڳالهہ پٽ ڪندا آهن."

"هون! تہ اِهي تو لاءِ خوابن جون عورتون آهن!" ڪڪو ٺوڪيندي ڳالهہ جاري رکي. "پر ٿوري چاندي خوابن کي گوشت جي بدن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي." هوءَ ڪنڌ ڌوڻيندي ۽ جوڏاري ويٺل نوڪرن کي اکين جا اشارا ڏيندي. پنهنجو گس ونءِ وڏي ويٺي ڄڻ وانگ لنگ ڏي هٿ ڪٽي چوندي هجي. "ڏسو ڀهراڙيءَ جو جٽ!"

وانگ لنگ ٽٻين دلچسپيءَ سان ويهي وري تصويرن کي گهورڻ لڳو. مٿي ماڙيءَ جي ڪمرن ۾ گوشت پوست جون ٺهيل اهي ساڳيون عورتون. موجود هيون. ونن مرد پيا ايندا ويندا هئا. ڪاٺئس سواءِ پيا سڀ مرد. خير پاڻ انهن جهڙو ڪونہ هو تہ بہ پارن پچن ۽ پنهنجي گهر وارو نيڪ ۽ محنتي مرد تہ هو. جيئن ڪو ٻار سوچيندو آهي. تہ ڪهڙي شئي وٺي. تيئن پاڻ بہ تصويرون ڏسندو ۽ سوچيندو رهيو. تہ ڪهڙي وٺي. هو هر تصوير جو چهرو غور سان ڏسڻ لڳو. ڄڻ تہ هر تصوير حقيقت هجي. اڳي تہ هن لاءِ سڀ تصويرون هڪ جهڙيون هونديون هيون. جو اڳي تہ 'چونڊ' جو سوال ڪونہ هو. پر هاڻي

ته سڀ هڪ ٻئي کان وڌيڪ سهڻيون هيون. ڀريائين سيني مان ٽن جي چونڊ ڪيائين. پوءِ وري انهن ٽنهي مان. هن سيني کان هڪ سهڻيءَ جي چونڊ ڪئي: پدمڻي. نازڪڙي، سنهڙي جهڙي بانس جي لام. ننڍڙو ابهم چهرو. هڪ هٿ ۾ ڪنول جي مکڙين جو ڇڳو ۽ هٿ وري اهڙو جهڙو 'فرن' جو ڪليل پوٽو.

هو ان کي گهوريندو رهيو ۽ گهورڻ سان سندس رڳن ۾. جڻ ته شراب جي گرمائش اوتجي ويئي.

"هيءَ اهڙي آهي جهڙو بيهي دائي جي وڻ تي گل هوندو آهي." هن کان دانهن نڪري ويئي. پنهنجو آواز ٻڌي ڪيس شرم ۽ خوف وڪوڙي ويو. هو گهٻرائجي اٿيو. ميز تي پٿسا رکيائين ۽ ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر اونداهه ڇانئجي چڪي هئي ۽ هو گهر ڏي هلڻ لڳو.

ڌرتيءَ ۽ ٻاٽيءَ تي چانڊاڻ ۽ ڪوهيڙي جي روپي چادر پکڙيل هئي. سندس بدن ۾ گرم گرم رت جي گردش تيز ٿيندي ويئي.

باب اوٺيهون

هن وقت تائين جيڪڏهن وانگ لنگ جي زمين تان ٻاٽي لهي وڃي ها، ۽ زمين اونهاري جي تڙڪي جي ڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ سڪي وڃي ها. ته پوءِ ڪيڙي ڪري ان ۾ ٻج ٻه ڇڇجي وڃي ها. پوءِ وانگ لنگ ٻيهر انهيءَ ڇانهه خاني ۾ هرگز نه وڃي ها. يا ڪو ٻار بيمار ٿي پوي ها. يا ڪٽي پوڙهي جو ئي سئو ورهه پورو ٿئي ها. ته به وانگ لنگ انهيءَ ڪم سان لڳي وڃي ها. ۽ ڪائنس ريشمي پردن تي چٽيل تصويرن جا چهرا ۽ نازڪ جسم وسري وڃن ها.

پر ٻاٽي بيٺو رهيو. منجهس ڪا ڪر ڪانه آئي. فقط سڄ لٿي مهل اونهاري جي هلڪي هلڪي هوا گهلڻ لڳندي هئي. پوڙهو وينو پنڪيون ڪائيندو هو. ڇوڪرا ٻئي اڃي ڏينهن ئي اسڪول هليا ويندا هئا ۽ شام تائين گهر کان ٻاهر اتي ئي هوندا هئا. گهر ۾ وانگ لنگ ڏاڍو بي فرحتو رهندو هو. گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڦرندي أو-لان ڏجي ڏجي مٿس نظر وجهندي هئي. ته ڪترائي هليو ويندو هو ۽ ٻاڻ کي وڃي ڪرسيءَ تي سٽيندو هو. ۽ بنا ڇانهه ٻيڙ يا پائيپ ڇڪڻ جي. اٿي هليو ويندو هو. سٽين مهيني هڪ

ڏينهن شام جو. جڏهن چوڏس سڙيات ڪندڙ چانداڻ ڇانيل هئي ۽ ڊنڊ جي ساهه ڪڻڻ واري انداز سان ويتر سهٽي پئي لڳي، ته وانگ لنگ گهر جي در وٽ بيٺو هو. اوچتو. بنا ڪو لفظ ڪڇڻ جي. هو تڪڙو پنهنجي ڪمري اندر آيو. ڪاري چمڪندڙ ريشم جهڙي ڪپڙي جو ڪوٽ اوڍيائين. جيڪو او-لان سندس لاءِ ڏينهن وار تي پائڻ لاءِ سبي رکيو هو. هن ڪنهن سان لفظ به ڪونه ڳالهايو ۽ بيٺل پاٽيءَ جي پاسن وارا سنها پيچرا وٺي. بنيءَ جي وچان لنگهندو. منهن اونداهيءَ تائي شهر پهتو. ۽ گهٽين مان ٿيندو اچي نئين چانهه خاني ۾ وينو.

چانهه خاني ۾ ڏيساور جي بندرن مان خريد ڪيل تيل جون بتيون پئي ٻريون. جوڏس روشني ٿي روشني هئي. ماڻهن روشنيءَ ۾ ويٺي ڪچهري به پئي ڪئي ۽ چانهه يا شراب به ويٺي پيتو. شام جي ٽنڊڪار ۾ سندن چوغا لٽا پيا هئا. هر جاءِ پکا پئي جهُليا ۽ گهٽين ۾ ٽهڪڙا موسيقيءَ جي مثال برپا پئي. چانهه خاني جي چوديواريءَ اندر ايتري ته رونق لڳي پئي هئي. جيتري وانگ لنگ ٻنيءَ ۾ سڄي ڄمار جي ڪمائيءَ مان به ڏسي ڪونه سگهيو هو. اتي ماڻهو رڳو راند رهڻ لاءِ ڪٺ ٿيندا هئا ۽ ڪو به ڪم ڪونه ڪندا هئا.

وانگ لنگ دروازي جي چانئٺ وٽ ٿورو هٻڪيو، ۽ اندران وهي ايندڙ تيز روشنيءَ ۾ بيٺو رهيو. شايد بيهي بيهي هليو وڃي ها: ڇاڪاڻ ته اجان به ڏاڍو ڊڄڻو ۽ ڪانئر هو. جيتوڻيڪ سندس بدن ۾ رت تيز تيز گردش ڪندو پئي رهيو. جڻ ته رڳون ٿي ڦاٽيس. اوچتو هڪ عورت پاڇولي مان نڪري روشنيءَ ۾ آئي. هوءَ دروازي جي مهڙ وٽ پئي هيڏانهن هوڏانهن ڦري. اها 'ڪڪو' هئي. جڏهن ڪيس ماڻهو نظر آيو ته وڏي وٺس آئي. ڇاڪاڻ ته سندس ڪم هو 'گهر' جي عورتن لاءِ گراهڪ هٿ ڪري اچڻ. پر جڏهن ڏٺائين ته ڪير آهي ته ڪلها ڌوٽي چوڻ لڳي.

"اڙي، هيءَ ته ڪڙمي آهي."

عورت جي بي پرواهيءَ واري لهجي تي وانگ لنگ کي باهه وٺي ويئي. سندس اوچتي ڪاوڙ منجهس همت پيدا ڪئي. جيڪا شايد ڪنهن ٻئي طريقي سان منجهس پيدا نه ٿي سگهي ها. چوڻ لڳو.

"ٺيڪ آ. ته ڇا آئون هتي نه ايندو ڪريان ۽ جيڪي ٻيا ڪن ٿا سو نه ڪريان؟"

عورت وري موڙو ڏنو ۽ ڪلندي چيائين.

"هجئي پين جيترا ڏوڪڙ. ته پوءِ ٻلي جيڪي ٻيا ڪن ٿا. اهو تون به ڪندو ڪر."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ جي دل ۾ شدت سان اها خواهش ابري آئي. نه هوند پاڻ انهيءَ عورت کي ڏيکاري ته پاڻ به وڏو ماڻهو آهي. جيتري دولت ہِن وٽ آهي، ان کان وڌيڪ ته اڃا به گهٽ آهي. پوءِ هٿ کيسي ۾ وجهي، سچي لپ چانديءَ سان ڀري. ٻاهر ڪڍيائين ۽ عورت کي چيائين.

"ڪيئن؟ هيتري گهڻي آهي يا نه؟"

عورت چاندي کي گهوري ڏٺو ۽ بنا دير جي چيائين.

"هليو آ. ٻڌاءِ ته ڪهڙيءَ تي خيال اٿئي؟"

وانگ لنگ اهو جاڻڻ ڪانسواءِ ته پاڻ ڇا پيو چوي، ٻڌڪڻ لڳو.

"مون کي نه خبر ٿي ڪانهي ته ڇا ڪيان." پوءِ سندس تمنا ڪر کنيون ۽ هوريان هوريان چيائين. "اها، جنهن جي ڪاڏي چنهبياري ۽ چهرو ننڍڙو ۽ مکريءَ جهڙو اڇو ۽ گلابي آهي، ۽ هٿ ۾ ڪنول جي مکڙين جو ڇڳو اٿس."

عورت ڪنڌ ڌوڻي هن کي اشارو ڪيو ۽ ميزن وچان پنهنجي لاءِ گس ناهي اڳتي وڌي. وانگ لنگ ٿوري وٿي رکي، سندس پٺيان هلڻ لڳو. ڀوريائين ته کيس ائين لڳو، جڻ هرهڪ کيس جاچي ڏسندو هجي. پر پوءِ دل ٻڌي جوڏاري نظر ڦيريائين، ته کيس ڏسڻ ۾ آيو، ته هڪ ٻن کان سواءِ ڪنهن جو به مٿس ڌيان ڪونهي. انهن به اها ئي ڳالهه پئي ڪئي ته. "مٿي زالن سان ڪچهري ڪرڻ ۾ دير ته ڪانهي ٿي؟" هڪڙي پئي چيو.

"اڃهو هي همراهه. ڏاڍي تکڙ ٿي ڏسجي مڙس کي!"

پٺي ان وقت هڪڙي سوڙهي ۽ سنئين ڏاڪڻ تان مٿي پئي ويا. وانگ لنگ کي ڏاڍي ڏکيائي پئي ٿي، جو ڀوريون پيرو چانهه خاني جي مٿين منزل تي پئي ويو تڏهن به. جڏهن مٿي پهتا، ته هن ڏٺو ته گهر مٿي به اهڙوئي هو جهڙو هيٺ. پر جنهن وقت هڪڙي دريءَ وٽان لنگهندي هن اپ تي نهار ڪئي، ته پاڻ کي ڏاڍو مٿي پانيائين.

عورت اڳيان ٿي اڳيان هڪ اونداهين ڪمري ڏي هلندي هلي ۽ اتي ٻهڻ کان پوءِ چيائين.

"اڃهو، اڄوڪي رات جو ڀوريون گراهڪ."

اوچتو ڪمري جا دروازا کلڻ سان سيني چوڪرين پنهنجا منا روشنيءَ جي تجلي ۾ ٻاهر ڪڍيا. چهرا رات جي روشنيءَ ۾ گلن جا جهڳا ڏسڻ ۾ ايندا اهن. پر ڪڪو سخت لهجي ۾ چيو.

"تون نه. تون به نه. توهان مان ڪا به نه. توهان مان ڪنهن لاءِ ڪونه ٿو جوي. هيءَ گلاب چهري ۽ ننڍڙي قد واريءَ ڪنول جو گراهڪ آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي ڪمري ۾ ٽهڪڙن جهڙي آواز جي لهر پکڙجي ويئي. ڏاڙهونءَ جي رنگ جهڙي هڪڙي گستاخ ڇوڪري وات ڪرڻ لڳي،

"اهو ڀلي ڪنول ڏانهن وڃي. مُئي ۾ رڳو مٽيءَ ۽ ٽوم جي ڏپ آهي: ماريو سازي ٿو."

ڇوڪريءَ جا اهي لفظ وانگ لنگ جي سيني ۾ خنجر جيان ڪپي ويا. هن کي جيتوڻيڪ جواب سجهي آيو. پر ڪيس ڏپ وٺي ويو. ڏسڻ ۾ ٻانڻ سڄي پڄي هاري پئي لڳو. پر وري جڏهن ڪيس ڪيسي ۾ پيل چاندي ياد آئي. ته بي پرواهيءَ سان اڳتي هلندو ويو. آخر ڪڪو پنهنجي هٿ جي تريءَ سان هڪ بند ٿيل دروازو کڙڪايو ۽ بنا انتظار جي اندر گهڙي پيو. اندر. ڳاڙهن گلن واري چادر اوڍيو. هڪڙي نازڪڙي ستي پئي هئي.

جيڪڏهن ڪيس ڪو اهو ٻڌائي ها. ته انهن هٿن جهڙا ٻيا هٿ ٻه هوندا آهن. ته ڪيس اعتبار ئي ڪونه اچي ها. اهي هٿ تمام ننڍڙا. هڏ ملوڪ. ڏڪهن ننهن واريون سنهڙيون آڱريون. جن تي ڪنول جي مکڙين جهڙو ڳوڙهو ڪلابي روغن لڳل هو. جيڪڏهن ڪيس ايئن جيو وڃي ها. ته انهن پيرن جهڙا پير به ٿيندا آهن: اهڙائي ننڍڙا. مرد جي وچين آڱر جيڏا. گلابي ساٽن جي جتي ۾ پيل. جيڪي هنڌ جي پاسي پارڙن جي پيرن جيان پئي لڏيا. ته پڪ ئي ڪانه ٿيس ها.

هو ماٺ ڪري. هنڌ تي سندس پاسي ۾ اچي ويهي رهيو ۽ ڪيس گهوريندو رهيو. هن ڏٺو ته ڇوڪري هوبهو تصوير جهڙي ئي هئي. جيئن ته سندس تصوير ڏٺل هئي. ان ڪري ڪٿي به مليس ها. ته سڃاڻي وٺيس ها. وڏي ڳالهه ته سندس هٿ ڏاڍو سهڻو هو. اُچو اچو کير جهڙو. هوءَ آڱريون آڱرين ۾ پڄايو. پنهنجا هٿ جبي جي گلابي ريشمي پٽي تي رکيو. ويٺي هئي. وانگ لنگ کي ته سپني ۾ به اهو خيال ڪونه ٿئي ها. ته ڪو اهڙا هٿ ڇهي به سگهجن ٿا.

هن ڇوڪريءَ تي اهڙيءَ طرح نظر وڌي. جيئن تصوير کي ڏٺو هئائين. نازڪڙي جهڙي بانس جي ٻوٽي جي ڪچڙي ڇوٽي. اچي ريشمي ڪالر ۾ سنهڙي ڳچي ۽ سنهڙو ڪلنڊڙ جهرو. هن گول گول خوبانين جهڙين اکين جو ديدار ڪيو. ۽ ڪيس هائي وچي ڳالهه سمجهه ۾ ويئي. ته جڏهن پٽ پرائن ڏينهن جي سونهن جو ذڪر ڪندي خوبانن جهڙين اکين جي ڳالهه ڪندا آهن. ته ان مان سندن مطلب ڇا هوندو آهي. ڪيس محسوس ٿيو ته اها گوشت پوست جي جيئري جاڳندي ڪا عورت نه پر ڪا تصوير آهي.

ڇوڪريءَ پنهنجو نازڪ هٿ کڻي وانگ لنگ جي ڪلهي تي رکيو ۽ پوءِ هوريان بلڪل هوريان. ڪيس ٻانهن تي ننڍڙا ڪڍڻ لڳي. هن اڳ ڪڏهن به اهڙي نفيس شئي يا

اهڙو نرم ڇهاءُ محسوس ڪونہ ڪيو هو. هن ڪنڌ مٿي ڪنيون ۽ پنهنجيءَ ٻانهن تي اهو نفيس هٿ ڇرندي پرندي ڏٺو. هن کي لڳو ڄڻ هٿ جي پوين ڪا ڇپي آهي. جيڪا سندس قميص جي ٻانهن منجهان ٻانهن بازوءَ جي گوشت ۾ لهندي ٿي وڃي. هو ان نازڪ هٿ کي ڏسندو رهيو جيستائين اهو بازو جي ڇيڙي تائين رسيو ۽ هڪ لمحي جي ساهيءَ کان پوءِ. سندس اڳهاڙي ڪرائي تان ٿيندو. سندس ڪاري ۽ سخت هٿ ۾ ڪپي ويو. وانگ لنگ کي ڪنبڻي وٺي ويئي. اها خبر ئي نہ پئي پيس تہ ڇا ڪرڻ کپيس.

هن کي هڪڙو ٽهڪ پڌڻ ۾ آيو. هلڪڙو، تکو، موسيقي آميز ٽهڪڙو. جهڙو هير جي جهوٽن ۾ پڳوڊا جي مٿان وڄندڙ چانديءَ جو گهنڊ. وري ٽهڪڙي جهڙو هلڪو آواز ابريو.

"ڪيڏو نہ اياڻو آهين! بس. سڄي رات ايئن ئي ويٺا هونداسين ۽ تون رڳو وات پٽيو وينو گهوريندين؟"

ان تي وانگ لنگ ڇوڪريءَ جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ ورتو. پر ڏاڍي خبرداريءَ سان. ان جو هٿ نازڪ سڪل پن مثل هو. گرم ۽ خشڪ. هن وينتيءَ سان ڇوڪريءَ کي چيو. جيتوڻيڪ خبر ئي ڪانہ ٿي پيس تہ ڇا چوڻ گهرجي.

"مون کي تہ خبر ئي ڪانهي ... مون کي سيکار."

پوءِ ڇوڪري کيس سکيا ڏيڻ لڳي.

هاڻي وانگ لنگ هڪ اهڙي بيماريءَ جو مريض ٿي پيو. جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ کي ٿيندڙ هر مرض کان عظيم هوندي آهي. هن برندڙ سج هيٺ پورهئي جو عذاب ڀوڳيو هو. هن رڻ جي خشڪ ۽ سرد هوائن جو عذاب سَٺو هو. هن ٻنيءَ ۾ فصل نہ ٿيڻ ڪري ڏکر جا ڏينهن ڏٺا هئا. هن مايوسيءَ جي حالت ۾ بنا ڪنهن آسري اميد جي ايرندي شهر ۾ ڳهڻ جا سُوز سَٺا هئا. پر انهن سڀني ۾ اها پيڙا ڪانہ هئي. جهڙي هن نازڪڙي هٿ ۾ هئي.

هر روز هو چانهہ خاني ۾ ويندو هو ۽ هر شام اوستائين اتي وينو اوسيڙو ڪندو هو. جيستائين هوءَ کيس گهرائيندي نہ هئي. روز رات جو هو وٽس ويندو هو. هر رات هو ساڳيو ڳوناٺو. ڄٽ جو ڄٽ. رهندو هو. جنهن کي ڪا بہ ڪل نہ هجي. هو در تي بيٺو ڪنبندو هو. يا ڇوڪريءَ جي پاسي ۾ خالي خالي وينو سندس ٽهڪڙي جو انتظار ڪندو هو ۽ تپش سببان سرخ ٿي. ڪنهن ڇتي ٻڪ ۾ حڪم جو ٻڌو ٿي. هوريان هوريان کيس اوڏو بلڪل اوڏو اچي ويندو هو. ايستائين جو اهو ڏونڌاڙيندڙ لحظو اچي سهڙيو هو. جڏهن پوريءَ طرح ٽڙي بيٺل هڪ پٽڻ جهڙي گل جيان. هوءَ پاڻيندي هئي. تہ سنديس سموري

وجود کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڪٺي وٺي.

ان هوندي به. هو ڪيس ڇڪيءَ طرح ڀاڪر ۾ جهلي ڪونه سگهندو هو. اهوئي ڪارڻ هو جو ڇوڪريءَ جي خواهش هوندي به. هو سدائين پياسو ئي رهجي ويندو هو. جنهن زماني ۾ أو-لان سندس گهر ۾ آئي هئي. ان وقت سندس بدن جانئو ء صحتمند هوندو هو. هو بي ڏڙڪ أو-لان کي ترڀائي ڇڏيندو هو. جهڙو حال جانور پنهنجي ساٿيءَ سان ڪندو آهي. اهڙو حال هو أو-لان سان ڪندو هو. ء ڏاڍو لطف اندوز ٿيندو هو. ء تنهن کان پوء ڪيس وساري ڇڏيندو هو ء وڃي ڪم ڪار سان لڳندو هو. پر هينئر هن ڇوڪريءَ لاءِ سندس پيار ۾ ڪو اطمينان ڪونه هو. نه وري منجهس ڪا صحت هئي. رات جو جڏهن وانگ لنگ مان ڇوڪريءَ کي ڪجهه حاصل نه ٿيندو هو. ته پنهنجي نازڪ هٿن سان. جن ۾ الائي ته ڪنان سگهه اچي ويندي هئي. هن جا ڪنڌا جهلي ڪيس ڌڪي در کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي هئي. وانگ لنگ مات ميٺ ۾ پنهنجي آنڌل جاندي ڇوڪريءَ جي ڪيسي ۾ وجهي. پياسو ئي پياسو. جهڙو ايندو هو. اهڙو ئي موٽي هليو ويندو هو. ان جو مثال ايئن هو. جيئن ڪو مرئينگ شخص سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جو ڍڪ پري ء پوء ان پاڻيءَ مان وڌيڪ سندس اڃ وڌي وڃي ء سندس خون خشڪ ٿيڻ لڳي. نتيجي ۾ هو پاڻي پيئڻ ڪري جريو ٿي مري وڃي. وري وري منجهس ان ڇوڪريءَ لاءِ خواهش اڀري ايندي هئي. هو وٽس ويندو هو. پر ٻيڇين واپس موٽي ايندو هو.

سڄو گرم اونهارو. انهيءَ ڇوڪريءَ سان وانگ لنگ جي محبت هلندي آئي. ڪيس ڇوڪريءَ بابت ڪهڙي ڄاڻ به ڪانه هئي. ته ڪٿان آئي هئي ء ڪير هئي. گڏ هوندا هئا ته ڪهڙو ڳالهائيندو ئي ڪونه هو. بت بڻيو وينو ڇوڪريءَ جي گفتگو جي نرم رواني ٻڌندو هو. ان جا لفظ ڪنهن ٻارڙي جي ٽهڪ جيان منتشر ٿي ادا ٿيندا هئا. وانگ لنگ خاموشيءَ سان وينو سندس چهرو. هٿ ء بدن جي بناوت جاچي ڏسندو هو. هن جي ويڪرين موهيندڙ اکين ۾ ڪا معني لهڻ لاءِ واجهائيندو هو. اهي اکيون سندس اوسيئڙي ۾ هونديون هيون. ڪيس ڇوڪريءَ مان ڪڏهن به ڍئو ڪونه ٿيندو هو. ء اچي ڏينهن خالي خالي. بي حين واپس پنهنجي گهر موٽي ايندو هو.

ڏينهن هئا جيڪي ختم ٿيڻ ۾ ئي ڪونه ٿي آيا. بستري تي هو ڪهڙو ڪونه سمهندو هو. ڪمري ۾ گرمي هئڻ جو بهانو ڪري. ٻانس جي ٻڻ مان نهيل ٿڌو پکيڙي. ٻر هر اچي اتي سمهندو هو. اکيون پٽيو. ننڊيو. ٻانس جي ٻڻ جي سنهڙن ٽاڄن کي پيو تڪيندو هو. سندس دل ڪنهن اڻڄاڻ. منٺي منٺي درد سان ٽمٽار رهندي هئي. جيڪڏهن ڪو ٻارن مان ڪو ساڻس ڳالهائيندو هو يا ڪنڪ اچي ڪيس چوندو هو ته "پاڻي ڄاڻ ته

سُڪو. پاڻ ڪهڙي فصل جي تياري ڪريون.“ ته وٽي دانهن ڪندو هو.

”چا لاءِ تو مون کي تپائين؟“

سندس دل هر وقت جڻ ته ڦاٿڻ تي هوندي هئي. ڪيس ڇوڪريءَ متعلق ڪو به اطمينان ڪونه هوندو هو.

ڏينهن لنگهندا ويا. سارو ڏينهن رڳو شام ٿيڻ جي اوسيڙي ۾ وينو هوندو هو. ڪڏهن به هن او-لان جي ڏکي چهري يا ٻارن طرف ڪا به نظر ڪانه ڪئي. ايندو هو. ته ٻار راند ڪيڏندي ڪيڏندي، اوچتو چپ ٿي ويندا هئا. پوڙهي پيءُ جي به اون ڪانه هوندي هئس. جيڪو ڪيس غور سان جاچي پڇندو هو.

”ڪهڙي بيماري لڳي اٿئي؟ سڄو ڏينهن ڪاوڙيو وتين. رنگ ته ڏس پنهنجو. مٽيءَ جهڙو پيلو ٿي ويو آهين!“

جيئن ئي ڏينهن رات ۾ تبديل ٿيندو هو. ته پوءِ اهائي ڪنول ۽ اهائي روز واري ڪار. هڪڙي ڏينهن هن وارن کي ڦٽي ڏيئي انهن کي ويڙهيندي. وانگ لنگ جي چوٽيءَ تي ڪلندي ڇيو هو.

”اڄ ڪلهه ته ڏکڻ جي ماٺهن اها تو واري باندر جي پڇ جهڙي چوٽي رکڻ ته ڇڏي ڏني آهي.“ ته هو ماٺ ڪري اٿيو ۽ وڃي چوٽي ڪٽائي آيو هو.

جڏهن او-لان سندس اها حالت ڏٺي. ته ڏک ۾ پرجي چيائين،

”تو ته پنهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي!“

هن او-لان کي جرب ڏني،

”ته چا. پوءِ سڄي جمار آئون پراڻي ڍنگ جو احمق ڏسڻ ۾ اچان. شهر جا سڀ جوان وار ڪٽايو وتن.“

تنهن هوندي به ڪيس دل ۾ پنهنجي ڪِئي تي ڏاڍو خوف ٿيو هو. پيلا جيڪڏهن ڪنول جي خواهش هجي ها. ۽ ڪيس جوي ها ته چا پوءِ پنهنجي سڀ به وڃائي ڇڏي ها. چاڪاڻ ته منجهس اهڙو حسن هو. جنهن جي ڪنهن عورت ۾ هئڻ جي. هن هميشه خواهش ڪئي هئي.

پنهنجو سونهري بدن. جنهن کي هو اڳي ورلي ڌوئندو هو. ۽ پورهئي جي پگهر ڪري جيڪو پسيل رهندو هو. ان کي هاڻي پاڻ جاچيندو پيو هو. جڻ ته اهو بدن ڪنهن ٻئي جو هجي. هاڻي روزانو غسل به ڪندو هو. سندس گهر واري، اهو ڏسي. چڙ ۽ تڪليف وچان ڪيس چوندي هئي،

”وهنجي وهنجي مري ويندين!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪڙي دڪان مان سرهو صابڻ ۽ ولائتي ڳاڙهو ڪپڙو به خريد ڪيو. جنهن سان پنهنجي بدن کي مهٽيندو هو. هاڻي ڪنهن به صورت ۾ تون ڪونه واپرائيندو هو. جيتوڻيڪ اڳي اها ڪيس ڏاڍي وڻندي هئي. هاڻي سندس مرضي هوندي هئي، ته ڪنول وٽ وڃي. ته منجهس بدبوءِ مڙئي گهٽ هجي.

سڄي گهر ۾ ڪنهن کي به اها خبر ڪانه هوندي هئي. ته اهو سڀ ڪجهه ڇا لاءِ آهي. هن پنهنجي پوشاڪ لاءِ ڪپڙو وغيره خريد ڪيو. جيتوڻيڪ أو-لان سدائين سندس جوغا ۽ ٻيا ڪپڙا پوري ماپ تي سهڻا. ڍڳها ۽ وبڪرا ڪري سبندي هئي پر هينئر أو-لان جي ڪتائيءَ ۽ سبائيءَ تي هو ڏاڍو اعتراض ڪندو هو. هو شهري ماڻهن وانگر پنهنجا ڪپڙا درزي ڏي ڪٽي ويو. هلڪي ڀوري رنگ جو چوغو. ڪاري، بنا ٻانهن واري ڪوٽ جي مٿان تورو ڪپڙو وڌيل. ڀهريون ٻيرو هن اهڙي جتي خريد ڪئي، جيڪا ڪنهن عورت جي نهيل ڪانه هئي. جتي ڪاري رنگ جي نهايت نفيس هئي، جهڙي 'رئيس وڏو' ڀهريندو هو.

پر أو-لان ۽ ٻارن آڏو اهي ڪپڙا ڀهريندي. ڪيس اوجتو ئي اوچتو ڦڪائي ٿيڻ لڳي. هن ڪپڙا ڪاغذ جي هڪڙي ڀوري چادر ۾ ويڙهي، اچي چانهه خاني جي هڪڙي سڃاڻو ڪلارڪ وٽ رکيا ۽ پوءِ مٿي وڃڻ کان تورو اڳ ڪلارڪ کيس ڪپڙن مٽڻ لاءِ هڪڙي گوشائتي جاءِ جو ڏس به ڏنو. ان کان سواءِ هن هڪڙي چانديءَ جي، سونو پاڻي چڙهيل. منڊي به خريد ڪئي. جڏهن سندس ڪوڙيل وار ڦٽي آيا. ته انهن کي ڏيساور جو سرهو تيل مکيائين. تيل جي اها بوتل. هن چاندي جو سڄو سڪو ڏيئي ورني هئي.

پر أو-لان کيس حيرت ۾ جاچيندي رهندي هئي. خبر نه ٿي پيس ته ڇا ڪري. هڪڙي ڏينهن ٻنپهرين جو پيٽ کائيندي، مڙس کي گهڻو وقت جاچي ڏسڻ کان پوءِ، فڪرمند لهجي ۾ کيس چيائين،

"تنهنجا افعال ڏسي، مون کي وڏي حويليءَ جو هڪڙو رئيس ياد ٿو اچي."

وانگ لنگ زور سانُ کِلي ڏنو. چوڻ لڳو.

"ڏٺيءَ جو ڏنو اسان وٽ به گنج آهي. ڇا آئون سڄي ڄمار ڄٽ ڏسڻ ۾ اچان؟"

پر دل ئي دل ۾ ياڻ ڏاڍو خوش به ٿيو ۽ گذريل ڏينهن جي پيٽ ۾ ان ڏينهن هو زال سان وڌيڪ مهربانيءَ سان پيش اچڻ لڳو.

هاڻي دولت ۽ چاندي سندس هٿن مان وهڻ لڳي. ڪيس نه رڳو ڪنول وٽ وڃڻ جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي، پر سنديس فرمائشون به پوريون ڪرڻيون پونديون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. هوءَ ٽڏڙو ساهه کڻي پڻڪڻ لڳندي هئي، جڻ ته ڪنهن اڻ پوريءَ تمنا جي ڪري سنڌيس دل اڌوڳابري ٿي پيئي هجي.

"هاءِ، هاءِ! منهنجو نصيب!"

هاڻي وانگ لنگ هن جي آڌو ڳالهائڻ سکي ويو هو. تنهن ڪري جهيڻي آواز ۾ پڇيائين،

"وري ڇا ٿيو، مَنَ؟"

"اڄ تنهنجي آئي مون کي ڪو سک ئي ڪونه ٿو اچي. هوءَ جيڪا ڪمري جي آخري ڪنڊ وٽ ويٺي آهي. اڄ هن کي سنڌس هڪڙي ڇاهڻ واري. وارن جو سونو ڪانٽو آئي ڏنو آهي ۽ مون وٽ اهو ساڳيو پراڻو چانديءَ وارو ڪانٽو پيو آهي. روز اهو ٿي وارن ۾ هڻان." پوءِ هو پنهنجي سر جو قسم کڻي. ڪنول جي ڏکين پاڙين وارن ڪڻ ڏسڻ جي تمنا ۾، سنڌس لسن ۽ گهنڊيدار وارن جي چڳ کي هٿائي، پڻڪڻ لڳو.

"آئون به تو لاءِ سونو ڪانٽو وٺي ايندس، منهنجي من جا موتي!"

پيار جا سمورا نالا ڪنول کيس اهڙيءَ ريت سِيکاري ڇڏيا هئا، جيئن ڪو ننڍڙي ٻار کي نوان نوان لفظ سيکاريندو آهي. ڪنول هن کي سمجهايو، ته هو اهي لفظ کيس چوندو ڪري، پر هو پنهنجي ليکي اهي لفظ چڱيءَ طرح اچاري ڪونه سگهندو هو ۽ هٻڪڻ لڳندو هو. سچي چمار رڳو کيس پوکڻ، لڻڻ، سج ۽ مينهن جي ٻولي ڏانءُ آئي هئي.

اهڙيءَ طرح پنين مان ۽ ڳوٺين مان چاندي نڪرندي آئي. اڳي ته اُو-لان جيڪا کيس ضرور ٽن چوي ها، "پنين مان ملڪيت چو ٿو ڪڍين؟" سا رڳو هاڻي کيس ڏک وچان ڇاڇي دسندي هئي، پر ٻڙڪ به ڪانه ٻاڦيندي هئي. هن کي لڳندو هو، ته وانگ لنگ، ڪائنس ڏار ۽ زمين کان به ڏار، ڪا مختلف زندگي پيو گذاري. پر اها زندگي ڪهڙي قسم جي هئي؟ تنهن جي کيس ڄاڻ ڪانه هئي. اُو-لان انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪائنس ڊڄندي هئي. جنهن ڏينهن مڙسهنس صاف صاف کيس چئي ڏنو هو، ته نه سنڌس وارن ۾ ڪا سونهن آهي ۽ نه سنڌس وجود ۾ ڪو موهه؛ جڏهن کيس سنڌس پير ڏکيا ۽ ٻي ڊولا لڳا هئا. هن جي ڪاوڙ جي ڪري، جيڪا هر وقت مٿيس ئي هوندي هئي، هوءَ خوف وچان ڪائنس ڪو به سوال ڪانه ڪندي هئي.

هڪ ڏينهن ٻنيءَ تان گهر موٽندي وانگ لنگ سنڌس ويجهو آيو. اُو-لان اوڏيءَ مهل تلاءَ تي مڙس جا ڪپڙا پئي ڌوتا. پهرين ته ٿورو وقت هن جي پرسان ماٺ ڪري بيٺو رهيو ۽ پوءِ ڦڪائي ڪري، ڪهرائيءَ سان چوڻ لڳس،

"تو جيڪي موتي ڪنيان هئا، اهي ڪٿي آهن؟"

أو-لان جنهن پٿر جي سر تي ڪپڙا پٽي سٽيا. تنهن تان نظر هٽائي هن ڪي نيڊيءَ اک سان ڏسي. جواب ڏنو.

"موتي؟ مون وٽ پيا آهن."

هن مٿس سڌي نظر وجهڻ کان سواءِ، هن جي پسيل ۽ گهنجيل هٿن تي نهار ڪندي پڇيو.

"ايئن ئي. بنا ڪنب آڻڻ جي موتي رکڻ جو ڪو ڪم ڪونهي."

هوءَ هوريان هوريان چوڻ لڳي.

"مون سوچيو هو، ته جهومڪن ۾ وجهائيندي سي." وري مڙس جي ٺهڪ کان خوف کائيندي چيائين. "ننڍي ڇوڪري پرڻبي ته ان کي به ڏيج ۾ ڏينديس."

وانگ لنگ دل جهلي زور سان چيو.

"هائي. اها ڪاري ڳپ جهڙي به موتي پهريندي! موتي هوندا آهن سهڻين زالن لاءِ." پوءِ هڪ لحظي لاءِ مرڪي، اوچتو چيائين.

"مون کي ڏي اهي. ڪپ آهي."

أو-لان هوريان هوريان پنهنجو گهنجيل آلو هٿ، پنهنجي ڪيسي ۾ وڌو. ننڍڙي ڳنڍ ڪڍي مڙس کي ڏنائين، ۽ کيس ڳنڍ کوليندو ڏسڻ لڳي. سندس هٿ ۾ موتي اچي پيا، جيئڪي سج جي روشني ۾ پوري آب تاب سان چمڪڻ لڳا. وانگ لنگ کلڻ لڳو ۽ أو-لان پيهر ڪپڙا سٽڻ ۾ لڳي ويئي. جڏهن سنديس اکين ۾ لڙڪ ترڻ لڳا ته پنهنجو هٿ لڙڪ اگهڻ لاءِ مٿي به ڪونه کنيائين. فقط پٿر جي سر تي پيل ڪپڙن کي ڪاٺ جي ڏنگريءَ سان زور زور سان سٽڻ لڳي.

باب ويهون

پوءِ ٿيو هيئن جو سموري جاندي ختم ٿي وڃي. تنهن کان اڳ وانگ لنگ جو چاچو موٽي آيو. اهو ڪونه ٻڌايائين ته هو ڪٿي هو يا ڇا ڪندو هو. دروازي تي ايئن اچي بيٺو. جڻ اڄ تائين نازل ٿيو هجي. ڦاٽل ڪپڙا، بيڙا ٽنل، هميشه وانگي هينئر به بدن تي لٽا ليڙون ٿيو پئي لڙڪيس. هميشه وانگي چهري تي اس ۽ هو. سڀان گهنج ۽ سختي ڇانيل هئس. نيرن تي سڀ سندس جوڏاري وينا هئا ۽ هو ٿڪائيءَ واري ڪِل ۾ پدو پيو هو. وانگ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪ سڌو وانڱو ٿيو وينو هو. هن کي تہ ڳالهہ ئي وسري ويئي هئي. تہ ڪو چاچهنس جيئرو بہ آهي. هن لاءِ سندس مٺل چاچو جهڙوڪر جيئرو ٿي آيو هجي. سندس پوڙهو پيءُ، ياءُ کي ڏسي. رڳو اکيون چنبيندو رهيو ۽ جيسنائين نہ ڳالهايائين. تيسنائين سجاتائينس ئي ڪونہ.

"واهہ واهہ! ياڻو وڏا. بہين. انهيءَ جا پٽ ۽ پاچائي."

وانگ لنگ اٿيو. دل ۾ هڪو ٻڪو. منهن تي سرهائي ۽ آواز ۾ شائستگي آڻي چيائين.

"چڱو. چاچا سائين. اوهان ماني کاڌي آهي؟"

"نہ" . چاچهنس سنئون سڌو جواب ڏنو. "اسين توسان گڏ کائيندس." پوءِ هو ويهي رهيو ۽ ٿالهي ۽ تيليون پاڻ ڏي سيريائين ۽ پٽ. خشڪ لوٽيل مڇي. ڇهريون گجرون ۽ خشڪ جونڙا؛ جيڪي بہ ميز تي موجود هو. تنهن کي جنبي ويو. مانيءَ کي اهڙي طريقي سان لڳو پيو هو. جهڙو ڪو صفا بکيو هجي. جيسنائين هن ڇانورن جي رب جا ٽي پيالا پي ختم نہ ڪيا ۽ تڪڙو تڪڙو ڏنن سان مڇيءَ جا ڪنڊا ۽ جونڙن جي ڳر ڪُرٽيندو نہ رهيو. تيسنائين سڀ ماٺ ڪيو وينا رهيا. جڏهن ماني کائي بس ڪيائين. تہ صاف صاف چوڻ لڳو. چڻ تہ اهو سندس حق هجي.

"اسين هاڻي ننڊ ڪندس. اسين ٽن ڏينهن کان سُتو ئي ڪونہ آهيان"

وانگ لنگ گهبرائجي ويو. خبر ئي نہ پئي پيس تہ ڇا ڪري. پوءِ اٿيو ۽ ڪيس پنهنجي پيءُ جي ڪمري ڏانهن وٺي هلڻ لڳو. سندس چاچي کاڌيلا ڪنيان. جيڪي سٽي ڪيڙي ۽ صاف ۽ نئين ڪپهہ مان نهيل ٿي لڳا. هن کاٽ جي پلنگ. ميز ۽ هڪ وڏي آرام ڪرسيءَ تي نظر ڪئي. جيڪي وانگ لنگ پنهنجي پيءُ جي ڪمري لاءِ خريد ڪيون هيون.

چاچهنس چيو.

"مون ٻڌو هو. تہ تون ٻئسي وارو ٿي ويو آهين. پر مون کي اها خبر ڪانہ هئي تہ ڪو تو وٽ هيترو ٻئسو هوندو." هن پاڻ ڪٽي هنڌ تي سٽيو ۽ ڪلهن تي سوڙ ويڙهي ڇڏيائين. سياري جي هوندي سوڙ ڏاڍي گرم هئي. هو هر شئي کي ائين استعمال ڪندو رهيو. جهڙي سندس هجي. پوءِ وڏيڪ ڳالهائڻ بنا سمهي رهيو.

وانگ لنگ سوچ ۾ ٻڏو. وچئين ڪمري ۾ واپس وريو. ڪيس پڪ هئي تہ هاڻي چاچهنس کي گهر مان ٻاهر ڪڍڻ ڏاڍو اٺائو آهي ۽ ڪيس ڪاراٿو بہ پوندو.

جنهن ڳالهہ جو ڊپ هو نيٺ اها ئي ٿي. سندس چاچو ٻنيهرن لڙڻ کان پوءِ

گهلجي هند مان نڪتو. تي پيرا وڏيون اوٻاسيون ڏيئي، ڪپڙا ڪلهن تي رکي هو ڪمري کان ٻاهر نڪتو ۽ اچي وانگ لنگ کي چيائين.

"هاڻي آئون ٻايان. ته زال ۽ پٽ کي ٻه گهرائي وٺان. تي ئي ته پيٽ هونداسين. اسان جي ڪاڏي پيٽي ۽ جوڙڻ ماٺڻ مان. ڀلا هيڏي وڏي گهر ۾ ڪا کوٽ ته ڪانه پوندي!"

وانگ لنگ ڪجهه به ڪونه ڪڇيو. فقط بيزاريءَ مان اها ورندي ڏنائين ته ڪنهن ماڻهوءَ وٽ گهٽي ڪجهه بچت هجي ته پوءِ چاچي ۽ سوٽ کي ڪڍي ڇڏڻ به وڏي ڦڪائيءَ جي ڳالهه آهي. وانگ لنگ کي خبر هئي ته جيڪڏهن پاڻ ايئن ڪيائين، ته ڳوٺ ۾ سندس لاءِ اها ڦڪائي جهڙي ڳالهه ٿيندي؛ ڇاڪاڻ ته هينئر هو پنهنجي خوش بختيءَ جي ڪري سڄي ڳوٺ ۾ معزز ليکيو ويندو هو. ان ڪري ڪيس ڪجهه ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانه ٿي. هن پنهنجي ڪمين کي پراڻي گهر ۾ وڃي رهڻ جو حڪم ڏنو، ته جيئن دروازي جي پر وارا ڪمرا واندا ٿين. نيڪ انهيءَ ڏينهن سندس چاچو. زال ۽ پٽ سوڏو واپس پڄي ويو. وانگ لنگ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. ڪيس گهٽي چڙ ته رکو ان ڳالهه تي هئي. ته سڀ ڪجهه دل ۾ لڪائي رکڻو ٿي پيس. ماڻن جو آڌرڀاءُ ڪرڻو هوس، ۽ کين مرڪي مرڪي ورائي ڏيڻي ٿي پيس. اها ڳالهه ڪيس تڏهن به ڪن تي پئي هئي، جنهن وقت پاڻ سندس چاچي جو ٺلهو ۽ رکو منهن ڏٺو هئائين ۽ ايئن سمجهيو هئائين. ته ڪاوڙ ۾ ڦاٽي نه پوي يا جڏهن سوٽس جو گستاخ چهرو نظر آيس. ته الائي ڪيئن مس مس پنهنجي هٿ کي ٿڦڙ هڻڻ کان روڪي سگهيو هو. پوءِ ڪاوڙ ۾ هو ٽي ڏينهن شهر به ڪو نه ويو.

جيڪي وهيو واپريو پئي، تنهن جو جڏهن هيراڪ ٿي ويو، ته او-لان چيس.

"ڪاوڙ لاهي ڇڏ. هاڻي سڀ ڪجهه سهڻو پوندو." وانگ لنگ ڏنو ته سندس چاچو ۽ سوٽ ڪاڏي پيٽي ۽ آجهي جي معاملي ۾ ڏاڍا ڪي بدعادتا هئا.

پوءِ ڪنول جي معاملي ۾ سندس دل ۾ اڳي کان به وڌيڪ بي قراري پيدا ٿي پئي ۽ هو پنهنجو پاڻ سان پڇڻ لڳو.

"ماڻهوءَ جو گهر جڏهن ڇتن ڪتن سان ڀريو پيو هجي. ته پوءِ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي سڪون جي ڳولا ڪئي وڃي."

پوءِ اهو ئي ساڳيو درد. اها ئي ساڳي تپش سندس وجود ۾ پڙڪي اٿي. اڄ به ڪيس پنهنجي پيار بابت اطمينان حاصل ڪونه هو.

جنهن ڳالهه جي او-لان کي پنهنجي سادگيءَ جي ڪري، خبر ئي ڪانه پئجي سگهي هئي ۽ پوڙهو پنهنجي وڏي جمار جي ڪري، ڇاڪاڻ ته ڪونه سگهيو هو ۽ چنگ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياريءَ جي ڪري اها سَنڌ ڪانہ پئي هئي. اها وانگ لنگ جي چاچيءَ ڪي يڪدم پئجي ويئي. هن وٽي دانهن ڪئي. ٿهڪن جي ڪري سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

"اج ڪلهہ وانگ لنگ ڪنهن نئين گل چوندڻ پنيان اٿئي." هوءَ کلي ويئي

"چانهينءَ ڪي ماٿهو هميشہ وڏي واڪي ڪري رکي، تہ پلي پچ پيو نظر اچي. سمجهئي سڏي سنئين ڳالهہ اها اٿئي، تہ تو وارو مڙسالو ڪنهن ٻيءَ رن جي پنيان چريو ٿي سو اٿئي!"

هڪ ڏينهن صبح جو سوير، وانگ لنگ پنهنجي پيار جي ڪري اداس ئي اداس ليٽيو پيو هو. هن اها ڳالهہ پنهنجي ڪمري جي دريءَ جي ٻاهران اڱڻ ۾ سندس چاچيءَ جي واتان جوٽس ڪي چوندي ٻڌي ورتي. هو يڪدم جاڳيو ۽ زالس جي اکين جي تيزيءَ ٿي ششدر ٿي، وڌيڪ گفتگو ٻڌڻ لڳو.

"مون ڪيترائي مرد ڏٺا آهن. جڏهن ڪو وار لسائي ۽ اوچتو ئي اوچتو نوان نوان ڪپڙا خريد ڪري ۽ نفيس جتي پهرڻ لڳي، تہ پوءِ پڪ ئي پڪ معاملو ڪنهن ٻي نئين زال جو سمجهڻ کپي."

أو-لان جو اداس اداس آواز ابريو. چا چيائين، سو وانگ لنگ سمجهي ڪونہ سگهيو. پر وري بہ سندس چاچيءَ چيو.

"ءِ ها، ٻڌ چري! اهو نہ سمجهڻ کپي، تہ ڪنهن بہ مڙس لاءِ هڪ زال ڪافي آهي. پلا جي ڪا زال پورهيت آهي ۽ مڙس لاءِ ڳهي ڳهي ماس ئي ڳاري ڇڏيو هجيس، تہ اهڙي تہ بلڪل ڪافي ڪانهي. مڙس جو لاڙو هڪدم ٻئي پاسي وهي هلندو آهي ۽ پوءِ تہ ويچاري چري مڙس جي ترنگ لاءِ بلڪل مناسب ناهين. تون بس هن لاءِ پورهيو ڪرڻ ڪري ڏاند ڪان مڙئي ڪجهہ مٺيري آهين. تون چا لاءِ ٿي ملول ٿين؟ هن وٽ دوڪ هي. ٻي ڪا بہ خريد ڪري گهر ۾ آڻي سگهي ٿو. سڀ مرد اهڙا ٿيندا اٿئي. هو مون وارو پوڙهو نڪمو، سو بہ اهڙو ئي اٿئي. رڳو نياڳي ڪي سڄي جمار پنهنجي پيٽ پرڻ جيترو بہ پئسو هٿ ڪونہ آيو."

هن پيو بہ ڳهٽيئي ڪي چيو. پر بستري ۾ سٽي پئي. وانگ لنگ وڌيڪ ڪجهہ ڪونہ ٻڌو. جيڪي ڪجهہ سندس چاچيءَ چيو هو. تنهن سندس سوچڻ بند ڪري ڇڏيو. اوچتو هن ڪي نظر اچڻ لڳو، تہ ڪنول جي اڄ ۽ ٻڪ ڪيئن ختم ٿيندي. پاڻ ڪنول ڪي خريد ڪري گهر وٽي ايندو ۽ ڪيس پنهنجو بنائي ڇڏيندو، تہ جيئن ڪو بہ پيو مرد وٽس نہ اچي سگهي ۽ پاڻ ڪائي ٻي آرام سان رهي سگهي. هو يڪدم هنڌ مان اٿيو. ٻاهر نڪتو ۽ لڪندو ڇپندو سندس چاچيءَ ڏي هليو ويو. پوڙهي سندس پويان، در جي ٻاهران، ڪجيءَ

جي وڻ وٽ اچي پهتي. جتي ڪير به سندن ڳالهيون ٻڌي نه ٿي سگهيو. هو ڪيس چوڻ لڳو.

”تو جيڪي به اڳ ۾ چيو پئي. سو سڀ مون غور ڏئي ٻڌو. تون صحيح آهين. مون کي هڪ ڪان وڌيڪ عورتن جي ضرورت آهي ۽ ڇو نه هجي؟ مون وٽ پاڻ کي توڙي سيني کي پالڻ لاءِ زمين آهي.“

هن جي ڳاجهيءِ جوش ۾ زور سان ورائيو.

”ها. ها! ڇو نه؟ موچاري نصيب وارا سڀ اهو ڪم ڪندا آهن. رڳو مسڪين ماڻهو ئي ساري ڄمار هڪ ناتو ۾ ڪاٽي ٻي گذاري ويندا آهن.“ ٻوءِ هوءِ ڳالهائيندي رهي. ڪيس خبر هئي ته هائي هو ڇاڇا چوندي. هوءِ ٻنهنجي منصوبي ٻنادر ڳالهه جاري رکيو آئي.

”ٻر منهنجي ڀاران ڳالهه ڪير هلائيندو؟ مرس پاڻ ته ڪونه وڃي ڪنهن زال کي چوندو. ته 'منهنجي گهر ۾ اچ.'“

ان تي سندس ڄاڄي سنٿون سڌو جون لڳي.

”ٺيڪ . اهو معاملو تون مون تي ڇڏي ڏي. رڳو ايترو ٻڌاءِ ته زال ڪهڙي آهي. آئون ٻاڻهي ڪم ناهي ڇڏينديس.“

خوف مان نه ڄاهيندي به وانگ لنگ جواب ڏنو. جيتوڻيڪ اڳي هن ڪڏهن به ڪنول جو ناتو ڪنهن به ماڻهو جي اڳيان ڏاڍيان نه ڪنيون هو.

”ان عورت جو ناتو ڪنول آهي.“ ڇڻ ته اهو ناتو هر ماڻهوءَ جو ٻڌل هجي ۽ ڪيس هرڪو سڃاڻندو هجي. ڪيس اها ڳالهه ئي وسري ويئي. ته رڳو به سال اڳ ڪيس به اها خبر ڪانه هئي. ته انهيءَ ناتي واري ڪا عورت موجود آهي. هو سخت اتاولو ٿي پيو. سندس ڄاڄيءِ وڌيڪ پڇيس.

”ڪهڙ ڪٿي اٿس؟“

”ڪٿي اٿس.“ هن رڪائيءِ سان چيو. ”اهو ڄاڻهه خانو ڪونهي شهر واري وڏي رستي تي. پيو وري ڪٿي.“

”اهو. جيڪو ڪمن جو گهر ڪونبو آهي؟“

”اهو نه ته پيو ڪهڙو!“ وانگ لنگ زور سان چيو. عورت هڪ لحظي لاءِ ڪجهه سوچيو. ننهنجي هينئين جي تي اگر رکيائين ۽ ٻوءِ ويهي رهي سڀ ڇيائين.

”آئون ته اتي ڪنهن کي به ڪانه سڃاڻان. ڪو نه رستو ڳولي ڪڍڻو پوندو. پلا تي زالن جي سنڀال ڪير ٿو ڪري؟“

وانگ لنگ جڏهن ڪڪو جو نالو ڪنيون. جيڪا ودي حويلي. م پرنهي هوندي هئي. تہ سندس چاچي ڪلي چوڻ لڳي.

"ازي اِها!؟ اها ساڳي آهي نہ. جيڪا جنهن رات 'رئيس ودي' جهان ڇڏيو هو تہ سائس ستل هئي؟ جڳو تہ پوءِ اها بائهي ڪم ڪندي. "ها. ها. ها!" هوءَ وري ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳي. پوءِ آرام سان چوڻ لڳي. "اها آهي. پوءِ تہ ڪم سڄي صفا سولو آهي. هر ڳالهہ صاف ۽ سڌي. اها تہ هر ڪم ڪري ويندي. اصل ڪان ئي اهڙي آهي. اصل جبل بہ ناهي ويندي آهي. رڳو مٺ گرم ڪجيس."

اهو ٻڌي اوچتو وانگ لنگ جو وات خشڪ ٿيڻ لڳو ۽ سندس آواز پٽڪو بنجي نڪتو.

"چاندي. سون. ڪهڙي بہ شئي. اصل زمين جي باري باري بہ."

حيرت جي ڳالهہ ها ٿي. جو پنهنجي عشق جي باهہ جي برخلاف. وري وانگ لنگ چانهہ خاني م ڪونہ ويو. جيستائين سندس معاملو وڃي ٺيڪ ٿيو. هن پنهنجو پاڻ کي چيو.

"جيڪڏهن هوءَ منهنجي گهر م نہ آئي ۽ فقط منهنجي نہ ٿي سگهي. تہ آئون پنهنجي سِسي لٿي ڇڏيندس. پر وري ويجهو نہ ويندو سانس."

پر جڏهن هو انهن لفظن تي سوچيندو هو. ـ جيڪڏهن هوءَ نہ آئي. تہ ڏپ م ڪيس پنهنجي دل بيهندي محسوس ٿيندي هئي ۽ هو سندس چاچيءَ ڏانهن ڀڄندو هو. ۽ چوندو هوس.

"ڏسو پئسي جي ڪوٺ جي ڪري ڪم خراب نہ ٿيڻ کپي." يا وري چوندو هو.

"تو ڪڪو کي ٻڌايو تہ مون وٽ پنهنجو تمام گهڻو سون ۽ چاندي پيل آهي؟ ٻڌائينس. تہ منهنجي گهر م کيس ڪنهن بہ قسم جو ڪم ڪار ڪرڻو ڪونہ پوندو. کيس پهرڻ لاءِ رڳو ريشم ملندو ۽ پنهنجي مرضيءَ تي روز سٺ رڃي کائيندي." ان تي ٿلهي عورت اٿاولائيءَ مان اکيون اڳتي پوئتي ڦيرائي. رڙ ڪندي هئي.

"هاڻي گهڻيئي ٿيو. آئون ڇري آهيان يا بهريون سيرو تي ڪنهن مرس ۽ ڇوڪريءَ جو سڱ ناهيان؟ مون کي ڇڏي ڏي. آئون پاڻهي ڪم ڪنديس. سڻو پيرا مون هر ڳالهہ چئي آهي."

پوءِ ڪا ڳالهہ ئي ڪا نہ رهي. وانگ لنگ رڳو ويهي ٺهي ڪترڻ لڳو. ڪنول اوجنو گهر اچي ڏسي. سو انهيءَ لاءِ او-لان جي پويان باهہ باري ڏنائين. هيٺن ڪر. هوئڻ ڪر. بهاري ڪڍ. فرش ڌوءَ. ميزون ڪرسيون هتان ڪٽي هت رک. ويچاري او-لان زال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات جيئن پوءِ. تيئن وڏيڪ ڏڪاري ٿيندي ويئي. ڪجهه ڪانه ٿي. پر جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو هو سو هائي چگيءَ طرح ڄاڻي ويئي هئي.

هائي نه وانگ لنگ. اُو-لان سان سمهي به ڪونه سگهندو هو. هن کي خيال آيو ته پن زالن واري گهر ۾ وڏيڪ ڪمرا ۽ اڱڻ هئڻ ضروري آهي. اهڙي جاءِ هجي جتي هو پنهنجي پيار سان اڪيلائيءَ ۾ رهي سگهي. ان ڪري جيستائين سندس چاچي معاملو ناهي. هن پنهنجي ڪمين کي وچئين ڪمري جي پويان. نئون اڱڻ ۽ اڱڻ جي چوڌاري ٽي ڪمرا. وچ ۾ هڪڙو وڏو ۽ پاسن کان به ننڍا ڪمرا. ناهڻ جو حڪم ڏنو. ڪمي لڳا هن جي منهن ۾ نهارڻ. پر جواب ڏيڻ جي جرئت ڪنهن کي به ڪانه ٿي. هو ڪا ڳالهه ئي ڪونه پڌائيندو هون. ڪم جي نگراني به پاڻ ئي ڪندو هو. ويندي چنگ کي به ڪونه پڌايائين. ته ڳالهه ڇا آهي. مزور پنيءَ مان مٽي ڳڏي ڪٽڙ آيا ۽ پٽيون ناهي لٽائون. وانگ لنگ ڇت جون سرون خريد ڪرڻ لاءِ مائهو به شهر موڪليو.

جڏهن ڪمرا نهي ويا ۽ زمين ناري. مٽانهنس لپيو اڇي فرش نهي ويو. ته سرون خريد ڪيون ويون. مزورن ڳچ سان سرون جڙي. ڪنول جي ٽنهي ڪمرن جو فرش پڌي راس ڪيو. وانگ لنگ دروازن جي پردن لاءِ ڳاڙهو ڪپڙو. به آرام ڪرسيون ۽ ميز خريد ڪئي. جيڪي پنهي پاسن کان رکيون ويون. ميز جي پويان پٽين تي ٽنگڻ لاءِ. ٽڪرين ۽ جهرڻن جي ڏيک وارا رنگين پردا پڻ خريد ڪيا ويا. هو ڳاڙهي رنگ جي. سهڻي ڍڪ واري هڪڙي پيتي وٺي آيو ۽ ان ۾ ترن جا ڪيڪ ۽ قيمي واري مٺائي وجهي ميز تي سينگاري رکيائين. هن هڪ ويڪرو ۽ اونهو. گلن وارو پلنگ به ورتو ۽ چوگرد پٽين تي ٽنگڻ لاءِ رنگين گلن وارا پردا به خريد ڪيا. پر اهو ڪم ڪرڻ لاءِ اُو-لان سان صلاح ڪرڻ ۾ ڪيس ڏاڍي ڏڪيائي ٿيندي هئي. ان ڪري شام جو جڏهن سندس چاچي واپس آئي. ته ان اچي پردا ٽنگيا ۽ پيو به اهو سمورو ڪم ڪار پورو ڪيو. جنهن جي مرد مائهن کي ڪا ڄاڻ ئي نه هوندي آهي.

سمورو ڪم پورو ٿي ويو. ڪا به ڳالهه ڪانه رهي. سڄو سارو مهينو رابين جو لنگهي ويو. پر اجان تائين معاملو مڪمل ڪونه ٿيو. ڪنول لاءِ جوڙيل گهر جي ڪُنڊ ۾ وانگ لنگ اڪيلي سِر پاڻ کي وندرايو ويٺو هوندو هو. هن کي اڱڻ جي وچ ۾ ننڍڙو ڦوهارو نهرائڻ جو خيال آيو. مزور گهرايائين. جن ٽي فوٽ چورس ڪوٽي. ان جي فرش بندي ڪئي. پوءِ وانگ لنگ شهر ويو ۽ تلاءَ ۾ رکڻ لاءِ ٽي سونهري مڇيون وٺي آيو. اجان به پي ڪا وڏيڪ ڪرڻ جهڙي ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ ڪانه ٿي آئي. ان ڪري وري به واندو ئي واندو. اتاولو ۽ بي سڪون ٿي اوسيئڙو ڪندو رهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ سموري وقت ۾ هو ڪنهن سان ڳالهائيندو به ڪونه هو. بار حرڪت ڪندا هئا. ته انهن کي چڙبيندو هو يا ته او-لان تي چڙهي ويندو هو. ته ٽن ڏينهن ڪان ڦٽي ڪانه ڏني ائي وغيره. آخرڪار، هڪڙي ڏينهن صبح سان او-لان اڃي لڙڪن ۾ پٽي ۽ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. هوءَ ويچاري اڳي ڪڏهن به ايئن ڪانه رني هئي. ويندي ان وقت به نه، جڏهن ڏڪار جي ڪري ٻڪن ۾ پاهه پيا ٿيندا هئا ۽ نه ٿي ڪنهن ٻئي وقت. وانگ لنگ چڙي چيس.

"اڇهو، رن! وري ڀلا ڇا ٿيئي؟ آئون توکي ايترو به نه چوان، ته گهوڙي جي پڇ جهڙن پنهنجن وارن کي ڦٽي ڏي؟"

او-لان ڪو به جواب ڪونه ڏنو. رڳو سڏڪندي سڏڪندي ايترو سو چيائين.

"مون توکي پٽ ڄڻي ڏنا آهن... پٽ ڇاوا اٿم."

وانگ لنگ خاموش ٿي ويو. سڪ ئي نه پئي آيس. پنهنجي منهن پٽڪڻ لڳو. او-لان جي آڏو ڪيس ڦڪائي اچڻ لڳي، ان ڪري ڪيس اڪيلو ڇڏي ڏنائين. اها حقيقت هئي، ته قانوني طرح ڪيس او-لان ڪان ڪا به شڪايت ڪانه هئي. هن ڪيس تي پٽ ڄڻي ڏنا هئا ۽ ٽئي جيئرا هئا. پنهنجيءَ ان خواهش ڪان سواءِ هن وٽ ڪو به بهانو ڪونه هو.

ايئن وقت گذرندو رهيو. هڪ ڏينهن سندس چاچي وٽس آئي، "ڪم تيار آهي. رکوال عورت جو چوڻ آهي، ته چانهه خاني جي مالڪ جي ترڀءَ تي جيڏيءَ مهل به سئو سڪا رکيا، ته پاڻهي ڪم ڪري ڏيندو. ڇوڪريءَ لاءِ فيروزي جا جهومڪ، هڪڙي فيروزي جي ۽ هڪڙي سوني منڊي، ٻه جوڙا ريشمي، ٻه جوڙا ساٽن جا، هڪ درجن جتيون ۽ بستري لاءِ ٻه ريشمي چادرون چيون اٿن."

پر انهيءَ سڄي جهڳيءَ ۾ وانگ لنگ رڳو ايترو ٻڌو، ته "ڪم تيار آهي." وٺي رڙ ڪيائين، "پوءِ ته جهٽ ڪري وٺو." اهو چئي اندرئين ڪمري ڏانهن ڀڳو ۽ چاندي ڪڍي سندس چاچيءَ کي ڏيڻ لڳو. پر لڪائي لڪائي. چاڪاڻ ته اجان به سندس مرضي ڪانه هئي ته ڪو ڏسي وٺي. ته سالن جي سٺي فصل جي ڪمائي، هيئن پئي وڃي. چاچيءَ کي چيائين.

"تون پنهنجي لاءِ انهن مان ڏهه سڪا رکي ڇڏ."

چاچهنس لڳي نمان نمان ڪرڻ. پنهنجو ٿلهو بدن پوئتي هٽائي، ڪنڌ هيڏانهن. هوڏانهن ڌوڻي، پٽڪا ڪري، رڙ ڪيائين،

"نه . نه، آئون نه. ٻاڻ ته هڪرو گهر آهيون. تون ته منهنجو پٽ آهين. آئون تنهنجي ماءُ. اهو ڪم مون تنهنجي سر لاءِ ڪري ڪيو آهي، نه ڪي پئسي لاءِ." پر وانگ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگ ڏنو ته بوڙهي انڪار ڪرڻ مهل به هٿ ڏکيريو بيٺي هئي. هن ڳپل ڪن چاندي ڪٽي سنديس هٿ تي رکي ۽ سمجهي ويو ته اها سجائي ٿي.

بوءِ هو. سوئر ۽ ڍڳي جو گوشت. مڇي. بانس جا گونچ. شاهه بلوط جا داڻا سورڪي ناهڻ لاءِ مصالح. سڪل مڇيءَ جون ڳيپون ۽ جيڪا به ڪا لذيذ شئي ڪيس سجهندي هئي. اها خريد ڪري آيو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو. پنهنجي اندر جي سموري بي صبري. بيچيني ۽ بيقراريءَ سان. اونهاري جي پڇاڙيءَ ۾. انين مهيني جي هڪ روشن ۽ گرم ڏينهن هوءِ برتجي سندس گهر ۾ داخل ٿي. بري ڪان ٿي وانگ لنگ کيس ايندي ڏنو. هوءَ بانس جي هڪري بند ڪجاوي ۾ سوار هئي. جيڪو مائهو ڪلهن تي کنيون پٺي آيا. هو پنيءَ جي پاسي وارن بيجرن تان ڪجاوي کي هيڏانهن هوڏانهن لوڏا کائيندي ڏسندو رهيو. ڪجاوي جي بويان ڪڪو پٺي آئي. پوءِ هڪ لحظي لاءِ کيس خوف وڪوڙي ويو.

"گهر ۾ ڪنهن کي بيو ونيو وجان؟" هن پڇيو.

مس مس ڳالهه سمجهه ۾ آيس. ته ڪيو چا اٿس. تکڙو تڪڙو ڪمري ۾ ويو. جتي ساڻن ڪان پنهنجيءَ زال سان گڏ رهندو آيو هو. دروازو بند ڪري چڏيائين ۽ ڪمري جي اونده اندر پشيمان بيو. ڪنهن لاءِ منتظر بيٺو رهيو: ايستائين جو سندس چاچيءَ جو آواز پڌائين. جنهن کيس ٻاهر اچڻ لاءِ پٺي سڏيو.

آهستي آهستي ٻاهر اچڻ ڪانّ اڳ هو شرمائڻ لڳو. چڻ ته اڳ ڪڏهن به ڪا چوڪري ڏٺي ئي نه هجيس. بسترو ڪٽي ڪلهي تي رکيائين. چوڌاري اکيون ڦرڙائيندو رهيو. پر اڳتي نظر ڪانه ٿي ڪيائين. ايتري ۾ خوشيءَ وچان ڪڪو اچي کيس جهليو.

"واه! مون ته سمجهيو ئي ڪونه هو. ته ڪو ٻاڻ هي سودو به ڪنداسين."

پوءِ هوءِ اڳتي وڌي ڪجاوي وٽ ويئي. جيڪو مائهن ڪلهن تان لاهي زمين تي ڪٽي رکيو هو. ڪڪو ڪجاوي جو پردو ڪٽي حڪار ڏيئي چيو.

"ٻاهر اچ ڪنول! اجهو سنهجو گهر ۽ اِجهو هيءُ تنهنجي سر جو سائين."

پر وانگ لنگ اچي ڪڪ ٿيو. هن ڏنو ته ڪهارن جي چهرن تي ٺٺول جا نشان اُڀري آيا هئا. هن دل ۾ سوچيو.

"اهي بيٺسان شهر جي گهٽين جا رولاڪ. ٺڪي جا مائهو." کيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي. منهن تبي ڪرڙهو ٿي ويس. ان ڪري ڏاڍيان به ڪونه ڳالهايائين. پردو هٽيو. ته ان ڪان اڳي جو کيس ڪا خبر پوي. ڪجوي جي هڪ پاسي کان وينل. بنفشي جي گل جهڙي من موهيندڙ ۽ خاموش چوڪري. ڪنول نظر آئي. هن ڪان هر ڳالهه وسري ويئي. ويندي شهر وارن تي ڪاوڙ به. رکو. بترو ياد هوس ۾ ته هن اها عورت ٻاڻ لاءِ خريد ڪري ورتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿي ۽ اها هميشہ لاءِ سندس گھر ۾ داخل ٿي هئي. هو خالي خالي بيٺو. ڪنبندو رهيو ۽ ڇوڪريءَ کي ڏسندو رهيو. هوءَ اهڙي شان ۽ نزاڪت سان آئي. جھڙو ڳنن کيُ ڇھي لنگھندڙ هير جو جھونڪو هجي. هو کيس ڏسندو رهيو. اکيون هٽائي ٿي نہ ٿي سگھيو. ڪنول. ڪڪوءَ جو هٿ جھلي، ننڍيون ننڍيون وکون کڻي، ٻاهر نڪتي. هڻ مهل ڪنڌ هيٺ ڪري، اکين جا ڇپر جھڪائي ڇڏيائين. پنهنجي ننڍڙن پيرن تي ترندي، هوءَ ڪڪو جي مٿان آهنجي هلڻ لڳي.... جڏهن هوءَ وانگ لنگ جي پرسان اچي لنگھي. تہ سائس ڪو لفظ بہ ڪونہ ڳالهايائين. رڳو پٽڪو کيائين.

"منهنجو گھر ڪٿي آهي؟"

وانگ لنگ جي چاچي اڳتي وڌي ٻئي ٻاسي ڪان تي آيس. ٻئي ڄڻيون. ڇوڪريءَ کي وچ ۾ ڪري، انهن نون نهيل ڪمرن واري گھر ڏانهن وٺي آيون جيڪو وانگ لنگ سندس لاءِ ٺهرايو هو. وانگ لنگ جي گھر وارن مان ڪنهن بہ کيس ايندي ڪونہ ڏٺو. وانگ لنگ ان ڏينهن سڀني ڪمين ۽ چنگ کي ٻري واري ٻنيءَ تي ڪم لاءِ موڪلي ڇڏيو هو. او-لان الائي ڪيڏانهن هلي ويئي هئي ۽ ننيا ٻار بہ پاڻ سان کڻي ويئي هئي. ٻئي وڏا ڇوڪرا اسڪول هليا ويا هئا. پوڙهو پيءُ جي ٻاچولي ۾ ستو پيو هو. تنهن تہ. نہ ڪجھہ ٻڌو نہ ڏٺو. باقي رهي 'ننڍڙي حرڙي' سو ان ويچاريءَ کي تہ خبر ئي ڪانہ پوندي هئي. تہ ڪير آيو. ڪير ويو. ماءُ پيءُ کان سواءِ. تہ ڪنهن کي سڃاڻيندي بہ ڪانہ هئي. جڏهن ڪنول ڪمري اندر لنگھي ويئي. تہ ڪڪوءَ پويان پردو لاهي ڇڏيو.

ٿوري وقت کان پوءِ وانگ لنگ جي چاچي ٻاهر آئي ۽ منهن جي پڪائي ڪري ٺورو کليائين. پنهي هٿن کي ٺوري اچل ڏنائين. ڄڻ منهان پيل ڪا شئي اچلائيندي هجي. "سچي خوشبوءِ ۾ وهنتي ٻيٺي آهي. رنگ ٺڦيو پيو اٿس." کلي ڳالهہ جاري رکيائين. "ڪو سونگھيس تہ خبر پئجي ويندس." پوءِ موڙو ڏيئي ٺنول ۾ چيائين. "ٻڄا. اينري بہ ننڍي ڪانهي جيتري ڏسڻ ۾ ٿي اچي. اٿون تہ جوان ٿي تہ انهيءَ عمر جي بہ ڪانهي جو ڪو مرد اک کڻي مٿس نهار ڪري. مون کي تہ شڪ آهي. تہ رڳو موتين ۽ سون جي ڳهڻ ۽ ريشم جي لالچ تي هاريءَ جي گھر ۾ آئي آهي." پر پوءِ وانگ لنگ جي چھري تي پنهنجي انهيءَ ڪوڙي گفتگو جي سبب نيدا ٿيل ڪاوڙ ڏسي. چوڻ لڳي "پر سھڻي آهي. مون هن کان وڌيڪ سھڻي عورت ڪانہ ڏٺي آهي. حويليءَ مان آندل تو واريءَ ٺڳهڙ جي مقابلي ۾ هيءَ تہ جھڙي موتين وارن جانورن جي دعوت."

وانگ لنگ کو بہ جواب ڪونہ ڏنو. رڳو ڪھر ۾ هيڏانهن هوڏانهن اچ وچ لائي ڏنئين. هو ڳالهيون ٻڌندو رهيو. ڪانئس بيٺو ئي نہ ٿي ٿيو. آخرڪار همت ڪري پردو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنبائين، ۽ ڪنول لاءِ نهرايل گهر جي اڱڻ ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ سارو ڏينهن ان اونداهين ڪمري ۾ هوءَ هئي ۽ سنديس پرسان پاڻ هو، تان جو رات ٿي.

اهو سمورو وقت او-لان گهر کي ويجهو نه ڪانه آئي. پره ويل هن ڪوڏر ڪنئي ٿورو پاروٿو پٽ ٻني ۾ ويڙهيائين ۽ ٻارن کي سڏ ڪري هلي ويئي. وري موٽي ڪانه آئي. پر جڏهن رات ٿي، ته هوءَ خاموش ٿي خاموش، متيءَ ۾ پيوت. ڏک ۾ ڪاري گهر ۾ داخل ٿي. ٻار جيڙي ڪريو سنديس پويان پئي آيا. ڪنهن سان ڳالهايائين نه ڪونه ۽ رڌڻي ۾ گهڙي ويئي. روز جيان ماني تيار ڪري ميز تي رکيائين. پوڙهي کي سڏ ڪري سندس هٿن ۾ تيليون ڏنائين. چرڙيءَ کي ڪجهه ڪارائي، پوءِ پاڻ ويهي ٻارن سان گڏ ماني کاڌائين. جڏهن ٻار وڃي سُتا ۽ وانگ لنگ اڃا به ميز تي وڃي خواب لڌا، ته هوءَ اٿي، هٿ منهن ڌوتائين ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي اڪيلي سمهي رهي.

وانگ لنگ رات ڏينهن پنهنجيءَ محبت جون موجون ماڻيندو رهيو. روز ڪنول جي ڪمري ۾ ويندو هو، جتي هوءَ رڳو سُتي پيئي هوندي هئي. هو ڪنول جي پاسي کان اچي ويهندو هو ۽ هوءَ جيڪي به ڪندي هئي، سو ڏسندو رهندو هو. سرءُ جي انهن شروعاتي ڏينهن جي گرميءَ ۾، هوءَ ڪڏهن به ٻاهر ڪانه نڪتي، ليٽيل ئي رهندي هئي. ڪڪو سنديس نازڪ بدن کي سرهي پاڻيءَ سان وهنجاريندي هئي، کيس مالش ڪندي هئي ۽ وارن ۾ تيل ۽ خوشبوءِ هڻندي هئي. ڪنول چئي ڇڏيو هو، ته ڪڪو اتي ئي سنديس نوڪري ڪندي رهي. پئسا به گهڻا ڏيندي هيس. ڪڪوءَ جي به مرضي هئي، ته سڄي ساري ڏڻ ڪان نه هڪڙيءَ جي خدمت ويهي ڪري. ڪڪو ۽ سنديس مالڪياڻي ڪنول، وانگ لنگ جي نئين گهر ۾ سيني کان ڌار رهنديون هيون. سڄو ڏينهن چوڪري پنهنجي ٿڌي ڪمري جي اونداهه ۾ ليٽي پيئي هوندي هئي. رڳو مٺايون ۽ ميوا واپرائيندي هئي. ساڻي رنگ جي سنهري ريشم جي پوشاڪ، جنهن ۾ چيلهه وٽ جهڪ ڏنل هڪڙو ننڍڙو چست ڪوٽ ۽ هيٺان ويڪري سٿڻ شامل هئا، پهريندي هئي. جڏهن به وانگ لنگ ايندو هو، ته کيس انهيءَ حالت ۾ ڏسندو هو ۽ پنهنجي پيار جي موج ماڻيندو رهندو هو.

سج لٿي مهل هوءَ شوخيءَ سان کيس پڇائي ڇڏيندي هئي. ڪڪو وري کيس غسل ڪرائي، خوشبوءِ مکيندي هئي، وانگ لنگ جا ڏنل نرم اڇي ريشم جا نوان ڪپڙا اندران ۽ هلڪي رنگ جا ٻاهران اوڍائيندي هئي ۽ پيرن ۾ ننڍڙي پرت پريل جتي پهرائيندي هئي. پوءِ ڪنول اڱڻ ۾ ايندي هئي ۽ ننڍڙي تلاءَ ۾ سونهري مڇين جو نظارو ڪندي هئي ۽ وانگ لنگ وات ڦٽيو بيٺو ڏسندو هو، ته وٽس جا چا نه آهي! هوءَ پنهنجي نازڪ ننڍڙن پيرن تي جهومندي هلندي هئي ۽ وانگ لنگ کي پڪ ٿي ويندي هئي، ته سڄي جهان ۾ ڪنول جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنهڙن پيرن ۽ ننڍڙن هٿن جهڙو حسن ٻيو نٿيندو ٿي ڪونہ.

هو پنهنجي پيار جي موج مائڻ ۾ لڳو رهيو ۽ ڏاڍو مطمئن هو.

باب ايڪيهون

اهو رڳو وهم ڪونہ هو. تہ ان عورت جنهن جو نالو ڪنول هو ۽ سندس نوڪرياڻي ڪڪو جي وانگ لنگ جي گهر ۾ اچڻ سان، گهر ۾ هنگامو پيدا ٿي ويو ۽ هڪ قسم جي ڇڪتاڻ جنم وٺي چڪي هئي. هڪڙي ئي ڇت جي هيٺان هڪ ڪان وڌيڪ زالن جو هئڻ ڪنهن بہ صورت ۾ سانتيڪو نہ هوندو آهي. پر وانگ لنگ کي اڳواٽ انهيءَ ڳالهہ جو اندازو ڪونہ ٿيو هو. هن او-لان جي بيزاريءَ واري نهار بہ ڏٺي هئي ۽ ڪڪوءَ جي فرٽيءَ مان بہ لکو ٿي. تہ ضرور ڪا نہ ڪا اڻ سهائيندڙ ڳالهہ ٿي آهي. پر هن ڪو بہ ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ سڀني ڳالهين کان بي پرواهہ بڻيو رهيو. ڪيس اجان تائين پنهنجي خوهس کان خوف لڳندو هو.

ان هوندي بہ جڏهن ڏينهن ڏرڪي رات ٿيو هو ۽ رات پڻ ۾ بدلجي ويندي هئي. تہ وانگ لنگ ڏٺو. تہ اهو سچ هو. تہ صبح جو سج اڀريو. تہ بہ ڪنول اتي ئي رهي پئي هئي. جڏهن بہ دل ٿي چيس. ڇهڻ کي اوڏڙي. سندس محبت جي اڃ ڇڻ تہ اڃهامندي ٿي ويئي. ڪيس اهڙيون ڳالهيون بہ ڏسڻ ۾ آيون. جيڪي اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون هئائين.

هڪڙي ڳالهہ ڪيس اها بہ ڏسڻ ۾ آئي. تہ او-لان ۽ ڪڪو ٿوري گهڻي تان يڪدم وڙهي پونديون هيون. اها ڳالهہ هن لاءِ ڏاڍي منجهائيندڙ هئي. ڪنول لاءِ او-لان جي نفرت جي باري ۾ تہ هو ذهني طور تيار هو. ڪهڙيئي پيرا پاڻ اهڙيون ڳالهيون بہ ٻڌيون هئائين. تہ گهر ۾ ٻهاج جي اچڻ تي ڪيترين زالن پاڻ کي قاهو ـ ڏنو هو. ڪي وري ٻيءَ تان ننوليون ڪنديون رهنديون هيون ۽ ٻهاج جي حياتي وهہ ڪري ڇڏينديون هيون. ڪيس ان ڳالهہ جي خوشي هئي. تہ او-لان ڏاڍي خاموش عورت هئي ۽ گهٽ ۾ گهٽ سندس خلاف تہ اکر بہ ڪانہ سوچيندي هئي. پر ڪيس اهو اندازو ڪونہ هو. تہ ڪا هوءَ ڪنول جي خلاف بہ ماٺ رهندي ۽ ڪاوڙ جو گس ڪڪوءَ جي خلاف ڳولي ڪيندي.

وانگ لنگ سمورو وقت ڪنول جي خيالن ۾ ٻڏو بيو هوندو هو.

"مون کي ڪڪو نوڪرياڻي رکي ڏي. ڏس نہ! دنيا ۾ اڪيلي آهيان. ماءُ ٻيءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ايشان ڳالهائيندي ئي ڪانه هيس. نه مري وياءِ ڇاڪيءِ. ايشان وعي مس ڇڙهيس. ته اهڙي جاءِ تي وڪٽي ڇڏيو جتي ٽون هيءَ زندگي گذاريندي ٿي اهيار. منهنجو ڪير ڪونهي."

اها ڳالهه ڪنول اکين ۾ لڙڪ اچي ڪئي. سندس لڙڪ هن ۾ سندس سهڻين اکين جي ڪمدن وٽ چمڪندا. وهڻ لاءِ تيار بيٺا هوندا هئا. ڪٿون مٿي ڪري. مس نڪاهه وٺهي. ڪنهن ڳالهه جو جوندي ميس. ته وانگ لنگ انڪار ڪري ئي ڪونه سگهندو هو. ساڳئي وقت اها ڳالهه به سچي هئي. ته ڪنول جي خدمت لاءِ هو به ڪير ڪونه. اهو به سچ هو. نه هوءَ گهر ۾ سٺائي ٿي ٿي هئي. ظاهر هو. ته او-لان پهاچ جو ڪمر ته ڪانه ڪندي. نه ڳالهائيندي هئي ۽ نه ڪو اهو ڏيان ڏيندي ته ڪنول به ڪا هن ئي گهر جي ڀاتياڻي هئي. فقط ڪنول جي چاچو هو ۽ اها ڳالهه وانگ لنگ کي نه ٿي آئڙي. ته اهو ويٺو ڪنول کي گهوريندو رهي ۽ جڏهن ڀاڻ ڪنول سان ڪچهري ڪري. ته پرسان ويٺو هجي. ان ڪري ڪنڪو سٺي هئي ۽ پي ڪا عورت کين سنجهندي به ڪانه هئي.

پر ٿيو ايئن جو جيئن ٿي او-لان جي ڪڪوءَ تي نظر پيئي. ته کيس سخت ڇڙ وٺي ويئي. اهڙي، جو اڳي ته وانگ لنگ به ڪانه ڏٺي هئي ۽ نه ڪا ئي کيس بڪ هئي. ته ڪا منجهس اينتري ڪاڙ به هوندي. ڪڪوءَ جي ته ڏاڍي مرضي هئي ته ٻئي ڀاڻ ۾ ساهيڙيون ٿي وڃن. جو کيس وانگ لنگ ٻگهار ڏيندو هو. جيتوڻيڪ ڪائنس اها ڳالهه به ڪانه وسري هئي. ته وڏي حويليءَ ۾ ڀاڻ "رئيس وڏي" جي خلوت گاهه ۾ رهندي هئي ۽ او-لان پين ڪينرين ئي ٻانهين وانگي ٻورچيخاني ۾ رهندي هئي. تنهن هوندي به جڏهن اولان کي ڀهريون پيرو ڏٺائين. ته مٺڙي آواز ۾ چيائينس.

"واه! ته ادي، هن گهر ۾ وري ڀاڻ ٻئي سهيليون اچي گڏيون آهن. تون مالڪياڻي ۽ ڀهرين زال ۽ منهنجي ماءُ. وقت ڪيئن نه ٿو بدلجي!"

او-لان ڏ کيس گهوريندي رهي. جڏهن ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته اها هٽي ڪبر. ته پاڻيءَ جي گهاگهر. جيڪا کنيون پئي آئي. سا پٽ تي رکي، سڌي وڃئين صفحي ۾ وانگ لنگ وٽ آئي، جيڪو پنهنجي پيار ۾ ٻڌو پيو هو. رڪائيءَ سان چوڻ لڳيس.

"اها غلام عورت، هتي پنهنجي گهر ۾ ڇا پئي ڪري؟"

وانگ لنگ لڳو ڪن فيرائڻ. هن جي مرضي هئي ته ڳالهائي ۽ هڪ مالڪ جي رعبدار آواز ۾ چوي ته، "منهنجو گهر آهي. جنهن کي چوان سو منهنجي گهر ۾ ايندو. تون ڪير هين پڇڻ واري؟" پر هو ڳالهائي ڪو نه سگهيو. او-لان جي موجودگيءَ ۾ کيس شرم اچڻ لڳو. پوءِ کيس ڇڙ وٺي ويئي. ڇاڪاڻ ته جڏهن هن شرم جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي.

تہ کيس کو بہ ڪارڻ سرمائڻ جو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. آخر کيو بہ ڇا هٽائين. اهو ڪم تہ هر اهو مائهو ڪندو آهي. جنهن وٽ ٽشا بچت ۾ هوندا آهن.

پوءِ بہ ڪائنس ڳالهايو ڪونہ ٿيو. فقط هيڏانهن هوڏانهن ڪن ڦيرائيندو رهيو ۽ ايئن ڏيکائي ڏين لڳو. ڄڻ تہ ڪمزن ۾ ڪٿي ٻاٿيب رکي وسري ويو اٿس ۽ لڳو هوراٽيون ڏيڻ. پر اَو-لان اتي ٿي پير ڄمايو بيٺي هئي. نورو ترسي. نہ جڏهن مرس ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنس. تہ وري بہ ساڳين ئي لفظن ۾ ساڳي سنئين سڌي ٻوز ۾ پڇيائين.

"هيءَ غلام عورت، هتي ٻنهنجي گهر ۾ ڇا پئي ڪري؟"

وانگ لنگ ڏنو تہ زال کي جواب ڏيڻ گهرجي. ان ڪري نهايت جهيڻي آواز ۾ چيائين.

"توکي ڇا ٿو لڳي؟"

"مون ٻنهنجي جوانيءَ جي وقت ۾ حويليءَ اندر سنديس کهوڙون سنٺيون آهن. روز ويهہ ڀيرا. ٻورچيخاني ۾ اچي هيسائيندي هئي: هاتي رئيس لاءِ چانهہ کپي. هتي رئيس لاءِ ماني ڏيو. ماني ڏاڍي گرم آهي يا صفا نري پئي آهي يا سولي پڪل ڪانهي. مون لاءِ جوندي هئي تہ تون صفا ڪدلي آهين. سُسُت آهين. هيٺن آهين هونئن آهين ....." پر پوءِ بہ وانگ لنگ جواب ڪونہ ڏنس. سمجهہ ۾ نہ پئي آيس تہ ڇا جوي. اَو-لان جواب جو انتظار ڪندي رهي ۽ جڏهن ڏنائين تہ ڪو نہ ٿو ڳالهائي. تہ سنديس اکين ۾ ڪرم ڪرم لڙڪ پرجي آيا ۽ لڙڪن ٻيڻ لاءِ اکيون ڇنبڻ لڳي. آخرڪار ٻنهنجي چوليءَ جي ڪنڊ جهلي اکيون اگهي چوڻ لڳي.

"منهنجي ٻنهنجي گهر ۾ اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. ماءُ جو گهر ڪونہ رکيو اٿم جيڏانهن واپس هلي وڃان."

پر اجا بہ وانگ لنگ خاموش ويٺو رهيو ۽ ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنائين. ٻاٿيب ڏکائي ڇڪڻ لڳي ويو. هوءَ مٿس گونگين اکين سان نهارڻ لڳي. سنديس اکيون ڄڻ ڪنهن حيوان جون اکيون ٿي لڳيون، جيڪو ڳالهائي ڪونہ سگهندو آهي. اکين ۾ لڙڪن جي ڪري کيس ڪجهہ نظر ئي ڪونہ پئي آيو ۽ هوءَ هٿوراڙيون ڏيندي کسڪي کسڪي دروازي طرف وڌي ۽ ٻاهر نڪري ويئي.

وانگ لنگ کيس ويندي ڏٺو ۽ ٻاڻ اکيلو ٿيڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. پر اجان بہ نورو ڦڪو پئي ٿيو ۽ ٻنهنجي شرمساريءَ جي ڪري اجان بہ چڙيل هو. هن ٻنهنجي منهن زور سان ٻٽڪو کيو. جهڙو ڪنهن سان وڙهندو هجي.

"ڀيا بہ مون جهڙا آهن. آئون تہ ٻاڻ سائس سٺو ٿو هلان. ڀيا تہ مون کان بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيَلَ هوندا آهن.“ آخر اهوئي سوچيائين. اُو-لان پلي پٽي پوڳي.

پر اُو-لان اتي بس ڪانہ ڪٿي ۽ خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندي رهندي هئي. صبح جو پاڻي ڪوسو ڪري پوڙهي کي ڏيندي هئي ۽ جيڪڏهن وانگ لنگ گهر جي اندرئين حصي ۾ نہ هوندو هو، تہ ڪيس چانهہ پيش ڪندي هئي. پر جيڪڏهن ڪڪو پنهنجي مالڪيائيءَ لاءِ گرم پاڻي کڻڻ ويندي هئي. تہ سڄي ديڳ خالي پئي هوندي هئي. هوءَ ڪڪو جي ڪڙڪي وارن سوالن تي ڪو بہ ڌيان ڪانہ ڏيندي هئي. جيڪڏهن ڪپ پوندو هو. تہ ڪڪو پاڻ پنهنجي مالڪيائيءَ کي پاڻي گرم ڪري ڏيندي هئي. تيستائين صبح جي رب رڌڻ جو وقت ٿي ويندو هو ۽ ديڳ. پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ خالي ڪانہ هوندي هئي. اُو-لان ڪڪوءَ جي دانهن ڪوڪ جو ڪو بہ جواب ڪانہ ڏيندي هئي ۽ چپ ڪري وڃي رڌ پچاءَ کي لڳندي هئي.

”پاڻيءَ جي هڪڙي ڍڪ لاءِ ڪري منهنجي مالڪيائي. صبح سان پئي هنڌ ۾ سڪي؟“

پر اُو-لان ڳالهہ ئي ڪانہ ٻڌندي هيس. رڳو پئي چلهہ ۾ سڪل گاهہ جو بارڻ وجهندي هئي ۽ اهڙي تہ ڪفايت ۽ خبرداريءَ سان چلهہ کي بارڻ ڏيندي هئي، جڻ تہ اڳين ڏينهن وانگ هينئر بہ رڌ پچاءَ لاءِ بارڻ جو هڪڙو ڪک بہ ڏاڍو قيمتي هجي. انهيءَ تي ڪڪو وات ڪندي وانگ لنگ وٽ شڪايت ڪئي ويئي. هن کي اچي ڪاوڙ لڳي. تہ سندس محبت سان اهڙو سلوڪ ٿو ڪيو وڃي. هو سڌو اُو-لان وٽ ويو ۽ هن کي دڙڪا ڏيئي زور سان چوڻ لڳو.

”صبح جو تو ڪان ڍڪ پاڻيءَ جو وڌيڪ ديڳ ۾ نہ ٿو وڌو ٿئي؟“ پر اُو-لان پنهنجي ڇهري تي آيل اِڳي ڪان بہ وڌيڪ بيزاريءَ سان ورائيو.

”آخر تہ هن گهر ۾ آئون ڪا ٻانهين جي بہ ٻانهي تہ ڪانہ آهيان.“

وانگ لنگ کي ڪاوڙ وٺي ويئي. اُو-لان جي ڪلهي کي ڌونڌاڙي چيائين.

”هاڻ وڌيڪ بيوقوف نہ ٿيءُ. اهو ڪم نوڪريائيءَ جو نہ پر مالڪيائيءَ جو آهي.“

اُو-لان سندس ڪاوڙ سهي ويئي. مٿس نگاهہ ڪري سادگيءَ سان پڇيائين.

”تہ اها آهي. جنهن کي تو مون وارا پئي هيرا ڏنا آهن.“

وانگ لنگ جو هٿ هيٺ ڪري پيو. ڪاوڙ الائي ڪيڏانهن ويس. ڪُڇي اهڙو جهڙي پت. ڦڪو ٿي هليو ويو ۽ وڃي ڪڪوءَ کي چيائين.

”پاڻ جدا رڌيو ۽ جدا چلهو ٺا نہرايون. وڏي زال کي انهن نزاڪتن جي صفا

خبر ڪانه ٿي پوي، جيڪي ڪنهن پئي ڪي. پنهنجي گلن جهڙي جسم لاءِ گهربل هونديون آهن. تون پنهنجي مرضيءَ تي جيڪي وٺيئي سو رڌجانءِ پچائجانءِ."

هن نيڙو ڪمرو ۽ ان ۾ مٽيءَ جو چلهو نـهرائڻ لاءِ مزدور گهرايا ۽ هڪڙي سٺي ديڳ به وٺي آيو. ڪڪو ڏاڍي خوش ٿي. چاڪاڻ تہ ڪيس حئي چڏيو هٿائين تہ جيڪي وٺيس سو رڌي پچائي.

باقي رهيو وانگ لنگ. تنهن سوچيو تہ آخرڪار سڀ معاملا نيڪ ٿي ويا. زال ڪي به ماڻ اچي وييئي ۽ پاڻ پنهنجي پيار جو مزو مائيندو رهندو.

ڪنول جنهن نموني سان پنهنجي وڏين وڏين اکين جا. بنفشي جي پنکڙين جهڙا چپر جهڪائي، يا مرڪندڙ ۽ تجليون ڏيندڙ اکين سان مٿس نهار ڪندي هئي. تہ ڪيس لڳندو هو. تہ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنول مان ورچندو ئي ڪونہ.

پر ان هوندي بہ نئين بورچيخاني وارو معاملو هن لاءِ ڪک جو ڪان بنجي ويو. روزانو ڪڪو شهر ويندي هئي ۽ مهانگن مهانگن کاڌن لاءِ ٻاهرين شهرن مان آيل. الائي ڇا جو ڇا وٺي ايندي هئي. اهڙا کاڌا جن جو هن ڪڏهن نالو بہ ڪونہ ٻڌو هو. ليچي جا داڻا. ماکيءَ ۾ ٻڏل سڪل کجور. ڳاڙهي کنڊ. بادامن ۽ چانورن جي اٽي مان ٺهيل پرڪٽا ڪيڪ. سمونڊ جي مڇي ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون. جن تي سندس مرضيءَ کان وڌيڪ پئسا خرچ ايندا هئا. پر ايترا گهڻا بہ ڪونہ. جيترا ڪڪو ڪيس ٻڌائيندي هئي. ان ڪري ڪجهہ چوندي بہ ڏپ پيو ٿيندو هوس. "تون تہ هائي منهنجو ماس ٿي کائين!" اهو خوف هوندو هوس تہ ڪڪو مٿس ڪاوڙ ڪندي ۽ ڪڪو ڪاوڙجي پئي. تہ ڪنول بہ ناراض ٿيندي. ان ڪري ڪجهہ ڪري بہ ڪونہ ٿي سگهيو. رڳو نہ چاهيندي بہ پئسا ترپءِ تي رکندو هو. ڏينهون ڏينهن اهو معاملو هن لاءِ ڪنڊو ٿيو رهيو. چاڪاڻ تہ اهڙو ڪير بہ ڪونہ هو. جنهن سان پاڻ اها شڪايت ڪري ها. اهو ڪنڊو لاڳيتو. نهايت اونهو ڪيس چڀندو رهيو. جنهن ڪنول جي عشق جي باهہ کي بہ ٺڏو ڪري ڇڏيو.

هڪڙو ٻيو ننڍو ڪنڊو هن لاءِ شروعات کان ئي موجود هو. اها هئي سندس چاچي. ان کي بہ چڱو چوکو کاڌو ڏاڍو وڻندو هو. مانيءَ جي مهل تي گهٽو ڪري اندرئين پاسي هلي ايندي هئي ۽ هري مري ويٺي هئي. وانگ لنگ کي چڙ هوندي هئي. تہ ڪنول سڄي گهر مان ڳولي رڳو انهيءَ سان ناتو رکيو هو. ٽيئي زالون اندرئين گهر ۾ چڱو چوکو کائينديون هيون. سارو ڏينهن بنا ڪنهن ماڻ جي ڪچهري ۾ لڳيون پيون هونديون هيون. وتنديون هيون ٿهڪ ڏينديون ۽ کيچل ڪنديون. ضرور سندس چاچيءَ ۾ ڪا تہ اهڙي ڳالهہ هئي. جيڪا ڪنول کي وڻندي هئي. ٽيئي پاڻ ۾ ڏاڍيون راس پاس هيون ۽ اهائي

ڳالهه وانگ لنگ کي ڪانه ٿي وڻي.

پر ڪري به ڪجهه نه ٿي سگهيو. البت نرميءَ سان ڪنول سان ڳالهائيندو هو.

"ڪنول، منهنجا ڳڙا! اهي پوڙهيءَ، ٿلهيءَ ڏائڻ تي پنهنجي سونهن نه برباد ڪندي ڪر. ان جي ضرورت نه منهنجيءَ دل کي آهي. اها دادي مڪار اٿئي. ٽڪي جي زن. ءِ مون کي نه اها ڳالهه صفا ڪانه ٿي وڻي، نه اڄو ڏينهن ٿيڻ کان سڄ لٿي تائين تنهنجي پرسان پئي هجي."

ڪنول ناراض ٿي. ڪاوڙ وچان پنهنجا چپ ڪتريندي، پنهنجو چهرو هن کان پري ڪري چڙبندي هئي.

"منهنجو ڪير آهي تو کان سواءِ. ڪا ساهيڙي به ڪانه اٿم. مون کي گهر ۾ خوشي ڪيئي. ۽ هتي تنهنجي گهر ۾ ڪير آهي. تنهن جي بهرين زال کان سواءِ، ان کي به مون کان دادي بچان ٿي لڳي. تنهنجا ٻار نه مون لاءِ چڱ بيماري آهن. منهنجو ڪير ڪونهي." هوءَ پنهنجا ٻيا هٿيار به مٿس استعمال ڪندي هئي. رات جو ڪمري ۾ اچڻ ڪا نه ڏيندي هيس ۽ شڪايت ڪندي هئي:

"تنهنجي مون سان محبت ئي ڪانهي. هجي نه اهو ڪونه پائين ها نه آئون خوش رهان!"

وانگ لنگ نماڻو ۽ اتاولو ٿي ويندو هو ۽ فرمان بردار ٿي معافي جو طلبگار ٿيندو هو.

"ٺيڪ آ. جيئن تنهنجي مرضي پوي تيئن ئي ڪر."

پوءِ ڪنول وڏي شان سان کيس معاف ڪري ڇڏيندي هئي ۽ وانگ لنگ وري کيس سنديس پنهنجي مرضيءَ جي ڪا ڳالهه ڪرڻ تي تنبيهه ڪرڻ کان ڊڄندو هو. پوءِ هو جڏهن ڪنول وٽ ايندو هو، نه هوءَ جيڪڏهن پنهنجي چاچيءَ سان ويٺي ڪچهري ڪندي هئي، يا چانهه ويٺي پيئندي هئي، يا ڪجهه کائيندي پئي هئي، نه کيس انتظار ڪرڻ لاءِ چوندي هئي ۽ صفا بي پرواهه ٿي ويٺي هوندي هئي. وانگ لنگ ڪارو اتان هميو ويندو هو. کيس ٿلهيءَ ڪنهن تي سخت ڪاوڙ ايندي هئي. نه پرائي زال اتي ويٺي هئي پر ڪنول کيس اندر اچڻ نه ڏنو. هن جو پيار پورو نه ٿو ٿيڻ لڳو. جنهن جي خود کيس به سڌ ڪانه ٿي پئي.

هن کي ڪهڙي خبر نه ان ڳالهه تي ايندي هئي نه سندس چاچي اهو ڪاڏو ٿي ڪاڏو. جيڪو ڪنول لاءِ تيار ٿيندو هو. هوءَ ڏينهون ڏينهن. اڳي کان به ٿلهي ٿيندي پئي

وٽي. ٻر ڪجهه ڪٿي ڪونه سکيو هو. ماڪان تہ سندس چاچي وڏي چالاڪ هئي. سندس ڏاڏي مهربان هئي. منديون ڳالهيون ڪري سندس دولاب ڪندي هئي. ڪمري ۾ گهڙندو هو. تہ اتي ويهندي هئي.

هاڻي ڪنول جو عشق اڳي کان سندس دل ۽ جسم تي ڇانيل نہ رهيو هو. ننڍي ننڍي ڪاور جي ڪري هو هاڻي ڪجهہ لکو هو. اهي ڪاوڙون هاڻي وڏنديون پي ويون ۽ ضبط ڪان ٻاهر ٿينديون پئي ويون. اهو ئي سبب هو تہ ڪهڙي وقت کان پاڻ اُو-لان سان ڪليءَ طرح ڳالهائڻ جهڙو ڪونہ رهيو هو. هن ڏٺو تہ سندس ۽ اُو-لان جي زندگي هاڻي ڏار ڏار ٿي ويئي هئي.

جيئن ڪا ڪندڙ جي ول هڪڙي ٻار مان اڳري ڇوڏاري ٻڪرجڻ لڳندي آهي. تيئن هڪڙي ٻي بہ مصيبت وانگ لنگ لاءِ پيدا ٿيڻ لڳي. هڪڙي ڏينهن ٿيو. جنهن کي وڏيءَ جمار جي ڪري ڪا بہ شي صحيح نظر نہ ايندي هئي. اوچتو پنهنجي سمهڻ واري ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو. هو اڙ ملا جي ڳجهي جهڙي سوڙ هڪ پاس ڪري. جيڪا ڪيس وانگ لنگ سندس ستر ورهين واري سالگرهہ تي خريد ڪري ڏني هئي. در ڏي ويو ۽ ان جاءِ طرف وڌيو. جنهن جاءِ تي اڱڻ جي وچ ۾ پردو ٽنگيل هو ۽ جتي ڪنول پسار پئي ڪيو. پوڙهي کي اڳ ڪڏهن بہ دروازي جي خبر ڪانہ پئي هئي. ڇاڪاڻ ته هن ڪڏهن بہ نہ جڏهن ٿيون اڱڻ نهيو هو؛ نہ ئي ڪيس اها خبر هئي. تہ ڪير گهر ۾ آيو هو. نہ ئي وري ڪڏهن وانگ لنگ ئي ڪيس اهو ٻڌايو. تہ "مون ٻي شادي ڪئي آهي." ڇاڪاڻ تہ پوڙهو صفا ٻوڙو هو. ڪا ٿين ڳالهہ ٻڌي ٿي هئس ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئس. تہ رڙيون ڪرڻيون پونديون هيون.

اڄ ڪيس اهو دروازو نظر آيو. جنهن جو ڪو بہ ڪارڻ ڪونہ هو. هو اڳتي آيو ۽ پردو ڇڪيائين. شام جو وقت هو ۽ ان وقت وانگ لنگ ڪنول سان گڏ پسار پئي ڪيو. ٻئي تلاءَ جي ڪناري تي ويٺا هئا ۽ مڇيون پئي ڏٺائون. پر وانگ لنگ ڪنول کي پٺي ڏنو. پوڙهي. جو پنهنجي پٽ کي هڪ نازڪري ملوڪ ڇوڪريءَ جي پرسان ويٺل ڏٺو. سو پنهنجي دڪندڙ. سنهري آواز ۾ ونني رڙ ڪيائين.

"رنڊي- گهر ۾ رنڊي." ۽ ماٺ ئي نہ اچيس. انهيءَ ڊپ کان. تہ ڪٿي ڪنول هن جي ڪري ڪاوڙجي نہ پوي. ڇاڪاڻ تہ ڪاوڙبي هئي تہ وني رڙيون ڪندي هئي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڏک هڻندي هئي. وانگ لنگ اڳتي آيو ۽ پوڙهي کي وني ٻاهرين اڱڻ ڏانهن هليو ويو ۽ ڪيس دلاسو ڏيئي چيائين.

"هاڻي ماٺ بہ ڪئي ڪر. بابا! گهر ۾ ڪتان آئي رنڊي. اها تہ منهنجي ٻي زال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ٻڍڙهو چپ ڪونه ٿيو. هن ڪجهه ٻڌو به يا نه سو. ته چٽي نٿو سگهجي. پر لاڳيتو دانهن پئي ڏيس.

"هيءَ رنڊي آهي." وانگ لنگ کي ويجهو ڏسي هن اوچتو چيو. "مون هڪڙي شادي ڪئي. منهنجي پيءُ کي به هڪڙي زال هئي. اسين هر هاري هئاسين." وري ڪن رکي چيائين. "اٿون چوان ٿو ته رنڊي آهي."

ٻڍڙهو پنهنجي پيريءَ جي ڳوڙهيءَ ننڊ مان جڏهن به جاڳندو هو. ته وڏي چالاڪيءَ سان ڪنول جي خلاف پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندو هو. ڪنول جي اڱڻ واري دروازي طرف ويندو هو ۽ اوچتو وٺي رڙ ڪندو هو.

"رنڊي!" يا ته سنهنجي اڱڻ جي دروازي وارو پردو ڪٽي زور سان فرش تي ٺڪ اڇلائيندو هو. يا وري پنهنجون ڳوڻي ايندو هو ۽ پنهنجي هيٺ هٿن سان مڇين کي ڏک هڻڻ لاءِ تلاءُ ۾ اڇلائيندو هو. اهڙي طريقي سان هو ڪنهن ننڍڙي ٻار وانگي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندو هو.

انهن ڳالهين به وانگ لنگ جي گهر ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪئي. ڪيس پيءُ کي چڙٻيندي به ڦڪائي ٿيندي هئي ۽ ڪنول جي ڪاوڙ جو به ڊپ ٿيندو هوس. خبر هئس ته ڪنول ۾ سهپ مرڀوٽي گهٽ آهي ۽ جندي صبر وڃايو ويهي. ڪنول کي ناراض ڪرڻ کان پيءُ کي باز رکڻ جي اون. سندس دل تي بار ڪري وڌو. ٻيو ڪارڻ اهو به هو جو هاڻي ٻارڻ پيار کي بار سمجهڻ لڳو هو.

هڪ ڏينهن ڪيس اندرئين گهر مان دانهن ٻڌڻ ۾ آئي. هن ٻڌو ته آواز ته ڪنول جو هو. سو وٺي اندر ڀڳو. ڇا ڏسي. ته سندس ننڍا جاڙا ٻار جهرڙي کي وچ ۾ ڪريو اندر وٺيو پيا وڃن. ٻين چٽني ٻارن کي به اندر رهڻ وارين عورتن بابت ڏاڍي اون ٿي پيئي هئي. پر وڏا پٽي ڇوڪرا سمجهو هئا. هنن کي خبر هئي. ته ڪنول گهر ۾ ڇو ويٺي آهي ۽ پٽس جو ساٿس ڪهڙو ناتو آهي. جيتوڻيڪ هنن ڪڏهن هڪ ٻئي سان به اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي. پر ننڍن کي ته جهاتيون هڻڻ. دانهون ڪرڻ. ڪنول جي تيل جي خوشبوءِ سنگهڻ ۽ ماني کائڻ کانسواءِ. ڪڪو جي هٿن ۾ جوتن پاسٽن کي لبڻ مان اطمينان ڪونه ٿي حاصل ٿيو.

ڪنول ڪيترن ئي ڀيرا وانگ لنگ سان شڪايت ڪئي. ته سندس ٻار هن لاءِ وبال بڻجي ويا آهن. هن جي مرضي هئي. ته ٻارن کي ٻاهر ڪيڏي ڪلف ڏيئي ڇڏجي. ته جيئن ٻان عذاب کان بچي پئي هجي. پر وانگ لنگ جو اهو خيال ڪونه هو ۽ مذاق ۾ چوڻ لڳو.

"هن جي به اهائي مرضي آهي ته بيءَ وانگي سهڻي مکڙيءَ جو ديدار ڪريون."

هن ٻيو ته ڪجهه ڪونه ڪيو. رڳو ٻارڙن کي ڪنول جي گهر وڃڻ کان منع ڪري ڇڏيائين. ء ٻوءِ ڏسندو هو ته ٻار ته ان ٻاسي کو نه ويا. پر ٻار هن جي نظرن کان لڪي ڪجهه ڳوه م ٻيا اندر ايندا ويندا هئا. وڏيءَ نينگريءَ کي ته سڌ ئي ڪانه هوندي هئي. هوءِ ٻاهرئين گهر جي ٻت جي پرسان. اس م ويني. رڳو مرڪندي هئي يا وٽيل ڪيڙي سان ويني راند ڪيڏندي هئي.

انهيءَ ڏينهن ٻئي وڏا ڇوڪرا ته اسڪول هليا ويا هئا ء ٻنهي ننڍن ٻارن ڳالهه رٿي. ته ڇريءَ کي اندرئين گهر م رهڻ واري عورت ڏيکارجي. ٻنهي ڪيس ٻانهن کان جهلي. گهلي. اندرئين گهر آئي. ڪنول جي سامهون ٻيهاريو. ان به ڇري کي اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. سو لڳي ڪيس جاچي ڏسڻ. ڇريءَ جو ڪنول کي چمڪيلو ريشمي پهراڻ ء ڪنن م لڏندڙ هيرا پاٿل ڏٺا ته ڪنهن عجيب جوش م اڳتي وڌي وٽي هن جي جهرمر ڪندڙ ڳچيءَ م جهٽ هنيان ء لڳي ٺهڪ ڏيڻ: اهڙا ٺهڪ. جيڪي فقط بي معني آواز م هوندا آهن. ڪنول کي ڏاڍو ڊپ ٿيو ء دانهون ڪري وٽي ٻاهر ڀڳي. وانگ لنگ ڊوڙندو اندر آيو. ته ڪنول وٽي سگهي تي ڪنيس ء پنهنجي ننڍڙن پيرن تي هيٺ مٿي ٿيندي. ويچاري ڪندڙ ڇوڪريءَ ڏانهن آگر ڪئي وٽي دانهن ڪيائين.

"جيڪڏهن مون کي اها اوڏي آئي. ته آئون گهر م ڪانه رهنديس. مون کي اهو ڪونه ٻڌايو ويو هو. ته مون کي هن ٻنهين احمقن کي به ٻوڳتو ٻوندو. مون کي تنهنجي هنن غليظ ٻارن جي خبر هجي ها. ته اچان ئي ڪانه ها." ٻوءِ وري ننڍي ڇوڪر کي. جيڪو سندس پرسان پنهنجيءَ جاڙي ڀيڻ کي هٿ مان جهيو بيٺو هو. وٽي ٺيٺهو ڏنائين.

وانگ لنگ کي انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍي ڇڙ آئي. هو پنهنجي ٻارن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. سو ڪهرائيءَ سان چيائين.

"آئون هائي پنهنجي ٻارڙن کي ٻنهو ٻڌي نٿو سگهان. ٻلي ڪير به هجي. منهنجي ڇريءَ کي به نه. تون به نه. توکي الله پنهنجو اولاد ته نصيب ئي ڪونهي ڪيو." هن سڀني ٻارن کي گڏ ڪيو ء جوڙ لڳن.

"ڇگو ٻارو! هائي هليا وڃو. اڳتي لاءِ وري هن عورت جي گهر نه اچجو. هن کي اوهان سان ذرو به پيار ڪونهي ء ظاهر آهي. ته اوهان سان محبت نه اٿس. نه اوهان جو ٻيءُ سان وري ڪهڙي هونديس." ء وڏي ڇوڪريءَ کي هن وڏي ٻاٻوهه مان ڇيو. "تون منهنجي ڇرڙي! تون وڃي واپس اس م ويهه." ڇوڪريءَ مرڪي ڏنو ء هو سنديس هٿ جهلي ڪيس ٻاهر وٽي ويو.

وانگ لنگ کي ڪنول تي ڏاڍي چڙ هئي. جو هن سندس ٻارن کي سڀو هوءِ انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي همت ڪئي هئي. ڇوڪريءَ جو ٽڙيو ڏک سندس دل ۾ ويهي ويو هو ۽ ڏينهن به ته ٻائڻ ڪنول جي ويجهو به ڪونه ويو. پر رڳو ٻارن سان ويٺو راند ڪيڏندو هو. هو شهر به ويو ۽ انهن جي ڇوڪريءَ لاءِ مصري وٺي آيو. ان طرح ٻارن کي مٺائي ڏيئي خوش ڪري ٻائڻ کي تسلي ڏيندو رهيو.

جڏهن وري هو ڪنول وٽ ويو. ته منجهائن ڪنهن به ڪا ڳالهه ڪانه ڪئي. ته ٻائڻ به ڏينهن ڇو ڪو نه آيو هو. ڪنول کي سرحدن ۾ ڪيس ڏ ڏي ڏکيائي ٿي ٿي. ڇاڪاڻ ته جنهن مهل وانگ لنگ اتي آيو. ته سندس حجيءَ تي حانهه ٿي بيٺي. ڪنول سائنس معذرت ڪندي چيو.

"اڄهو منهنجو سرتاج منهنجي لاءِ آيو هي. منهنجي خوشي ان ۾ آهي. ته آئون سندس حڪم جي پانهي ٿي رهان." پوءِ ايستائين ٻيئي هئي جيستائين ٿورهي هلي نه ويئي. ان کان پوءِ هوءِ وڏي وانگ لنگ ڏي آئي ۽ سندس هٿ جهلي. منهنجي حجري ڏي آندو ۽ ڪيس منتون ڪرڻ لڳي. پوءِ هو جيئوتيڪ ڪيس پيار ڪرڻ لڳو. پر اڳي جهڙو نه جنهن ۾ شدت هوندي هئي.

هڪ ڏينهن اونهاري جي ٻجاتيءَ تي صبح جو سوير. آسمان اهڙو صاف نڪيرو ۽ نيرو هو جهڙو سمنڊ جو پاڻي. ٻن جن جي صاف هوا زور سان زمين مٿان گهلڻ لڳي ۽ وانگ لنگ. جڙ ته ننڊ مان جاڳي اٿيو. هو گهر جي دروازي تي آيو ۽ پنهنجي زمين تي نگاهه ڪيائين. هن ڏٺو ته ٻائي سڪي ڪڪو هوءِ خشڪ ۽ سرد هوا ۾ ٻرندڙ سج هيٺ زمين چمڪي رهي هئي. سندس اندر ۾ ڪو آواز اٿيو: عشق ڪان به وڌيڪ ڳوڙهو آواز. سندس ضمير جو آواز. جنهن کي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ هر آواز کان مٿاهون ڀائيندو هو. هن پنهنجي جسم تي پهريل ويڪرو جڙ فاڙي ڦٽو ڪيو. پنهنجي نفيس جتي ۽ اڇو رومال پيرون سرون ڪري ڇڏيائين. گوڏن تائين ڪٽي ور ڪنيائين ۽ جوش ۾ ٻيرجي اٿي زور سان رڙ ڪيائين. "ڪٿي آهي ڪودر؟ ڪٿي آهي هر؟ ڪڻڪ جو ٻج ڪٿي آهي؟ هيڏانهن اچ چنگ. منهنجا يار! سڀني همراهن کي سڏي وٺ. آئون هلان ٿو ٻنيءَ تي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻاويهون

جهڙيءَ طرح وانگ لنگ ڊاڪٽي شهر مان اچڻ کان پوءِ دل جي روڳ مان چڱو ڀلو ٿي ويو هو ۽ اتي جيڪي عذاب سٺا هئائين. تن مان ڇائي فرحت هئس. ٺڪ ٻيءَ طرح هيٺئر به سندس پياريءَ زمين کيس دل جي مرض کان شفا عطا ڪئي هئي. هن کي پنهنجي پيرن هيٺان ڌرتيءَ جي آلاڻ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. کيس ڪڻڪ جي فصل لاءِ ڪيڙيل زمين جي وزن مان اندز ميءَ جي مهڪار اچڻ لڳي هئي. هن جي حڪم مطابق سندس زمين تي ڪم ڪندڙ هاري سارو ڏينهن سخت پورهئي ۾ گذاريندا هئا. هنن ڇوڏاري زمين کيري ڇڏي هئي. سيني کان اڳ وانگ لنگ پاڻ هر جي منبي ۾ هٿ وجهي ڏاندن جي پويان ٿي بيٺو. ڏاندن جي پٺن تي ٻاٺيءَ سان هڪلي پوکر ڏنائين ۽ ڏنائين ته جيئن ٿي هر جي چوني ڌرتيءَ ۾ لٿي. ته ڪر. ٿتن شروع ٿي ويو. پوءِ جوڙي جي واڳ حنگ جي هٿن ۾ ڏيئي. هو ڪوڏر ڪٽي. پاڻ بيل زمين جي ڍڙڻ کي ڏسڻ لڳي ويو. زمين هري نرم جهڙي ڪاري ڪنب ۽ مٽي کهميل هئڻ ڪري اجان به ڪاري ٿي لڳي. هو اهو ڪم ضرورت جي ڪري نه. پر فقط مزو ماڻڻ لاءِ ڪندو رهيو. جڏهن ٿڪجي پيو. ته زمين تي ئي ليٽي پيو ۽ ننڊ ڪئي ويس. زمين جي قوت سندس وجود ۾ پکڙجي ويئي ۽ هو پنهنجي روڳ مان نوبنو ٿي پيو.

جڏهن رات ٿي آئي ۽ مچ جهڙو سج. جنهن جي تپش کهائڻ لاءِ ڪا ڪکري به ڪا نه هئي. لڪي ويو. ته هو نڪل نڪل. بدن جي سور ۾ ورتل. پر ڏاڍو خوش گهر ۾ داخل ٿيو. پندي ئي اندرئين گهر وارو پردو ڦاڙي ڇڏيائين. پوءِ هو اتي ويو جتي ڪنول پنهنجي ريسمي پوساڪ پهريو ويٺي هئي. جيئڏيءَ مهل ڪنول جي مٿس نظر پئي. ته سندس ڪپڙن تي مٽي لڳل ڏسي هن کان رڙ نڪري ويئي. وري جڏهن هن جي ويجهو ويو. ته ڪنول سڄي ڪنبي ويئي.

هو کلندو رهيو ۽ پنهنجي مٽيءَ هاڻن هٿن ۾ ڪنول جا نفيس ۽ ننڍڙا هٿ ڪسي جهليائين. وري کلي چيائين.

"ڏس نه تنهنجو هاري! تون آهين هاريءَ جي زال."

ڪنول رڙ ڪئي.

"آئون هاريءَ جي زال؟ نه. نه! تون پاڻ جيڪي وڻئي سو وڃي ٿيءُ."

وانگ لنگ کلي ڏنو ۽ ڪنول کي ڇڏي هليو ويو.

رات جو مٽيءَ ۾ پيوت هوندي به ماني کاڌائين. پوءِ سمهڻ کان اڳ لاچار غسل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين. غسل ڪندي به ڪلندو رهيو. چاڪاڻ ته هينئر هو ڪنهن عورت جي ڪري غسل ڪونه ڪري رهيو هو. هو ٿهڪ ڏيئي رهيو هو. چاڪاڻ ته هائي پاڻ آزاد ٿي چڪو هو.

وانگ لنگ کي ايئن لڳو. جڻ ته پاڻ گهڻي وقت تائين وڃائجي ويو هو. اوچتو الائي ڪيترا ڪم اڪلائڻ لاءِ اچي پيدا ٿيا هئا. ڌرتي کيس ڪيڙن ۽ ٻج ڇٽڻ لاءِ پڪاري رهي هئي ۽ هو ڏينهون ڏينهن ان تي سخت محنت ڪرڻ کي لڳي ويو. سندس بدن. جيڪو عشق جي عذابن جي ڪري ٻيئو ٿي ويو هو. سو هائي سج جي تپش ڪري پورو ٿيڻ لڳو. سندس هٿ. جيڪي واندڪائيءَ جي ڪري ڦٽي پيا هئا. تن ۾ هائي سختي پيدا ٿي ويئي هئي. انهن ۾ هائي ڪودر جهليل هوندي هئي ۽ منجهن هر جي منبي وڏ وجهي ڇڏيا هئا.

رات جو يا منجهند جو ڪم ڪري موٽندو هو. ته ڀؤ تي ماني کائيندو هو. ماني سندس لاءِ أو-لان پچائيندي هئي. جنهن ۾ پٽ. مٽر. ڇٽي ۽ ڪٽڪ جي ڀوڊي ۾ ويڙهيل ٿوم شامل هوندي هئي.

جڏهن ڪنول سندس اچڻ تي. منجهائس انڌر بوءِ جي پيڪي تي هٿ سان پنهنجو نڪ جهليندي هئي. ته کيس ڪڏ اچي ويندي هئي. پروڪهہ ٿي ڪانه هوندي هيس ۽ وڏو ساهه کڻي ڪنول کي ڦوڪا ڏيڻ لڳندو هو. هن ڪان به جيترو ٿيندو هو. سهي ويندي هئي. چاڪاڻ ته مزمس کي جيڪي وٺندو هو سوئي کائيندو هو. هائي سندس صحت به سڌريل هئي. جو عسق جي روڳ مان به ڇٽي ويو هو. ڪنول وٽ ويندو هو ته جلدي وري وجي پٽي ڪم ڪار کي لڳندو هو.

گهر ۾ ٻنهي زالن کي پنهنجي پنهنجي حيثيت حاصل هئي. ڪنول سندس خوشيءَ. سڪون. حسن ۽ نزاڪت جي احساس جي تسڪين ۽ خالص جنسي وندر لاءِ ۽ أو-لان ڪم ڪار لاءِ. أو-لان ماءُ هئي. جنهن هن کي پٽ ڄڻي ڏنا هئا ۽ گهر جو هلت هلائيندي هئي ۽ سندس پوڙهي پيءُ ۽ ٻارن کي کاڌو کارائيندي هئي. وانگ لنگ لاءِ اها فخر جي ڳالهه هئي. ته ڳوٺ جا ماڻهو سندس اندرئين گهر واريءَ جو ذڪر. رشڪ سان ڪندا هئا. جڻ ته اهي ڪنهن موتيءَ جي ڳالهه ڪندا هجن يا ڪنهن مهانگي رانديڪي جو ذڪر. جنهن جو ڪارج ڪو به نه هجي. پر رڳو اهڙي ماڻهو جي وڏ ماڻهپي جو اهڃاڻ هجي. جيڪو ان جي ضرورت کان مٿيرو ٿي ويو هجي ۽ ان کي کارائڻ پهرائڻ کانسواءِ ٻي کيس ڪا به اون نه هجي ته سنهنجي وندر ورونهن لاءِ مرضي پوپس. ته جيتري رقم چاهي اوتري خرچ ڪري سگهي.

ڳوٺ ۾ جيڪي ماڻهو سارو ڏينهن سندس بخت تي وات ڪندا وتندا هئا. انهن ۾ سندس چاچو سڀني کان سرس هو. جيڪو ڇڪنهہ جاسوسيءَ ۽ مالڪ جي راز لاءِ ڪٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال بڻجي ويو هو. چوندو هو.

"اهو اٿو منهنجو ڀائيٽو. گهر ۾ پنهنجي لاءِ اهڙي ته سهڻي سريت رکيو ويٺو آهي. جو اسان جهڙن مائهن مان ته ڪڏهن. ڪنهن ڏني به ڪانه هوندي." ڳالهه ڪي جاري رکندي چوندو هو. "اهڙيءَ عورت سان محبت ڪندو آهي. جيڪا وڏي حويليءَ جي زالن وانگر رڳو ريشم تي اوڏي. مون ته اهي عورتون ڪونه ڏٺيون. پر مون واري گهر واري اها ڳالهه ئي ڪري. مون وارو ڀائيٽو. منهنجي ڀاءُ جو پٽ تمام وڏو گهر ٿو نهرائي. سندس پٽ ڪنهن وڏي مائهوءَ جا پٽ ليکجڻ ۾ ايندا. سڄي جمار ڪين ڪم ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه پوندي."

انهيءَ ڪري ڳوٺ جا مائهو وانگ لنگ کي وڏ ۾ وڏ عزت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳا. هو سائنس ايترو ڳالهائيندا هئا جيترو پاڻ ۾. پر اهڙي لهجي ۾. جڻ ته حويليءَ ۾ ڪنهن رئيس سان ڳالهائيندا هجن. اهي ڪانئس وياج تي اڌارا پئسا وٺندا هئا ۽ پنهنجي ڌيئرن ۽ پٽن جي شادي وغيره جي معاملن ۾ سائنس صلاح مصلحت ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪن ٻه ٻن جي وچ ۾ زمين جي دنگ تي ڪو رڳڙو وغيره ئي پوندو هو. ته وانگ لنگ کي ئي فيصلي لاءِ چوندا هئا. پوءِ فيصلو ڪهڙو به ٿئي. ٻنهي ڌرين کي اهو قبولڻو پوندو هو.

اڳي وانگ لنگ سارو سارو ڏينهن پنهنجيءَ محبوبه سان رهاڻين ۾ رذل هوندو هو. جنهن مان دل ڪچي ويئي هئس ۽ هاڻي پاڻ کي ٻين ڳالهين ۾ مصروف رکڻ لڳو هو. منڊائيتا مينهن وٺا. ڪڻڪ پچي راس ٿي. ۽ سيارو آيو ته وانگ لنگ اڳهه چڙهڻ جي انتظار ۾ رکيل فصل ڪٺائي مارڪيٽ ۾ ويو. هن پيري هو پنهنجي وڏي پٽ کي به ساڻ وٺي ويو.

پنهنجي وڏي پٽ کي ڪاغذ تي لکيل اکر زور سان پڙهندي ۽ پين جي پڙهڻ لاءِ ڪلڪ ۽ مس سان اکر لکندي ڏسي. ڪنهن به مائهوءَ کي جهڙو فخر ٿيندو آهي. اهڙو ئي فخر وانگ لنگ کي پڻ ٿيو. هو فخر سان بيٺو هو ۽ سڀ ڪجهه غور سان پيو ڏسائين. هن پيري هو ان تي به ڪونه کليو جڏهن هڪڙي منشيءَ کان. جنهن کي ڪيس نوڪيو هو. رڙ نڪري ويئي. ته "چوڪر اکر ڏاڍا سهڻا ٿو لکي. ڏاڍو هوشيار هي."

نه وانگ لنگ اهو ڏيکاءُ ڪه نه ڏيندو. ته اها ڪا رواجي ڳالهه آهي جو ڪيس هن جهڙو پٽ آهي. چوڪر پڙهندي پڙهندي جڏهن تيزيءَ سان چيو. ته "هيءُ [illegible] ڪاٺ جي علامت وارو آهي. جڏهن ته اهو پاڻيءَ جي علامت وارو هئڻ گهربو هو." ته وانگ لنگ جي دل ڌڙڪندي ڌري گهٽ سيني کان ٻاهر ٿي نڪتي. وانگ لنگ لاچار پاڻ بچائڻ لاءِ ٻاسي تي هٿي ڪنگهڻ لڳو ۽ زمين تي ٿڪڻ لڳو. جڏهن سندس پٽ جي هوشياريءَ تي حيرت گاڏڙ ٻٽڪات پکڙيا ته فقط ايترو چيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ته نوءِ بدلائي ڇڏ. غلط لکيت تي صحيح ڪونه ڪنداسين.“ ۽ جڏهن ٻنهنس قلم کڻي غلط اکر کي درست ڪيو. ته ٻانڊ فخر وچان ڪنڌ اوچو ڪريو بيٺو هو.

جڏهن ڪم لهي ويو ۽ ٻنهنس اناج جي ورڪري جي ڪاغذ پتن ۽ رسيد تي سندس نالو لکي دنک ڪيو. ته ٻئي ٻيئ ٻٽ ڪدجي گهر آيا. ٻيءِ پنهنجيءَ دل ۾ سوچيو. ته هائي وڏو ٻٽ مرد ٿي ويو آهي ۽ ٻٽ لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرجي. هن ڏٺو ته هائي ٻٽ لاءِ ڪنوار ڳولي وڃي ۽ سندس مڱڻو ڪري ڇڏجي. ته جيئن ڇوڪر کي سندس ٻيءُ وانگر اهوانگ جي حويليءَ ۾ وڃي ڌڪا کائڻا نه پون ۽ نوءِ جيڪي ٻجت هجي ۽ جنهن تي ٻين جي خواهش نه ٿي هجي. سو ني ڪيس حاصل ٿئي. ڇاڪاڻ ته سندس ٻٽ اهڙي مائهوءَ جو ٻٽ هو. جيڪو نٿسي وارو هو ۽ جنهن وٽ زمين هئي.

وانگ لنگ ڪنهن اهڙي ڇوڪريءَ جي ڳولا ۾ لڳي ويو. جيڪا سندس ٻٽ جي ڪنوار ٿي سگهي. اهو ڪم ڪو سوڪو به ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته هن کي عام ڇوڪريءَ جي ڳولا نه هئي. هڪ رات هن ۽ جنگ وچئين ڪمري ۾ ويٺي حساب ڪتاب ڪيو. ته بهار جي فصل لاءِ ڪيترو ٻج ٻجت ۾ هٿن ۽ ڪيترو خريد ڪرڻو نوندن. ته هن چنگ سان اها ڳالهه ڪوري. هن ڪنهن وڏيءَ مدد جي اميد ۾ اها ڳالهه ڪين ڪئي. ٻر ڇاڪاڻ ته ڪيس خبر هئي. ته جنگ ڏاڍو سادو آهي. ٻر وفادار اهڙو جهڙو ڪو ڪتو مالڪ سان وفادار ٿيندو آهي. تنهن ڪري سائنس ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪيس فرحت به محسوس ٿئي ٿي.

جنگ بيٺو رهيو ۽ وانگ لنگ ڪرسيءَ تي ويٺي ڳالهايو. جيڪڏهن وانگ لنگ ڪيس ويهڻ لاءِ چوندو هو. ته به ڪونه ويهندو هو ڇاڪاڻ ته هتا ٻئي هڪجهڙا. ٻر هينئر وانگ لنگ نٿسي وارو ٿي ويو هو. وانگ لنگ سائنس پنهنجي ٻٽ لاءِ سڪ جي ڳالهه ڪئي ته هن ٻورو ڌيان لائي اها ڳالهه ٻڌي. ڳالهه ٻوري ٿي. ته جنگ ٿڌو ساهه کنئي. هبڪي هبڪي. ٻنڪي مٺي آواز ۾ چيو.

”منهنجي نياڻي هئي هجي ها. ته ان جو سڱ اوهان کي مفت ۾ ملي وڃي ها. ڀاڻ ان ۾ منهنجو به مان ٿئي ها. ٻر خبر ناهي ويچاري ڪٿي هوندي. خبر ناهي جيئري به هوندي يا مري وئي.“

وانگ لنگ سندس نورو مڃيو. ٻر سندس دل ۾ جيڪي هو. سا ڳالهه ڪرڻ لاءِ ڏاڍو اتاولو هو. اهو ته ڪيس ٻٽ لاءِ ڪنهن وڏ گهراڻي ڇوڪريءَ جو سڱ گهربل هو ۽ نه جنگ جي ڇوڪريءَ جو. ماڻهو ته جنگ ڏاڍو ٺهو هو. ٻر ته به هو ته هڪڙو عام هاريءَ سو به ٻئي جي زمين جو.

ان ڪري وانگ لنگ اهو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. جاڻهه خاني ۾ ڪنوارين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرين جي ڳالهه نڪرندي هئي. يا ڪنهن اهڙي وڏي ماڻهوءَ جو ذڪر نڪرندو هو. جنهن وٽ سامايل سڪ ويٺل هوندو هو ته ڪن ڏيئي اهڙيون ڳالهيون ٻڌندو هو. پر پنهنجي حاجيءَ سان اهڙي ڳالهه ڪانه ڪيائين. ڪيس خبر هئي ته جڏهن ڪيس جانهه خاني واري زال جي ضرورت پئي هئي. ته سندس حاجي انهيءَ ڪم لاءِ ڏاڍي ٻڙ هئي. پر پٽ لاءِ ڪيس سندس حاجيءَ جهڙي عورت جي ضرورت ڪانه هئي. ڪيس خبر هئي ته هن ڪي سندس پٽ جي لائق ڪو سڱ سڄهندو ئي ڪونه هوندو.

سال. سياري جي برف باريءَ ۽ ٿڌي هوا ۾ بدلجي ويو. نئين سال جو جشن آيو. دعوتون دعوتون ٿيون. نه رڳو ڳوٺن مان. پر شهر مان به ڪيترائي ماڻهو ڪيس مبارڪون ڏيڻ آيا.

"انهيءَ ڪان وڌيڪ توکي ڪهڙي دعا ڪريون؟ گهر ۾ پٽ اٿيئي. زالون اٿيئي. ٻئسو ڏوڪر به جام اٿيئي. تنهن ڪان سواءِ زمين."

ريشم جو وڏو حوغو ڀهريل. ٻنهي پاسن ڪان سهڻين پوشاڪن ۾ ملبوس پٽ. ميزن تي ڪيئن لاءِ قسمين قسمين مٺايون ۽ ميوا ۽ نئين سال جي مبارڪن ۽ ايندي جي خوش بختيءَ بابت دعائن وارا ڪاغذ هر جاءِ تي ٽنگيل. وانگ لنگ کي خبر هئي ته سندس بخت ڏاڍو ٻيو آهي.

سال ٻدليو. بهار جي مند اچي سهري. ساهه بلوط جا وڻ جهج ساوا ٿي ويا هئا. سفتالو جي وڻن تي ڳلابي مکريون ڇانئجي ويون هيون. پر وانگ لنگ کي حان تائين پٽ لاءِ سڱ ڪونه مليو.

بهار جي مند لنگهي ويئي. گرم ڏينهن ۾ حوڏس فضا ۾ ٻو بخاريءَ ساهي ڏاٽي جي ڪونجن جو سڳند سمايل هو. ساهه بلوط پنهنجا ساوا ٻن ٻوري طرح ڪيڏي ٻڪيڙي ڇڏيا هئا. وڻ ساوا ٿي ويا هئا. ڌرتي پنل ۽ فصل جي ڪري ڳرب وٽي زال جي مثال بنجي ويئي هئي. اوچتو وانگ لنگ جي وڏي ڇوڪر ۾ ڪا تبديلي آئي ۽ ٻنهه ٻار جهڙو بنجي ويو؛ ٻنهه حيراڪ ۽ مون ٿي ويو. ڪهڙو ڳالهائيندو به ڪونه هو. ڪتابن مان بيزار ٿي ٿيو. وانگ لنگ کي ڏپ وٺي ويو. خبر ئي ڪانه ٿي پيس ته ڇا ڪري. نيٺ وڃي ڊاڪٽر سان ڳالهه ڪيائين.

ڇوڪر ۾ اهڙي ته ڪا ڳالهه هئي ڪانه. جنهن کي درست ڪيو وڃي ها. جيڪڏهن ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جو دلاسو ڏيندي چوندو هوس ته "اچي ڪوسٽ ۽ جانور ڏئو ڪري ڪاءِ." ته وٺي ضد ڪندو هو ۽ اداس ٿي ويندو هو. وانگ لنگ ڪاورجي پوندو هو ته ڇوڪر اچي روئڻ ۾ ڇنڪندو هو ۽ ماٺڙي ڪري اٿي هيو ويندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ کي حيرت وٺي ويندي هئي. ڪري به ڪجهه ڪونه سگهندو هو. ڇوڪري جي پويان لڳو ايندو هو. جيتري قدر به ٿي سگهندو هوس. ڪيس نرميءَ سان ڇوندو هو.

"اُئون تنهنجو پيءُ آهيان.جيڪي به دل ۾ هجيئي. مون کي ڪٽي پڌاءِ."

پر ڇوڪر رڳو ڏڏا ساهه کڻندو هو ۽ ڪنڌ کي زور سان ڌوڻيندو هو.

وري ٻي ڳالهه اها ٿي جو ڇوڪر کي پنهنجي استاد کان به بچان اچڻ لڳي. صبح جو سوير، جيستائين وانگ لنگ کيس دڙڪا نه ڏيندو هو. ايستائين اسڪول وڃڻ لاءِ هنڌ مان نڪرندو ئي ڪونه هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هن کي ڏک به هئي ڪيندو هو. پوءِ مس مس سور مرندي ويندو هو. ڪڏهن ته شهر جي گهٽين ۾ اجايو پيو رلندو وتندو هو. وانگ لنگ کي اها خبر رڳو رات جو وڃي پوندي هئي. جڏهن ننڍو ڇوڪر ڇوندو هو.

"اج ادا وڏو اسڪول ۾ ڪونه هو."

وانگ لنگ کي وڏي پٽ تي ڪاوڙ اچي ويندي هئي ۽ وٺي واڪا ڪندو هو.

"ته آئون پئسا ڏوڪڙ ٺلها پيو خرچ ڪريان ڇا؟"

پوءِ ڪاوڙ ۾ لڪڻ کڻي اچي ڇوڪر کي وٺندو هو. ڇوڪر جي ماءُ اُو-لان مار جو آواز ٻڌي، ٻورچيخاني مان ڊوڙي نڪرندي هئي ۽ اچي پيءُ پٽ جي وچ ۾ بيهندي هئي. وانگ لنگ پٽ کي جهلڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن گهنون ڏيندي. هن ويچاريءَ تي موچڙن جو وسڪارو لاهي ڏيندو هو. سڄو ڇهرو پيلو ٿي ويندو هوس ۽ رڳو لڙڪ پيا وهندا هئس. رات ڏينهن وانگ لنگ انهيءَ ڳالهه تي سوچيندو رهندو هو. پر ڪجهه به ڪري ڪونه سگهيو.

هڪ شام ماني کائڻ کان پوءِ هو سوچڻ لڳو. ته ان ڏينهن به هن وڏي ڇوڪر کي اسڪول نه وڃڻ تان مار ڏني هئي. جنهن مهل هن اها ڳالهه سوچي پئي. ان وقت اُو-لان اندر گهڙي آئي. خاموش ئي خاموش اچي وانگ لنگ جي اڳيان بيهي رهي. هن کي پڪ ٿي ته اُو-لان کي ضرور ڪا ڳالهه ڪرڻي آهي.

"ڳالهه ڪر. ڇا آهي؟"

"اهو ڇوڪر کي جيڪو تون مارين ٿو. سو سڀ اجايو آهي. مون ٻانڻ پنهنجي ٽين سان حويليءَ ۾ ننڍين رئيسن کي ڏٺو هو. ته انهن جي به اها حالت ٿي ويندي هئي. من اداسي ڇانئجي ويندي هئي. جڏهن به ايئن ٿيندو هو ۽ پڻ پنهنجي سر ڪجهه ڪري ڪونه سگهندا هئا. ته وڏو رئيس ڪين ڪا ٻانهي ڪوني ڏيندو هو."

"ضروري ڪونهي ته اهائي ڳالهه هجي." وانگ لنگ دليل ۾ چيو. "آئون جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪر هوس. نه مون ۾ نه اهڙي وياڪلتا ڪانه هئي. نه روئڻ. نه جهڙ نه ڪا ٻانهي وغيره.“

أو-لان ٿورو ترسي هوريان هوريان جواب ڏنو.

”مون به نندين رئيسن کان سواءِ اها حالت پئي ڪنهن جي به ڪانهي ڏٺي. تون نه هئين هاري، پر هيءُ نه نندين رئيسن جهڙو ئي آهي. سڄو ڏينهن گهر ۾ واندو وينو آهي.“

وانگ لنگ حيرت ۾ پئجي ٿورو سوچيو ۽ محسوس ڪيائين. نه جوٺس جي ڳالهه سچي هئي. اهو سچ آهي. نه پاڻ جڏهن جوان چوڪر هو. نه اداس رهڻ جي واندڪائي ڪانه هوندي هئس. پرڀات ويل اٿندو هو. اها ئي ڪوڏر، هر ۽ جوڙو. لاباري جي مند ايندي هئي نه ڪم ڪري ڪري هڏ گڏ پورا ٿي ويندا هئس. روئيندو هو نه ڪير ڏسڻ وارو ئي ڪونه هوندو هوس. ڪيڏانهن ڀڄي به ڪونه سگهندو هو. جيئن سندس پٽ اسڪول مان ڀڄي ويندو هو. ڀڄي وڃي ها. نه کائڻ لاءِ ڪٿو به ڪونه هجيس ها. انهيءَ ڪري سخت پورهيو ڪرڻ لاءِ مجبور هو. هن کي اهو سڀ ڪجهه ياد آيو. نه پنهنجي منهن چوڻ لڳو.

”پر منهنجو پٽ نه ايئن ڪونهي. مون کان و”ٻڪ سڪيو آهي. پيءُ پئسي وارو اٿس. جڏهن نه منهنجو پيءُ ويچارو غريب هو. هن کي نه پورهيي ڪرڻ جي به ضرورت ڪانهي جهڙي مون کي هوندي هئي. آئون پاڻ ئي ڪم ڪندس. ڪير پلا پنهنجي پڙهيل ڳڙهيل پٽ کان هر ڪاهرائيندو جهڙو منهنجو پٽ آهي.“

هن ۾ فخر پرجي آيو نه ڪيس اهڙو پٽ هو. هن أو-لان کي چيو.

”خير هو جيڪڏهن نندي ڪنهن رئيس جهڙو آهي. نه اها پي ڳالهه آهي. پر آئون هن لاءِ ٻانهي ڪونه خريد ڪندس. آئون هن کي مڱائيندس ۽ سِڄهندي ئي سندس شادي ڪرائي ڇڏيندا سين. اهو ڪم ڪرڻو آهي.“

پوءِ هو اٿيو ۽ اندرئين گهر ۾ هليو ويو.

باب ٽيويهون

ڪنول ڏنو نه وانگ لنگ سندس موجودگيءَ ۾ به بدحواس ٿيو. سندس حسن بجاءِ الائي ڇا جو ڇا وينو سوچيندو هو. هوءَ منهن گهنجائي چوندي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون کي خبر هجي ها تہ تورن ئي سالن ۾ تون مون کي ڏسندين بہ ڪونہ. تہ آئون اتي ڄاڻهہ خاني ۾ ويٺي هجان ها." ڪنول ڳالهہ ڪري ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو ۽ ٽيڏي اک سان ڪيس ڏسڻ لڳي. تہ هن ڪان ڪل نڪري ويئي ۽ ڪنول جو هٿ جهلي، ڳل سان لائي. ان جي خوشبوء سنگهندي جواب ڏنائين.

"ڪو بہ مــرد هر وقت پنهنجي ڪوٺ تي ڏاڪيل مــوتيء بابت ئي ڪونہ سوچيندو آهي. پر جي اهو وڃائجي وڃي تہ پوء اها ڳالهہ ڪونہ سهندو. اڄ ڪلهہ مون کي وڏي ڇوڪر جي اون ٿي پئي آهي. پنهنجي تمنائن جي شدت جي ڪري سندس رت ۾ ڏاڍي بيچيني ٿي پئي آهي. سندس شادي ڪرڻ ڪيي. پر مون کي خبر ڪانہ ٿي پوي. تہ ڪيس برتائڻ لاء سڳ ڪيئن ڳوليان. آئون پاڻان تہ ڪيس ڳوٺ جي ڪنهن ڪڙميء جي ڌيء سان نہ پرڻايان. پيو تہ اڄان بہ اسان جي ڪٽنب تي ساڳيو غريباڻو نالو 'وانگ' رکيل آهي. نہ وري مون کي شهر ۾ بہ ڪو اهڙو ماڻهو سڃڻي جنهن کي آئون وڃي چوان تہ هيءُ منهنجو پٽ آهي ۽ تو وٽ بہ سڳ وينو آهي. وري بي ڳالهہ اها. تہ اهڙي ڏنڌي ڪرڻ واري وٽ ويندي بہ مون کي ٻچان ٿي لڳي. ٿي سگهي ٿو تہ ان جو وري ڪنهن سان ڏ مغزي يا بد صورت ڇوڪريء جي سڳ لاء واعدو ڪيل هجي.

جڏهن ڪان وڏو ڇوڪر تورو ڏگهرو ٿيو هو ۽ رنگ ڪڍيو هئائين. تڏهن ڪان ئي ڪنول هن کي تعريفي نظرن سان ڏسڻ لڳي هئي. ان ڪري سندس خيال بدلجي ويو ۽ هوء وانگ لنگ سان گفتگو ۾ شريڪ ٿي ويئي.

"ڄاڻهہ خاني ۾ هڪڙو ماڻهو مون وٽ ايندو هو. اڪثر پنهنجي ڌيء جي ڳالهہ ڪندو هو. چوندو هو. تہ صفا مون جهڙي آهي. قدبت ۾ ننڍڪي ۽ سهڻي جهڙي ٻار. چوندو هو. تہ آئون تو کي بي ڌرڪ پيار نٿو ڪريان. تون جهڙي منهنجي ڌيء .تون صفا ان جهڙي آهين. ان ڪري اها ڳالهہ مون کي ڏکي ٿي لڳي. انهيء ڪري، جيستوڻيڪ مون سان دل تہ ڏاڍي هوندي هئس. پر سدائين هڪ ٻي ڇوڪريء وٽ ويندو هو."

"ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو؟" وانگ لنگ پڇيو.

"ڏاڍو سٺو ماڻهو. هر وقت پئسا موجود هوندا هئس. واعدو ڪندو هو تہ ضرور پاڙيندو هو. اسان سڀني جي مٿس دل هوندي هئي. چالاڪ تہ ساڙوبو ڪونہ هوندو هو. ڪنهن بہ ڇوڪريء جي ڪنهن وقت ڪا ڳالهہ ڏکي لڳندي هئي. تہ پڻ وانگر رڙيون ڪونہ ڪندو هو. تہ ساٿس لڳي ٿي آهي. پر وڏيء دل سان چوندو هو. 'خير آ' چئي ڪو شهزادو هجي يا سندس تربيت ڪنهن محل ۾ ٿي هجي. 'هي وٺ پئسا. تون آرام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر. جيسنائين وري پيار ڪرڻ تي طبيعت چوي. اسان سان ڏاڏو سهڻي نموني سان ڳالهائيندو هو." ڪنول جڻ ته پنهنجي منهن ڳالهائيندي ويئي. جيسنائين وانگ ننگ ڪيس سڃاڻپ نه ڪيو. ڇاڪاڻ ته سندس مرضي ڪانه هئي ته ڪنول پنهنجي ماضيءَ بابت سوچي.

"دولت ته گهڻي هوندس، پر ڏنڊو ڪهڙو ڪندو آهي؟"

"هينئر ته مون کي ياد ڪونهي. پر سمجهان ٿي ته اناج منديءَ جو مالڪ آهي. پر ڪڪوءَ کي سندس ۽ سندس دولت جي پوري خبر هوندي. اٿون ڪني ڪڪوءَ کان ٿي پڇان." ڪنول وراڻيو.

پوءِ تاڙي وڄايائين ته ڪڪو بورچيخاني مان ڊوڙي آئي. سندس ڳل ۽ نڪ باهه جي تَوَ ڪري ڳاڙها ٿيا پيا هئا. ڪنول پڇيس.

"اهو ماڻهو ڪير هو. جيڪو مون وٽ ايندو هو ۽ پوءِ وري انارڪليءَ ڏي وڃڻ لڳو هو؟ چوندو هو ته آئون سندس ڌيءَ جهڙي آهيان. تنهن ڪري ويجهو ڪونه ايندو هو. جيتوڻيڪ سيني ڪان مون سان گهڻي دل هوندي هئس."

ڪڪو ورندي ڏني. "ها. ها! اهو 'ليو' هو. اناج جو واپاري. ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. جڏهن به مون کي ڏسندو هو. ته ترىءَ تي چاندي رکندو هوم."

"سندس دڪان ڪٿي آهي؟" وانگ لنگ پڇيو. جيتوڻيڪ سڄي گفتگو ڌيان ڏئي ٻڌي ٿي. جنهن مان ڪو به نتيجو نڪرئو ڪونه هو.

"اسون برج واري گهٽيءَ ۾." ڪڪو وراڻيو.

ان ڪان اڳ جو هوءَ جملو پورو ڪري. وانگ لنگ خوشي ۾ پنهي هٿن سان تاڙي وڄائي ڇيو.

"انهيءَ کي ته آئون پنهنجو اَن وڪرو ڪندو آهيان." واهه جي ڳالهه ٿي. اهو ڪم ته ڪرڻ کپي." پهريون پيرو منجهس دلچسپي پيدا ٿي هئي. ڪيس اها ڳالهه ڏاڍي سياڻپ واري لڳي. ته سندس پٽ جي شادي اهڙي ماڻهوءَ جي گهران ٿئي جيڪو ڪانئس ان وغيره خريد ڪندو آهي. جڏهن به ڪا اهڙي ڳالهه ٿيڻ واري هوندي هئي ته ڪڪو کي ان ۾ پئسي جي بوءِ محسوس ٿيندي هئي. جيئن ڪٽي کي سٽ جي بوءِ ايندي آهي. هن پنهنجا پٽي هٿ پهراڻ جي دامن سان اگهيا ۽ چائين.

"آئون پنهنجي آقا جي خدمت لاءِ هينئر ئي تيار آهيان."

وانگ لنگ کي شڪ پئجي ويو ۽ هو ڪڪوءَ جي چالاڪ منهن ڏي ڏسڻ لڳو. ڪنول جوش ۾ چوڻ لڳي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سچي ڳالهہ آهي. ڪڪو وچي 'ليو' ڪان پڇي. 'ليو' ڪيس چڱيءَ طرح سجائي بہ. اهو ڪم ڪري بہ سگهجي ٿو. ڪڪو هوشيار تہ ڏاڍي آهي. ڪم سولائي سان ٿي وڃي. تہ پوءِ ڪيس ان جو اجورو ملڻ کپي."

"آئون ڪري ويندس." ڪڪوءَ سچيءَ دل سان چيو ۽ ڪيس جڏهن پنهنجي هٿ ۾ اجوري جي چاندي جو خيال آيو. تہ ڪلي ڏنائين. وري تڪڙ ۾ چوڻ لڳي. "هائي جلدي وڃان. گوشت تيار آهي. پاڇي بہ ڊوئي چڏي اٿم."

پر وانگ لنگ اجان تائين ان معاملي تي پوريءَ طرح غور ڪونہ ڪيو هو. هن سوچيو تہ اهڙو معاملو ايترو جلدي طئي بہ نہ ڪرڻ گهرجي. ان ڪري چيائين.

"اچا تہ مون فيصلو ڪونهي ڪيو. بہ ٽي ڏينهن ڳالهہ تي سوچيندس. پوءِ ٻڌائيندس تہ ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿم."

ٻنهي زالن کي ڏاڍي هوراڪورا هئي. ڪڪوءَ کي تہ ٽشن جي ۽ ڪنول کي ان ڪري جو گهر ۾ نئين ڳالهہ هئي ۽ هر نئين ڳالهہ مان کيس لطف ايندو هو. پر وانگ لنگ اهو چئي ٻاهر هليو ويو.

"معاملو منهنجي پٽ جو آهي. تنهن ڪري ڪجهہ انتظار ڪندس."

هن کي ڪيترين ئي ڳالهين تي سوچ ويچار ڪرڻ ۾ ڪهڻائي ڏينهن لڳي ويا. روز صبح جو اچي ڏينهن. سندس وڏو پٽ شراب پيئڻ ڪري ڳاڙهي منهن. وات ۾ بدبوءِ ۽ ٿڙندڙ ٿاٻڙندڙ قدمن سان. اچي گهر پيڙو ٿيندو هو. وانگ لنگ کيس اڳڻ تي ٿابو ڪائيندي ٻڌو ۽ ڊوڙي ٻاهر ڏسڻ آيو. تہ ڪير آهي. چوڪر ڏاڍو بيمار پئي لڳو ۽ سندس آڌو ٿي الٽي ڪرڻ لڳو. چوڪر گهر ۾ ناهيل اوپاريل جانورن جي شراب ڪانسواءِ پي شئي جو هيراڪ ٿي ڪونہ هو. سو ڪتي وانگر اتي ئي زمين تي الٽيءَ ۾ ڪري پيو.

وانگ لنگ کي ڊپ وٺي ويو. او-لان کي سڏي ورتائين. ٻنهي گڏجي چوڪر کي کنيون. کيس ڏٺاري او-لان جي ڪمري ۾ آئي ليناباٿونس ۽ جيستائين واندا ٿيا. تيستائين چوڪر کي ننڊ ڪٽي ويئي. مٿن وانگر. جواب نہ پئي ڏيئي سگهيو تہ پيءُ ڇا ٿو پڇي.

پوءِ وانگ لنگ ٻنهي چوڪرن جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ويو. ڏٺائين تہ ننڍي چوڪر اوٻاسيون بہ پئي ڏنيون. تہ اسڪول وڃڻ لاءِ ڪپڙي جي بجڪي ۾ ڪتاب بہ پئي ٻڌا. وانگ لنگ چوڪر کي چيو.

"رات وڏو ڀائين تو سان سمڻ ڪونہ هو؟"

چوڪر سور مرندي چيو.

"نہ."

ڇوڪر جي نهار ۾ ڊپ هو. وانگ لنگ جو اهو ڏنو. تہ ڇوڪر تي چڙهي ويو.

"ڪيڏانهن ويو هو؟" ڇوڪر جواب نہ ڏنو. تہ ڇوڪر کي ڳچيءَ کان جهلي ڌونڌاڙڻ لڳو.

"ٻڌاءِ ڪتا! ڪيڏانهن ويو هو؟"

ڇوڪر کي اڃي ڊپ ٻڌو سو اوڇنگارن ۾ شروع ٿي ويو. روئندي روئندي چيائين.

"ادا وڏي چيو هو تہ توهان کي نہ ٻڌايان. چيو هئائين تہ ٻڌايم تہ مون کي ماريندو ۽ تتل سئي سان ڏنڀ ڏيندو. ۽ نہ ٻڌايم تہ پئسا ڏيندو."

وانگ لنگ رڙ ڪئي.

"ٻڌاءِ نہ. موت پوئي."

ڇوڪر مٿس هيٺ مٿي نظر ڪئي ۽ ڏٺائين تہ جيڪڏهن ڪجهہ نہ ٻڌائيندو تہ پڻس کيس گهڻا ڏيندو. سو مايوسيءَ وچان جواب ۾ چيائين.

"لاڳيتو ٽن راتين کان باهر نڪري ويندو آهي. ڇا ٿو ڪري، سا خبر مون کي ڪانهي. رڳو اينرو تہ اوهان جي سوٽ سان گڏ ويندو آهي."

وانگ لنگ ڇوڪر جي ڳچيءَ مان هٿ ڍرو ڪري، کيس هڪڙي پاسي ٿيلهو ڏنو ۽ تکو تکو چاچس جي ڪمري ڏانهن هليو ويو. سندس سوٽ اتي وينو هو. شراب جي نشي ۾ منهن ڳاڙهو ڪريو. پر پير وغيره صحيح هئس. ڇاڪاڻ تہ وڏو بہ هو ۽ اهڙين ڳالهين جي هير بہ هئس. وانگ لنگ مٿس چڙهي ويو.

"منهنجي پٽ کي ڪيڏانهن وٺي ويو هئين؟"

"منهنجي سوٽ جي پٽ کي ڪيڏانهن بہ وٺي وڃڻ جو ڪم ئي ڪونهي. پاڻ اڪيلو بہ وڃي سگهي ٿو." هن وانگ لنگ تي ٺٺول ڪئي.

پر وانگ لنگ پنهنجو سوال ورجايو. هن پيري کيس دل ۾ آيو. تہ هوند پنهنجي سوٽ کي ماري وجهي.

"رات منهنجو پٽ ڪٿي هو؟"

هاڻي جوان مڙس کي وانگ لنگ جي آواز تي ڊپ وٺي ويو ۽ پنهنجون گستاخ اکيون جهڪائي. سور مرندي چيائين.

"رات ڪسبيائيءَ وٽ ويو هو. پراڻي حويلي ۾ رهندي آهي."

وانگ لنگ کان دانهن نڪري ويئي. انهيءَ ڪسبيائيءَ کي گهٽو ڪري سڀ سڃاڻندا هئا. پر وٽس غريبن کان سواءِ ويندو ڪير بہ ڪونہ هو؛ ڇاڪاڻ تہ هڪڙي تہ

ڄمار ۾ وڏي هٽي ڀيو وري ٻئسا گهٽا نہ گهرندي هئي. وانگ لنگ مانيءَ لاءِ بہ ڪونہ ترسيو ۽ دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. ٻنهي وچان اچي لنگهيو. چوڪر جي ٻيدا ڪيل مصيبت جي ڪري هن کي هو بہ نظر ڪونہ آيو. تہ ٻنيءَ ۾ ڇا ٿيو يا فصل ڪيترو پڪو ٿيو. ٻان اڪيون مهاڙ ڪريو هندو ويو. شهر جو دروازو اُڪري. ان گهر ۾ ويو جيڪو وڏو ڪهڙ ڪونبو هو.

دروازي جا وڏا وڏا طاق کليا پيا هئا. ڪو بہ ماڻهو اهي بند ڪري مٿن لوهہ جون سهيون طاقيون ڪونہ چاڙهيندو هو. هر ماڻهو انهن ڏينهن ۾ اتي پيو ايندو ويندو هو. هو اندر ويو. ڏٺئين تہ اڱڻ توڙي سمورا ڪمرا عام مسوازي ماڻهن سان سٿيا پيا هئا. سمورو ڪهر گندڪيءَ سان ڀريو پيو هو. صنوبر جون ٽاريون وڍيون هيٺ پيون هيون. جيڪي وڻ بيٺا هئا سي بہ سڪا پيا هئا. اڱڻ تي نديڙا فوهارا خشڪ پنن سان سٿيا پيا هئا.

"اها عورت ڪٿي آهي، ڪسبياڻي آهي جيڪا؟"

هڪڙي عورت نن ننڪن واري اسٽول تي ويٺي هئي ۽ جتيءَ جي تري کي ٽوپا پئي ڏنائين. ڪنڌ مٿي ڪٿي اڱڻ ۾ کلڻ واري دروازي ڏي اشارو ڪيائين ۽ وري بہ سبڻ ۾ لڳي ويئي. ڪو بہ تہ مرد ڪائنس بار بار اهو سوال ڪندا رهيا هجن.

وانگ لنگ دروازي وٽ آيو ۽ دروازي کي ڌڪ هڻڻ لڳو. اندران ڪنهن جڙ ۾ چيو. "هينئر هليو وڃ. جوڪي رات جو ڪم پورو ٿي ويو. سڄي رات ٿي ڪم ڪريان."

پر هن وري بہ دروازي تي ڌڪ هنيو. اندران رڙ ٿي.

"ڪير آهي؟"

هن ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنو. پر اجا بہ دروازو کڙڪائيندو رهيو. ايتري ۾ هن ڪنهن جي هلڻ جو کڙڪو ٻڌو ۽ هڪ ٿڪل ڇهري ۽ ٻڪوڙيل ٿلهن چپن واري عورت اچي دروازو کوليو. عورت ڪا خاص جوان بہ ڪانہ هئي: ڇهري تي اڇو پائوڊر ٿڦيو پيو هوس ۽ ڳلن ۽ چپن تي لالي مکي پئي هيس. جيڪا اکين بہ ڪانہ هٿائين. وانگ لنگ کي ڏسي جلدي جلدي چوڻ لڳي.

"رات ٿيڻ کان اڳي نہ. رات جو جيتري جلدي مرضي ٿيئي هليو اچجانءِ. پر هينئر تہ آئون سمهان ٿي."

وانگ لنگ ڇڙٻ ڏئي سنديس ڳالهہ ڪٽي. ڇاڪاڻ تہ عورت جي شڪل ئي سندس سهپ کان ٻاهر هئي ۽ پٽ جو اتي اچڻ ڪائنس سٺو ڪونہ ٿي ٿيو. چيائينس.

"منهنجي ڳالهہ ڪانهي. مون کي تو جهڙيءَ جو ڪم ئي ڪونهي. منهنجي پٽ جي ڳالهہ آهي." وچنو هن کي ڪو تہ پٽ لاءِ روئڻ جي ڪري سندس گلو ڀرجي آيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت پڇيو.

"خير! پنهنجي جو ڇا هي؟"

وانگ لنگ ڪنبدڙ آواز ۾ ورائيو.

"رات هو هتي آيو هو."

"گهڻن ئي جا پٽ رات هتي هئا." عورت چيو. "مون کي ته ڪا خبر ڪانهي ته تنهنجو پٽ ڪهڙو هو؟"

وانگ لنگ عورت کي ليلائيندي چيو.

"سوچ، ياد ڪري وٺ. سنهڙو نوجوان ڇوڪرو. پنهنجي عمر کان به وڌيڪ ڊگهڙو آهي. مون کي ته خواب ۾ به ڪونه هو، ته ڪو هو عورت وٽ وڃڻ جي دل به ٻڌندو."

عورت ياد ڪندي جواب ڏنو.

"ٻه ته ڪونه هئا؟ هڪڙو منجهائن جوان مڙس هو. نڪ جي چوٽي اچي. ڪن تي ٽوپي رکيل ۽ سندس اکين مان لڳو ٿي. ته ڪيس هر ڳالهه جي سڌ آهي. ۽ ٻيو جيڪو تون ٿو چوين. ڊگهڙو ڇوڪرو. ڏاڍو اتاولو هو."

"ها. ها! اهو. منهنجو پٽ."

"ڇا ٿيو تنهنجي پٽ کي؟"

وانگ لنگ سنجيدگيءَ سان عورت کي چيو.

"ڳالهه اها آهي ته ڪڏهن به اهو ڇوڪرو تو وٽ اچي. ته اچڻ نه ڏجانس. کيس چئجانءِ ته توکي فقط مرد کپن ۽ ٻيو جيڪي توکي وڻي. ٻر ٻري ڪري ڇڏجانس، آئون توکي ٻيڻا پئسا ڏيندس."

عورت کلي ڏنو. اوجتو مذاق سان چيائين.

"ڪير چوندو ته کيس مفت جا پئسا هٿ نه اچن. آئون به اهو ئي ٿي چوان. سچي ڳالهه آهي. ته منهنجي پنهنجي خواهش به مرد تي ٿيندي آهي. ڇوڪرن ۾ مزو به گهٽ هوندو آهي." عورت ڪنڌ ڌوڻيو ۽ ٿيڏي اک سان وانگ لنگ کي ڏسڻ لڳي. هو عورت جي بي رونق چهري مان ڏاڍو ڪڪ پئي لڳو. تڪڙ ۾ چيائين.

"ته ٻوءِ ايئن ئي ٿيندو."

هو مڙيو ۽ تڪڙو تڪڙو گهر ڏي هلڻ لڳو. هلندي هلندي عورت جي ڪراهت جي يادگيري لاهڻ لاءِ پٽ تي ٿڪيندو ويو.

ان ڏينهن هن ڪڪو کي چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تو ڳالهه ڪئي؟ وچ انهيءَ واپاريءَ وٽ ۽ وچي ڳالهه ناهي اچ. ٻلي کو چڱو خاصو ڏاج هجي. پر ڇوڪري خوبصورت هجي ۽ ڳالهه نهي وچي. نه ٻوءِ گهڻي ڏاج تي به زور نه ڏجانءِ."

ڪڪو سان ڳالهه ڪري واپس ڪمري ۾ ويو ۽ ستل پٽ جي پرسان اچي وينو سوچڻ لڳو. نه سندس پٽ جيڪو ستو پيو هو. ڪيڏو نه سهڻو جوان هو. هن کي ڇوڪر جي جوانيءَ جو خاموش. لسو ۽ نندڙو چهرو نظر آيو. وري جڏهن کيس عورت جو ناگوار چهرو ۽ تلها جپ ياد پيا. نه سندس دل ڪاوڙ ۽ ڪرب سان ڀرجي آئي ۽ اتي ويني ئي ٻٽڪندو رهيو.

اتي وينو ئي هو. نه أو-لان اندر گهڙي آئي. ٻيني ڇوڪر جي چهري تي نظر ڪيائين ۽ هوريان هوريان ڪري ڇوڪر جي چهري تان پکهر ڏوئڻ لڳي. جيئن حويليءَ ۾ نندن رئيسن کي ڏٺريندين هيون. جڏهن اهي نشو ڪري ايندا هئا. ٻوءِ اهو ڏسي نه نشي جي نند منهن ڏٺارڻ تي به نه ڪلي. نه وانگ لنگ اٿيو ۽ وري چاچس جي ڪمري ۾ ويو. ڪائنس پنهنجي پيءُ جي پاءَ واري ڳالهه ئي وسري ويئي. کيس رڳو اهو ياد هو نه هي شخص انهيءَ رول ۽ گستاخ جو پيءُ آهي. جنهن سندس سدا ملوڪ پٽ کي ڪاري چڏيو هو. هو اندر آيو ۽ چڙ ۾ رڙ ڪري چيائين.

"مون نانگ پاليا. جن نيٺ مون کي ڏنگيو آهي."

سندس چاچي ميز تي ويٺي نيرن ڪئي. ڪم ڪار هوندو ئي ڪونه هوس. سو ٻنپهرن تائين اٿندو ئي ڪونه هو. هن وانگ لنگ جي لفظن تي ڪنڌ مٿي ڪنيون ۽ بيزاريءَ مان پڇيائين.

"ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

وانگ لنگ گهبراهٽ ۽ چڙ ۾ کيس ڳالهه ڪري ٻڌائي. نه چا ٿيو هو. پر چاچس. رڳو ڪلي ڏنو.

"تون ڪنهن ڇوڪر کي مرد بنجڻ کان روڪي سگهندين؟ تون ڪنهن ڪتي کي ڪنهن ڪتيءَ جي ٻويان هلڻ کان به جهلي ويندين؟"

جڏهن وانگ لنگ سندس ٺهڪ ٻڌو. نه کيس هڪ پل ۾ ئي اهو سڀ ڪجهه ياد اچي ويو. جيڪو هو چاچي جي سر جي ڪري سهندو آيو هو. گهڻو عرصو ڪونه گذريو هو جو چاچس کيس زمين وڪڻڻ لاءِ زور ڀريو هو. هيئنر به ٽئي جٺا. واندا ئي واندا رڳو کائڻ جي ٻويان اتي پيا هوندا هئا. کيس ياد آيو. نه ڪيئن سندس چاچي اهو مهانگو ڪاڏو واپرائيندي هئي. جيڪو ڪکو. ڪنول لاءِ رڌيندي هئي ۽ هاڻي سندس سوٽ هن جي

سدا ملوڪ ٻٽ کي ڪاري ڇڏيو هو. هن پنهنجي زبان ۾ چڪ هڻي چيو.

"نڪري وڃو منهنجي گهران. تون ۽ تنهنجا ڀاتي. هينئر ڪان پوءِ مون وٽ اوهان لاءِ مانيءَ جو ڀُيو بہ ڪونهي. اوهان کي پناهہ ڏيان تنهن کان ـ ڪُهر کي باهہ ڏئي ڇڏيان. اوهان کي پنهنجو تہ نڪ نرڃا. نڪما. ڪو تورو بہ حيا ڪونهي!"

پر سندس چاچو جتي وينو هو اتي ئي وينو مانيءَ کي لڳو پيو هو. ڪڏهن هن پليٽ مان تہ ڪڏهن هُن مان. وانگ لنگ جو رت ٻئي نهڪيو. جڏهن ڏنائين، تہ چاچس کو بہ ڏيان ڪونہ ڏنو. تہ هٿ متي ڪري اڳتي آيو. چاچس هن ڏي مهاڙ ڪيو.

"هجئي دل، تہ ڪيِ مون کي ٻاهر."

وانگ لنگ ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهيو ۽ لڳو هبڪڻ ۽ هن کي ڏمڪائڻ. "چڱو تہ اها ڳالهہ آهي... چڱو...." چاچس پنهنجو ڪوٽ کوليو ۽ هن کي ڪجهہ ڏيکاريو. وانگ لنگ اتي ئي پند پهڻ ٿي بيهي ويو. ڪيس ڳاڙهن وارن جي هڪڙي هتراڏو چڳ ۽ ڳاڙهي ڪپڙي جي پٽي نظر پئي. وانگ لنگ اهي شيون گهوري ڏسڻ لڳو. سندس ڪاوڙ پاڻيءَ وانگر وهي ويئي. سڄو ڏڪي ويو. منجهنس سگهہ ئي ڪانہ رهي. اهي ٻئي شيون ڌاڙيلن جي ٽوليءَ جو نشان هيون. اهي ڌاڙيل اتر ۽ اولهہ ۾ رهندا هئا. ڌاڙا خون ڪيا هئائون. گهر کي باهيون ڏيندا هئا ۽ زالن کي ڪٽي ويندا هئا. ٻئي وارن هارين کي سندن ئي گهرن ۾. گهر جي چائنٺ ۾ رسين سان ٻڌي ويندا هئا. ٻئي ڏينهن جيئرا هوندا هئا. تہ چريا ٿيو پيا وڦلندا هئا. مري ويندا هئا. تہ هڏ گڏ پڳا پيا هوندا هئن ۽ ماس سڙيو پيو هوندو هونِ. وانگ لنگ اهي شيون جاچي ڏٺيون. سندس دوڏا ڦاٽي ويا ۽ ٻنا ڪو اکر ڪڇڻ جي هليو ويو. پويان چاچس جو ٽهڪ ٻڌائين. جيڪو وري ڪائڻ کي لڳي ويو.

هينئر وانگ لنگ پاڻ کي اهڙي مصيبت ۾ ڦاٿل ڏٺو. جيڪا خواب ۾ بہ اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺي هئائين. سندس چاچو پنهنجي ڪنڌ پوري ڏاڙهي ڪنهندو. ٽٽول ڪندو. پيو سندس اڳيان لنگهندو هو. جيو گهنجين. ڪيسو اڳيان. وانگ لنگ ڏسندو هوس تہ چڙ ۾ باهہ ٿي ويندو هو. پر انهيءَ ڊپ جي ڪري. تہ چاچس ڪجهہ بہ ڪري سگهيو ٿي، سائس ٻاجهارن لفظن کان سواءِ وڌيڪ ڳالهائڻ جي ڪيس جرئت ئي ڪانہ ٿيندي هئي. اها سچي ڳالهہ هئي. تہ هن جي بخت وارن ڏينهن ۾. خاص ڪري انهن سالن ۾ جڏهن تہ فصل ٿيو ئي ڪونہ يا تہ صفا ڪهٽ ٿيو ۽ پيا ماڻهو ٻارين ٻچين ٻکن ۾ ٻاهہ پيا ٿيندا هئا. تڏهن بہ ڪڏهن ڌاڙيل هن جي گهر آيا نہ ٻنيءَ تي. جينوئيڪ ڪيترائي پيرا ڪيس اهو ڊپ بہ ٿيو. ۽ رات جو دروازا زور سان بند ڪري ڇڏيندو هو.

عشق وارن ڏينهن ۾ بہ پاڻ سادا ڪپڙا پهريندو هو ۽ اجائي ڏيکاءُ کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنوائيندو هو. ڳوناٽن کان خونن جون ڳالهيون ٻڌندو هو. ته ستي پٽي به چرڪ ڀيا پوندا هئس. رات وڳڙي ۾ آوازن تي پيو ڪنائيندو هو.

پر ڏاڙيل ڪڏهن به سندس گهر ڪونه آيا ۽ بي اونو هوندو هو. سندس خيال هو ته ڪيس الله پناهه ڏني هئي. قسمت هونٽن به موجاري هئس. وڏي ڀاڳ وارو هو. ان ڪري هر ڳالهه کان بي اونو نيو وينو هو. ويندي ديوتائن جي پوڄا پاٺ کان به. اهي ته ڪجهه نذر نياز ڪرڻ کان سواءِ ئي منس ڏاڍا مهربان هوندا هئا. ڪيس سواءِ ٻنيءَ ۽ ٻين ذاتي معاملن جي. ٻي ڪنهن به ڳالهه جو خيال ئي ڪونه ايندو هو. اوچتو هيئنر هن ڏنو ته هيترو وقت ڇا لاءِ ٻجندو ٿي آيو آهي. سندس ٻجاءُ ان ڪري هو. جو پاڻ حاجي سميت ٽن پاتين کي پاريندو هو. جڏهن ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي. ته پکهرجي ويو. ڪيس جرئت ئي ڪا نه ٿي جو ڪنهن سان ڪئي ڳالهه ڪري. ته حاجس وٽ ڪيسي ۾ ڇا لکل هو.

هن وري ڪڏهن به حاجي کي گهر مان نڪرڻ جو ڪونه چيو. سندس حاجيءَ کي مجبور ٿي چيائين.

"جيڪي مرضي پويٽي وڃي اندرٽين گهر ۾ ڪائيندي ڪر. ۽ ها! هي ڪجهه ڏوڪڙ ائٽي خرچ لاءِ."

سندس نريءَ ۾ جڻ ته ڪا شئي قاتل هجي. ته به سوٽ کي چيائين.

"اجي. هي ڪجهه رقم. پلي وڃي خرچ ڪر."

پر ٻنهنجي پٽ تي نظر رکندو آيو. ۽ سچ لٽي کان پوءِ انهيءَ کي ٻاهر وڃڻ ڪو نه ڏيندو هو. جوڪر جينوٽيڪ ڪاوڙجي پوندو هو ۽ ڪاوڙ ۾ وتندو هو هر شئي کي ٽٽا هٽندو ۽ نٽين ٻارن کي ڪٽيندو. وانگ لنگ کي هاڻي اهي مصيبتون گهيري ويون هيون.

شروع ۾ ته انهيءَ مصيبت ۾ مبتلا هئڻ ڪري وانگ لنگ ڪو ڪم ڪري ڪو نه سگهندو هو. رڳو ڪنهن نه ڪنهن تڪليف تي وينو سوچيندو هو. يا ٻنهنجي منهن جوندو هو. "حاجي کي ڪهران ڊوڙائي ڪيان ۽ ٽدي وڃي سهر ۾ ويهان. سهر ۾ ڏاڙيلن جو ڊپ ڪونهي. رات جو سهر جي دروازن کي ڪلف هٽي ڇڏيندا آهن." پوءِ وري اها ڳالهه ياد آيس. ته روز ٻنيءَ تي ڪم لاءِ حتو پوندو. ڪير حٽي سگهندو ته ٻنهنجي ئي ٻنيءَ تي ساٽس. هنين خٽي هٽن ڪري. ڇا وهندو وابرندو. وڏي ڳالهه ته ماٺهو ڪيترو وقت سهر ۾ هڪري گهر ۾ ڪٽيو وينو هوندو ۽ تنهن ڪانسواءِ ٻنهنجي ٻنيءَ کان سواءِ ته مري ويندو. ڪڏهن ڪو ڏکيو سال اچي ويو. ته پڪ پوءِ سهر به ڏاڙيٽن کان بچي ڪو نه سگهندو. ڪي جيٽن ماضيءَ ۾ ٿيو هو جڏهن وڏي حويليءَ ۾ ڏاڙو لڳو هو.

پڻ سهر ۾ منجسريٽ وٽ وڃي به ها ڳالهه ڪري سگهيو ٿي ته.

”منهنجو چاچو ڏاڍيلن جو سانائي آهي.“ پر جيڪڏهن ايئن ڪري به ڪٿي ته ڪير ڳالهه مڃيندو؟ اهڙي مائهوءَ جي ڳالهه ڪير مڃيندو. جيڪو پنهنجي پيءُ جي پاءِ لاءِ اهڙي ڳالهه ڪندو هجي؟ وڏيڪ ته پائڻ انهيءَ ڳالهه جو امڪان به هو. ته سندس ناخلفيءَ جي ڪري ڪيس موچڙا پون. بجاءِ ان جي ته سندس چاچي کي ڪجهه نٿي. پچاڙي ۾ حياتيءَ لاءِ ڏار خطرو؛ چاڪاڻ ته ڏاڍيس اهڙي ڳالهه ٻڌي ته پلاند ۾ ڪيس ماري ڇڏيندا.

ٻوءِ جڻ ته اها ڳهٽ هٿي جو ايتري ۾ ڪڪو اناج جي واپاريءَ سان ڳالهائي آئي. جيتوڻيڪ مڱڻي جو معاملو طئي ٿي ويو. پر ”ليو“ جي مرضي هٿي. ته مڱڻي جي ڪاغذن جي ڏي وٺ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿيندو. چاڪاڻ ته ڇوڪري هٿي چوڏهن سالن جي ۽ اڃا ننڍي هٿي. اڃا به ٿي سال ترسڻو ٿي پيو. وانگ لنگ پٽ جي ٽن سالن جي ڪاوڙ. اڪيلائي ۽ اداس اکين جو سوچي ويڳاڻو ٿي ويو. چاڪاڻ ته ڇوڪر ڏهن ڏينهن مان به ڏينهن به اسڪول ڪونه ويندو هو. رات جو ماني کائيندي وانگ لنگ اُو–لان تي چڙهي ويو.

”منهنجي مرضي آهي. جڳو به ايئن ٿيندو. ته جيئن ٿي هي ٻيا ٿي پار لائق ٿين ته مڱائي ڇڏيون. جيترو جلدي اوترو جڳو. جيئن ٿي سندن خواهش نٿي ته ڪين پرڻائي ڇڏيون. آئون نئو چاهيان ته گهر ۾ اهڙي ڳالهه به ٿي پيرا ... ڪري.“

ٻئي ڏينهن صبح جو سنو ڪونه. رات سڄي به ... ري ننڊ مس ڪيائين. پنهنجو چوغو ڦاڙي ۽ جتي لاهي اڇلي ڇڏيائين. اها سندس عادت هوندي هٿي. ته جڏهن به ڪو مسئلو هن لاءِ منجهيل ثابت ٿيندو هو. ته ايئن ٿي ڪندو هو. هن ڪوڏر ڪنڌي ۽ ٻاهرين گهر مان لنگهي ٻنيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو. اتي سندس نينگري وڃي هٿي. هوءَ ڪپڙي جو ٽڪرو هٿن سان لسائي رهي هٿي ۽ مرڪي رهي هٿي. وانگ لنگ پٽڪو ڪيو.

”ويچاري هيءَ منهنجي چري. ٻين مرڻي کان مون کي وڏيڪ آرام ڏيندي آهي.“

ان کان پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين هو روز ٻنيءَ تي هليو ويندو هو. وري به ڀلاريءَ ڀونءِ هن کي جڳو ٻيو ڪرڻ جو ڪم ڪيو. سج چمڪي هن جي زخمن کي چيٽيو ۽ اونهاري جي گرم هوا هن کي سانت ۾ ويڙهي ڇديو. ۽ ٻوءِ هڪڙي ڏينهن هن کي سندس اڪٽ سوچن ۽ مصيبتن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڏکڻ کان هڪرو ننيڙو ڪڪر اڀريو. ڀهرياڻين ته اهوفقط ڏنڌ وانگر هو. لسو. ننڍو ۽ جيڪو افق تي بيٺو هو. ٻين ڪڪرن جي برخلاف جيڪي هوا جي ڳهڻ تي هيڏانهن هوڏانهن ٻيا ٿيندا آهن. هيءُ هڪ ئي هنڌ تي بيٺو هو. ٻوءِ هوا جي زور تي پکرجي ويڪرو ٿي ويو.

ڳوٺ جي ماڻهن اهو ڏٺو. ته ان بابت ٿي ڳالهين ۾ لڳي ويا. مٿن خوف ڇائنجي ويو. خوف اهو هون ته ڏڪڻ کان ماکڙ اچي ويئي هئي ۽ جيڪي به ٻنين ۾ ڦٽو هو. سو سڀ ڳـڙڪائي ويندي. وانگ لنگ اتي ئي بيـٺي ان طرف ڏسندو رهيو. ساڳيءَ طرح ٻين ماڻهن به ڪجهه غور سان پئي ڏٺو. ته ڪا شئي هوا جي زور تي اچي سندن ٻيرن وٽ ڪري. هڪڙو همراهه تڪڙ ۾ هيٺ جهڪيو ۽ هڪدم ڪا شئي ڪٺي ورتائين. اهو مئل مڪڙ هو. ٻويان ولرن ۾ ايندڙن کان هلڪو ۽ مئل.

وانگ لنگ کان ٻي هرڪا مصيبت وسري ويئي. زالون. پٽ. چاچو. سڀ وسري ويس. ٻين ڳوناٽن سان گڏ ڊپ ۾ وني پڳو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو.

"اسان ڪي پنهنجي پياري ڌرتيءَ کي بچائڻ لاءِ هنن آسماني دشمن سان به وڙهڻو آهي." پر اهڙا به ڪي هئا. جن نا اميديءَ سان پنهنجو ڪنڌ ڌوڻي چيو.

"نه. نه - ڪجهه ڪونه ورندو. قدرت واري جي مرضيٰ آهي. ته. هن سال اسين ٻکن ۾ پاهه ٿيون. ڇالاءِ ويهي پنهنجي طاقت انهن تي وڃايون. خبر به اٿئون ته اڳي پوءِ بک مرڻو آهي."

عورتون روئنديون روئنديون لوبان خريد ڪرڻ لاءِ شهر هليون ويون. ته مندر ۾ زمين جي ديوتا اڏو ڪجهه پيٽا ڪري سگهن. ڪي ته شهر واري وڏي مندر ۾ به ويون. جتي وري آسمان جي ديوتا جو بت رکيل هو. اتي زمين توڙي آسمان. ٻنهي ديوتائن جي پوڄا ٿيندي هئي.

پر ان هوندي به مڪڙ هئا. جيڪي زمين توڙي آسمان تي پکڙندا پئي ويا. وانگ لنگ پنهنجي ڪمين ۽ چنگ کي سڏ ڪيو. جيڪي سندس ئي پر ۾ ماٺ ميٺ ۾ تيار ٿيو بيٺا هئا. هن ڪانسواءِ ٻيا نوجوان هاري به هئا. ڇا ڪيائون جو پنهنجن ئي هٿن سان ٻنين کي باهه ڏيئي ڇڏيائون. ان ڪري لاباري تي بيٺل ڪڻڪ به سڙي ويئي. پوءِ کاهيون کٽي ان ۾ کوهن مان پاڻي ڀرائي ڇڏيائون. ڏينهن رات هڪ ڪري، بنا ڪنهن آرام ڪرڻ جي. اهو ڪم پورو ڪيائون. او-لان سندن لاءِ ماني آڻيندي هئي ۽ ٻيون عورتون پنهنجي مردن لاءِ ماني آڻينديون هيون. هنن به ڏينهن به راتيون ڪم ڪيو ۽ بيٺي بيٺي ماني کائيندا هئا. اصل جانورن وانگي پئي ڳهيا.

سڄو آسمان ڪارو ٿي ويو. فضا ۾ مڪڙن جي پرن جي ڦڙڪڻ جو آواز پرجي ويو. نيٺ مڪڙ زمين تي لهي آيا. هڪڙي ٻنيءَ تان اڏامي وري ٻيءَ تي ٿي لٿا ۽ ان کي ڪاٽي چٽ ڪندا ويا. مڙس ماڻهو ويچارا ڏڏا ساهه ڪٽي حوڻ لڳا.

"جيڪ رب جي مرضي." پر وانگ لنگ دادو ڪاوڙيل هو. هو مڪڙن کي ڏڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿندو ماريندو ويو ۽ سندس همراهه مڪڙن کي ڊنگرن سان هڪليندا ويا. مڪڙ باهه ۾ پئي ڪريا. يا تہ وري پاڻيءَ جي ڪاهين ۾ ڪري ٽي پيا. لکين تہ مري ويا. پر جيڪي بچيا. تن جي مقابلي ۾ مٿل تہ ڪجهہ بہ ڪونہ هئا.

ان هوندي بہ هنن انهيءَ ويڙهہ کي پنهنجي لاءِ مان ٽي پاتيون. سندس پلي ٻني مڪڙن سان پرجي ويئي. پر جڏهن اهو ڪڪر هلبو ويو. تہ ڏٺائين تہ اجا بہ مڙئي ڪجهہ لاباري جهڙي ڪٽڪ بچيل آهي ۽ ڪجهہ ساريون بہ بچي ويون آهن. اهو ڏسي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو. ڪيترن ماڻهن مڪڙ پچائي ڪاڌا. پر وانگ لنگ پاڻ ڪونہ ڪاڌا. ڇاڪاڻ تہ سندس ٻنيءَ سان انهن جيڪي ڪيو هو ان ڪري هن لاءِ اهي حرام هئا. پر جڏهن او-لان اهي تيل ۾ تريا. سمورا ڪمي انهن کي ڏندن جي هيٺان ٽڙڪائڻ لڳا ۽ ٻار انهن کي چيري ڏاڍي مزي مزي سان کائڻ کي لڳي ويا. تہ هو ڪجيو ڪجهہ بہ ڪونہ. پر پاڻ ڪونہ کاڌائين.

مڪڙن هن سان اهڙي تہ ڪار ڪئي جو هو لاڳيتو ست ڏينهن رڳو ٻنيءَ بابت سوچيندو رهيو. آخرڪار جڏهن پنهنجي خوف ۽ مصيبت کان ڇٽو. تہ پنهنجي پاڻ کي هوريان هوريان چيائين.

"ٺيڪ آ. هر ماڻهوءَ کي پنهنجون پنهنجون تڪليفون آهن. مون کي بہ جيترو ٿي سگهي. پنهنجي تڪليفن سان گڏ زندهہ رهڻ جو حوصلو ڏارڻ گهرجي. ڇاڪو مون کان وڏو آهي ۽ اڳي مري ويندو. پٽ وانگي. منهنجا ٽي سال گذري ويندا. پاڻ تہ ڪونہ ماريندس!"

هن ڪٽڪ جو لاڀارو ڪيو. مينهن وٺو ۽ بوڏ واري ٻنيءَ ۾ هن وري سارين جو رونبو ڪرايو ۽ ايٽن سبارو بہ اچي ويو.

باب چوويهون

هڪ ڏينهن وانگ لنگ پنهرن جو ٻنيءَ تان موٽي گهر آيو ۽ اهو پئي سوچيائين تہ زندگيءَ جو سک گهر ۾ آهي. تہ اينري ۾ سندس وڏو پٽ وِس آيو ۽ چيائينس.

"بابا! جيڪڏهن مون کي عالم ِ آهي. تہ پوءِ انهيءَ شهر واري پوڙهي وٽ تہ سيکارڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي رهيو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ رڌئي مان ديگ مان ڪوسي پاڻيءَ جو ٿانءُ ڀري ڪٺي آيو هو ۽ اوڏيءَ مهل پاڻيءَ ۾ ٽوال ڀسائي، نپوڙي، منهن جي سامهون جهليو بيٺو هو. هن چيو.

”نيڪ آ. پوءِ ڀلا هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

چوڪر ٿورو هٻڪيو. نيٺ چيائين.

”مون کي عالم ٿيڻو آهي. تہ پوءِ ڏکڻ واري شهر جي ڪنهن وڏي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ گهرجي. اتي آئون پڪ علم حاصل ڪري سگهندس.“

وانگ لنگ پنهنجي اکين ۽ ڪنن تي ٽوال رکي مهٽيو ۽ ڇهري کي پاڦ رسائيندي پٽ کي سختيءَ سان جواب ڏنائين. جو پنيءَ ۾ محنت ڪرڻ ڪري. سندس سڄو بدن سور ۾ ورتو پيو هو.

”اها وري ڪهڙي بي وقوفي آهي؟ تون نہ ٿو وڃي سگهين. مون کي ڪڪ نہ ڪندو ڪر. نہ تون ڪونہ ويندين. هن ترسارو تون گهڻيئي پڙهيو آهين!“

هن وري پاڻيءَ ۾ ٽوال پوڙي، نپوڙيو. پر چوڪر اتي ئي بيٺو رهيو ۽ پيءُ کي ڌڪار ۽ چڙ مان گهوريندو رهيو. ڪجهہ پڙڪيائين. وانگ لنگ کي ڪجهہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو. سو چڙي پيو ۽ چوڪر تي چڙهي ويو.

”چئو. ڇا ٿو چوين؟“

چوڪر پيءُ جي آواز تي تپي ويو.

”آئون ويندس. ڏکڻ ڏي ويندس. آئون هن واهيات گهر ۾ ڪونہ رهندس. سڄو ڏينهن مون تي پهرو آهي. ڄڻ تہ آئون ڪو ٻار هجان. نہ آئون هن شهر ۾ نہ رهندس. هيءُ تہ جهڙو ڳوٺ. مون کي ٻاهر وڃي ڪجهہ سکڻو بہ آهي ۽ ٻيا علائقا بہ ڏسڻا آهن.“

وانگ لنگ پنهنجي پٽ کي ڏٺو. پوءِ وري پاڻ کي ڏٺائين. سامهون سندس پٽ بيٺو هو. اونهاري جي گرميءَ ڪري، سنهڙي، ٿڌڙي ناسي رنگ جي ڪپڙي جو چوغو پهريل. جنهن جي مٿان مرادنگيءَ جي اڻڪ وارا پهريان ڪارڙا وار. سونهري ۽ لسي چمڙي. چوغي جي ڍڪڻين ٻانهن مان لڙڪندڙ. نرم ۽ سنها عورتن جي هٿن جهڙا هٿ. وانگ لنگ پاڻ تي نظر ڪئي. ٿلهو. مٽيءَ ۾ ڀوت. ڪيس نيري سوٽي ڪپڙي جي فقط سلوار پاتل هئي. ڇاتي ۽ مٿيون ڌڙ اگهاڙو. ڪو ڏسي جوئي ها. تہ چوڪر جو پيءُ نہ. پر نوڪر آهي. ان خيال هن ۾ چوڪر جي منوڪ مهانڊن لاءِ ساڙ پيدا ڪري وڌو ۽ هو چڙي پيو. وٺي گوڙ ڪيائين.

”هڪو. هڪو. ٻنيءَ تي وڃي بدن تي مٽي مڃي اچ. تہ ماڻهو ڪنهن زال وٽ ڦاسائي وٺي نہ وڃنئي. جيڪي پيٽ ۾ کائين ٿو. ان جي بدلي ۾ ٿوري گهڻي محنت بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو ڪر."

وانگ لنگ کان اهو به وسري ويو. ته ڪڏهن باڻ پٽ جي نکڻ ۽ ڪتابن جي هوشياريءَ تي فخر به ڪيو هئائين. بوءِ باڻ زمين تي نڪندو ۽ بير گهليندو ٻاهري نڪري آيو. چاڪاڻ ته چوڪر جي سونهن ڪن پل لاءِ ڪيس ٻاهه ڏئي ڇڏي هئي. چوڪر نفرت مان ڪيس گهوريندو رهيو. پر وانگ لنگ هڪ گهڙي لاءِ مڙي ڪونه نهاريو ته چوڪر ڇا تي ڪيو.

ان هوندي به انهيءَ رات هو اندرئين گهر ۾ ڪنول وٽ ويو ۽ هن جي پرسان وڃي ويٺو. هوءِ پنهنجي هنڌ تي ليٽي پيئي هئي ۽ ڪڪوءَ ڪيس پکو پئي هنيون. ايتري ۾ ڪنول ڪيس اهڙي نموني سان چيو. جڻ ته ڳالهه ڪا خاص ڪانه هئي. پر جوئي ضرور هئي.

"تو واري وڏي چوڪري جي ٻاهر وڃڻ تي مرضي آهي. ضد ڪري بيهي رهيو آهي."

وانگ لنگ کي چوڪر تي ڪاوڙ ياد اچي ويئي ۽ تڙ تڪڙ ۾ چيائين.

"خير. پر تنهنجو ڇا وڃي؟ آئون نه نو گهران ته هو هن وهيءَ ۾ هن پاسي ايندو ڪري."

ڪنول به تڪڙ ۾ وراڻيو. "نه. نه! اها ڳالهه ڪڪوءَ ڪئي هئي." ۽ ڪڪو به تڪڙو چيو.

"ڪير به اها ڳالهه سمجهي سگهي ٿو. اهڙو سهڻو چوڪر. ڇمار گهٽي انس! اداس ڪونه ٿيندو."

انهيءَ ڳالهه تي وانگ لنگ ڪجهه ڍرو ٿيو. پر وري به چوڪر تي پنهنجي ڪاوڙ وارو خيال اچي ويس.

"نه. ڪونه ويندو. مون کي بي وقوفيءَ ۾ پنهنجا پئسا ناهق خرچڻا." هن ان معاملي تي وڌيڪ ڪونه ڳالهايو. ڪنول ڏٺو. ته جڙ جي ڪري سخت ناراض به هو. سو هن ڪڪو کي ٻاهر موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ اتي اڪيلي ويهي ٻوڪڻ لڳي.

بوءِ ڪيترا ئي ڏينهن ڪا به ڳالهه ڪانه ڄري. چوڪري کي اوچتو اوچتو آرام اچي ويو. پر اجان به اسڪول ڪونه ويندو هو. وانگ لنگ به اها اجازت ڏيئي ڇڏي هئس. چوڪر ماءُ وانگر ڍگهو. هڏ ڪاٺ جو جانٺو. اچي ارڙهن سالن جو ٿيو هو. گهر ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو پڙهندو هو. وانگ لنگ گهر ايندو هو. ته مطمئن ٿي ويندو هو ۽ سوچيندو هو.

مون کي هرويرو هن جي جوانيءَ جي اون ٿي پئي آهي. ڇوڪر کي خبر ئي ڪانهي تہ ڇا ڪيس. رڳو ٽن سالن جي تہ ڳالهہ آهي. ٿوري رقم وڏيڪ هجي تہ پوءِ ڳالهہ ٽن سالن مان ڦري ٻن سالن اچا بہ هڪ سال تي اچي بيهندي. رڳو ڏوڪڙ هجن. فصل لهي تہ سياري ۾ ڪٽڪ ۽ متر ڇني پوءِ وري انهيءَ ڳالهہ کي دسبو.

پوءِ وانگ لنگ پٽ جي ڳالهہ وساري فصل جي ميڙي چونڊي کي لڳي ويو. مڪرن کان جيڪي بچي سگهيو هو. سو بہ ڇڱو خاصو هو. هن پيري بہ ڪنول تي جيترو خرچ ڪيو هئائين. تنهن کان بہ گهٽو ئي هڙ حاصل ٿيو هوس. ڪيس هڪ پيرو وري پنهنجو سون روپو پيارو لڳو هو. ڪيس ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ تي حيرت لڳندي هئي. تہ هن ايترو هٿ ڦاڙ ٿي هڪڙي عورت جي پٺيان ايڏو خرچ ڪيئن ڪيو؟

اجان بہ ڪنهن ڪنهن وقت ڪنول سندس من ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏيندي هئي. هيئنر ڪيس ڪنول جو مالڪ هئڻ تي فخر ٿيندو هو. جيتوڻيڪ ڪيس اها بہ پروڙ پئجي ويئي هئي. تہ سندس حاجي ڪنول بابت جيڪي چيو هو سو سچ هو. تہ هوءِ پنهنجي نئڙي قد بت هوندي بہ عمر جي ايڏي ننڍڙي ڪانہ هئي ۽ پيو اهو تہ پار بہ ڪونہ ٿينديس. پر انهيءَ ڳالهہ جي ڪيس پرواهہ ڪانہ هئي. ڪيس پٽ. ڏيئرون اڳي ئي گنج هئا. ڪنول ڪيس جيڪو لطف ڏنو هو. رڳو ان ڪري ئي هن کي رکيو وينو هو.

جيستائين ڪنول جو معاملو هو. تہ جيئن ئي سندس جوانيءَ جا سال آيا تہ ويتر وڏيڪ پلي ٿيندي ويئي. لڳو ٿي. تہ جڻ اڳي منجهس ڪا کوٽ هئي. سنديس چهري ۾ ڪا نفاست هئي جنهن سنديس مهاندن کي وڏيڪ موهيندڙ ڪري ڇڏيو. پر هيئنر ڪڪو سنديس لاءِ جيڪي سنا ڪاڏا ناهيندي هئي تن جي ڪري ۽ زندگيءَ ۾ واندڪائي ۽ فقط هڪڙي مرد جي سات جي ڪري هوءِ بدن ۾ لسي ۽ پرجي ويئي هئي. لونڏڙين وٽان سنديس چهرو پرجي ويو هو ۽ لسو ٿي ويو هو. پنهنجي وڏين وڏين اکين ۽ ننڍڙي وات جي ڪري. اڳي وانگر ڪنهن ٿلهي ٻليءَ جي بجاءِ وڏيڪ خوبصورت نظر ايندي هئي. رڳو ڪائيندي هئي ۽ ننڊون ڪندي هئي. انهيءَ ڪري بدن تي لسو ۽ نرم گوشت چاڙهيندي ويئي. جڻ تہ هن وقت هوءِ نہ تہ ڪنول جي مڪڙي هئي ۽ نہ پورو ٽڙيل گل. جيڪڏهن نوجوان ڪانہ هئي تہ ڪا ايڏي وڏي بہ ڪانہ هئي. مطلب تہ جواني ۽ پيري ٻنهي کان هڪ جيتري ونيءَ تي هئي.

وانگ لنگ پنهنجي زندگيءَ مان پرسڪون ۽ ڇوڪر جي آسودگيءَ مان مطمئن. هڪ رات اگرين تي حساب پئي ڪيو. تہ ڪيترو ان ۽ ڪيترا جانور وڪرو ڪري سگهندو. تہ ايتري ۾ او-لان آهستي آهستي سندس ڪمري ۾ گهڙي آئي. وقت جي گذرڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان هوءَ بدن ۾ سنهي ۽ ڇيڙاڪ ٽي ٻيٺي هئي. سنڌيس هڏا ٻاهر نڪري آيا هئا. اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس. ڪو ڪائنس پڇندو هو تہ ڇا ٿيو اٿئي تہ رڳو ايترو جواب ڏيندي هئي.

"منهنجي نرن ۾ جهڙي ٻاهہ ٻئي ٻري."

پيٽ ايڏو وڏو هوس ڄڻ تہ ٻار هجيس. جيتوئيڪ ٽن سالن ۾ ٻار ئي ڪونہ ڄائو هوس. ان هوندي بہ آڏي ڏيئي اٿندي هئي ۽ ڪم ڪار کي لڳي ويندي هئي. وانگ لنگ کيس اهڙيءَ طرح ڏسندو هو. ڄڻ تہ هوءَ ڪا ميز يا ڪرسي هجي يا اڱڻ ۾ بيٺل ڪو وڻ. هو ايئن مٿس نظر ڪندو هو. جيئن ڪنهن ڏاند تي ڪبي آهي. جيڪو ڪنڌ جهڪايو بيٺو هوندو آهي يا ڪنهن سوئر تي. جيڪو ڄرندو نہ هجي. هوءَ اڪيلي سر پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي پئي هوندي هئي. وانگ لنگ جي ڄاڃيءَ جي ڳالهائڻ کان بچڻ لاءِ ڳهڻو ڳالهائيندي بہ ڪانہ هئي. ڪڪوءَ سان تہ بلڪل ڪانہ ڳالهائيندي هئي ۽ ڪڏهن ٻلجي بہ هوءَ اندرئين گهر ۾ ڪانہ وئي. ورلي ڪنول ٻسار ڪرڻ لاءِ پنهنجي اڱڻ مان نڪري ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ابندي هئي. تہ او-لان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويهندي هئي ۽ ايستائين ويٺي هوندي هئي، جيستائين ڪو کيس ڪنول جي وڃڻ جو اچي نہ ٻڌائيندو هو. پر هوءَ سمورو وقت رڌڻ ٻحائڻ ۽ ڏوئڻ ٻوئڻ ۾ گذاري ڇڏيندي هئي. سياري ۾ جڏهن برف ڄمي ويندي هئي، تہ بہ هوءَ تلاءَ تي وڃي ڪپڙا ڌوئندي هئي. پر ڪڏهن بہ وانگ لنگ کيس ايترو بہ ڪونہ سوچيو تہ،

"مون وٽ گهڻيئي دولت پئي آهي. تون ڪا نوڪرياڻي يا ٻانهي ڇو نہ ٿي رکين؟" کيس اهڙي ضرورت ئي ڪانہ پئي هئي. جيتوڻيڪ ٻنيءَ ۾ ڪمائڻ لاءِ ۽ ڏاندن ۽ گڏهن لاءِ بہ ڪمي ڪندو هو. اونهاري ۾ ٻود ايندي هئي، تہ ٻدڪن ۽ آڙين جي سار سنڀال لاءِ بہ پگهاردار رکندو هو.

ان سال جو وانگ لنگ اڪيلو ويٺو هو. سمعدانن ۾ ڳارهيون سمعون ٻئي ٻريون. او-لان سندس اڏو اچي بيٺي. هٿ اٿهن هوڏانهن ڏنائين. ٿبٽ چوڻ لڳي،

"مون کي ڪجهہ چوڻو آهي."

وانگ لنگ هن کي حيرت سان ڏٺو ۽ جواب ڏنائين،

"ٺيڪ آ. چئو." زال کي ڄاڃي ڏنائين ۽ هن جي منهن جيءِ گهنجن تي نظر ڪيائين، وري دل ۾ خيال آيس تہ او-لان ۾ تہ ڪو حسن ئي ڪونهي. ڪپڙا تہ سال ٿي ويا هئا. جو منجهس هن لاءِ خواهش ئي پيدا ڪانہ ٿي هئي.

او-لان ڪنهن تيز ڀڄڪي مثل آواز ۾ چيو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ودو چوڪر گهٽو ٿو اندرئين گهر ۾ اچي وڃي. تون جنهن مهل گهر کان ٻاهر هوندو آهين. گهٽو ڪري انهيءَ وقت."

پهريائين ته وانگ لنگ رڳو ٻٽڪات ٻڌو. پر ڳالهه سمجهائين ڪانه. پوءِ اڳتي سرڪي آيو ۽ وات سان ٻجيائين.

"ڇا ٿي چوين. زال؟"

او-لان رڳو خاموشيءَ سان پٽ جي ڪمري ڏانهن اشارو ڪيو ۽ پوءِ پنهنجا ٿلها چپ پيڙي اندرئين گهر ڏانهن نهاريو. پر وانگ لنگ وائڙو ۽ سڪي ٿيو ڪيس گهوريندو رهيو.

"خواب ته ڪونه لڌو اٿئي. رن؟"

او-لان ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ڪا ڪڙي ڳالهه هن جي چپن تي اچي ٻيهي رهي. ٿورو ترسي چيائين.

"نيڪ آ. منهنجا سائين! ڪڏهن اوچتو گهر اچي ڏس". وري ٿورو رڪي چيائين.

"سٺي ڳالهه آهي ته چوڪر کي ٻاهر موڪلي ڇڏ. خاص ڪري ڏکڻ ڏي. شهر ۾." هوءَ ميز ڏي آئي. جانهه جو پيالو رکيائين. جانهه ڏنائين ته ٺري ٺٺي آهي. سا هاري وري نئون پيالو. گرم جانهه سان پرپائين ۽ مڙس کي اتي ئي حيرت ۾ مبتلا ڇڏي. جيئن آئي هئي تيئن ئي ماٺ ۾ هلي ويئي.

"نيڪ آ. رن کي ساڙ ٿو ٿئي". هن دل ۾ سوچيو. "اون ٿي نه ڪرڻ ڪپي. چوڪر ڏاڍو خوش پنهنجي ڪمري ۾ وينو پڙهندو آهي". هو اٿيو. ٿورڙو ڪليو ۽ ڳالهه ئي وساري ڇڏيائين. وري ڪيس عورت ذات جي ننڍڙي سوچ تي ڪل اچي ويئي. پر جڏهن رات جو ڪنول سان ڪڏ اچي ليٽيو ۽ ڏانهس پاسو ورايائين. ته هوءَ مرڳو ڪاوڙجي پئي ۽ لڳي شڪايتون ڪرڻ. هن کي ڌڪي پري ڪري ڇڏيائين.

"ڏاڍي گرمي آ. ڪيڏي نه بدبوءِ آهي تو ۾! ڀلائي ڪري مون سان سمهڻ کان اڳي وهنجي ايندو ڪر."

هوءَ اٿي ويئي. جهٽڪي سان ڇهري تان وار هٽايائين. مڙس ڇڪڻ لڳس ته لڳي موڙا ڏيڻ. پرچائڻ تي به راضي ڪانه ٿي. هو خاموشيءَ سان ليٽي ڪجهه سوچيندو رهيو ته ڪذريل ڪيترين ئي راتين کان هوءَ مَس مَس ٿي راضي ٿئي. پهريائين وانگ لنگ ان کي سنديس نڙ ۽ ونهاري جي ٻچاريءَ جي گرميءَ جو ڪارڻ سمجهيو. جنهن ڪنول کي بيزار ڪري وڌو هو. پر هيئر او-لان جا چيل لفظ ڇنا ٿي سنڌس آڏو اچي بيٺا هئا. هو ڪاوڙ ۾ اٿي ٻيٺو ۽ چيائين.

"نيڪ آ. اڪيلي سمهي رهه. مون کي سير وجهي ڇڏجانءِ جي آئون ڪانَ ڪيان." هو تڪڙو تڪڙو ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو. سڄو گهر جي وچئين ڪمري ۾ ويو ۽ ٻه ڪرسيون گڏي، انهن تي ئي ڀٽجي رهيو. پر کيس ننڊ ڪانه آئي. هو اٿيو. گهر جي دروازي کان ٻاهر نڪتو ۽ ڪوٽ جي ڀر وٽي. بانس جي ٻوٽن جي وچان هنڻ لڳو. اتي کيس پنهنجي گرم بدن تي رات جي هير جا ٿڌڙا جهوٽا محسوس ٿيا. جنهن ۾ پندر سرءَ جي ٿڌڪار به هئي. وري هن کي ياد آيو. ته ڪنول کي سندس ٻٽ جي ٻاهر وڃڻ جي خواهش جي به خبر هئي. پر کيس اها خبر پئي ڪيئن؟ هن کي اهو به ياد آيو. ته ڪيتري ئي عرصي کان پٽس به ٻاهر وڃڻ جي ڳالهه ڪانه ٿي ڪئي ۽ ڏاڍو مطمئن هوندو هو. اخر هو راضي ڪيئن ٿيو؟ وانگ لنگ دل ۾ سوچيو.

'آئون پاڻ معاملي کي ڏسندس.' ايتري ۾ هن ڏٺو. ته سندس ٻنيءَ تي چانيل ڏنڊ وچان. تيزيءَ سان سج اڀري رهيو هو.

جڏهن صبح ٿي ۽ ٻنين جي ڪنارن تان سج پنهنجو سونهري روپ ڏيکاريو. ته هو گهر ويو. نيرن ڪيائين. مزدورن جي جاچ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. جيئن ڪيڙي توڙي ميڙيءَ جي مند ۾ سندس دستور هوندو هو. ان کان پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ٻنيءَ تي گهمندو رهيو. آخرڪار وني زور سان چيائين. جيئن گهر ۾ هرڪو ٻڌي سگهي.

"آئون شهر ٿو وڃان. سويرو ڪونه موٽندس." ۽ پوءِ شهر جو رخ ڪيائين. پر جڏهن اڌ پند تي ننڍڙي مندر وٽ پهتو. ته رستي جي ڀر تي ئي هڪڙي ڪمنام قبر لڳي. گاهه جي هڪڙي ڏڙيءَ وٽ ويهي رهيو. گاهه ٻني. آڳرين تي ويڙهڻ لڳو. سندس اڌو ديوتائن جا بت رکيا هئا. کيس دل ۾ آيو ته اهي کيس ڏسي رهيا آهن. پاڻ وڏو سارو هوندي به ديوتائن کان ڏاڍو ڏڄندو هو. پر هاڻي کيس پرواهه ڪانه هئي. هينئر پاڻ ڀاڳ سڀاڳ وارو ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري رکو انهن تي مٿاڇري نهار ڪيائين. کيس هرهر اهو خيال پئي آيو.

هاڻي واپس وران؟!

اوچتو کيس گذريل رات جي يادگيري آئي، جڏهن ڪنول کيس ڏکاري ڪڍيو هو. پاڻ ڪنول لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو هئائين؟ ايتڻ هن کي ڄڻ اچي ويئي.

"مون کي خبر آهي ته چانهه خاني ۾ ايترو وقت جيئري به ڪانه هجي ها. منهنجو ڪائي سنو. پهري سنو!"

ڄڻ جي جوش ۾ هو پرڪو ڪائي ٿيو ۽ پٺي هڪڙي رستي تان گهر ڏي هڻڻ لڳو. پير پير ۾ ڏئي گهر ۾ داخل ٿيو ۽ اندرئين گهر جي دروازي وٽ ٽنگيل پردي وٽ اچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيٺو. نورو ڏيان لائي ٻڌڻ لڳو. ته ڪيس ڪنهن مرد جي ٽڪڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. آواز سندس پٽ جو ئي هو.

وانگ لنگ کي اهڙي جڙ آئي. جنهن جهڙي اڳي سڄي ڄمار ڪيس ڪانه آئي هوندي. جڏهن کان سندس بخت کليو هو. ۽ ماڻهن کيس ساهوڪار سڏڻ شروع ڪيو هو. تڏهن کان منجهانئس هڪڙي ڳوناٽي واري ڪانئرتا ختم ٿي ويئي هئي ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي جڙ وڏي ويندي هئس. شهر ۾ هاڻي ڪيس ڏاڍو فخر ٿيندو هو. پر هينئر سندس ڪاوڙ. هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي پٺي اهڙي ماڻهوءَ جي خلاف هئي، جنهن ڪانئس سندس محبوبه کسي هجي ۽ اهو بيو ماڻهو به ڪير؟ سندس پنهنجو پٽ. هن کي ڏاڍا اُبڙڪا اچڻ لڳا.

هو ڏند ڪرٽيندو ٻاهر نڪتو. وٽن جي جهنڊ مان بانس جو هڪڙو سنهڙو لڪڻ ڀڳائين. ان کي سوئي، چوٽيءَ وٽ ڪجهه انگهون ڇڏي ڏنائين. جڻ ته پالو. پوءِ هو پير پير ۾ ڏيندو اوچتو پردو هٽائي اندر داخل ٿيو. اتي اڱڻ تي سندس پٽ فوهاري جي ڪناري ڀرسان ڪنول ۾ اک وجهيو بيٺو هو. هوءَ اسٽول تي ويٺي هئي. ڪنول کي گلابي ريسمي پهراڻ پاتل هو. جيڪو هن ڪڏهن به ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪونه ڏٺو هو.

ٻنهي ٻانهن ۾ ڪچهري پئي ڪئي. ڪنول هنڪرا ڀهڪ ڏيئي. تيڏيءَ اک سان نوجوان کي ڏسي رهي هئي. ٻنهي جا منهن ٻئي پاسي هئا. ان ڪري ٻنهي وانگ لنگ جي اچڻ جو آواز ڪونه ٻڌو. هو بيٺي بيٺي ٻنهي کي گهوري ڏسڻ لڳو؛ چهرو اچو. چپ ڏندن ۾ ڀڪوڙيل. هٿ زور سان لڪڻ ۾ قبيل. اچا تائين ڪنهن به هن کي ڪونه ڏٺو. ايستائين جو ڪڪو اچي ويئي. هن کان زور سان رڙ نڪري ويئي. ٻنهي وانگ لنگ کي ڏسي ورتو.

وانگ لنگ اڳتي جلهه ڪئي ۽ ڇوڪر کي جهڪن سان وٺي ويو. ڇوڪر جيتوڻيڪ ڪانئس ڊگهو هو. پر پوڙهي ڪرڻ ڪري سندس بدن سگهارو هو ۽ اِنهيءَ طاقت جي ڪري ٻڻ ڇوڪر کي ايستائين ڪٽيندو رهيو. جيستائين ڇوڪر رتوڇاڻ نه ٿي ويو. ڪنول هن کي لبلائڻ لڳي ۽ ٻانهن ۾ جنسري پئي. وانگ لنگ هن کي ٿيلهو ڏنو. پر جڏهن احساس به ٿيو، ڪيس لبلائيندي رهي ته هن کي به ڏاڍي مار ڏيڻ لڳو ٻنهي کي ايستائين ماريندو رهيو جيستائين ڪنول اتان نڪي ته وٺي ۽ ڇوڪر ٻٽ ٿي ڪري نه پيو ۽ ٿي ٿانهو. منهن تي به ڏئي جڏيائين وانگ لنگ نورو ساهه کنيون. هن جو وات سڪل هو. ساهه جو هانارو ٿي پيو. سڄي بدن مان پگهر وهڻ لڳس ۽ سڄو سسي ويو؛ ڄڻ سٽو ٿي ٿو چهرو ڪو مريض هجي. هن لڪڻ ٻري اڇلايو ۽ ڇوڪر کي دوڙ ڏيندي چوڻ لڳو. "اتي هان نڪر. نڪ. ...جي پنهنجي ڪمري ۾ ويهه ۽ جيستائين آئون نه چوانءِ تيستائين ٻاهر نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرجانءِ."

چوڪر ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. اٿيو ۽ ٻاهر هليو ويو.

وانگ لنگ ڪنول واري اسٽول تي وڃي ويٺو. مٿو هٿن ۾ جهلي اکيون ٻوري ڇڏيائين. سندس هانيارو شروع ٿي ويو. جيستائين خاموش ٿيو ۽ سندس ڪاوڙ نہ لٿي تيستائين ڪو بہ ڪيس ويجهو ڪونہ آيو.

نيٺ هو بيزاريءَ مان اٿيو ڪمري ۾ آيو. ڪنول پنهنجي بستري تي ليٽيل هئي ۽ ڏاڍيان پئي رنائين. وانگ لنگ وٽس آيو ۽ سڏو ڪيائينس. هوءَ ليٽي ڪيس ڏسندي رهي ۽ روئڻ ۾ شروع هئي. سنديس چهري تي جهبڪن جا ڳاڙها نشان پئجي ويا هئا.

وانگ لنگ ڏاڍي ڏک ۾ پرچي ڪيس چيو.

"اجان بہ توکي بدڪاري ڪرڻي آهي. سا بہ منهنجي پٽن سان!"

هوءَ ويتر زور سان روئڻ لڳي ۽ طعنن تي. ڏک ۾ برجي چيائين.

"نہ نہ، مون ڪجهہ ڪونهي ڪيو. چوڪرو اڪيلو هو سو هليو آيو. تون ڪڪوءَ کان پڇي ڏس. نہ ڪڏهن منهنجي ڪٽ کي ويجهو بہ ٿيو آهي؟ تو بہ تہ اڱڻ ۾ ڏٺو آهيس."

هوءَ ڪيس خوف ۽ رحم وچان ڏسڻ لڳي. سندس هٿ جهلي زخمن تي رکائين ۽ لڳي سڏڪڻ.

"ڏس! جيڪي تو پنهنجي ڪنول سان ڪيو آهي. تو کان سواءِ دنيا ۾ ڪو بہ ماڻهو ايئن ڪونہ ڪندو. جيڪڏهن اهو تنهنجو پٽ آهي، تہ ٻوءِ منهنجو ڀلا ڇا ٿئي؟"

هوءَ ڪنڌ ڪٽي ڪيس ڏسڻ لڳي. سنديس سهڻين اکين ۾ لڙڪ پئي تريا. وانگ لنگ سڏڪڻ لڳو. چاڪاڻ تہ هن عورت ۾ سندس اميدن کان بہ وڌيڪ حسن هو ۽ هن سان ڪيس عشق هو. اوچتو هن کي لڳو. تہ ٻنهي جي وچ ۾ جيڪي وهيو واپريو هو. ان جي ڳالهہ ٻڌڻ بہ سندس سهپ کان ٻاهر هئي. ٻاڻ ڪڏهن بہ اها ڳالهہ ٻڌڻ ڪونہ گهرندو. ان ڪري ياد ئي نہ ڪري. هو وري سڏڪن ۾ پئجي ويو ۽ ٻاهر هليو ويو. پٽ جي ڪمري وٽان ۽ اندر لنگهڻ کان سواءِ. ٻاهران ئي وڏي آواز ۾ چيائين.

"چڱو. پنهنجو سامان سڙو ٻڌ ۽ صبحاڻي ئي ڏکڻ هليو وڃ. جيڪي وٽيئي سو وڃي ڪر ۽ جيستائين ماڻهو نہ موڪليائين گهر نہ اچجانءِ."

ٻوءِ اڳتي ويو. اُو-لان سندس ڪپڙن کي نوبو نئي ڏنو. جڏهن وٽائنس لنگهيو. تہ بہ هوءَ بلڪل ڪانہ ڪڇي. جيڪڏهن مار جو يا منٿن جو برلاءُ سندس ڪن تي پيو هوندو. تہ بہ اهڙي ڳالهہ جو ڪو اظهار ڪونہ ڪيائين. هو ٻوءِ ٻنيءِ تي هليو ويو ۽ اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄو تنل ڏينهن مزدورن وٽ وڃي رهيو.

باب پنجويهون

وڏو ڇوڪر هليو ويو. ته وانگ لنگ کي لڳو ڄڻ گهر مان ڄڱي خاصي بي چيني ختم ٿي ويٺي هجي. اها ڳالهه هن لاءِ اطمينان جوڳي هئي. هن سوچيو ته جوان مڙس لاءِ به اهو سٺو ٿيو جو هليو ويو. هاڻي ٻاڻ ٻين ٻارن تي ڌيان ڏئي سگهندو ته اهي ڪهڙي حال ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته ڪيس ٻنيءَ جي ڪمن ڪارين مان فرصت ئي ڪانه ملندي هئي. بس ٻني منڊ تي ڪمي. ٻوڙي وقت تي لابارو ٿيوي، دنيا ۾ ٿيو ڇا ٿو وهي واپري، تنهن جي ڪيس اون ئي ڪانه هوندي هئي. وڏي ڇوڪر کان سواءِ ڪيس ٻين ٻارن جي خبر ئي ڪانه هوندي هئي. هن سوچيو ته وچٽ ڇوڪر کي سڃهندي ئي اسڪول ڇڏائي، واپار وڙو سکڻ تي لڳائي ڇڏي ۽ ان ڳالهه جو انتظار ڪونه ڪندو، ته ان ڇوڪر کي به جوانيءَ جو جوش وڪوڙي وڃي ۽ ٿوءِ هو به وڏي ڇوڪر وانگر گهر ۾ مصيبت بنيو وينو هجي.

وانگ لنگ جو وچٽ ڇوڪر، وڏي ڇوڪر کان مختلف هوندو هو. جيئن اڪثر گهرن ۾ ٿيندو آهي. وڏو ڇوڪر قد جو ڊگهو، هڏ ڪاٺ وارو، سخت ڇهري وارو، بلڪل پنهنجي ماءُ تي ويو هو؛ جيئن اتر جا اڪثر ماڻهو هوندا آهن ۽ وچٽ قد جو ننڍو، بدن جو سنهڙو ۽ پيلي رنگ جو هوندو هو. هن کي ڏسي وانگ لنگ کي پنهنجي پيءُ جو خيال ايندو هو. جنهن جون اکيون تيز ۽ شوخ هونديون هيون، ۽ هر وقت انهن مان ڪينو پيو بکندو هو. وانگ ن[illegible] کي خيال آيو. ته اهو پٽ ان جي منڊيءَ ۾ ڪجهه سکي ٿيوي. ته ٿوءِ اها اطمينان جهڙي ڳالهه ٿي ٿيوندي، ته جتي آئون پنهنجو فصل وڪڻڻ وڃان، اتي منهنجو پٽ به هجي. تو جي نگراني به ڪندو ۽ منهنجي فائدي ۾ تورو گهٽو وزن به وڌائي ڇڏيندو.

ان ڪري هڪ ڏينهن ڪڪوءَ کي چيائين، "وڏي ڇوڪري جي سهري کي وڃي چئو ته مون کي ساتس ڪجهه ڳالهائڻو آهي. اسان ٻنهي جو رت هڪ ئي ٿانو ۾ ڪنو ٿيٺو آهي. اسان ڪڏجي جام به ٿيٺنداسين."

ڪڪو موٽي اچي ڪيس ٻڌايو، "جڏهن اوهان جي خواهش هوندي، ملاقات

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو. جيڪڏهن اوهان اڄ نيپريءَ جو گڏجي جام نوشي ڪريو ته ياڻ سنو. وڏيڪ اوهان جي مرضي هجي. ته هو هتي به اچي سگهي ٿو.“

پر وانگ لنگ ڏٺو ته شهر جو واپاري سندس گهر ۾ نه اچي. چاڪاڻ ته ڪيس ڏپ هو ته ان لاءِ الائي ڇا ڇا نهرائڻو پوندو. ان ڪري تڙ تڪڙ ۾ ريشمي ڪوٽ پهري. پنهن وارو ڪس ڏيئي. شهر روانو ٿي ويو. پهريائين ته جيئن ڪيس ڪڪو ڏس ڏنو هو پاڻ 'اسٽريٽ آف برجز' ۾ آيو ۽ اچي هڪڙي دروازي وٽ بيٺو. جنهن تي 'ليو' لکيل هو. دروازو ڏاڍو سهڻو ۽ لسي ڪاٺ مان نهيل هو. وانگ لنگ ان دروازي تي پنهنجي هٿ جي ترڻيءَ سان ڪڙڪو ڪيو. جلدي درواز کليو ته اتي هڪ نوڪرياڻي بيٺي هئي. جنهن پنهنجا پسيل هٿ پلاند سان اگهندي ڪاٿس نالو پڇيو. نالو ٻڌي ڪيس جاچي ڏسڻ لڳي ۽ ڪيس وٺي اتي اڳيئين گهر ۾ ويهاريائين. جتي گهر جي ڀاتين جي رهائش هوندي هئي. ڪيس ڪرسيءَ تي ويهڻ جي اچ ڪيائين ۽ وري به ڪيس جاچي ڏسڻ لڳي. جڏهن نوڪرياڻيءَ کي اها خبر پئي ته مهمان گهر جي نياڻيءَ جي مڱيندي جو پيءُ آهي. ته هوءَ مالڪ کي سڏڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويئي.

وانگ لنگ ڪمري ۾ چوگرد نظر ڦيرائڻ لڳو. اتي بيٺو ۽ دروازن تي ٽنگيل پردن کي ڇهي ڏسڻ لڳو ۽ ميز تي هٿ لائي جاچي ڏنائين. ڏاڍو خوش ٿيو. جو انهن شين مان گهر وارن جي گهٽي دولتمنديءَ جي نه. ته به خوشحالي ظاهر هئي. هن کي ٻنهي دولتمند ننهن جي ضرورت به ڪانه هئي. ڪٿي اهڙي ننهن چيڙاڪ يا نافرمان نه ٿي پوي ۽ ڪپڙي گنديءَ تان دانهن نه پئي پويس ۽ مرڳو مڙس جي دل به هٿي مائٽن کان ڦيرائي نه ڇڏي. پوءِ وري ويهي انتظار ڪرڻ لڳو.

اوچتو ڳرن قدمن جو آواز آيريو ۽ هڪڙو ٿلهو ٿنيرو مرد اندر داخل ٿيو. وانگ لنگ اتي بيٺو ۽ ٿورو جهڪيو. ان کان پوءِ ٻئي هڪ ٻئي جي احترام ۾ جهڪيا. ٻئي هڪ کي پسند ڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي جو احترام ڪندا هئا. جو ٻنهي کي هڪ ٻئي جي دلتمنديءَ ۽ ڀاڳ سياڳ جي پروڙ هئي. پوءِ ٻئي جڻا ويٺا ۽ گرم گرم شراب پيتائون. جيڪو نوڪرياڻيءَ انهي لاءِ گلاس ۾ اوتي رکيو هو. پوءِ هوريان هوريان لهواريون اوپاريون شروع ڪيائون. فصلن جي قيمتن جون ڳالهيون ڪيائون. ته جيڪڏهن هن سال فصل ڀلو ٿيو ته قيمتون ڪٿي بيهنديون. نيٺ وانگ لنگ پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي.

”مون هڪڙي ڪم لاءِ پنڌ ڪيو آهي. پر جيڪڏهن اوهان جي مرضي نه هجي ته پوءِ خير آ. وري ٻيون ڳالهيون ٿا ڪريون. پر اوهان جي منديءَ ۾ ڪنهن ملازم جي گهرج هجي. ته پوءِ منهنجو وڃت پٽ آهي. ڏاڍو هوشيار آهي. پر جيڪڏهن اوهان کي ڪپ ڪونهي. ته نهيو. وري ٻي ڪچهري ٿا ڪريون.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاريءَ مذاق ڪندي چيس.

"ءَ مون کي ڀانءِ اهڙي ئي هوشيار ڇوڪر جي ضرورت آهي. جيڪڏهن لکڻ پڙهڻ اچيس تو ته ...."

وانگ لنگ فخر سان وراڻيو.

"منهنجا ٻئي ڇوڪرا پڙهيل ڳڙهيل آهن. ٻنهي کي چڱيءَ طرح اها خبر به ٻڌجيو وڃي ته اکر غلط نڪيل آهن. ڪهڙو اکر ڪاٺ لاءِ ءَ ڪهڙو اکر پاڻيءَ لاءِ هئڻ گهرجي."

"اهو ته ڀانءِ چڪو." ليو چيو. "جڏهن مرضي ٿويس تڏهن هليو اچي. پر جيستائين ڏنڌو ڏاڙي سکي وٺي. تيستائين رکو بيٺ ملندس. سال کان پوءِ جيڪڏهن ڪم سکي ويو. ته هڪ ٽڪر چانديءَ ماهوار ءَ ٽن سالن کان پوءِ ٽي ٽڪرا ماهوار. تنهن کان پوءِ ڪيس ڪم سکڻ جو ڪٻ ڪونه رهندو. پر پوءِ ٺنهنجي سر ئي ڏنڌي ۾ ٻڙ ٿي ويندو. پگهار سان گڏوگڏ گراهڪن کان دلالي به اوڳاڙيندو. پر ان جي آئون ٻڪ ڪونه ٿو ڏيان. اهو معاملو سچو سندس ڏاهپ تي هوندو. هائي ته اسان جي گهرن ۾ مائٽي به آهي. ان ڪري آئون سندس سڪيا لاءِ ضمانت جي رقم جي گهُر ڪونه ٿو ڪريان."

وانگ لنگ ڏاڍو خوش ٿيو. اتي ٻينو ءَ ڪلي چيائين. "هائي ته پاڻ يار آهيون. تو کي نه ٻيو ٻن ٻه ڪونهي. منهنجي نيائيءَ جي سڪ لاءِ."

واپاري ونئي ڪليو. ٿلهو هو. سو ٺهڪ ڏاڍا زوراٺتا هئس.

"مون کي ٻيو ڇوڪرو به آهي. ڏهن سالن جو. تنهنجي نينگر ڪيڏي ٿيندي؟"

وانگ لنگ وري به ڪليو.

"ڏهن سالن جي ٻي ويندي اينڊڙ جنم ڏينهن تي. ڏاڍي ملوڪ آهي. جهڙو گل." ٻئي چٽا کلڻ لڳا. واپاريءَ چيو.

"ته پوءِ ڀانءِ ڪٽي ٻي رسيءَ سان هڪ ٻئي کي ٻڌون."

وانگ لنگ وڌيڪ ڪونه ڳالهايو. اهو معاملو ان کان وڌيڪ آمهون سامهون ڳالهائڻ جهڙو هو به ڪونه. پوءِ هو جهڪيو ءَ ڏاڍو خوش ٿي واپس وريو. دل ۾ خيال آيس. ته اهو ڪم به ٿيڻ کپي. جڏهن گهر آيو ته نينگر کي جاچي ڏسڻ لڳو. ته ڏاڍي خوبصورت هئي. سنديس ماءُ ڪيس حڳي طرح نيايو هو ءَ سنديس پير به سولا ڪري ننجيا هئا. ان ڪري وکون به ڏيڍيون خوبصورت ڪٽي هلندي هئي. پر جڏهن وانگ لنگ ڇوڪريءَ کي جاچي ڏٺو ته ڪيس ڇوڪريءَ جي ڳلن تي لڙڪن جا نشان نظر آيا. ڇوڪريءَ جو جهرو اپائڪو. ٿيلو ءَ سندس چمڙ جي مقابلي ۾ ڏيرو ٿي لڳو.

وانگ لنگ ڪيس هٿ مان جهلي ڀانءِ ڏي ڇڪيو ءَ پڇيائينس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇا لاءِ رنو ائين؟"

ڇوڪريءَ پنهنجو ڪنڌ ڏوئيو ۽ ڪوٽ تي لڳل بٽڻ سان راند ڪندي، پٽڪي م ڇيائين.

"امان منهنجي پيرن کي زور سان ڪيڙي ۾ ٻڌي ڇڏيندي آهي. آئون رات جو ننڊ به ڪري ڪانه سگهان."

"مون نه توکي روئندي ڪونهي ڏٺو!" هن حيرت ۾ پڇيو. "نه." ڇوڪريءَ سادگيءَ سان ورندي ڏني. "امان ٿي چوي ته آئون ڏاڍيان نه روئان جو لوهان نرم دل جا آهيو. مون کي ڏاڍو پيار ٿا ڪريو ۽ منهنجا پير ڇوڙائي ڇڏيندا ۽ پوءِ منهنجو مڙس مون سان پيار ڪونه ڪندو. جيئن اوهان امان سان پيار ڪونه ڪريو."

ڇوڪريءَ اهو سڀ ڪجهه اهڙي طريقي سان چيو. جيئن ڪو ٻار ڪهاڻي ٻڌائيندو هجي. وانگ لنگ اهو ٻڌي ڏاڍو ناراض ٿيو. ته اُو-لان هن معصوم کي به اهو ٻڌائي ڇڏيو آهي، ته مون کي سندس ماءُ سان پيار ڪونهي. هو تڪڙ ۾ چوڻ لڳو.

"خير. مون تو لاءِ ڏاڍو سهڻو مڙس ڳوليو آهي. ڪڪوءَ کي نا ڏسيون. هوءَ پاڻهي اهو ڪم ناهي ويندي."

ڇوڪريءَ مرڪي ڪٽي ڪنڌ جهڪايو. اوچتو هوءَ ٻار مان نوجوان ڇوڪري ٿي پئي. انهيءَ ڏينهن شام جو ئي جڏهن هو ٻاڻ اندرئين گهر ۾ ويو. ته ڪڪو سان اهو ذڪر جوريائين. "وچ- ڏس ته اهو ڪم ٿيندو؟"

پر اها رات هن ڪنول جي ٻاڪر ۾ ڏاڍي بي آراميءَ سان ڪاٽي. هو اتي وينو ۽ خيالن ۾ ٻڏو پيو هو. اُو-لان ڀهرين عورت هئي. جنهن سان سندس واسطو پيو هو. هن سان ڪيڏي نه وفادار هئي ۽ نوڪرياڻيءَ وانگر ساڻس ورتاءُ ڪندي هئي. هو ڇوڪريءَ جي ڳالهين تي ويچارڻ لڳو. ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇاڪاڻ ته پنهنجي سادگيءَ هوندي به اُو-لان سچ ٿي چيو.

ان ڪان پئي ٽين ڏينهن هن پنهنجي وچين پٽ کي شهر موڪلي ڏنو. ٻي ڇوڪريءَ جي مڱٽي جي ڪاغذن تي صحيون ڪيون. ڏاج طئي ڪيو ويو. ڪپڙن ۽ ڳهڻن جون سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنيون ورتيون ويون ۽ مڱٽي جو ڏينهن به ٻڌجي ويو. وانگ لنگ کي فرحت اچي ويئي. هن کي خيال آيو.

ڏاڍو سٺو ٿيو. سڀني ٻارن جو معاملو طئي ٿي ويو. ويچاري چرڙيءَ کي ته پيو ڪجهه ڪرڻو ئي ڪونهي. رڳو انس اڳڙي ڪٽي اُس ۾ ويهڻ. سڀني ڪان ننڍي ڇوڪري کي لائبو ٻنيءَ سان. اسڪول ڪونه ويندو. به اڳيئي پڙهيل آهن. اهو گهڻو ئي آهي."

هن کي ڏاڍو فخر ٿيڻ لڳو. ڪيس ٿي پٽ هئا. هڪڙو عالم هو. هڪڙو واپاري هو ۽ هڪڙو هاري. هو مطمئن ٿي ويو ۽ ٻارن بابت گهڻو سوچڻ ڇڏي ڏنائين. پر سنڌس ذهن ۾ ان عورت جو خيال ڪيئن نه اچي. جنهن سنڌس ٻارن کي جنم ڏنو هو.

سڄي چمار ۾ وانگ لنگ پهريون پيرو او-لان لاءِ سوچڻ شروع ڪيو هو. شروع ۾ به جڏهن او-لان نئين، مان پرڻجي ونس آئي هئي. تڏهن هن سنديس لاءِ گهڻو ڪونه سوچيو هو. ڇاڪاڻ ته عورت هئي. ۽ اها ٻهرين عورت. جنهن سان سنڌس واسطو پيو هو. هن کي لڳو ته سدائين ٻاڻ ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رُڌل رهندو هو. سوچڻ لاءِ ونس وقت ئي ڪونه بچندو هو. فقط هينئر اها ڳالهه ٿي جڏهن ٻارن جو معاملو به طئي ٿي ويو. ٻنهي جي سارسنڀال به چڱي طرح ٿيئي ٿي ۽ جڏهن ڪان ڪنول کي مار ڏني هئائين. اها به سنڌس چٽي ۾ اچي ويٺي هئي. ان سان به زندگي صحيح نموني سان هلڻ لڳي هئي.

هن او-لان ڏي نظر ڪئي. ان ڪري نه ته اها عورت هئي ۽ ان ڪري به نه ته هوءَ گدلي. ڪوجهي ۽ رنگ جي ڀيني هوندي هئي. پر هن کيس ڪنهن عجيب پڇتاءَ جي احساس سان ڏٺو. هن کي لڳو ته هوءَ ڪجهه ڏٻري ٿي ويٺي هئي ۽ سنڌس چمڙي پيلي ۽ ڪومايل هئي. جن ڏينهن ۾ ٻنيءَ جو ڪم ڪار ڪندي هئي تن ڏينهن. ته سدائين سنديس چمڙي زرد ۽ سٽيل رهندي هئي. پر هاڻي ته ڪيترن ئي سالن ڪان لاباري جي مند کان سواءِ هن ٻنيءَ تي وڃڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ گذريل ٻن سالن کان ته خود وانگ لنگ به اها ڳالهه پسند ڪونه ڪندو هو. ته مٿان ماٺهو اهو چون ته. "تون پئسي وارو ۽ اڃان تائين تنهنجي زال وتي ٻنيءَ ۾ ڪمائيندي." ان ڪري هن کي اهو سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيو. ته هوءَ گهر ۾ هندي هندي ڇو ويهي رهڻ چاهيندي هئي ۽ ڇو تمام ڍلي هلندي هئي. پوءِ وري هن کي اها ڳالهه به ياد آئي. ته هوءَ صبح جو ننڊ مان اٿڻ مهل ۽ تنور ۾ ٻارڻ وجهڻ لاءِ جهڪڻ وقت ڇنگهندي هئي. جڏهن وانگ لنگ ڪائنس پڇيو.

"ڇا ٿيو آهي؟"

ته هن اوچتو ڇنگهڻ بند ڪري ڇڏيو. ان وقت وانگ لنگ کي زال جي بدن ۾ عجيب پيڙا جو جائي ڏاڍي پشيماني ٿي. جيتوڻيڪ ٻاڻ اهو سمجهي ڪونه سگهيو ته ڇو. وري هن کي خيال آيو.

"خير! منهنجو ته ٻلا انهيءَ ۾ ڏوهه ڪونهي ته مون کي سائس اهڙي محبت ڪانهي جيتري سنديس سريت سان آهي. گهڻن ئي ماڻهن کي ڪانه هوندي آهي." پنهنجي اطمينان لاءِ هن وري دل ۾ سوچيو. "هن کو ڪيس مٽريو ته ڪونهي. جڏهن به کهرندي آهي. ته پئسو ڏوڪڙ به جهڙ ڏيندو آهيانس."

اجان به هن کان ڇوڪريءَ واري ڳالهه ڪانه وسري. جينوٽيڪ ڪيس خبر ڪا نه پئي ته ڇو؟ پر اها سندس هانو ۾ چڀندي رهي. هن جڏهن ننهنجي چندچاڻ ڪئي ته هن پاڻ کي سدائين گهٽ ڪان سنو مرس محسوس ڪيو. چاڪاڻ ته هن جي اها بي چيني ختم ڪانه ٿي سگهي. ان ڪري جڏهن به أو-لان سندس ماني کڻي ايندي هئي يا هيڏانهن هوڏانهن پئي هلندي هئي. ته ڪيس جاجي بيو ڏسندو هو. هڪري ڏينهن مانيءَ ڪان پوءِ هوءِ جيئن ئي فرش صاف ڪرڻ لاءِ جهڪي. ته هن ڏٺو ته ڪنهن اندروني پيڙا ڪان، أو-لان جو منهن سڄو پيلو ٿي ويو. هن پنهنجا چپ ڪوليا. هوريان هوريان سهڪڻ لڳي ۽ پئي هٿ ڪٽي چيلهه تي رکيائين. هن ڪائنس تکڙ ۾ پڇيو.

"ڇا آهي؟"

پر أو-لان پنهنجو چهرو ڦيرائي ڇڏيو ۽ نستائيءَ سان وراڻيائين.

"اهو ساڳيو. پراڻو نرن جو سور."

هن زال کي غور سان ڏٺو ۽ ننڍي ڇوڪريءَ کي چيائين.

"فرش تون صفا ڪر. تنهنجي ماءُ بيمار آهي."

هن أو-لان کي ڏاڍو پيار سان چيو. سال ٿي ويا هئا جو اهڙيءَ طرح ساڻس نه ڳالهايو هئائين.

"وڃ. وڃي هنڌ ۾ سمهي رهه. آئون ڇوڪريءَ کي جوان نه. ته تو لاءِ ڪرم پاڻي آڻي. بستري تان نه اٿندي ڪر."

أو-لان سندس جوڻ تي ۽ بنا جواب ڏيڻ جي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. وانگ لنگ کي سنديس پيرن گهلڻ ۽ هوريان هوريان ڇنڪهڻ جو آواز پڌڻ ۾ آيو. هو وينو زال جو ڇنکهڻ پڌندو رهيو. آخر ڪائنس سنو ڪونه ٿيو. اٿيو ۽ شهر ۾ اچي اسپتال جي پڇا ڪيائين.

هو ان اسپتال ۾ ويو. جنهن جو ڏس ڪيس اناج جي منڊيءَ جي هڪڙي منشيءَ ڏنو هو. جتي سندس وڃڻ پت ڪم ڪندو هو. ڊاڪٽر اندر وينو هو ۽ وڻي حانهه پيتائين. ڊاڪٽر پوڙهو هو. سندس ڏاڙهي ڪڪي ۽ ڊگهي هئي. حبري جهرين اکين مٿان ۽ نڪ تي پتل جي عينڪ پاتل هئس. هن کي ڊگهو ۽ ميرو جبو بهريل هو. جنهن جي ڊگهين ٻانهن ۾ سندس هٿ لڪا پيا هئا. جڏهن وانگ لنگ ڪيس ننهنجي زال جي مرض جون نسانيون ٻڌايون. ته هن پهرين جب پکوڙيا. پوءِ جنهن ميز اڳيان وينو هو. ان جا خانا کولي ان مان هڪ ڪاري بجڪيءَ ۾ ويڙهيل پڙو ڪڍيو ۽ چيائين.

"آئون هلندس."

جڏهن هو أو-لان جي ڪٽ وٽ پهتا ته هوءَ ننڊ پئي هئي. سنديس پيشانيءَ ۽ مٿئين چپ تي پگهر ماڪ ڦڙڻ مثل بيٺو هو. پوڙهي ڊاڪٽر اهو ڏسي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پنهنجو سڪل. پيلو. پولڙي جي چنبي جهڙو هٿ اڳتي وڌائي أو-لان جي نبض ڏسڻ لڳو. ڪيتروئي وقت پوڙهو أو-لان جي نبض جهليو بيٺو هو. پوءِ وري ڪنڌ ڌوڻي چيائين. "جيرو وڌي ويو آهي ۽ پتي ڪي به مرض وٺي ويو اٿس. ٻچي ڄائيءَ ۾ مائٽهوءَ جي مٽي جيڏو پٿر آهيس ۽ معدو به ڪمزور ٿي ويو اٿس. دل جو ڌڙڪو به وڌي ويو آهي. لاشڪ ته دل ۾ ڪيئٽان به پئجي ويا اٿس."

انهن لفظن تي جڻ ته وانگ لنگ جي پنهنجي دل بند ٿي ويئي. ڪيس ڊپ وٺي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ وٺي رڙ ڪيائين.

"جگو، جگو. هن لاءِ ڪا دوا ڏي......"

هٿن جي ڳالهائڻ تي أو-لان پنهنجون اکيون کوليون ۽ پنهي ڏي نهاريو. ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. سور ۾ سجي پيٽي تي وئي. پوڙهي ڊاڪٽر وري ڳالهايو.

"معاملو ڏاڍيو ڏکيو آهي. جيڪڏهن تون خاطري نه وٺين ته پوءِ مون کي ڏهه ٽڪرا چانديءَ جا ڏي. آئون توکي ڪجهه ڦڪيون ۽ ٻوٽين ۾ سڪايل جيتي جو جگر ۽ ڪتي جو ڏند ٿو ڏيان. سڀني کي گڏي. ڪاڙهي. ڪاڙهو مريض کي پيارجو. پر جي توکي چڱيلائيءَ جي پوري خاطري گهرجي ته پوءِ پنج سئو ٽڪرا چانديءَ جا."

أو-لان اهي پنج سئو وارا لفظ ٻڌي ورتا. اوچتو هوءَ بيهوشيءَ مان ٻاهر نڪتي ۽ هيٺائيءَ سان چيائين.

"نه. نه. منهنجي زندگي ايڏي قيمتي ڪانهي. اينري مان ته چگو خاصو ٽڪرو زمين جو ملي ويندو." وانگ لنگ زال جي اها ڳالهه ٻڌي. ته هن جي سموري پشيماني وري موٽي آئي ۽ ڊپ ۾ چيائين.

"منهنجي مرضي ڪانهي ته گهر ۾ ڪو قضيو ٿئي. آئون رقم پري ڏيندس."

ڊاڪٽر جون اکيون لالچ ۾ چمڪڻ لڳيون. پر جيڪڏهن عورت نه بچي ته ڪيس قانوني سزا جي به خبر هئي. ان ڪري ٿورو پڇتاءُ سان چيائين.

"نه. مون هائي هن جي اکين جو اڃو رنگ ڏٺو آهي. لڳي ٿو ته مون کان غلطي ٿي ويئي آهي. صفا چاڪ. چڪي ڀلي ڪرڻ لاءِ آئون پنج هزار وٺندس."

وانگ لنگ خاموشيءَ ۽ ڏک وچان ڊاڪٽر ڏي نهاريو. وٽس اينري رقم ته ڪا نه ٿئي ها. جيڪڏهن پني نه وڪڻي ها. پر پني وڪڻي به ڪٿي. ته به ڪم ته ڪونه ٿئي ها. جو ته ڳالهه صفا پئي هئي. ڊاڪٽر جئي چيو هو ته زالس مري ويندي.

هو ڊاڪٽر سان گڏ ٻاهر نڪتو ۽ کيس ڏهه روپيه ادا ڪيائين. جنهن وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر هليو ويو ته وانگ لنگ انهيءَ اونداهين رڌڻي ۾ گهڙيو، جتي او-لان پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو گذاري ڇڏيو هو. مگر هاڻي هوءَ جيئن ته بيمار پئي هئي، تنهن ڪري رڌڻي جي سار سنڀال لهڻ واري ٻه ڀهر ڪانه هئي. وانگ لنگ پنهنجو منهن دونهاٽيل ڀت طرف ڦيريو ۽ روئڻ ۾ پئجي ويو.

باب چوويهون

ٻر او-لان جي زندگي ڪا اوچتو موت طرف وڌڻ ڪانه لڳي هئي. هوءَ اڃان اڌروٽ عمر جي مس ٿي هئي ۽ سنديس زندگي اهڙي سولائي سان پوري ڪونه ٿيندي. تنهن ڪري هوءَ ڪيترن ئي مهينن تائين موت جي انتظار ۾ بستري تي پئي هئي. سياري جا سيئي مهينا هوءَ پنهنجي هنڌ ۾ پئي هئي. وانگ لنگ ۽ سندس ٻارن کي پهريون ڀيرو اها خبر پئي هئي، ته گهر ۾ هن جي ڪهڙي حيثيت هئي ۽ سڀن لاءِ ڪيترو نه سک ڪريو ويٺي هئي.

ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي، ته تنور کي ٻارڻ ڪيئن ڏجي نه ڪنهن کي ڄاڻ هئي ته مڇيءَ کي ترڻ وقت ڪيئن اٿلائجي. جو ان جو ڪو پاسو سڙي نه وڃي نه وري ڪنهن کي اها خبر هئي، ته ڀاڄي وغيره ترڻ لاءِ ترن جو تيل سٺو آهي يا سرنهن جو. ڪاڌي جا بچيل ٽڪرا ميز هيٺيان پيا هوندا هئا ۽ جيستائين وانگ لنگ انهن جي بدبو ڪري ڪاوڙجي اگهڙ مان ڪتي کي سڏي اهي ڪارائيندو نه هو يا ننڍي نينگر کي سڏي اهي ميڙي اڇلائڻ لاءِ نه چوندو هو، تيستائين ڪير اهي ٻهاريندو به ڪونه هو.

ننڍي ڇوڪريءَ پنهنجي ڏاڏي جي معاملي ۾ به ماءُ جي جاءِ ڀرڻ شروع ڪري ڏني هئي، جڏهن هڪ ننڍڙي ٻار وانگر لاچار ٿيو پيو هوندو هو. والنگ لنگ پوڙهي کي اهو به سمجهائي نه سگهيو، ته او-لان سان ڪهڙي وهڪ هئي ۽ هن لاءِ حانهه چو نه ٿي اٿي، گرم ناڻي چو نه ٿي ڏئي ۽ ڪيس چو نه ٿي اٿاري ويهاري. هو پوڙهو تيستر ٿي پيو هو، جا ڪاڻ نه جڏهن به او-لان کي سڏ ڪندو هو، ته هوءَ سڏ ٿي ڪانه ورندي هئي ۽ هو ڪنهن ننڍي ٻار جيان حانهه جو پيالو ورني ٿي اڇلائيندو هو. آخرڪار هڪري ڏينهن وانگ لنگ پوڙهي کي او-لان جي ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ هن کي سنديس کٽ جي ڀرسان ويهاريائين. پوڙهو پنهنجي ڏري گهٽ ناٻين اکين سان ڪڇهه جاچي ڏسڻ لڳو ۽ روئي ڏنائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاڪاڻ تہ هن ڏاڍيون نظرن سان ڏٺو. تہ ڪا غلطي ضرور ٿي آهي.

صرف جرڙيءَ کي ڪنهن ڳالهہ جي خبر ڪانہ هئي. اها رڳو ويٺي مرڪندي هئي ۽ مرڪڻ مهل ويٺي اکريون وٺيندي هئي. ڪو تہ هن لاءِ بہ سوچي ها. رات جو سمهارڻ لاءِ ڪمري ۾ وٺي وڃيس ها. ماني کارائيس ها. ڏينهن جو اس ۾ آڻي ويهاريس ها. يا جيڪڏهن مينهن بئجي وڃي تہ اندر وٺي وڃيس ها. منجهائڻ ڪنهن کي تہ اهو بہ ياد رکڻو هو. ويندي وانگ ننگ کي بہ اها ڳالهہ وسري ويندي هئي. هڪ ڀيري تہ سڄي رات ويچاري ٻاهر پئي هئي. پئي ڏينهن ويچريءَ ڏاڍيون ڏانهون ڪيون. وانگ لنگ ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ اچي ٻنهي ۽ ڏيئڻ کي دڙڪا ڏنائين. سڀني پنهنجي ويچاري جرڙيءَ ڀيڻ جي ڳالهہ ئي وساري ڇڏي هئي. سوءِ هن ڏٺو تہ ويچارن ڪوشش تہ ڪئي هئي. پر وري بہ ٻار هئا. هن فيصلو ڪيو. تہ هاڻي ڪيس سنجهہ صبح جرڙيءَ ويچاريءَ جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن مينهن وسندو هو. برف پوندي هئي يا جهڪ ٿيندي هئي. تہ پاڻ ئي نينگري کي وٺي ڪمري ۾ آڻي، مچ جي پرسان ويهاريندو هو.

سڄو سيارو او-لان جي بيماريءَ جي ڪري. وانگ لنگ ٻنيءَ تي ڌيان ڪونہ ڏنو. ٻيو ڪو ڪم بہ ڪونہ ڪيائين. سڀ ڪمي چنگ جي نگرانيءَ ۾ سخت محنت کي لڳا پيا هوندا هئا ۽ پاڻ سنجهہ صبح او-لان جي ڪمري ۾ وڃي سنديس حال احوال پڇندو هو. آخرڪار وانگ لنگ اهو سڀ ڪجهہ سهي نہ سگهيو. رات ڏينهن رڳو ايترو ئي چوندو هو تہ.

"اڄ ويچاريءَ ڪارهو بيتو آهي. يا اٺي چانورن جي ٿورڙي رب پيتي اٿس."

انهيءَ ڪري ئي هو چنگ سان بہ ڪجهہ ڪونہ ڳالهائيندو هو.

سڄو سيارو وانگ لنگ ڪجهہ ڪري او-لان جي بستري جي پرسان اچي ويهندو هو. جيڪڏهن هن کي سيءُ لڳندو هو. تہ ڪوئلن جي سگري ٻاري سندس کٽ جي پرسان اچي رکندو هو. زالس سدائين چئي تہ بي هوشيءَ جي حالت ۾ پئي ٻٽڪندي هئي. چوندي هئي.

"ڏاڍو خرچ ٿو ٿئي." هڪڙي ڏينهن او-لان جو ڪيس ايئن چيو تہ هو سهي ڪونہ سگهيو ۽ ڦاٽي پيو.

"ڇا آئون ايترو بہ خرچ ڪري نہ ٿو سگهان؟ آئون پنهنجي سموري زمين بہ هوند وڪڻي ڇڏيندس تہ رڳو تون ڇاڪ ٿين."

او-لان مرڪي ڏنو ۽ سهڪي سهڪي. جهيڻي آواز ۾ چيائين.

"نہ. نہ. آئون توکي ايئن ڪرڻ ڪانہ ڏيندس. ڪنهن ڏينهن هونئن ئي مري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي بيس. پر پني ته مون کان پوءِ به هوندي." وانگ لنگ ڪڏهن به ڪنهن جي موت تي ڪونه ڳالهائيندو هو. ان ڪري اٿي هليو ويو.

ان هوندي به ڪيس پڪ هئي ته هڪڙي ڏينهن جوئنس مري ويندي. ۽ پوءِ گهٽائي فرض پورا ڪرڻا پوندا. ان ڪري هڪڙي ڏينهن سهر ۾ تابوتن ناهڻ واري جي دڪان ۾ ويو ۽ مختلف تابوت جاچي ڏسڻ لڳو. جيڪي وڪري لاءِ تيار رکيا هئا. هن ڪاري ۽ ڌهري ڪاٺ جو ٺهيل هڪڙو ڪارو تابوت چونڊيو. واڍو جنهن سندس چونڊ جو انتظار پئي ڪيو. تنهن وانگ لنگ کي چيو.

"جيڪڏهن اوهان به ونو ته قيمت جو ٽيون حصو ڇوٽ. توهين هڪڙو بنهنجي لاءِ چو نه ٿا ونو. اوهان کي ضرور بنهنجي لاءِ به ته کپي؟"

"نه منهنجا پٽ پاڻهي بندوبست ڪندا." وانگ لنگ جواب ڏنو.

پوءِ هن کي وري ننهنجي پيءُ جي يادگيري آئي. جنهن لاءِ پاڻ اجان تائين تابوت ڪونه ورتو هئائين. اها ڳالهه ڪيس دل سان لڳي. وري چيائين.

"پر منهنجو پوڙهو پيءُ آهي. جهٽ ويچارو مري ويندو. ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي پوڙهو. نظر گهٽ ٿي ويئي اٿس. هيءُ مان وٺان ٿو."

واڍي واعدو ڪيو ته هو تابوتن کي چڱي طرح ڪارو رنگ ڏئي. وانگ لنگ جي گهر موڪلي ڏيندو. گهر اچي وانگ لنگ اها ڳالهه او-لان سان ڪئي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي جو مڙسس هن لاءِ ڪجهه ڪيو هو.

وانگ لنگ ڏينهن جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اچي زال جي پرسان ويهندو هو. پر ڳالهائيندا ڪونه هئا. او-لان گهڻو ڪري بيهوش پئي هوندي هئي. اڳي به گهٽو ڪري پاڻ ۾ گهڻو ڪونه ڳالهائيندا هئا. او-لان کان ته هو به وسري ويو هو. ته پاڻ آهي ڪٿي. ۽ وانگ لنگ خاموشيءَ سان ويٺو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مهل. هوءَ بنهنجون ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳندي هئي. پهريون ڀيرو هن وانگ لنگ جي دل ۾ مختصر لفظ ڳالهائي. جهاتي هنئي.

"آئون دروازي تي گوشت کڻي ايندي بس. مون کي پوري خبر آهي ته آئون گدلي آهيان. ڪيئن رئيس وڏي جي سامهون وڃان؟" وري سهڪي سهڪي چوندي هئي. "مون کي مار نه. وري آئون اهو طعام ڪانه کائيندي بس." يا وري بار بار اهو چوندي هئي.

"منهنجي امان! منهنجا بابا! آئون گدلي آهيان. مون کي ڪير پيار ڪندو؟"

جنهن وقت او-لان اهڙيون ڳالهيون ڪندي هئي. ته وانگ لنگ کان سٺو ڪونه سيندو هو. هوءَ مڙس جو هٿ. هٿ ۾ وٺي هوريان هوريان مهسيندي هئي. اهو هٿ. وڏو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت ۽ اينرو سرد هوندو هو. جڻ تہ اڳيئي مري چڪو هجي. هن کي پنهنجو پاڻ تي حيرت ۽ ڏک ٿيندو هو. گهڻو ڪري جيڪا ڳالهہ اُو-لان ڪئي ٿي، سا سچي سچ هئي. جڏهن وانگ لنگ سنديس هٿ، هٿ ۾ وٺندو هو. تہ سندس اها خواهش هوندي هئي. تہ کيس اُو-لان لاءِ موهہ جو احساس ٿئي. کيس ڏاڍي ڦڪائي ٿيندي هئي. جو حقيقت ۾ هن ڪڏهن بہ اُو-لان لاءِ اهڙي دلي ڪشش محسوس ڪانہ ڪئي هئي. جهڙي ڪنول پنهنجي چپن جي چهاءُ سان منجهس پيدا ڪندي هئي. جڏهن هو. سنديس سڪل هٿ، هٿ ۾ جهليندو هو تہ بہ منجهس پيار جا جذبا ڪونہ ابرندا هئا؛ ويتر ڪراهت جي ڪري سندس رحم جو جذبو بہ اجهامي ويندو هو.

انهن ڳالهين جي ڪري هو ڏينهون ڏينهن اُو-لان تي وڌيڪ مهربان ٿيندو هو ۽ هن لاءِ اچي مچيءَ ۽ بند گوبيءَ جي ڳر جا نوان نوان لذيذ ڪاڌا آڻيندو هو. ودي ڳالهہ تہ هائي کيس ڪنول مان بہ فرحت ڪانہ ايندي هئي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن بہ هو اُو-لان جي موت واريءَ بيرا ڪان ڏيان هنائڻ لاءِ ڪنول وٽ ويندو هو. تہ بہ ڪانئس اُو-لان وسري ڪانہ سگهندي هئي. ايستائين جو ڪنول کي ڀاڪر وجهندو هو. تہ بہ اُو-لان جي يادگيري اچڻ ڪري سندس ٻڪ ڍرا ٿي ويندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن اُو-لان کي پوري جاڳ ٿيندي هئي ۽ پنهنجي اوسي پاسي جي ڄاڻ پوندي هيس. هڪري ڀيري هن ڪڪو کي ناڻ وٽ گهرائڻ لاءِ چيو ۽ جڏهن سخت حيرت ۾ پئجي. وانگ لنگ هن کي سڏايو. تہ اُو-لان ڏڪندي ٿورو سِسي مٿي ڪٽي ٻانهن تي پنهنجو ڪنڌ رکيو ۽ جي آواز ۾ چيو.

"تون ڀلي آ. تون. تون 'رئيس وڏي' جي خلوت گاهہ ۾ پلي رهي هونديءَ ۽ خوبصورت ليکي ويندي هئينءَ. پر آئون هڪڙي مرد جي زال رهي آهيان ۽ مون هن کي پٽ ڄڻي ڏنا آهن ۽ تون اڃان بہ ساڳي ٻانهي آهين."

ڪڪو ان ڳالهہ جو جڙ مان جواب ڏئي ان کان اڳ وانگ لنگ اها ڳالهہ سمجهي ويو ۽ کيس ٻاهر ڪڍي جوڻ لڳو. "خبر ناهي تہ هن جي ڳالهين جو مطلب ڇا آهي؟"

جڏهن واپس ڪمري ۾ ويو. تہ اُو-لان اڃان بہ ڪنڌ ٻانهن تي رکيو اهلي پئي هئي ۽ وانگ لنگ کي چيائين.

"آئون مري وڃان تہ نہ اها عورت ۽ نہ سنديس مالڪيائي منهنجي ڪمري ۾ اچي ۽ نہ منهنجي ڪنهن شئي کي هٿ لائي. جيڪڏهن ايئن ڪيائون تہ انهن کي بددعا ڏيڻ لاءِ آئون پنهنجي روح کي واپس موڪليندس. ايءَ هوءَ سمهي رهي ۽ سندس ڪنڌ

وهائي ني ڪري ڇيو.

پر هڪڙي ڏينهن ستون سال شروع ٿيڻ کان اڳ. اوچتو ئي اوچتو او-لان چاڪ ٿي ويئي. جيئن ڪا شمع پڇاڙيءَ ۾ وسامڻ کان اڳ ٻڙڪو کائي تيز روشني ڪرڻ لڳندي آهي. هوءَ بستري تي اٿي ويئي. پنهنجا وار ڳنڍيائين ۽ چانهه گهرايائين. جڏهن وانگ لنگ اتي آيو ته کيس چيائين.

"ٽئون سال اچڻ وارو آهي. نه منائي اجان تائين تيار ٿي آهي. نه ڪيڪ. مون هڪڙي ڳالهه سوچي آهي. آئون نه ٿي گهران. ته اها غلام عورت منهنجي رڌڻي ۾ پير به رکي. هيئن ڪر. پنهنجي ننهن. پنهنجي وڏي ڇوڪر جي مڱيندي کي گهرائي وٺ. مون اجان تائين ڇوڪريءَ کي ڏٺو ئي ڪونهي. پر جڏهن ايندي ته آئون پاڻ سمجهائيندي سانس ته ڇا ڪرڻو آهي."

وانگ لنگ زال جي چڱيلائيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. جيتوڻيڪ ٽئين سال ملهائڻ جو کيس خيال ڪونه هو. هن ڪڪو کي اناج جي واپاريءَ "ليو" ڏانهن موڪليو ته ٻڌائيس معاملو ڪيڏو ڳنڀير ۽ ڏک ڀريو هو. "ليو" جڏهن اها ڳالهه ٻڌي. ته او-لان ڏاڍي بيمار آهي ۽ سيارو مس جهلي آهي. ته ڇوڪريءَ کي موڪلڻ لاءِ راضي ٿي ويو ۽ هونئن به ڇوڪري سورهن سالن جي ٿي ويئي هئي. سنديس جمار مڙس جي گهر وڃڻ واري جمار کان به وڌي ٿي ويئي هئي.

او-لان جي بيماريءَ جي ڪري دعوت وغيره ڪانه ٿي. ڇوڪري ماٺ ميٺ ۾ ڏوليءَ ۾ چڙهي گهر پهچي ويئي. ساڻس گڏ فقط سنديس ماءُ ۽ هڪڙو پوڙهو نوڪر گڏ آيا هئا. ڇوڪريءَ جي او-لان جي هٿ ۾ سنديس ٻانهن ڏئي. هن جي ماءُ پنهنجي گهر هلي ويئي. باقي نوڪر. سو ڇوڪريءَ جي ڪم ڪار لاءِ اتي ترسي پيو.

جنهن ڪمري ۾ ٻار سمهندا هئا. سو خالي ڪرائي سندن ننهن جي حوالي ڪيو ويو. سمورو ضروري انتظام مڪمل ڪيو ويو. وانگ لنگ ڇوڪريءَ سان گهٽو ڳالهائيندو ئي ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه سهائيندڙ ڪانه ٿي لڳي. جڏهن ڇوڪري کيس سلام ڪندي هئي. ته ڪنڌ جهڪائي هن کي ورندي ڏيندو هو. هو ڇوڪريءَ مان ڏاڍو خوش هو. جو کيس گهر جي سڄي ڪم ڪار جي خبر هئي ۽ خاموشيءَ سان اکيون جهڪائي. گهر ۾ هلندي هئي. وڏي ڳالهه ته ڇوڪري ڏاڍي سٺي ۽ چڱي خاصي خوبصورت هئي. پر اهڙي به ڪانه هئي جو ماٿهو مٿس چريو ٿي پوي. پنهنجي ورتاءَ ۾ ڏاڍي خبردار ۽ درست رهندي هئي. هوءَ او-لان جي ڪمري ۾ وڃي هن جي سار سنڀال لهندي هئي. انهيءَ ڳالهه وانگ لنگ جي زال جي ڏک کي گهٽائي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته هاڻي هن جي بستري وٽ گهٽ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ ڪا زال ذات تہ هئي ۽ آو-لان بہ ڏاڍي خوش هئي.

بہ ئي ڏينهن تہ آو-لان ڏاڍي خوش رهي. ٻوءِ هن وري بہ ڳالهہ سوچي، ۽ هڪ ڏينهن صبح جو جڏهن وانگ لنگ ونس آيو، اهو پڇڻ تہ سنديس رات ڪيئن لنگهي، تہ هن مڙس کي چيو.

"هڪڙي ڳالهہ آهي. انهيءَ کان اڳ جو آئون مران...."

وانگ لنگ جڙي چيو. "مرڻ جي ڳالهہ نہ ڪندي ڪر. مون کي ڪا خوشي ٿيندي؟"

هوءَ هوريان هوريان مرڪڻ لڳي ۽ سنديس مرڪ اکين ۾ لهڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويئي. جواب ڏنائين.

"مري تہ آئون بہ ويندس. اهو مئو نرن جو سور مون کي ڪونہ ڇڏيندو. پر ڏس جيسنائين وڏو پٽ گهر ڪونہ ايندو، آئون ڪانہ ٿي مران. چوڪري سدا ملوڪ آهي. منهنجي ڏاڍي خدمت ٿي ڪري. ڪوسي پاڻيءَ جو ٿانو جهليو بيٺي هوندي آهي. ويچاري منهنجو پگهر بہ ڌوئيندي آهي. منهنجي مرضي آهي تہ چوڪرو هاڻي گهر اچي. آئون تہ نڪ مري ويندس. پر ٻانيان تہ ان کان اڳ هو هن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري. مون کي تو لاءِ پوني ۽ پوڙهي جي لاءِ پڙ پوني جي اميد ٿي ويئي تہ پوءِ آئون سک سان ساهہ ڏيئي سگهنديس."

سنديس صحت جي ڪري تہ اهي تمام ڏکيون ڳالهيون هيون. جيڪي هن ان وقت مڙس سان ڪيون. الائي ڪيترن مهينن کان ٻوءِ هن ايترو ڳالهايو هو. وانگ لنگ سنديس آواز ۾ سگهہ ڏسي ۽ جنهن تمنا سان هن اها ڳالهہ ڪئي هئي. ان تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سائس ڪو بہ سوال جواب ڪونہ ڪيائين. جيتوڻيڪ ڪيس ڏام ڏوم سان ننهنجي پٽ جي وهانءَ ڪرڻ لاءِ وڏيڪ وقت درڪار هو. هن فقط ايترو چيو.

"چڱو. چڱو. اهو ڪم ڪريون ٿا. آئون اڄ ئي ڏکڻ شهر ڏي چوڪر ڏانهن ماڻهو ٿو موڪليان، تہ ڪيس ڳولي اچي تہ پرٺايونس. پر مون سان واعدو ڪر تہ تون چاڪ چڱي ڀلي ٿي زور وٺندينءَ ۽ وري مرڻ جي ڳالهہ ڇڏي ڏيندينءَ. تو کان سواءِ گهر چڻ تہ جانورن جي ڄر هجي."

اها ڳالهہ وانگ لنگ جوئس کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪئي ۽ هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. جيتوڻيڪ ڳالهايائين ڪونہ. ٿورو ليٽي پئي ۽ پئي اکيون ٻوٽي مرڪي ڏنائين.

وانگ لنگ پٽ ڏي ماڻهو موڪليو ۽ هن کي روانو ڪرڻ کان اڳ ڳالهہ سمجهائيندي چيائين،

"تو واري نندي رئيس کي چئجانء ته سندس ماءُ مرڻ تي پئي آهي ۽ جيستائين هوء ڪيس نه ڏسندي يا سندس شادي نه ڏسندي. تيستائين سنديس روح کي سک ڪونه ايندو. ڪيس نورو به منهنجو. سندس ماءُ جو يا گهر جو خيال هجي ته ٻيءِ ساعت ۾ گهر موٽي اچي. چاڪاڻ ته اج ڪان ني ڏينهن پوء آئون دعوت ڪندس. مهمان ايندا ۽ سندس شادي ٿيندي."

وانگ لنگ جيڪا ڳالهه ڪئي. اهوئي ڪم ڪيائين. ڪڪو کي انهيءِ ڳالهه لاءِ مقرر ڪيائين ته جيتري قدر به ٿي سگهي. عاليشان دعوت جو انتظام ڪري. ڪيس اهو به چيائين ته هوء پنهنجي مدد لاءِ شهر جي چانهه خاني واري بورچيءَ کي گهرائي وٺي. پوء سندس هٿ ۾ چاندي ڏئي چيائين.

"اهڙو بندوبست ڪر. جهڙو اهڙن موقعن تي وڏي حويليءِ ۾ ٿيندو هو."

پوء هو ڳوٺ ۾ ويو ۽ وڃي مهمانن کي دعوت ڏنائين. مرد، زالون جيڪي به سندس سڃاتو هئا. تن سڀني کي ڪوٺ ڏئي آيو. چاحس کي چيائين.

"توهان پنهنجي ڪنهن دوست يا پنهنجي پٽ جي ڪنهن دوست کي دعوت ڏيو ته ٺهي ڏيو."

اها ڳالهه هن ان ڪري ڪئي جو ڪيس هميشه اها ڳالهه ياد ٻيني هئي. ته چاحس ڪير هو. وانگ لنگ چاحس تي ڏاڍو مهربان رهندو هو ۽ سانس معزز مهمانن وارو سلوڪ روا رکندو ايندو هو. اها ڳالهه هن تڏهن کان شروع ڪئي. جنهن گهڙيءَ کيس اها خبر پئي ته سندس چاچو ڪير هو. وانگ لنگ جو پٽ شاديءَ واري رات کان هڪ ڏينهن اڳ گهر پهتو. هو سڌو ماءُ جي ڪمري ڏانهن ويو. وانگ لنگ ڏاڍو خوش ٿيو. ڪانئس سڀ تڪليفون وسري ويون. جيڪي چوڪر کيس گهر ۾ ڏنيون هيون. اڳائي سال تي ويا هئا ڪيس پٽ کي ڏٺي. هائي سندس آدو اهو چوڪرو ڪونه هو. پر هڪڙو قداور ۽ سهڻو مرد بيٺو هو. هڏڪاٺ جو جاندو ۽ پريل ڳل. ننڍا ڪارا چمڪندڙ ۽ سٺيا وار. ڪيس ڳوڙهي ڳاڙهي رنگ جي ساٽن جو ٺهيل چوغو پهريل هو. جهڙا ڏکڻ جي شهرن ۾ دڪانن تي وڪامندا هئا. چوڪر کي بنا ٻانهن واري هڪ نفيس جئڪيٽ به پاتل هئي. پٽ کي ڏسي وانگ لنگ جي دل فخر سان ڦوندجي ويئي. ڪانئس پنهنجي سدا ملوڪ پٽ کان سواء ٻي هرڪا ڳالهه وسري ويئي. هو چوڪر کي وٺي مائس جي ڪمري ۾ آيو.

چوڪر ماءُ جي کٽ جي پرسان وڃي ويٺو. ماءُ کي ڏسي سندس اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ماءُ سان ڳالهائيندي ٻي ڪا به ڳالهه ڪانه ڪيائين.

"مون کي تو لاءِ جيڪي ٻڌايو هئائون. ان کان ته تون ٻيڻ تي چاڪ آهين. اجا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سالن جا سال موت کان پري آهن."

"آئون تنهنجي شادي ڏسان پوءِ پڪ مري ويندس."

هائي چوڪري چوڪر سان منهن ڪانہ پوئي هئي. ان ڪري ڪنول ڪيس شادي لاءِ تيار ڪرڻ خاطر اندرئين گهر ۾ وٺي ويئي. اهو ڪم ڪنول، ڪڪو ۽ وانگ لنگ جي چاچيءَ کان وڌيڪ ڪنهن کان بہ ڪونہ ٿئي ها. ٽئي ڄڻيون چوڪريءَ کي وٺي ويون. شاديءَ واري ڏينهن چوڪريءَ کي وهنجاري ننهن کان چوٽيءَ تائين اڇو اجرو ڪيائون. چوڪريءَ جا پير نئين اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهيئون. ڪنول شهر مان گهرايل بادامن جي سرهي تيل سان چوڪريءَ کي اگهٽ هنيون. پوءِ چوڪريءَ کي اڇن ڳڻن واري، سندس رنگ سان ملندڙ، ريشمي پوشاڪ پهرائي. ان جو ڪوٽ اوڍائي. ڳاڙهي ريشمي وڳي ۾ پلٽہ ڏئي گهر کان ٻاهر وٺي آيون. ڪنوار جي چهري تي ليمي جي رس سان مالش ڪري، پوءِ ڌوريءَ سان سنديس وار پٽي، پرون نوڪدار ڪيائون. سنديس لسي ۽ ڏکي ڳچيءَ کي هلندڙ رواج موجب سينگاري، پائوڊر ۽ لالي مکيائونس. برش سان سنديس ڏکيا پنبڻ سنواري، چوڪريءَ جي مٿي تي ڪنوار وارو تاج ۽ چهري تي نقاب اوڍائي. سنديس ننڍڙن پيرن ۾ پيرت پيريل جتي پارائي. ننهن تي روغن لاٿي. هٿن جي ترين تي خوشبوءِ مکيائونس. اهڙيءَ طرح هنن ڪنوار کي شادي لاءِ سينگاري تيار ڪيو. ڪنوار تي هر شئي ڏاڍي پئي نهي. پر هوءَ ٿوري پريشان ۽ شرميلي پئي لڳي ۽ اها ڳالهہ سنديس لاءِ سٺي بہ هئي.

وانگ لنگ، سندس پيءُ، چاچو ۽ ٻيا مهمان ڪمري ۾ ويٺا هئا. تہ ڪنوار کي سنديس ٻانهي ۽ وانگ لنگ جي چاچي وٺي اتي آيون. چوڪري هلڪيون هلڪيون وکون کڻندي، ڪنڌ هيٺ ڪري پئي آئي، اهڙي نموني سان جڻ تہ هن چوڪر سان سندس پرڻجڻ جي مرضي نہ هجي ۽ کيس انهيءَ ڏس ۾ مدد گهربل هجي. ان مان سنديس اعلي اخلاق بہ ظاهر پئي ٿيو. اهو ڏسي وانگ لنگ ڏاڍو خوش ٿيو تہ چوڪري ڏاڍي سلڇڻي آهي.

پوءِ وانگ لنگ جو وڏو پٽ اتي پهتو. کيس ڳاڙهي چوغي ۽ ڪاري صدري واري پوشاڪ پيل هئي. وار لسايل. ڏاڙهي ٺهيل. سندس پويان سندس ڀائر پئي آيا. وانگ لنگ پٽن کي گڏ ڏسي، خوشيءَ وچان مرڪو ڦاٽي پيو. ڪاڻس پوءِ اهي سندس زندگيءَ کي پنهنجن جسمن ۾ جاري رکيو ايندا. پوڙهي کي ڪا بہ خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڇا پيو وهي واپري. رڳو ڪجهہ پٽڪا، جيڪي واڪو ڪري کيس ٻڌايائون ٿي. سي ٿورا گهڻا سمجهہ ۾ ٿي آيس. اوچتو کيس پوري ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي. سو وٺي ٻڌا ٻڌا ٺهڪ ڏنائين ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هيٺئي آواز ۾ چوڻ لڳو.

"جٿبو ته شادي آهي. معني ته وري پوتا ۽ پوٽيون ٿينديون."

پوڙهو دليٿون ڪندو رهيو ته سڀ مهمان به پوڙهي جي چرچن تي کلڻ لڳا. وانگ لنگ دل ۾ سوچيو. ته جيڪر او-لان بستري مان ٻاهر هجي ها. ته پوءِ اجوڪو ڏينهن سچي پچي خوشيءَ جو ڏينهن هجي ها.

انهيءَ وچ ۾ وانگ لنگ ٿيڌي اک سان پٽ کي ڏسندو به رهيو. ته ڇوڪر ڪنوار ۾ نهاري ٿو يا نه؟ ڇوڪر اک ٿيٺ سان. ڪجهه ڪوهه ۾ ڪنوار کي ڏسي ٿي ورتو. پر سندس لاءِ اهو ڪافي هو ته ڇوڪر ڏاڍو خوش ٿيو هو. وانگ لنگ فخر سان پنهنجي دل ۾ چيو.

"ان جي معني ته مون ڇوڪر لاءِ سندس پسند جي ڪنوار ڳولي آهي."

اينري ۾ گهوٽ ڪنوار ڪنڌ نوڙائي. پوڙهي ۽ وانگ لنگ کي سلام ڪيو. پوءِ انهيءَ ڪمري ۾ ويا جنهن ۾ او-لان سنل هٿي. او-لان به پنهنجو بهترين پهرڻ اوڍيو هو. جنهن وقت گهوٽ ڪنوار پهتا. ته هوءِ اٿي ويٺي. سنديس چهرو خوشيءَ سان ٻهڪڻ لڳو. وانگ لنگ سنديس صحت بابت خوش فهميءَ ۾ اچي ويو. وٺي دانهن ڪيائين.

"واه. واه! هاڻي ته صفا چاڪ ٿي وينديءَ!"

گهوٽ ڪنوار پٽي کيس ويجهو اچي ۽ ڪنڌ جهڪائي سلام ڪيائونس. او-لان پنهنجي بستري کي چنڊيو ۽ چيائين.

"هتي اچي ويهو. شاديءَ جي ماني ۾ مڌ واپرايو ته آئون ڏسان. هيءَ توهان جي شاديءَ جي سيج آهي. آئون چارڻ ميس. پوءِ ڪٿي ويجهو."

او-لان جي ڳالهه جو ڪنهن به جواب ڪونه ڏنو. ٻئي گوڏو گوڏي سان ڏيو. سرميلا سرميلا. خاموش ٿي خاموش ٿيو اتي ويٺا رهيا. وانگ لنگ جي چاچي موقعي جي اهميت جي لحاظ کان گرم گرم شراب جا ٻه پيالا کڻي آئي. ٻنهي ڏار ڏار پنهنجو پنهنجو جام پيتو. پوءِ ٻنهي ڄڻن پيالن ۾ شراب ملايو. جيڪو انهيءَ ڳالهه جو هجاڻ هو. ته هاڻي ٻنهي جي زندگي هڪ آهي. ان کان پوءِ ٻنهي چانور کاڌا ۽ وري چانور به پاڻ ملايائون. جنهن جو مطلب به ساڳيو ٿي هو ته هاڻي سندن زندگي هڪ آهي: ٻنهي جهڪي او-لان ۽ وانگ لنگ کي سلام ڪيو ۽ پوءِ ٻاهر اچي سڀني آيل مهمانن کي جهڪي سلام ڪيائون.

پوءِ دعوت شروع ٿي. سمورا ڪمرا ۽ اڱڻ. کاڌي جي خوشبوءِ ۽ ٽهڪن سان ڀرجي ويا. جيستائين مهمانن جي ڳالهه آهي ته اهي پري پري کان ڪهي پهتا هئا. هڪڙا اهي هئا. جن کي ... پاڻ ڪه نيو هو ۽ ٻيا وري اهي جن کي وانگ لنگ ڪڏهن ڏنو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به ڪونه هو. انهن کي رڳو اها خبر هئي ته همراهه پٽسي وارو آهي. ڪاڏي جي پرواهه ئي ڪانهيس. پوءِ اهڙو موقعو ڇو وڃائجي! ڪڪو دعوت جا طعام تيار ڪرائڻ لاءِ شهر مان بورچي آندا هئا. انهن اهڙا لذيذ طعام تيار ڪيا. جيڪي ڪنهن هاريءَ جي گهر ۾ ڪو نه نهندا هئا. شهر وارا بورچي نهيل ڪاڏي جا توڪرا ڀري آيا. رڳو گرم ڪرڻ جي ويرم هئي. اڪثر طعام هتي پاڻ ئي تيار ڪيا هئا ۽ پنهنجا گدلا اڳر لوڏيندا. وڏي اتساهه سان پٽي هيڏانهن هوڏانهن نيلارا ڪيائون. سيني ڏٺو ته ڪاڏو پينو ۽ ڏاڍا خوش ٿيا.

او-لان سڀ دروازا کولائي پردا ڪٽائي ڇڏيا هئا. ته جيئن پاڻ آواز ۽ ٺهڪ پڌي سگهي ۽ ڪاڏي جي خوشبوءِ به سنگهي سگهي. جيڏيءَ مهل به وانگ لنگ ڪيس ڏسڻ آيو ٿي ته ور ور ڏيو هن ڪان به اهو پٽي پڇيائين.

"شراب سيني پيتو؟ وچ ۾ رڪيل مڇا جانور گرم به آهن يا نه؟ مٺي ۾ سٺ ۽ مناڻ پورو وڌو اٿن. ميوو به وڌو اٿن يا نه؟" جڏهن وانگ لنگ ڪيس پڌايو ته هر ڳالهه سنديس خواهش مطابق ٿي آهي. ته پوءِ هوءَ آرام سان ليٽي پئي ۽ ڳالهيون پڌڻ لڳي.

رات جو دعوت پوري ٿي. مهمان هليا ويا. ڪل. خوشيءَ ۽ ٺهڪڙن جو وقت پورو ٿي ويو ۽ گهر تي خاموشي ڇانئجي ويئي. هن نئين برتيل گهوٽ ۽ ڪنوار کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين چيائين.

"هاڻي اٿون ڏاڍي خوش آهيان منهنجا ٻچڙا. پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جو خيال رکجانءِ ۽ منهنجي ڏيٺري. تون به پنهنجي مڙس. سهري ۽ هن جي پيءُ جو ۽ گهر ۾ هوءَ جيڪا ننڍڙي چرڙي آهي. تنهن جو خيال ڪجانءِ. پٽي ڪنهن جو ڪم تو تي ڪونهي."

آخري لفظن ۾ سنديس اشارو ڪنول ڏي هو. جنهن سان هن ڪڏهن به ڪونه ڳالهايو. پوءِ لڳو ته هوءَ گهري ننڊ ۾ ٻڏجي ويئي آهي. گهوٽ ۽ ڪنوار جيتوڻيڪ اتي بيٺا هئا ته شايد وري ڳالهائي ۽ هن به پاڻ کي ڳالهائڻ لاءِ ابو ڪيو. پوءِ جڏهن هن ڳالهايو. ته جڻ ڪيس اها خبر ئي نه هجي ته پٽي اتي بيٺا هئا يا پاڻ ڪٿي هئي: چاڪاڻ ته سنديس اکيون پوريون بيون هيون ۽ ڪنڌ پٽي هيڏانهن هوڏانهن لڏيس ۽ ٻٽڪا پٽي ڪيائين.

"نيڪ آ. اٿون ڪٿي ڪوجهي آهيان. پر مون نٿ ڇاوا آهن. ٻانهي آهيان. پر گهر ۽ پٽ ته اٿم." وري اوچتو چوڻ لڳي، "ڪير هن جي سنار سنڀال لهندو. ڪير ماني ٽڪي ڪارائيندس مون وانگر. حسن مرد کي ٻٽ ته ڪونه نو ڏي."

ڪائنس سڀ ڪجهه وسري ويو ۽ ستي پٽي وڦلندي رهي. پوءِ وانگ لنگ گهوٽ ۽ ڪنوار کي وڃڻ جو اشارو ڪيو ۽ جيستائين هوءَ ستي پٽي هئي، هو اتي ئي زال جي پرسان ويٺو هو. وري جڏهن سجاڳ ٿي ۽ وانگ لنگ مٿس نظر وڌي، ته ڪيس پنهنجي پاڻ

ڪـان بچـان اچڻ لڳي. هن ڏنــو تہ اُو-لان جـو وقت اچي پڳو هو پر تہ بہ سنديس ڏند. ڳـاڙهن چـپن مـان ٻاهر نڪـتـا ئـا هئـا. جـيـئن ئي وانگ لنگ مٿس نظر ڪئي. تہ اُو-لان پنهنجون اکيون کوليون. لڳو تہ انهن ۾ ڪو اجاتو ڏنڊ چانيل آهي. هو ڪيس بار بار اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو. اُو-لان حيرت ۾ ٻڏل پنهنجون اکيون مٿس کـپائي ڇڏيون. ڄڻ تہ ڪيس اها حيرت ٿيندي هجي تہ سامهون ڪير آهي. اوچتو سندس ڪنڌ وهائي تان ڊرڪي ويو. هوءَ ٿورو ڦتڪي ۽ مري ويئي.

وانگ لنگ کي لڳو. تہ هائي ڪائنس اتي بيـنو ڪونہ ٿيندو. هن پنهنجي چاچيءَ کي سڏ ڪري ميت کي غسل ڏيڻ ۽ ڪفنائڻ لاءِ چيو. جنهن وقت غسل پورو ٿيو تہ بہ پاڻ اندر ڪونہ ويو. سندس چاچيءَ، وڏي پٽ ۽ نُنهن کي ميت کي تابوت ۾ رکڻ جو چيائين. پر پنهنجي سڪون لاءِ مڙئي پاڻ کي بہ مشغول رکيائين. پوءِ هو شهر ويو ۽ رسم پٽاندر تابوت بند ڪرڻ لاءِ ماڻهو وٺي آيو ۽ رمال کان دفن جو 'وار' پڇي آيو. رمال ڪيس ٻڌايو تہ 'وار' ٽي مهينا پوءِ جو ٿو نڪري. ٽن مهينن ۾ اهو ڀهريون مناسب ڏينهن ايندو. وانگ لنگ هن کي ڪجهہ پئساهڏئي سهر جي مندر ۾ آ يو. پوڄاريءَ کان ٽن مهينن لاءِ تابوت رکڻ جي جڳهہ مسواڙ تي ڪيائين ۽ دفنائڻ واري ڏينهن تائين. اُو-لان جو تابوت اتي آڻي رکايائين. وانگ لنگ کي لڳو. تہ گهر ۾ سندس اکين آڏو رکيل تابوت ڪائنس سَنو ڪونہ ٿيندو. مرڻ واري لاءِ جيڪي بہ ڪري سگهجي ٿو. ان ڪم ۾ بہ وانگ لنگ ڏاڍي خبرداري ڪئي. هن سوچيو تہ ڪيس ۽ سندس اولاد کي ماءُ جو سوڳ ڪرڻ کپي. هن اڇي ڪپڙي جون جتيون گهرايون. جيڪو ماتم جو رنگ آهي: مرين تي اڇي ڪري جون پٽيون ٻڌائون. گهر جي عورتن وري اڇين پٽين سان پنهنجا وار ٻڌا.

وانگ لنگ کي انهيءَ ڪمري ۾ ننڊ بہ ڪانہ ايندي هئي. جنهن ۾ اُو-لان دم ڏنو هو. هو پنهنجو سمورو سامان کڻي اندرئين گهر ۾ هليو ويو. جتي ڪنول رهندي هئي. وڏي پٽ کي چيائين.

"تون ۽ تنهنجي زال وڃي ماڻهين واري ڪمري ۾ رهو. جنهن توکي جنم ڏنو هو. توهين بہ پنهنجا ٻار اتي ئي ڄڻجو." پوءِ پٽ انهيءَ ڪمري ۾ ويا ۽ ڏاڍا خوش ٿيا.

موت جيڪو گهر هڪ وار ڏسي ٿو. تہ سولائي سان ان جي پڇر ڪونہ ٿو ڇڏي. جڏهن کان وانگ لنگ جي پوڙهي پيءَ. اُو-لان جي ميت کي تابوت ۾ رکندي ڏٺو هو. تڏهن کان هو بدحواس ٿي ويو. هڪ رات ستو ۽ صبح جو جڏهن ننڍي ڇوڪري ڪيس چانهہ ڏيڻ اندر آئي. تہ ڏٺائين تہ پوڙهي جي وڪريل ڏاڙهي هوا ۾ پٽي اڏامي ۽ موت جي ڪري ڪنڌ لڙڪيو پيو هوس. ڇوڪريءَ کان رڙ نڪري ويئي ۽ هوءَ گهوڙا گهوڙا ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وني پيءُ ڏانهن ڀڳي. وانگ لنگ اندر ويو ڏٺائين ته پوڙهو مئو پيو هو. سندس سنهڙو بدن ٿڌو ٿيو. سيٽيو پيو هو. جڻ ڪو سڪل وڻ هجي. پوڙهو ڪيترائي ڪلاڪ اڳ مري چڪو هو. شايد جيئن ٿي هو بستري تي ليٽيو هو. ته اوڏيءَ مهل ٿي ساهه نڪري ويو هوس.

وانگ لنگ پوڙهي کي غسل ڏنو. آهستي آهستي ڪري سندس ميت کي تابوت ۾ رکيائين ۽ بند ڪري ڇڏيائين. دل ۾ خيال آيس.

گهر ۾ پنهنجي مري وڃڻ وارن کي ساڳئي ڏينهن دفنائيندا سين. ٽڪريءَ وٽ زمين جي ٽڪر تي کين دفن ڪبو ۽ جڏهن آئون مران ته آئون به اتي پورجان.

هن جيڪي جيو تيئن ئي ڪيو. پوڙهي جو تابوت بند ڪري وچئين ڪمري ۾ رکائي ڇڏيائين ۽ مقرر ڏينهن تائين اهو اتي ئي رکيو هو. هن کي لڳو ته پوڙهو جيتوڻيڪ مري ويو هو. پر ڪيس انهيءَ ڪري ڏاڍو سڪون مليو. ته تابوت ۾ پيل سندس پيءُ ڪيس ويجهڙو هو. وانگ لنگ کي پيءُ جي ڏاڍي اون هوندي هئي. پر ڪيس ان جو ايڏو ڏک به ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته نس صفا پوڙهو ٿي ويو هو. سندس ڏينهن پڄي آيا هئا ۽ ساڻن ڪاڻ جهرو ڏ متو پيو لڳندو هو.

پوءِ پهر جي منڊ ۾ زمين جي مقرر ڪيل ڏينهن تي. وانگ لنگ تائو جي مندر جي پوڄارين کي گهرايو. انهن کي پيلي رنگ جا جبا پاتل هئا ۽ سندن ڊگها وار سندن ڪنهن وٽ ٻڌل هئا. هن پوڙهي مندرن مان به پوڄارين کي سڏايو جن کي ڊگها گيرو چوغا پيا هئا. سندن متا ڪوڙيل ۽ مٿي تي "پاڪ زخمن" جا نو نشان ٺيل هئا. پاوا سڄي رات ڍول وڄائيندا ۽ پنهنجي مرڻ وارن لاءِ ڀڄن ڳائيندا رهيا. جيڏيءَ مهل به انهن ڳائڻ بند ٿي ڪيو. ته وانگ لنگ سندن هٿ ۾ رقم ٿي رکي. اهڙيءَ طرح اهي ساهه کڻي وري ڳائڻ ۾ شروع ٿي ٿي ويا ۽ پٺن سج ابرڻ تائين بس ڪانه ڪيائون.

وانگ لنگ پنهنجيءَ زمين تي. ڪجيءَ جي وڻ هيٺان قبرن لاءِ جڳهه چونڊي. جنگ قبرون کوٽيون ۽ پاهران چوڌاري جو ڪوٽ ڏياري ڇڏيائون. اندر وانگ لنگ. سندس پڻ. ٽهرن ۽ پوٽن لاءِ به جاءِ ڇڏيل هئي. مقام جي ان زمين لاءِ وانگ لنگ هاڻ جي سورهه ڪانه ڏيکاري. جيتوڻيڪ زمين ڏاڍي پلي ۽ ڪڻڪ جي فصل جي ڏانو جهري هئي. پر اها سندس ڪٽنب جي خوشحاليءَ جو ڦهڄاڻ هو. ته پاڻ جيترا توري مئل. پر پنهنجيءَ زمين تي پيل هئا.

رات جي ست سنگ ڪاڻ پوءِ مقرر ٿيل ڏينهن تي وانگ لنگ ماتمي رنگ جا اڇا ڪپڙا پاتا. ساڳئي قسم جا چوغا هن پنهنجي جاجي ۽ سوٽ کي به پهرائي ڏنا. پنهنجي پٽن مان به هرهڪ کي ۽ پنهنجي ڌيئرن کي به. کين ڪٿي هلڻ لاءِ هن شهر مان ڪجاوا گهرايا.

چاڪائن تہ هن نہ ٿي گهريو تہ اهي قبرستان تائين پنڌ ڪري هن جڻ تہ غريب يا عام ماڻهو هجن. أو-لان جي تابوت جي پويان ٻهريائين ٻاڻ ماڻهن جي ڪلهن تي سوار ٿيو آيو. سندس پيءُ جي تابوت جي پويان وري سندس چاچي جي سواري هئي. جيڪا سيني جي اڳيان هئي. ويندي ڪنول بہ. جيڪا أو-لان جي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ سندس آڏو ڪانہ آئي ۽ هائي جڏهن تہ أو-لان مري ويئي هئي. تہ اها بہ پنهنجي مڙس جي ٻهرين زال جي موت تي ڏاڍي فرض سناس ٿي نظر آئي ۽ ٻين سان گڏ ڏوليءَ ۾ سوار هئي. پنهنجي چاچي ۽ سوٽ لاءِ بہ وانگ لنگ ڏوليون ڀاڙي تي ڪيون هيون. هن ڪي بہ ماتمي جوغا پاتل هئا. جرڙيءَ لاءِ بہ ٻاڻ ڏولي گهرائي هئائين ۽ ماتمي حوغو نهرايو هئائين. جيتوڻيڪ هوءَ تہ ان روئڻ جي موقعي تي بہ ڪنندي ۽ ٺهڪ ڏيندي ٿي آئي.

سڀئي زور سان روئندا ۽ ماتم ڪندا. قبرن ويجهو آيا. پويان چنگ ۽ پيا ڪمي جيون جتيون بابو ننڌ ٿي آيا. وانگ لنگ پنهي قبرن جي ڀاسن ڪان ٿي بيٺو. هن مندر مان أو-لان جو تابوت گهرايو ۽ اتي رکايو. جيستائين بوڙهي جو تابوت دفن ٿئي. وانگ لنگ اتي بيٺو ڏسندو رهيو. سندس ٿي ڏک مرتي ڪان ودو هو. پر ٻن پين وانگي زور سان روئي بہ ڪونہ ٿي سگهيو. سندس اکين ۾ لڙڪ بہ ڪونہ هئا. ڪيس خبر هئي تہ جيڪي ٿيتو هو سو ٿي ويو ۽ جيڪي ٻاڻ ڪيو هئائين. ان ڪان وڌيڪ تہ ڪجهہ ٿي بہ نہ ٿي سگهيو.

پر جڏهن قبرن تي مٽي ورائي ڇارڻ لڳا. تہ هو خاموشيءَ سان پرتي وڃي بيٺو. ڏولي موڪلي ڇڏيائين ۽ ڪيو. پيادل ٿي گهر ڏانهن هلڻ لڳو. ڪيس پنهنجي بخت جي سلسلي ۾ اڄان بہ هڪڙو خيال ايندو هو. جيڪو ڪجهہ اوپرو اوپرو پر حسو هوندو هو ۽ ان جو ڏک بہ ٿيندو هوس. تہ جيتوڻيڪ مرضي هيس تہ بہ ٻان أو-لان ڪان ان ڏينهن رهيل بہ موتي وٺي ڪونہ سگهيو. جنهن ڏينهن هن تلاءَ تي سندس ڪپڙا پئي ڌوتا ۽ ڪنول کي بہ ڪنن ۾ پاتل ڪونہ ڏسي سگهندو. اهو سوچ ..و سوچيندو ٻاڻ اڪيو هلندو بہ ويو. وري ٻاڻ کي چيائين.

”هيءَ منهنجي منري پياري ڌرتي. ان ۾ منهنجي زندگيءَ جو ٻهريون بهتر ڌ ۽ پيو بہ کهتو ٿي دفن آهي. ڄڻ تہ منهنجي پنهنجي وجود جو اڌ ان ۾ دفن ٿي ويو آهي ۽ هاڻي تہ گهر جي زندگي بہ ٻئي نموني جي ٿي ويندي.“

اوحتو ڪيس روئڻ اچي ويو. هن ٿورو رنو ۽ پوءِ ٻارن وانگي هٿ جي ٺٺ سان ڙڪ اکهي ڇڏيائين.

باب ستاويهون

اهو سمورو عرصو وانگ لنگ شاديءَ جي دعوتن ۽ گهر جي قضين جي ڪفن دفن ۾ اٽڪيو رهيو. جو فصل ڪٽڻ واري ڳالهه ذري گهٽ ڪائنس وسري ويئي هئي. پر هڪ ڏينهن جنگ وٽس آيو ۽ چيائينس.

" هاڻي غمي خوشي پوري ٿي ويئي. مون کي توهان سان هنيءَ جو ڳالهائڻو آهي."

" ته ڪهه ڪر." وانگ لنگ جواب ڏنو. "اڄڪلهه ته مون کان اها ڳالهه به وسري ويئي آهي. ته مون وٽ زمين به آهي. رڳو دفنائڻ واري ڳالهه وچي رهي آهي."

وانگ لنگ جي ڳالهائڻ وقت، جنگ ٿوري دير خاموش بيٺو هو ۽ پوءِ نرميءَ سان چيائين.

" خدا پناهه ڏي. پر لڳي ٿو ته هن سال پوڏ اهڙي ايندي جو ڪڏهن ڪانه آئي. اڃان ته پورو اونهارو به شروع ڪونهي ٿيو جو پاڻي زمين تي چڙهي آيو آهي. اها ڳالهه صفا جهٽ ٿي ويئي آهي."

وانگ لنگ ڌيرج سان ورائيو.

" مون کي ڪڏهن به اب واري ڪان حڪائي نصيب ڪانهي ٿي. نياز ڪجي يا نه ڪجي. پر هو اهو ساڳيو ئي جابر رهندو. هل ته پني هلي ڏسون." ڳالهائيندي ڳالهائيندي هو اٿيو.

جنگ ڏاڍو ڊڄڻو ۽ ڪانئر هوندو هو. وقت ته بهرحال ڏاڍو خراب هو. پر هو ڪڏهن وانگ لنگ وانگر ديوتائن جي خلاف ڳالهائڻ جي جرئت ڪونه ڪندو هو. هن فقط ايترو چيو ته. "خدا ڪئي ڪندو." هو وڏي عجز ۽ انڪساريءَ سان پوڏ ۽ سوڪڙ کي قبول ڪندو هو. وانگ لنگ وانگر نه. وانگ سڀ هڪ ڏينهن پنهنجي پنيءَ جي حدن ناسن ڪان گهمي آيو. ڏنائين ته ڳالهه اهائي هئي جيڪا جنگ ٿي ڪئي. جيڪا زمين هن هوانگ واري حويليءَ مان رئيس وڏي ڪان ورتي هئي. ان جون سموريون ڪاهيون ۽ ادون پاڻيءَ جي سمڻ ڪري گنديون ٿيون پيون هيون. ان ڪري ڪڻڪ جو بيٺل پلو فصل به سڪي ويو هو.

زمين سڄي جڙ ته ڪاهي جهڙي ڍنڍ ۽ واهه جڙ ته ندي بنجي ويا هئا ۽ انهن ۾ ڏين ۽ ڪُن ٿيي ويا هئا. ايڻن جو ڪو چريو ڏسي ته به هوند سمجهي وجي. ته اونهاري جي برسات وسڻ ڪان پوءِ. جيستوئيڪ برسات اڃا وٺي به ڪا نه هئي. ڏاڍي پوڏ ايندي ۽

مائهو. زالون ء ٻار وري ٻکن ۾ مرڻ لڳندا. وانگ لنگ پريشانيءَ ۾ اچي ٻنيءَ تي پچ ڊڪ لائي ڏني. جنگ خاموشيءَ سان ٻاچولي مٿل سندس ٻويان لڳو رهيو. ٻوءِ ٻاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ ڪهڙي زمين ۾ ساريون ٻوڪجن ء ڪهڙي زمين سارين جي ٻوک کان اڳيئي ٻڏي ويندي. هينئر کان ئي واهن کي ڪنارن تائين تار ٻريل ڏسي وانگ لنگ ٻنڻ لڳو.

"هائي اب تي ويٺل ٻوڙهو ڏاڏو خوش ٿيندو هوندو. هيٺ ڏسو تہ مائهو ويچارا ڪيئن نہ پيا ٻڏن ء ٻکن ۾ ٻاهہ ٿين. ڪم اهڙو ٿيندو جهڙي ڪنهن ٻٺيل جي حالت ٿيندي آهي."

جڙ ۾ هن اها ڳالهہ تہ ڪئي ٻر جنگ ڏکي ويو ء چيائين.

"تڏهن ٻہ سڀ ڪان مٿاهون آهي. سائين منهنجا. ايئن نہ ڳالهايو." جڏهن ڪان وانگ لنگ وٽ پئسو ٿيو هو. ٻاڻ بي پرواهہ ٿي ويو هو ء ڏاڏو جڙندو هو. گهر دي هلڻ وقت ٻہ پنهنجي فصل ء زمين تي ٻاڻيءَ جو سمنڊ ڏسي وڦلڻ شروع ڪري ڏنائين. ٻوءِ اهو سڀ ڪجهہ ٿي گذريو. وانگ لنگ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي اکين سان ڏسندو رهيو. اتر واري ندي بند ٽٽي اٿلي ٿي. جڏهن مائهن اهو ڏٺو تڏهن تڙ تکڙ ۾ ان هنڌ ٻہ نديءَ جي بند ٻڌڻ لاءِ پئسا ڪٺا ڪرڻ کي لڳي ويا. هر مائهوءَ پنهنجي وس آهر ڪين ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏنو. چاڪاڻ تہ نديءَ کي بندن اندر رکڻ ۾ هر ڪنهن جو فائدو هو.

مائهن پئسا ضلعي جي مئجسٽريٽ وٽ امانت ڪري رکيا. جيڪو نئون مائهو هو ء تازو اتي آيو هو. مئجسٽريٽ هو غريب مائهو ء اڳواٽ اينري رقم ڏٺي ڪانہ هئائين. پئسي جي ڏيٺي ليٺيءَ ڪري انهيءَ جاءِ تي ٻهنو هو. سندس پيءُ. جنهن وٽ جيڪي ڪجهہ هو اهو سڀ ء پيو ٻہ اوڌر سوڌر ڪري. ٻہ لاءِ اهو عهدو ورتو هو. تہ جيئن ان مان ڪتنب لاءِ دولت حاصل ٿئي. جنهن وقت نديءَ ٽوري اٿل ڪاڏي ان وقت مائهو واڪا ڪندا. پجندا مئجسٽريٽ جي گهر آيا. چاڪاڻ تہ ان جنهن ڪم جو واعدو ڪيو هو سو پورو ڪونہ ڪيو هئائين ء بند ڪونہ ٻڌايا هئائين. سو وٺي ٻڳو ء لڪي ويو. چاڪاڻ تہ سڄي ساري ٽن هزارن جي رقم هن پنهنجي گهر تي خرچ ڪري ڇڏي هئي. مائهن وٺي سندس گهر تي حملو ڪيو. هن جڏهن ڏٺو تہ مارجي ويندس سو وٺي ٻڳو ء وڃي نديءَ ۾ ٽپو ڏنائين ء ٻڏي مئو. اهو ڏسي مائهن ڪٿي مات ڪئي.

پر رقم هلي وئي. نديءَ پيو بند ٻہ ٽٽي وڌو. جيستائين نديءَ کي سندس پيٽ اندر رکڻ جو ڪو بندوبست ٿئي. تيستائين وري نديءَ ٽيون بند ٽٽي وڌو ء مٽيءَ جون پٽيون واهي. ڪٿي وئي ء اها خبر ڪنهن کي ٻہ نہ پئي پٽجي سگهي تہ بند هو ڪٿي. سڄي ملڪ ۾ ٻاڻي ڪاهي پيو. پلي پلي زمين جڙ تہ سمنڊ بنجي وئي. ڪٿڪ ء ساريون وڃي تر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳيون. هڪ هڪ ڪري ڳوٺ پيناريون ٿيا ويا. ماڻهو وينا ڏسندا هئا ته پاڻي پيو چڙهي ۽ جڏهن پاڻي سندن دروازن جي اوچائي کان فقط ٻن فوٽن تائين رسندو هو. ته گهر جي دروازن جي طاقن کي تختا ڪري. گهر جو سامان ۽ ٻار ٻچا بچائڻ لاءِ انهن جي مٿان ڪٺي رکندا هئا. پاڻي ڪجهه ڪهرن ۾ چڙهي ايندو هو. ٻنيون اُنيون ٿي ڪري پونديون هيون ۽ پاڻيءَ ۾ وهي ويندبون هيون. جڻ ته هيون ئي ڪونه. ۽ پوءِ ايئن ٿيو جڻ ته زمين واري پاڻيءَ آسمان واري پاڻيءَ کي سڏيو هجي. اچي ٿو مينهن وسي. جڻ ته زمين ئي سُڪي. ايئن پڪو ٻئي مينهن وٺو.

وانگ لنگ گهر جي دروازي تي ويٺو پاڻي ڏسندو هو پر اچان تڪر تي اڏيل سندس گهر کان گهڻو پري هو. پر دنائين ته پاڻي سندس ٻنيءَ کي ڍڪيندو وڃي. هن کي اها به ڳڻتي هئي. ته مٿان پاڻي نين ٺهيل قبرن کي ٻوڙي ڇڏي. پر ايئن ڪونه ٿيو؛ جيتوڻيڪ ميرانجهڙي پاڻيءَ جون لهرون زور سان قبرن جي حوڏاري ايري ايندبون هيون.

انهيءَ سال ڪبي به ڪنهن به قسم جو فصل ڪونه لٿو. هر هنڌ ماڻهو بکون مرڻ لڳا ۽ سخت ڪاوڙ ۾ هئا. جو وري به سانئن ساڳي ڪار ٿي هئي. ڪي ڏکڻ طرف شهر ڏي هليا ويا ۽ ٻيا اهي جن کي ڪجهه وڌيڪ جڙ هئي ۽ ٻي ڪا اون ڪانه هوندي هئي. سي وڃي ته ريس جي ٽولن ۾ شامل ٿيا ۽ ڀرواريءَ ۾ جوڏاري ٻاهه باري ڏنائون. اهي شهرن ۾ ڏارو هڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان ڪري شهر جا ماڻهو اُلهندي پاسي وارو دروازو ٽالي هڪري ننڍڙي دروازي کان سواءِ. ٻيا سمورا دروازا لاڳيتا ڪنفيل رکندا هئا. ان تي به سپاهي پهرو ڏيندا رهندا هئا. پر رات جو ان کي به ڪلف هڻي ڇڏيندا هئا. جيڪي ڌاڙا هڻندا هئا. تن کان سواءِ باقي ماڻهو مزدوريءَ ڪرڻ ۽ پنڻ لاءِ شهر هليا ويا. جتي وانگ لنگ به هڪري سال ٿيءَ. زال ۽ ٻارن سميت ويو هو. ٻيا اهي ويچارا جنگ جهڙا پوڙها ڏجنا. تڪائل يا جن کي ٻٽ پهي ڪونه هوندو هو. سي اتي رهجي ويا ۽ ڪک ٻن يا گاهه جيڪي به اتي هٿ ايندو هون سو کائيندا هئا. ڪيترا ته اتي زمين تي يا پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري ڪيي ويا.

وانگ لنگ ڏٺو ته اهڙو ڏکر پوڻ وارو آهي جهڙو هن ڪڏهن ڪونه ڏٺو. جاڪڻ ته سياري ۾ ڪنڪ جي فصل ڪاهڻ تائين به پاڻي سڪي ڪونه سگهيو هو. ۽ ٻئي سال به ڪنهن لاٻاري جو ڪو آسرو ڪونه هو. هو سنڀالي سنڀالي ٿهر هلائڻ لڳو. پٽسو ڏوڪر توڙي کاڌ خوراڪ به سنڀالي خرچڻ لڳو. هو ڪڪو سان به وڙهي پيو. جيڪا انهيءَ حال ۾ به اجان تائين روز گوشت خريد ڪري ايندي هئي. جڏهن پوڏ جو پاڻي چرهيو ۽ شهر ۽ ڳوٺ جي وچ وارو رستو ٻڏي ويو. ته هو ڏاڍو خوش ٿيو ته هاڻي ڪڪو بازار

ڪانه وجي سگهندي. سنڌس جون ڪن سوءِ ٻيريون به اڳتي ڪونه آنديون وينديون هيون ۽ جنگ به ڪڪوءَ جي ڳالهه ڪرڻ تي به. رکو مالڪ جي ٿي ڳالهه تي ڪن ڏيندو هو.

سيارو اچڻ کان پوءِ وانگ لنگ ڪا به شئي وڪڻڻ يا خريد ڪرڻ جي اجازت ڏين بند ڪري ڇڏي ۽ جيڪي ڪجهه وٽن هو. سو سنڀالي رکيائين. روز ننهن کي ڪاڏي جو ٿورو سامان ڏيندو هو جيتري جو ان ڏينهن ڪم هوندو هو. جنگ کي به ٿورو ڏيندو هو جيتري مزدورن جي ضرورت هوندي هئي. جيتوڻيڪ کيس واندن کي ويهاري کارائڻ جو ڏک هوندو هو. کيس ان ڳالهه جي ايڏي تڪليف پهتي جو آخرڪار جڏهن سيارو آيو ۽ پاڻيءَ جو زور ٽٽي ويو. ته هن مزدورن کي ڪڍي ڇڏيو ۽ کين ڏکن ڏي موڪلي ڏنو. ته وڃي مزدوري ڪن ۽ جڏهن بهار اچي. ته پوءِ موٽي وٽس اچن. رکو ڪنول کي ڪجهه ڳوهه م ڪنڊ ۽ تيل ڏيندو هو. ڇاڪاڻ ته اها سختيءَ جي هيراڪ ٿي ڪانه هئي. ويندي ٽئين سال جي ڏينهن به انهن پاڻ ڏنڊ مان مڇي ڦاسائي ۽ پنهنجي ڏڻ جو سوٽر ڪهي ڪاڏو.

وانگ لنگ ايڏو ته غريب ڪونه هو جيتري سنڌس مرضي هوندي هئي ته پاڻ ڏسڻ م اچي. جنهن ڪمري م سنڌس پٽ ۽ ننهن سمهندا هئا. ان جي ڀتين م اجا به ڪوڙ چاندي پوري پئي هئي. ان جي ٻنهنس يا ٽهٽس کي خبر ڪانه هئي. گهر جي پرسان ٻنيءَ م جيڪا ڏنڊ هئي ان جي تري م به چانديءَ ۽ سون جي ديڳ پوريل هئي ۽ ڪجهه بانس جي پاڙن م پوريل هئي. اڳئين سال جو ان به پيو هوس. جيڪو مارڪيٽ م وڪيو ڪونه هئائين. گهر م بک جو خطرو ڪونه هو.

پر سنڌس اوسي پاسي ماڻهو بک پئي مئا. کيس ماڻهن جون اهي دانهون ڪوڪون ياد آيون. جيڪي هڪ ڀيرو وڏي حويليءَ وٽان لنگهندي ٻڌيون هئائين. کيس اها به خبر هئي. ته اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي ڪاڻس ان ڪري نفرت ٿا ڪن. جو وٽس اڃان به ٿورو هو جنهن مان پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ پالي ٿي سگهيو. ان ڪري هو دروازا بند رکندو هو ۽ جنهن کي به سڃاڻندو ڪونه هو. تنهن کي اندر اچڻ ڪونه ڏيندو هو. پر کيس اها به خبر هئي ته ڇاڇس نه هجي ها. ته انهن افراتفريءَ ۽ ڌاڙن جي ڏينهن م پاڻ به بچي ڪونه سگهي ها. وانگ لنگ کي چڪيءَ طرح پروڙ هئي. ته سنڌس چاچي جي طاقت نه هجي ها ته ڪهر م ان. پٽسي ڏوڪڙ ۽ ٻارن جي موجودگيءَ جي ڪري سنڌس ڪهر م ڌاڙو لڳي وڃي ها ۽ پاڻ به قريو وينو هجي ها. تنهنڪري هو پنهنجي چاچي. چاچيءَ ۽ سوٽ تي ڏاڍو مهربان هوندو هو. نيئي ڪهر م وٽس مهمانن جيان رهيا پيا هوندا هئا. ڪين پين کان اڳي چانهه ملندي هئي ۽ مانيءَ جي وقت به ٻين کان اڳي اهي ئي پليٽن م

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيليون ٻوڙيندا هئا.

ننهي جڏهن ڏٺو ته وانگ لنگ ڪانئن ڊنل آهي. ته وڌيڪ سخت ٿيندا ويا ۽ هن هن سڀني جون فرمائشون ڪرڻ لڳا ۽ جيڪي به ڪائيندا پيندا هئا. تنهن جي شڪايت ڪندا هئا. خاص ڪري ٻوڙهيءَ کي ته ڏاڍي شڪايت ٿيندي هئي. اڳي اندرئين گهر ۾ جيڪي طعام کائيندي هئي، سي هاڻي کيس نصيب ڪونه ٿيندا هئا. هن سندس مڙس سان اها شڪايت ڪئي. پوءِ ننهي وانگ لنگ سان اها شڪايت ڪئي.

وانگ لنگ ڏٺو ته سندس چاچو صفا ٻوڙهو ٿي ويو هو ۽ سست ۽ بي خبر پيو هوندو هو. اڪيلو هجي ها ته شڪايت ڪونه ڪري ها. پر خود سندس جوان پٽ ۽ هن جي زال کيس حوريندا هئا. هڪ ڏينهن هو ٻاهرئين دروازي وٽ بيٺو هو ته ٻڌائين ته ننهي چڙهي ٻوڙهي کي پي ورغلايو.

"ٺيڪ آهي. هن وٽ خوراڪ آهي. دولت آهي. اڄو ته ڪانئس چاندي گهرون."

ٻوڙهيءَ چيو. "اسان جو منس اڻ آهي ۽ اهڙو وجهه اسان کي ڪونه ملندو. خبر اٿس ته تون سندس چاچو ۽ سندس پيءُ جو ڀاءُ نه هجين ها. ته سندس گهر فرجي لڇي وڃي ها. سڄو ٻي وڃي ها. گهر سيڪ ٿيو ٿيو هجيس ها. ڌاڙيلن جي سردار کان پوءِ ته تون ئي وڏو آهين."

وانگ لنگ اتي لڪ ۾ بيهي اهو سڀ ٻڌي ورتو. کيس ڪاوڙ چڙهي ويئي. سڄي بدن ۾ باهه وٺي ويس. وڏي ڪوشش کان پوءِ جپ رهي سگهيو ۽ ڪجهه رٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. نه ننهي سان ڇا ڪري. ٻر ڪجهه به سوچي ڪونه سگهيو. ان ڪري ٻئي ڏينهن جڏهن چاچس وٽس آيو ۽ اهو چيائين. "پيارا! منهنجا ڀڄرا! مون کي ٿوري چاندي ڏي ته اٿون تونڪريءَ تماڪ وٺان. پيو ته مون واري گهر واريءَ جا لٽا ليرون ٿي ويا آهن. هن کي نئين لباس وٺڻ جي ضرورت آهي." وانگ لنگ ڪجهه، ڪجي ڪونه سگهيو. ٻوڙهي کي پنج ٽڪر چانديءَ جا کيسي مان ڪڍي ڏنائين ۽ لڪ جپ ۾ ٻنهنجا ڏند ڪرٽيائين. کيس دل ۾ خيال آيو ته اڳين ڏينهن ۾ جڏهن وٽس ٿوري چاندي هوندي هئي تڏهن ڪڏهن به سندس هنان ايئن مرضيءَ ڪانسواءِ چاندي نه ويئي.

اجان ٻه ڏينهن مس گذريا. ته چاچس وري وٽس آيو. وري به چاندي لاءِ. وانگ لنگ وٺي رڙي ڪئي.

"چڱو. ته پاڻ جهٽ ۾ ٻک مرڻ لڳون؟"

سندس چاچي ڪليو ۽ بي پرواهيءَ سان وراڻيو.

"تنهنجو بخت موچارو آهي. تو کان ته گهٽو گهٽ شاهوڪارن کي سندن گهرن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڇتين جي ٻرندڙ تختن ۾ ٽنگيو ويو آهي.“

وانگ لنگ اها ڳالهه ٻڌي، ته سڄو ٻگهر ۾ شل ٿي ويو. ڪجهه ڪچڻ ٻچڻ کان سواءِ ٿي چاندي ڪيڏي جاچس ڪي ڏنائين. گهر ۾ ٻيا سڀ گوشت کان سواءِ ٿي ٻيا گذر ڪندا هئا. پر اهي ٿي ضرور گوشت کائيندا هئا. وانگ لنگ پاڻ ورلي ڪو تماڪ جو ذائقو وٺندو هو. پر سندس چاچو بنا رنڊ روڪ جي ٻيو ٻونگري ڇڪيندو هو.

وانگ لنگ جو ٻه ساديءَ کان نوءِ زال ۾ مگن ٿي ويو هو. ڇا ٿيو وهندو واپرندو هو. تنهن جي ڪيس ڪا اون ٿي ڪانه هوندي هئي. رڳو سوٽ جي گهرڻ کان زال کي بچائي رکڻ ۾ لڳو ٿيو هوندو هو. اهوئي ڪارڻ هو جو ٻئي هائي پاڻ ۾ دوست ڪونه رهيا هئا. پر فري دشمن ٿي ٿيا هئا. سام جو سندس سوٽ ٻنهنجي ٻيءَ سان گڏ ٻاهر هليو ويندو هو. سڄو ڏينهن در بند ڪريو زال سان ويٺو هوندو هو. پر جڏهن ڪيس خبر پئي ته ٿيئي سندس ٻيءَ سان ڇا ڪندا پئي آيا آهن. ته ڪيس ڪاوڙ وٺي ويئي. هو ڏاڍو تڪڙو ۽ چيڙاڪ هوندو هو. ٻيءَ کي چيائين.

”ٺيڪ آهي. جيڪڏهن اوهان کي ٻنهنجي ٻٽ ۽ ننهن کان وڌيڪ انهن جيتن جو لاچار آهي ته حيرت جي ڳالهه آهي. ٻوءِ ٻهتر آهي. ته اسين ٻنهنجو گهر وجي ڪنهن ٻئي ٻاسي ٺاهي ويهون.“

وانگ لنگ کيس صاف اها ڳالهه ٻڌائي. جيڪا هن ٻئي ڪنهن کي ٻه ڪا نه ٻڌائي هئي.

”مون کي ننهي کان سخت ٻچان آهي. مون کي ڪا واٽ سجهي ائي نه آئون ضرور ايئن ڪندس. ٻر چاچو انهن وحشي ڌاڙيلن جو سردار آهي. آئون جو ڪين ٻاليان ويٺو ۽ سندن ناز برداري ويٺو ڪريان ۽ ڪين چڙ ڪونه ٿو ڏيکاريان. تڏهن ته اسين بچيا ٻيا آهيون.“

وڏي چوڪر جو اها ڳالهه ٻڌي. سو لڳو اکيون ڦاري جاچڻ. سندس دودا مرڳو نراڙ کان ٿي نڪتا. ٻر جڏهن ٻورو سوچيائين ته کيس اڳي کان ٻه گهٽي جر اچي ويئي.

”اهو وري ڪهڙو طريقو آهي؟ اچو ته رات جو ٻائيءَ ۾ ٻوري ڇڏيون.“

ٻر وانگ لنگ ڪنهن کي ٻه ماري سگهي ٿي ڪونه ها، ٻوءِ حاجس هجي يا ڪو ڏڳو. ٻر ڪائنس قتل ٿي ڪونه سگهي ها. جينوٽيڪ کيس ٻچان ٻه ڏاڍي هئي.

”نه. نه. مون کان ٻيءَ جي ٻاءُ کي ٻوڙڻ ٻچي ها. ته ٻه آئون ايئن ڪونه ڪريان ها. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ٻين ڌاڙيلن ٻڌي ورتو، ته ٻوءِ ڇا ڪنداسين. ٻر جيڪڏهن هيءُ جيئرو ويٺو آهي، ته پاڻ سلامت آهيون. پر جيڪڏهن ويو هليو. ته پاڻ ٻه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين وانگي هونداسين. جن وٽ آهي تہ ٺورو. پر هن وقت خطري ۾ پئجي ويا آهن."

ٻئي خاموش ٿي ويا ۽ ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويا. تہ چا ڪيو وڃي. ٻنهي ڏٺو تہ وانگ لنگ جو چوڻ صحيح هو. موت مصيبت کان وڌيڪ آسان آهي. ان ڪري ڪو ٻيو رستو ڳولڻ کپي. آخر وانگ لنگ سوچي ڏاڍيان چيو.

"ڪو اهڙو طريقو هجي ها جو ڪين هتي رهاپو ٻيا هجون ها. پر ٻي خطر ۽ ٻي سڌ. پر اهڙي ڳالهہ ٿي سگهي. اهڙو تہ ڪو جادو آهي ئي ڪونہ."

جوان ٻٽ ٺاڙي هٿي ڏاڍيان چيو.

"اوهان ٻچيو آهي تہ چا ڪيو وڃي. هيٺن ٺا ڪريون جو آفيم ٺا ونيو ڏيون لطف لاءِ. سٺي ۾ سٺو آفيم. پلي جيئن پئسي وارا پنهنجي خواهش پوري ڪندا آهن. تيئن سندن بہ سڌ لهي. آئون بہ وري سوٽ کي اهڙي ڏيکائي ڏيندس. جڻ تہ سندس دوست آهيان. آئون وري ڪيس ريهي ريبي جانهہ خاني ۾ وٺي ويندس. ڏسنداسين تہ ڪير ٿو واپرائي. پوءِ اتان چاچي ۽ سندس زال لاءِ بہ وٺي ايندا سين."

پر وانگ لنگ کي اجان بہ شڪ هو. جو پاڻ اڳوات اهڙي ڳالهہ کانہ سوچي هئائين.

"پر ان تي تہ ڏاڍو خرچ ايندو." هن هورپان هورپان چيو. "آفيم اهڙو مهانگو آهي جهڙا موتي."

"چڱو تہ پوءِ اسان سان جيڪو سندن سلوڪ آهي. ان کان بہ اوهان کي موتي وڌيڪ پيارا آهن." نوجوان دليل ڏنو. "۽ ڳڏوڳڏ سندن چڙ ۽ سوٽ جو منهن جي زال کي گهورڻ بہ سهندا رهون."

پر وانگ لنگ يڪدم انهيءَ ڳالهہ تي راضي ڪونہ ٿيو. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪم ڪرڻ ايڏو آسان بہ ڪونہ هو ۽ اهو ڪم ڪرڻ ۾ رقم بہ چڱي خاصو خرچ پئي ٿي. اها بہ شڪي ڳالهہ هئي. تہ انهيءَ ڪم کان پوءِ پاڻيءَ جي سگهڻ تائين. اهڙو ڪو ٻيو واقعو ڪونہ ٿيندو.

ڳالهہ اها هئي تہ وانگ لنگ جي سوٽ سندس ٻيءَ ڇوڪريءَ ۾ ڪٺي اکيون وڌيون. جيڪا سگ ۾ سندس ڀيڻ هئي. وانگ لنگ جي اها ڇوڪري ڏاڍي سهڻي هئي ۽ ڏسڻ ۾ پنهنجي وچٽ پاءُ جهڙي هوندي هئي. جيڪو واپاري هوندو هو. هوءَ ٺوري بندري ۽ سنهڙي هوندي هئي ۽ سنديس رنگ پيلو ڪونہ هو. سنديس رنگ صاف هو جهڙو بادام جو گل. سنديس نڪ ننڍڙو ۽ ڪنيو هو. چپ سنهڙا ۽ ڳاڙها ۽ پير ننڍڙا هيس.

هڪ رات پورچيخاني ۾ اڪيلي ويندي سنديس سوٽ ڪٺي ڇوڪريءَ کي پانهن

ڪان جهليو. هن ڇوڪريءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو. ٻانهن ورائي ڪئي سنديس جسم ۾ وڌي. ڇوڪريءَ وٺي رڙيون ڪيون. وانگ لنگ ڏورندو آيو ۽ سوٽس کي وٺي ويو. پر جهڙو ڪنهن ڪتي کي گوشت جو ٽڪرو ملي ويو هجي. سو ڪري ٿي نه. لاچار ڪئي وانگ لنگ ڇڪي پنهنجي ڌيءَ کي جدا ڪيو. ان تي هيءُ ٺورو ڪنيو ۽ زور سان چيائين.

"اڙي هيءَ ته راند آهي. هيءَ ته منهنجي ڀيڻ ٿئي. ڇا ڪو پنهنجي ڀيڻ تي به بري نظر وجهي سگهي ٿو؟" پر اهي لفظ جوڻ وقت سندس اکين ۾ شهواني چمڪ هئي. وانگ لنگ ٻٽڪندي ڇوڪريءَ کي ٻانهن ڏي ڇڪيو ۽ کيس پنهنجي ڪمري ڏي موڪلي ڇڏيو.

ان رات وانگ لنگ اها ڳالهه پنهنجي پٽ کي ٻڌائي. نوجوان کي سخت ڇرڙ آئي ۽ چيائين.

"ڇوڪريءَ کي شهر ۾ سنديس مڱيندي جي گهر موڪلي ڇڏڻ گهرجي. ٻئي ڪٽي واپاري 'ليو' جوي ته هيءَ سال شاديءَ لاءِ سخت تباڪو آهي. پر ڇوڪريءَ کي موڪلي ڇڏڻ کپي. متان گهر ۾ ڇتي بگهڙ ڪان سنديس ست ٿي بچائي نه سگهون."

وانگ لنگ به ايئن ٿي ڪيو. ٻئي ڏينهن شهر ۾ واپاريءَ جي گهر ويو ۽ چيائينس.

"منهنجي نياڻي ٽيرنهن سالن جي ٿي وئي آهي. هاڻي ٻار ڪانهي. شاديءَ جي لائق ٿي وئي آهي."

پر 'ليو' ٻڌتر ۾ اچي ويو.

"هن سال ته مون کي ايترو نفعو به ڪونهي ٿيو. اڻون گهر ۾ نئون ڪٽنب ڪيئن شروع ڪريان؟"

وانگ لنگ جي لاءِ اها ڳالهه فڪائيءَ جهڙي هئي. ته گهر ۾ سندس سوٽ ويٺو هو. صفا جهڙو حيوان. هن فقط ايترو چيو.

"آئون ٻان تي ڇوڪريءَ جي ذميداري ڪئي نه سو سگهان. ڇوڪريءَ جي ماءُ مري وئي آهي ۽ ڇوڪري آهي تمام سوڪ ۽ نوريءَ وهيءَ ۾. منهنجو گهر وڏو ۽ هن هن سان ڀريو پيو آهي. آئون هن ڏکئي وقت ۾ سنديس سنڀال ڪري نه سو سگهان. وري به اڳي پوءِ ڇوڪريءَ کي تنهنجي گهر ۾ اچڻو آهي. سنديس عزت جي سنڀال به هتي ڪريو. پوءِ. جلد يا دير سان. جيڏيءَ مهل اوهان جي مرضي ٿئي ڪئي شادي ڪجو."

واپاريءَ. جيڪو ڏاڍو سٻاجهڙو ۽ مهربان هوندو هو. جواب ڏنو.

"ٺيڪ آ. ڳالهه ايئن آهي ته پوءِ ڇوڪري ڀلي اچي. ٿون زال سان ڳالهه

ڪندس. چوڪري پلي اچي پنهنجيءَ سس سان گڏ گهر ۾ بي اوني تي رهي. فصل لهڻ کان پوءِ سنديس شادي ڪبي."

اهڙيءَ طرح معاملو طئي ٿي ويو. وانگ لنگ مطمئن ٿي گهر موٽيو. پر واپس موٽندي ديوار جي ٻاهرئين دروازي وٽ، جتي چنگ سندس لاءِ بيڙي جهليو بيٺو هو. وانگ لنگ هڪ دڪان آڏو لنگهيو جتي آفيم ۽ تماڪ پئي وڪاڻا. هو اندر ويو ۽ شام جو حقي ۾ ڇڪڻ لاءِ تماڪ ورتائين. جيڏيءَ مهل منشي ليکو ناهڻ لڳو، تہ هن نہ چاهيندي بہ پڇيو،

"آفيم ڪهڙو اگهہ آهي. تو وٽ پيل آهي؟"

منشيءَ چيو،

"هن وقت کليو آفيم ايئن دخل تي وڪڻڻ غير قانوني آهي. اسين ايئن ڪونہ وڪڻون. پر توکي وٺڻو آهي ۽ رقم هجيئي، تہ پوءِ اندر ڪمري ۾ ٿري ملندو. چانديءَ جي هڪڙي ٽڪر ۾ آئونس."

وانگ لنگ وڏيڪ ڪجهہ ڪونہ سوچيو ۽ تڪڙ ۾ چيائين.

"مون کي ڇهہ آئونس وٺڻا آهن،"

باب اٺاويهون

چوڪريءَ کي سانهرن ۾ موڪلڻ کان پوءِ.جڏهن وانگ لنگ جي اها اون لٿي، تہ هڪ ڏينهن چاچهنس کي چيائين.

"ابي جو ڀاءُ آهين. تولاءِ هي سنو تماڪ آندو اٿم."

هن آفيم جي برني کولي. مال ڏاڍو وٽندڙ ۽ سرهو هو. وانگ لنگ جي چاچي ٿورو ڪٽي چکيو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين.

"واهہ. واهہ. مون تماڪ اڳي بہ واپرايو آهي. پر هن جهڙو نہ. هيءُ ڏاڍو وٽندڙ ۽ ڀلو آهي ۽ مون کي وٽي بہ ڏاڍو ٿو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ کيس بي خبر رکندي جواب ڏنو.

"اڳي مون اَبي لاءِ ڪجهه ورتو هو. پوڙهو ٿي ويو. رات جو ننڊ ئي ڪانه ايندي هئس. اڄ مون ٿورو بچيل ڏنو. دل ۾ سوچيم، ته اَبي جو پاءُ جو وينو آهي. پهرين اهو هو جو نه ڇڪي. آئون ته اجهان ننڍو آهيان. اجهان ته مون کي ڪپ ڪونهي. اڄي هي ونو جيڏيءَ مهل دل چوي يا سور وغيره پوي ته ڪٽي ڇڪجو."

وانگ لنگ جي چاچي تماڪ ۾ ڪٽي جهپ هنيو. چاڪاڻ ته تماڪ جي خوشبوءِ ڏاڍي پلي هئي ۽ سنو اهڙو هو جهڙو وڏا ماڻهو استعمال ڪندا هئا. آفيم ڪنيائين. پائيپ ورتائين ۽ سڄو ڏينهن هنڌ وڇايو ان تي وينو ڇڪيندو هو. وانگ لنگ ڏنو ته هر هنڌ پونگريون پکڙيون پيون هونديون هيون. هن پاڻ به ڇڪڻ جو خيال ڪيو ۽ ڪمري ۾ پائپ ڪٽي ويو. پر اهو اتي ايئن ئي ٽڏو پيو هوندو هو. هن پنهنجي پٽن توڙي ڪنول کي آفيم کي هٿ لائڻ جي به اجازت ڪانه ڏني. آفيم جي واڪاڻ ڪري اهو چاچي ۽ سندس زال ۽ پٽ کي ڏئي ڇڏيائين. سڄو گهر سرهي سرهي دونهين سان ڀريو پيو هوندو هو. ڏوڪڙ پئسي جي پڪائي ڪانه ڪيائين. چاڪاڻ ته انهيءَ ڳالهه کيس آرام ڏئي ڇڏيو هو.

هائي سيارو لنگهي ويو ۽ پائي سڪڻ شروع ٿي ويو هو. وانگ لنگ واري زمين پير سهڻ جهڙي ٿي ويئي هئي. هڪ ڏينهن سندس وڏو پٽ سندس پنيان آيو ۽ فخر سان کيس چيائين،

"جلدي گهر ۾ نئون پاتي اچڻو آهي. اهو اوهان جو پوٽو هوندو."

وانگ لنگ اهو پڌي پوئتي مڙيو. تاڙي هڻي. کلي چيائين.

"واهه. واهه! چئبو ته اڄ واهه جو ڏينهن آهي."

هو وري کليو ۽ چنگ کي شهر موڪلڻ لاءِ هن کي ڳولڻ هليو ويو. جنهن جي هٿان شهر مان مڇي ۽ ڪائڻ پيڻ جو سنو سامان گهرائي ننهن دي ڏياري موڪليائين.

"اڄي هيءُ ڪاڻ! منهنجي پوٽي کي ٿلهو ٿنيرو ڪج."

بهار جي سڄي مند وانگ لنگ نئين جنم جو سوچي خوش پيو ٿيندو هو. ڪم ڪار ۾ لڳو پيو هوندو. ته به اهو پيو سوچيندو هو. کيس بي ڪا اون هوندي هئي ته به سوچ ۾ اهائي ڳالهه هوندي هئس ۽ ڏاڍو مزو پيو ايندو هوس.

جيئن بهار ويئي ۽ اونهاري جي شروعات ٿي، ته جيڪي ماڻهو هليا ويا هئا. سي هڪ هڪ ٿي ۽ ٽولا ٽولا ڪري واپس اچڻ لڳا. سڄو سيارو ويچارن مصيبت ۾ گذاريو هو. سو واپس اچي ڏاڍا خوش ٿيا، جيتوڻيڪ جنهن جاءِ تي سندن گهر هوندا هئا. اتي هائي پائي جي ماريل پيلي مٽيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڪونه بچيو هو. پر ان مٽيءَ مان گهر ٺهي

سگهيا ٿي. پر گهرن جي ڇت لاءِ ٽڏا وغيره ونڻا ٿي پيا. سو ڪينرائي وانگ لنگ کان اڌار ڏوڪڙ وٺڻ آيا. پئسي جي اينري طلب ڏسي هن به وياج جي وڏي اگهه تي کين پئسا قرض ڏنا ۽ ڪجهه م سدائين زمين لاءِ ٿي چوندو هو. اوڌر واريءَ رقم مان انهن پائيءَ کان آجي پيل زرخيز زمين م ٻج وٺي ڇٽيو. جڏهن انهن کي هر جوڙيءَ ٻج جي گهرج پئي ۽ کين وڌيڪ قرض ملي ڪونه سگهيو. تہ انهن ڪجهه زمين خريد ڪئي ڇو تہ ويچارن کي پئسي جو ڏاڍو ڪپ هو.

ڪي اهڙا بہ هئا جن پنهنجي زمين وڪي ڪانہ. پر انهن کي بہ هر ڦار. جوڙيءَ ٻج لاءِ پئسي جو تہ ڪپ هو. تن وري پنهنجون ڇوڪريون وڪيون. ڪينرائي وانگ لنگ کي ڇوڪريون وڪڻڻ آيا. ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ مشهور هئي. تہ هو ڏاڍو شاهوڪار. هندي پڇنديءَ وارو ۽ نرم دل آهي.

هو سدائين جمڻ واري ٻار ۽ پٽن جي پٽي اولاد جون ڳالهيون ويٺو سوچيندو هو. ويچار ڪندو هو. تہ جڏهن سيني پٽن جي شادي ٿي ويندي. تہ بوءِ ٽنج ٻانهيون خريد ڪندس. بہ ٻارنهن ٻارنهن سالن جون مضبوط هڏڪاٺ ۽ هٿن پيرن واريون. بہ ننڍيون ٻارن کي کڻڻ لاءِ ۽ هڪڙي ڪنول جي ڪم ڪار لاءِ. ڇاڪاڻ تہ ان وقت تائين ويچاري ڪڪو تہ صفا پوڙهي ٿي ويندي. جڏهن کان وچ ڇوڪري هلي ويئي هئي. تہ گهر م ڪم ڪار ڪرڻ واري ٻي ڪا بہ ٻهر ڪانہ بچي هئي. بوءِ هن پنج ئي ٻانهيون هڪڙي ڏينهن ئي خريد ڪري ورتيون. ڇاڪاڻ تہ پئسي وارو هو ۽ جيڪو بہ فيصلو ڪندو هو. تہ ان تي هڪدم عمل ڪري وٺندو هو.

هڪري ڏينهن. هڪڙو ماڻهو سٽن سالن جي ڄمار جي هڪري سهڻي ڇوڪري وڪري جي خيال سان وٺس وٽي آيو. وانگ لنگ ڇيو. تہ هينئر ڪونہ وٺندس جو ڇوڪري ننڍي آهي ۽ پيو تہ صفا ڏٻري بہ آهي. پر ڪنول ڇوڪريءَ کي ڏسي ورتو ۽ وڏي ناز سان چيائين.

"مون کي وٺي ڏيو. ڏاڍي سهڻي آهي. ٻي هوءِ جيڪا آهي نہ صفا ڦڏي. سا مون کي صفا ڪانہ وڻي. جهڙي منجهس ٻاڪري گوشت جي ڌپ."

وانگ لنگ ڇوڪريءَ م نهاريو. ان جون ڊنل ڊنل سهڻيون اکيون ڏٺيون. بوءِ ڪجهہ سوچي ڪنول کي نورو حرجي م جيائين.

"ڇوڪري ڪانئيندي. تہ ماس جاڙهي ويندي. جڳو تنهنجي مرضي آهي تہ وٺ."

هن چانديءَ جي ويهن ٽڪرن م ڇوڪري خريد ڪئي. هوءَ اندرئين گهر م رهڻ لڳي ۽ ڪنول جي بستري جي پيرانديءَ کان سمهي پوندي هئي.

هاڻي وانگ لنگ کي لڳو. ته گهر ۾ سڪون اچي ويو آهي. جڏهن اونهارو آيو ۽ پاڻي سڪي ويو ۽ زمين ۾ ٻج ڇٽڻ جو وقت اچي ويو. ته پوءِ هو جنگ سان زمين جي هر ٽڪري جي خاصيت تي صلاح مصلحت ڪندو هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن پيو هلندو هو. ته زمين جي زرخيزيءَ لاءِ ڪهڙو فصل مناسب ڪاهجي. جڏهن به زمين تي ويندو هو. ته ننڍڙي پٽ کي سان وٺي ويندو هو ته پٽ ڪم ڪار کان واقف ٿئي. جو ته پيءُ کان پوءِ ان کي ئي زمين سنڀالڻي هئي. وانگ لنگ ڪڏهن به اهو ڪونه ڏسندو هو ته ڇوڪر ڳالهه ٻڌي به پيو يا نه. جيڪڏهن ٻڌي پيو ته سمجهي به پيو يا نه. ڇاڪاڻ ته ڇوڪر ڪنڌ جهڪايو پيءُ جي پويان لڳو ايندو هو. ڇوڪر جي چهري تي اهڙي بيزاري هوندي هئي جو ڪنهن کي به خبر ڪانه پوندي هئي ته ڇا پيو سوچي.

پر وانگ لنگ اهو ڏسندو ئي ڪونه هو. ته ڇوڪرو ڇا پيو ڪري. رڳو ايترو خبر هوندي هئس. ته ڇوڪر ڇيري ڪريو سندس پويان پيو ايندو هو. جڏهن هر ڪم صلاح آهر ٿيڻ لڳو. ته پاڻ آرام سان گهر موٽيو. دل ۾ سوچيائين.

”هاڻي آئون جوان ڪونه آهيان. ضروري ڪونهي ته پنهنجي هٿن سان ڪمائي ڪريان. زمين تي ڪمي رکيل آهن. پٽ آهن ۽ گهر ۾ آرام لڳو پيو آهي.“

پر گهر ۾ فرحت ڪانه ايندي هئس. جيتوڻيڪ پٽ کي پرڻائي ڇڏيو هئائين. سيني جي ڪم ڪار لاءِ ٻانهيون خريد ڪري ڏنيون هئائين. چاچي ۽ چاچيءَ کي لطف وٺڻ ڪافي آفيم خريد ڪري ڏنو هئائين. پر ڇا به سڪون ڪونه هوس. معاملو وري به ... ... سوٽ جو هو.

لڳو پي ته وانگ لنگ جي وڏي پٽ جي سندس سوٽ سان نفرت ۽ هن جي بدنيتيءَ ۾ شڪ ختم ڪونه ٿي سگهيو هو. هن پنهنجي نوجوانيءَ ۾ پنهنجي اکين سان جڳيءَ طرح جاچي ڏٺو هو. ته سندس سوٽ ۾ هر قسم جي برائي موجود هئي. ڳالهه انهيءَ جاءِ تي اچي بيٺي هئي. جو جيستائين سندس سوٽ گهر ڪونه ڇڏيندو هو. تيستائين وانگ لنگ جو پٽ گهر مان نڪري ڄاڻهه خاني تائين به وڃي ڪونه سگهندو هو. ويٺو جاچ ڪندو هو. فقط ان وقت ٻاهر نڪرندو هو. جڏهن سندس سوٽ اڳ ۾ ٻاهر هليو ويندو هو. هن کي ٻانهين سان به سندس سوٽ جي لاڳاپن ۾ شڪ هو. سڀ کان وڌو ابراڌ ته اهو جو ڪيس اهو به شڪ ٿي پيو هو. ته هن جا ڪنول سان به لاڳاپا آهن. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ايتري وزندار نه هئي. ڇاڪاڻ ته ڏينهون ڏينهن ڪنول پوڙهي ۽ ٿلهي ٿيندي بئي ويئي ۽ ڪيترن ئي ڏينهن کان ڪيس ڪاڏي پيتي ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به ڳالهه جو خيال ڪو نه رهندو هو. همراه ويجهو ويندو هوس. ته منس اک ڪٽڻ جي تڪليف به ڪهڻو ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانه ڪندي هئي ۽ جمار جي وڏڻ سان جيئن ٿي وانگ لنگ وٽس وڃڻ گهٽائيندو ويو. ته هوءِ پاڻ خوش ٿيندي هئي.

هڪڙي دفعي وانگ لنگ ننڍي پٽ سان گڏجي ٻنيءَ تان واپس موٽيو هو. ته وڏي پٽ کيس پاڻهن ڪان جهلي هڪ پاسي ڪري چيو.

"هاڻي مون ڪان گهر ۾ سوٽ جو وجود برداشت نه ٿو ٿي سگهي. سارو ڏينهن ڇاتي ڪوليو وتي ٿو سڄي گهر ۾ رلندو ۽ پاڻهين کي تڪيندو." وڏيڪ جيڪي هن سوچيو تنهن جو ذڪر ڪرڻ جي جرئت ڪانه ڪيائين. "حد آهي. ويندي اندرئين گهر ۾ اوهان جي زال ۾ اکيون وجهڻ جي به جرئت ٿو ڪري." کيس ياد آيو ته هڪڙو ڀيرو نرن ۾ سور هئڻ ڪري پاڻ به ٻيءَ جي انهيءَ زال تي لڙڪي پيو هو ۽ هينئر اها جڏهن پوڙهي ۽ ٿلهي ٿي ويئي هئي. ته سندس خواب ۾ به اها ڳالهه ڪانه ٿي آئي ته ڪو پاڻ به اڳ ۾ اهڙو ڪم ڪري چڪو هو. کيس انهيءَ تي ڏاڍي ڦڪائي ٿيندي هئي ۽ ڪڏهن ٻيءَ کي به انهيءَ ڳالهه جي يادگيري ڪونه ڏياريندو هو. ان ڪري هو انهيءَ ڳالهه تي ماٺ رهيو. پر پاڻهين جو اسارو ڏنائين.

وانگ لنگ ٻنيءَ تان تازو توانو ٿي موٽيو هو ۽ ٻوڏ ۾ پريو پيو هو. جڪاڻ ته زمين مان پاڻي سڪي ويو هو ۽ گرم ۽ خشڪ هوا پئي گهلي. پيو ته سندس ننڍڙو پٽ به سائنس گڏ زمين تي ويو هو. سو گهر ۾ وري انهيءَ نئين مصيبت جو ٻڌي. چڙ ۾ جواب ڏنائين.

"تون ته ڪو چريو آهين. صفا پار! رکو اها ڳالهه اٿئي دماغ ۾. تون ته زال تي هر وقت پيو چڪن ٿين. اهو نهي ته ڪونه ٿو. ته مائٽ ڪنهن کي زال پرٿائين ته اها سڄي جهان ڪان مٺي ٿي وڃي. اها ڳالهه مرد جي منهن تي ڪانه ٿي پوي، ته مڙس زال تي چريو ٿي پوي ۽ حد ڪان وڏيڪ زال کي چاهيندو هجي. ٻلي ڪٽي حور ڇو نه هجي."

جوان مڙس کي ٻيءَ جي اها تنبيهه ڏاڍي ڏکي لڳي. هن کي سڀ کان وڏيڪ انهيءَ ڳالهه جو خوف هو ته ڪو کيس. سندس غلط رويي تي نه ٽوڪي. جڻ ته پاڻ ويچارو ان ڄاڻ ۽ سادو سودو هجي. هن تڪڙ ۾ چيو.

"منهنجي ڳالهه ڪانهي. پر منهنجي ٻيءَ جي گهر ۾ اهو مناسب ڪونهي."

پر وانگ لنگ سندس هڪ به ڪانه ٻڌي. هو ڪجهه ڪاوڙ ۾ سوچڻ لڳو. وري چيائين.

"مون کي ڪڏهن پنهنجي گهر ۾ زالن مڙسن جي انهيءَ مصيبت مان ڪو ڇوٽڪارو ملندو به يا نه؟ منهنجي جمار وڏي ٿيندي وڃي، رت ٿڌو ٿي ويو آهي. گهٽ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻ سهواڻي ڳالهين مان منهنجي جند ڇٽي ويئي آهي. مون کي ٿورو سُڪون کپي. رڳو پٽن جون لاڳاپن ء ساڙ برداشت ڪندو رهان ڇا؟" ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ وري رڙ ڪري چيائين. "نيڪ آهي. تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي. آئون ڇا ڪريان."

جوانَ مڙس صبر سان بيءَ جي ڪاوڙ لهڻ جو انتظار ڪندو رهيو. ڇاڪاڻ ته ڪيس ڪجهه جوٽو هو. اها ڳالهه وانگ لنگ به جڳيءَ طرح سمجهي ويو هو. سو ڏاڍيان پڇيائينس.

"مون کان ڇا ڪرائڻو اٿيئي؟"

نوجوان نرميءَ سان جواب ڏنو.

"منهنجي مرضي آهي ته هي گهر ڇڏي هلي شهر ۾ رهون. اها ڳالهه سٺي ڪانهي ته اسين ڄٽن وانگر ٻهراڙيءَ ۾ رهيا پيا هجون. پاڻ شهر ۾ هلي سکهون نا. چاچي ء سندس زال ء پٽ کي هتي ڇڏي نا هلون ء پاڻ آرام سان بي ڊپا ٿي هلي نا شهر ۾ ڪوٽ اندر رهون."

جيڏيءَ مهل پٽس اها ڳالهه ڪئي، ته وانگ لنگ ٿورو تلخيءَ سان کليو. هن پٽ جي مرضي رد ڪري ڇڏي. جڻ ته اها اجائي ء غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه ئي ڪانه هئي.

"هيءُ منهنجو گهر آهي." هن ميز جي اڳيان ويهندي اتان ئي حقو پاڻ ڏي سيريندي زور سان ڳالهايو. "تون هتي رهين يا نه. هيءُ گهر ء هيءَ زمين منهنجا آهن. زمين نه هجي ها ته پاڻ به ٻين وانگي بک مري وڃون ها ء تون هيئن واندو ئي واندو فيلسوفن وانگي ريشمي چوغا پهريو. گهمندو ڪونه وتين ها. زمين ئي آهي جنهن توکي ڪنهن هاريءَ جي پٽ کان مٿيرو ڪري ڇڏيو آهي."

وانگ لنگ اٿي بيٺو ء ڪمري ۾ زور زور سان پير گهلي هلڻ لڳو. وَرتاءُ ۾ سختي اچي ويس ء زمين تي ٿڪون اڇلائڻ لڳو ء هاريءَ وانگ کهرو ڳالهائڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته دل جي هڪ ڪنڊ ۾ پٽ جي خوبيءَ جي خوشي هئس ته ٻيءَ ڪنڊ ۾ ان لاءِ نفرت ء ڌڪار به هئس: جيتوڻيڪ ڪيس ڇاڻ هئي، ته اندر ۾ ڪيس پٽ تي ڏاڍو ناز ٿيندو هو. ڇاڪاڻ ته پٽس ڪيس ڪڏهن به اهڙو شڪ نه وڌو هو. ته ڪو هو بئي نسل تائين زمين ڇڏڻ جا خواب ڏسندو.

پر وڏو پٽ پنهنجيءَ ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي بيٺو. هن پيءُ جي پويان ابندي چيو.

"هوانگ واري حويلي پئي آهي. اڳئين حصي ۾ الائي ڪير ڪير ويٺا آهن. پويون حصو بند ء خالي پيو آهي. پاڻ اهو حصو مسواڙ تي وٺي هلي نا آرام سان اتي رهون. توهان نندي ڀاءَ سان گڏ زمين جي سنڀال لاءِ پيا اچجو ء مون کي هن ڪٽي، مون واري سوٽ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاور ڪانـ ايندي.“ هو ٻيءِ جي ٻنيان نڪو آيو. اڪين ۾ لڙڪ آئي ڇڏي ڏنائين تـ وهي اچي ڪِنن تي بيس. اڱهيائين بـ ڪو نـ. وري چيائين. ”نيڪ آهي آئون سلجٽو تيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. جوا ڪونـ ڪريان. آفيم ڪونـ وابرايان. هنن سان جيڪا ٻرتائي اٿو. ان سان خوش وينو آهيان. رڳو اها نندڙي ڳالهہ تو ڪريان.“

وانڪ لنڪ کي اها تـ خـبـر ڪانـ ٻئي. تـ ڇوڪر جا لڙڪ وهي هليا آهن. ير ڪيس ٻٽ جا هوانڪ جي حويلي وارا لفظ مزئي دل سان لڳا.

وانڪ لنڪ کان سڄي ڄمار اها ڳالهہ ڪانـ وسري هئي. تـ ڪيئن ٻاڻ گيسيون ڏيندو حويليءَ اندر ويو هو ۽ حويليءَ ۾ رهڻ وارن جي اڏو شرمندو ٿيو بيٺو هو. ايسٽائين جو ڪيس دربان ڪان بـ دادو ڊپ ٿيو هو. سڄي ڄمار اهو شرم. ساروٽي ٻنجي سندس دل ۾ ڪهر ڪري ويو هو ۽ ان ڪان ڪيس سخت بڇان ايندي هئي. سڄي ڄمار ڪيس اهو خيال رهندو ايو. تـ ماٺهن جي نظرن ۽ شهر واسين ۾ ٻاڻ ڪمتر درجي جو هو ۽ جنهن وقت ٻاڻ حويليءَ جي مالڪياتيءَ جي اڏو بيس ٿيو هو. تـ اهو خيال بـ هن لاءِ ڏک ۽ عذاب ٻنجي ويو هو. ان ڪري جڏهن ٻس اهو حيو تـ. اسين حويليءَ ۾ رهي سگهنداسين.“ تـ هڪ لقاءَ جيڪو ڪدهن هن ٻنهنجي اکين سان ڏنو هو. سو تجلي مثل سندس ذهن ۾ ابري آيو.

”آئون انهيءَ ڪرسيءَ تي ويهي سگهندس. جنهن تي اها بوڙهي وينـي هئي ۽ وينـي وينـي مون کي غلام وانگر بيهڻ جو حڪم ڏنو هئائين. هاڻي انهيءَ جاءِ تي ويهي آئون ڪنهن ٻئي کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏيندس. هن ٿورو سوچيو. بوءِ ٻنهنجي ليکي چيائين.

”مرضي ٿي تـ اهو ڪم بـ ڪٿي ڪبو.“

انهيءَ خيال تي هو ڏاڍو خوش ٿي ٿيو. ماٺ ڪري ويهي رهيو. ٻٽ کي ڪو بـ جواب ڪونـ ڏنائين. بونڪريءَ ۾ ٺماڪ وڄهي. ٻاري ڇڪڻ لڳو ۽ خواب لهڻ ۾ لڳي ويو. تـ جيڪڏهن سندس خواهش ٿي تـ ٻوءِ اهو ڪم ڪبو.

اهو ڪم هن ان ڪري ڪونـ ٿي ڪيو تـ ڪو اها سندس ٻٽ جي مرضي هئي ٻر ان ڪري. تـ ڪيس سونس جي ڪميٽپ مان جند ڇڏائي هئي. هن اهو خواب رڳو ان ڪري ڏٺو جو هاڻي ٻاڻ هوانگ واري حويليءَ ۾ رهي سگهيو ٿي. جيڪا سڄي ڄمار سندس خيال ۾ سڀ کان وڏو ڪهر هئي.

ان ڪري جينوٽيڪ يڪدم اهو ڪم ڪرڻ جي سندس مرضي ڪانـ هئي. ير ان ڪان ٻوءِ ڪيس سونس جي واندي هٿڻ تي اڳي کان بـ ڪهڻي ڄڙ اچڻ لڳي. هو ٻوءِ سوٽ تي اڪ رکڻ لڳو. ڏنائين تـ اها ڳالهہ سچي هئي. تـ هو نوجوان ڇوڪرين ۾ اڪيون ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃهي. وانگ لنگ پڻڪيو.

"هائي آئون هن شهوتي ڪتي سان گڏ رهي ڪونه سگهندس."

هن سندس چاچي کي ڏنو. پوڙهو آفيم وابرائڻ ڪري ڏبرو ٿي ويو هو ۽ ڪنگهندو هو. تہ تڪ ۾ رت اچي ويندو هوس. هن چاچهنس جي زال کي ڏنو. اها انهن قسم جي زالن مان هئي، جيڪي آفيم جو سُوٽو وڏي شوق مان هڻنديون هيون ۽ خوشيءَ ۾ وتنديون هيون بنڪيون ڪائينديون. هائي انهن واري مصيبت تہ جڳي خاص گهٽجي ويئي هئي. آفيم اهو ڪم ڪري ڏيکاريو. جنهن جي وانگ لنگ کي خواهش هئي.

پر سندس سوٽ اڃا تائين ڇڙو پنهنجي نفساني خواهشن جي ڪري جهڙو ڇتو حيوان. هو تہ پوڙهي وانگر آسانيءَ سان آفيم تي هري بہ ڪونہ سگهيو ۽ وتي ها خوابن ۾ مگن. وانگ لنگ جي هن کي گهر ۾ ترڻائڻ لاءِ مرضي ڪانہ هئي. سندس اولاد بار ٿي پوي ها. ٻائن ئي ڪافي هو. ڪمائيندو بہ ڪونہ هو. ضرورت ئي ڪانہ هيس. ڪير زوريءَ ڪم ڪرائيس. بس اهو ڪم هوندو هوس جو رات جو ٻهرن جا ٻهر گهر مان گم هوندو هو. پر اهو ڪم بہ وڏيڪ هلي ڪونہ سگهيو. ڇو تہ جيئن ئي ماٿهو زمين تي موتي آيا تہ ڳوٺ توزي شهرن ۾ اها ڳالهہ هلي ويئي. تہ ڏاڙيل اتر- اولهہ طرف جبن ۾ لهي ويا آهن. هي همراهہ انهن سان بہ ڪونہ ويو. پر وانگ لنگ جي نڪرن کي ترجيح ڏيو اتي ئي ٻيو هوندو هو ۽ سڄي گهر وارن لاءِ اک جو ڪنڊو هو. هر جاءِ تي ٻوٽ نڪيو بينو هوندو هو. سڄو ڏينهن اوٻاسيون ڏيندو رلندو وتندو هو. ٻنهرن جو بہ اڌ اگهاڙو ئيو پيو هوندو هو.

هڪ ڏينهن وانگ لنگ شهر جي اناج واري مارڪيٽ ۾ وچٽ پٽ سان ملڻ ويو تہ ان ڪان پڇيائين.

"ٻچڙا! تون ڇا ٿو چوين؟ تنهنجي وڏي ٻاءِ جي مرضي آهي تہ شهر ۾ اچي وڏي حويليءِ ۾ رهون. جيڪڏهن ان جو ڪو حصو مسواڙ تي ملي وڃي."

وچٽ چوڪر هاڻي وڏي مرد ٿي چڪو هو ۽ دڪان جي ٻين منشين جهڙو ئي چالاڪ ٿي ويو هو. جينوٽيڪ قد جو ننڍو. رنگ جو زردو ۽ اکيون ڇڃيون هونديون هئس. هن سنٽون سڌو جواب ڏنو.

"ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي! مون لاءِ تہ ٻاڻ فائدو آهي. ڇاڪاڻ تہ پوءِ آئون شادي ڪري زال سوڌو اتي ئي رهيو پيو هوندس ۽ ڪنهن وڏي ڪنب وانگي سڀ هڪ ئي گهر ۾ هڪ ئي ڇت هيٺيان رهيا پيا هونداسين."

وانگ لنگ هن چوڪر جي شاديءَ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هو طبيعت جو ٺڏو هوندو هو ۽ منجهس شهوت جي ڪا بہ نشاني ڪانہ هوندي هئي. وانگ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگ کي ٻڌائي گهڻا سور هئا. کيس خبر هئي تہ ٻاڻ هن چوکر سان چڱو ناهي هليو. سو ٿورو ڦڪائيءَ سان جيائين.

" ٺيڪ آ. آئون ٻائڻ گهڻي وقت کان سوچيندو اچان تہ توکي بہ ٻرٽايان. ٻر اهو ڪم ڪيئن ڪجي. ٻيو تہ هيءَ جيڪو ٻروکي سال ڏڪار ٻيو هو. سو دعوتن وغيره لاءِ وجهہ ئي کونہ ٿي مليو. ٻر هاڻي ماڻهو ٻلي اچي ٻت ڪائين. اهو ڪم هاڻي ڪرڻ گهرجي."

هن دل ئي دل ۾ سوچيو تہ چوکري کنان ٻُولبي. تہ چوکر کيس چيو.

"چڱو. تہ ٻوءِ آئون شادي ڪندس. اهو ڪم سنو آهي. ڪنهن سريت تي خرچ ڪرڻ کان اهو خرچ سجايو آهي. ڪنهن بہ مرد لاءِ اهو وڌيڪ درست آهي تہ ڪيس ٻت هجن. ٻر مون لاءِ شهر جي چوکري نہ هٿ ڪجو جهڙي ادا جي آهي. اها ساري چمار رڳو اهو ٻڌائيندي رهندي تہ ٻئس جي گهر ۾ ڇا ڇا هو ۽ رڳو خرچ ڪرائيندي. مون کي انهن ڳالهين تي چڙ ايندي آهي."

وانگ لنگ اها ڳالهہ حيرت سان ٻڌي. ڇاڪاڻ تہ کيس اها تہ خبر ئي ڪانہ هئي تہ ڪا سندس ننهن اهڙي آهي. هن کي رڳو اهو نظر ايندو هو تہ چوکري اٿي ويٺي ۽ ورتاءُ ۾ سلڇڻي ۽ مهاندن جي موچاري آهي. ٻر کيس اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي. کيس ڏاڍي خوشي ٿي تہ سندس هڪڙو ٻت ٻئسي ٻچائڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو خبردار ۽ هوشيار آهي. هن چوکر کي ٻورو سجاتو ئي کونہ هو. ڇاڪاڻ تہ هيءَ وڏي ٻاءُ جي صحتمند جسم جي مقابلي ۾ ڏاڍو ڏٻرو ٿي وڏو ٿيو هو ۽ سواءِ ٻنهنجي ڏاڏهن ڪوکن جي هو ننڍپڻ توڙي نوجوانيءَ ۾ بہ اهڙو کونہ هو. جنهن تي گهڻو خيال ڏجي ها. تنهن ڪري جيئن ئي هو دڪان تي ويو تہ ڏينهن ٺڪهڻ سان گڏ وانگ لنگ کيس وساري ڇڏيو. رڳو کو ڪانئس ٻڇندو هو تہ گهڻا ٻت اٿئي تہ جواب ڏيندو هو تہ "ٿي ٻت اٿم."

هاڻي هن ٻنهنجي هن ٻت ۾ جواني ڏٺي. هن چوکر جا سٺيا وار ڏٺا. زرد رنگ جو ريشمي چوغو چوکر کي ٻاتل ڏٺو. هن چوکر ۾ جوانيءَ جا ٻار ٻتا ڏٺا. سندس ٻراسرار اکيون ڏٺيون ۽ حيرت ۾ ٻئجي ويو. دل ۾ چيائين.

'هي بہ منهنجو ٻت آهي.' ۽ ٻوءِ زور سان چوڻ لڳو. "تہ ٻوءِ ڪهڙي قسم جي چوکري توکي کپي؟" چوکري اهڙي نموني سان سنئون سڌو جواب ڏنو. جڻ اڳيئي رٽيو ويٺو هجي.

"مون کي ڪنهن سٺي زميندار گهر جي ڳوٺاڻي چوکري کهرجي. مائٽ مٽ غريب نہ هجنس. نہ کوجهي هجي. نہ ئي اهڙي هجي جو ڏسجيس ويهي. سٺو رڌي ٻچائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندي هجي. گهر ۾ نوڪر هجن ته انهن تي نظر رکي سگهي. اهڙي هجي جو جانور خريد ڪري ته پورا هجن. لب به وڏيڪ نه. ڪپڙو وٺي ته پوشاڪ جي سلائي اهڙي ٿيل هجي جو ڪپڙي جا گهنج هٿ جي تريءَ سان ئي لسائي سگهي. مون کي اهڙي کپي."

وانگ لنگ جو اهي ڳالهيون ٻڌيون سو وبتر حيرت ۾ پئجي ويو. چاڪاڻ ته سندس آڏو اهڙو نوجوان ويٺو هو. جيڪو جيتوڻيڪ سندس پٽ هو. پر جنهن جي زندگيءَ جي کيس خبر ڪانه هئي. هن جو رت به اهڙو ڪونه هو جهڙو جوانيءَ جي ڏينهن ۾ سندس گرم بدن ۾ يا ودي پٽ جي بدن ۾ گردش ڪندو هو. تڏهن هن ڇوڪر جي ڏاهپ جي واکاڻ ڪئي ۽ ڪلندي چيائينس.

"ڇگو! اهڙي ئي ڇوڪري هٿ ڪبي. جنگ کي تا ڇئون ته ڳوٺن ۾ جاچ ڪري."

هو کلندو اٿي هلڻ لڳو. حويليءَ ڏانهن ويندڙ گهٽي ورتائين. پتر جي ٻن شينهن جي وچ ۾ پهچي هو هبڪي بيهي رهيو. جيتوڻيڪ کيس اتي بهارڻ واري به ڪا پهر ڪانه هئي. هو اندر ويو. اڱڻ ۾ کيس ياد آيو ته ٻاڻ اڳي به هن جاءِ تي آيل آهي. انهيءَ رنديءَ وٽ جنهن ڪان پنس جي لاڳاپي جي ڪري هن کي دٻ هو. وٽن تي زردا ٻن ٽنگيا پيا هئا. عورتن جنين جي ترن کي ٺوبو به پٽي ڏنو ته ڪچهري به ويني ڪئي. بار اگهاڙا ئي اگهاڙا، مٽيءَ ۾ پيوت. اڱڻ جي فرش تي پئي ليٽيا. سڄي گهر ۾ عام مائهن جا ميڙاڪا لڳا پيا هئا. جيڪي لائي ڪنان ڪنان اچي حويليءَ جي اڱڻ ۾ ڪنا ٿيا هئا. حويليءَ جا ڏٽي ڪڏهوڪو حويلي خالي ڇڏي وڃي چڪا هئا. هن ان دروازي ڏانهن نهاريو جنهن جي پٺي پاسي رنڊي رهندي هئي. پر دروازو ڪليو پيو هو. هينئر اتي ڪو پيو رهندو هو. ڪو پوڙهو هو. وانگ لنگ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اڳتي وڌي ويو.

پراڻن ڏينهن ۾ جڏهن حويليءَ ۾ رئيس رهندا هئا. تڏهن وانگ لنگ ٻاڻ کي به انهن عام مائهن جهڙو سمجهندو هو. جيڪي وڏن مائهن جي خلاف هوندا هئا. پر هينئر جڏهن وٽس زمين هئي. وٽس سون ۽ چاندي پوريل هئا. نه کيس اهي مائهو ڏاڍا حقير نظر آيا. جيڪي اتي اچي مڙيا هئا. هن دل ۾ سوچيو ته اهي مائهو ڏاڍا ذليل آهن. انهن وچان هو پنهنجو نڪ مٽي ڪريو. هلڪا هلڪا ساهه کڻندو، پنهنجو گس وٺيو آيو. چاڪاڻ ته اتي انهن مائهن جي بدبوءِ ٻکڙي پٽي هئي. هن کي انهن کان ڪراهت اچڻ لڳي ۽ انهن جي خلاف ٿي پيو. ڄڻ ته ٻاڻ حويليءَ جي رئيسن مان هو.

هو واپس اڱڻ مان اچي لنگهيو. فقط اتاولائي جي ڪري. ان ڪري نه ته ڪو هن ڪنهن ڳالهه جو فيصلو ڪيو هو. هو اجا اڳتي ويو. گهر جي پويان. اڱڻ واري پاسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان هن کي هڪڙو ڪلف لڳل دروازو ڏسڻ ۾ آيو. دروازي جي ڀرسان هڪڙي ٻوڙهي عورت جهوٽا پئي کاڌا. هن عورت تي نظر وڌي ۽ ڏٺائين ته ماتا جي سيئرن واري اها عورت ان ماڻهو جي زال هئي، جيڪو دربان هوندو هو. ان ڳالهه تي هن کي سخت حيرت لڳي. هن کي ان عورت جي موهڻي صورت ۽ وچولي جمار ياد پئي. هاڻي ته ان جو چهرو ڪومائجي ويو هو ۽ گهنج پئجي ويا هئا. وار به اڇا ٿي ويا هيس. ڏند هيڊا ۽ الڙيس پئي. عورت کي ڏسي، هڪ لحظي لاءِ هن کي ذهن ۾ اهو نظارو اڀري آيو. جڏهن ٻاڻ ٻهريون پيرو پنهنجو نئون چاول ٻار هنج ۾ کڻي هت آيو هو. ان ڳالهه کي ڪيترا نه سال گذري ويا هئا! وانگ لنگ کي زندگيءَ ۾ ٻهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته عمر گذرندي ٿي وڃي.

هن ڪنهن ڏک وچان ٻوڙهيءَ عورت کي چيو.

"سجاڳ ٿي. در کولي مون کي اندر وڃڻ ڏي."

ٻوڙهيءَ اکيون ڇنڀي، ننهنجي سڪل چپن تي زبان ڦيري ۽ هن کي گهوري ڏسڻ لڳي ۽ چيائينس.

"جيڪي اندر ٿا رهن سي حصو مسواڙ تي وٺندا، انهن کان سواءِ ٻئي لاءِ دروازو ڪانه کوليندي سانس."

اوچتو وانگ لنگ چيس.

"ٺيڪ آ. مون کي جاءِ وٺي وٺي ته ايئن به ڪندس."

پر هن عورت کي اهو ڪونه ٻڌايو ته ٻاڻ ڪير آهي. رکو سندس ٻويان اندر ويو. هن کي ڇڪيءَ طرح ڪس ياد اچڻ لڳو ۽ عورت جي ٻويان هلندو ويو. اڳڻ ۾ خاموشي ڇانيل هئي. اهو ڪمرو به موجود هو. جتي ٻن پنهنجي ڇبي رکي هئائين. اتي ڪارها، روغني. سهڻن ٻيلاون وارا دالان به هئا. هو عورت جي ٻين وڏي صفحي ۾ ٿو. سندس ذهن تڪڙي ٻوٽي موٽ کاڌي. انهيءَ ڳالهه کي به سال ٿي ويا. جو ٻاڻ حويليءَ جي ڪنهن ٻانهيءَ سان شادي ڪرڻ جي انتظار ۾ اتي بيٺو هو. سندس سامهون هڪ وڏو چبوترو هو. جنهن تي گهر جي ٻوڙهي مالڪياڻي ويٺي هئي ۽ جنهن جو نازڪ بدن روپي سانن جي ڪيڙي ۾ ويڙهيل هو.

هو ڪنهن اوپري جذبي سان اڳتي وڌيو ۽ ان جاءِ تي اچي ويٺو. جتي اُها عورت ويٺي هئي. هن پنهنجو هٿ ميز تي رکيو. ان سڀان منجهس پيدا ٿيل فوقيت جي احساس سان هن ٻوڙهيءَ جي اونداهين چهري کي ڏٺو. جيڪا کيس ڏسي اکيون ڇنڀي رهي هئي ۽ انهيءَ انتظار ۾ هئي ته ڇا ٿو ڪري. ٻوءِ سڄي جمار ۾ ٻهريون ڀيرو دل ۾ ٻيد. ٻيل ڪنهن ان چاتي اطمينان سان. هن ميز تي هٿ سان ڏک هنيون ۽ اوچتو چيائين.

"اُنون هيءُ گهر حاصل ڪندس."

باب اُٺٽيهون

انهن ڏينهن ۾ وانگ لنگ هڪڙي ڪم جو فيصلو ڪيو. پر اهو ڪم تيزيءَ سان پورو ڪونہ پئي ٿيو. جيئن جيئن پوڙهو ٿيندو ويو، تہ ڪم جلد اڪلائڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو اتاولو ٿي پوندو هو. تہ جيئن ڏينهن جي پوئين پهر واندو هجي ۽ آرام سان لهندڙ سج جو نظارو ڪري سگهي ۽ زمين - ــ حڪم ڏئي پوءِ ٿوري ننڊ ڪري سگهي. هن پنهنجي فيصلي کان وڏي پٽ کي آگاهہ ڪيو ۽ هن کي ڪم پورو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ وچٿ پٽ کي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ ڪُهرائي ورتو. هڪڙي ڏينهن تيار ٿي هنن تيز ڪنيان. ٻهريائين ڪنول، ڪڪو، انهن جون ٻانهيون ۽ سامان موڪليو ويو. پوءِ وانگ لنگ جو وڏو پٽ ۽ سندس زال ۽ انهن جون نوڪرياڻيون ۽ ٻانهيون روانيون ٿيون.

پر وانگ لنگ پاڻ جلد ڪونہ ويو ۽ سڀني کان ننڍي پٽ کي بہ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين. جڏهن اها زمين، جنهن تي هن جنم ورتو هو، ڇڏڻ جو وقت آيو، تہ ڪائنس اهو ڪم نہ تہ آسانيءَ سان ۽ نہ ئي تيزيءَ سان پڄي سگهيو. جيئن پاڻ سوچيو هئائين. جڏهن پٽن منس زور ڀريو، تہ ڪين چيائين،

"چڱو، تہ ڀرين مون لاءِ جدا گهر اڏايو. جنهن ڏينهن بہ منهنجي مرضي ٿي تہ آئون هليو ايندس. گهٽون ڪري پوٽي جي جمڻ کان هڪ بہ ڏينهن اڳ ايندس ۽ جڏهن بہ دل جيو تہ زمين تي موٽي ايندس."

وري جڏهن منس زور ڀريائون تہ چيائين،

"ٺيڪ آ. منهنجي ويچاري جرڙي بہ تہ آهي. خبر ناهي تہ هن کي بہ پاڻ سان رهايان يا نہ؟ پر آئون ئي ڪيس وٺي ايندس. ڪو بہ اهڙو ڪونهي، جيڪو اها جاچ ڪري تہ ويچاريءَ ماني ٽڪر کاڌو بہ يا نہ. گهٽ ۾ گهٽ آئون اهو تہ ڪري سگهندس." اها ڳالهہ هن ننهن کي طعني هڻڻ لاءِ چئي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ ويچاري جرڙيءَ کي اوڏو اچڻ بہ ڪنہ ڏيندي هئي. هوءَ ڏاڍي نفاست پسند هئي ۽ موڙو ڏئي چوندي هئي. "اهڙيءَ کي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئرو به نه رهڻ ڪپي ۽ مون کي سنديس سنڀال لاءِ چوڻ معني کيس بگاڙڻ.“ وانگ لنگ جي وڏي پٽ کي به زال جي بچان ياد آئي. ان ڪري هو به ان وقت خاموش رهيو ۽ پڙڪ ڪونه ڪڇيو. وانگ لنگ کي ٻوءِ پنهنجي مهٽي تي بچتاءُ ٿيو سو نرميءَ سان چيائين.

”آئون وچٽ چوڪر لاءِ سڱ ڳولي ٻوءِ ايندس. چاڪاڻ ته جنگ اجا ٿيائين معاملو ناهڻ م لڳو پيو آهي ۽ هتي رهڻ وڌيڪ آسان آهي.“

ان ڪري وچٽ چوڪر به زور ٻرڻ ڇڏي ڏنو.

گهر م وانگ لنگ سان گڏ ننڍڙو پٽ، جرزي، جاچس، هن جي زال ۽ پٽ، جنگ ۽ ٻيا ڪمي رهجي ويا. جاچس، هن جي زال ۽ پٽ وچي اندرئين گهر م رهيا. جتي ڪنول رهندي هئي. هن وچي اتي قبضو جمايو. ير وانگ لنگ کي ڪا به اڻ تڻ ڪانه ٿي چو ته هن ڏنو ويني ته چاچس جي زندگيءَ جا هائي گهٽا ڏينهن ڪونه هٿا ۽ جڏهن چاچس مري ويندو ته سندس فرض به پورو ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن پٽس کو ڪم ڪار نه ڪيو، جنهن جي کيس پڪ هٽي ۽ پوءِ هن کيس گهران ڌوڙائي ڪڍيو. ته به ڪو به ميار ڪونه ڏيندو. ان کان پوءِ جنگ مزدورن سميت اڃي ٻاهرئين گهر م رهيو. وانگ لنگ، سندس ننڍو پٽ ۽ جرزي وچٽين ڪمري م رهندا هٿا. وانگ لنگ پنهنجي ڪمن لاءِ هڪڙي مائي به نوڪري م رکي.

وانگ لنگ ننڍون ڪرڻ ۽ ٻاڻ کي آرام ڏيڻ م لڳي ويو ۽ ڪنهن به ڳالهه جو فڪر ڪونه ڪندو هو. چاڪاڻ ته اوچتو ئي اوچتو ٻاڻ ڏاڍو ٿڪجي پيو هو ۽ سڄو گهر پرسڪون ٿي ويو هو؛ ڪو به کيس تنگ ڪرڻ وارو ڪونه رهيو هو. ننڍو پٽ صفا مانيٽو چوڪرو هو. سدائين ٻيءَ جي معاملن کان الڳ رهندو هو؛ ايترو مانيٽو هوندو هو جو وانگ لنگ کي خبر ئي ڪانه پوندي هٽي ته چوڪر آهي چا.

پر آخرڪار وانگ لنگ تحرڪ م آيو ۽ جنگ کي وچٽ چوڪر جي شاديءَ لاءِ سڱ ڳولڻ لاءِ چيائين.

جنگ ته هائي صفا ٻوڙهو ٿي ويو هو ۽ سڄو ڪومائو پيو هوندو هو. سڪي جڻ ته پانگهو ٿي ويو هو. پر اجان تائين منجهس ڪنهن ٻوڙهي ڪتي واري وفاداري موجود هٽي. ڪيترني ئي وقت کان وانگ لنگ کيس نه ڪوڏر ڪٽڻ ۽ نه جوڙو ڪاهڻ جي اجازت ڏيندو هو. پر اجان به ڪم جو مانهو هو. ٻين مزدورن تي نظر رکندو هو ۽ ان وغيرهه ٻيهي توراڻيندو هو. ان ڪري جڏهن ٻڌائين ته ڪائنس وانگ لنگ جي ڪهڙي ڪم وٺڻ جي مرضي آهي، ته غسل وغيره ڪري، پنهنجو بهترين نيرو سوٽي ڪوٽ اوڊي تيار ٿي ويو ۽ هن هُن ڳوٺ م وچڻ شروع ڪري ڏنائين. ڪيترين ئي چوڪرين ڏنائين. نيٺ موني آيو

۽ چيائين.

”هاڻي آئون پاڻ تہ پنهنجي ياران ڪٽي پنهنجي لاءِ ڪنوار ڳوليان. پر جيڪڏهن جوانڻ جماڻ هجان ها. تي ڳوٺ اڳتي هڪڙي ڇوڪري آهي. قبول صورت، خبردار، سٺي ۽ بي عيب. رڳو ڪِل نڪ تي بيٺي اٿس. ڇوڪريءَ جو پيءُ بہ ڏاڍو خوش آهي. هن جي بہ مرضي آهي، تہ ڇوڪريءَ جو سڱ ڪري اوهان جي ڪنب سان گڏجي وڃي. هن وقت سارو ڏاج بہ سنو آهي، زمين بہ اٿس. پر مون چيومانس تہ اوهان کان پڇڻ کان سواءِ آئون پڪ نہ ٿو ڏئي سگهان.“

وانگ لنگ ڏنو تہ ڳالهہ ڏاڍي سٺي آهي. سو معاملو ناهڻ لاءِ اتاولو ٿي پيو ۽ يڪدم پڪ ڏنائين. جڏهن سندس صحيءَ لاءِ مڱڻي جا ڪاغذ وٽس آندا ويا تڏهن وڃي فرحت آيس. چيائين.

”هاڻي باقي هڪڙو ٻڻ ٿو رهي. پوءِ اهو شادين ۽ ڪاڄن وارو ڪم پورو ٿي ويندو. مون کي خوشي آهي. اجهو ٿو آرام ڪريان.“

جڏهن اهو ڪم لٿو ۽ شاديءَ جو ڏينهن پڌجي ويو تہ کيس آرام اچي ويو. هو اُس ۾ ويٺو هوندو هو يا سمهي رهندو هو، جيئن سندس پيءُ ڪندو هو.

ان ڪانپوءِ وانگ لنگ ڏٺو تہ عمر وڌي وڃڻ جي ڪري ڇنگ ڏڏ نبندو ٿو وڃي. پان بہ ٿلهو ۽ موڳو ٿيندو ٿي ويو ۽ چمار سان گڏ ڪاڏي جي بہ اون ڪانہ هوندي هئس. ننڍڙو ڇوڪر اجان جوابدري کڻڻ لائق ڪونہ ٿيو هو. هن سوچيو تہ پري واري زمين، ڳوٺ ۾ ڪنهن کي مقاطعي تي ڏيئي ڇڏجي. ڳوٺ مان توڙي اوسي پاسي جي ڳوٺن کان ڪيترائي ماڻهو ڪائنس مقاطعو وٺڻ آيا ۽ وٽس اچي هاري بيٺا. مقاطعو اهو ٺي ٿيو تہ فصل جو اڌ وانگ لنگ کي ملندو، ڇو تہ پاڻ زمين جو مالڪ هو ۽ اڌ ان کي، جيڪو زمين مقاطعي تي وٺندو. چاڪاڻ تہ اهو پورهيت هو. گڏوگڏ ڪجهہ ٻيون ڳالهيون بہ هيون، جيڪي ٻنهي ڌرين کي ڪرڻيون هيون. وانگ لنگ کي پاڻ جو بندوبست ڪرڻو هو. مٽرن ۽ ترن واري لاباري ڪان پوءِ، تر تيل واري ڪارخاني تي ڪٽائي وڃڻ جو بندوبست بہ کيس ڪرڻو هو ۽ هارين کي وري وانگ لنگ جي گهر ۾ استعمال ٿيڻ وارين ڪن شين جي فصلن جي نگراني ڪرڻي هئي.

ان ڪان پوءِ ڪمدار جي ضرورت بہ ڪانہ رهي، جو ان ڪم لاءِ هاري هئا. ڪڏهن ڪڏهن وانگ لنگ شهر بہ ويندو هو ۽ وڃي انهيءَ ڪمري ۾ آرام ڪندو هو جيڪو پنهنجي لاءِ نهرايو هئائين. پر جيئن ئي ڏينهن ٿيندو هو ۽ جيئن ئي فجر ڪان پوءِ شهر جو ٻاهريون دروازو کلندو هو، تہ اتان لنگهي واپس پنهنجي زمين تي پهچي ويندو هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ فصل جي تازي سڳنڌ مان فرحت حاصل ڪندو هو. جڏهن بہ ٻنهنجي زمين تي ٻچندو هو. تہ خوشيءَ وچان ڪيڙن ۾ ئي نہ ماپندو هو.

ديوتا جهڙ تہ منس ڏاڏا مهربان ٿي پيا هئا. سندس وڏي چمار لاءِ سک جو بندوبست ڪئي ڪيائون. سندس سوٽ گهر ۾ بي چين ٿي پيو. گهر ۾ ڪا بہ عورت هئي ڪانہ. فقط هڪڙي سگهي ٻلي نوڪريائي هئي. جيڪا هڪڙي ڪميءَ جي زال هئي. سندس چاچي جي پٽ ڪو ٻڌو تہ اتر ۾ ڪا جنگ هلي رهي آهي. سو وانگ لنگ کي چيائين،

"جون تا تہ هتان کان اتر ۾ ڪا جنگ ٻئي ٿي. آئون پابان تہ وڃي جنگ ۾ شامل ٿيان. مون کي ڪجهہ ڪرتو ۽ ڪجهہ ڏسٽو وائسٽو بہ آهي. جيڪڏهن اوهان مون کي وڏيڪ ڪيڙا خريد ڪري. هنڌ بستري ۽ ڪلهي تي ولائتي بندوق لاءِ پئسا ڏوڪڙ ڏيو، تہ آئون ڪٿي اهو ڪم ڪريان."

وانگ لنگ جي دل خوشيءَ ۾ ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳي. ير هن وڏي ڏاهپ سان ٻنهنجي خوشي لڪائي ۽ وڏي مڪاريءَ سان اعتراض ڪري چيو،

"تون منهنجي چاچي جو اڪيلو پٽ آهين. تو کان پوءِ ڪير ويچاري جو ڪلهي ڪانڌي ٿيندو. تون جنگ تي وئين تہ ڇا ٿيندو؟"

ير هن ڪنڌي ورندي ڏني.

"ٺيڪ آ. ير آئون حريو ڪونہ آهيان. جو جتي منهنجي زندگي خطري ۾ هجي اتي ترسي پوان. جتي بہ جنگ هوندي اتان ڪنهن ٻئي پاسي هليو ويندس. جيستائين جنگ پوري ٿئي. آئون ٿوري تبديل گهران ٿو ۽ سفر جي خواهش بہ اٿم. پانيان تہ پوڙهي ٿيڻ کان اڳ پاهريان کي ملڪ بہ ڏسي وٺان."

وانگ لنگ اوڏيءَ مهل ئي کيس چاندي ڏني. هينئر بہ رقم ڏيڻ ۾ کيس ڪا تڪليف ڪانہ ٿي. ان ڪري پئسا سونس جي هٿ ۾ ڏيئي دل ۾ چيائين،

چڱو ٿيو. جيڪا سندس مرضي. گهر ۾ باڻ هن واري مصيبت ختم ٿي ويندي. ملڪ ۾ ڪٿي نہ جنگ هلي ٿي." وري چيائين. "منهنجي قسمت موچاري هوندي. تہ ٿي سگهي ٿو. تہ ڪٿي مارجي وڃي. جنگين ۾ ماڻهو مارجي بہ ويندا آهن.

جيتوٽيڪ وانگ لنگ ها ڳالهہ لڪائي ڇڏي. ير ڏاڏي ڪل پوڳ جي خيال ۾ هو. جڏهن سندس چاچي پٽ جو جنگ تي وڃڻ جو ٻڌي روئڻ لڳي. تہ ان کي بہ دلاسو ڏيڻ لڳو ۽ کيس ڪجهہ آفيم ڏئي. حقو ٻاري. جوڻ لڳو.

"ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ سک ڪونهي. تہ هو فوج ۾ ترقي ڪري آفيسر جو عهدو

مائيندو. هن جي سر جي ڪري ته پاڻ اسان کي مان ملندو.“

نيٺ سانت اچي ويئي. ڇاڪاڻ ته ڳوٺ واري گهر ۾. سواءِ سمهڻ وارن پوڙهن جي سندس اوسي پاسي ٻي پهر ئي ڪانه رهي هئي ۽ شهر واري گهر ۾ وري سندس پوٽي جي ڄمڻ جو وقت ويجهو پئي آيو.

تنهن ڪري وانگ لنگ به گهڻو وقت شهر واري گهر ۾ ترسڻ لڳو. اڳڻ تي پيو پسار ڪندو هو. جيڪي ڪجهه وهيو واپريو پئي، ان تي هائي سوچيندو به ڪونه هو. هن کي هائي اها حيرت به ڪانه ٿيندي هئي. ته هتي، هن ئي گهر ۾. جتي ڪنهن زماني ۾ هوانگ جو امير خاندان رهندو هو. هائي پاڻ. پنهنجيءَ زال. پٽن ۽ نهرن سان گڏ رهندو هو ۽ هائي ٽئين نسل جو پار به ڄمڻ وارو هو.

سندس دل هائي پرجي ويئي هئي. اهڙي ڪا سڀ شئي به ڪانه بچي هئي. جيڪا خريد ڪرڻ لاءِ هو پنهنجا ڏوڪڙ خرچ ڪري. هن سائن ۽ ريشم جا تاڪين جا تاڪيا ڪٽي سڀني لاءِ خريد ڪيا. ڇا لاءِ ته ڏکڻ جي ڪاري ڪاٽ مان نهيل. ڇتن ڪلن وارين ميزن ڪرسين تي ويهڻ وارن کي سوٽي ڪپڙي جي پوشاڪ واري ڳالهه آئڙي ڪانه ٿي. هن پانهين لاءِ به نيري ۽ ڪاري رنگ جي سٺي سوٽي ڪپڙي جا تاڪيا خريد ڪيا. ته جيئن انهن کي به ڦاٽل ڪپڙا پهرڻ جي ضرورت نه پوي. اهو ڪم هن رڳو ان ڪري ڪيو. ته جيئن سندس وڏي پٽ شهر ۾ جيڪي دوست ڪيا هئا. سي گهر اچن ته اچي اهو ڏسن.

وانگ لنگ. جيڪو ڪٽڪ جي ڏڳڙ ۽ ٿوم ڳڙيءَ تي راضي هوندو هو. هائي لذيذ ۽ نفيس طعامن کائڻ جو سوچيو. هائي هو وڏي وڏي سج تائين سنو پيو هوندو هو ۽ بنيءَ تي پنهنجي سر کو ڪم ڪونه ڪندو هو. هائي ڪيس جهڙو تهڙو کاڌو به ڪونه وٽندو هو. هائي هن سياري جي مند جو بانس. ڏکڻ جا گانگٽ ۽ آنيون ۽ اتر جي سمنڊ جي تيلهي مڇي ۽ ڪبوترن جا بيضا ۽ پيون هڙئي اهي شيون چکي ڏٺيون هيون. جيڪي وڏا ماڻهو پنهنجي اشتها جي پورائي لاءِ واپرائيندا هئا. سندس پٽ ۽ ڪنول به اهي طعام واپرائيندا هئا ۽ ڪڪو اهو لقاءُ ڏسي ڪلي ڏيندي هئي.

”هينئر به ساڳيو اڳي جهڙو وقت آهي. جڏهن آئون ساڳئي هن ئي اڳڻ تي هوندي هيس. رڳو منهنجو بدن ڪومائجي سُڪي ويو آهي ۽ هينئر ته ڪنهن پوڙهي آقا جي ڏانءُ جهڙو به ڪونهي.“

ڳالهه ڪندي هن شرارت وچان وانگ لنگ کي ڏنو ۽ وري ڪلي ڏنائين. وانگ لنگ ايئن ظاهر ڪيو. ڄڻ ته هن ڪڪو جي اها ڳالهه ئي ڪين ٻڌي. جيتوڻيڪ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو جو ڪڪو سندس پيٽ پوڙهي رئيس سان ڪئي هئي.

پنهنجي واندڪائيءَ ۽ عيش واري زندگيءَ ۾ هو جيڏيءَ مهل به گهرندو هو سمهي رهندو هو ۽ جيڏيءَ مهل گهرندو هو جاڳندو هو ۽ پوٽي جو انتظار ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن صبح جو هن کي هڪ عورت جي ڇنگهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو وڏي پٽ جي گهر ويو ۽ پٽس کيس ٻڌايو.

"وقت اچي ويو آهي. پر ڪڪو ٿي ڇوي ته زال سنهڙي آهي، ان ڪري ويم ڏاڍو ڏکيو ٿيندو."

وانگ لنگ واپس پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ آيو ۽ ويهي دانهون ٻڌڻ لڳو. گهٽي گهٽي عرصي کان پوءِ اچ کيس ڊپ ٿيو ۽ ڪنهن ديوتا جي مدد جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. هو اٿي کڙو ٿيو. سڌو ڌوپ واس جي دڪان تي ويو. اتان لوبان ورتائين ۽ شهر واري مندر ۾ ويو. جتي هڪ طاق ۾ رحم جي ديويءَ جو بت رکيل هو. هن هڪ واندي ويٺل پوجاريءَ کي سڏي کيس نذرانو ڏنو ۽ ديويءَ جي اڳو رکڻ لاءِ چيو.

"اڄ ڳالهه مون هڪ مرد لاءِ ته ڏکي آهي. پر ڇا ڪجي. مون کي ڀهريون پوٽو ڄمڻ وارو آهي. پار جي ماءُ شهر جي ۽ ڏبري آهي. سو ويم ڏاڍو ڏکيو آهي. پار جي ڏاڏي مري ويئي آهي ۽ گهر ۾ ٻي ڪا عورت نذر رکڻ لاءِ آهي ئي ڪانه."

هن ڏنو ته پوجاريءَ هڪ پيالي جي خاڪ ۾ سرهاڻ وجهي اهو ديويءَ جي چرنن ۾ رکيو ۽ وانگ لنگ هيبت وچان سوچڻ لڳو.

"پلا جي ڇوڪر جي بدران ڇوڪري ڄائي ته پوءِ؟" هن هبڪي هبڪي نيٺ چئي ڏنو.

"ٺيڪ آهي. ڇوڪر ڄائو. ته ديويءَ تي ڳاڙهي رنگ جو بڙ چاڙهيندس. پلا ڇوڪري ڄائي ته بس."

هو پريشانيءَ ۾ اتان ٻاهر نڪتو. ڇاڪاڻ ته هن اها ڳالهه سوچي به ڪانه هئي ته پوٽو نه پر پوٽي ڄمندي. هن وري ڌوپ واس ڏيڻ لاءِ وڌيڪ سامان خريد ڪيو. جيتوڻيڪ ڏينهن به ڏاڍو گرم هو ۽ گهٽين ۾ ڏاڍي ڌوڙ پئي اڏاڻي. هن ٻيري هو شهر جي بدران ڳوٺ واري ننڍي مندر ۾ ويو. جتي زمين ۽ فصل جا نگران به ديوتا رکيل هوندا هئا. هن سندن اڏو خوشبوءِ ٻاري ۽ ٻڪڻ لڳو.

"مون ۽ منهنجي پيءُ. سدائين اوهان جي اڏو نذرانو پيش ڪيو آهي. هينئر منهنجي پٽ جي جسم جو ڦل پيدا ٿيڻ وارو آهي. پر جيڪڏهن پٽ نه ٿو ڄمي ته پوءِ اوهان پنهي لاءِ ڪجهه ڪونه رهندو."

هو ٿڪجي گهر موٽي آيو ۽ اچي ميز وٽ ويٺو. سندس دل ۾ آيو ته ڪا پانهي

کيس چانهه تي ڏي ۽ ٻي وري گرم پاڻيءَ ۾ ٽوال ٻوڙي اچي سندس منهن ڌئاري. ٻوءِ هن تاڙي ٻه وڄائي. پر آيو ڪير ڪونه. ڪنهن ٻه مٿس ڌيان نه ڏنو. اڄ وچ لڳي پئي هئي. هن کي ٻه اينتري ساهس نه هجي جو ڪنهن کي بيهاري ڪٿي پڇي. ته ڪهڙو ٻار ڄائو آهي. ڄائو ٻه آهي يا نه؟ هو منيءَ ۾ ڀوت ۽ وياڪل وياڪل اتي ئي ويٺو رهيو.

نيٺ هن جڏهن ڏٺو ته ڪيس اتي ويني ويني رات اچي ٽيڻ واري ٿي آهي. ته ڪنول پنهنجي ٽولهه جي ڪري پنهنجي ننڍن پيرن تي گهلبي. ڪڪو تي ٺيڪ ڏيئي. وٽس آئي ۽ ڪلي زور سان چيائينس.

"پنهن کي ڇوڪرو ڄائو آهي. ٻار توڙي ماءُ ٻئي زنده سلامت آهن. مون ٻار کي ڏٺو آهي. ڏاڍو ملوڪڙو ۽ ٿلهو متارو آهي."

وانگ لنگ اتي ڪڙو ٿيو. ڪلي ڏنائين ۽ تاڙي هٿي وري کلڻ لڳو.

"آئون وري هتي اينتن ويٺو اهيان. جڻ ته گهر ۾ پهريون ٻار ڄمڻ وارو هجي! ۽ خبر نه پوي ته ڇا ڪجي؟ هر ڳالهه کان ڊپ پيو ٿئي." ٻوءِ جيڏيءَ مهل ڪب سهنج ڪمري ۾ هلي ويئي. ته هو وري سوچن ۾ ويهي رهيو ۽ ويچارڻ لڳو.

"جڏهن منهنجيءَ زال پٽ ڄائو هو. تڏهن ٻه مون کي اهڙو ڊپ ڪونه ٿيو هو."

هو خاموش ٿي ويهي رهيو ۽ سوچ ۾ پئجي ويو. کيس اهو ڏينهن ياد ايو ته ڪيئن نه هوءَ اڪيلي اونداهين ڪمري ۾ اندر ويئي هئي ۽ اڪيلي سر خاموشيءَ سان کيس ٻٽ ۽ ڌيترون ڄڻي ڏنيون هئائين. ۽ ڪيئن نه وري هوءَ ٻنيءَ تي هلندي هئي ۽ ساڻس گڏجي ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ هيءَ سندس ننهن! سور کان رڙيون پئي پيس. سڄي گهر ۾ ٻانهين جي ڊوڙ پئي پئي. مڙس ڏار در تي بيٺو هوس.

جيئن ڪنهن کي سال اڳ ڏٺل خواب ياد ايندو آهي. تيئن هن کي وري ياد آيو ته ڪيئن ڪم کان واندي ٿي او-لان ٻار کي ٽج ڌارائيندي هئي ۽ سنديس ڇاتيءَ مان اڇو کير زمين تي ڪري پوندو هو. هن کي لڳو. ته انهيءَ ڳالهه کي گذريي ڏاڍو ڪو وقت ٿي ويو آهي.

اينتري ۾ سندس پٽ مرڪندو وٽس آيو ۽ ڌاڍيان ڄيائين.

"بابا! پٽ ڄائو آهي. هاڻي ٻار کي ڌارائڻ لاءِ دائي ڳولڻي آهي. آئون نه ٿو گهران ته منهنجي زال جي سڄي سونهن ٻار کي ڌارائڻ ۾ ختم ٿي وڃي ۽ سڄي سگهه هلي وڃيس. شهر ۾ ڪا ٻه وڏ گهرائي عورت اهو ڪم ڪانه ڪري!"

وانگ لنگ ٿورو ڌڪ وڃان ڇيو. جيتوڻيڪ کيس اها خبر ڪانه پئي ته ڌڪ ڇا جو هوس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نيڪ آهي. جيڪڏهن مائي پنهنجي ٻار کي به نه ٿي نپائي سگهي ۽ اهاڻي نه ضروري آهي، ته ڀلي ڪريو."

جڏهن ٻار هڪ مهيني جو ٿيو، ته وانگ لنگ جي ڀٽ دعوت ڪئي، جنهن ۾ هن پنهنجيءَ سس، سهري، شهرن جي وڏن ماڻهن ۽ ٻين کي دعوت ڏني. هن ڪيترن ئي ڪپڙن ۽ ڪڪڙين جي بيضن کي رنگ ڏياريو ۽ اهي هر مهمان کي ڏنا. سڄي گهر ۾ دعوت جي خوشي ڇا ٰ ي ويئي. چاڪاڻ ته ٻار مَيو متارو هو ۽ ڏهو پورو ڪري ويو هو ۽ زنده سلامت هو. سندن ڊپ به لهي ويو هو، ان ڪري سڀ ڏاڍا خوش هئا.

جنهن وقت دعوت پوري ٿي ويئي، ته وانگ لنگ جو پٽ وٽس آيو ۽ چيائين،

"هينئر گهر ۾ ٿي پيڙهيون موجود آهن. ٻاڻ وٽ وڏن جي شجري واريون تختيون لڳل هئڻ گهرجن، جيئن سڀني خانداني ماڻهن جي گهرن ۾ هونديون آهن. دعوت جي ڏينهن تي انهن جي پوڄا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هاڻي اسين هلنديءَ پڄنديءَ وارا ٿي ويا آهيون."

انهيءَ ڳالهه تي وانگ لنگ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ ڪم جو حڪم ڏنائين. اهو ڪم به پورو ٿي ويو. وڏي صفحي ۾ تختيون سينگاري رکيون ويون. هڪڙيءَ تي سندس ڏاڏي جو نالو هو، ٻيءِ سندس پيءَ جو. سندس ۽ سندس پٽن جي نالن لاءِ جاءِ ڇڏيل هئي، جيسين سندن لاڏاڻو ٿئي. وانگ لنگ لوبان جو هڪڙو برتن خريد ڪري آيو ۽ اُتي تختيءَ جي اڳيان رکيائين.

پوءِ وانگ لنگ کي ڳاڙهو پڙ ياد آيو. جيڪو هن 'رحم جي ديويءَ' تي باسيو هو. ان ڪري هو مندر ۾ ويو ۽ پڙ لاءِ پئسا ڏيئي آيو.

پوءِ ڄڻ ته ديوتا ڪا به نعمت مفت عطا ڪونه ڪندا آهن ۽ ڏنگ هڻڻ لاءِ نذر جي شيءِ ۾ ڪٿي لڪا وينا هوندا آهن. جيئن ئي وانگ لنگ واپس پئي آيو، ته هڪ ماڻهو وٽس لاٻاري واري ٻنيءَ تان ڊوڙندو آيو ۽ ٻڌايائينس ـه وچتو ئي اوچتو چنگ مرڻ جهڙو ٿي ويو آهي ۽ چيو اٿس ته آخري وقت ۾ وانگ لنگ اچي کيس منهن ڏيکاري. وانگ لنگ ان همراهه جي سهڪي سهڪي ڪيل ڳالهه ٻڌي ۽ چڙ ۾ چيائين،

"هاڻي مون کي خبر پئي نه! مون شهر واري ديويءَ تي ڳاڙهو پڙ چاڙهيو آهي. ان جو ڳوٺ واري ديوتائن جي انهيءَ نياڳي جوڙي کي ساڙ ٿيو آهي. آئون سمجهان ٿو ته ٻارن جو ڄمڻ سندن قدرت ۾ ڪونهي، رڳو ڪين زمين تي قدرت حاصل آهي."

جيتوئيڪ ٻنيهرن جي ماني به تيار پئي هئي، پر هن تيلبون به هٿ ۾ ڪونه ڪنيون. ڪنول کيس زور سان سڏ ڪري شام تائين ترسڻ جو به چيو، پر هو ان لاءِ به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو نہ ترسيو ۽ ٻاهر هليو ويو. جڏهن ڪنول ڏنو تہ هن کي سنديس سڏن جي بہ اون ڪا نہ ٿي. تہ هن هڪري ٻانهيءَ کي تيل لڳل ڇني ڏيئي سندس پويان موڪليو. پر وانگ لنگ ايترو تکو پئي هليو جو انهيءَ ٿلهي ٻانهيءَ کي سندس مٿان ڇني جهلي هڻڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي پئي ٿي.

وانگ لنگ انهي ڪمري ۾ ويو، جتي چنگ ليٽيو پيو هو. هن ڪنهن کي ڏاڍيان سڏ ڪري پڇيو.

"اهو ڪم ڪيئن ٿيو آهي؟"

سڄو ڪمرو مزدورن سان ڀرجي ويو. سڀ اچي اتي ڪنا ٿيا ۽ پريشانيءَ ۽ هٻڪ ۾ وراڻيائون.

"ڳاهہ جو ڪم هيءُ پنهنجي سِر ڪندو آهي.... اسان ڪيس جهليو بہ تہ هن چمار ۾ اهو ڪم نہ ڪري... هڪڙو نئون مزدور آهي. ان کي فرشو صحيح نموني سان جهلڻ ڪونہ اچي. چنگ هن کي سيکاريو ٿي.... اهو ڪم هيڏيءَ چمار واري لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي."

وانگ لنگ ڏکاري آواز ۾ چيو.

"انهيءَ مزدور کي مون وٽ سڏي اچو."

اهي انهيءَ مزدور کي ڏڪيندا وانگ لنگ جي آڏو وٺي آيا. هو اتي بيٺي ڏڪيو. سندس گوڏا پئي هڪ ٻئي سان لڳا. مزدور ٻهراڙيءَ جو. ٻت ۾ ڀريل ڇوڪرو هو. ڏند هيٺئين چپ وٽان ٻاهر نڪتل ۽ ڍڳي جي اکين جهڙا وڏا گول دوڏا هئس. وانگ لنگ کي مٿس ڪا ڪهل ڪانہ آئي. هن ڇوڪر کي ٻنهي ڳلن تي چماٽون واهي ڪڍيون. ٻانهيءَ ڪان ڇني وٺي ڇوڪر جو مٿو ڪٽڻ لڳو. ڪنهن کي بہ ڪيس روڪڻ جي جرئت ڪانہ ٿي، تہ مٿان ڪاوڙ سندس رت ۾ ملي وڃي ۽ هن چمار ۾ سندس لاءِ زهر بنجي پوي. ڇوڪر نمائو. پشيمان ٿيو سڏڪندو رهيو ۽ ڏند پئي ڪرٽيائين.

چنگ بستري ۾ ٿورو چنگهيو ۽ وانگ ڇني اڇلائي دانهن ڪئي.

"آئون هائي هن احمق کي ڪٽيندو رهيس تہ مري ويندو."

هو چنگ جي ڀرسان اچي ويٺو. سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليائين. چنگ جو هٿ سڪل. ڪمزور ۽ ننڍڙو هو؛ جهڙو شاہ بلوط جو سڪل پن. هٿ اهڙو هلڪو ۽ سرد هو جو ڪنهن کي بہ اها پت ڪانہ اچي ها. تہ هٿ ۾ رت جو دورو جاري آهي. پر چنگ جو چهرو، جيڪو ڏينهون ڏينهن پيلو ٿيندو پئي ويو. هينئر رت جي ڪوٽ ڪري ڪارو ٿي ويو هو. سندس اڌ کليل اکيون مرجهائجي، بي نور ٿي ويون هيون. ساهہ جو هانپارو پئي پيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ سندس منهن جهڪيو ۽ زور سان ڪن ۾ چيائينس.

"اڄهو اٿون اڄي ويو آهيان. تو لاءِ به بابي جهڙو ئي تابوت ٺهرائيندس." پر جنگ جي ڪن ۾ رت ٻرجي ويو هو. ان ڪري هن جيڪڏهن وانگ لنگ جي ڳالهه نه ٻڌي تہ به اهڙي ڪا ڏيک ڪانه ڏنائين. فقط اتي ليٽي سهڪيو ٿي ۽ پوءِ مري ويو.

وانگ لنگ اهو ڏسي منهنس ڪري پيو ۽ روئڻ ۾ شروع ٿي ويو. هن پنهنجي پيءُ جي مرڻ تي به ايتن ڪونه رنو هو. پوءِ هن اعليٰ درجي جي تابوت لاءِ حڪم ڏنو. دفن لاءِ پوڄاري گهرايائين ۽ پاڻ اڇو ماتمي لباس پهري لاش جي پويان پٽي آيو. سندس پٽ ڪي به هن جيو تہ اهو ننهنجي مرين تي اڇيون ماتمي پٽيون ٻڌي. جيتوڻيڪ هن اعتراض به ڪيو.

"هو ته رڳو خاص نوڪر هو ۽ نوڪر جو ايتن ماتم ڪرڻ ٺهي ڪونه ٿو."

پر وانگ لنگ لاڳيتا ٽي ڏينهن کيس انهيءَ لاءِ مجبور ڪندو آيو. وانگ لنگ پاڻ به اهو سمورو وقت سوڳ ۾ رهيو. هو جنگ کي به سندس پيءُ ۽ او-لان جي برسان ڪوٽ جي اندر دفن ڪري ها. پر سندس پٽن ايئن ڪرڻ ڪونه ڏنس ۽ انهيءَ ڳالهه تي اعتراض ڪيائون ته.

"اسان جو ڏاڏو ۽ ماءُ نوڪر جي ويجهو سمَل هجن ۽ جڏهن اسان جو وارو اچي تہ اسان سان به اهائي ويڌن ٿيندي."

وانگ لنگ جيئن ته سائن ٻجي ڪونه سگهندو هو ۽ چاڪاڻ ته هن جمار ۾ گهر اندر کيس سڪون به گهربل هو. ان ڪري جنگ کي ڪوٽ جي در وٽ دفنايائين ۽ کيس پنهنجي انهيءَ عمل تي ڏاڍي خوشي به ٿي.

"نيڪ آ. اتي پاڻ اڪين آڏو هوندو. جڻ ته ڪنهن مصيبت کان بهرو ڏيندو هجي." پوءِ پٽن کي وصيت ڪيائين. ته پاڻ جڏهن مري ته کيس جنگ جي ويجهو دفنايو وڃي.

هاڻي وانگ لنگ اڳي کان به زمين جي سنڀال گهٽائي ڇڏي. چاڪاڻ ته جنگ وفات ڪري ويو هو ۽ کيس اڪيلو پنهن مان لنگهندي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. هن کان هاڻي محنت ڪين ٻجندي هئي. اڪيلو پنهن مان لنگهندي سندس هڏ گڏ جور ٿي ويندا هئا. پوءِ نيٺ هن سموري زمين ٻٽائيءَ تي ڏيئي ڇڏي. اهو ڪم به سولائيءَ سان ٿي ويو. ماڻهن کي خبر هئي ته زمين ڏاڍي پلي آهي. ته انهن وڏي شوق سان زمين ونڻ گهري. پر وانگ لنگ هڪ پاري زمين وڪڻڻ جي ڪڏهن ڳالهه به ڪانه ڪئي. رڳو هر سال هڪڙي مقرر اڳهه تي زمين مقاطعي تي ڏيئي ڇڏيندو هو. ان ڪري اڄان به زمين کيس پنهنجي لڳندي هئي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس هٿ ۾ هئي.

هن ٻنهي پوڙهن آفيمين جي سنڀال ۽ ڳوٺ واري گهر ۾ رهڻ لاءِ، هڪ مزدور سندس زال ۽ ٻار مقرر ڪيا. هن پنهنجي ننڍڙي پٽ جون نمائيون اکيون ڏسي چيو.

"چڱو تون به مون سان هائي شهر هل. جرڙيءَ کي به آئون وني ٿو هلان. جنهن ڪمري ۾ آئون رهندو آهيان، ان ۾ هلي رهندي. تو لاءِ به هائي اڪيلائي ٿيندي، جنگ ويچارو به هليو ويو! مون کي پڪ ڪانهي ته هي مائهو جرڙيءَ جي سار سنڀال لهڻ ۾ ٻاجهارا هوندا. ڪو به اهڙو ڪونهي رهيو. جيڪو ٻڌائي ته ويچاريءَ کي مار ته ڪانهي ملي يا ماني پوري ڪانه مليس. جنگ ويچارو هليو ويو ۽ هائي ته اهڙو ڪير به ڪونهي جيڪو توکي ٻني سنڀالڻ جي سکيا ڏي."

هو ننڍڙي پٽ ۽ جرڙيءَ کي شهر وٺي آيو. هائي هو ورلي ڳوٺ ويندو هو.

باب ٽيهون

وانگ لنگ کي هائي لڳو. ته ان صورتحال ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي رهي، جنهن جي خواهش ڪري سگهجي. هيئنر هو اس ۾. جرڙيءَ جي پاسي ۾ ڪرسيءَ تي ويهي حقو پي آرام ڪري سگهيو ٿي. سڄي زمين ٻٽائيءَ تي هلي ويئي هئي. بنا ڪنهن اونَ اوسيئڙي جي زمين مان پئسو ڏوڪڙ به جام پئي هٿ آيو.

ايئن ٿي لڳو. ته هرڪو ڪم صحيح نموني ۾ پئي هليو. سواءِ ان جي ته سندس وڏو پٽ ان مان ڪڏهن به راضي ڪونه هو ۽ اڃان به ڪيترين ٻين ڳالهين لاءِ پيو واجهائيندو هو. هڪ ڏينهن هو پيءُ وٽ آيو ۽ اچي چيائينس.

"گهر ۾ هيءُ يا هوءُ شئي گهرجي. اسان کي اهو نه سوچڻ گهرجي ته هن حويليءَ ۾ رهڻ سان اسين ڪو وڏ-گهراڻا ٿي ويا آهيون. ننڍي ڀاءُ جي وهانءَ ۾ باقي اڃا ڇهه مهينا رهيا آهن ۽ اسان وٽ مهمانن جي ويهارڻ لاءِ نه آهن پوريون ڪرسيون ۽ ميزون ۽ نه پورا ٿانو ٿپا. هن گهر ۾ نه ڪا به شئي پوري ڪانهي. وڏي شرم جي ڳالهه ته اها آهي، جو اسين مهمانن کي ڇتون نه انهن دروازن مان لنگهي اچن. جن وٽ ڇتن جا ميڙا لڳا پيا آهن. هڪڙي منجهن ڏب. بيو هَل! ڀاءُ جي شادي لاءِ سندس توڙي منهنجي ٻارن جي لنگهڻ لاءِ. گهر ۾ نوان دروازا نهرائڻا آهن."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگ لنگ ٻٽ ڏي نهاريو. جيڪو پنهنجو شاندار لباس پهريو، اتي بيٺو هو. هن اکيون ٻوري، حقي مان زورائتي ڦوڪ ڇڪي ۽ گنڀير ٿيندي پڇيو.

”وري ڇا ٿي چاهين؟“

نوجوان ڏٺو ته پيءُ مٿس ناراض آهي. پر هن ٿورو بيزاريءَ سان وڏي آواز ۾ چيو.

”آئون سو جوان ته ٻاهريون اڳڻ به اسان وٽ هئڻ گهرجي. آئون ٿو چوان ته اسان وٽ اهو سڀ ڪجهه هئڻ گهرجي. جيڪو ڪنهن اهڙي ڪٽنب جي منهن تي ٻوندو هجي. جنهن وٽ ايتري ملڪيت هجي. جيتري ٻاڻ وٽ آهي ۽ اهڙي پلي زمين هجي. جهڙي پنهنجي زمين آهي.“

وانگ لنگ ڦوڪ ڇڪي پٽڪڻ لڳو.

”زمين منهنجي آهي. تو ڪڏهن ڪڪ پچي به پٽيو ڪونه ڪيو آهي.“

”ٺيڪ آهي بابا!“ نوجوان اهو ڏاڍي زور سان وراڻيو. ”تو ٿي ته مون لاءِ گهريو هو ته آئون ٻرهان ۽ آئون هينئر پاپان ته ڪنهن زميندار جو سدورو پٽ ٿيان. اوهان مون کي ڏڪاريو ٿا ۽ مون کي ۽ منهنجيءَ زال کي نوڪر ڪري رکڻ ٿا گهرو.“ نوجوان تيزيءَ سان مڙيو ۽ ميٺهن واڃ ٿيندو ٻاهر هليو ويو. ڏيک اهڙو ڏنائين. جڻ ته اڳڻ ۾ بيٺل وڻ سان وڃي متو هٽندو.

وانگ لنگ ڏٺي ويو ته مٿان جوان مڙس ٻاڻ کي زخمي ڪري وجهي، چو ته سدائين ڇڙيو وتندو هو. ان ڪري سڏ ڪري چيائينس.

”ڇڱو. جيئن وڻيئي سو وڃي ڪر. جيئن به وڻيئي. تيئن ڪر. رڳو مون کي آزار ۾ نه وجهندو ڪر!“

ها ڳالهه ٻڌي پٽس تڪڙو تڪڙو هليو ويو. ته مٿان پٽس ڳالهه تان ڦري نه وڃي. هو خوش ٿي هليو ويو. جيترو به ڪائنس ٿيو. اوترو جلدي هن ”سوچو“ ڪان مضبوط ۽ رنگين ميزون ڪرسيون خريد ڪيون. دروازن تي ٽنگڻ لاءِ ڳاڙهي ريشم جا پردا ٺهرايا. ٽنبا وڏا ٿانو به خريد ڪيا ۽ پنين تي ٽنگڻ لاءِ خوبصورت عورتن جون مورتون به ورتائين. اڳڻ ۾ پهاڙي ڏيک ڏيڻ لاءِ هن اهڙا پٿر خريد ڪيا. جهڙا هن ڏکڻ ۾ ڏٺا هئا. اهڙيءَ طرح هن ٻاڻ کي انهن ڪمن ۾ رڌل رکيو.

انهيءَ ڪمر جي اچ وڃ ۾. روز ڪيترائي ڀيرا ٻاهريان اڳڻ مان سندس لنگهڻ ٿيندو هو. پر هو. انهن عام ماڻهن جي وچان. نڪ جهڪي هرڻ ڪنسوءِ لنگهي ڪونه سگهندو هو. ان ڪري جڏهن هو لنگهي ويندو هو. ته اهي ماڻهون ٻوبان مٿس ڪلون ڪندا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ چوندا هئا.

"همراهه ڪان پٽس جي ڳوٺ واري گهر جي اڱڻ ۾ پيل ٻاڻ شايد وسري ويو آهي!" پر ان هوندي به ڪو سائس ڳالهائڻ جي جرئت ڪري ڪونه سگهندو هو. چاڪاڻ ته هو پئسي واري جو پٽ هو. دعوت جو وقت ويجهو آيو ۽ جڏهن انهن عام مائٽن تي مسواڙ مقرر ڪرڻي پئي، ته انهن ڏنو ته جن ڪمرن ۽ اڱڻ ۾ پاڻ رهندا هئا. تن جي هاڻي گهٽي مسواڙ گهري ويئي. ان ڪري اهي سڀ اتان نڪري ويا. پوءِ ڪين خبر پئي ته اهو ڪم وانگ لنگ جي وڏي پٽ ڪيو هو. هوشيار هو. سو اهڙي ڳالهه ڪيائين ته ڪانه. پر سچو معاملو وڏي رئيس هوانگ جي ڪنهن پٽي هٿ رهندڙ پٽ سان خطن وسيلي طئي ڪيو هئائين. هوانگ جي انهيءَ پٽ کي بيءَ ڪنهن ڳالهه جي اون هوندي ڪانه هئي. رکو ايتري ته پرائي گهر مان گهٽي ۾ گهٽي مسواڙ ڪٿان ايندي ۽ ڪيئن ايندي؟

غريب مائٽن کي نيٺ وڃڻو پئجي ويو. اهي پوءِ ڏنهون ڪندا ٻنيندا هليا ويا. چاڪاڻ ته ڪو به شاهوڪار جيڪي چاهي سو ڪري سگهيو ٿي. هنن پنهنجو ٻگل ٽٽل سامان سڙو ڪٺو ڪيو ۽ جڙ ۾ وڦلندا هليا ويا. ته هڪ ڏينهن غريب واپس ايندا. جيئن امير ويتر امير ٿي ويندا. تيئن اهي به واپس ايندا.

پر وانگ لنگ ڪجهه ڪونه ٻڌو. جو هو اندرئين ڪمري ۾ رهندو هو ۽ ورلي ڪو ٻاهر ايندو هو. جيئن وڏن مائٽن جو دستور هوندو هو. هو به ايئن ئي ڪندو هو. هر شئي وڏي پٽ جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيائين. سندس پٽ ڪاريگر، رازا ۽ واڍا گهرايا. ڪمرن، اڱڻن ۽ گهرن جي وچ وارن دروازن جي مرمت ڪرايائين. جيڪي ڇتن پنهنجي اڏنگي رهڻي ڪهڻيءَ جي ڪري ٻجي ٻوري ڇڏيا هئا. هن ڦوهارن جي مرمت ڪرائي ۽ انهن ۾ سونهري ۽ رنگين مڇيون وجهڻ لاءِ خريد ڪري آيو. اهو سمورو ڪم ختم ڪرڻ ڪان پوءِ. جيتري به کيس خبر هئي، سونهن لاءِ تلاون ۾ ڪنول ۽ بنفشي جا گل پوکايائين. هن هندوستاني بانس جي به هر اها شئي پوکائي، جيڪا هن ڏکڻ جي علائقن ۾ ڏٺي هئي ۽ کيس ياد هئي. سندس زال اهو ڏسڻ ٻاهر آئي ته هن چا چا پوکايو آهي. پٽي ڇتا هڪ هڪ ڪمرو ۽ هڪ هڪ اڱڻ ڪري گهميا. زالس هر شئي ڏٺي، پر اجان به کيس ڪا کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. مڙس سنديس ڳالهيون ڏيان سان ٻڌيون ۽ چيائين ته سڀ ڪجهه ڪندو.

پوءِ شهر ۾ هر هنڌ مائٽن اهو سڀ ڪجهه ٻڌو جيڪي وانگ لنگ جي وڏي پٽ ڪيو. حويليءَ جي اندر جيڪي وهيو واپريو پئي. ان ڳالهه جو ذڪر به هلندو هو. چاڪاڻ ته هاڻي وري اتي پئسي وارو رهيل هو ۽ اهي مائٽهون. جيڪي وانگ لنگ کي هاري چوندا هئا. سي هاڻي کيس رئيس وانگ لنگ يا شاهوڪار وانگ لنگ ڪري ڪوٺيندا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سڀني ڪمن ڪارڻ لاءِ وانگ لنگ جي هٿن مان ٿوري ٿوري ڪري دولت نڪرندي پئي ويئي. هن کي خبر ئي نہ پوندي هئي تہ پئسا ويا ڪيڏانهن. وڏو پٽ وٽس اچي چوندو هو.

"مون کي سٺو ڪر چاندي کپي." يا چوندو هو. "هڪڙو پلو دروازو آهي، ٿوري رقم ان جي مرمت لاءِ گهرجي ۽ پوءِ اهڙو ٿي پوندو جهڙو نئون." يا وري چوندو هو. "هڪڙي جاءِ آهي جتي وڏي ميز رکڻ گهرجي."

وانگ لنگ اڳڻ ۾ آرام سان ويٺو حقو ڇڪيندو هو ۽ ٿوري ٿوري چاندي کيس ڏيندو رهندو هو. ڇاڪاڻ تہ هر فصل ۾ ان کان بہ وڌيڪ چاندي آسانيءَ سان حاصل پئي ٿيندي هئي. ان ڪري ڏئي ڇڏيندو هوس. هڪڙي ڏينهن صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ جيترو مس چڙهيو ۽ سندس وچٽ پٽ وٽس نہ اچي ها. تہ کيس خبر ئي ڪانہ پوي ها تہ گهڻي رقم ڏئي چڪو هو.

"بابا! هن محل ۾ رهڻ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ ۽ بائيءَ وانگر پئسو هارڻ جي بجاءِ ٿيندي بہ يا نہ؟ اهڙي رقم ويهہ سيڪڙو وياج تي ڏجي ها. تہ بہ تمام گهڻي رقم اچي وڃي ها. هنن ڦوهارن ۽ اهڙن وڻن جو ڪهڙو ڪم آهي. جيڪي ميوو بہ ڪونہ جهلين؟ ۽ هي واندا پيڻ جا گل پلا ڪهڙي ڪم جا؟"

وانگ لنگ ڏٺو تہ پئي پاڻ متان انهيءَ ڳالهہ تي وڙهي پون ۽ متان سندس سڪون ۾ ڪو خلل پوي. سو تڙ تڪڙ ۾ چيائين.

"ٺيڪ آهي. هو سڀ ڪجهہ تنهنجي شاديءَ جي خوشيءَ لاءِ آهي."

نوجوان نورو مرڪيو ۽ پنا ڪنهن خوشيءَ جي تلخيءَ سان ورائيائين.

"سڀ فضول آهي. شاديءَ تي ڪنوار کان بہ ڏهوڻي رقم خرچ ڪئي وڃي. اهو اسان جو ورثو آهي. جيڪو اوهان جي وفات کان پوءِ اسان ۾ ورهائبو. سو رڳو وڏي ڀاءُ جي شان شوڪت تي پيو خرچ ٿئي."

وانگ لنگ پٽ جو رخ سمجهي ويو ۽ ڏنائين تہ ڳالهايان ٿو تہ پٽ سان پڄي ڪو نہ سگهبو. ان ڪري جلدي جلدي چيائين.

"ڇڱو. ڇڱو. هاڻي آئون اها ڳالهہ ختم ڪري ڇڏيندس. آئون تنهنجي وڏي ڀاءُ سان ڳالهائيندس ۽ هٿ بند ڪري ڇڏيندس. گهٽيئي ٺيو. تون سچو آهين."

نوجوان هڪڙو ڪاغذ ڪڍي آيو جنهن تي اها سموري رقم لکيل هئي. جيڪا سندس وڏو ڀاءُ خرچ ڪري چڪو هو. وانگ لنگ فهرست جي ڊيگهہ ڏسي ۽ ٽڪرو ٽڪرو چيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون اڃان ڪجهہ ڪاڏو پيتو ئي ڪونهي ۽ هن عمر ۾ صبح جو جيستائين آئون ڪجهہ کائي نہ وٺان. تيستائين نيم بي هوش پيو هوندو آهيان. اها ڳالهہ هاڻي وري ڪنهن ٻئي وقت." پوءِ هو مڙيو ۽ پنهنجي ڪمري اندر هليو ويو. ايئن وڃي پٽ مان جند ڇٽس. پر ساڳئي ڏينهن شام جو هن پنهنجي وڏي پٽ سان ڳالهايو. ان کي چيائين.

"اها تصوير ڪشي ۽ رنگ روغن هاڻي بند. گهڻو ئي ٿيو. وري بہ پاڻ ڳوٺ جا ماڻهو آهيون." پر جوان مڙس فخر سان ورائيو.

"پاڻ اهي ڪونہ آهيون. شهر ۾ پاڻ کي 'وانگ' اعليٰ خاندان سڏڻ شروع ڪيو ويو آهي. هيءَ رهڻي ڪهڻي انهيءَ نالي سان ڪيتري نهڪي ٿي اچي! جيڪڏهن ادا پنهنجي طبيعت کان مجبور پئسي جي معني کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿو سمجهي سگهي، تہ بہ آئون ۽ منهنجي زال انهيءَ نالي جي آبرو رکندا ايندا سين."

وانگ لنگ کي تہ خبر ئي ڪانہ هئي، تہ ماڻهو سندس گهر کي ڇا ڪه[illegible] هئا. هو ڇانهہ خاني ۾ بہ ورلي ويندو هو ۽ جڏهن کان پٽ اناج واري مارڪيٽ ۾ ويو هوس، تہ اتي بہ گهڻي عرصي کان ڪونہ ويو هو. ان ڳالهہ تي اندر ئي اندر ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين.

"نيڪ آهي. وڏا خاندان بہ زمين مان ٿيندا آهن: زمين ۾ ئي سندن پاڙون هونديون آهن."

پر نوجوان سڌو سنئون جواب ڏنو.

"هائو پر اتي ئي ڪونہ ويهندا آهن. اڳتي وڌندا آهن ۽ ڦل بہ ڪندا آهن."

وانگ لنگ کي پٽ اهڙو تکڙو ۽ رکو جواب نہ ڏيندو هو. سو چيائين.

"مون جيڪي چيو سو چيو. پئسي ڏوڪڙ خرچ ڪرڻ ۾ ڪجهہ خيال ڪندو ڪر. جنهن کي ڦل جهلڻو آهي، تہ ان جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڪٽل هئڻ گهرجن."

هن جي دل چيو، تہ سندس پٽ هن جو اڱڻ ڇڏي پنهنجي گهر هليو وڃي. سندس خواهش هئي تہ نوجوان هليو وڃي ۽ کيس اڪيلو ڇانڊوڪيءَ ۾ سکون وٺڻ ڏي. پٽس بہ هاڻي سندس حڪم مڃڻ لاءِ راضي هو. ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ بہ هاڻي گهر جي ڪمري ۽ اڱڻ مان گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تہ مطمئن هو. کيس جيڪي ڪرڻو هو سو ڪيائين. پر وري بہ چوڻ لڳو.

"اهو ڪافي آهي پر هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ آهي."

وانگ لنگ پونگري ڪٽي زمين تي اڇلائي ۽ رڙ ڪيائين.

"مون کي ڪڏهن سک بہ ملندو يا نہ."

نوجوان بہ ضد ڪري ڳالهہ جاري رکيو آيو.

"هي سڀ ڪجهہ رکو مون لاءِ يا منهنجي پٽ لاءِ ڪونهي. پر ننڍي ڀاءُ لاءِ بہ آهي. اهو بہ اوهان جو پٽ آهي. اها ڳالهہ چڱي ڪانهي. تہ اهو ايئن ڇٽ جو ڇٽ ئي وڃو ئي. هن کي ڪجهہ سکڻ گهرجي."

وانگ لنگ ان ڳالهہ تي ڪجهہ سوچ ۾ پئجي ويو. جو ڳالهہ بلڪل نئين هئي. هن گهڻو عرصو اڳ ننڍڙي پٽ جي زندگي طئي ڪري ڇڏي هئي تہ اها ڪهڙي هوندي ۽ هائي چوڻ لڳو.

"هن گهر ۾ وڌيڪ ٻيٽ پڙهين جي ضرورت ڪانهي. بہ ئي ڪافي آهن. آئون مري ويس تہ هو زمين سنڀاليندو."

"هائو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هو راتين جو روئندو آهي. انهيءَ ڪري تہ ٻيلو ٿي سڪي ڪندا ٿي ويو آهي." وڏي پٽ جواب ڏنس.

وانگ لنگ تہ ڪڏهن ننڍي پٽ کان پڇڻ جو بہ ڪونہ سوچيو هو. تہ هن جي زندگيءِ ۾ ڇا ڪرڻ جي خواهش آهي. هن تہ فيصلو ڪري ڇڏيو هو. تہ هڪڙو پٽ زمين سنڀاليندو. وڏي پٽ جڙ تہ سندس منهن ۾ ڏک وهائي ڪڍيو هو. هو ماٺ ٿي ويو. هن هورڀان هورڀان زمين تان ڀونگري ڪنئي ۽ ننڍي پٽ بابت سوچڻ لڳو. هي ڇوڪر سندس ٻنهي وڏن پٽن مان ڪنهن بہ هڪ جهڙو ڪونہ هو. ڇوڪر پنهنجي ماءُ وانگر خاموش هوندو هو ۽ جيئن تہ خاموش رهندو هو. ان ڪري ڪو بہ مٿس ڌيان ڪونہ ڏيندو هو.

"اها ڳالهہ تو سندس واتان ٻڌي آهي؟" وانگ لنگ بي يقينيءَ سان پٽ کان پڇيو.

"اوهان پاڻ ڪئي ڪائنس پڇو."

"ٺيڪ آ. پر هڪڙو ڇوڪرو تہ زمين تي بہ رهڻ کپي." وانگ لنگ دليل ڏنو. سندس آواز اوچو ٿي ويو.

"پر بابا! پر بابا!" نوجوان دليل ڏيندي چيو. "اوهان اهڙا آهيو. جنهن کي غلامن جهڙي پٽ جي ضرورت ڪانهي. اها ڳالهہ مناسب ڪانهي. ماٺهو چوندا تہ اوهان جي دل مضبي آهي. چوندا تہ پٽ کي جانور ڪيو اٿس ۽ پاڻ آهي سو شهزادن وانگر پيو زندگي گذاري."

نوجوان وڏي ڏاهپ سان ڳالهہ ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ تہ پٽس کي انهيءَ ڳالهہ جي مڙئي ڪهڙي اون هوندي هئي تہ ماڻهو ڇا چوندا. هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.

"اسين هن کي پڙهائڻ لاءِ ماستر رکي ڏينداسين. اسين ڪيس ڏکڻ ڏي اسڪول ۾

موڪليند اسپن تہ وڃي پڙهي. هونئن بہ آئون وينو آهيان گهر ۾. اوهان جو هٿ ونڊائڻ لاءِ. وچٽ ياءُ سنو واپار ٿو ڇائي. چوڪر کي ڇڏيو. تہ جيڪي وٽيس سو وڃي ٿئي."

آخر وانگ لنگ چيو.

"وڃي هيڏانهن موڪلينس مون ڏي."

ٿوريءَ دير کان پوءِ ننڍو پٽس آيو ۽ اچي پيءُ جي آڏو بيهي رهيو. وانگ لنگ اهو ڏسڻ لاءِ تہ چوڪر ڪيئن هو. مٿس نظر ڪئي. کيس هڪڙو ڏگهڙو نفيس چوڪر نظر آيو. جيڪو نہ پيءُ جهڙو هو نہ ماءُ جهڙو. فقط ماءُ جهڙي اُداسي ۽ خاموشي هئس. پر منجهس ان کان وڏيڪ سونهن هئي. جهڙي سندس ماءُ ۾ هئي ۽ فقط پنهنجي سونهن جي ڪري ئي هو وانگ لنگ جي ٻين ٻارن کان وڌيڪ مٺيرو لڳندو هو. ان چوڪريءَ کانسواءِ جيڪا هاڻي هن گهر ۾ موجود ڪانہ هئي ۽ پرئجي مڙس جي گهر هلي ويئي هئي. پر سندس سونهن ۾ سندس پيشانيءَ تي سندس ننڍا ۽ ڪارا ڀرون هئا. جيڪي کيس صفا ڪونہ ٿي نهيا. اهي ڀرون چوڪر جي لسي ۽ معصوم چهري تي ڏاڍا ننڍا ۽ ڳورا ٿي لڳا. جڏهن هو منهن ۾ گهنڊ وجهندو هو. تہ ٻئي ننڍا ۽ گهاٽا ڀرون پاڻ ۾ ملي ويندا هئا.

وانگ لنگ پٽ کي جاچي ڏٺو ۽ ڇڪيءَ طرح ڏسڻ کانپوءِ پڇيائينس.

"تو وارو وڏو ڀاءُ ٿو چوي تہ تون پڙهڻ گهرين ٿو؟"

چوڪر مس مس حب کوليا.

"هائو."

وانگ لنگ پونگريءَ جي رک چنڊي. ان ۾ هوريان هوريان آڱوٺي سان تماڪ ڀريو.

"چڱو. آئون سمجهان ٿو. تہ ٻني سنڀالڻ تي تنهنجي مرضي ڪانهي ۽ پنهنجي پٽن جي هوندي سوندي. زمين سنڀالڻ لاءِ پنهنجو پٽ نہ هجي."

اها ڳالهہ هن چڙ مان چئي. پر چوڪر ڪجهہ بہ ڪونہ ڪڇيو ۽ اونهاري جي اڇي ململ جو چوغو پايو. سڌو ۽ خاموش ٿي خاموش ٿيو اتي بيٺو هو. آخر وانگ لنگ سندس مات تي ڪاوڙجي پيو ۽ وٺي رڙ ڪيائين.

"ڳالهائين ڇو نہ ٿو؟ اها ڳالهہ سچي آهي تہ زمين تي ڪم ڪرڻ جي تنهنجي مرضي ڪانهي؟" وري بہ چوڪر هڪ ئي لفظ ۾ ورندي ڏنس.

"هائو"

وانگ لنگ ڏانهنس نهاريو. نيٺ پنهنجي منهن چوڻ لڳو. تہ هن ڇمار ۾ سندس لاءِ پٽ گهٽيئي آهن. پاڻ مٿس بار. خبر ئي ڪانہ ٿي پيس تہ انهن جو ڇا ڪري. چوڪرن

جي ڪک ڪرڻ تي وري به دانهن ڪيائين.

"منهنجو ڇا وڃي ته تون ڇا نه ڪرين؟ ٽري وڃ مون وٽان."

ڇوڪرو ٽڪرو ٽڪرو اتان نڪري ويو. وانگ لنگ اتي ويهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو. ته سندس ٻئي ڇوڪريون هن ڇوڪرن کان سٺو ڀيرا وڌيڪ آهن. هڪڙي جرڙي. جنهن ڪڏهن به ڪنهن شئي جو انگل ڪونه ڪيو. بس مانيءَ ڳيو ۽ راند لاءِ اڳڙيون. ٻيءَ جي شادي ٿي ويئي ۽ گهر کان پري هئي. اگرڻ تي ڇانداڻ ڇائنجي ويئي ۽ هن اڪيلي کي ويڙهي ويئي.

ان هوندي به جيئن وانگ لنگ سدائين ڪندو هو. جڏهن سندس ڪاوڙ لهي ويندي هئي. ته ٻنهي کي ڇڏي ڏيندو هو. ته جيئن وٽين تيئن ڪن. هن وڏي پٽ کي سڏيو ۽ چيائينس.

"ننڍي جي مرضي هجي ته استاد رکي ڏينس. ٻئي جيئن مرضي هجيس تيئن ڪري. رڳو مون کي ويل ۾ نه وجهندا ڪريو."

۽ پوءِ وچٽ پٽ کي سڏي چيائين.

"زمين جي سنڀال لاءِ منهنجو ڪو به پٽ ڪونهي. ان ڪري اهو تنهنجو فرض آهي ته فصل لهڻ تي پئسو ڏوڪڙ ساري سنڀالي وٺندو ڪر ۽ مقاطعي جي جاچ به پيو ڪجانءِ. توکي ماپ تور جي به گهڻي خبر آهي. سمجهه ته تون هاڻي منهنجو ڪمدار آهين."

وچٽ پٽ ڏاڍو خوش ٿيو. ڇاڪاڻ ته ان جو مطلب اهو ٿيو. ته گهٽ ۾ گهٽ پئسا سندس هٿ ۾ هوندا ۽ اها خبر هوندس. ته ڪيتري رقم آئي ۽ جيڪڏهن گهر ۾ ضرورت کان وڌيڪ خرچ ٿيو. ته پيءُ سان شڪايت ڪري سگهندو.

هاڻي وانگ لنگ کي وري سندس وچٽ پٽ سڀني کان وڌيڪ اوپرو لڳڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته وڏي شاديءَ واري ڏينهن به هن ڪاٺي ۽ شراب تي به ڏاڍي ٻچائيءَ سان پئي خرچ ڪيو. هن ڏاڍو سنڀالي سنڀالي ميزون وڇرايون ۽ سٺو سٺو ڪاڻو ننهنجي سهري دوستن جي آڏو رکايو. ڇاڪاڻ ته هن کي ڪاڏي ٻيتي جي قدر جي پروڙ هئي. هارين ۽ ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ هن اڱڻ ۾ ميزون رکايون ۽ هنن کي گهٽ درجي جو ڪاڏو مليو. پر اهي روز غريباڻي ڪاڏي تي هريل هئا. سو اهڙي ماني به هنن لاءِ نعمت هئي.

وچٽ ڇوڪر شادي تي مبل سوڪڙين ۽ ٻوٽي جي به ٻاڻ پئي نگراني ڪئي. نوڪرن ۽ ٻانهين کي سندن داڻ وٽان گهٽ درجي جون سيون مليون. ان ڪري ڪڪو کي به جڏهن معمولي درجي جي چانديءَ جا ٽڪر مليا. ته هن طعني ۾ جيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سچي پچي ڪنهن اعلي خاندان کي پئسي جي ايڏي پڪائي نہ ڪرڻ کپي جو ماڻهو سمجهن. تہ هن حويليءَ سان ڪو سچو پچو رشتو آهي ئي ڪونہ."

وڏي ڇوڪر جو اها ڳالهہ ٻڌي سو ڏاڍو ڦڪو ٿيو. هن کي ڪڪو جي زبان کان ڏاڍو ڊپ ٿيندو هو. سو مانٽ مانٽ ڪري ڪيس وڏيڪ چاندي وچي ڏنائين ۽ ڀاءُ تي ڪاوڙجي پيو. ان ڪري وبندي شادي واري ڏينهن. اجان مهمان ميزن تي ويٺا هئا ۽ اجان ڪنوار جي ڏولي گهر پهتي هئي. ان وقت ٻنهي ڀائرن ۾ ناچاڪي پيدا ٿي پئي.

وڏي پٽ پنهنجي دوستن کي مانيءَ جو چيو. پر هنن مان ڪن ٿورن ئي ماني کاڌي. جيئن تہ هن کي ڀاءُ جي ڪنجوسيءَ تي شرمساري پئي ٿي ۽ پيو ان ڪري بہ جو ڪنوار بہ ڳوناني هئي. هو اتي بيزار ٿيو ويٺو هو ۽ چيائين:

"ادا تہ ٺڪر جو ٿانءُ ڳولي لڌو آهي. جيتوڻيڪ بابي جي حيثيت جي ڪري ڪيس بلوري جام بہ ملي سگهيو ٿي."

وڏي ڀاءُ جي سڱ ڪري جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار. ڪيس ۽ سندس زال کي سلام ڪرڻ آيا. تہ بہ هو نفرت وچان سڌو ٿيو ويٺو هو. سندس زال بہ نالي ماتر ڪنڌ ڌوڻي کين ورندي ڏني. اها ڳالهہ سندس حيثيت سان ٺهڪندڙ هئي.

هاڻي جيڪي بہ هتي اندرئين گهر ۾ رهندا هئا. تن سڀني کي لڳو. تہ چڻ وانگ لنگ جي تازي چاول پوتي کان سواءِ گهر ۾ نہ ڪنهن کي آرام هو نہ سڪون. وانگ لنگ ڪنول جي پر واري ڪمري ۾ رهندو هو. جتي وچايل نرم بستري ۾ بہ جڏهن ڪيس سجاڳي ٿيندي هئي. تہ سنا لهڻ لڳندو هو. تہ ناڻ وري واپس اچي ڳوٺ واري ساڳئي ڪچي اونداهين گهر ۾ رهيو آهي. جتي ماڻهو ٽڏي ٿيل چانهہ هاري سگهيو ٿي. جتي ڪنهن قيمتي ڪاٺ جي ٺڪر جي اونَ ڪانہ ٿيندي هئي ۽ جتان بہ وڪون ڪٽي ٻنهجي ٻنيءَ تي پهچي وڃبو هو.

جيتري قدر وانگ لنگ جي پٽن جي ڳالهہ هئي. تہ انهن ۾ لاڳيتي بي آرامي رهندي پئي آئي. وڏي پٽ کي شڪايت هئي. تہ خرچ لاءِ پوري رقم ڪانهي ۽ ماڻهن جي نظرن ۾ سندن وقار گهٽبو ٿو وڃي. ڳوناٽا پيا ڏيڍيءَ واري دروازي کان ايندا ويندا هئا. شهر مان ڪو ماڻهو کين سڏڻ ايندو هو. تہ کين شرمندو ٿيڻو پوندو هو. ٻئي پٽ کي وري اها شڪايت هوندي هئي. تہ پئسي ڏوڪڙ جو زيان پيو ٿئي ۽ ننڍو پٽ وري هڪ هاريءَ جي پٽ هجڻ وارن ورهين جي زندگيءَ مان پاڻَ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو.

گهر ۾ هڪڙوئي اهڙو وجود هو. جيڪو پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن. ٽڙندو نابڙجندو. هيڏانهن هوڏانهن پيو هلندو هو. اهو هو وڏي ڇوڪر جو پٽ. اهو ننڍڙو بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حويليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن جاءِ جو سوچيندو به ڪونه هو. هن لاءِ اهو گهر نه وڏو نه ننڍو هو. اهو فقط گهر هو. جتي سندس ماءُ هئي. ٻيءُ هو ۽ ڏاڏو هو. سڀ سندس خدمت لاءِ موجود هئا. وانگ لنگ کي ان اڪيلي مان ٻيو آرام ايندو هو. ڪيس ٻار جي سنڀال لهڻ مان ڏيئو ئي ڪونه ٿيندو هو. ويتو ان سان کلندو هو. ٻارڙو ڏک ڪائيندو هو. ته ڪٽي هنج ۾ ڪندو هوس. ڪيس اها يادگيري آئي. ته سندس ٻيءُ ڇا ڪندو هو. هو ڪمر ۾ٿو ڪٽي ٻار کي ويڙهي ٻنڌ ڪرائيندو هو. هڪڙي ڪمري مان ٻئي اگڙ تي ٻيا هلندا هئا. ٻار تلاءَ ۾ ترندڙ مڇين ڏي اشار ڪندو هو ۽ ڪنهن نه ڪنهن شئي ۾ هٿ وجهڻ جي ڪندو هو. گلڙن کي جهلي ڏسندو هو ۽ ڏاڏو خوش ٿيو ٿيندو هو. وانگ لنگ کي انهن ڳالهين ۾ سڪون ملندو هو.

ٻر اڪيلو رڳو اهو ٻار ڪونه هو. وڏي پٽ جي زال کي وري ٻيٽ ٿيو ۽ ٻئي ٻار کي جنم ڏنائين. اهو ڪم ٻوءِ لاڳيتو هلندو رهيو. جيڪو ٻار ڄائو ان لاءِ ٻانهي رکي ويئي. وانگ لنگ ڏٺو. ته گهر ۾ هر سال هڪ ٻار ۽ هڪ ٻانهيءَ جو واڌارو ٿيندو اچي. ان ڪري کو ٻڌائيندو هوس. ته "وڏي پٽ جي گهر ۾ نئين ماڻهوءَ جو واڌارو ٿيو آهي." ته کلي ڏيندو هو.

"اسان وٽ زمين آهي. کائڻ لاءِ گنج ڄانور ٻيا آهن."

جڏهن وچت پٽ جي زال ٻار ڄائو. ته ڪيس وڌيڪ خوشي ٿي. ٻهرين هن ڇوڪريءَ کي جنم ڏنو. ڳالهه به اها مناسب هئي. اها ڳالهه وري سندس ڏيرياڻيءَ لاءِ شاناٿي ڪانه هئي. وانگ لنگ جي گهر ۾ پنجن سالن اندر چار ٻوٽا ۽ ٽي ٻوٽيون ڄايون ۽ سڄو گهر ٻارڙن جي ٽهڪن ۽ دانهن سان ٻرجي ويو.

پنجن سالن جو عرصو ته ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. سواءِ ان جي جو ماڻهو يا ته صفا ٻار هجي يا ته صفا ٻوڙهو هجي. ان عرصي ۾ جتي هن کي ايترا سارا ٻار مليا اتي سندس ٻوڙهو چاچو ڪائنس هليو ويو. هن کي هن گهٽو ٿٿو وساري ڇڏيو هو. رڳو ايترو خيال هوندو هوس. ته سندس چاچي ۽ هن جي زال کي ڪاڏو ۽ ڪپڙو لٽو ملندو رهي ۽ ٻيو ته سندن آفيم جي خواهش جو ٻورائو ٿيندو رهي.

پنجين سال سياري ۾ ڏاڍو سيءُ ٿيو. اهڙو سيءُ گذريل ٽيهن سالن ۾ به ڪڏهن ڪونه ٿيو هو. وانگ لنگ جي سانير ۾ ٻهريون ٻيرو شهر جي ڪوٽ جي ٻاهران کاهيءَ جو پاڻي ڄمي ويو هو ۽ ماڻهو ٻيا ان تان ايندا ويندا هئا. اتر، اوير کان لاڳيتي برفيلي هوا گهلندي رهي. ماڻهو نه ريشم ۾. نه ٻڪريءَ جي کل ۾. مطلب ته ڪنهن به شئيءَ ۾ گرم رهي نه ٿي سگهيو. حويليءَ جي هر ڪمري ۾ هو ڪوئلن جون سگريون ٻاري رکندا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سيءُ اينرو هو جو مائهو ساهه کڻي هو ته اهو به ڏسبو هو.

گهڻي عرصي کان وانگ لنگ جي چاچي ۽ سندس زال، جڻ ته پنهنجو گوشت هڏن تان ڇڪي لاهي ڇڏيو هو. ڏينهون ڏينهن اهي به سڪل ڪاٺيون ٿيو هنڌ ۾ پيا هوندا هئا. منجهن ٿورڙي به گرمائش ڪانه هوندي هئي. وانگ لنگ پڌو، ته چاچس هنڌ تي به اٿي ويهي نه ٿو سگهي. ٿورو چري ٿو ته ٿڪ ۾ رت اچيو وڃيس. هو پوڙهي کي پڇڻ ويو. ڏنائين ته پوڙهو باقي ڪي گهڙيون رهيو آهي.

پوءِ وانگ لنگ چڱي خاصي ڪاٺ جا ٺهيل تابوت خريد ڪيا. هو تابوت ان ڪمري ۾ ڪٺائي ويو جتي سندس چاچو رهندو هو. ته پلي پوڙهو دسي ۽ خبر پويس ته سندن هڏن لاءِ به جاءِ آهي، جيئن سڪون سان مري سگهي. سندس چاچي ڏڪندي ڏڪندي پٽڪو ڪيو.

”تون ئي منهنجو پٽ آهين. منهنجي پنهنجي هن رول کان به وڌيڪ.“

پوڙهي جيڪا اجان به پوڙهي کان وڌيڪ ڪنهن حال ۾ هئي، تنهن چيو.

”منهنجي مرڻ کان اڳ پٽ گهر اچي وڃي، ته وعدو ڪر. ته ان لاءِ ڪنوار ڳولي وٺندين. ته من اسان جو به پونير ٿي پوي.“ وانگ لنگ اهو واعدو به ڪيو.

وانگ لنگ کي اها خبر ڪانه پئي، ته سندس چاچو ڪهڙي وقت مئو. فقط اينري، ته هڪڙي ڏينهن شام جو هڪڙي نوڪرياڻي هن لاءِ رهي جو پيالو کڻي وئي، ته هو مئو پيو هو. وانگ لنگ هڪڙي سرد ڏينهن کيس دفن ڪرايو. ان ڏينهن برفيلي هوا پئي لڳي ۽ پنين جي مٿان برف ڪڪرن وانگي پئي اڏائي. هن تابوت پنهنجي خاندان واري چاپري ۾ پيءُ جي قبر جي پرسان رکايو ۽ ان کان هيٺ ڪري دفنايو. پر ان جاءِ کان مٿرو جتي سندس پنهنجي قبر ٿيڻي هئي.

پوءِ هو چاچيءَ کي شهر وٺي آيو. ته اڪيلي نه ٿئي ۽ گهر جي هڪڙي ڪنڊ پاسي ۾ کيس هڪڙو ڪمرو ڏنائين ۽ ڪڪو کي چيائين. ته پوڙهيءَ جي نوڪرياڻيءَ جي جاچ ڪندي ڪري. پوڙهي آفيم جي پونگري ڇڪيو بي اونائيءَ سان هنڌ ۾ پئي هوندي هئي. سڄو سڄو ڏينهن ستي پئي هوندي هئي. پرسان تابوت رکيو هوندو هوس، ته جيئن ان کي ڏسي فرحت اچيس.

وانگ لنگ کي حيرت ٿي ته ڪنهن وقت پاڻ هن واندي، نلهي ۽ واترادي پهرازيءَ جي زال کان ڊڄندو هو. اها هاڻي پيلي، سڪي هڏا ٿي خاموش ٿي خاموش. اتي پئي هئي، هوانگ جي حويليءَ واري زرد ۽ سڪل پوڙهي مالڪياڻيءَ وانگر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ايڪٽيھون.

ساري جمار وانگ لنگ اھو تہ ٻڌو ھو، تہ ھتي يا ھتي جنگ ھلي پئي. پر ھن ڪڏھن بہ جنگ ايتري ويجهڙائيءَ کان ڪانہ ڏٺي ھئي. فقط ھڪڙو ڀيرو، جڏھن ٻارُ اجان ننڍو ھو، تہ ڏکڻ واري شھر ۾ ڪجھہ ڏنو ھئائين. ان کان وڌيڪ جنگ ڪڏھن بہ ھن کي ايترو ويجھو ڪانہ ٿي ھئي. ٻاروتڻ کان وٺي اڪثر ماڻھن کي اھو چوندي ٻڌندو آيو ھو تہ.

"ھن سال اولھہ ۾ جنگ آھي." يا چوندا ھئا. تہ "اوڀر ۾ يا اتر اوڀر ۾ جنگ پئي ھلي."

جنگ ھن لاءِ ايئن ھئي جيئن زمين، آسمان ۽ پاڻي وغيرھہ. پر جنگ ڇا لاءِ ٿيندي آھي، ان جي ڪنھن کي بہ خبر ڪانہ ھوندي ھئي. رڳو ايترو تہ جنگ آھي. ھيئنر بہ ھن ماڻھن کي ايئن چوندي ٻڌو ھو، تہ "اسين جنگ تي ويندا سين." اھا ڳالھہ ماڻھو تڏھن ڪندا ھئا، جڏھن بکن ۾ پاھہ ٿيڻ لڳندا ھئا ۽ ڀينو ٿيڻ جي بجاءِ سپاھي ٿيڻ گھرندا ھئا. ڪڏھن وري ماڻھو اھڙي ڳالھہ تڏھن ڪندا ھئا، جڏھن گھر ۾ سک نہ ايندو ھونِ. جيئن سندس سوٽ ھوندو ھو. البت جنگ سدائين پري، ڏورانھين ھنڌ تي پئي لڳندي ھئي. پوءِ اوچتو اھا ڪنھن ٻي سبب ھوا وانگي اچي ويجھي پھتي.

وانگ لنگ سڀ کان پھرين اھا ڳالھہ پنھنجي وچٽ پٽ کان ٻڌي. جيڪو ھڪڙي ڏينھن مارڪيٽ مان منجھند جي ماني کائڻ لاءِ گھر آيو تہ اھڙي ڳالھہ ڪيائين. پيءُ کي چيائين.

"مارڪيٽ ۾ اوچتو ئي اوچتو چانورن جو اگھہ چڙھي ويو آھي. ڏکڻ ۾ جنگ پئي ٿئي ۽ ڏينھون ڏينھن ويجھي پوندي اچي. جيئن جيئن فوجون ايندي ون ويندي ون تيئن تيئن اگھہ چڙھندا ويندا. پاڻ آن جا پاندا بند ڪري ٿا ڇڏيون. تہ اڳتي ھلي جيئن اجان بہ سٺي اگھہ تي وڪڻي سگھون."

وانگ لنگ ماني بہ ٿي کاڌي ۽ ڳالھہ بہ پئي ٻڌي. پٽ کي چيائين. "سنو. ڳالھہ تہ ڀلي آھي. مون کي پاڻ جنگ ڏسي خوشي ٿيندي تہ اھا ٿئي ڪيئن ٿي. سڄي جمار مون رڳو جنگ جي ڳالھہ ٻڌي آھي. پر ڏٺي ڪانہ اٿم."

کيس ياد آيو تہ ھڪڙي ڏينھن کيس ڏاڍو ڊپ ٿيو ھو. جڏھن کيس سندس مرضيءَ جي خلاف ڪٽي جھليو ھئائون. پر ھاڻي تہ پاڻ صفا پوڙھو ٿي ويو ھو ۽ ساڳئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت شاهوڪار به هو ۽ شاهوڪارن کي ڪنهن به ڳالهه کان ڊپ ڪرڻ جو ڪپ ڪونه هوندو آهي. ٻوءِ هن ڳالهه تي وڌيڪ توجهه ڪونه ڏنو ۽ ڪيس معموليءَ کان وڌيڪ اون ڪانه ٿي. ٻٽ کي چيائين،

"تون جيئن مناسب سمجهين تيئن ڪر. آن تنهنجي هٿ ۾ آهي." ٻوءِ جي ڏينهن ۾ مرضي ٻوندي هئس، ته وچي ٻوٽن ۽ ٻوٽين سان کيڏندو هو. نه ته ڪايو ٻيو. ٻونگري چڪيو، ستو ٻيو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن وچي چرڙيءَ کي ڏسي ايندو هو. جيڪا گهر جي چيڙي واري ڪنڊ ۾ رهندي هئي.

هڪڙي ڏينهن سياري جي شروع ۾، مڪڙن جي ڪٽڪن وانگي مائهن جا هشام اچي نڪتا. بهار جي شروع ۾ هڪڙي چمڪندڙ صبح جو وانگ لنگ جو ٻوٽو ٻاهرئين دروازي وٽ نوڪر سان گڏ بيٺو هو ۽ ٻورا ڪوٽ ٻاتل مائهن جون ڏگهيون ڏگهيون قطارون ٻئي ڏٺائين، ته اوچتو ڏاڏي ڏانهن ڊڪ ٻاتائين ۽ چيائين،

"ڏسو ته سهي! ڇا ٻيو اچي بابا ٻوڙها؟"

وانگ لنگ ٻار کي وندرائڻ لاءِ سائنس گڏ واپس دروازي تي آيو. سڄي شهر جون گهٽيون مائهن سان ٻريو ٻيون هيون. وانگ لنگ کي محسوس ٿيڻ لڳو. ته خاڪي ورديءَ وارن جي ڳرن قدمن جي ٺال جي ڪري اوچتو ٺي اوچتو. شهر مان هوا ۽ اس گم ٿي ويئي هئي. وانگ لنگ اهو به ڏٺو. ته هرمائهوءَ وٽ هڪڙي اهڙي شئي هئي، جنهن جي چوٽيءَ وٽان چاقو ٻاهر نڪتل هو. هر مائهوءَ جو چهرو ڪنور. ٻوائنو ۽ بي حس ٿي لڳو؛ جيتوڻيڪ هنن ۾ ڪي ته چوڪرا به هئا. وانگ لنگ انهن جا اهڙا چهرا ڏسي چوڪر کي تڪڙ ۾ ٻاڻ ڏي چڪي ورتو ۽ ٻٽڪاٽ ۾ چيائين،

"اچو ته هلي دروازو ڪلفي ڇڏيون، منهنجا من! اهي مائهو ڏسڻ ۾ ٺي چڱا نه آهن."

ٻر ان کان اڳ جو هو مڙي، اوچتو سپاهين مان ڪنهن هن کي ڏسي ورتو ۽ وٺي رڙ ڪيائين،

"اجهو منهنجي ٻوڙهي ٻيءَ جو ٻائيٽيو!"

وانگ لنگ رڙ تي ڪنڌ مٿي ڪنيون ۽ نظر وچي سندس سوٽ تي ٻئي. هن کي به ٻين وانگي ميرا خاڪي ڪيڙا ٻاتل هئا، ٻر سندس چهرو ٻين جي ٻيٽ ۾ ويتر وڌيڪ ٻوائنو ۽ ڪنور هو. هن هيبتناڪ نهڪ ڏنو ۽ ٻنهنجي سائين کي چيو،

"سائيو، ٻاڻ هتي رهي سگهون ٿا. هي همراهه ڏاڍو شاهوڪار آهي ۽ منهنجو مائٽ به آهي."

ان کان اڳ جو وانگ لنگ ڏڪ ۾ ڪجهہ جري ٻري سگهي، سچو ڪٽڪ سندس ٻويان دروازي اندر ڪاهي پيو ۽ انهن جي وچ ۾ ٻاڻ ٻي وس ٿيو بيٺو هو. گهر ۾ اهي ايئن ڪاهي پيا جيئن ٻوڏ جو پاڻي هر ڪنڊ پاسي ۾ پرجي ويندو آهي. ڪي فرش تي ليٽي پيا، ڪي تلاون مان پاڻيءَ جا ٻڪ ڀري پيڻ لڳا. سنگينون لاهي ڪٽي گلن وارين ميزن تي اڇلايائون. جتي بہ مرضي ٿي پين اتي ٿڪون ٿي اڇلايائون ۽ هڪ ٻئي سان ڪوڙ بہ ٿي ڪيائون.

جيڪي وهيو وابريو ان جي ڏپ کان وانگ لنگ ٻار سوڌو ونئي وڏي پٽ ڪي ڳولڻ لاءِ نڪتو. هو پٽ جي ڪمري ۾ ويو، جتي هن ڪتاب وٺي پڙهيو. جيڏيءَ مهل ٻئس اندر آيو تہ هو اٿي بيٺو ۽ خبر ٻڌي، پٽس کي ڏڪندو ۽ ڪبندو ڏسي. گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيائين ۽ ٻاهر نڪري آيو.

پر جڏهن سوٽ تي نظر پيس، تہ خبر نہ پئي پيس تہ هن کي گهٽ وڌ ڳالهائي يا ساٿس سٺو ورتاءُ ڪري. اها صورتحال ڏسي، پنهنجي نيان بيٺل پيءُ کي پٽڪو ڪندي چيائين،

"هر ماڻهوءَ وٽ سنگين آهي."

هو نرم ٿي ويو ۽ جوڻ لڳو.

"واهہ سائين واهہ! منهنجو سوٽ، پلي ڪري آئين واپس پنهنجي گهر." سندس سوٽ کلي ٽوڪ ۾ کيس چيو.

"مون کي مهمان بہ آندا آهن."

"اهي بہ ڀلي ڪري آيا. تنهنجا مهمان." وانگ لنگ جي وڏي پٽ چيو. "ماني ٿا نهرايون. وڃڻ کان اڳ ڀلي کائين پين."

سوٽس آجان بہ وڏيک هٽڪڙائيءَ سان ڏند ڪڍي چيو.

"ماني ٻي نهرايو. پر ان کان پوءِ گهٽي تڪڙ نہ ڪجو. چاڪاڻ تہ ڪي ڏينهن اسين هتي آرام ڪنداسين. ٿي سگهي ٿو تہ بہ ٽي مهينا يا سال. بہ. جيستائين اسان کي جنگ لاءِ سڏ ٿئي. اسان کي هتي ئي شهر ۾ ترسڻو آهي."

وانگ لنگ ۽ سندس پٽ اها ڳالهہ ٻڌي، تہ مس مس پنهنجي هيبت لڪائي سگهيا. پر لڪائڻ بہ ضروري هئي. جو سڄي گهر ۾ جتي ڪٿي سنگينن جو چمڪو پئي پيو. ان ڪري مرڪي دنائون. ڪيڏي نہ ڦڪي مرڪ هئي سندن! پوءِ چيائون،

"اسين تہ ڀاڳ وارا آهيون."

وڏي پٽ دل ۾ خيال ڪيو، تہ کيس وڃڻ کپي ۽ مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ

گهرجي. هن ڀيءِ جو هٿ ورتو ۽ ٻئي ڄڻا گهر جي اندرئين پاسي ڏي وڃي پُگا. پٽس دروازو ڪَئي بند ڪيو. ٻئي ڀيءُ پٽ دهشت مان هڪ ٻئي کي ڄاڃي ڏسڻ لڳا. خبر ئي نه پئي ٿي ته ڇا ڪجي؟

اينتري ۾ ورري وچٺ ڇوڪر ڊوڙندو آيو ۽ اچي دروازو کٽڻ لڳو. اندر اچڻ ڏنائونس. ته اچي ڪري پيو. مس مس گهٻراهٽ مان نڪتو ۽ ڪنبي ڪنبي چيائين.

"سڄي گهر ۾. شهر ۾. هرجاءِ تي سپاهي پريا پيا آهن: ويندي غريبن جي گهرن ۾ به ڪاهي پيا آهن. آئون اهو ٻڌائڻ لاءِ ڊوڙي آيو آهيان. ته متان اعتراض ڪريو. منهنجو جڳيءِ طرح هڪڙو سچائو آهي منشي. ساڳئي دڪان ۾ روز منهنجي پرسان دخل تي ويهندو آهي. هن جا اها ڳالهه ٻڌي. ته سڌو گهر ويو. وچي ڏنائين ته سندس گهر واري ٻنهنجي ڪمري ۾ بيمار پئي هئي. اتي به سپاهي وينا هئا. هن اعتراض ڪيو ته ويچاري کي سنگين کپائي ڏنائون. سڏي ٻئي پاسي ڪان وچي نڪتس. چڻ ته ميڻ جو ٺهيل هجي. جنهن به سٽي جي مرضي ٿئين. اسان کي ڪين ڏيڻ گهرجي. دعا گهرو ته جنگ جلدي ڪنهن ٻئي پاسي ڏي هلي وڃي."

ٺهي هڪ ٻئي ڏي پريشانيءَ مان ڏٺو. ڪين پهرين ٻنهنجي عورتن جو خيال آيو ۽ پوءِ هٿن وحسي ٻکاڻن جو. وڏي پٽ پنهنجي خوبصورت ۽ سلڇڻي زال بابت سوچيو ۽ چيائين.

"اسان کي عورتن کي گڏ ڪري صفا اندرئين حصي ۾ رهائڻ گهرجي. دروازا بند ڪري ڇڏجن ۽ رات ڏينهن پهرو ڏيڻ کپي. سلامتيءَ وارو دروازو هر وقت کلڻ لاءِ تيار رکڻ گهرجي."

پوءِ هنن ائين ئي ڪيو. عورت ۽ ٻارن کي وٺي وڃي بلڪل اندرئين ڪمرن ۾ رهايائون. جتي ڪنهن اڪيلي ڪڪو پاڻهيءَ سان گڏ رهندي هئي. هن وقت سڀ ڏڍا ڏکيائيءَ ۾ ٿي پورهه پيا پيا هوندا هئا. وانگ ٽنگ ۽ سندس وڏو پٽ رات ڏينهن دروازي جي نگراني وينا ڪندا هئا. وچ ٻٽ کي به جيڏيءَ مهل موقعو ملندو هو. گهر هليو ٻندو هو. رات ٿوري ڏينهن ڏاڍي خبرڏ ريءِ سان وينا پهرو ڏيند هئا.

ٻر هڪڙو سندن سوٽ. جيئن ته سندن مائٽ هو. ان ڪري جائز طريقي سان هن کي ڪير به ٻاهر رکي ڪونه ٿي سگهيو. جي دروزو کڙڪائيندو هو. جيڏيءَ مهل به مرضي ٿيندي هئس. اندر هليو ايندو هو ۽ هٿ ۾ کنيل چمڪندڙ سنگين جهليو هيڏانهن هوڏانهن پيو هلندو هو. وڏو ڇوڪر ڪاوڙ ۾ منهن ڪارهو ڪريو. سندس ٻوڀان پيو ايندو هو. ڪيس ڪجهه چوڻ جي جرئت به ڪونه ڪندو هو. ڇاڪاڻ ته سونس وٽ هر وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ۾ چمڪندڙ ۽ ڪليل سنگين هوندي هئي. سندس سوٽ مٿس نهار ڪندو هو ۽ هر عورت کي گهوري ڏسندو هو.

هڪڙي ڏينهن وڏي چوڪر جي زال کي ڏنائين ۽ مڪروهه ٽهڪ ڏيئي چيائين.

"سوٽ! واهه. واهه! تو ته واه جي شئي هٿ ڪئي آهي. شهري عورت. پير ته ڪيڏا نازڪ اٿس. جهڙيون ڪنول جون مکڙيون." ۽ وڃي چوڪر جي زال کي چيائين.

"اڙي! اجها هيءَ ٻهراڙيءَ جي ٿلهي ڳاڙهي مُوري. ڳاڙهي گوشت ۽ چربيءَ جو ڍڳ." اِها ڳالهه هن ان ڪري ڪئي جو اها عورت ٿلهي ۽ ٻي ڊولي هوندي هئي ۽ هڏ ڪاٺ جي پيريل هوندي به ڪوجهي هوندي هئي. وڏي چوڪر جي زال هٻڪي هٻڪي اتان لنگهندي هئي. جڏهن مٿس نظر وجهندو هو. ته هوءَ ٻانهن ۾ منهن لڪائي ڇڏيندي هئي. ان ڳالهه تي هو وٺي ٽهڪ ڏيندو هو. هوءَ جيئن ته صحتمند هوندي هئي. ان ڪري شوخيءَ سان ورائيندي هئي. "ڪن مائهن کي موريءَ جو ذائقو وڻندو آهي. ڪي ته ڳاڙهو گوشت وابرائيندا آهن."

اهو ٻڌي سوٽس يڪدم جواب ڏنو.

"آئون به ايئن ڪندو آهيان." ۽ اهڙو ڏيک ڏنائين جڻ عورت جي هٿ کي جهلڻو هجيس. اهي عورت ۽ مرد جن کي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ به ڪونه گهربو هو. تن جي حجت واري گفتگو ٻڌي. وڏو چوڪر سمورو وقت شرمندگيءَ جي اذيت ۾ وڪورجي ويو. هن زال ڏي نهاريو. سوٽ جي ڪري شرمندو ٿي پيو. سندس سوٽ جا هن جي ڪانئرتا ڏني سو ڪميڻ سان چيائين.

"هڪڙي ڀيري مون به هن ٻاروٽي ۽ بدذائقي واري مڇيءَ جي ڳپي کائڻ بدران ڳاڙهو گوشت وابرايو هو."

ان ڳالهه تي وڃي ٻٽ جي زال وڏي شان سان اٿي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. سوس ٻي سرمائيءَ سان ڪليو ۽ ڪنول کي چيائين. جنهن اتي جلم ٻئي ڇڪي.

"ڪيئن مائي وڏي! هي شهري عورتون ته جهڙيون جهيراڪ آهن يا نه؟"

هوءَ ڪنول کي گهوري ڏنائين ۽ چيائينس.

"وڏي مائي! سچ ته مون کي سوٽ وانگ لنگ جي دولت جي خبر نه هجي ها. ته اٿون ڏسڻ سان توکي سڃاڻي ڪونه سگهان ها. تون گوشت جي اهڙي ڇپ تي ويٺي آهين. ها سچي! تو ته ڪاڏا به اهڙئي ڪاڏا آهن. رڳو پٽسي وا ن جون زالون ڏسڻ ۾ نو جهڙيون هونديون آهن."

ڪنول به ڏاڍي خوش ٿي جو هن ڪيس 'وڏي مائي' ڪري ڪوٺيو هو. چاڪاڻ

نہ اهو فقط وڏ گهرائين عورتن جو لقب هو. هوءَ ڪل ۾ ٻڏي ويئي ۽ سنديس ٺلهي نڙيءَ مان خرخر جو آواز اچڻ لڳو. هن پونگري مان رک ڇنڊي اها ٻانهيءَ کي ڏني تہ وري ان ۾ تماڪ ڀري. پوءِ ڪڪو ڏانهن مڙي هن کي چيائين.

"هيءُ ڇٽ ڇرچن تي اچي ٻڳو آهي."

اها ڳالهہ ڪرڻ وقت هن ٽيڏيءَ اک سان سوٽ ڏي ناز مان نهاريو. جيتوڻيڪ اهڙين نهارن لاءِ هاڻي سندس اکيون مناسب نہ رهيون هيون ۽ سنديس ٿلهن ڳلن اندر ٻيهي ويون هيون ۽ اپٽريون نمائيون بہ ڪو نہ هيون، جهڙيون اڳي هونديون هيون. سوٽ هن کي پاڻ ڏي نهاريندي جو ڏٺو سو وني زور سان ٽهڪ ڏنائين.

"واهہ! تہ اجان تائين پوڙهي ساڳي ڪتي آهي." هو وري زور سان کليو. ان وچ ۾ وڏو چوڪر جڙ ۾ اتي ئي خاموش ٿيو بيٺو هو. پوءِ جڏهن سندس سوٽ هر شئي ڏسي ڇڪو تہ آخر ۾ پنهنجي ماءُ کي ڏسڻ ويو. وانگ لنگ کيس ماءُ ڏيکارڻ لاءِ سائس گڏجي ويو. هوءِ پنهنجي هنڌ تي ستي پئي هئي. مس مس پٽس کيس جاڳايو. هن مائس جي هنڌ جي سيرانديءَ کان فرش کي بندوق سان ٺڙڪايو. تہ هوءَ سجاڳ ٿي ۽ هن کي جاچي ڏسڻ لڳي: ڄڻ تہ خواب مان سجاڳ ٿي هجي. پٽس کيس تکڙ ۾ چيو.

"اجهو تنهنجو پٽ ۽ تون آهين سا اجا ستي پئي آهين!"

هوءَ هنڌ تي اٿي ويٺي ۽ وري بہ هن کي گهوري ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ حيرت مان چيائين. "منهنجو پٽ... تون منهنجو پٽ آهين." ۽ وري بہ گهڻو وقت کيس جاچي ڏٺائين. آخر ٻي ڪا بہ ڳالهہ نہ سمجهندي. هن پٽ کي آفيم جي صلاح ڪئي. پنهنجي حاضريءَ واري ٻانهيءَ کي چيائين. "هن لاءِ تيار ڪر."

پٽس بہ کيس جاچي ڏٺو ۽ ورندي ڏنائينس.

"نہ مون کي ڪانہ گهرجي."

وانگ لنگ اتي کٽ جي پرسان ئي بيٺو هو. اوچتو کيس اچي ڊپ لڳو تہ متان سوٽ کيس ڇڙي حوي.

"توهان منهنجيءَ ماءُ کي ڇا ڪيو آهي؟ سڄي پيلي ۽ ڪومائجي ويئي آهي. ڪهري نہ زرد ٿي ويئي آهي. سمورو گوشت ڳري ويو اٿس."

وانگ لنگ تڪڙو تڪڙو پنهنجي منهن چوڻ لڳو.

"منهنجي مرضي هئي تہ چاچي ڪهڙ ۾ گهٽ خوش نہ هجي. سنديس آفيم لاءِ روز ڏرو چانديءَ جو ئي تہ خرچ ٿي ڪرڻو پيو. هيڏيءَ ڄمار ۾ اسان سائس بحث ڪرڻ بہ نہ ٿي گهريو ۽ سنديس بہ اها خواهش هوندي هئي." جيئن هن اها ڳالهہ پوري ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس ڪئي. ته ڪائنس ننڍو ساهه نڪري ويو. هن تيڏيءَ اک سان سوٽ کي ڏٺو. پر هن نه ڪجهه به ڪونه چيو. رڳو ماءُ کي مڄاڃي پٺي ڏنائين ته کهڙي نه ٿي ويئي هئي. جيڏيءَ مهل ٻوڙهي سمهي رهي. ته هو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ بندوق هٿ ۾ لڙڪائي ٻڪ ٻڪ ڪندو هليو ويو.

ٻاهرئين گهر ۾ رهندڙ مائهن جي ڪنڪ مان ڪنهن به وانگ لنگ تي نه ايترو ڌيڃاريو نه پريشان ڪيو. جيترو سندس هن سوٽ. هن مائهن وٽن کي به ڪوهي ڇڏيو ۽ گلن وارن ٻوٽن. ٻادام ۽ ناريل جون ناريون ڀڃي ڇڏيون ۽ فوهارن ۽ تلاون کي گندو ڪري ڇڏيو. جن ۾ سونهري مڇيون ترنديون هيون. ان ڪري مڇيون مري ويون ۽ ٻاٽيءَ جي سطح تي تري اڀون ۽ ڏٻ ڪري ويون.

سوٽ نه پيو اندر ٻاهر ڊوڙون پائيندو هو ۽ ٻانهين کي پيو تاڙيندو هو. وانگ لنگ ۽ سندس پٽ هڪ ٻئي کي نمائين ۽ وحشت زدهه اکين سان ڏسندا هئا. ڇاڪاڻ ته نند ڪرڻ جي منجهن جرئت ڪانه هوندي هئي. ڪڪو اهو لقاءُ ڏٺو ته چيائين.

”هاڻي ته بس هڪڙو ئي گس وڃي بچيو آهي. هيءُ جيستائين هتي آهي. ڪيس وندر لاءِ ڪا ٻانهي ڏني وڃي. نه ته اٿي وڃي رسندو. جتي نه هتڻ گهرجيس.“

ڪڪو جيڪا ڳالهه ڪئي. وانگ لنگ ڪٺي تنهن کي ورتو. ڇاڪاڻ ته هن محسوس ڪيو. ته هاڻي زندگيءَ ۾ ڪائنس گهر ۾ اهي مصيبتون برداشت ڪونه ٿي سگهنديون. ان ڪري چيائين. ”سٺو خيال آهي.“

هن ڪڪو کي چيو ته سوٽ کان وڃي پڇي ته ڪهڙي ٻانهي کپيس. ڏنيون ته سڀ انس. پوءِ ڪڪو ائين ئي ڪيو. واپس اچي ٻڌايائين.

”جوي نو. ته ڪيس اها ننڍي زرد رنگ واري گهرجي. جيڪا مالڪيائيءَ جي بستري وٽ سمهندي آهي.“

نهيءَ ڇوڪريءَ کي ”ناسپاتيءَ جو گونج“ ڪوٺيندا هئا. اها هڪڙي سال ڏڪر ۾ وانگ لنگ ورتي هئي. تڏهن ته هوءَ صفا ننڍڙي. رحم جوڳي ۽ اڌ بکي هئي. ڇاڪاڻ ته صفا ننڍڙي هوندي هئي. ان ڪري سدائين منس کهل ڪائيندا هئا ۽ ڪيس اجازت هوندي هئي ته فقط ڪڪو کي ڪم ۾ مدد ڪندي ڪري. هوءَ ڪنول جو ٿورو ڪم ڪندي هئي. حسم سريندي هئي ۽ حانهه اوتي ڏيندي هيس. سوٽ به ڪيس اٿي ئي ڏٺو هو. ڪنول لاءِ حانهه اوتيندي ڇوڪري. جو اها ڳالهه ٻڌي. سو وٺي روئڻ لڳي. ڇاڪاڻ ته اندرئين گهر ۾ ڪڪو اها ڳالهه سڀني جي سامهون ڪئي ٻڌري ڪئي هئي. هن ٿانو ڪٺي فرش تي اڇلايو سو ڀڄي ٽڪر ٽڪرا ٿي ويو. سڀي چانهه هارجي ويئي. پر ڇوڪريءَ اهو ڪونه ڏٺو ته ڇا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو اٿس. ڪنول جي آڏو هن متان ڪري ڪٽي ياڻ سنڀيو. مٿو زور زور سان فرش تي هڻي آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳي.

"منهنجي سائڻ! اٺون.... آئون نه... مون کي هن کان ڊپ نه ٿئي. آئون مري وينديس."

ڪنول ڏاڍي خوش ٿي ۽ رڪائيءَ سان چيائين.

"آهي ته رڳو مرد. ۽ مرد. مرد هوندو آهي. عورت لاءِ فقط مرد هوندو آهي ۽ مرد سڀ هڪجهڙا ئيندا آهن. پوءِ هيءَ گهبراهٽ ڇا جي آهي؟"

پوءِ ڪڪو ڏي مڙي چيائين. "ڇوڪريءَ کي وٺي وڃي هن کي ڏي."

ڇوڪريءَ رحم لاءِ ٻئي هٿ ٻڌي ڪوڪون ڪيون. ڇڻ ته ڊپ ۾ رڙي رڙي مري ويندي. ڊپ ۾ سنديس بدن ٿي ڪنبيو. سڀني جي منهن ۾ نهاري منتون ٿي ڪيائين ۽ روئندي به رهي. وانگ جا ٻٽ پيءَ جي زال جي خلاف نه ڳالهائي ڪونه سگهندا هئا. نه سندن زالون ڪجهه ڪري سگهنديون هيون ۽ نه ٿي ننديو ٻٽ. جيڪو به اتي بيٺو هو ۽ ڇوڪريءَ کي بيٺي ڏٺائين. سندس هٿ جيئهه تي آيا بيا هئا. ڪارا ۽ ڊگها ٻيرون تتڪي ويس. ٻر هن ڳالهايو ڪجهه ڪونه. ٻانهين ۽ ٻارن به اهو تقاءُ بيني ڏٺو ۽ مات ڪيو بيٺا هئا. رڳو ڇوڪريءَ جي روئڻ جو بوائتو آواز ٿي آيو.

ٻر وانگ لنگ کي انهيءَ ڳالهه ٻيچين ڪري وڌو. هن ڇوڪريءَ ڏي سڪي بي نهاريو ۽ ڪنول جي حر جي ٻرواهه نه ڪندي وڌي آيو. ڇاڪاڻ ته ياڻ هميشه رحم دل هوندو هو. ڇوڪريءَ وانگ لنگ جي منهن مان سندس دل جي ڳالهه ٻروڙي ورني. سو ڊوڙ ٻائي وٽس آئي ۽ ٻير ڪٽي جهليائينس ۽ ٻيرن تي مٿو جهڪائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي. هن هيٺ نظر ڪئي. ڏٺائين ته ڇوڪريءَ جا ڪلها ڪيڏا نه ننڍڙا هئا. هن سونس جي ڪهري. ڳري وحشي جسم جو خيال ڪيو. سندس جوانيءَ کي گذريي به ورهه ٿي ويا هئا. ڪنهن ڳالهه جي بد ذائقي ڪيس روڪي وڌو. هن ڪڪو کي نرم آواز ۾ چيو.

ڇوڪريءَ تي انهيءَ ڳالهه لاءِ زور رکڻ ڏاڍي خراب ڳالهه آهي. اهي لفظ هن ڏاڍي نرميءَ سان چيا. ٻر ڪنول وٺي جلدي ڏانهن ڪئي.

"هن کي جيڪي چيو ويو آهي. تيئن ڪرڻ کپرجي. آئون چوان ٿي ته اها بي وقوفي آهي ننڍي ڳالهه تي ايترو روئڻ. اها ڳالهه به اڳي ٿوءِ هر زال سان ٿيئي آهي."

ٻر وانگ لنگ رحمدل هو. هن ڪنول کي چيو.

ٻهرين ڏسون نه ڪو ٻيو بندوبست ٿي سگهي ٿو. ٻهرين تو لاءِ به ڪا بي ٻانهي خريد ڪجي ٿوءِ به جيڪا تنهنجي مرضي هجي. ڏسان ته ڇا ٿو ڪري سگهجي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ڪنول جنهن کي گهڻي وقت کان ولائتي گهڙيال ۽ هيري جي نئين منڊي جو شوق هو. سا اوچتو ماٺ ٿي ويئي. وانگ لنگ ڪڪو کي چيو.

"سوٽ کي وچي پڌاءِ ته چوڪريءَ کي ڪو بوائتو مرض لڳل آهي. پر ان هوندي به سنڌس مرضي هجي. ته چوڪري هلي ايندي. پر اسان وانگي ڪيس به ڏپ ٿيندو هجي. ته ٻي ڇڱي ٻني به اسان وٽ موجود آهي."

هن اتي ٻيٺل ٻانهين تي نظر ڊوڙائي. انهن سڀني پنهنجا منهن ڪٽي ڦيرايا ۽ ڪنڌ ڪٽي جهڪايا. ڄڻ ته ڪيڻ شرم ٿي آيو. رڳو هڪڙي ٿلهي هئي ۽ جيڪا اڳيئي ويهن سالن کان به وڌي ٿي لڳي. سا سرخ چهري سان کلي پئي ۽ چيائين.

"مون ته انهيءَ ڪم جون گهڻيون ڳالهيون ٻڌيون آهن. منهنجي مرضي آهي ته ڪٽي آزمائي ڏسجي جيڪڏهن مون کي نه وڻي. هونئن به هو ايڏو خوفناڪ ڪونهي. جهڙا ڪي مرد ٿيندا آهن."

وانگ لنگ اطمينان سان وراڻيو.

"ٺيڪ آ. پوءِ تون وڃ."

۽ ڪڪو چيو.

"منهنجي ٻويان لڳي اچ. ڪم ٿي ويندو. مون کي ٻڪ آهي ته هن ميوو ويڇهرائيءَ کان ڏنو ته ڪٽي جهپ هڻندس." پوءِ ٻئي ٻاهر هبون ويون.

پر ننڍي چوڪري اڃان به وانگ لنگ جي پيرن تي ٻئي هئي. تنهن مس وڃي هائي روئڻ بند ڪيو ۽ ليني پڏائين ٻئي ته ڇا نه ٿئي. ڪنول کي اڃان به منس ڄڙ هئي. سا اٿي کڙي ٿي ۽ بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. وانگ لنگ چوڪريءَ کي هري هري ڪري اٿاريو. چوڪري سنڌس آڏو ڪنڌ جهڪايو. نماڻي ٿيو ٻيني هئي. هن ڏٺو ته چوڪريءَ جو چهرو بيضوي. نماڻو. نرم. ننڍڙو ۽ تمام سهڻو هو. وات ننڍڙو ۽ ڳاڙهو هوس. هن ڪيس پيار مان چيو.

"مان ٿي ڏينهن تو واري مالڪياڻيءَ کان ڇڏي رهه. منهنجي ٻچڙي! جيستائين سنڌيس ڄر لهي وڃي ۽ جڏهن هوءِ ٻي موٽي اچي. ته لڪي وڃجانءِ متان هو وري نه تنهنجي ڪهڙ ڪري."

چوڪريءَ پنهنجون اکيون مٿي ڪٽي سڪر گذاريءَ سان ڏانهس ڏٺو ۽ پوءِ هوءِ ڪنهن ٻاجي مثل ماٺ ٿي مٺ اتان هلي ويئي."

سوٽ اتي ڏيڍ مهينو رهيو ۽ جيڏيءَ مهل مرضي ٻوندي هئس. انهيءَ چوڪريءَ کي گهرائي وٺندو هو. چوڪريءَ کي منجهانئس حمل ٿي ويو ۽ هوءِ سڄو ڏينهن گهر ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڳالهه جي ٻناڪ هٺندي وتندي هئي. اوچتو جنگ چالو ٿي ويئي ۽ ڪنڪ جلدي جلدي اتان هليو ويو. جيئن واچوڙو ڪک پن اڏائي ويندو آهي. تيئن اتي به ڪجهه ڪونه بچيو. اتي اهي سپاهي تباهي ۽ ٻج ڏاهه ڪري ويا هئا. وانگ لنگ جو سوٽ سنگين چيلهه سان ٻڌي، سندن آڏو اچي بيٺو. ڪلهي تي بندوق هئس ۽ ننول ۾ جيائين.

"جيڪڏهن آئون اوهان وٽ نه آيس، ته به آئون پنهنجي وجود جو حصو ۽ پنهنجي پيءُ جو پوٽو اوهان وٽ ڇڏيو ٿو وڃان. اها ڳالهه هر ماڻهوءَ جي وس جي ناهي ته جتي هو مهينو. به وڃي ترسي، اتي پٽ ڇڏي اچي. اهو صرف سپاهيءَ جي زندگيءَ جو ڪمال آهي. ته سندس پويان سندس ٻج ابري ايندو آهي. جيڪو پيا تاتيندا آهن."

پوءِ هو سيني تي ڪلون ڪندو. پين سپاهين سان گڏ هليو ويو.

باب پنجيهون

سپاهين جي وڃڻ کان پوءِ وانگ لنگ ۽ سندس پنهي وڏن پٽن کم ڪار جي رٿا ڪئي. ته تازو جيڪا گندگي ٿي هئي ان جي صفائي ڪئي وڃي. ان لاءِ رازن ۽ واڍن کي گهرايائون. نوڪرن اڱڻ کي ٻهاري صاف ڪيو. واڍن وڏي مهارت سان پڳل ميزن ۽ ڪرسين جي مرمت ڪئي. تلاون مان گندگي ڪڍي انهن ۾ تازو ۽ صاف پاڻي ڀريو ويو. وڏو ڇوڪر وري به سونهري رنگ جون مڇيون خريد ڪري آيو ۽ وري به گلن وارا وڻ پوکايائين. جن به وڻن ۾ پڳل ٽاريون بيٺيون هيون. تن جي ڇانگ ڪرايائين. سال کن ۾ وري به گهر سهڻو بنجي ويو ۽ ان ۾ گل ٽڙي آيا. هر ڇوڪر پنهنجي پنهنجي گهر ۾ اچي رهيو ۽ وري به هڪ جاءِ تي صحيح طور طريقو پيدا ٿي ويو.

جنهن ٻانهيءَ کي سندس سوٽ مان حمل ٿيو هو. تنهن کي وانگ لنگ حڪم ڏنو. ته وڃي سوٽس جي ماءُ سان گڏ رهي. جيستائين پوڙهي جيئري هجي. اهو وقت ايڏو ڏگهو به ڪونه ٿيندو ۽ مري وڃي، ته ڪيس ڪفن ڏيئي تابوت ۾ رکي. ٻي هڪڙي خوشيءَ جي ڳالهه وانگ لنگ لاءِ اها به ٿي. ته انهي ٻانهيءَ ڇوڪري ڄائي. ڇاڪاڻ ته ڇوڪرو ڄمي ها. ته ٻانءِ ۾ ٻرجي وڃي ها ۽ خاندان ۾ حيثيت ڏيڻ جو مطالبو ڪرڻ لڳي ها.

ڇوڪريءَ ڄڻڻ ڪري اها بس ساڳي ٻانهيءَ جي ڌيءَ ٻانهي ٿي رهي. جهڙي اڳي هئي.

ان هوندي به وانگ لنگ مٿس ڏاڍو مهربان رهيو. جيئن پين سيني تي هوندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس چيائين ته پوڙهي مري وڃي. ته سنديس مرضي پوري ته پل ساڳيو ڪمرو پنهنجي لاءِ جهلي. ڪيس بسترو به ملي ويندو. سڀ ڪمرن واري گهر ۾ هڪ ڪمرو ۽ هڪ بسترو ڪا وڏي ڳالهه نه هئي. هن مائيءَ کي ڪجهه چاندي به ڏني. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. رڳو هڪڙي ڳالهه هئي. جيڪا هن وانگ لنگ سان چانديءَ وٺڻ وقت ڪئي.

”اهي پئسا منهنجي ڏاج لاءِ ڪٺي رکو. آقا!“ عورت چيو ”اوهان کي تڪليف نه ٿئي ته ڪنهن هاريءَ يا ساڻ پٽي ڪنهن سنئين سڌي غريب مائهوءَ سان منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيو. ان ۾ اوهان جي نيڪي ٿيندي ۽ مون لاءِ مرد کان سواءِ اڪيلي سر زندگي گذارڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي.“

وانگ لنگ انهيءَ ڳالهه جو به سائنس وچن ڪيو. ان وقت ڪيس اها ڳالهه دل ۾ آئي. ته اڄ به هتي وري هڪڙي عورت ڪنهن غريب سان شادي ڪرڻ لاءِ موجود هئي. ڪڏهن پاڻ به غريب هو ۽ ساڳئي هن گهر ۾ ٿي سڪ ڪهڻ لاءِ آيو هو. هن سڄي عمر ڪڏهن به او-لان جو پورو به خيال ڪونه ڪيو ۽ هاڻي هو هن کي اداسيءَ سان ياد ڪري رهيو هو. اهو ڏک جي ڳالهه نه ڪانه هئي. پر فقط يادگيري هئي. اهي ڳالهيون هاڻي گذري چڪيون هيون ۽ او-لان انهن ڳالهين کان تمام ڪهڻو دور وڃي چڪي هئي. هن ڪنهن ڳوڙهي سوچ وچان چيو.

”پوڙهي قيمڻ مري ته پوءِ تولاءِ مڙس ڳولي وٺبو ۽ ان ۾ دير ڪانهي.“

وانگ لنگ جيڪا ڳالهه ڪئي نيتن ٿي ڪيائين. هڪڙي ڏينهن اها عورت صبح سان هن وٽ آئي ۽ چيو پڌايائينس.

”سائين! هاڻي پنهنجو واعدو پاريو. اڄ صبح سوير پوڙهي مري ويئي آهي. سڄي ڪپڙي تي ڪانه بي. مون کيس تابوت ۾ رکي ڇڏيو آهي.“

وانگ لنگ ڪنهن ٻئي مائهوءَ جو سوچڻ لڳو. جيڪو سندس زمين تي ڪم ڪندو هجي. کيس اهو روئڻو ڇوڪرو ياد آيو. جنهن جي ڪري حنڪ متو هو ۽ جنهن جا ڏند هيٺئين چپ کان ٻاهر نڪتل هئا:

”نيڪ آ، هن ويچاري کي ته اها خبر ڪانه هئي ته ڪٿنس ٿيو ڇا هو. اهو به ٻئي ڪنهن جهڙو سٺو آهي. رڳو ان لاءِ ئي سوچي سگهجي ٿو.“

هن ڇوڪري کي پاڻ وٽ گهرايو. هو جڏهن آيو ته ڏٺائين ته هاڻي اهو پورو مرد بڻجي چڪو هو. پر ڇاڻ ڏٺائين ته ڪهڙو هو ۽ ڏند به اڄ ڏٺائين اڳي وانگر ٻاهر نڪتل هئس. وچ واريءَ ڏکيءَ تي ويهي، پنهنجي جٽن کي پنهنجي سامهون ٿيس ٿيڻ لاءِ حڪم ڏيڻ جي آرزو وانگ لنگ جي دل ۾. ڪهڻي سالن کان هئي. هن دل ۾ چيو ته انهيءَ ڳالهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٻانهن بہ ٻُڌي ذائقو چکي چڪو هو.

"اڇها هيءَ چوکري، تنهنجي مرضي هجي تہ هائي هيءَ تنهنجي ٿي. منهنجي سوٽ کان سواءِ ٻيو ڪير هن کي سجائي بہ ڪونہ."

چوکري سڪر گذاريءَ سان چوکريءَ کي قبول ڪيو. چاڪاڻ تہ اها صحتمند ۽ سياءَ جي سٺي هئي ۽ ٻانهن داڍو غريب هو ۽ ان کان سواءِ شادي بہ ڪونہ ڪري سگهي ها.

وانگ لنگ اسڻ تان هيٺ لٿو. ڪيس ايئن محسوس ٿيو. تہ هائي سندس زندگيءَ جي تڪميل ٿي ويئي هئي. زندگيءَ ۾ هن جيڪي ڪم بہ ڪرڻ جي خواهش ڪئي. سي سڀ ڪري چڪو هو. ٻانهن اڄان بہ وڌيڪ. جن جو هن خواب بہ مس لڌو هوندو. هن کي ٻانهن بہ خبر ڪانہ هئي تہ اهو سڀ ڪجهہ ٿيو ڪيئن. هائي هن کي محسوس ٿيو. تہ ڪيس سڪون ملڻ کپي. هائي ٻانهن ڪليءَ اس ۾ آرام ڪري سگهندو. هائي تہ آرام ڪرڻ جو وقت بہ هوس. پنجهٺ سالن جي ڄمار جو ٿي ويو هو. سندس اوسي پاسي موجود پوٽا ۽ پوٽيون ائين لڳندا هئا. جهڙا ننڍڙا پوٽا. وڏي پٽ کي ٻہ پٽ هئا. جن مان وڏي ۾ وڏو اڄي ڏهن سن جو ٿيو هو. ٻہ پٽ وچ کي هئا. ننڍو پٽ بہ هڪري ڏينهن ٽرڻجي ويندو. ان کان سوءِ ڪم پورو. زندگيءَ ۾ ان کان پوءِ ٻي ڪا بہ اون جهڙي ڳالهہ ڪانہ رهندي ۽ ڪيس آرام اچي ويندو.

پر اڄان بہ سڪون خيرڪو هوس. لڳو ٿي تہ سپاهين جو اچڻ ايئن هو جهڙو ڏينهن جو ولر آيو هو. جيڪو موٽي ويو. تہ جهڙو هر جاءِ تي زهر پکيڙي ويو هجي. وڏي پٽ جي زال ۽ وچ جي زال جيسنائين هڪ گهر ۾ گڏ رهنديون هيون. تيستين هڪ ٻئي سان داڍي لڳندي هين. ٻنهي کي هائي هڪ ٻئي کان داڍي ڌڪار پيدا ٿي پئي هئي. اها نفرت. سندن ننڍن ننڍن ڪيترن ئي جهيڙن مان پيدا ٿي هئي. اهڙا زنانا جهيڙا. جن ۾ ٻار ٻانهن ۾ راند بہ پيا ڪندا هئا تہ ٿوري گهٽي تان پيا. ڪڏن ۽ ٻلن وانگر هڪ ٻئي سان وڙهندا بہ هئا. هر ماءُ پنهنجي ٻار جو پاسو ڪندي هئي ۽ ٻئي کي ڏوهاري بنائيندي ۽ پنهنجي تان نارو ڪري ويندي هئي. هر جهيڙي ۾ سندس پنهنجو ٻار سدائين بي ڏوهي هوندو هو. ايئن ٻئي عورتون هڪ ٻئي ملن ڪئيون ٿي پيون.

جنهن ڏينهن وانگ لنگ جي سوٽ شهري زال جي ساراهہ ڪئي ۽ ٻوناڻي زال تي ٽون ڪيون. ان ڏينهن اهڙو ڪم ٿيو. جيڪو وساري ئي ڪونہ سگهبو.

هڪ ڏينهن وڏي زال ڏيرياڻيءَ وٽان اچي لنگهي. تہ ان جي دو. ڪنڌ آڪڙ ۾ مٿي ڪري مڙس کي چيائين.

"ڪيڏي نه خراب ڳالهه آهي. ته گهر ۾ واترادي ۽ منهن چڙهي عورت هجي. پوءِ ماڻهو حق تي منهن جڙهي ڳاڙهي گوشت جي ڇپ ٿا چونس."

وجت جي زال به دير ڪانه ڪئي ۽ نهه پهه زور سان ورندي ڏنائين. "ڏيرياڻيءَ کي تو ساڙ ٿئي. جو ماڻهو ڪيس پاروني ميچيءَ جي ڳپي ٿا سڏين."

ايئن ٻئي ياڻ ۾ ڪاوڙجي پيون ۽ نفرت منجهان هڪ ٻئي ڏي ڳاڙهيون اکيون ڪري ڏسنديون هيون. جيتوڻيڪ وڏي. جنهن کي پنهنجي حق تي هئڻ جي پڪ هئي. سا فقط خاموش ورتاءُ ڪندي هئي ۽ نفرت منجهان پيءُ جي وجود کي نظر انداز ڪري ڇڏيندي هئي. پر جڏهن سندس يار گهر کان ٻاهر ويندا هئا. ته انهن کي زور سان سڏ ڪري چوندي هئي.

"آئون جوان ٿي. ته انهن ڪتن پارن کان پري رهجو."

اها ڳالهه هوءَ ڏيرياڻيءَ کي ڏسي پوءِ ڪندي هئي. جيڪا سامهون پنهنجي اڱڻ ۾ ويٺي هوندي هئي. اها وري پنهنجي ٻارن کي سڏي چوندي هئي.

"انهن نانگن سان راند نه ڪيڏجو. ته ڏنگي نه وجهنوَ."

ايئن ٻنهي جي نفرت وڌندي رهي. ڳالهه وڌيڪ خراب ٿي ويئي جو ٻنهي ڀائرن جو به هڪ ٻئي سان پيار خيرڪو هو. وڏي ڀاءُ کي سدائين اهو خوف هوندو هو. ته سندس زال جي نظرن ۾ مٽان سندس ۽ سندس خاندان جي حيثيت گهٽجي ويجي. جيڪا شهر جي عورت هئي ۽ نسلي طور ڪائنس معتبر هئي ۽ ننڍي کي وري اهو ڊپ هوندو هو. ته مٽانڻ وڏي ڀاءُ جا خرچ ملڪيت جي ورهائجڻ کان اڳ ئي سندن ورنو تباهه ڪري ڇڏين. وڏي لاءِ ته اها به شرم جهڙي ڳالهه هوندي هئي. ته ننڍي کي پيءُ جي سڄي ملڪيت جي خبر هوندي هئي. اها به ڄاڻ هوندي هئس. ته رقم ڪٿي ٿي -ٰرچ ٿئي. تنهن کان سواءِ سمورو پئسو ڏوڪڙ به هن جي هٿن ۾ هوندو هو. هن کي پئسي جي اهميت جي خبر هئي ۽ وڏي کي اها به خبر ڪانه هئي. پار وانگر پيءُ جي آڏو وڃي هن کان خرچ لاءِ پئسا گهرڻا پوندا هئس. ان ڪري جڏهن ٻنهي زالن ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڌڪار پيدا ٿي. ته اها مردن تائين به رسي ويئي. ٻنهي جي گهرن ۾ ڪاوڙ ڀري ٻئي هوندي هئي. وانگ لنگ وتندو هو تڙپندو جو گهر ۾ سک ئي ڪونه هو.

جنهن ڏينهن هن سونس کان پانهيءَ کي بچايو هو. ان ڏينهن کان ڪنول چوڪريءَ ۾ شڪجي پئي هئي ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ هن لاءِ مصيبت ڪٿي پيدا ڪئي هئائين. جيتوڻيڪ سارو ڏينهن ويچاري غلامن وانگي ماٺ ڪريو سندس اکين آڏو موجود رهندي هئي. حلم ڀري ڏيندي هيس ۽ هر ڪم ڪندي هئي. رات جو ڪنول ننڊ نه اچڻ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪايت ڪندي هئي. ته اُتي زور ڏيندي هيس ۽ بدن تي ٺاڪور ڪندي هيس. تڏهن به ڪنول کي اطمينان ڪونه آيو.

ڪيس ڇوڪريءَ سان ڏاڍو ساڙ ٿي پيو. جڏهن به وانگ لنگ اندر ايندو هو ته ڪيس ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي هئي ۽ وانگ لنگ تي الزام هڻندي هئي. ته تون ڇوڪريءَ کي گهورين ٿو. وانگ لنگ کي ڇوڪريءَ جي اون ئي ڪانه هوندي هئي. رڳو اينري ته ويچاري ٻار آهي ۽ ڊڄي ٿي. سندس سار سنڀال به ائين ڪندو هو. جيئن ڌيءَ جي. پر جڏهن ڪنول ڪيس بهتان ڏنو. ته هن به سوچيو ته ڇوڪريءَ کي ڏسي ته سهي! پوءِ ڏنائين ته ڳالهه ته صحيح هئي. ڇوڪري سچ پچ ڏاڍي سهڻي هئي. زردي جهڙو ناسپاتيءَ جو گونچ. اهو ڏسي. ڏهن سالن کان به وڌيڪ عرصي کان پوءِ ڪا شئي سندس پوڙهي رت ۾ سرڻ لڳي. هن ڪلي ڪنول کي چيو. ”تون ڇا ٿي سمجهين ته اجان به آئون ايڏو سهوتي آهيان؟ سال ۾ ٿي پيرا به تو وٽ ڪونه اچان.“ پر ته به ڇوڪريءَ کي ڏسندو رهيو ۽ سچو لرزي ويو.

ڪنول کي زال ۽ مرد جي رشتي کان سواءِ ڪنهن به ڳالهه جي خبر ڪانه هوندي هئي. هن اهائي ڳالهه سکي هئي. هن کي خبر هئي ته مرد جڏهن پوڙها ٿيندا آهن. تڏهن وري منجهن جواني ڪر موڙي جاڳي پوندي آهي. ان ڪري هوءَ ڇوڪريءَ تي چڙي پئي ۽ چيائين. ته چانهه خاني وارن کي وڪڻي ڏي. پر ڪيس پنهنجي آسائش جي به اون هوندي هئي. ڪڪو ته صفا پوڙهي ۽ سست ٿي ويئي هئي. ۽ ڇوڪري ڏاڍي ڦڙت هوندي هئي. سچو ڏينهن ڪنول جي اڳيان پويان پئي ٿيندي هئي ۽ سندس لفظ ڪڇڻ کان اڳي ئي مالڪياڻيءَ جي گهرج کي سمجهي ويندي هئي. ڪنول کي ساٿس گڏ رهڻ کان سخت بچاءُ هوندي هئي. ان هوندي به هن سان گڏ پئي زندگيءَ گذاريندي هئي ۽ انهيءَ عجيب و غريب ڦدي کان وڌيڪ ڪيس پنهنجي بي آراميءَ تي چڙ ايندي هئي. انهن ڏينهن ۾ وانگ لنگ ڏينهن جا ڏينهن سنديس ڪمري کان پري رهندو هو. ڇاڪاڻ ته سنديس چڙ ڏاڍي خراب هوندي هئي. هن دل ۾ سوچيو ته ٻاٿي ڪاوڙ لهي وينديس. پر انهيءَ وچ ۾ هو ڇوڪريءَ بابت به سوچيندو رهندو هو. جنهن ڳالهه جي ڪيس به پڪ ڪانه هئي.

ها هڪڙي زالن واري مصيبت ٿي گهر ۾ ڪافي ڪانه هئي. ننڍو پٽ به گهر ۾ وينو هو. جيڪو سچو ڏينهن ڪتابن ۾ لڳو پيو هوندو هو ۽ طبيعت جو ايڏو ته ماٺيڻو هوندو هو. جو ڪنهن کي به سندس خيال ڪونه ايندو هو. نوجوان کي پاڪر ۾ ڪتاب هوندا هئا ۽ پنيان ڪتي وانگر پوڙهو ماستر لڳل هوندو هوس.

پر جڏهن سپاهي گهر ۾ رهيل هئا. تڏهن هيءَ ڇوڪر انهن سان گڏ رهندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کان جنگ ء مال غنيمت جا قصا ٻڌندو هو. لفظ بہ ڪجهندو ڪونہ هو ء رڳو وات پٽيو وينو ٻڌندو هو. ٻوء هن ٻنهجي استاد کان ناول. جنگ جي ڪهاڻين. ٽن بادشاهن ء اڳاٽي زماني ۾ سيوي ڏنيڻ تي رهڻ وارن ڏاڙيلن جي قصن جا ڪتاب ورتا ء سندس ذهن ۾ سپنا ڦٽي پيا.

هو ٻيء وٽ آيو ء چائين.

"مون سمجهي ورتو آهي. تہ مون کي ڇا ٿيٺو آهي. آئون سپاهي ٿيندس ء جنگ تي ويندس."

وانگ لنگ اها ڳالهہ ٻڌندي ئي پريشان ٿي ويو. دل ۾ سوچيائين تہ اها تہ صفا خراب ڳالهہ ٿي. اهڙي ڳالهہ اڳي تہ ڪڏهن ڪانہ ٿي. هن پٽ کي هڪل سان چيو.

"اها وري ڪهڙي چرپائي اهي! مون کي ٻس مان سک ڪدهن بہ ڪونہ ملندو."

هن ڏٺو تہ ڇوڪر جا ڳهانا ء ڪارا ڀرون ٻاڻ ۾ ملي ويا. وانگ لنگ نرميء سان ڇوڪر کي سمجهائڻ لڳو. "ٻرا! ٻراڻي زماني جي ڇوڻي آهي. تہ ٻئي لوهہ مان نال نہ ٺاهجي ء سٺي مائهوء کي سپاهي نہ ٿيڻ گهرجي. تون منهنجو ٺنڍڙو ٻٽ. سيني ۾ سنو اهين. تون الائي ڪٿي ڪنٿي جنگ ۾ ڌڪا کائيندي ٻوء مون کي ڪيئن ٻلا آرام ايندو." ٻر ڇوڪر ٻنهجي ڳالهہ تي ٻيٺو رهيو. هن ٻيء ڏي ڏسي ڪارا ڇپر هيٺ جهڪائي رڳو اينترو چيو.

"آئون ويندس."

وانگ لنگ ڇوڪر کي دلاسا ڏيڻ لڳو. چيائين.

"تنهنجي ٻلا مرضي هجي تہ ٻلي اسڪول وڃ. آئون توکي ڏکڻ جي ڪنهن وڏي اسڪول ۾ موڪلي ڏيندس. ڪنهن ڏيساور جي اسڪول ۾. تہ جيئن نيون نيون ڳالهيون سکي سگهين. تون سپاهي نہ ٿين. تہ ٻوء جتي بہ تنهنجي مرضي هجي. اتي وڃي ٻڙهہ. مون جهڙي ٻئسي واري مائهوء لاء اها ڳالهہ بي عزتي جهڙي آهي. تہ هن جو ٻٽ وڃي سپاهي ٿئي." ڏنائين تہ ڇوڪر اڃا بہ ماٺ هو تہ وري بہ ڪيس ٻريائڻ لڳو. "ٻلا ٻنهنجي ٻوڙهي بابا کي ٻڌاءِ تہ سهي، تہ تون سپاهي ڇو ٿو ٿيڻ گهرين؟"

ڇوڪر اوچتو ئي ڦاٽ کاڌو ء ڪارن ڀرن جي هيٺان سندس اکيون ٻري ويون.

"هاڻي هڪڙي جنگ ٿيڻ واري آهي. اهڙي. جنهن جي اسان ڪڏهن ڳالهہ بہ ڪانہ ٻڌي. انقلاب اچڻ وارو آهي. اهڙي جنگ ء ويڙهہ ٿيڻ واري آهي. جهڙي اڳي ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي هوندي. ٻوء اسان جي ڌرتي آزاد ٿي ويندي."

اها سڄي ڳالهہ وانگ لنگ وڏي حيرت سان ٻڌي. ٺٺهي ٻنڻ مان ڪنهن اڳي ڪيس اهڙو حيران ڪونہ ڪيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اها سچي بڪواس ڇا آهي؟ مون کي تہ خبر ئي ڪانہ ٿي پوي.“ هن حيرت مان چيو. ”پنهنجي زمين تہ اڳيئي آزاد آهي. سموري ٻلي زمين ڇتل آهي. جنهن کي بہ زمين بٽائي تي ڏني اٿئون سو پئسا ڏيندو آهي. اَن ڏيندو آهي. جيڪو تون کائيندو آهين ۽ ان منجهان ئي ڪپڙو لٽو بہ ٿو ٿئي. خبر ڪانهي تہ اجان هن کان وڌيڪ ڪهڙي آزادي آهي. جنهن جي توکي خواهش پيدا ٿي آهي.“

پر چوڪر تلخيءَ مان رڳو ايترو پڇڪو ڪيو.

”توهان سمجهي نہ ٿا سگهو. توهان پوڙها ٿي ويا آهيو. توهان کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو.“ وانگ لنگ خيال ۾ غلطان ٿي ويو. پٽ ڏي نهار ڪيائين. ڪيس نوجوان جو ڪاوڙيل چهرو نظر آيو. دل ۾ چيائين:

’مون هن چوڪر کي هر شئي ڏني، زندگيءَ ۾ هر شئي ڪيس مون ڪان ملي آهي. رڳو ان ڪري جو مون کان پوءِ زمين سنڀالڻ وارو ٻيو پٽ ڪونهي. مون هن کي لکڻ پڙهڻ جي اجازت ڏني. جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ جي ضرورت بہ ڪانہ هئي. گهر ۾ اڳ ئي بہ پڙهيل وينا هئا.‘

هن پٽ کي جاچي ڏٺو. ڏٺائين تہ هو هاڻي مرد بڻجي چڪو هو. اجان بہ جيتوڻيڪ سنهڙو هو. ٿورو شڪي ٿي ڏاڍيان پڇڪو ڪيائين. ڇاڪاڻ تہ اجان بہ ڪيس چوڪر ۾ بلوغت واري ڳالهہ نظر ڪانہ ٿي آئي.

”ٺيڪ آ. ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس هاڻي اها ضرورت هجي.“ پوءِ ٿورو زور سان پر ڏيري پٽ کي چيائين.

”سچي. هاڻي جلدي تنهنجي شادي ڪرائيندا سين.“

پر چوڪر پنهنجي ڇپرن هيٺيان. تتل اکيون کٽي پيءَ کي ڏٺو ۽ نفرت منجهان چيائين.

”تہ پوءِ آئون سچ پچ پڇي ويندس. وڏي ڀاءُ وانگر منهنجي لاءِ هر ڳالهہ جو جواب عورت ڪانهي.“

وانگ لنگ ڏٺو تہ ٻاڻ غلطيءَ تي آهي. سو تڪڙ ۾ چيائين.

”نہ. نہ.... اسين تنهنجي شادي ڪونہ ٿا ڪرايون. پر تنهنجي ڪنهن ٻانهيءَ تي مرضي هجي تہ......“

چوڪر سيني تي پنهنجون ٻانهون ٻڌي، چڙي، پر فخر سان وراڻيو.

”آئون جهڙو تهڙو نوجوان ڪونہ آهيان. منهنجا ڪي خواب آهن. مون کي ناموس جي تمنا آهي. باقي عورتون تہ هر هنڌ هونديون آهن.“ ان کان پوءِ جڻ تہ ڪيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسريل ڳالهه ياد آئي. اوچتو سندس غرور لهي ويو ۽ ہانهون ڪولي سنئين سڌي ڳالهه ڪيائين.

"اهڙيون بدصورت ٻانهيون تہ ڪٿي بہ ڪونہ هونديون جهڙيون اسان وٽ آهن. سڀني گهر ۾ ڪو حُسن ئي ڪونهي. رڳو هڪڙي آهي. زردي رنگ واري. جيڪا اندرئين گهر ۾ رهندي آهي."

وانگ لنگ سمجهي ويو تہ چوڪر 'گونج' جي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ ڪيس عجب جهڙو سانڙ وڪوڙي ويو. اوچتو ٻاڻ ڪي جهڙو هو، تنهن ڪان بہ وڌيڪ ٻوڙهو محسوس ڪرڻ لڳو. ٻوڙهو ماڻهو. ڇيلهہ ٿلهي. اڇا وار. ٻٽ تي نظر ڪيائين. ڏنائين. تہ جوان، سنهڙو. ان وقت هو ٻئي ٻيءُ ٻٽ ڪونہ رهيا، پر بہ مرد هئا. هڪڙو جوان ۽ ٻيو ٻوڙهو. وانگ لنگ ڪاوڙ مان ڇيو.

"جڳو. هائي ڇڏ ٻچر ٻانهين جي. آئون ٻنهنجي گهر ۾ رئيس زادن وارا ٻراڻا طور طريقا هلڻ ڪونہ ڏيندس. اسين ڳوناٽا صحتمند ماڻهو آهيون. اسان جا ٻنهنجا سهڻا ۽ شاناٽا رواج آهن. منهنجي گهر ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ ٿيندي."

ڇوڪر ٻوءِ ٻنهنجون اکيون ٽيون. ڪارا ڇپر مٿي ڪنيا ۽ ڪلهن کي ڏوڻي ڇيائين.

"توهان ٻاڻ ئي تہ اها ڳالهہ ڪئي." ٻوءِ هو مڙيو ۽ اتان هليو ويو.

وانگ لنگ ٻنهنجي ڪمري ۾ ميز وٽ اڪيلو وينو رهيو. ڪيس ڏاڍي اڪيلائي ۽ اداسائي محسوس ٿيڻ لڳي ۽ ٻنهنجي منهن ٻٽڪڻ لڳو.

"گهر ۾ مون لاءِ تہ ڪٿي بہ آرام ڪونهي."

هن کي ڪيترو ئي ناراضپن پريشان ڪيو هوندو. جيتوڻيڪ خود ڪيس بہ خبر ڪانہ هئي تہ ڇو. پر اڄوڪي ڇڙ مڙئي ڪيس سُنوالي هئي. جو ٻٽس جي نظر وڃي گهر ۾ زرد رنگ واري ڇوڪريءَ ۾ ڪٿي هئي ۽ هوءَ هن کي وڻي وئي هئي.

باب ٽيٽيهون

وانگ لنگ جي ننڍي پٽ جيڪا ڳالهه "گونج" بابت ڪئي، ان جو خيال سندس دل تان لٿو ئي نه ٿي. ايندي ويندي پيو ڇوڪريءَ کي جاچي ڏسندو هو ۽ ڇوڪريءَ جو انت لهڻ کان سواءِ ئي مٿس اکين ڇڪن ٿي پيو. پر ڇوڪريءَ اها ڳالهه ڪنهن سان به ڪانه ڪئي.

ساڳئي سال سياري جي شروع ۾ هڪ رات. جڏهن رات جو هوا گرمائش ۽ خوشبوءِ جي ڏنڌ جي ڪري نرم ۽ ڳوري ٿي ويئي هئي. هو اڪيلو پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ گلن سان ڳتيل املداس جي وڻ هيٺان ويٺو هو. املداس جي گلن جي تيز ۽ وتندڙ خوشبوءِ سندس ناسن ۾ ڪاهي ٿي پئي ۽ ڪنهن نوجوان جي گرم رت وانگر، هن جو رت به تيزيءَ سان گردش ڪري رهيو هو. ڏينهن جو به هن پنهنجي اها ساڳي حالت محسوس ڪئي هئي ۽ ٿنل دل سان پنيءَ تي هليو ويو هو. جتي هن پنهنجي پيرن جي هيٺان پياري ڌرتيءَ جو ڇهاءُ محسوس ڪيو. هن جتيءَ جوراب لاهي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجي سڄي وجود ۾ مٽيءَ جو ڇهاءُ محسوس ڪرڻ لڳو هو.

هو ايئن ئي ڪري ها پر ڪيس اچي ڦڪائي ٿي. ته ماڻهو ڏسي نه وٺن. جو هو هينئر گهڻي عرصي کان هاري ڪونه هو. پر شهر جو رهاڪو هو. زميندار هو. پئسي وارو هو. ان ڪري هن کي اچي گهر جي ڳتيل لڳي ۽ بي آرامي ٿي. هو اڪثر انهيءَ اڱڻ جي پر واريءَ جاءِ ۾ رهندو هو. جتي ڪنول پاڇولي ۾ ويهي تماڪ ڇڪيندي هئي. هن کي مرد جي بيچينيءَ جي هڪدم خبر پئجي ويندي هئي. سنديس اکين ۾ ڏاڍي تيزي هوندي هئي ۽ اهي ڄاڻي ونديون هيون. ته ڪهڙيءَ ڳالهه جي کوٽ آهي. تنهن ڪري هن اڪيلو رهڻ مناسب سمجهيو. هن جي نه پنهي جهيڙاڪ ننهن کي ڏسڻ تي دل ٿي نه وري پوٽن تي نظر ڪيائين. جن ۾ سندس ساهه هوندو هو.

ڏينهن ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو ۽ آهستي آهستي پئي لٿو. سندس شريانين ۾ رت تيزي سان گردش پئي ڪئي. هن کان ننڍو پٽ وسري ڪين سگهيو. ڪيئن نه اهو سنئين ڪانيءَ وارو ڏکيو مڙس سندس اڳيان بيٺو هو! ڇهري تي جوانيءَ جي رونق. ڪارا، گهاٽا ۽ جاڙا ڀرون. هو ڇوڪريءَ کي به دل تان لاهي نه سگهيو. دل ۾ چيائين.

"سمجهان ٿو ته پئي هڪڙي جمار جا آهن. ڇوڪرو ڀڪ سان ارڙهن سالن جو هوندو ۽ ڇوڪري به ارڙهن کان مٿي ڪانه هوندي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هن کي ياد آيو، تہ خود پاڻ بہ ٽورن ٽي ورهين ۾ ستر سالن جي چمار جو ٽي ويندو ۽ خون جي انهيءَ ايام جي ڪري ڪيس شرم اچڻ لڳو. هن سوچيو تہ،

'سنو اهو ٿيندو تہ ڇوڪري، ڇوڪري جي حوالي ڪئي ويجي.' اها ڳالهہ هن هر هر پاڻ سان ڪئي. ان ڳالهہ ڪرڻ سان هر پيري سندس قتيل گوشت ۾ جڻ تہ ڪا سُئي چيبو ٽي ويئي ۽ هو انهيءَ چيڪات ۽ ڏک کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو. اهڙيءَ طرح سندس اڪيلائيءَ وارو اهو ڏکهو ڏينهن مس مس پورو ٿيو.

رات آئي تہ بہ هو اجان تائين اڪيلو ئي اڪيلو اگڻ ۾ وينو هو. سڄي گهر ۾ اهڙو ڪير بہ ڪونہ هو، جنهن کي دوست چائي وڃي سائنس اندر اوري. رات جو هوا ڳوري ۽ املداس جي گنن جي سڳند ۾ وسيل گهلندي رهي.

هو گهر جي اگڻ ۾ اڪيلو وينو هو، تہ اگڻ جي دروازي تي بيٺل وڻ هيٺان ڪو اچي لانگهائو ٿيو. هن تڪڙ ۾ ڏٺو تہ اها 'گونج' هئي.

"گونج"! هن ڇوڪريءَ کي سڏ ڪيو. سندس آواز مس ڪنهن پٽڪي وانگر نڪتو.

اوچتو ڇوڪري ٻيهي رهي ۽ ڪنڌ جهڪائي ٻڌڻ لڳي.

هن وري ڳالهايو. مس مس سندس آواز نڙيءَ مان نڪتو.

"هيڏانهن، مون ڏي اچ!"

اهو ٻڌي، هوءَ ڏڄي ڏڄي، دروازي وٽان سرڪي اچي سندس آڏو بيهي رهي. اونداهہ جي ڪري هو مس ئي ڏسي سگهيو. هن ڇوڪريءَ جو وجود اتي محسوس ڪيو ۽ ڇوڪريءَ جو پهراڻ جهلي، گهٽيل آواز ۾ چيائين.

"ڇوڪري!"

اهو لفظ چئي ڪٿي مات ڪيائين. دل ۾ چيائين تہ آئون تہ پوڙهو ٿي ويو آهيان ۽ پوٽن ۽ پوٽين واري ماڻهوءَ لاءِ هن عمر جي ڇوڪريءَ کي ويجهو وجڻ وڏي شرم جي ڳالهہ آهي. ۽ پوءِ ڇوڪريءَ جي پهراڻ کي مروڙڻ لڳو.

اتي بيٺي بيٺي ڇوڪريءَ کي هن جي بدن جي گرمي محسوس ٿيڻ لڳي. هوءَ سڙڻ لڳي، نيٺ ڪري پئي، جيئن ڪو گل ڏانڊيءَ مان ڪومائجي زمين تي ڪري پوندو آهي. هوءَ پنهنجون ننڍون ننڍڙيون ڪريو اتي ليٽي پئي. وانگ لنگ هوريان هوريان چيو.

"ڇوڪري! آئون پوڙهو آهيان، صفا پوڙهو."

ڇوڪريءَ ڳالهايو. اونداهہ مان سنديس آواز ايئن اچڻ لڳو جڻ املداس جو سڳند.

”موڻ کي پوڙها وڻندا آهن. پوڙها ڏاڍا سباجهڙا ٿيندا آهن.“

وانگ لنگ ٿورو مٿانهس جهڪيو ۽ نرميءَ سان چيائينس.

”تو جهڙي دوشيزه لاءِ تہ ڪو ڪڙو تڙو قداور نوجوان هئڻ گهرجي. تو جيڏو ئي ننڍو ۽ جوان.“ ۽ دل ۾ چيائين، ’منهنجي پٽ جهڙو.‘ پر اها ڳالهہ هو ڏاڍيان چئي ڪونہ سگهيو. متان ڇوڪريءَ جي دل ۾ بہ اهو ساڳيو خيال پيدا ٿي پوي ۽ پاڻ اها ڳالهہ برداشت ڪري ڪونہ سگهندو. پر ايترو چيائين.

”نوجوان رحمدل نہ هوندا آهن. اهي فقط خوفناڪ هوندا آهن.“ پنهنجي پيرن مان ڇوڪريءَ جو سنهڙو ٻاراڻو آواز ايرندي ٻڌي هن جي دل ۾ دوشيزه لاءِ پيار جي هڪ اوچي لهر ايري آئي. هن ڇوڪريءَ جو هٿ جهلي کيس آهستي آهستي اٿاريو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو.

جڏهن اهو معاملو ٿي ويو، تہ ان ڇمار جي پيار سندس اڳ جي سيني عياشين کان کيس وڌيڪ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو؛ ڇاڪاڻ تہ پنهنجي ايڏي محبت جي هوندي بہ هو ڇوڪريءَ تي اهڙيءَ طرح غالب اچي ڪونہ سگهيو. جيئن اڳي وارين تي اچي ويندو هو. جن سان سندس واسطو پيو هو.

هن ڇوڪريءَ کي ڀاڪر وڌو ۽ پنهنجي پوڙهي بدن سان هن جي نفيس جوانيءَ جي ڇهاءُ کي محسوس ڪري کيس ڏاڍو اطمينان ٿيو. ڏينهن جو هو رڳو ڇوڪريءَ جو منهن ڏسي يا سندس پهراڻ کي ڇهي، پيو خوش ٿيندو هو ۽ رات جو کيس پنهنجي پرسان سنل ڏسي فرحت پيو محسوس ڪندو هو. هن کي پنهنجي پوڙهپڻ جي ان عشق تي ڏاڍو عجب لڳو. جنهن ۾ ايڏو جوش هو ۽ آسانيءَ سان مطمئن ٿي ويندو هو.

جيتري قدر ڇوڪريءَ جو سوال هو، تہ اها ڄڻ تہ صفا بي حس هوندي هئي. هوءَ هن کي پيءُ سمجهي چنبڙي پئي هوندي هئي. پر وانگ لنگ لاءِ هوءَ اجان بہ اڌ ٻار هئي جيڪا مَس مَس عورت ٿي هئي.

وانگ لنگ اهو ڪم تہ ڪيو، پر ان جي ڳالهہ تڪڙي ٻاهر ڪانہ نڪتي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪنهن سان بہ ڳالهہ ڪانہ ڪئي ۽ ڪري بہ ڇو؟ پاڻ گهر جو مالڪ مختيار هو. پر ان جي ڪڙڪ سڀ کان پهرين ڪڪو کي پئجي ويئي. هن آڌيءَ رات جو ڇوڪريءَ کي وانگ لنگ جي ڪمري مان ٻاهر نڪرندي ڏسي ورتو هو. هن ڇوڪريءَ کي وچي جهليو ۽ ڪل نڪري ويس. سنديس پوڙهي ٻاڙ جهرڙيون اکيون چمڪڻ لڳيون.

”واهہ. واهہ! چئبو تہ وڏو رئيس وري شروع ٿي ويو آهي.“

وانگ لنگ پنهنجي ڪمري ۾ ٿي اها ڳالهہ ٻڌي ورتي ۽ ڇوغو اوڏي تڪڙو

تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. ٿورو ڊپ ۽ ٿورو ڦڪائيءَ سان مرڪڻ لڳو. پوءِ پڇڪندي چيائين،

"مون ته چيومانس ته ڪو سٺو نوجوان ڇوڪرو هٿ ڪر. پر هن اڃا پوڙهو هٿ ڪيو."

"سٺو آهي ته مالڪياڻيءَ کي ڳالهه ٻڌائي ڇڏجي." ڪڪو چيو ۽ سندس اکيون ساڙ وچان چمڪڻ لڳيون.

"مون کي پاڻ ئي خبر ڪانهي ته اهو ڪم ٿيو ڪيئن!" وانگ لنگ جهيڻي آواز ۾ چيو." منهنجي مرضي ڪانه هئي ته گهر ۾ اجان به ٻي عورت رکان. پاڻهي ڪم ٿي ويو. "پوءِ جڏهن ڪڪو چيو. ته "نيڪ آهي. مالڪياڻيءَ کي ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي." ته وانگ لنگ، جنهن کي هر شئي کان وڏيڪ ڪنول جي ڪاوڙ کان خوف ٿيندو هو. سو ڪڪو کي منتون ڪرڻ لڳو ۽ چيائينس، "تون هن کي ٻڌائين ته ٻڌائي به سگهين ٿي، پر جي اها ڳالهه هن کي مون تي ڪاوڙائڻ کان سواءِ ناهي وڃين، ته پوءِ توکي خرچي ڪرائبي."

ڪڪو ڪلندي رهي ۽ ڪنڌ لوڏي واعدو ڪيائين. وانگ لنگ واپس پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ ايستائين ٻاهر ڪونه آيو جيستائين ڪڪو موٽي آئي.

"نيڪ آهي. آئون ٻڌائي آئي آهيانس. ڏاڍي ڪاوڙجي پئي. پر پوءِ مون ڪيس ياد ڏياريو ته ڪيس ڪهڙي شئي تي ڪپي. گهٽي وقت کان گهڙيال جي سڌ اٿس. توهان ان جو واعدو به ڪيو هوس. هيري واري منڊي به ڪپيس. پاڻ به ڪپنس، ته جيئن پنهي هٿن ۾ پهري سگهي. ۽ هڪڙي ٻي به گهر ڪئي اٿس. پانهيءَ جي. جيڪا هن ڇوڪريءَ جي جاءِ وٺي سگهي ۽ جوي ٿي. ته اڳتي 'گونج' سنديس اکين آڏو نه اچي. اوهان تڪڙا ٿي سنديس آڏو نه وڃجو. جوي ٿي ته اوهان کي ڏسندي ته ڪاوڙجي پوندي."

وانگ لنگ به وڏي جوش سان واعدو ڪيو.

"جنهن به شئي جي مرضي هجيس سا وٺي. آئون ڪنهن شئي تان ڪونه ٿو جهليانس." ان ڳالهه تي به هو ڏاڍو خوش ٿيو. ته هاڻي جلدي ڪيس ڪنول سان ملڻ جي به ضرورت ڪانه هئي. جيستائين وچي ڪنول جون خواهشون پوريون ٿين ۽ سندس ڪاوڙ لهي.

اجان به سندس ٿي پت باقي هئا. ڪيس انهن جي آڏو پنهنجي ڪبي تي عجيب قسم جي شرمساري ٿيندي هئي. پاڻ کي ور ور ڏيئي ڏڍ ڏيڻ لڳو.

چا آئون پنهنجي گهر جو به مالڪ نه آهيان ۽ چا آئون پنهنجي پئسن سان

خريد ڪيل. پنهنجي ٻانهيءَ سان ٻه سمهي نه ٿو سگهان؟

پر ڪيس اجان به حيا ٿيندو هو. ان ڪان سواءِ اڌو ڳابرو فخر به ٿيندو هوس جيئن ڪنهن اهڙي مائهوءَ کي ٿيندو آهي. جيڪو ٻانڻ کي عاشق سمجهندو هجي پر ٻين لاءِ فقط ڏاڏو هجي. بهرحال هو گهر ۾ ويهي ٻنن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

اهي ڏار ڏار، هڪ هڪ ڪري وٺس آيا. بهريائين وچت آيو ۽ اچي زمين جون، فصل لهڻ جون ۽ سياري جي سوڪڙ جون ڳالهيون ڪيائين. سوڪڙ جي ڪري ان سال فصل ٿن حصن ۾ ورهائڻو هو. پر انهن ڏينهن ۾ وانگ لنگ کي مينهن يا سوڪڙ وغيره جو خيال ئي ڪونه هوندو هو. چاڪاڻ ته ان سال جي فصل مان ٿورو اچي ها ته اڳئين سال جي فصل مان ڪوڙ ساري چاندي بچت پئي هئي؛ سچو گهر چانديءَ سان پريو پيو هو. اجان آن واري مارڪيٽ وارن وٽ به سندس پئسو بچت ۾ پيو هو. جيڪا رقم سندس هيءَ پٽ اوڳاڙيندو هو. سا به ڳري وياج تي قرض ڏئي ڇڏي هئائين. هن ڏنو به ڪونه ته ٻنيءَ جي مٽان بيٺل اپ ڪيئن آهي.

پر سندس وچت اجان به پئي ڳالهيون ڪيون ۽ ڳالهائڻ وقت هو پنهنجي اکين سان بند ٿيل ۽ پردا چڙهيل ڪمرا به جاچيندو رهيو. وانگ لنگ سمجهي ويو. ته چوڪر. چوڪريءَ کي ڏسڻ ٿو چاهي. ته جيڪا ڳالهه ٻڌي انس سا سچي آهي يا نه. ان ڪري وانگ لنگ "گونج" کي. جيڪا سمهڻ واري ڪمري ۾ لڪي ويٺي هئي. ٻانڻ وٽ سڏ ڪيو.

"مون لاءِ چانهه ڪٽي اچ ۽ پٽ لاءِ به."

هوءَ ٻاهر نڪتي. سنديس لسو چهرو گلابي هو جهڙو شفتالو. هوءَ ڪنڌ جهڪايو. پنهنجي نازڪ پيرن سان ننڍيون وکون ڪنندي. خاموشيءَ سان اتي آئي. وچت پٽ کيس جاچي ڏسڻ لڳو. جڻ ته هن جيڪي ٻڌو هو. تنهن تي اجان به کيس اعتبار نه ٿي آيو.

هن اکر به ڪونه ڪڇيو. فقط ايترو ته زمين هيئن يا هونئن آهي. يا فلاڻي يا فلاڻي هاريءَ کي سال جي ڀڃاڙيءَ جو ڪڍي ڇڏجي. ان ڪري ته آفيم ڇڪيندو آهي ۽ جيترو فصل هئڻ گهرجي اوترو ڪونه ٿو اپائي. وانگ لنگ پٽ کان ٻارن جو پڇيو. جنهن ٻڌايس ته ٻارن کي کنگهه ٿي پئي آهي. پر هاڻي جيئن ته موسم گرم ٿي ويئي آهي ان ڪري ڇڏي وئي اٿن.

پئي چانهه به پيندا رهيا ۽ ڪچهري به پئي ڪيائون. وچت پٽ جيڪي ڏٺو سا ڳالهه دل ۾ رکيائين ۽ هليو ويو. وانگ لنگ کي مس وڃي ان ملڻ مان ڇوٽڪارو مليو.

ساڳئي ڏينهن پنيهرن ختم ٿيڻ کان اڳي وڏو پٽ هن وٽ آيو. اهو پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀرپور جوانيءَ جي ڪري خوبصورت، مغرور ۽ دراز قد پئي لڳو. وانگ لنگ کي سندس غرور کان خوف اچي ٿيو. پهريائين ياڻ 'گونج' کي سڏ به ڪونه ڪيائين، پر رڳو ويٺي ٻونگري ڇڪيائين. وڏو پٽ پنهنجي غرور ۽ مان ۾ مگن اتي وينو هو. نيٺ وڏي ادب سان پيءُ کان صحت ۽ چڱڀلائيءَ جو پڇيائين. وانگ لنگ تڙ تڪڙ ۾ وراڻيو ته ٺيڪ آهيان، پر پوءِ جيئن پٽ تي نظر پيس ته سندس سجو ڏپ لهي ويو.

چاڪاڻ ته کيس خبر هئي، ته پٽس هو قداور مڙس، پر شهري زال کان ڏاڍو ڏڄندو هو. گهڻو ڏپ کيس رڳو رئيساڻي گهر ۾ جنم نه وٺڻ ڪري ٿيندو هو. وانگ لنگ ۾ زمين جي ٻل جي جيڪا تمام گهڻائي هئي ۽ جنهن جي خود کيس به ڄاڻ نه هئي، اها ڀڙڪو کائي ٻاهر نڪتي ۽ هو وري پنهنجي وڏي پٽ کان اڳي جيان بيپرواهه ٿي ويو ۽ هن جي نهار جي ڪاڻ ئي نه ڪيائين. اوچتو هن گونج کي سڏ ڪيو.

"ڇوڪري! منهنجي ٻئي پٽ کي به چانهه ڏي!"

هوءَ هن ڀيري به چپ چاپ اندر آئي، سنديس چهرو سنديس نالي واري گل جهڙو اچو هو. سنديس اکيون جهڪيل هيون ۽ رفتار سانتيڪي. کيس جيڪي چيو ويو فقط اهو ڪم ڪيائين ۽ وري تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪري ويئي.

جنهن وقت ڇوڪريءَ چانهه پئي اوتي، ان وقت ٻئي همراهه ماٺ ڪيو وينا هئا. پر جيئن ڏيءُ مهل هوءَ هلي ويئي، ته ٻنهي پنهنجا پيالا کنيان. وانگ لنگ غور سان پٽ جي اکين ۾ جاچي ڏٺو. کيس انهن ۾ تعريفي جهلڪ جتي نظر آئي. ٻنهي جڻن چانهه پيتي ۽ آخرڪار پٽس ٻگوري ۽ عجيب آواز ۾ چيو،

"مون کي ته اعتبار ئي ڪونه ٿو اچي ته ڳالهه ائين هوندي."

"ڇو؟" وانگ لنگ اطمينان سان چيو. "منهنجو پنهنجو گهر آهي."

پٽس ٿڌو ساهه کنيون ۽ ٿورو رکي چيائين،

"اوهان ٻئي وارا آهيو. جيئن وڻوَ تيئن ڪريو."

هن وري ٿڌو ساهه کنيون ۽ چيائين، "ٺيڪ آ. آئون سمجهان ٿو ته سدائين هڪڙيءَ مان مرد جي پورائي ڪانه ٿي ٿئي. اهڙو وقت به اچيو وڃي...." هن ڦاٽ ڪاڏو. پر سندس نهار ۾ اهڙي ماڻهوءَ جي جهلڪ هئي. جنهن کي نه چاهيندي به ٻئي ماڻهوءَ سان ساڙ ٿيندو هجي. وانگ لنگ پٽ کي ڏسي پنهنجي منهن کلڻ لڳو. چاڪاڻ ته کيس پٽ جي آتشي سڀاءَ جي چڱيءَ ريت پروڙ هئي. ۽ اها به ته شهري ڪا سچي چمار کيس لغام ڪانه چاڙهيو ويٺي هوندي. نيٺ هڪڙي ڏينهن همراهه ظاهر ٿي پوندو.

وڏي پٽ بي ڪا به ڳالهه ڪانه ڪئي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا نئين ڳالهه

سڀ ڪـان وڏيڪ اهم اهو سک ۽ آرام هو. جنهن جي ڪيس ضـرورت هئي. هاڻي هن جي خواهش بـ رڳو اها هئي. تـ پنهنجي حـويليءَ جي ان حصي ۾ پاڻ هن پن ڇٽين جي ويجهو وينو هجي.

اهڙيءَ طرح وانگ لنگ وينو رهيو ۽ روز بـ روز ۽ سال بـ سال هن جي عمر وڌي تـيندي ويئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پيءُ جيان هو بـ اُس ۾ وجي سـمهندو هو ۽ پاڻ کي اهوئي چوندو هو. تـ منهنجي جيڪا حياتي گذري ويئي آهي ان مان مون کي آسائش ئي ملي آهي.

ڪنهن ڪنهن وقت پر ورلي، هو حـويليءَ جي ٻين حـصن ۾ بـ ويندو هو ۽ ڪڏهن پر گهـٽي وقت ڪان پوءِ هو ڪنول وٽ ويندو هو. جنهن ڪڏهن بـ ان ٻانهيءَ جي باري ۾ ڪائونس ڪي بـ نـ پڇيو. پر مرڳو هوءَ سندس گهٽي آجيان ڪندي هئي. هوءَ پاڻ بـ تـ هاڻي ڪراڙي ٿي ويئي هئي ۽ پنهنجي پسند جي ڪاڌن پيتن ملڻ جي ڪري ۽ جيـڪا چاندي طلب ڪندي هئي ان جي حاصل ٿيڻ سبب، خوش ۽ آسودي هئي. تمام گهڻن ورهين گذرڻ ڪـانپـوءِ هوءَ ۽ ڪڪـو هڪ مـالڪـياڻي ۽ هڪ ٻانهيءَ جي بدران، هڪ ٻئي جون سـهيليون ٿيو گڏ ويٺيون هونديون هيون. اهي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪنديون هيون ۽ اڪثر ڪري پراڻي وقت ۾ مردن سان ڪيل ڪچهرين جون اهي ڳالهيون هڪ ٻئيءَ کي سُس پُس ڪري ٻڌائينديون هيون، جيڪي وڏي آواز ۾ ڪرڻ کان لهرائينديون هيون. اهي کائينديون هيون، پيئنديون هيون ۽ سمهي رهنديون هيون ۽ وري اُٿي ڪائڻ پيڻ کان اڳ اوٻاريون لهواريون ڪنديون هيون.

وري جڏهن وانگ لنگ ڪڏهن ڇـٽي ڇماهي، پنهنجي پٽن جي رهڻ وارن ڪمرن ۾ ويندو هو. تـ اتي سندس وڏو آڏريـاءُ ڪندا هئا ۽ ڪيس ڏسندي ئي سندس لاءِ چانهـ آندي ويندي هئي. هو نئين ٻارُ کي ڏسڻ لاءِ چوندو ڇو، هو اها ڳالهـ ڪيترائي ڀيرا پڇندو هو، جو هاڻي ڪيس ويسارو وڏي ويو هو.

”پلا منهنجي پٽن جو هينئر ڪيترو اولاد آهي؟“

۽ ڪو نـهـ پهـ ورائيندو هوس،

”تنهنجي پٽن جا ڪل يارهن پٽ ۽ اَٺ ڌيئرون آهن“

اهو ٻڌي هو مشڪندو هو. کلندو هو ۽ چوندو هو،

”هن ۾ هر سال بَہ ٻار ٻيا شامل ڪريو. مون کي هن جي تعداد جي خبر آهي. آهي نـ؟“

پوءِ هو اتي ٿـوري دير ويـنـو پنهنجي چـوڌاري انهن ٻارن ڏانهن ڏسندو هو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ڪيس پيا چتائي نهاريندا هئا. سندس پوٽا هيٺئر ڏگها ڇوڪرا ٿي ويا هئا. هو هنن کي ڏسندو هو. هنن ڏانهن غور سان نهار ڪندو هو ۽ پنهنجي منهن ٻڏڪندو هو.

"اهو ڇوڪر ته سچو پنهنجي پڙ ڏاڏي جهڙو آهي ۽ هو ننڍڙي واپاري ليو جهڙو ڏسجي ٿو. ۽ هيءُ اهڙو آهي. جهڙو آئون جواني ۾ هوندو هوس."

وري هو هنن کان پڇندو هو.

"ڀلا اوهين اسڪول ۾ ويندا آهيو؟"

"هائو ڏاڏا." سڀئي هڪ آواز ۾ جواب ڏيندا هئا. هو وري پڇندو هو.

"ڀلا اوهين چار ڪتاب پڙهندا آهيو؟"

اهو ٻڌي اهي اُسرندڙ جوانيءَ واري صاف ڏڪار سان هن ڪراڙي شخص تي کلندي وراڻيندا هئا.

"نه ڏاڏا. انقلاب اچڻ کانپوءِ هاڻي ڪو به پار چار ڪتاب ڪونه ٿو پڙهي."

۽ هو سوچي چوندو هو.

"هائو. مون به انقلاب جي باري ۾ ٻڌو آهي. پر آئون پنهنجي حياتيءَ جي ڪمن ڪارين ۾ ايترو ته رڌل رهيو آهيان، جو منهنجو ان پاسي ڌيان ئي نه ويو آهي. منهنجي ذهن ۾ ته هر وقت زمين جو خيال هوندو هو."

انهيءَ تي ڇوڪرا بيحيائيءَ سان ٺهڪ ڏيندا هئا ۽ وانگ لنگ ننڊ اٿي ڪڙو ٿيندو هو. ڪيس لڳندو هو. ته پاڻ پنهنجي ٿي پٽن جي گهرن ۾ جڻ ته هڪ مهمان آهي.

پوءِ هو وري ڪڏهن به پٽن سان ملڻ لاءِ هنن جي گهر نه ويو. البت ڪڏهن ڪڏهن هو ڪڪو کان پڇندو هو.

"ڀلا هيترن سالن گذرڻ کانپوءِ منهنجون ننهون پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ به ٿي ويون آهن يا نه؟"

ڪڪو پٽَ تي ٿڪ اڇلائي چوندي هئي.

"اُهي مايون؟ اهي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڪير ڪنڊ آهن. جيئن ٻه ٻليون هڪ ٻئي کي ڏسنديون آهن. پر تنهنجي وڏي پٽ کي جوئس جي شڪايتن عاجز ڪري ڇڏيو آهي. ته هيءُ ڪونهي ۽ هو ڪونهي. هوءَ بيشڪ هڪ مرد جي جوڙ عورت آهي. جيڪا هر وقت اهو ئي ٻڌائيندي رهندي آهي، ته پٺس جي گهر ۾ هن چا نه ڪيو هو. هوءَ ته مرد ماڻهوءَ کي عاجز ڪيو ڇڏي. چون ٿا ته پنهين ٻي شادي ڪرڻ جا سانباها پيو ڪري. هاڻي اڪثري ڇانهه خاني ڏانهن به ويندو آهي."

"هون؟" وانگ لنگ وراڻيندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ان جي باري ۾ سوچڻ تي سندس دل ئي نہ چوندي هئي. وري جڏهن ڪيس خبر پوندي هئي. تہ پاڻ پنهنجيءَ ڇانهہ جو ئي سوچيائين. تہ لڳندو هوس تہ سندس ڪنهن تي بهار جي مند جي اوائلي هوائن جون سرد ضربون پيون لڳن.

هڪ ڀيري هن ڪڪوء کان پڇيو هو.

"منهنجي نندي پٽ جي ڪنهن کي ڪا خبر چار بہ آهي. جنهن کي ڪنهن پاسي وئي وڏو عرصو ٿي ويو آهي؟"

ڪڪوء ان جو بہ جواب ڏنو هو. چاڪاڻ تہ حويليء جي ڪا بہ ڳالهہ ڪائونس لڪل نہ هئي.

"هو تہ ڪا ڇني ڇپاتي بہ نہ ٿو لڪي. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪو ماڻهو ڏاڪڻي علائقي مان ايندو آهي. پڌو اٿم. تہ پٽهين ڪو فوجي عملدار آهي هڪ اهڙي وڏي ڪم جو جنهن کي اهي انقلاب ڪري ٿا چون. پر اهو ڇا آهي؟ مون کي ان جي ڪا بہ خبر ڪانهي. شايد ڪنهن قسم جو وڻج واپار هوندو اهو."

ء وانگ لنگ هڪ ڀيرو وري وراڻيو . "هون؟"

هو ان باري ۾ بہ ويچار ڪري ها. پر شام ٿيڻ واري هئي ۽ جڏهن سج لهندو هو تڏهن خشڪ ۽ ٿڌيءَ هوا ۾ سندس هڏن مان سورَ جون سٽون اٿنديون هيون. هاڻي هن جو ڌيان سنهنجي وس ۾ ڪونہ رهيو هو ۽ ڪنهن بہ هڪ ڳالهہ تي گهڻون وقت غور ڪري نہ سگهندو هو. هينئر هن جي ڪراڙي جسم کي ٻين شين جي بدران ڪاڏي ۽ گرم گرم ڇانهہ جي گهڻي گهرج هوندي هئي. پر جڏهن رات جو سيءَ ۾ ڏڪڻي لڳندي هئس. تہ گونج جو ڪرم ۽ جوان جسم سندس پرسان هوندو هو ۽ هو پنهنجي هنڌ ۾ هن جي گرمائش مان پنهنجي پوڙهي جسم لاء فرحت حاصل ڪندو هو.

اهڙيءَ ريت هر ڀيري جيئن پوء تيئن ڪو بہ اثر ڇڏڻ کانسواء، بهار جي مُند ايندي هئي ۽ هلي ويندي هئي. جيئن جيئنَ اهي سال گذرندا ويندا هئا. تيئن تيئن ڪيس اهو پنهنجي ويجهو ايندو محسوس ٿيندو هو. پر ان هوندي بہ اڃان تائين هڪ ڳالهہ ساڻس ڇهڻي پئي هئي ۽ اها هئي زمين سان سندس محبت. هو ان کان پري هليو ويو هو ۽ هاڻي هن جو گهر شهر ۾ هو. هو هينئر هڪ امير ماڻهو هو. پر هن جون جڙون اڃان بہ زمين ۾ کتل هيون ۽ جيتوڻيڪ ڪيترن ئي مهينن کان ڪيس ان جي ياد گيري بہ ڪين ٿيندي هئي. پر جڏهن هر سال بهار جي مُند ايندي هئي. تڏهن زمين تي وڃڻ جي ڪيس ڏاڍي ڇڪ ٿيندي هئي. پوء پلي ڪٿي پاڻ هينئر هر هلائي نہ ٿي سگهيو. يا وري ٻيو ڪو ڪم بہ نہ ٿي ڪري سگهيو. پر ڪنهن ٻئي شخص کي زمين تي هر هلائيندي ڏسي سگهيو ٿي. ان هوندي بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس اتي وڃڻ ضروري ٿي پيو هو ۽ هو زمين تي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو پاڻ سان نوڪر کي به وٺي ويندو هو ۽ پنهنجو بسترو به ساڻ کڻندو هو ۽ اتي پنهنجي پراڻي ڪچي گهر ۾ وڃي ان پراڻي هنڌ ۾ سمهندو هو. جتي هو پنهنجي ٻارن جو پيءُ ٿيو هو ۽ جتي أو-لان پنهنجا آخري پَساهه ڏنا هئا. فجر ويلي جڏهن سندس اک کلندي هئي، ته هو ٻاهر نڪري ڏڪندڙ هٿن سان ٻبد جي ٿورين اسرندڙ ٽارين ۽ شفتالو جي گونچن جي هڪ ٽاري پٽي کڻندو هو ۽ سڄو ڏينهن اهي پنهنجي هٿ ۾ جهليو وينو هوندو هو.

اهڙيءَ ريت بهار جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن هو گهمندو ڦرندو پنهنجي ٻنيءَ وٽان لانگهائو ٿيو هو ۽ هڪ ٽڪريءَ جي ويجهو پهتو هو. جنهن تي هن پنهنجي وڏن کي دفن ڪيو هو. هو پنهنجيءَ عصا تي جهڪيل هو ۽ سڄو پٽي ڏکيو. هن قبرن تي نظر ڦيرائي ۽ انهن ۾ دفن ٿيل هرهڪ کي ياد ڪيو. هينئر اهي سندس انهن پٽن کان ڪيس وڌيڪ چٽا نظر ٿي آيا، جيڪي خود سندس گهر ۾ رهندا هئا؛ اهي غريب جرڙيءَ ۽ گونج کان به وڌيڪ صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيا. پوءِ هن جو ذهن ڪيترائي سال پٺتي هليو ويو ۽ کيس اهي سڀئي وڌيڪ چٽا ۽ واضح ڏسڻ ۾ آيا، جن ۾ سندس ٻي ننڍڙي ڌيءَ به هئي، جنهن جي باري ۾ ڪيترن ئي سالن کان کيس ڪا به خبر ڪين هئي. هو رڳو هن کي ياد ڪري سگهيو هو. جو هوءَ ئي سندس گهر ۾ هڪ سهڻي ڪنواري نيگر هوندي هئي. هن جا چپ اينترا ته ڳاڙها ۽ سنهڙا هئا، جهڙي ريشم جي ليڙ. وانگ لنگ لاءِ هوءَ انهن جهڙي هئي. جيڪي هتي ڌرتيءَ اندر ستل هئا. اوچتو هن کي کو خيال آيو ۽ هو سوچڻ لڳو.

'نيڪ آهي، هتي کان پوءِ آئون ئي هوندس.'

پوءِ ڇاپري اندر ويو ۽ ڇاچي جوچي ڏسڻ لڳو. هن پنهنجي پيءُ ۽ ڇاچي جي هينان، پر چنگ جي مٿان ۽ أو-لان جي قبر جي ويجهو اها جاءِ ڏٺي، جتي پاڻ دفن ٿيندو. هن ڌرتيءَ جو اهو ٽڪرو ڏٺو. جتي پاڻ آرامي ٿيندو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ ۾ هميشه لاءِ سمائجي ويندو. هن پڪيو.

"مون کي کو تابوت ڏسڻ گهرجي."

اهو خيال وڏي ڏک ۽ تيزيءَ سان سندس ذهن ۾ ابريو. هو واپس شهر موٽيو ۽ پنهنجي وڏي پٽ کي گهرايائين.

"مون کي هڪڙي ڳالهه ڪرڻي آهي."

"ته پوءِ چئو." وڏي پٽ ورائيس. "آئون حاضر آهيان."

وانگ لنگ ڳالهه شروع ڪئي، پر کيس ياد نه پئي آيو ته ڳالهه ڪهڙي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن ۾ ايندي آهي، سو هو اُتيو ۽ هليو ويو. وانگ لنگ ويني تماڪ ڇڪيو. ڪيس پاڻ تي فخر ٿيڻ لڳو، تہ پوڙهو هوندي بہ پنهنجي مرضيءَ جو سڀ ڪم ڪريو وڃي.

پر رات ٿي، تہ ننديو پٽ وَٽس آيو. هو اڪيلو هو. وانگ لنگ گهر جي وچ واري ڪمري ۾ وينو هو. ميز تي ٻہ ڳاڙهيون شمعون روشن هيون ۽ هن ويني تماڪ ڇڪيو. ميز جي ٻئي پاسي 'گونج' ٻاهون ٻڌيو ماٺ ڪريو ويني هئي. ڪيڏي ڪيڏي مهل بنا ڪنهن ناز نخري جي هن وانگ لنگ کي ڇتائي پئي ڏنو. جيئن ڪو ٻار ڪندو آهي. وانگ لنگ کيس جاچي پئي ڏٺو ۽ پنهنجي انهيءَ ڪم تي ڏاڍو فخر پئي ٿيس.

اوچتو سندس ننديو پٽ اڳڻ جي اونداهہ مان نڪري اچي سندس آڏو بيٺو. پنهي مان ڪنهن بہ کيس اندر داخل ٿيندي ڪونہ ڏٺو. ڇوڪر ڪنهن عجيب و غريب لچ واري انداز ۾ اتي اچي بيٺو. وانگ لنگ کي هڪڙي لحظي لاءِ هڪڙي واگهہ جي يادگيري آئي. هڪڙي ڀيري ڳوٺ جا ماڻهو اهو واگهہ ٽڪرين مان ڦاسائي ڳوٺ ڪٺي آيا هئا. پيو بہ ٻڌو هو. پر سندس اکين ۾ اهڙي چمڪ هئي جو پاڻ ۽ تہ اجهو ٿو ٽپ هڻي. ڇوڪر جون اکيون بہ چمڪيون پئي. جيڪي هن پيءَ جي چهري تي کپائي ڪيون هيون. سندس اکين مٿان ڪارا ۽ گهاٽا ڀرون پاڻ ۾ ملي ويتر خوفناڪ ٿي ويا هئا. ڇوڪرو اتي بيٺو هو. نيٺ پريل ۽ جهيٽي آواز ۾ چيائين،

"هاڻي آئون وڃي سپاهي ٿيندس، هليو ويندس." پر هن ڇوڪريءَ تي نظر ئي ڪانہ ڪئي. رڳو پيءَ کي گهوريندو رهيو. وانگ لنگ کي پنهنجي وڏي ۽ وچٽ پٽ کان ذرو بہ ڊپ ڪو نہ ٿيو هو. اوچتو هن کي ڇوڪر کان ڊپ وٺي ويو، جنهن تي هن ڄاڻي ڄم کان وٺي پورو ڌيان بہ ڪونہ ڏنو هو.

وانگ لنگ لڳو هبڪڻ ۽ ٿڪڻ. ڳالهائڻ لاءِ وات مان ٻونگري ڪڍيائين، پر اکر ڪونہ اڪليس. لڳو پٽ کي جاچي ڏسڻ. سندس پٽ وري اها ڳالهہ ڪئي، "هاڻي آئون هليو ويندس. هاڻي آئون هليو ويندس."

اوچتو هو مُڙيو. ڇوڪريءَ تي نظر وڌائين. ڇوڪريءَ بہ ڏانهس نهاريو. گهبراهٽ ۾ ٻئي هٿ ڪٺي منهن تي ڏنائين. تہ جيئن ڇوڪر کي ڏسي نہ سگهي. هن ڇوڪريءَ تان پنهنجون نظرون هٽايون ۽ هڪ ئي لحظي ۾ ڪمري مان نڪري ويو. وانگ لنگ سخت اونهاري ۾ کليل دروازي جي وچوٽيءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳو. ڇوڪر وڃي چڪو هو ۽ هر هنڌ خاموشي ڇانئجي وئي.

نيٺ هو ڇوڪريءَ ڏانهن مڙيو. سندس سمورو هٺ ختم ٿي ويو هو. هن ڏک ۾ ٻرجي، نرمي ۽ نماڻائيءَ سان ڇوڪريءَ کي چيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آئون تولاءِ بنهه پوڙهو آهيان. منڙي! مون کي اها خبر آهي ته آئون پوڙهو آهيان. صفا پوڙهو."

ڇوڪريءَ ڇهري تان هٿ لاهي، ڌڪ ۾ روئڻ لڳي. سنديس اهڙو روئڻ هن اڳي ڪڏهن به ڪونه ٻڌو هو.

"نوجوان ڏاڍا ظالم ٿيندا آهن. مون کي پوڙها ڏاڍا وڻندا آهن."

ٻئي ڏينهن صبح ٿي ته وانگ لنگ جو ننڍو پٽ وڃي ڇڪو هو. ڪيڏانهن ويو؟ ان جي ڪنهن کي به خبر ڪانه پئي.

باب چوٿيهون

جهڙيءَ طرح اونهاري جي گرمي سياري جي منڍ جي شروع ٿيڻ کان اڳ سرءُ جي موسم ۾ پڙڪو ڪائي نڪرندي آهي. ساڳيءَ طرح وانگ لنگ جو 'گونج' سان پيار هو. سندس مختصر گرمي به ختم ٿي ويئي ۽ جذبا مري ويا. ڪيس ڇوڪريءَ جو شوق ته ڏاڍو هو. پر منجهس جذبو ڪونه رهيو هو.

برهه جي اها باهه پڙڪو ڪائي اجهامي ويئي ۽ هو اوچتو پنهنجي وهيءَ سارو ٿڏو ٿي ويو. پوڙهو ته هو! پر تڏهن به ڇوڪريءَ جي شوق ۾ مبتلا هوندو هو. هن لاءِ اهائي خوشيءَ جي ڳالهه هئي. ته ڇوڪري سندس گهر ۾ آهي ۽ سچائيءَ سان سندس خدمت چاڪري ڪندي رهي ٿي. وڏي ڇمار جي تحمل جي ڪري هو سدائين مٿس مهربان هوندو هو ۽ وڏي ڳالهه. ته هائي ڇوڪريءَ لاءِ هن جو پيار اهڙو هو. جهڙو ڪنهن ڌيءَ جي لاءِ هڪ پيءُ جو پيار هوندو آهي.

پوڙهي جي سر جي ڪري هوءَ ڇرڙيءَ تي به ڏاڍي مهربان هوندي هئي. اها به وانگ لنگ لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه هئي. ان ڪري هڪڙي ڏينهن هن نيٺ ڇوڪريءَ کي اها ڳالهه ٻڌائي، جيڪا ڪيتري عرصي کان سندس دل ۾ سانڍي رکيل هئي. هن کي الائي ڪيترا ڀيرا دل ۾ اهو خيال آيو هوندو. ته سندس مرڻ کان پوءِ ويچاري ڇرڙيءَ جو الائي ڇا ٿيندو. ڪائنس سواءِ ٻيو ڪير به ڪونه هو. جنهن کي اها اون هجي. ته ويچاري اُڃي آهي يا بکي. جيئري به آهي يا نه. ان ڪري دواخاني مان اڇي زهريلي شئي جي پڙي وٺي جي رکي هئائين ۽ سوچيو هئائين. ته پنهنجي موت جي ويجهو اڃڻ وقت اها ڇرڙيءَ کي ٻاراڻي ڇڏيندو. پر پنهنجي موت کان اڳ ڪيس اهڙي ڪم ڪرڻ کان ڏاڍو ڊپُو ٿيندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئر کيس اهو سوچي ڏاڍو سڪون اچي ويو. تہ 'گونج' اهو ڪم ڪري ويندي.

ان ڪري هڪڙي ڏينهن هن کي ياڻ وٽ گهرائي چيائينس.

"تو کان سواءِ ٻيو ڪير ڪونهي. جنهن کي آئون مٽي کان پوءِ ڇرڙيءَ جي ٻانهن ڏيان. مون کان پوءِ هوءَ گهٽ وقت پئي جيئي. اهو بہ ظاهر آهي. تہ ويچاريءَ وٽ پنهنجو دماغ آهي ئي ڪونہ. جو ڪٿي ڪا اون اوسيڙو نٿيس. نہ موت جي خبر اٿس نہ ڏک جي. مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي. تہ مون کان پوءِ ويچاريءَ کي ڪو بہ ماني کارائڻ جي تڪليف ڪونہ ڪندو نہ وري مينهن يا سيءَ ۾ سار سنڀال ڪندس. ڪو ڪيس اونهاري جي سج کان بہ نہ بچائيندو. پايان ٿو. تہ ڇڏي ڏيندس ۽ وتندي ڳهٽين ۾ ڏکا جهليندي. سڄي ڄمار رڳو مون ۽ مائس ئي سنديس سنڀال ڪئي آهي. هن ڳنڍڙيءَ ۾ سنديس سڪ جو سامان آهي ۽ منهنجي مٽي کان پوءِ اها شئي پٽ ۾ ملائي کارائي ڇڏجانس. تہ جيئن هوءَ بہ منهنجي پويان هلي اچي ۽ ايئن مون کي سڪون ملي ويندو."

هن جي هٿ ۾ اها شئي ڏسي گونج کي ڏاڍو ڏڪ ٿيو. پنهنجي نرم آواز ۾ چائين.

"مون کڏهن ڪيڙي بہ کانہ ماري هوندي. هن جي زندگي ڪيئن وٺي سگهنديس؟ نہ سائين منهنجا. آئون ويچاري ڇرڙيءَ جي ياٿهي سار سنڀال ڪنديس. چاڪاڻ تہ توهان جو مون تي ايترا مهربان رهيا آهيو. سڄي زندگيءَ ۾. سيني کان وڌيڪ رڳو اوهان ئي تہ مون تي مهربان رهيا آهيو.

وانگ لنگ کي روئڻ اچي ويو. ان ڪري جو سڄي ڄمار کيس اهڙي موت ڪانہ ملي هئي. سندس دل ڇوڪريءَ لاءِ ٻرجي آئي ۽ چيائين.

"تڏهن بہ وٽ ڪٿي. ڪير بہ ڪونهي جنهن تي مون کي تو جيترو اعتبار هجي. ڳالهہ ڪونہ ٿو ڪريان پر هڪڙي ڏينهن تہ تون بہ مري وينديئن. تو کان پوءِ پهر بہ ڪانہ هوندي. مون کي پنهنجي نهرن جي خبر آهي. اهي پنهنجي ٻرن ۽ جهيڙن ۾ ئي ٻوريون هونديون ۽ رهيا پٽ سي تہ آهن مرد. اهي ڳالهيون سندن سمجهہ ۾ ئي ڪونہ ايندي يون."

ان ڪري جڏهن 'گونج' تي وانگ لنگ زور ڏنو. تہ ڪٿي ٻڙي ورتائين. وڌيڪ ڪجي ٻچي ڪانہ. وانگ لنگ کي متس اعتبار هو. سو ڇرڙيءَ جي قسمت بابت مطمئن ٿي ويو.

هاڻي وڏي ڄمار جي ڪري. وانگ لنگ وڌ ۾ وڌ گوشائتو ٿيندو ويو. گهٽ ڪري اڪيلو رهندو هو. گهر ۾ ساڻس گڏ سواءِ ڇرڙيءَ ۽ 'گونج' جي. ٻي ٻهر ئي ڪانہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اڌ اکيون کولي 'گونج' کي ڏسندو هو. ڪيس ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي ۽ جونئڻ هو.

"ڏاڍي خاموش آهي تنهنجي زندگي."

مگر هوءَ سدائين وڏي شڪر گذاريءَ وچان نرميءَ سان ورائيندي هئي،

"هائو خاموش، پر سکي آهيان."

۽ ڪڏهن وري چوندو هو،

"آئون تو لاءِ صفا پوڙهو ٿي ويو آهيان. منهنجي باهه رک ٿي ويئي آهي."

پر هوءَ سدائين شڪر گذاريءَ مان چوندي هئي،

"توهان مون تي ڏاڍا مهربان آهيو. مون کي ٻئي مرد جي خواهش ناهي،"

اهو جواب ٻڌي وانگ لنگ ويتر چاٺڻ گهريو ۽ هن کان پڇڻ لڳو،

"پلا تنهنجي ننڍڙي وهيءَ ۾ ڇا ٿيو هو، جو تون مرد ماڻهن کان ايترو ڊڄين ٿي؟"

جواب ٻڌڻ لاءِ جڏهن هن ڪيس ڇتائي ڏٺو، ته ڇوڪريءَ جي اکين مان دهشت وراڪا ڏيندي نظر آيس. هن پنهنجي هٿن سان اکيون ڍڪيندي هوريان پڻڪيو،

"تو کان سواءِ هر مرد سان مون کي نفرت آهي. آئون هر مرد کي ڌڪاريان ٿي. پنهنجي پيءُ کي به، جنهن مون کي وڪيو هو. مون کي رڳو هن جي ڪڌن ڪرتوتن جي خبر آهي ۽ آئون هنن سڀني سان نفرت ڪريان ٿي."

انهيءَ تي هن ڏاڍي عجب وچان چيو،

"مون کي هاڻي چوڻ کپندو هو، ته تون منهنجي گهر ۾ ڏاڍي آرام ۽ آسائش سان رهي آهين."

"آئون ساري نفرت ۽ ڪراهت سان پرني پئي آهيان." هن ٻئي پاسي ڏسندي ورائيو. "مون ۾ نفرت ئي نفرت آهي ۽ آئون هنن سڀني سان نفرت ڪريان ٿي. مون کي سڀني نوجوانن کان نفرت آهي."

وانگ لنگ هن کي وڌيڪ ڪي به نه چيو. هو سوچ ۾ پئجي ويو هو. ڪيس خبر ئي نه ٿي پئي، ته هن کي ڪنول پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون ٻڌايون آهن ۽ ڌمڪايو آهي يا ڪڪوءَ هن کي بدڪاريءَ کان ڊيڄاريو آهي يا ڳجهه ڳوهه ۾ سائس ڪا اهڙي ويڌن ٿي آهي، جو ان جي باري ۾ هوءَ ڪا ٻڙڪ به ٻاهر نه ٿي ڪڍي يا وري اها ڪهڙي ڳالهه هئي!

هن ٿڌو ساهه کنيون ۽ وڌيڪ سوال پڇڻ مناسب نه سمجهيا. ڇاڪاڻ ته هينئر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيس. ڇاڪاڻ تہ وڏي ڏک سان هن ڳالهہ کي دل ۾ سانڍي رکيو هو ۽ هاڻي اها ڪائنس وسريو ٿي ويئي. هن گونج کي گهرايو ۽ هن کان پڇيائين.

”مون کهڙي ڳالهہ تي ڪرڻ گهري؟“

گونج نرميءَ سان ورائيو.

”اڄ اوهان ڪٿي هئا؟“

”آئون ڀنيءَ تي ويو هوس.“ هن گونج جي چهري تي اکيون کپائيندي چيو.

هن وري نرميءَ سان پڇيو.

”ڪهڙي پاسي ويا هئا؟“

پوءِ اوچتو اها ڳالهہ سندس ذهن ۾ اچي ويئي. هن پنهنجي پنل اکين سان ڪلندي ڪلندي وٺي رڙ ڪئي.

”اڙي ها! هاڻي ياد آيو. پٽ! مون زمين ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ ڳولي ڇڏي آهي. اها بابي ۽ چاچي جي هيٺان. تنهنجيءَ ماءُ جي مٿان ۽ حنگ جي پرسان آهي. منهنجي مرضي آهي تہ مرڻ کان اڳي آئون پنهنجو تابوت بہ ڏسي ڇڏيان.“

وانگ لنگ جي وڏي پٽ فرض سمجهي روئي ڏنو ۽ ڏانهن ڪيائين.

”بابا، اهڙي ڳالهہ تہ نہ ڪندا ڪريو. بهرحال جيڪو اوهان جو حڪم هوندو، آئون ايئن ڪندس.“

پوءِ سندس پٽ چندن جي ڪاٺ جو نهيل، رنگين جنن گلن وارو تابوت خريد ڪيو. چندن جو ڪاٺ لاشا دفنائڻ ۾ ڪتب ايندو آهي ۽ نہ ٻئي ڪنهن ڪم ۾، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪاٺ ايڏو تہ مضبوط هوندو آهي جهڙو لوهہ. اصل ماڻهوءَ جي هڏن کان بہ وڌيڪ مضبوط! وانگ لنگ ڏاڍو خوش ٿيو.

تابوت خريد ڪري آڻي سندس ڪمري ۾ رکيائون، جتي پاڻ روزانو ٻيو تابوت کي ڏسندو هو. اوچتو کيس ڪنهن ڳالهہ جو خيال آيو ۽ چيائين.

”هاڻي تابوت ڳوٺ واري ڪچي گهر ۾ کڻائي هلو. آئون پايان تہ حياتيءَ جا باقي رهيل ٿورا ڏينهن اتي هلي گذاريان ۽ اتي ئي دم ڏيان.“

جڏهن سڀني ڏٺو تہ هن دل ۾ انهيءَ ڳالهہ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي. تہ هنن بہ اهو ئي ڪيو جيئن هن جي مرضي هئي. هو گونج ۽ جرڙيءَ سان گڏ پنهنجي ڀنيءَ واري گهر ڏانهن موٽي ويو. ساڻن گڏ ٻيا نوڪر بہ هئا. جن جي کين ضرورت هئي. اهڙيءَ ريت سهر وارو گهر ٻئي ڪنب جي حوالي ڪري، وانگ لنگ وڃي ڀنيءَ تي پنهنجو پراڻو گهر وسايو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهار جي مند لنگهي ويئي. اونهارو گذريو تہ لاباري جي مند اچي ويئي. سياري کان اڳ. سرءُ جي گرم سج ۾ وانگ لنگ وچي ان هنڌ بت جي پاڇي ۾ ويهندو هو. جتي سندس پيءُ اچي ويهندو هو. هائي هو ڪاڏي ٻيتي ۽ ٻنيء کان سواء ٻي ڪا بہ ڳالهہ ڪونہ سوچيندو هو. ٻنيء بابت بہ گهڻو ڪونہ سوچيندو هو. تہ لابارو ڪيئن ٿيندو يا ڪهڙو ٻج پوکبو. هو ڪڏهن ڪڏهن هيٺ جهڪي ٿوري مٽي کڻي وٺندو هو ۽ اها مٽي پنهنجي هٿ ۾ جهلي ويهندو هو. ان مٽيءَ مان کيس آڱرين جي وچ ۾ زندگيء جو ڀرپور احساس ٿيڻ لڳندو هو. مٽيءَ کي هٿ ۾ جهلڻ جي ڪري کيس دادو آرام محسوس ٿيندو هو. ڪنهن وقت اتي رکيل تابوت تي بہ نظر وجهندو هو. جيستائين هو ان ڏي روانو ٿئي. تيستائين ٻاجهاري ڏرتي سندس اوسيڙي ۾ ٿي هئي.

سندس ٻٽ بہ هن جو خيال رکڻ لڳا ۽ روز نہ. تہ بہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن وٽس ايندا هئا. سندس عمر مطابق کيس لذيذ کاڌا موڪلي ڏيندا هئا. پر هو سڀ کان وڌيڪ گرم پاڻيءَ ۾ اوباريل ڀتو کاڌو پسند ڪندو هو. هو ان جا ڍڪ ايئن پريندو هو. جيئن سندس پيءُ ڪندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن ٻنن جي شڪايت بہ ڪندو هو. جيڪڏهن اهي روز وٽس نہ ايندا هئا ۽ گونج کي چوندو هو. جيڪا سدائين سندس ٻر ۾ ويٺي هوندي هئي.

"ڇا ۾ ايترو مشغول آهن؟"

پوء جيڪڏهن گونج ايئن چوندي هئي. تہ "جوان مڙس آهن. گهڻيئي ڪم اٿن. اوهان جي وڏي پٽ کي شهر ۾ وڏن ماڻهن جو ڪو عهديدار مقرر ڪيو ويو آهي. ٻي زال بہ پرڻيو آهي. اوهان جو وچ پٽ پنهنجي تمام وڏي ڪا نئين اناج جي مارڪيٽ پيو اڏائي." وانگ لنگ سندس اهي ڳالهيون ٻڌندو هو. پر اهو سڀ ڪجهہ کيس سمجهہ ۾ ڪونہ ايندو هو ۽ پوء جيئن ئي پنهنجي زمين تي نظر ڪندو هو. تہ سڀ ڪجهہ وسري ويندو هوس.

هڪڙي ڏينهن. گهڙيءَ کن لاء هن کي هر ڪا شئي ڇيءَ طرح ڏسڻ ۾ آئي. ان ڏينهن سندس ٻئي ٻٽ آيا ۽ سائنس خوش خير عافيت.ڪري هليا ويا هئا. پوء هنن ٻنيءَ واري گهر جي چوڌاري چڪر ڏنو هو. وانگ لنگ ماٺ ماٺ ڪري سندن پٺيان ويو هو. هو بيهي رهيا. تہ پاڻ بہ هوريان هوريان اچي وٽن بيهي رهيو هو. هنن نرم زمين تي نہ سندس پيرن جو آواز ۽ نہ لٺ جو کڙڪو ٻڌو هو. وانگ لنگ کي پنهنجي وچ پٽ جو گهٽيل آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"هيءَ زمين پاڻ وڪڻي ڇڏينداسين ۽ پئسا اڌو اڌ ڪري ورهائي کڻنداسين. تو

وارو حصو بہ آئون سٺي وياج تي قرض ڏئي ڇڏيندس. ريل جو رستو نھن وارو آهي. آئون هيئن ڪندس جو ڇانورن جو جهاز پرائيندس. ء آئون.....“

پر پوڙهي رڳو اهي لفظ ٻڌا. تہ ”زمين وڪڻي ڇڏيندا سين.“ ڪائنس روئڻ نڪري ويو. هن ڪان پنهنجو ئي آواز بند ٿي نہ ٿي سگهيو ء هو ڪاوڙ ۾ ڏڪڻ لڳو.

”شيطانو! نڪمو! اوهين زمين نا وڪئو!“ سندس ساهہ کهنجڻ لڳو. هو زمين تي ٿي ڪريو. پر پٽن کيس جهلي کٽي مٿي کنيون. وانگ لنگ روئڻ ۾ ٿڃي ويو.

پٽ کيس تسليون ڏيڻ لڳا.

”نہ بابا. نہ! اسين ڪڏهن زمين ڪونہ وڪڻنداسين.“

”جڏهن ڪو خاندان زمين وڪڻندو آهي تہ ختم ٿي ويندو آهي.“ هو رکي رکي چوندو رهيو. ”اسين زمين مان پيدا ٿيا آهيون ء موٽي زمين ۾ ئي ويندا سين. زمين رکيو ويٺا هوندئو تہ زندهہ رهندئو. ڪو بہ اوهان کي نقصان ڏئي ڪونہ سگهندو.“

ٻہ ئي لڙڪ وهي اچي پوڙهي جي ڳلن تي پيا ء اتي ڪارا ليڪا ٺاهي ڇڏيائون. هن هيٺ جهڪي مٺيء جي مٺ ڀري کنئي ء ٻٽڪڻ لڳو.

”اوهان زمين وڪي تہ ختم ٿي ويندئو.“

پنهي پٽن کيس پنهي پاسن کان جهليو. پنهي جي هٿن ۾ سندس هڪ هڪ ٻانهن هئي. هن گرم ء نرم مٽيء کي پنهنجي هٿ ۾ سوگهو جهليو. پٽ کيس تسلي ڏيندا رهيا ء ور ور ڏئي وڏي توڙي وچٽ. کيس چوڻ لڳا.

”خاطري ڪريو. تسلي ڪريو. پڪ سمجهو بابا. زمين وڪڻ لاء ناهي.“

پر پوڙهي جي مٿي جي مٿان. پنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو ء مرڪي ڏنو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايل چونڊ ترجمن جا ڪتاب

● سنڌي ڪتاب

1- پلاري پونءِ	رشيديٽي ۽ لڪاڏنوڪلال خاصخيلي
2- چونڊ ترڪي ڪهاڻيون	علي الپ ارسلان/ بشير موراڻي
3- هنگريءَ جون ڪهاڻيون	بشير موراڻي
4- جاڙا	پروفيسر مشتاق علي ضياء الله
5- بابا فريدگنج شڪر جا دوها	آغا سليم
6- شعلہ عشق	پروفيسر مشتاق علي ضياء الله

● اردو ڪتاب

1- رسالہ شاھ عبداللطيف رحہ (اشاعت دوم)	شيخ اياز
2- ابيات شاه ڪريم	ڊاڪٽر نجم الاسلام
3- حلقہ ميري زنجير ڪا	شيخ اياز/ فهميده رياض
4-سنڌهي ادب ڪي مختصر تاريخ	ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌهي / حافظ خير محمد اوحدي
5- منتخب سنڌهي افسانے (1947ع سے 1955ع تک)	سعيد قائم خاني

● پنجابي ڪتاب

1- جو بيجل نے آکهيا	شيخ اياز / احمد سليم

● ٻاراڻو ادب

1- نرالا گرھ	علي مرتضيٰ ڌاريجو
2- گيت ڪيڏوڻا	ذوالفقار سيال
3- ڪليلہ و دمنہ	بشير پٽي
4- پرڏيهي ڪهاڻيون	نور افروز خواجہ

ISBN - 969 - 405 - 038-3

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book